قديم سنڌ

پيرومل مهر چند آڏواڻي

ايڊيشن چوٿون 2004

Gul Hayat Institute

سنڌي ادبي بورڊ جام شورو

Join us on whatsapp for daily newspapers and PDF books #0344-3310224

چپائيندڙ پاران	3
ديباچو	5
مند	12
سنڌ جي تاريخ لاءِ ذخيرو	24
باب پهريون	
تاريخ کان اڳ جو زمانو	36
باب ٻيو	
دراوڙن وارو زمانو	48
باب ٽيون	
مهن جو دڙو ۽ ان جي کوٽائي	57
باب چوٿون	
مهن جي دڙي واري عاليشان سيپتا	65
باب پنجون	
آرين جو آڳاٽو احوال	84
باب ڇهون	
رگ وید وارو زمانو	131
باب ستون	
آرين جا خاندان ۽ ٻينڪون	136
باب اٺون	
آرين جي سيپتا جو اوائلي احوال	147
باب نائون	
راڄنيتي جوڙجڪ ۽ بادشاهتون	175
باب ڏهون	
آرين جي گهرو جيوت ۽ عقيدا	210
باب يارهون	
مکيه ڌنڌا، هنر ۽ ڪاريگريون	283
باب ٻارهون	
وٽج واپار ۽ ڏيساورن ۾ ٻينڪون	294
باب تيرهون	
ٻولي، آئيويتا ۽ ساهت	323
باب چوڏهون	
علم ۽ تعليم جو انتظام	356
باب پندرهون	
نيتي يا اخلاق	365
باب سورهون	
سناتن درم	373

Gul Hayat Institute

چپائيندڙ پاران

اڄ ڪُڏ محنت، بيمثال تخليقي جوهر ۽ مطالعي توڙي مُشاهدي جي اٽاڻ سبب سنڌ جي ادبي ۽ علمي ڪيتر ۾ شاندار پيشقدميون ختم ٿي نه پر رُڪجي ضرور ويون آهن. تاريخ، فن، موسيقي ۽ بين رُخن ۾ جيڪا اڄ کان اڌ صدي اڳ عرق ريزي ڏسڻ ۾ آئي، سا اڄ تمام گهٽي گهٽجي چُڪي آهي. هاڻي ورلي ئي ڪا اهڙي تحقيقي (پر تفصيلي) تحرير پڙهڻ لاءِ ملي ٿي، جيڪا پڙهندڙ جي ڄاڻ توڻي فهم ۾ قدر جوڳو اضافو ڪري سگهي. سنڌ ۽ سنڌي ٻوليءَ جي سيني چاهيندڙن لاءِ اها صورتحال نهايت ڏکوئيندڙ ۽ پريشان ڪندڙ آهي ۽ انهيءَ حالت منجهان چوٽڪارو حاصل ڪرڻ وقت جي اهم ضرورت آهي.

ظاهر آهي ته نئين راهه ۽ سنئين رُخ تي هلڻ لاءِ پاڻ کي ڪجهه اهڙن ليڪن، ڪتابن ۽ راهبرن جي ضرورت آهي، جيڪي سنڌ واسين جو زندگيءَ مان وڃايل ويساهه بحال ڪرڻ جو هُنر ڄاڻندا هُجن. ڪاڪي پيرومل مهرچند آڏواڻيءَ جو هيءُ ڪتاب "قديم سنڌ" هڪ اهڙي ئي ڪاوش آهي، جيڪا سنڌ واسين کي يقين ڏياري سگهي ٿي ته سندن تاريخ ۽ تهذيب دنيا جي گولي تي خاص قسم جي اهميت رکي ٿي. مان سمجهان ٿو ته انهيءَ يقين جي آڌار تي سخت پورهيو ڪندي سنڌ ۾ فڪري ۽ علمي جاڳرتا جو علم بلند ڪرڻ ممڪن ئي نه پر آسان ٻه ٿي سگهي ٿو.

هن ڪتاب ۾ قديم سنڌ جا رڳو سماجياتي مُهاندا يا جاگرافيائي ۽ تهذيبي حالتون ئي نه چٽيل آهن، پر سنڌو ماڻر جي اصلوڪن رهاڪن، هجرتن، روايتن، ريتن، رسمن، هُنرن، ڪاڌن، فنن، عقيدن، سماجي سرشتن، سياسي معاملن، ڏنڌن ۽ وهنوارن سميت ذري ذري جو تفصيل ڏيئي، ماضيءَ جي جيئري جاڳندڙ سنڌ کي جڙ ته اکين آڏو بيهاريو ويو آهي. انهيءَ سنڌ تي نگاهه وجهندي هر سنڌيءَ جو ڪنڌ فخر سان بلند ٿي سگهي ٿو ۽ منجهس اڳتي وڌڻ جو ساهس پيدا ٿيڻ لڳي ٿو.

ليکڪ جي محنت ۽ ڪتاب جي اهميت کي نظر ۾ رکندي سنڌي ادبي بورڊ اڄ کان 47 سال اڳ 1957ع ۾ ڪتاب جو پهريون ڇاپو آڻي سنڌ جي، سنڌ سان سُجاڻپ ڪرائي. هن ڪتاب علمي ۽ ادبي حلقن ۾ وڏو چوڀول پيدا ڪندي فخرمند مجتا ماڻي ۽ ڪاڪي پيرومل کي سنڌي ساهتڪارن جي پهرين صف ۾ اچي بيهاريو. ٿورڙي عرصي کانپوءِ "قديم سنڌ" محققن ۽ عالمن ۾ ماخذ جو درجو حاصل ڪيو ۽ سنڌ بابت ڪنهن به تحقيقي ڪم ۾ بنيادي پٿر جي حيثيت ماڻي ورتي.

"قديم سنڌ" جو آخري ڇاپو 1992ع ۾ پڌرو ٿيو ۽ فورن هٿو هٿ وڪامي ويو. گُڏريل ڪيتري وقت کان "ڪتاب گهر" جي مئنيجر جي سفارش هئي ته ڪتاب جو نئون ڇاپو جلد از جلد پڌرو ڪيو وڃي. بحيثيت سيڪريٽري جيئن ئي منهنجي سامهون "قديم سنڌ" کي چوٿون دفعو ڇاپڻ جي گذارش پهتي ته مون انتهائي ڪنن مالي حالتن ۾ به ترجيحي طور تي انهيءَ حوالي سان اُپاءَ ورتا ۽ اڇيرائي ڪئي. اڄ خدا جو شڪر آهي ته هي پلو ڪم منهنجي هٿان ٿي رهيو آهي. اُميد آهي ته لائق پڙهندڙ پڻ ساڳي پاڙوهه سان هن ڇاپي جي آجيان ڪندا.

10 – آگسٽ 2004ع

بمطابق

23 جمادي الثاني 1425هجري

انعام الله شيخ

سيڪريٽري

سنڌي ادبي بورڊ

Gul Hayat Institute

ديباچو

سنڌ جو پرڳٽو جھڙو آھي پاڻ قديم، تھڙو ئي آھي سندس نالو قديم. رگ وید جھڙي جھوني پستڪ ۾ بہ اھو ئي نالو ڄاڻايل اٿس، جنھنڪري ڇئبو تہ سڄيءَ دنيا جي ساھت ۾ انھيءَ کان آڳاٽو نالو ٻيو آھي ئي ڪونہ. اھا اسان جي سنڌ آھي، جنھن ۾ سيڀيتا جو سڄ بہ اُنھيءَ آڳاٽي سمي ۾ اُپريو ھو، جنھن سمي ۾ دنيا جون ڪيتريون قومون اڄان سياري جي سوڙ تاڻي سمھيون پيون ھيون، ۽ پوءِ سجاڳ ٿيون، تہ بہ ڪيترو وقت سنڌ جي سنگين ململ سان پنھنجو بت ڍڪيندیون ھيون. اھو رواج الھندي ايشيا، مصر ملڪ، يونوچ سمند وارن ڪنارن، بلڪ يورپ ۾ ڪيترن ھنڌ ھو. انھن سيني ھنڌ ھندو سڀيتا جو ڦھلاءُ بہ ڪيتري قدر اسان جي سنڌو ماڙ جي رھاڪن ڪيو، جي ڳالھيون ثابتين ۽ سَندَن ساڻ ھن ڪتاب ۾ ڄاڻايون ويئون آھن. اھي پرانھان پاسا تہ ڇڏيو، پر خود سڄي پارت کنڊ ۾ پھريائين پھريائين سنڌو ماڙ ھئي، جنھن رگ وید واري قديم زماني ۾ ئي پنھنجيءَ اعليٰ درجي جي سڀيتا ۽ شاھوڪاريءَ جي ڪري اھڙو تہ نالو ڪڍيو، جو پوءِ سڄو ھندو جاتي ۽ سڄي ھندستان سندس نالي پٺيان سڏجڻ ۾ آيا. اھو نپو سڄي ھندستان تي اھڙو تہ ھٽي ڇڏيو اٿس، جو ڪڏھن بہ ڪنھن جي ميٽڻ جو ڪونھي.

ڪنپ نہ ڪاري تنھن کي، جو ھالاري ھوءِ،
توڙي ڏوبي ڏوءِ، تہ بہ لعلي اُن جي نہ لھي

- شاھ

ويدن ۾ آڳاٽو رگ وید آھي، جنھن جي منڊل ڏھين جي سُوڪت پنجھتر ۾ انھيءَ قديم زماني جي ھڪ رشيءَ ان وقت ئي سنڌ جي سڀيتا ۽ شاھوڪاريءَ جي واکاڻ جا ڍڪ پريا آھن! ويدن ڪانپوءِ ھندن جا اتھاس ۽ پراڻ آھن، انھن ڪانپوءِ ٻڌ ڏرم ۽ جين ڏرم وارن جا ڏرمي پستڪ آھن. انھن سيني ڏرمي پستڪن ۾ ساندھ ڏسبو تہ سنڌ جي ھڪڙي نہ بي ساک لکي پيئي آھي. گوتم ٻڌ کان گھڻو پوءِ، ۽ سڪندر اعظم کان ٿورو ئي وقت اڳ جا احوال ڏسو تہ انھن منجھان بہ

ائين ئي معلوم ٿئي ٿو ته سنڌ جي پرڳڻي ڏيسان ڏيس پنهنجو ڏاکو اهڙو ته وجهي ڇڏيو هو، جو ايران، اسيريا، بابل (بئبلونيا) بلڪ يورپ جي ڪن قومن کي انهيءَ وقت به سڌ هئي، ته سنڌ نهايت پريو پاڳيو پرڳڻو آهي، ۽ انهيءَ ڪري ايرانين ۽ يونانين جو وات پاڻي پئي ٿيو، ته ڪيئن به ڪري اهو ڏن بڪليو (ڏن سان پريل) پرڳڻو پنهنجي قبضي ۾ ڪجي. اهو ئي هڪ مکيه سبب هو، جنهنڪري وقت بوقت ڏاريون قومون سنڌ تي ائين پئي پيون، جيئن مُلان مِڙن پَٽَ تي!

اڳيون ڳالهيون ڇڏي، ويجهڙائيءَ جي ڳالهه ويچاريو: سنه 1922ع ۾ آرڪيالاجيڪل ڪاتي وارن جي ڪوڏر جو هڪڙو ئي لپو مهن جي ڏڙي ۾ لڳو، ته اهڙيون ته حيرت جهڙيون حقيقتون زمين جي پيٽ مان نڪري پڌريون ٿيون، جن دنيا جي وڏن وڏن عالمن جون اکيون کوليون آهن، ۽ هاڻ ڪيترا ماڻهو ڪٽان جو ڪٽان ڪَهي، مهن جي ڏڙي جي درشن لاءِ اچن ٿا.

اهي سڀ ڳالهيون اسان سنڌي ماڻهن لاءِ فخر جو باعث آهن. پنهنجي ديس لاءِ فخر، وطني حب جو هڪ مکيه لڇ آهي. اهو لڇ اسان ۾ وڌي، اسان کي سچو وطن دوست تڏهن بنائيندو، جڏهن اسين پنهنجي پرڳڻي جي آڳاٽي اوج جو دل ۾ دور ڪري، ۽ وڌيڪ ترقي لاءِ حال جو خيال ڪري، پنهنجو ارواهه مستقبل سان ملائي ڇڏينداسين. پوءِ آڳاٽي اوج جو فخر ۽ آئيندي جا آسرا اسان ۾ نئين جيوت ڦوڪيندا، ۽ عجيب اُتساهه پيدا ڪندا. هن وقت اسانجيءَ سڳوريءَ سنڌ ۾ حالت هيءَ آهي ته تاريخ توڙي بين ڳالهين جي ڪوجنائن جو چاهه اسانجن ماڻهن ۾ گهٽو گهٽ آهي، جنهنڪري اهو لڇ اسان ۾ اجان اهڙو زور نه آهي.

ٿورا ورهيه ٿيا، ته مان پنهنجي سر تاريخ جو ايتريقدر اپياسي نه هوس جيتريقدر ٻوليءَ جو، پر تاريخي ڳالهين جي ڪوجنائن جو خيال به ٻوليءَ جا اپياس ڪندي آيم. سن 1937ع ۾ دل ۾ آيو ته "سنڌي ٻوليءَ جي تاريخ" جوڙيان، جنهن ۾ قديم سنڌ ۽ ان جو جيڪو اثر سنڌي ٻوليءَ تي ٿيو آهي، سو به ڄاڻايان. مون کي اهڙي هڪڙي تاريخ به ڏسڻ ۾ ڪانه آئي، جا مونکي انهيءَ ڪم لاءِ ڪارائتي ٿئي! هيءَ ڏک جهڙي حالت ڏسي، تي ورهيه ساندهه محنت ڪري، ڏيڍ سؤ ڪن ڪتابن

مان قديم سنڌ ۾ سنڌي ٻوليءَ جا احوال ويهي ڪڍيم. ڪنهن ڪتاب مان فقط هڪ ٻه فقرو ته ڪنهن مان رڳو ٻه ٽي سٽون مليم؛ پر اهي ذرا پرزا ٻه ويهي ڳنڍيم، ته چڱي خاصي تاريخ تيار ٿي پيئي. ائين خاص پنهنجي لاءِ قديم سنڌ جي تاريخ جوڙي، پنهنجو ڪم شروع ڪيم. فيبروري 1941ع ۾ "سنڌي ٻوليءَ جي تاريخ" ڇپائي پڌري ڪيم، ته ڪيترن اُها چاهه سان پڙهي خاص هن ڪري جو قديم سنڌ جي تاريخ، سنڌ جي جنم ۽ ويدن واري زماني کان وٺي عربن جي ڪاهن تائين ان ۾ ڏني هيم، ۽ اهڙي تاريخ ٻئي ڪنهن ٻه ان وقت تائين ڇپائي پڌري نه ڪئي هئي. ٻوليءَ جي تاريخ ٻه اڳي ٻئي ڪنهن ٻه ڪانه لکي هئي. مون پوءِ تاريخ جي وڌيڪ احوال ڪٺي ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي. اپريل 1936ع کان وٺي سنڌ جو صوبو بمبئي ڪاتي کان ڇڄي ڌار ٿيو آهي، ته ضروري سمجهيم ته سنڌ جي تاريخ ٻه ڌار هڻڻ گهرجي. اها ضرورت سنڌ سرڪار ٻه محسوس ڪئي.

آگسٽ 1940ع ۾ سنڌ سرڪار سنڌي ادب (ساهت) لاءِ هڪ مرڪزي صلاحڪار بورڊ ڪراچيءَ ۾ برپا ڪيو، جنهن تي ٻين ڪمن سان گڏ هيءُ ڪم ٻه رکيائين ته سنڌ جا ملڪي ۽ پنڪتي احوالن جي تاريخ ٻه تيار ڪرائي وڃي. انهيءَ بورڊ، جو هڪ ميمبر مان ٻه آهيان. هن ڪم لاءِ سنڌ سرڪار کو انعام ڏيڻو ڪونه ڪيو هو، ته ٻه بورڊ جي منظوريءَ سان اهو ڪم مون پاڻ تي کنيو، ته پنهنجي اڀياس جو فائدو پنهنجي ديس پاڻ کي ٻه ڏيان. مون پوءِ ٻيا ٻه ورهيه محنت ڪري، قديم سنڌ جي تاريخ لاءِ وڌيڪ ذخيرو ڪنو ڪيو، جو سمجهان ٿو ته ٽن جلدن ۾ ورهائڻو پوندم. هن وقت تائين پنهنجيءَ رٿيل تاريخ جو رڳو هيءُ پهريون جلد پورو ڪري سگهيو آهيان.

هن جلد ۾ سنڌ جي جنم، مهن جي ڏڙي ۽ رگ ويدڪ زماني جي سپيتا جو ذڪر آهي. سنڌ جي جنم ۽ ٻين آڳاٽين جاگرافيءَ جي ڳالهين جو مضمون جيالاجيڪل ڪاتي وارن جي ڪوجنائن جي احوالن مان ڪڍيو اٿم. مهن جي ڏڙي بابت حقيقتون، آرڪيالاجيڪل اتي وارن جي ساليانين رپورٽن، سرجان مارشل، ڊاڪٽر ارنيسٽ مئڪي، مسٽر رکلداس بئنرجي، راءِ بهادر راما پرساد چند ۽ ٻين عالمن جي لکيل ڪتابن مان مختصر طرح ڏنيون اٿم. رگ ويدڪ زماني جي

سپيتا جون ڳالهيون ڊاڪٽر ابناش چندر داس جي جوڙيل ڪتاب "رگ ويدڪ ڪلچر" مسٽر پي. ٽي. سرينواس آينگر جي ڪتاب "منترن جي زماني ۾ قديم هندستان جي جيوت" ڊاڪٽر راجيندرلال متر جي ڪتاب "انڊو آوينس"، ڊاڪٽر جي. ميوئر جي اصلوڪن سنسڪرت مضمونن، لوڪمانيہ تلڪ جي ڪتابن "اورين" ۽ "آرڪٽڪ هوم"، پروفيسر مئڪس ملر، بابو روشين چندر دت ۽ ٻين ڪيترن يوروپي توڙي ڌيهي عالمن جي جوڙيل ڪتابن مان ڪڍي، پوءِ هڪ ٻئي سان پيٽيون اٿم. انهيءَ پيٽ ڪرڻ لاءِ سبب هيءُ هو، جو شروع ۾ پروفيسر مئڪڈونيل ۽ ٻين ڪيترن يوروپي عالمن رگ وید ۽ هندن جي ٻين ڏري پستڪن مان ڪي اهڙا انومان ڪڍيا هئا، جو حقيقتن جي برخلاف هئا، ۽ مفت ڪي غلط فهميون ڦهلايون هئائون، جن ڪي پوءِ اسان جي ڌيهي عالمن رد ڏنو هو. اهڙيءَ حالت ۾ آڳاٽن توڙي هاڻوڪن ڪوجنائن ڪندڙن جون ڪنيون ڪيل سڀ ڳالهيون تنقيد جي تارازيءَ ۾ توري، پنهنجو هيءُ ڪتاب بنهہ تازين ڪوجنائن پٽاندر جوڙيو اٿم. هر هڪ ڳالهہ جي چند ڇاڻ ڪرڻ جو اهو ساڳيو نمونو اختيار ڪري ٻئي جلد ۾ باقي رهيل ويدڪ ساهت، ۽ اتهاسن ۽ پراڻن مان سنڌ جا احوال ڏيڻا اٿم، ۽ ڪجهہ ذڪر مڊيہ ديش وارن آرين جو ٻہ ڪرڻو اٿم، جو سنڌ سميت سڄي هندستان جي ڪيترين ريتن رسمن ۽ ٻين ڳالهين جو بنياد انهن وڏو هو. ٻيءَ طرح ٻہ قديم سنڌ جي تاريخ ڪجهہ قدر مڊيہ ديش جي تاريخ سان ڳنڍي ڳُٽي پيئي آهي. ٽئين جلد ۾ ڪلجگ جي شروعات کان وٺي، عربن جي ڪاهن تائين احوال ڏيڻا اٿم. انهيءَ ريت قديم سنڌ جي هندن جي صاحبيءَ جي تاريخ انهن ٽنهي جلدن ۾ اڇي ويندي.

ڪنهن ٻہ تاريخ ۾ جيڪڏهن رڳو سنبت ۽ سن ڄاڻائي، آڳاٽن حاڪمن جا پيڙهيءَ ٻہ پيڙهيءَ احوال ڏبا، ۽ سندين جنگين جو ذڪر ڪبو تہ اها ڪا تاريخ نہ چئبي. اهڙيون حقيقتون تاريخ جو رڳو بوتو بنائين ٿيون. انهيءَ بوتي ۾ روح تڏهن پوي ٿو، جڏهن ان وقت جي ماڻهن جي روز مرهہ جي جيوت جو ذڪر ڪجي ٿو. سچي پچي تاريخ ئي اها آهي، جنهن مان آڳاٽن ماڻهن جي رهڻيءَ ڪهڻيءَ، خيالن ۽ جذبن، ريتن رسمن، ڏرم ڪرم ۽ ساهت جي سڌ پوي ٿي. انهيءَ منجهان ئي

پوريءَ ريت پتو پوي ٿو تہ تهذيب يا سيپيتا جي شروعات ڪيئن ٿي، وقت بوقت ان جي ترقي ڪيئن ٿي، ۽ هن وقت جيڪي ريتون رسمون ۽ ڏرمي ڳالهيون آهن، تن جو بنياد ڪيئن پيو. هڪواريءَ اها سربستي سڌ پوندي، تہ پوءِ اهو سمجهڻ سولو ٿيندو تہ آڳاٽن ماڻهن ۾ ڪهڙيون ڪهڙيون خوبيون هيون جي اسان کي بہ گرهڻ ڪرڻ گهرجن، ۽ ڪهڙيون ڪهڙيون منجهن خاميون هيون، جن کان اسان کي پاسو ڪرڻ گهرجي. قديم زماني جي تاريخ پڙهڻ جي هڪ مکيہ مراد آهي ئي اها تہ آڳاٽن ماڻهن جي آزمودي جو فائدو وٺي، اسين پنهنجي لاءِ اهڙي واٽ گهڙيون، جو اڳين کان اڳرا ٿيون ۽ پنهنجن پوين لاءِ بہ مثال ٿيون. اهڙين حقيقتن ڏيڻ ڪري، نہ رڳو تاريخ جو مضمون پاڻمرادو سلوڻو ۽ سوادي ٿئي ٿو؛ پر نهايت نصيحت آميز ۽ ڪارائتو بہ ٿئي ٿو. انهيءَ سبب هن تاريخ جوڙڻ ۾ مون مدد رڳو انهن ڪتابن تان ورتي آهي، جي بنهہ پروسي جهڙا آهن، ۽ سَند ڪري ليکجن ٿا. ضروري هنڌن تي اهي سَندون بہ ڄاڻايون اٿم تہ پڙهندڙن کي سڌ پوي تہ اهي ڳالهيون مون ڪهڙن ڪتابن ۽ مخزنن مان ڪڍيون آهن؛ ۽ جي مرضي پوين تہ پلي اهي مخزنون ۽ اصلوڪا ڪتاب پاڻ بہ پڙهن، جو مون ڪيترن ڪتابن جو رڳو تَتُ هن تاريخ ۾ ڏنو آهي- گويا درياهہ ليٽائي لوتيءَ ۾ وڏو اٿم.

قديم هندستان جون ڪوجنائون اول ڪن يوروپي عالمن ڪيون هيون، جن مان سنڌ جو بہ ٿورو احوال ملي ٿو. سندين ڪوجنائون جو مختصر ذڪر هتي منڊ ۾ ئي ڪيو اٿم تہ پڙهندڙن کي سڌ پوي تہ خود مون اهي احوال ڪٿان آندا. هندستان جون تاريخون جي هن وقت اسڪولن ۽ ڪاليجن ۾ پاڙهڻ ۾ اچن ٿيون، سي سڀ انهن ڪوجنائن ڪانپوءِ جون ٺهيل آهن. اهي اڪثر رڳو شاگردن لاءِ آهن، تنهنڪري کي ڳالهيون منجهن ڄاڻايون ئي ڪين اٿن، ۽ ڪن جو رڳو ٿورن لفظن ۾ ذڪر ڪيو اٿن. مون هڪ هڪ مکيہ ڳالهہ گهٽي قدر کولي آهي، جو سڄي هندستان جي تاريخ سنڌو ماٿر جي سيپيتا سان شروع ٿئي ٿي، ۽ ضرورت آهي تہ قديم سنڌ جي تاريخ ۾ اهي احوال سر بستا هڻڻ گهرجن. سنڌ جون کي ڳالهيون تہ عيسائين جي انجيل، تہ کي پارسين جي "زنداوستا" ۾

آهن، ۽ کي ڳالهيون مون پنهنجي سر جاچيون آهن، جن جي کوجنا اڄ تائين ٻئي کنهن به کانه ڪئي آهي. اهي ڳالهيون مناسب هنڌن تي ڇاڻايون اٿم، جي ڪيترن پڙهندڙن کي نيون لڳنديون. هن وقت جيڪي قديم سنڌ جون تاريخون آهن، سي اڪثر ڪن پارسي ڪتابن مان ترجمو ٿيل آهن ۽ ڪن ۾ کي غلط ڳالهيون لکيل آهن، جن جو ذڪر به منڊ ۾ ڪيو اٿم، تہ غلط فهميون دور ٿين.
پراچين سنڌ جي هڪ بن تازين ڇپيل تاريخن ۾ ويدن ۽ اتهاسن وارن زمانن جو ٿورو ٿورو ذڪر آهي؛ پر انهن زمانن جي ماڻهن جي جيوت جو سلسليوار احوال آهي ئي ڪونہ، تنهنڪري هن پهرئين ئي جلد ۾ ڪيترو ئي مضمون نئون ڏنو اٿم، جو اڳي سنڌي خواهہ انگريزي ۾ لکيل تاريخن ۾ ڪونهي.
تاريخ جو هڪ مکيہ پاڳو جاگرافي آهي. هر کنهن پرڳڻي جي طبعي صورت، آب هوا ۽ ٻين ڳالهين جو پرڳڻي جي تاريخ ۽ ماڻهن جي سياڻ، بت جي ورڻ (رنگ)، ٻوليءَ جي اچارن، رهڻي ڪهڻيءَ وغيره تي ايتريقدر اثر ٿئي ٿو، جو جيڪر هيئين ڇڏجي تہ تاريخ نهي ئي جاگرافيءَ تان ٿي. انهيءَ سبب هن ڪتاب جي پهرئين پهرئين ئي باب ۾ قديم سنڌ جي طبعي صورت جو ذڪر ڪريان ها، ۽ قديم سنڌ جون حدون ٻڌائي، انهن حدن جو جيڪو اثر اسان جي پرڳڻي تي ٿيو آهي، سو ڇاڻايان ها؛ پر رگ وید کان اڳ جي زماني جا احوال آهن ئي ڪين، جنهنڪري سنڌ جي جنم جي ڪهاڻي ۽ ٻين اهڙين آڳاٽين ڳالهين لاءِ گهڻو مدار ٻونءِ وگيان (Geology) تي رکڻو پيو اٿم. خود ٻونءِ وگيانين کي اڃا گهڻيون کوجنائون ڪرڻيون پيون آهن، جو اهڙين کوجنائن جي شروعات ئي اڃان هاڻ ٿي آهي. رگ وید ۾ جيڪو "سپت سنڌو" (سنڌو ماٽر جي ستن دريائن واري ملڪ) جو ذڪر آهي، تنهن مان به سنڌ جو نسل جوڙڻ ڏکيو آهي، جو ان ۾ سنڌ جي حدن جو ذڪر آهي ئي ڪونہ. وڏي ڳالهہ تہ خود رگ وید جي منڊل 2، سوڪت 17 ۾ خوفناڪ زلزلن جو ذڪر آهي، جن انهيءَ وقت ۾ ئي ملڪ جي طبعي صورت ۾ ڦيرو پئي آندو. رگ وید ڪانپوءِ جي احوالن مان به ائين ظاهر آهي تہ وقت بوقت خوفناڪ زلزلن ۽ سنڌونديءَ جي ڦيرين گيرين ڪيئن ساوا پاسا سُجاڻ ۽ سجا پاسا ساوا ڪيا آهن. سنہ 962ع ۾ اهڙو خوفناڪ زلزلو ٿيو، جنهن بکر وارا

ٽڪر ۾ ٽوڙي ڇڏيا، ۽ الور ۽ ٻيا ڪيترا آباد شهر ويران ٿي ويا. سنڌونديءَ، جا الور واري ٽڪريءَ جي بنهه هيٺان وهندي هئي، تنهن پنهنجو رخ ئي ڦيرائي ڇڏيو. ڀڄاڙيءَ وارو خوفناڪ زلزلو 1819ع ۾ ٿيو، جنهن سنڌ جي سڄي لاڙ واري پاڳي جي طبعي صورت ڦيرائي ڇڏي، ۽ ڪڇ جو رڻ، جنهن مان اڳي درياهه وهندو هو، ۽ راحموڪي بازار، سنڌڙي ۽ ٻيا بندر به اُتي هئا، تن به پنهنجي سهڻي صورت ڦيرائي، ۽ برپٽ ٿي پيو. سنڌ جي هاڻوڪي طبعي صورت انهيءَ وقت کان وٺي ٿي. اهڙيءَ حالت ۾ سنڌ جي طبعي صورت وغيره جو ذڪر جيڪڏهن وچولي زماني يا هاڻوڪي زماني جي سنڌ جي تاريخ ۾ ڪجي ته نهي؛ پر هن قديم سنڌ جي تاريخ ۾ اهڙي ڪوشش ڪرڻ عبث آهي. انهيءَ هوندي به قديم جاگرافيءَ جون ٿوريون ٿوريون ڳالهيون هن ڪتاب ۾ مناسب هنڌن تي ڄاڻايون اٿم، ته تاريخ سمجهڻ ۾ سولائي ٿئي.

هن تاريخ جوڙڻ ۾ مون جن ڪتابن مان مدد ورتي آهي، تن مان ڪيترا قيمتي ڪتاب ڊي. جي. سنڌ ڪالیج لئبرري مان، ٿورا خالقڈنہ هال ۽ فريئر هال لئبررين مان ۽ ڪي ڪن سنگتين ساڻين کان ورتا هئم، جنهنڪري ڪتابن خريد ڪرڻ جي خرچ کان بورڊ ڪيتريقدر بچي پيو. ممڪن آهي ته اڃان به ڪي ڪتاب هجن، جن جي مون کي سڌ نه هجي. هيئن به آهي ته هن وقت آرڪيالاجيڪل ڪاتي وارا ۽ جيالاجيڪل ڪاتي وارا پنهنجي پنهنجي روءِ سوءِ وڌيڪ ڪوجنائون ڪن پيا، ۽ ڪي يوروپي توڙي ڏيهي عالم به قديم هندستان جي وڌيڪ احوالن هٿ ڪرڻ جي ڪوشش ڪن پيا، تنهنڪري هن ڪانپوءِ سنڌ جي تاريخ لاءِ ڪو نئون ذخيرو ملي پوي ته عجب ڪونهي. هيءُ ڪتاب لکي مون گويا بنياد ٻڌو آهي، ته جيئن جيئن وڌيڪ احوال ملن، تيئن تيئن هن ڪتاب کي وڌيڪ مڪمل ڪرڻ سولو ٿئي.

77، مڊل ڪلاس ڪالوني،

پيرو مل مهرچند

اجمل خان روڊ، بندر روڊ ايڪسٽينشن،

ڪراچي. آگسٽ 1944ع

Gul Hayat Institute

منڌ

قديم هندستان جي تاريخ ڪيئن جڙي

هيءَ ڳالهه عالم آشڪار آهي ته 711ع ۾ عربن جنهن وقت سنڌ فتح ڪئي، تنهن وقت تائين قديم هندستان جي ڪابه تاريخ اهڙيءَ ريت جڙيل ڪانه هئي، جهڙيءَ ريت اڄ ڪلهه تاريخون جوڙجن ٿيون. ان وقت عربن کي سنڌ جي راءِ گهراڻي ۽ برهمڻ گهراڻي جي راجائن- راءِ ساهسي، چچ، چندر ۽ ڏاهر- بابت جيڪي احوال ماڻهن جي واتان مليا، سي قلمبند ڪيائون جي چچ نامي ۽ ٻين پارسي ڪتابن ۾ لکيل آهن. انهن احوالن تي ڪيتريقدر پروسو ڪرڻ گهرجي. تنهن ڳالهه تي پوءِ ايندا سين – ايترو چئبو ته تڪليف وني ڪيترو مصالحو ڪنو ڪيائون، جو هن وقت اسان کي جيڪر ملي ڪين سگهي ها. ڪن مسلمان عالمن پوءِ جا تاريخي احوال به لکيا؛ پر آڳاٽن احوالن جي ڪابه کوجنا نڪي هندن نڪي مسلمانن ڪئي: انگريزن جي صاحبيءَ جي اوائل تائين به اهائي حالت هئي. هينئر، جو رکي رکي، هيترين صدين کانپوءِ قديم هندستان جون تاريخون جوڙيون اٽن، جن ۾ نه رڳو آڳاٽن آرين، پر اڻ آريه قومن جا احوال به ڏنا اٽن، سو اهي ڪسابن جون ڳالهيون آيون ڪٽان؟ حقيقتاً اها ڪهاڻي هڪ عبرت جهڙي آکاڻي آهي، جا اڳيئي پنهنجي جوڙيل ڪتاب "سنڌي ٻوليءَ جي تاريخ" جي منڌ ۾ ڏني اٿم. ساڳيءَ ڳالهه ڌهرائڻ جي ضرورت ڪانهي، تنهنڪري ٻولين جي ڪوجنائن بابت به .اکر چئي، تاريخ جي ڪوجنائن جو ذڪر ڪبو، ته سڄي ڳالهه ڳنڊيل نظر اچي

ٻولين جون ڪوجنائون: عيسوي پندرهينءَ ۽ سورهينءَ صديءَ ۾ پورچوگيزن، ڊچن، فرينچن ۽ انگريزن، هڪ ٻئي جي پٺيان، واپار سانگي هندستان ۾ اچي ڪوٺيون وڌيون، ته منجهائن ڪن سنسڪرت تي ڌيان ڏنو. هنن ڏٺو ته سنسڪرت ۾ گهڻيئي اهڙا لفظ آهن، جي ساڳيا ڪيترين يوروپي ٻولين ۽ پارسيءَ ۾ آهن. مثلاً سنسڪرت "ماتر" (ماتا، ماءُ) ۽ "پراتر" (پاءُ) جا اُچار پارسيءَ ۾ "مادر" ۽ "برادر" ۽ انگريزيءَ ۾ "مدر" (Mother) ۽ "بردر" (Brother) آهن. اهڙا ٻيا ڪئين

ساڳيا لفظ ڏسي حيران ٿيا؛ پر سمجهي نٿي سگهيا، ته اهي لفظ يورپ، ايران ۽ هندستان ۾ ڪيئن عام ٿيا.

سن 1783ع ۾ سر وليم جونس (1746-1794ع) منڊ بنگال جو چيف جسٽس مقرر ٿي آيو، تنهن سنسڪرت جو اونهو اڀياس ڪري ظاهر ڪيو، ته سنسڪرت، ايراني ۽ ڪيتريون يوروپي ٻوليون ساڳئي بنياد مان آهن، تنهنڪري ڪيترا لفظ ساڳيا اٿن ۽ نحوي بناوت ۾ ڪيتري قدر هڪجهڙي اٿن. سنہ 1816ع ۾ جرمنيءَ جي نامور عالم فرئنسس باپ (Francis Bopp) هڪ گرامر ڇپائي پڌرو ڪيو، جنهن ۾ سنسڪرت، گريڪ (يوناني) لئٽن، جرمن ۽ پارسي ٻولين جي گردانن يا ڦيرن جي هڪجهڙي ترتيب ڄاڻائي، وگيانڪ ريت ثابت ڪيائين، ته سر وليم جونس جو قياس سچو هو، ۽ اهي ٻوليون برابر اهڙيءَ قديم ٻوليءَ مان پيدا ٿيون آهن، جا هن وقت دنيا جي ڪنهن ۾ ياڳي ۾ ڳالهائڻ ۾ نٿي اچي. يوروپي عالمن کي علم لغات (Comparative Philology) جو پتو انهن ٻولين جي پيٽ ڪرڻ سان پيو. انهن سڀني هنڊن جي ٻولين جو هڪ يڪو خاندان "انڊو – يورپين" نالي سان ڪوڻڻ لڳا، ته سمجهڻ ۾ اچي ته هندستان ۽ يورپ جون ٻوليون انهيءَ ساڳئي خاندان مان آهن.

تاريخ جون ڪوجنائون: يوروپي لوڪن لاءِ هاڻ هڪ وڏو مسئلو پيدا ٿيو هو. چوڻ لڳا ته هندستان ۽ ايران، جي يورپ کان گهڻ ۾ گهڻ ته ٽي هزار ڪن ڪوهه پري آهي، تن جي ٻولين جو پاڻ ۾ ههڙو جگري ناتو ٿيو ڪيئن؟ هيءَ پرولي سلي ڪير؟ سگهو ئي هنڊن جي رگ ويد مان پتو پين ته اهي آريہ لوڪ هئا، جي پنهنجي نشاني اهي ويد ڇڏي ويا آهن. پارسين جي زنداوستا مان سڌ پين، ته خود "ايران" لفظ اصل ۾ آهي "آئرين" يعني "آرين جو ملڪ." ايران طرف دارا بادشاهہ جا اُڪرايل ڪي ڪتبايا اُڪريل نوشتا لڌائون، جن ۾ سندس خاندان جو شجرو ڏنل آهي، ۽ منڊ ۾ لکيل آهي ته "آئون آريہ آهيان ۽ آريہ جو پٽ آهيان". هن مان ظاهر ٿيو ته ايراني اصل ۾ آريہ هئا ۽ پنهنجي آريہ نسل جو ججهو فخر هون. هوڏانهن يورپ ڏي "آئرلئنڈ" آهي، جو اصل ۾ آهي "آريہ لئنڈ" يعني آرين يا شريفن جو ملڪ. آئرلئنڈ جو قومي نالو "ايرين" (Eren) آهي ۽ اهو لفظ ٻہ اصل ۾

آهي "آرين" رڳو انهن نالن منجهان ئي جيڪر هرڪو آرين جو هو. هنن حقيقتن يوروپي عالمن کي هيڪاري حيرت ۾ وڌو، تنهنڪري انهيءَ سموري ايراضيءَ جي مڪيہ ٻولين جي پاڻ ۾ پيٽ ڪيائون، ۽ ساڳئي وقت تاريخ جي ڪوجنائن ۾ پيا، تہ من ڪو وڌيڪ پتو پوي.[1]

ڏند ڪٿائن جون ڪوجنائون: تايخ جي ڪوجنا لاءِ هيءُ رستو اختيار ڪيائون، جو هندن، ايرانين، آڳاٽن يونانين، رومن ۽ ٻين يوروپي قومن جا ڪيترا ڏرمي پستڪ هڪ ٻئي سان ويهي پيٽيائون. هندن جي پراڻن ۽ اتهاسن ۾ ڏنائون تہ آڳاٽن راجائن ۽ رشين جا پيڙهيءَ بہ پيڙهيءَ احوال ڏنل آهن. انهن مان يقين ٿين تہ اهي سچا پچا تاريخي احوال آهن، پر اتي ئي ڪي ڳالهيون اهڙي نموني لکيل آهن، جي ڏند ڪٿائون پيبون پائنجن. سگهو ئي معلوم ٿين تہ ٻين ملڪن ۾ بہ تاريخ جي شروعات انهيءَ ريت ٿي هئي. پروفيسر مئڪڊونيل پنهنجيءَ جوڙيل سنسڪرت ساهت جي تاريخ ۾ ۽ ٻين ڪن يوروپي عالمن بہ پنهنجي ليکن ۾ پهريائين ائين پئي ڄاڻايو تہ آڳاٽن آرين کي "تاريخ" جوڙڻ جو هنر هئوئي ڪونہ، پر پوءِ جيڪي حقيقتون مليون، تن مان ظاهر ٿيو، تہ اڳي هندستان، ايران، يونان ۽ ٻين هنڌ تاريخ، جاگرافي، ڪگول وديا، جوتش وغيره جون ڳالهيون، آڪاٽين جي نموني لکندا هئا، تہ ماڻهن کي ياد ڪرڻ سوليون ٿين، هينئر اهو ساڳيو نمونو خود کي يوروپي عالم اختيار پيا ڪن ۽ تاريخ جاگرافي وغيره ڳالهين جي صورت ۾ پيا لکن، ۽ اهو ئي نمونو عمدو سمجهيو وجي ٿو.

[1] Iran, Eran, Airan, the Airiyana of the Avesta. is the land of the Aryans. "Edward G. Browne: A Literary History of Persia. Page 4.

[2] At the time at which we begin to know them, 'Arya meant noble, exalted'. Venerable; the name had become something almost sacred, it embodies the Aryan Peoples' national pride, -or a feeling deeper still more intense enduring. And inspiring: their pride of race, and that down to a very late period: for was not Dareios, the great Persian King, careful to preface his family genealogy in his famous inscriptions by the statement: 'I am an Aryan, the son of an Arya'?" L.A. RogozinL vedic India, Page 62.

Gul Hayat Institute

[**]"Eran, Eranian is only a slightly altered form of Aryan: so is Erin, the national name of Ireland." L.A. RagozineL Vedic India. Page 62. footnote.

ڏرمي پستڪن ۾ لکيل ڏند ڪٿائن جي اپياس مان يوروپي عالمن کي سگهوئي ائين وسهڻ لاءِ سبب ٿيو ته اهي ڏند ڪٿائون کن حقيقتن تان نهيل آهن، ۽ بي بنياد ڪينهن، انهن حقيقتن سمجهڻ لاءِ ضرور ڄاتائون ته اول اهي ڏند ڪٿائون سيني ڏرمي پستڪن مان ڪڍي ڪنيون ڪجن، ته پوءِ پوريءَ ريت پيٽ ڀرڻ ۽ انهن جو سچو پچو مطلب سمجهڻ سولو ٿئي. بس، پوءِ ته گهٽايائون ئي ڪين. هن وقت تائين هندن جي ويدن، اتهاسن ۽ پراڻن مان، ايران، بئلبونيا، اسيريا، مصر ۽ يورپ جي يوناني، رومن ڪيلٽڪ ۽ ٻين قومن جي ڏرمي پستڪن مان ڏند ڪٿائون ڪڍي، ڇاپائي پڌريون ڪيون اٿن. انهن مان ڪيترا تاريخي احوال ڪڍي، جدا جدا ملڪن جون تاريخون جوڙيون اٿن، بلڪ دنيا جي تاريخ بہ لکي اٿن. اهي سڀ تاريخون ويجهڙائيءَ ۾ هنن کوجنائن کان پوءِ ناهيون اٿن، نہ ته اڳي ڪين هيون.

انهن کوجنائن مان هڪ مڪيہ ڳالهہ هيءَ ظاهر ٿي ته ڪيتريون ڏند ڪٿائون بلڪ ديوتائن جا نالا جهڙا هندن جي ڏرمي پستڪن ۾ تهڙا پارسين جي "زنداوستا" ۽ رومن ۽ يوناني لوڪن جي ڏند ڪٿائن ۾! مثلاً رگ وید مان معلوم ٿئي ٿو ته آڪاڻا آريہ لوڪ آڪاس يا آسمان کي "پتا" (پيءُ) ۽ پرٿويءَ يا ڌرتيءَ کي "ماتا" (ماءُ) ابو اڪاس) جنهن جو (Dyus-pitra = ڪوٺيندا هئا. آڪاس کي سڏيندا هئا "ديوس پتر، ۽ هينئر معنيٰ اٿس مشتري يا ورهست (Ju-piter) "اچار لئڻ ٻوليءَ ۾ آهي "جوپيٽر بہ (Tiu) "ديوتا. "جوپيٽر" جو مٽ وارو "جو" جو اچار يوروپي لوڪن ڪيرائي "ٽيو منگل) ٿهيو. سنسڪرت "ديوس" (Tuesday "ڪيو، جنهن مان انگريزي لفظ "ٽيوزدي ڪيو ۽ اهو هڪ وڏو ديوتا ڪري ليکيندا (Zeus) "جو اچار يونانين ڪيري "زينوس رگ وید ۾ آڪاس جي هڪ مڪيہ ديوتا جو نالو "ورڻ" ڄاڻايل آهي، جنهن جي .هئا معنيٰ ڍڪڻ. سموريءَ ڌرتيءَ ۽ جبلن، ندين، Vri "بنيادي معنيٰ آهي "ڍڪيندڙ" "ور ڪي آڪاس مٿان ڍڪي ٻيٺو (Oceans)ساگرن (سمندن) ۽ مها ساگرن (وڏن سمندن آهي، تنهنڪري آڪاس جي ديوتا تي اهو "ورڻ" (ڍڪيندڙ) نالو رکيائون.

هن وقت هندو ماڻهو ورڻ ديوتا کي پاڻيءَ جو ديوتا ڪري ليکين ٿا، پر رگ وید واري زماني ۾ ورڻ ديوتا جو وڏو واسطو تارن پريل رات سان هو ۽ ڏينهن جو ديوتا "متر" (سورج) سڏبو هو، تنهنڪري رگ وید ۾ "ورڻ" ۽ "متر" نالا گهٽن هنڌن گڏ ڪم آيا آهن. "ورڻ" جو اچار پارسين جي زنداوستا ۾ "ورين" (Vareena) ۽ يوناني ٻوليءَ ۾ "اُرينس" يا "يورينس". (Ouranous or Uranos) "متر" جو اچار زنداوستا ۾ "مثر" آهي ۽ هاڻوڪي پارسيءَ ۾ ان جو اچار بگڙجي "مهر" ٿيو آهي؛ پر اڄ به معنيٰ ۾ "سج" (سورج ديوتا). سنسڪرت لفظ "متر" جو اچار قديم ايرانين وانگر قديم رومن لوڪ به ڪيو "مثر" (Mithra) ۽ انهيءَ سبب متر ديوتا جا پوڄاري مثريسٽ (Mithraist)سڏجڻ ۾ آيا، ۽ متر ديوتا جي پوڄا تي "مثر سيزم" (Mithra-ism. Mithra-icism) نالو پيو.[*]

---

[*] (1) "Dyus-pitra. 'Heavenm, the Father'. Is no other than Greek Zeus. Zeus-Pater Latin Dies-Piter. Jupiter." L.A. RagozinL Vedic India. Page 137.

(2) The cognate dyaus. 'heaven'. Is extant. In the Greek Zeus. Gen Dios, and the name of an ancient Teutonic god Tius. Preserved in the word. Tuesday'. Dr. Martin Haug: Essays on Religion of the Parsis. Page 282 footnote

[*] "Varuna" is identical with the good Uranos of the Greeks." Dr. Martin Haug: Essays on the Sacred language, writings and Religion of the Parsis, Page 273. See also Prof. Max Muller's Chiops from a German workshop. ii.65.

اڳاڻن آرين آڪاس يا آسمان کي "ديوس پتر" (ابو آڪاس) ۽ آڪاس جي مڪيہ ديوتا (ورن ديوتا) کي ساري جهان جو "پيءُ" ۽ پرٿويءَ يا ڌرتي کي "ماءُ" ٿي سڏيو. سو اڳي شاعراڻي خيال وچان اها ڳالهہ پاڻ کولي ٻڌائي اٿن: افق وٽ آسمان ۽ ڌرتي هڪ ٻئي کي پاڪر پائي گڏيا ٻينا آهن، گويا سندن ئي ميلاپ سان هيءُ سارو جهان پيدا ٿيو آهي، ۽ ديوتائون، انسان ۽ ٻيا ساهوارا جڙ تہ سندن کي جڙيل آهن. آسمان مان برسات جون بوندون وسن ٿيون ۽ اُهي ڌرتي جهڙي ٿي، ۽ سج جي اُس به واهر ڪريس ٿي ۽ انهيءَ ريت ئي اُتيتي ٿئي ٿي. هي ڳالهيون اٿرو وید جي منڊل ٻارهين سوڪت پهرين ۽ 42 ۾ جاڻايل آهن. رگ ويدن جي پنڌيان ڏنل ائترييہ براهمڻ گرنٿ ۾ آڪاس ۽ پرٿويءَ جي وهاڻ جو ذڪر آهي.

ويدڪ آرين جي هيءَ نسوري شاعراڻي پلٽ اکر ۾ اکر يوناني لوڪن جي ڏند ڪٿائن ۾ آهي، جنهنڪري انسئڪلو پيڊيا برٽينيڪا ۾ "يورينس" (ورڻ ديوتا) جي ذڪر ڪندي هي لفظ لکيا اٿن

Uranas- " Heaven, the husband of Earth, and father of Saturn and other deities. As such he represents the generative power of the sky, which fructifies the earth with the warmth of the Sun and moisture of rain."

نامياري يوناني شاعر هومر انهن ساڳين خيالن جو ترجمو ڪري، پنهنجي هڪ شعر ۾ پرٿويءَ يا ڌرتيءَ کي "جڳت جنني" يعني جهان جي ماءُ (Universal Mother) ڪوٺيو آهي. انهيءَ ساڳي شعر جي سورهينءَ مصرع ۾ ڌرتيءَ کي "پوڄا جوڳ ديوي" (Venerable goddess) سڏيو اٿس. سترهينءَ مصرع ۾ ڌرتي کي "ديوتا ماتا" (Mother of the Gods) ۽ "تارن پريل ورڻ ديوتا جي استري" (Spouse of the Starry Uranos) ڪوٺيو اٿس. هي خيال ساڳيا ئي ساڳيا اهي آهن، جي رگ وید ۽ ائترييہ براهمڻ ۾ آهن. ويجهڙائيءَ ۾ پوڪوڪ صاحب ۽ ٻين ڪن عالمن وڌيڪ کوجنائون ڪري ائين ڄاڻايو آهي تہ گريس يا يونان اصل وسايو ئي هندن هو؛ جنهنڪري آڳاٽن هندن جون ڏند ڪٿائون توڙي ٻيون ڪيتريون ڳالهيون يونان ۾ عام ٿيون.

سر وليم جونس جنهن پهريائين پهريائين سنسڪرت جو جگري ناتو ايراني ۽ يوروپي ٻولين سان ڄاڻايو هو، تنهن ڏند ڪٿائن جي کوجنائن ۾ ٻہ ٻھرو ورتو. پاڻ ڄاڻايائين تہ هندو ماڻھو پاڳ جي ديوي (Goddess of fortune) کي "لکشمي" لچمي) سڏيندا آهن، ۽ ان جو ٻيو نالو "شري" آهي، جنهن جو اچار رومن ۽ يوناني ڏند ڪٿائن ۾ "سيريز" (Ceres) آهي. لچمي اُن ۽ ڏن ڏيڻ واري ديوي آهي، ۽ رومن لوڪ ٻہ ان کي "اَن جي ديوي" ڪري سڏيندا هئا. انهيءَ "سيريز" (Ceres) لفظ مان انگريزي لفظ "سيريلس" (Cereals) ٺهيو آهي، جنهن ۾ سيڪڙهن قسم جو اَن اچي وڃي ٿو.

سر وليم جونس هيئن ٻه ڄاڻايو تہ قديم رومن لوڪ پنهنجو سال مارچ مهيني کان وٺي ليکيندا هئا، جنهنڪري "جنوري" يارهون مهينو هو، تہ ٻه ورهيه جي ٻارهن مهينن ۾ اهو مڪيه ليکبو هو. هينئر تہ انگريزي سال شروع ٿئي جنوري ديوتا جو (Janurius)"مهيني کان وٺي ٿئي ٿو. انهيءَ جنوري مهيني تي "جنوريس نہ سڏيندا هئا. جنوري (Janus) "نالو پيل آهي، جنهن کي رومن لوڪ "جنوس مهيني ۾ سنديس پوڄا وڏيءَ ڏام ڏوم سان ڪندا هئا، تہ سڄو ورهيه سياڪو سدورو لڳيئون. (اڄ ٻه نئين سال جون واڌايون جنوريءَ جي شروعات ۾ ڏيندا آهن.) رومن لوڪ ڪاه پوڄا ڪندا هئا، تہ ٻين ديوتائن کي پوڄڻ کان اڳ "جنوس" جو نالو ڳنهندا هئا. سر وليم جونس ڄاڻايو آهي. "جنوس" ديوتا اهو ساڳيو آهي؛ جنهن کي هندو "گڻيش" سڏين ٿا. لفظ ئي ساڳيو آهي، پر رڳو اچار ٿورو ڦريل اٿس. هندو ماڻهو ٻه سيڪنهن شپ ڪارج مهل پهريائين پهريائين گڻيش جي پوڄا ڪندا آهن. اهو "وگهنيشور" ٻه سڏبو آهي، جو سپ وگهنم (اٽڪون يا مشڪلاتون) اهو دور ڪري ٿو. اهڙيءَ طرح يوناني ڏند ڪٿائن ۽ يوناني شاعر هومر جي شعر ۾ ڄاڻايل ديوتائن جي نالن جي ڀيٽ سنسڪرت نالن سان ڪري، هڪ ڪتاب لکيائين، جو هن وقت ڪمياب آهي.

سر وليم جونس 1794ع ۾ گذاري ويو. ڪائنس پوءِ جيڪي ڪوجنائون ٿيون، تن منجهان ٻه ائين معلوم ٿيو تہ جرمن، يوناني، رومن ۽ ٻين ڪيترين يوروپي قومن ڏرمي ۽ فيلسوفيءَ جون توڙي ٻيون ڪيتريون ڳالهيون هندستان جي ماڻهن وٽان پرايون هيون. ڪن ديوتائن جا نالا ٻه ساڳيا ئي ساڳيا آهن، ۽ ڪن جا جيڪڏهن ڦريل آهن، تہ ٻه انهن بابت جيڪي ڏند ڪٿائون آهن، سي هندن ڪٿائن سان ملي ٿيون اچن. مثلاً ٻڌر جي ڏينهن کي انگريزيءَ ۾ چئبو آهي "وينزدي"(Wednesday) جو اصل ۾ آهي "ووڊنس ڊي" (Wodensday) يعني ووڊن(Woden) ديوتا جو ڏينهن. اهو جرمن، ڊچن، اسڪئنڊينيويا (سئيڊن، ناروي، آئيس لئنڊ ۽ ڊينمارڪ)، ائنگلو سئڪسن ۽ ٽيوٽاني قومن جو هڪ وڏو ديوتا هو. اڄ ٻه جرمنيءَ جا هاري ناري جڏهن لابارو وجهندا آهن، تڏهن پچاڙيءَ جا ٻه چار سنگ ووڊن ديوتا نمت چڙي ڏيندا آهن. پروفيسر ڪهن جو چوڻ آهي تہ هن ديوتا

جي شڪل شبيهه ۽ ٻين ڳالهين بابت جيڪي ڏنڊ ڪٽائون آهن، سي ردر (شو پڳوان) بنسبت ڏنڊ ڪٽائن سان ملي ٿيون اچن. پوڪوڪ صاحب ۽ ٻين ڪن عالمن تہ ائين ڄاڻايو آهي، تہ يونانين ۽ ٻين يوروپي قومن جون ڏنڊ ڪٽائون هندن جي ڏنڊ ڪٽائن منجهان ئي ورتل آهن.

حاصل مطلب تہ ٻولين جي ٻيٽ ڪرڻ سان علم لغات جو پتو پين ۽ هنن ڏنڊ مان هيڪاري يقين ٿين تہ هندستان، (Comparative Mythology) ڪٽائن جي ٻيٽ ايران ۽ يورپ جي آڳاٽن آرين جي نہ رڳو ٻولي ساڳي هئي، پر ڏرم ڪرم بہ ساڳيو هون، بلڪ حسب نسب بہ هڪڙو ئي هون. جرمني جا رهاڪو اڄ تائين فخر سان پاڻ کي "آريہ" سڏائين ٿا. پروفيسر مئڪس ملر، جو پاڻ جرمنيءَ جو ويٺل هو، تنهن رگ ويد جو ترجمو ڪيو آهي ۽ ان ۾ ڄاڻايو اٿس تہ "جرمن" لفظ اصل ۾ آهي "شرمن" (شرما) جو برهمڻ جو لقب آهي. وڌيڪ هيئن بہ ظاهر ٿيو گٽيش جي پوڄا جو (Swastika) "آهي تہ جرمنيءَ وارن جي ڏرمي نشاني "سواستڪ .هڪ نشان آهي

آرين جو اصلوڪو ماڳ: آڳاٽن آرين جي نہ رڳو ٻولي ساڳي هئي، پر ڏرم ڪرم بہ ساڳيو هون، بلڪ ائين سمجهڻ ۾ آيو تہ حسب نسب بہ هڪڙو ئي هون، تنهنڪري سياويڪ طرح سوال اٿيو تہ هندن، ايرانين ۽ يوروپي لوڪن جا ابا ڏاڏا اصل ڪهڙي هنڌ گڏ رهندا هئا، جتان هڪ ٻئي جي ٻولي سکيا ۽ ساڳيا ڏرمي خيال بہ پرايائون، جنهنڪري ڏنڊ ڪٽائون بہ ساڳيون اٿن؟ هن بابت ڪئين رايا ظاهر ڪيائون، جن جا وڏا بيان رايل ايشياٽڪ سوسائٽيءَ جي جرنل ۽ ڪن ڪتابن ۾ ڏنل آهن؛ پر ڪن صاحبن پنهنجي ڪتابن ۾ انهن سيني کوجنائن جو اختصار بہ ڏنو آهي. هتي ٻن اڪرن ۾ ٻڌائجي ٿو تہ علم لغات جي اُصولن ڳولي لهڻ ۾ جن صاحبن منڊ ۾ ئي ڇگو ٻهرو ورتو هو، تن مان مڪيہ ائڊيلنگ صاحب هو، جو سنہ 1806ع ۾ گذاري ويو. هن صاحب اهو رايو ظاهر ڪيو تہ انسان ذات پهريائين پيدا ئي مشرق (پورب) ۾ ٿي هئي ۽ ڪشمير واري ماڙ "باغ عدن" هئي، جا اڄ بہ بهشت جون سڪون پيئي لاهي. پارسين جي زنداوستا ۾، خاص ڪري ويندياد جي پهرئين فرگرد ۾، ڪن

مڪانن جا نالا ڄاڻايل آهن، تن مان جَي. جِي رهوڊ (J.G Rhode)صاحب کي ائين وسهڻ لاءِ سبب ٿيو تہ ايرانين جو اصلوکو ماڳ باختر (بختريا Bactria) هو. اها ڳالهہ 1820ع ۾ ظاهر ڪيائين. پاٽ صاحب (Pott) جي راءِ موجب اڪسس يا آمو درياءُ (Oxus) ۽ جئڪسارٽس (Jaxartes) نديون جتي ساوڪ سبزي لائي، باغ عدن بنائي بينيون آهن، سو آرين جو اصلوکو ماڳ هو. سندس اهو رايو سنہ 1847ع ۾ لئسن صاحب (Laseen) ۽ 1848ع ۾ جيڪب گرم(Jacob Grimm) قبول ڪيو. اهو وچ ايشيا وارو نظريو بين جن عالمن قبول ڪيو ۽ عام خلق ۾ گهڻو ڦهلايو، تن مان مڪيہ پروفيسر مئڪس ملر هو، هو صاحب پورو هنڊ پاڻ بہ ڄاڻائي ڪونہ سگهيو، تنهنڪري رڳو ايترو چيائين تہ آريہ لوڪ "ايشيا ۾ ڪنهن هنڊ" گڏ رهندا هئا. ائين بہ ڄاڻايائين تہ انهن ئي آرين يورپ جا ٻيٽ ۽ ڪنارا، ايشيا کان اڳي والاريا هئا. پروفيسر مئڪس ملر ۽ ٻين جي انهيءَ راءِ هوندي بہ سنہ 1851ع ۾ لئٿم صاحب، سنہ 1868ع ۾ فڪ صاحب، سنہ 1871ع ۾ بينفي، ڪيونو ۽ ٻين صاحبن وچ ايشيا واري نظريي جي برخلاف پنهنجو آواز کڙو ڪيو. پوءِ تہ کوجنا جي دوربيني ايشيا کان ڦيرائي يورپ ڏي ڪيائون ۽ ڪجهہ وقت هنگاري، آسٽريا ۽ بوهيما کي آرين جو اصلوکو ماڳ سمجهڻ لڳا، جيئن ڪئمبرج هسٽري آف انديا جي جلد پهرئين، صفحي 169 ۾ ڄاڻايل آهي. وڌيڪ کوجنائن ڪرڻ کانپوءِ ائين وسهڻ لاءِ سبب ٿين تہ آرين جو اصلوکو ماڳ رشيا اسڪئنڊينيويا ۽ بالٽڪ طرف هو.

هن باري ۾ ايترو چئبو، تہ يوروپي عالمن ڏڪا ڪونہ پئي هنيا. علم لغات، ڏند ڪٿائن جي ٻيٽ، جهوني — وٽ — وگيان (Archaeology) منڪ وديا يا پرش وگيان (Anthropology) ۽ ٻين وگيانن (Sciences) جي وسيلي جيئن جيئن وين ٻيون ٻيون ثابتيون ملنديون، تيئن تيئن ويا رايا ڦيرائيندا. اسان جا ڪي ڏيهي عالم پنهنجي راءِ تي ڪپ ڪوڙ ٿي بينا تہ آريہ لوڪ اصل سپت سنڌو جا رهاڪو هئا ۽ ڪٽان ٻاهران ڪونہ آيا، پر پوءِ وڃ واپار ۽ ٻين سببن ڪري ايران، وچ ايشيا ۽ يوروپ ڏي ويا.

هن وقت تائين جيڪي کوجنائون ٿيون آهن، تن موجب گهٽن عالمن جو چوڻ آهي، ته آڳاٽا آريه لوڪ اصل اتر قطب جي هاڻوڪن برفاني ميدانن ۾ رهندا هئا، جتي ان وقت برف گهٽي ڪانه هئي ۽ ماڻهو بافرحت رهي سگهيا ٿي. جن عالمن اهو رايو ظاهر ڪيو، تن مان مکيه پروفيسر پينڪا هو، جنهن وچ ايشيا وارو نظريو بنهه غلط نهرايو، ۽ ڪيتريون ثابتيون ڏيئي آرين جو ماڳ اتر قطب جاڻايائين ۽ ائين به چيائين ته اهي اصل اسڪئنڊينيويا ۾ رهندا هئا ان وقت ڏاري بوسٽن يونيورسٽيءَ جي پريزيڊنٽ (Dr. warren) ڊاڪٽر وارن هڪ ڪتاب لکيو، جنهن جو نالو رکيائين "بهشت لڏو":

(Paradise Found or the Cradle of the Human Race at the North Pole).

انهيءَ ڪتاب ۾ جاڻايائين ته سڃيءَ انسان ذات جو پهريون ماڳ اتر قطب هو. ڪي به (Professor Rhys) قديم ڪلٽڪ قومن جي ڏند ڪٿائن مان پروفيسر راهز ائين سمجهڻ ۾ آيو ته انهن قومن جا ابا ڏاڏا اصل اتر قطب طرف رهندا هئا. اها جنهنڪري وچ ايشيا وارو نظريو ڳالهه پنهنجن "هبرٽ ليڪچرس" ۾ جاڻايائين، هيڪاري گهٽي قدر ڪاٽا ٿي ويو.....

وچ ايشيا واري نظريي کي پڄاڙيءَ وارو ڏڪ لوڪمانيه بال گنگاڌرم تلڪ هنيو. اسان جي هن ڏيهي عالم ڪيتريون جيالاجيڪل ۽ آرڪيالاجيڪل ثابتيون، ۽ هندن جي ويدن، اتهاسن ۽ پراڻن مان، بلڪ پارسين جي زنداوستا مان ڪيترا حوالا ڏيئي، پنهنجي ڪتاب (Arctic Home in the Vedas)"آرڪٽڪ هوم" ۾ لکيو ته پراڻن پٽاندر آڳاٽا لوڪ ميرو پربت تي رهندا هئا، جو اتر قطب ڏي هو. اسان به اهائي راءِ قبول ڪئي آهي. جنهن لاءِ سبب جاڻائينداسين.

مصر ملڪ ۽ الهندي ايشيا ۾ آرين جون بيٺڪون: تاريخ جون کوجنائون اڃان ۾ ويجهڙائيءَ ۾ الهندي ايشيا ۾، (Crete)هليون پئي ته مصر ملڪ ۽ ڪريٽ کوجنائون ڪري، آرڪيالاجيڪل ڪاتي وارن تاريخ ڪان اڳ جي زماني تي هڪ (Tel-el-)نئين روشني وڌي. مصر طرف نيل نديءَ جي نزديڪ تل ال امرنه مان ڪي ڪاغذ پٽ 1880ع ۾ لڌا. انهيءَ جهوني دفتر مان معلوم ٿيو ته (Amarna

مصر جا فرعون ۽ مٿني (الهندي ايشيا طرف) جا راجائون هڪ ٻئي کي سڏ ڏيندا هئا. مٿنيءَ جي ڪن راجائن جا نالا ئي ساڳيا اهي هئا، جي قديم آرين جا هو، ۽ اهو ساڳيو نالو (Dusratha)هئا: مثلاً مٿنيءَ جي هڪ راجا جو نالو "دشرت" سري رامچندر جي پتا راجا دسرٿ جو هو. انهيءَ راجا دشرت پنهنجي هڪ نياڻي سان پرڻائي، جنهن کي (Amenophis IV)مصر ملڪ جي بادشاهه امينوفس چوٿين نالي پٽ ڄائو، جو پوءِ (Gilukhip)مٿنيءَ جي انهيءَ راجڪماريءَ مان "گلو کپ" وڏي هوندي مصر ملڪ جون جهونيون ريتون رسمون چڏي، سورج ديوتا جو پوجاري ٿيو.

---

* "I will sing of the earth, the Universal Mother, the firmly based, the most venerable, who feeds all creatures that are on the ground." Homer.

Pocoke: India in Greece.

* Sir William Jones: The Gods of Greece. Italy and India. PP. 4,6.

** Ibid

* Professor Kuhn writes: "Both in our ancient and modern popular traditions, there is universally spoken of Wild Hunter, who sometimes appears under the name of Wodan and Goden, and was, in heathenish times, the supreme god of the ancient German nations. This god cincides, both in character and shape with the ancient Rudra of the Vedas." (Vide page 99). Quoted by R.L. MitraL Indo Aryans; Vol. ii, page 30.

** "There is not an English Jury nowadays, which after examining the hoary documents of language, would reject the claim of a common descent and a legitimate relationship between Hindus. Greek and Tuton." Prof. Max Muller: Chips from a German workshop, volo. I, pp./63-64.

* "Thus Adelung regarded Kashmir as the cradle of mankind. He was followed by J.G Rhode who looked upon Bactria as the original home of the human race and later on. Pott. Lassen, and Grimm, all expressed their adherence to the Central Asian theory. It was popularized by Max Muller, Pietect, and Schleicher (1847 to 1862).

The earliest to raise their voice against this Central Asian hypothesis were Latham (1851). Fick (1868), Benfey, Geiger (1871). And Cuno (1871). Cuno attempted moreover to demolish the assumption that Aryan blood was co-extensive with Aryan speech. He was followed by Schmidt whose new explanation as to the origin of the different languages, dealt a mortal blow to the old Migration theory. In 1880, Delbruck denied altogether the existence of a uniform Aryan Speech.

Gul Hayat Institute

Though for sometime, the older hypothesis retained many adherents, yet scholars more and more came to favour the European origin of the Aryans. Prominent among these were F. Muller (1873), Posche (1878), Lindenschmit (1880), Schrader and Penka." Naryan Chandra Bandyopadhaya, Lecturer in the Departments of Histrory and Anthropology, Calcutta University: Development of Hindu polity and Political Theories, P. 19 footnote.

** Dr. Isaac Taylor: Origin of the Aryans, P.12.

* "If an answer must be given as to the place where our Aryan ancestors dwelt before their separation, I should still say, as I said forty years ago, somewhere in Asia, and no more," Prof. Max Muller: Good words, August 1887, reprinted in "Biographies of Words".

** Prof. Max Muller: History of ancient Sanskrit Literature.

*** "The evidence is now all tending to show that the districts in the neighborhood of the Baltic, from there to the northern coast of the Caspian Sea, where those from which the Aryan languages first radiated and where the race of races who first spoke them originally dwelt." Charles E. Beale: History of the World's Progress, page 70.

* Penka considers the starting point of Aryan emigration to have been Scandinavia. "History of the World's Progress, page 70.

** Rhys: Hibbert Lectureres, p. 673.

*** "Even on strict philological grounds the theory of the primitive Aryan home in Central Asia has been now almost abandoned in favour of Nort Germany or Scandianavia." Sjt. B.G. Tilok The Archtic Home in Vedas, preface, p. viii

Gul Hayat Institute

سنڌ جي تاريخ لاءِ ذخيرو

قديم سنڌ جي تاريخ، سنڌ جي سلسليوار تاريخ، سنڌ جي جنم کان وٺي، لکڻ ۾ اول وڏي سهوليت جيولاجيڪل کاتي وارن اسان کي ڪري ڏني آهي. اهو تاريخ آهي يعني ان وقت جا لکيل کي به ڪتاب (Pre-historic period) کان اڳ جو زمانو ڪينهن، تنهنڪري اسانجو سمورو مدار انهن کاتن جي ڪيل کوجنائن تي آهي.

سنڌ جي جيولاجيءَ جون ڳالهيون اول مسٽر بلئنفورڊ (Mr. W.T. Blanford) جاڻايون، جي جيولاجيڪل کاتي وارن جي دفتر مان ڪڍي، ڌار ڪتاب جي صورت ۾ ڇاپايون اٽن. مسٽر واڙيا ۽ ٻين عالمن هندستان جي جيولاجيءَ جو ذڪر ڪندي سنڌ بابت به ٿورو احوال ڏنو آهي، پر پروفيسر پٽاوالا پنهنجي انگريزن جي Marvels of Earth ڪتاب ۾ هڪ ڌار باب سنڌ بابت لکيو آهي. صاحبيءَ جي اوائل واري وقت کان وٺي آرڪيالاجيڪل کاتي وارن جيڪي کوجنائون، مهن جي ڏڙي کوٽائڻ کان اڳ ڪيون هيون، تن جومختصر ذڪر ۾ ڪيو آهي جنهن The Antiquities of Sindh مسٽر هينري ڪزنس پنهنجي ڪتاب جي قيمت پنجيتاليهه رپيا آهي. انهيءَ کانسواءِ مسٽر اي-ايف Mr.A.F.Bellasi بلاسس لکيو هو. ساڳيءَ طرح An Account of the Ancient and Ruined city of Brahmanaabad برهمڻ آباد ۽ منصوره بابت ميجر جنرل هيگ به گريٽ برٽن ۽ آئرلئنڊ جي رايل ايشياٽڪ سوسائٽي جي جرنل (جلد 16، پاڳو 2) ۾ چگو احوال ڏنو هو. ڪراچي، حيدرآباد ۽ شڪارپور ضلعن ۾ جيڪي کوجنائون انگريزن جي صاحبيءَ جي اوائل ۾ ٿيون، سي احوال بمبئيءَ جي گورنمينٽ سينٽرل پريس 1879ع ۾ ڌار ڇپايا هئا. ويجهڙائيءَ ۾ مهن جو ڏڙو سرڪار کوٽايو تہ ان بابت گهڻي ئي ڪتاب Mohen Jo Daro and Indus ڇپيا آهن. جن مان سيني کان عمدو ڪتاب سر جان مارشل ٻن سهڻن جلدن ۾ ڇپايو آهي، جنهن جي قيمت ڏهه Civilization گنيون (ڏيڍ سؤ روپيا، بلڪ وڌيڪ) آهي.

Gul Hayat Institute

آڳاٽن لکيل ڪتابن مان سنڌو ماٿر جو احوال پهريائين هندن جي رگ وید ۽ پوءِ ٻين ويدن، براهمڻ گرنٿن، اتهاسن، پراڻن ۾ ڏرم ۽ جين ڏرم وارن جي ڏرمي پستڪن مان ملي ٿو، جنهنڪري ڇئبو ته ان وقت جي تاريخ روايتن يا ڏند ڪٿائن (Traditions) تي ٻڌل آهي. اهو به تاريخ ڪان اڳ جو زمانو آهي؛ پر ان بابت ايترو ڇئبو ته يوروپي ۽ ڏيهي عالمن تمام گهڻي محنت ڪري، ڪيترا ان وقت جا تاريخي احوال ڏرمي پسڪن مان چگيءَ طرح سوڌي ڪڍيا آهن، جنهنڪري اهي به هاڻ تاريخ جي زماني وارن احوالن جهڙا مستند ليکيا وڃن ٿا، بلڪ وڌيڪ :

عيسوي سن کان 515 ڪن ورهيه اڳي قديم ايرانين، پنجاب ۽ سنڌ تي ڪاهه ڪئي هئي، سي ڳالهيون ايران طرف اڃ تائين ڪن ڪتبن تي اُڪريل آهن، انهن به اڻ پڇيو وڃن لهڻو، جيتوڻيڪ اهي به تاريخ جي زماني کان اڳ جون ڳالهيون آهن. سڃو پڇو تاريخي زمانو هيرو ڊوٽس جي وقت کان ونې ليڪجي ٿو. هو صاحب عيسوي سن کان سادا چار سؤ ورهيه اڳي ٿي گذريو آهي ۽ يوروپي لوڪ کيس "تاريخ جو ابو" (The Father of History) ڪري سڏين ٿا. عيسوي سن کان سوا ٽي سؤ ڪن ورهيه اڳي سڪندر اعظم پنجاب ۽ سنڌ تي ڪاهه ڪئي هئي. ان وقت جي سنڌ جا احوال يوناني تاريخ ۽ جاگرافي نويسن جهڙوڪ ٽالمي، ائرين ۽ ٻين، يوناني ٻوليءَ ۾ لکيا هئا، جن جو انگريزيءَ ۾ ترجمو مسٽر مئڪ ڪرنڊل ۽ ٻين عالمن ڪيو. انهيءَ ڪانپوءِ ڪي يوناني ۽ چيني مسافر هوان شيانگ سنڌ ۾ آيا، جن به سنڌ جو ٿورو ٿورو احوال ڏنو آهي. سن 711 ع ۾ عربن سنڌ فتح ڪئي، ته ان وقت سنڌ جي آڳاٽن هندو حاڪمن جا احوال هٿ ڪيائون ۽ سنڌ فتح ڪرڻ جا بيان لکيائون، جي ڇچ نامي ۽ ٻين ڪتابن ۾ ڏنل آهن. ڪن سنڌي ماڻهن جا ٿورا ٿورا احوال ڪن. عربي ڪتابن مان به ملن ٿا. ڪچ ۾ڇ جا جيڪي جاڙيجا حاڪم آهن، سي جاڙي ولد لاکي جو اولاد آهن، جو ننگر نٿي جي سمن راجپوتن مان هو. گرنارڪوٽ جو حاڪم راءِ ڏياچ سن جي چوڙا سما راجپوتن مان هو. ڪيترو وقت اهي پاسا راجپوتانا سميت سنڌ سان لاڳو هئا. انهن سببن

ڪري سنڌ جو ڪجھ ڪجھ احوال ڪچ ۾ ڪانياواڙ جي تاريخ ۽ ڪرنل ٽاڊ جي "راجستان"، ۽ فاربس صاحب جي "راس مالا" مان ملي ٿو.
ڇچ نامي جي وقت ڪانپوءِ ۾ ڪن مسلمانن سنڌ جون تاريخون لکيون. مثلاً مير معصوم شاھ بکري، جنھن جو مٿارو سکر شھر ۾ ٽکريءَ تي اڄ تائين بينو آھي، تنھن سنڌ جي تاريخ پارسيءَ ۾ لکي، جا "تاريخ معصومي" سڏجي ٿي. ان جو سنڌيءَ ۾ ترجمو سرڳواسي ديوان نندرام ميراڻيءَ سيوھڻ واري ڪيو ھو. اھو ڪتاب اڄ تائين آھي، ارغونن ۽ ترخانن جي زماني جو احوال "بيگلر نامہ" ۾ لکيل آھي. سيد طاھر نسياني بن سيد حسن نٽي واري سن 1030 ھجري (سن 1621) ۾ "تاريخ طاھري" لکي آھي. وري سن 1187 ھجري (1772ع) ۾ سيد علي شير "قانع" نٽي واري "تحفتہ الڪرام" لکيو، جنھن جي ٽئين پاڳي ۾ سنڌ جي ڪيترن عالمن ۽ فاضلن، شاعرن ۽ مصنفن، درويشن ۽ اولياڻن ۽ سندين ڪرامتن جو ذڪر آھي، ۽ سنڌ جي حاڪمن جو احوال آھي. ڪلھوڙن ۽ ميرن جي صاحبين جو احوال نٽي واري محمد عظيم جي ڪتاب "فتح سنڌ" ۽ مير يارمحمد خان جي ڪتاب "فريد نامہ" ۾ آھي. مسلمانن جي صاحبيءَ جي پڇاڙيءَ واري وقت ۾ ڪي يوروپي عالم سنڌ ۾ آيا ھئا، جن سنڌ جا ڪي ڪي احوال اھڙا ڏٺا آھن، جي آڳاٽن عرصن جي تاريخ تي روشني وجھن ٿا. مثلاً سن 1744ع ۾ ڪئپٽن اليگزاندر ھئملٽن "ايسٽ انڊيز جو نئون احوال" (A New Account of the East Indies) لکيو؛ سن 1816ع ۾ سر ھينري پاٽنجر بلوچستان ۽ سنڌ جو سير ڪري پنھنجو سفرنامو (Travels in Baluchistan and Sindh) لکيو. ائين برنس (1831ع)، آئوٽرام (1840ع)، ڪينيڊي (1840ع)، سر رچرڊ برٽن، سرچارلس نيپئر جا لکيل ڪتاب، ميجر جنرل ھيگ جو "انڊس ڊيلٽا ڪنٽري"، ائبٽ صاحب جو سنڌ جو احوال ۽ ٻين جا لکيل جملي منو سؤ ڪن ڪتاب مصنف ڪي سڃھن ٿا. بمبئي سرڪار جي دفتر تي ڪي آڳاٽا احوال ڪلھوڙن ۽ ميرن جي صاحبن جا ھئا، تن مان ڪي متفرق مضمون چونڊي ۽ وڏا جلد ڇپايا اٿن، جن مان ھڪ ۾ گھٽو ذڪر سنڌونديءَ جو ۽ ٻئي ۾ گھٹو ذڪر شڪارپور ۽ چانڊڪا پرڳڻن جو آھي. اھڙو ٽيون جلد بہ آھي جنھن ۾ جيتوٽيڪ ڪچ جو احوال گھٹو آھي، تہ

بہ ان ۾ ميان غلام شاھ ڪلھوڙي، ديوان گدومل ۽ ٻين جو ڪيترو ذڪر آھي. سنڌ جي مھراڻ بابت ميجر رئورٽي ھڪ نھايت ڪارائتو ڪتاب لکيو آھي، جنھن ۾ سنڌ جي تاريخ ۽ جاگرافي بہ مختصر طرح ڏني اٿس. مطلب تہ سنڌ جي تاريخ توڙي جاگرافي جوڙڻ لاءِ ذخيرو گھٽو ئي موجود آھي؛ پر ڪي ھڏ ڏوکي ھجن جي گوڏو ٻڌي، اھو سمورو مال سوڌي، سنڌ جي مڪمل تاريخ تيار ڪن. ھن وقت تائين اھڙين ڪوجنائن جو چاھ اسانجن ماڻھن ۾ گھٽو پيدا نہ ٿيو آھي، جنھنڪري سنڌ جي ھڪڙي بہ مڪمل تاريخ ڪانھي. جيڪي پارسي تاريخون موجود آھن، تن ۾ بہ ڏسو تہ مسلمانن جي صاحبيءَ جو سربستو احوال ڪونھي. رڳو سومرن جي صاحبيءَ جا احوال ڏسو تہ ڪن تاريخ نويسن ڪيئن تہ ڪن ڪيئن لکيا آھن. ڪن تہ ائين بہ لکيو آھي تہ سومرا "سامرھ" کان آيا! اھڙيون غلط ڳالھيون سنڌ ۾ ٻيون بہ ڪي ڦھليل آھن، جن جا ٿورا مثال ڏار ڏجن ٿا.

"ھنڊ ۽ "سنڌ" نالن بابت غلط فھميون: سنہ 1786ع ۾ سر وليم جونس سنسڪرت جو ناتو ايراني ۽ يوروپي ٻولين سان جاڙايو، تنھن کان پوءِ ٻولين ۽ تاريخ جون ڪوجنائون نھايت وگيانڪ ريت ٿيون. ڪائنس اڳي بہ ڪي صاحب يورپ ۾ ٻولين جون ڪوجنائون ڪنڌا ھئا؛ پر اڪثر يوروپي ٻولين جي پيٽ ھيبرو يا يھودين جي ٻوليءَ، عربيءَ ۽ ٻين سيميٽڪ خاندان جي ٻولين سان ڪنڌا ھئا، جن سان يوروپي ٻولين جو ڪوبہ ناتو اڄ تائين ثابت نہ ٿيو آھي. علم لغات جي اُصولن جي بہ ڪابہ سڌ ڪانہ ھين، تنھنڪري ٻولين جي پيٽ مان نتيجا بہ انڌا ۽ اونڌا ڪڍندا ھئا. سندن انڌن اونڌن نتيجن جو ھڪ مزيدار مثال يول ۽ برنيل صاحبن پنھنجي ڪتاب "ھابسن جابسن" ۾ ڏنو آھي. ان جو ھتي ذڪر ڪجي ٿو، جو اسانجو انھيءَ ڳالھہ سان وڏو ئي واسطو آھي.

عيسائن جو بائيبل يا انجيل "پيدائش جي ڪتاب" (Genesis) سان شروع ٿئي ٿو. پيدائش جي ڪتاب جي چوٿين باب ۾ جاڙايل آھي تہ "بيبي حوا کي حضرت آدم مان بہ پٽ قابيل ۽ ھابيل (Cain and Abel) جاوا. وڏي ھوندي قابيل پنھنجي ڀاءُ ھابيل جو خون ڪيو، تہ ڏڻي تعاليٰ مٿس ڪوپ ٿيو ۽ ڪيس ڏيس

وٽو (ديس نيڪالي) ڏنائين. هو پوءِ باغ عدن جي اپرندي طرف "نادا"(Nod) ڏي لڏي وڃي رهيو (آيت 1 کان 16 تائين).

"نادِ" (Nod) لفظ ۾ حرف صحيح فقط به آهن: نہ ءِ

دِ (N.D) "انديا"(India) نالي ۾ به اهي ئي ساڳيا به حرف صحيح آهن. ءِ ٻيا سڀ حرف علت آهن. جن يوروپين ٻولين جي پيٽ پئي ڪئي، تن پانيو تہ ڏاڍي ڪا وڏي ڪوجنا ڪئي اٿئون، سو هڪدم ڪٽي هلايائون تہ باغ عدن ڇڏڻ ڪانپوءِ قابيل "انديا" (هندستان) ۾ وڃي رهيو! پانئجي ٿو تہ انهيءَ هل پوڻ ڪانپوءِ ماڻهن وري انهيءَ ڳالهہ کي پنهنجو رنگ ڏيئي ڪن ڪتابن ۾ لکيو تہ پورب جون ڪي قومون قابيل جو اولاد آهن.

آڳاٽن يوروپي لوڪن کي ٻولين ءِ تاريخ جي ڪوجنائن ڪرڻ جو عقل اجهو اهو هو! وٽو ٻيو مثال "پيدائش جي ڪتاب" (Genesis) جي باب ڏهين آيت پهرينءَ ۾ ڄاڻايل آهي تہ حضرت نوح کي شيم (Shem) هئم (حام)Ham ءِ جئفيٽ(Japheth) نالي پٽ ڄاوا؛ ءِ دنيا ۾ جڏهن مها پرلئي ٿي هئي، تنهن کانپوءِ انهن به پٽ ڄڻيا.

انهن شيم ءِ هئم نالن مان "سيميٽڪ" ءِ "هئميٽڪ" لفظ جڙيل آهن، يهودين جي ٻولي، عربي، ڪلدي وغيره سميٽڪ خاندان جون ٻوليون آهن ءِ توراني توڙي آفريڪا طرف واريون ٻوليون هئميٽڪ خاندان جون ٻوليون سڏجن ٿيون. (ڈسو اينسئڪلو پيڊيا) "شيم" (سيم) ءِ "هئم" نالن سان "سنڌ" ءِ "هند" نالن جو ڪوبہ لاڳاپو آهي ئي ڪونہ، تہ بہ اهو هل پيو تہ اهي حضرت نوح جي پٽن جا نالا آهن! اهي هل عربستان تائين پهچي ويا! مصنف کي ائين سمجهڻ ۾ اچي ٿو، تہ سيد علي شير قانع ٺٽي وارو ڪنهن وقت حج ڪرڻ ويو يا ٻيو ڪو حج ڪري موٽيو، ءِ اهو هل اتان ٻڌي آيو، تنهن کانپوءِ اها ڳالهہ سيد علي شير پنهنجي ڪتاب "تحفتہ الڪرام" ۾ لکي، جو هجري سن 1187 مطابق سن 1772ع ۾ يعني سر وليم جونس جي 1786ع واري نامياري تقديد کان بہ چوڏهن ورهيہ اڳ جو لکيل آهي. اهو ئي وقت هو، جنهن وقت يوروپي لوڪن ٻولين ءِ تاريخ جون ڪوجنائون اونڌيءَ ريت

پئي ڪيون. سن 1925ع ۾ مرحوم شمس العلماءَ مرزا قليچ بيگ "قديم سنڌ" نالي ڪتاب لکيو، جو گھڻو ڪري سمورو "تحفتہ الڪرام" تان ترجمو ٿيل آهي. اهو ڪتاب شروع ئي هنن لفظن سان ڪيو اٿس.

سنڌ ملڪ تي نالو "سند" تان پيو، جئن هندستان يا هندن تي نالو "هند" تان پيو. " سند ۽ هند ٻئي پائر هئا ۽ حام بن نوح جا پٽ هئا ۽ حضرت مشهور وڏو نبي هو. جنهن طوفان کانپوءِ دنيا کي آباد ڪيو. "ڏسو تہ ڪٿي جي ڳالھ ڪٿي اچي پهتي آهي! هي آسر پوتاڻيون ڳالهيون وقت جا يوروپي عالم سچيون ڪري نٿا سمجهن، جيئن هٿي صاحب پنهنجي جوڙيل عربستان جي تاريخ ۾ ڄاڻايو آهي. حقيقت ۾ هن طرح آهي تہ آڳاٽن يوروپي لوڪن کي ان وقت نڪا علم لغات جي اُصولن جي، نڪا دنيا جي تاريخ جي سڌ هئي، تنهنڪري ھڙيون بيهوديون ڳالهيون پئي ڦهلايائون. "فلالاجي" جو ذڪر ڪندي، اينسئڪلو پيڊيا برٽينيڪا ۾ ۽ آڳاٽن يوروپين جي اهڙن غلط نتيجن ڏيڻ جو ذڪر ڪولي ڪولي ڪيو اٿن.[1]

هڪ ڪري انهن اڳوٽن يوروپي لوڪن کي گھڻو ڏوھ نہ ڏبو، جو اڳي وٽن جنسي اوندھ هئي. هن وقت اها اڳئين اونده ڪانهي، تهج ۽ پنهنجي سنڌ ۾ ڏسو تہ سنڌيءَ ۾ جيڪي هندستان جون تاريخون اسڪولن ۾ پيا پاڙهين، تن ۾ ڇا لکيو پيو آهي. اول سندن ڪتاب جو نالو ڏسو. ڪتاب کي سڏيو اٿن. "هندستان جي تواريخ"! نالو ئي غلط. ڪتاب ۾ اندر ڏسو تہ منڊ ۾ لکيل آهي تہ "هندستان لفظ جي معني آهي ڪارن ماڻهن جي رهڻ جو هنڌ (هندو= ڪارو+ آستان= جاءِ")؛ ساڳين تاريخ نويسن هيئن ۽ لکيو آهي تہ "آريہ لوڪ شڪل جا سهڻا ۽ قد جا ڊگها ۽ مضبوط هئا ("مضبوط" بدران "مظبوط" لکيو اٿن!)"جڏهن پاڻ لکيو اٿن تہ آريہ شڪل جا سهڻا هئا تڏهن "هندستان" ڪارن ماڻهن جو ملڪ ٿيو ڪيئن؟ مطلب تہ جن کي نہ ٻوليءَ جي سڌ، نہ تاريخ جي خبر، بلڪ جنهن ملڪ ۾ پاڻ رهن ٿا، تنهن جي نالي جي معنيٰ جي سڌ ڪانہ اٿن، تہ ڇئبو تہ ھڙا ڪتاب رڳو شاگردن تي مڙهڻ واسطي لکن ٿا، ۽ اها نهايت ارمان جي ڳالھ آهي. "سنڌو" ۽

"هندو" لفظ جي معنيٰ هتي کولي ٻڌائجي ٿي تہ پڙهندڙن کي انهن لفظن جي صحيح معنيٰ جي سڌ پوي.

سنڌو نالو ۽ اُن جي معني: سنسڪرت ۾ سنڌ تي سنڌوندي‌ءَ تان نالو پيو آهي. "سنڌو" معنيٰ سمنڊ يا وڏو درياءُ اڳي ڪابل ندي، گومتي (گومال) وغيره هوندیون هيون، تنهنڪري سنڌو (Tributaries) سنڌوندي‌ءَ جون پرتي ڪندڙ شاخون رواجي ندين کان تمام گهٽو وڏي هوندي هئي ۽ سمنڊ سان ڪلهو پئي هٽندي هئي. انهي‌ءَ سبب آڳاٽن آرين اهو نالو رکيس. اڄ بہ سنڌوندي‌ءَ جو پيٽ ديري اسماعيل کان وٺي ڪالاباغ تائين ايڏو وڏو آهي، جو ڪا ٻيڙي وڃ سير ۾ هوندي، تہ نڪي اورين‌ءَ پر نڪي پرين‌ءَ پر کان ڏسڻ ۾ ايندي.

هندستان جي امپريل گزيٽيئر" بينفي صاحب واري سنسڪرت ڊڪشنري، پروفيسر آپٽي واري سنسڪرت ڊڪشنري ۽ ٻين ڪيترن ڪتابن موجب "سنڌو" جو ڏاتو يا بنياد آهي سنسڪرت لفظ "سيند" (Syand) معنيٰ وهڻ. انهي‌ءَ سبب سنڌو" جي بنيادي معنيٰ آهي "اها ندي جا سدائين پيئي وهي"! پروفيسر مئڪس ملر جي خيال موجب "سنڌو" جو ڏاتو آهي "سڌ" معنيٰ رکي وڻڻ يا بچاءُ ڪرڻ. سنڌوندي جن هنڌان وهي ٿي تن هنڌن جي رهاڪن جو ڏارين جي ڪاهن ۽ جهنگلي مرن جي حملن کان بچاءُ ڪري ٿي. ٻئي ڏاتو نهي اچن ٿا، پر پهرين معنيٰ وڌيڪ عام آهي.

هندو" ۽ "هندستان" جي معنيٰ

رگ ويد واري زماني ۾ آڳاٽا آريہ لوڪ سنڌو ندي‌ءَ ۽ اِن جي پرتي ڪندڙ شاخن جا ڪنارا پاڻي‌ءَ جي سهنج ڪري والاري وينا هئا، تنهنڪري آڳاٽن ايرانين سيني هنڌن جي رهاڪن کي ڪڏي "سنڌو" سڏيو، پر اُچار قيرائي ڪيائون "هندو"، جو ايراني لوڪ عام طرح "س" کي قيرائي "هـ" ڪندا آهن: "انهي‌ءَ ريت "هندو" لفظ جي معنيٰ ٿي "سنڌوندي‌ءَ جي ڪناري تي رهندڙ قديم ايراني لوڪ سنڌو ماٿر (پنجاب ۽ سنڌ) کان پري ڪونہ ويا، تنهنڪري جيڪو ملڪ ڏٺائون، تہ آريہ لوڪ والاري وينا هئا، تنهن کي هندوستان —

هندستان (هندو + آستان) سڏيائون. مطلب تہ "هندستان" لفظ جي اصل معنيٰ قديم ايرانين وٽان قديم يونانين کي هندستان هئي "سنڌو نديءَ وارو ملڪ". جي سڌ پيئي. سڪندر اعظم سان جيڪي تاريخ نويس آيا، تن ۾ سنڌو ماڻر ۾ رهندڙن کي سڏيو "سنڌو" (هندو)، پر اُچار ڦيرائي ڪيائون "انڊو-ءِ هندستان کي (Indus)، نديءَ کي سڏيائون "انڊوس" (Indoi)انڊوئي" سڏيائون. ائين هڪڙي ئي سنسڪرت لفظ "سنڌو" جا اچار لئتن (India)"انڊيا" ٿورن لفظن ۾ چئبو تہ "سنڌ" لفظ بوليءَ ۾ ڦري "انڊس" ۽ "انڊيا" ٿيا آهن. جنهن ۾ سڄو پنجاب ۽ اچي ٿي جي اصل معنيٰ هئي "سنڌونديءَ جي ماڻر"، ويو. "سنڌو" (هندو) لفظ جي اصل معنيٰ هئي: "سنڌو نديءَ جي ڪناري تي رهندڙ"، ۽ نہ "ڪارو" يا "چور"، جيئن ڪي غلط طرح سمجهن ٿا؛ ۽ "هندستان" لفظ جي اصل معنيٰ هئي "سنڌونديءَ وارو ملڪ". خود سنسڪرت ساهت ۾ "سنڌو" لفظ جي ڪيترن هنڌ معنيٰ آهي "سنڌونديءَ وارو ملڪ". ۽ "سنڌو" يا "سئنو" جي معنيٰ آهي، "سنڌو ماڻر جا رهاڪو". آڪاڻا آريہ لوڪ پوءِ اتر هندستان کان وڌي ڏکڻ هندستان ڏي ويا، ۽ اتي ۾ وڃي بينڪون وڌائون تہ اهو سڄو ملڪ ڪشمير جي مٿئين پاڳي کان ونڊي ڪيپ ڪامورن تائين "هندستان" سڏجڻ ۾ آيو. پوءِ مسلمانن جي صاحبي ٿي، تہ "هندو" لفظ جي معنيٰ ٿي "برهمڻي ڌرم کي مڃيندڙ". [*****]

آڪاڻن عربن کي "هند" (هندستان) جي سڌ قديم ايرانين وٽان پيئي هئي. سن 711-712ع ۾ عربن سنڌ ۽ ملتان پنهنجي قبضي ڪيا، تہ معلوم ٿين تہ "سنڌ" جو علائقو ڏار آهي ۽ "هند" سڄي هندستان جو نالو آهي. انهيءَ وقت کان ونڊي "سنڌ" ۽ "هند" جي فرق جو پتو پين، پر ڪن پارسي تاريخ نويسن پوءِ ۾ "سنڌ ۽ هند" نالا گڏي پئي ڇاڻايا. عيسوي سترهين ۽ ارڙهين صديءَ ۾ ڪن يوروپي لوڪن ٻولين ۽ تاريخ جون ڪوجنائون، بنهہ اونڌي نموني پئي ڪيون ۽ بيهودا هل پئي اُڻاريائون، تہ ڪن پارسي تاريخ نويسن ۾ اُهي هل سچا سمجهي، پنهنجن ڪتابن ۾ ڇاڻايو تہ سنڌ ۽ هند حضرت نوح جي اولاد جا نالا آهن. پوءِ وڌيڪ ڪوجنائن سان ثابت ٿيو تہ اهي واحياتي ڳالهيون هيون. سپيتا جو سڄ ٻين گهٽن هنڌن کان

اڳ، سنڌو ماٿر ۾ اُپريو هو، سا ڳالهه به هتي منڌ ۾ ئي ڄاڻائجي ٿي، ته سنڌ جي اهميت سمجهڻ سولي ٿئي.

سپيتا جا اوائلي ماڳ: سپڪنهن ملڪ جي تهذيب يا سپيتا جو سلو اول انهيءَ هنڌ اُسري نسري اوج کي رسي ٿو، جنهن هنڌ ندين ۽ نارا آهن. قديم زماني ۾ ماڻهن وٽ نڪي ڪاٽين ڪٽڻ، نڪي ڪوهن کوٽڻ لاءِ ڪي ڪارائتا اوزار هئا، تنهنڪري بينڪون ئي اتي ڪندا هئا، جتي قدرتي طرح پاڻيءَ جو سهنج هوندو هو، جتي درياهه پيو وهندو هو، تتي اَن، پاڃيون، ميوا، ڪپهه ۽ ٻيون پيدائشون ته آسانيءَ سان ٿي سگهنديون، پر هنر ۽ ڪاريگريون به اتي زور ونڌيون، بلڪ علم جي نهر اول اُتي جاري ٿيندي، جنهنڪري اهو هنڌ عالمن ۽ فاضلن جو ماڳ ٿي پوندو. ڳالهيون ڏيان ۾ رکي، پنهنجي پرڳڻي جون حالتون ٻين هنڌن جي حالتن سان پيٽيون، جو انهيءَ ريت ئي قديم سنڌ جو پوريءَ ريت قدر ڪري سگهبو.

عالمن کي کوجنائن ڪرڻ سان معلوم ٿيو آهي، ته ڪئين هزار ورهيه اڳي، اهڙا سٽاوا هنڌ ايشيا ۽ آفريقا ۾ فقط ٻه چار هئا، جتي تهذيب يا سپيتا جا سلا اول اُپريا، جي پوءِ وڌي وڻ ٿيا. هڪڙو مصر ملڪ ۾ نيل نديءَ واري ماٿر ٻيو ميسو پوٽيميا ڏي فرات (يوفريٽس) ۽ دجلہ (ٽائگرس) ندي جي ماٿر، ٽيون چين ولايت ۾ هوئنگ هو ۽ يا نگٽسيڪانگ واري ماٿر ۽ چوٽون پنجاب ۽ سنڌ ۾ سنڌونديءَ واري ماٿر. مطلب ته دنيا ۾ چار بختاور قومون آهن، جن کي اوائل ۾ پاڻيءَ جو سهنج هو، جنهنڪري ٻين قومن کان اڳ ترقي ڪيائون. انهن مان هڪڙي آريه قوم هئي، جنهن جو اولاد اڄ تائين هندستان، ايران، وچ ايشيا ۽ يورپ جو گڇ پاگو والاري وينو آهي. ٻي توراني قوم هئي، جنهن جو اولاد چين، جپان ۽ ٽنبيٽ ۾ آهي. ٽين سيميٽڪ قوم هئي، جنهن جي هٿ ۾ عربستان ۽ ايشيا جو الهندو طرف به هو. چوٽين هيميٽڪ قوم هئي، انهن ڇئن بختاور قومن مان اسان جو وڏو واسطو آريه قوم سان آهي، جنهن رگ ويد واري قديم زماني ۾ سنڌوماٿر وسائي، ۽ انهيءَ قوم جو اولاد هندستان جا يڪترا هندو آهن ۽ آڳاٽن هندن

مان هن وقت ڪيترا مسلمان آهن. هاڻ چڱيءَ طرح سمجهڻ ۾ ايندو، ته قديم دنيا ۾ سپيتا جا جيڪي اوائلي ماڳ هئا، تن مان هڪ سنڌوماٿر هئي، جنهن جهڙي وسيع ۽ پري پاڪي ماٿر سڄي ايشيا کنڊ جي ڏاکڻي پاڳي ۾ ٻي عالمن کي کوجنائن مان اهو به معلوم ٿيو آهي، ته سنڌو ماٿر جي .ڪانهي رهاڪن ٻين جي سپيتا تان نقل ڪونہ ڪيو، پر پاڻ ٻين ڪيترين قومن وٽائن پرايو، جنهنڪري سنڌ جي اوائلي تاريخ ڪيتري قدر دنيا جي تهذيب جي شروعات جي تاريخ ڪري سمجهڻ گهرجي. هن وقت تائين ڪيترن ملڪن، بلڪ سڄيءَ دنيا جون تاريخون چڀجي پڌريون ٿيون آهن، انهن تاريخن جو ٿورو ئي اڀياس ڪندؤ، ته يقين ٿيندو ته سنڌو ماٿر وارن آرين جي سپيتا ڪيترن هنڌن جي رهاڪن تي حيرت جهڙو اثر ڪيو آهي،
جنهنڪري چئبو ته پروفيسر مئڪس ملر سنڌو ماٿر (هندستان) جون حق تي ساڪون پريون آهن. [**]

---

[*] "The old traditions of the Hindus are not simply traditions, but being corroborated by inscriptions and literary evidences, are of great importance even from the historical point of view" Mr. D.S. Trivada. Itihasa-Shiromani, Sadholal Scholar: Journal of Indian History, December, 1937, P.239.

[*] "Some have imagined that the name of the land of Nod ('wandering') to which Cain is said to have migrated, and which has the same consonants is but a form of this (India) which is worth noting, as this idea may have had to do with the curious statement in same medieval writers (e.g.John Marigonolli) that certain eastern races were "the descendants of Cain." Yulc and Burnell's "Hobson. Jobson" i.e. Glossary of Anglo India Colloquil words and Phrases (London 1886) article India.

[*] The term Semite comes from Shem in the Old Testament (Genesis 10: 1) through the Latin of the Vulgate. The traditional explanation that the so-called Semities are descended from the eldest son of Noha, and therefore racially homogeneous, is no longer accepted. Philip K. Hitti: History of the Arabs, P.9.

Gul Hayat Institute

* "It is astonishing what an amount of real learning and ingenuity was wasted on this question during the 17th and 18th Century." Prof. Max Muller; Lectures on the Science of Language P.140.

** The first essays in comparison were made upon the classical tongues (Hebrew etc) and were as erroneous in method and fertile in false conclusions as was to be expected." Encyclo: Brittanica, "Philology".

*** اسانجا کي هندو پائر ائين سمجهن ٿا تہ "تاريخ" لفظ جي معني آهي "تت" (Date) ۽ "تواريخ" معنيٰ "بيان يا احوال" (History)، هيءَ غلط ڳالهہ آهي تہ "تاريخ" لفظ جون اهي ٻئي معنائون آهن ۽ ان جو جمع آهي. "تواريخ". ڪتاب ۾ احوال جڏهن رڳو هندستان جو آهي، تڏهن لکڻ گهرجي "هندستان جي تاريخ". هن حالت ۾ جمع لفظ "تواريخ" ڪم آڻڻ تي غلط آهي. (مصنف)

* Cambridge History of India. Vol 1.p. 80

** These are places where people could swim across the Indus, there are others where no eye could tell whether the boundless expanse of water should be called river or sea. The two run into each other, as every sailor knows, and naturally the meaning of Sindhu, river runs into the meaning of Sindhu, 'Sea'."

*** "Sindhu from the root Syand-to flow." Imperial Gazetter of India, V.I, P.2.

**** "Sindhu probably meant originally the divider, keeper, and defender, from Sidh "to keep of …….. No more telling name could have been given to a broad river, which guarded peaceful settlers both against the inroads of hostile tribes and the attacks of wild animals. "Prof. Max Muller's India what can it teach us? P. 170.

* "The word 'Hindu' is in medieval Persian 'Hindo' representing the ancient Avesta handava (Sanskrit Saindhava), a dweller on the Sindhu or Indus….. 'Hindi' means 'of or belonging to India' while 'Hindu' now means a person of Hindu religion" Encyclo. Brit: foot-note, under "hindostani".

** "They (the early Indians) called the Indus river in Sanskarit by the word which they gave to the ocean itself----- Sindhu (from the root Syand "to flow"), a name afterwards applied to the ocean—god (varuna). The term extended itself to the country around the river, and in its plural form, Sindhavas, to the inhabitants thereof. The ancient Persians softening the initial

Gul Hayat Institute

sibilant to an aspirate, called it Hindu in the Zend language: the Greeks, again softening the initial by omitting the aspirate altogether, derived from it their landikos, and Indos" Imperial Gazetteer of India, Vol. VI, P.2.

*** "The name of Indian in the Avesta is Hindu, which like the Old Persian Hi(n) du, is derived from the river Indus Sanskarti Sindhu," Cambridge History of India. Vol 1, P. 324 "Sanskrit 'Sindhu'—the sea became (eventually) in Persian Hindu, and so passed on to the Greeks and Latins: viz: Indoi for the people, Indos for the river, Indica and India for the country on its banks……. India itself is Latin form." Yule and Burnell's Hobson- Jobson or Glossary of Anglo-Indian colloquial words and pharases, article "India"

**** "Sindhu anciently meant the valley of the Sindhu." Sindh Gaze

* Sir John Marshall: Mohen Jo Daro and Indus Civilization. Vol. 1. P.94

** "If I were to look over the whole world to find out the country most richly endowed with all the wealth, power, and beauty that nature can bestow—in some parts a very paradise or earth—I should point to India. If I were asked under what sky the human mind has most fully developed some of its choicest gifts, has most deeply pondered on the greatest problems of life, and has found solutions of some of them which well deserve the attention even of those who has studied plato and Kant—I should point to India. And if I were to ask myself from what literature we, here in Europe, we who have been nurtured almost exclusively on the thoughts of Greeks and Romans, and of one Semitic race, the Jewish, may draw that corrective which is most wanted in order to make our inner life more perfect, more comprehensive, more universal, in fact more truly human, a life, not for this life only, but a transfigured and eternal life—again I should point India."

Prof. Max Muller: India: What Can It Teach Us? P.6

Gul Hayat Institute

باب پهريون

تاريخ کان اڳ جو زمانو

سنڌ جو جنم: قديم سنڌ جي تاريخ منڌ کان وٺي پوري ريت سمجهڻ لاءِ هاڻوڪي سنڌ ۽ هاڻوڪو زمانو وساري، اُهو آڪاڻو وقت اکين اڳيان آڻيون، جنهن وقت سنڌ جي الهندي ڏي جبل چوٽيون ڪيئو بينا هئا ۽ ٻيا پاسا، گهٽو ڪري سمورا، سمنڊ جي پاڻيءَ هيٺ هئا.

سنڌ کي پاڻيءَ مان پرگهٽ ٿئي ڪئين جڳ ٿي ويا آهن. انهيءَ قديم زماني جا کي ڪتاب موجود ڪينهن، تہ بہ جيڪي صاحب "پونءَ وگيان" (ڌرتيءَ جي علم Geology) ۾ پڙ آهن، سي اهي جڳن جون ڳالهيون بہ پرجهي پروڙي سگهن ٿا. انهن عالمن ڌرتيءَ جي بنهہ تر واريءَ زمين کان وٺي ڌرتيءَ جو هڪ هڪ طبق يا تهہ (Stratum) جاچي معلوم ڪيو آهي تہ هرهڪ تهہ ٽهڻ ۾ ڪيترو عرصو لڳو هوندو. انهيءَ هرهڪ زماني تي علحدا علحدا نالا (Cambrian, Cretaceous etc.) رکيا اٿن.

پونءِ وگياني (Geologists) چون ٿا، تہ "جيالاجيءَ" جي ٽئين زماني (Tertiary Age) ۾ سنڌ سميت سڄي اتر هندستان جو ڪچ پاڳو "ٽيٿيا" نالي سمنڊ (Tethya Sea) هيٺ هو، جنهنجي چولين هماليہ جبل کان وٺي ونڊيا جبل تائين چلڪا پئي ڏنا. ڪنهن وقت هماليہ جبل طرف اهڙا خوفناڪ زلزلہ ٿيا، جو ڌرتي مٿي چڙهي آئي ۽ سمنڊ هٽي، ڏيهان ڏور ٿي ويو! ائين زمين ظاهر ٿي، تہ قدرت وري ٻيا ڪم ڪيا. وقت بوقت جيڪي ڇوها ۽ طوفان پئي لڳا، تن سبب واري ويئي پکڙندي، برساتي سبب زمين ويئي وهندي ۽ گرميءَ سبب ٽاڪ ٽيندي. هڪڙي پلر (برسات جي پاڻيءَ) جي پالوٽ ٿي، ٻيو ندين جو رَڙُ ڌرتيءَ مٿان وقت بوقت چڙهيو، تہ زمين وئي مٿي ٽيندي. انهيءَ ريت سڄي اُتر هندستان جي رونق ئي بي ٿي پيئي. اڄ هندستان ۾ جدا جدا هنڌن تي طرح طرح جا نرمل نظارا نظر اچن ٿا. هماليہ جبل جي برف سان ڇانيل چوٽين جو نظارو پنهنجو، تہ ڪشمير

طرف جي گلڪاري گلزار جو نمونو پنهنجو. اهڙيءَ ريت اتر هندستان کان وٺي ڏکڻ هندستان تائين ساوڪ سبزي چگو چهچٽو لائي بيٺي آهي. هندستان جي زرخيز زمين مان پيدائشون بہ ايتريون ٽيون ٽين جو ٻيو ڪوبہ ملڪ ساڻس مشڪل مٽ پئجي سگهندو. ڪن تاريخ نويسن تہ هندستان کي بهشت جي برابر ڪري ليکيو آهي.

هندستان کي ههڙو رونقدار ۽ پريو پاڪيو سندس ندين ڪيو آهي، جن مان سنڌو نهايت قديم آهي. عالمن ڄاڻايو آهي تہ سنڌ جو پرڳڻو سمنڊ مان پيدا ٿيو، تنهن کان ئي اڳي سنڌوندي هئي! مطلب تہ جيئن ٻار ڄمڻ کان اڳي ئي ڏٽي سندس لاءِ قوت تيار رکي ٿو، جو ماءُ جي ٽڻن ۾ ٿڄ اچي ٿي، تيئن سنڌ جي صوبي کي تاتي نپائي وڏي ڪرڻ لاءِ سير سنڌو اڳي ئي هتي حاضر هئي. اڄ بہ اسانجيءَ جيوت جو گهڻو مدار انهيءَ سونهاري سنڌوءَ تي آهي، جنهن بنا اسانجو پرڳڻو جيڪر جنسي برپٽ ٿي پوي.

سائينم سدائين ڪرين، مٿي سنڌ سڪار
دوست تون دلدار، عالم سڀ آباد ڪرين!

(شاهہ)

قديم سنڌ جا اصل رهاڪو: سنڌ مان سمنڊ هٽي پري ٿيو تہ اول ڪهڙين قومن اُهي واريا‌سا پٽ اچي وسايا، سا سڌ پئجي نٽي سگهي. جنهن زماني (Tertiary Age) ۾ سنڌ جي زمين ظاهر ٿي هئي، تنهن زماني جي ماڻهن جا پنڊ (جسم) هن وقت تائين ڦري، پهڻ ٿي ويا آهن. ان وقت جي وٽن ٽڻن جو بنهہ اهو حال ٿيو آهي. اهي ٽئين جڳ وارا پنڊ پهڻ (Tertiary fossils) سنڌ ۾ زمين جي اندرين تهن مان ڪئين لڌا آهن. قديم سنڌ جا اصل رهاڪو اهي ڄڻيا. پر هن حالت ۾ ڪين کي سڃاڻي بہ ڪونہ سگهندو. عالمن کي ڪوجنائن ڪرڻ سان ايترو معلوم ٿيو آهي، تہ موجوده قومن مان قديم ۾ قديم لوڪ، جن اتر هندستان وسايو، سي هاڻوڪن سنڌالن، ڀيلن ۽ منڊلوڪن جا ابا ڏاڏا هئا. اهي سنڌ ۾ بہ هئا يا نہ، تنهن بابت اسان کي پهريائين پڪ ڪانہ هئي؛ پر پوءِ ڪن جون کوپڙيون سيوهڻ جي پريان لڌيون هيون. 1922-1923ع ۾ ڪن ڪولن ۽ سنڌالن جون کوپڙيون مهن جي

ڏڙي مان ٻه لڏيون، جا ڳالهه آرڪيالاجيڪل ڪاتي جي ڊئريڪٽر جنرل سر جان مارشل ڄاڻائي آهي. ائين هاڻ خاطري ٿي آهي ته اهي قديم لوڪ سنڌ ۾ ٻه هئا، تنهنڪري قديم سنڌ جا اصل رهاڪو هاڻ اُهي ليکڻ گهرجن.

ڪول ۽ سنڌال ڪٽان آيا: جيالاجيڪل ڪاتي وارن کي ڪوجنائن ڪرڻ مان معلوم ٿيو آهي ته قديم زماني ۾ جڏهن اتر هندستان گهٽو ڪري سمورو سمنڊ جي پاڻيءَ هيٺ هو، تڏهن ڏکڻ هندستان وارو پاسو آفريڪا، سلون (لنڪا) ۽ آسٽريليا سان خشڪيءَ رستي ڳنڍيل هو، ۽ اُهو گهٽو ڳنڍيل هو، ۽ اُهو گهٽو اڳي پيدا ٿيو هو. هن وقت دور پورب ڏي اندمان ٻيٽ ۽ ٻيا ننڍا ننڍا ٻيٽ آهن؛ پر انهيءَ پاسي هڪ وڏو يڪو ڪنڊ هو، جو هينئر پئسفڪ وڏي سمنڊ جي پيٽ ۾ سمايل آهي. انهيءَ غرق ٿيل ڪنڊ کي "ليموريا" (Lemuria) نالو ڏنو اٿن، ڇاڪاڻ ته ليمور(Lemur) نالي هڪ جانور جا هڏا انهيءَ سڄي ايراضيءَ مان (آفريڪا کان وٺي آسٽريليا تائين) ڄجهي تعداد ۾ لڌا آهن. انهيءَ ڪنڊ جي ڪوجنا ويڇڙائي ۾ ٻه پئي ڪيائون پر هن وقت جرمنيءَ ۽ جاپان جي جنگين سبب بند ڪئي اٿن. انهيءَ ڪوجنا جا جيستائين نتيجا ڇپجي پڌرا نه ٿيا آهن، تيستائين اُن بابت ڪجهه ٻه وڌيڪ چئي نٿو سگهجي.

ٻولين جي ڪوجنائن مان عالمن کي ائين وسهڻ لاءِ سبب ٿيو آهي، ته اهي قديم لوڪ اصل خشڪيءَ جي رستي آسٽريليا کان چين ولايت واري واٽ وٺي آسام ۽ بينگال ڏي آيا، ۽ پوءِ اتر هندستان ڏي ويا. هن وقت سندن اولاد وچ هندستان ڏي سنڌال پرڳڻن ڇوٽا ناگپور طرف رهي ٿو. هاڻوڪا اسڪول ۽ سنڌال جيڪي ٻوليون ڳالهائين ٿا، تن جي نحوي بناوت اُنهن ٻولين جهڙي آهي، جي اندو چئنا ۽ ملايا اُپٻيٽ کان وٺي آسٽريليا ۽ پالينيشا تائين ڳالهائڻ ۾ اچن ٿيون. انهن سيني هنڌن جي ٻولين جو پاڻ ۾ جگري ناتو آهي، تنهنڪري ڪولن، سنڌالن جي هڪ شاخ (Austric family) وغيره جون ٻوليون آسٽريليا جي ٻولين جي خاندان ليکجن ٿيون. اهي حقيقتون سر گريئرس پنهنجي ناهيل ڪتاب "لنگئسٽڪ

جي جلد پهرئين، ياڳي پهرئين ۾ (Linguistic Survery of India) "سروي آف انديا جاڻايون آهن.

قديم سپيتا جي شروعات: سنڌ جي پيدا ٿيڻ کانپوءِ به ڪچ جو رڻ ۽ ٿر ڏي ڪي صديون ساندهه سمند هو. ڪراچي ضلعي ۽ حيدرآباد ضلعي واري لاڙ جا به ڪيترا ٽڪر ڪي سمند جي پاڻيءَ، ته ڪي سنڌونديءَ جي پاڻيءَ هيٺ هئا، جن مان شاهه بندر، سجاول ۽ جهرڪن وارو ٿورو پاسو بنهه ويجهڙائيءَ ۾ پاڻيءَ مان نڪري پڌرو ٿيو آهي. تاريخ کان اڳ جي زماني جون جيڪي کوجنائون ٿيون آهن، تن مان ائين سمجهڻ ۾ پيو اچي ته شاهه بندر، نٽي ۽ جهرڪن واريون ٽڪريون، ڪوٽڙيءَ طرف وارو سورجاڻو جبل، حيدرآباد وارو گنجو ٽڪر ۽ رني ڪوٽ واريون ٽڪريون، يا ته اُن وقت هيون ئي ڪين، يا جي هيون ته آسپاس پاڻيءَ هڻڻ سبب، ٻيٽن وانگر ٻينيون هيون، جنهنڪري سنڌ جي رڳو الهندي طرف وارو جابلو ياڳو اول وسيو هو. اهو "قديم حجري زمانو" يعني "جهوني پٿر وارو زمانو" (Paleolithic or Old Stone Age) هو، جنهن ۾ زمين ڪيتري قدر برف سان ڇانيل هئي ۽ رڳو ڪي ڪي هنڌ ڇڏل هئا، جتي ماڻهو رهي سگهندا هئا. ان وقت ماڻهن کي اڃان گهرن جوڙڻ جو هنر ڪونه هو، تنهنڪري گرميءَ سرديءَ توڙي برسات کان پاڻ بچائڻ لاءِ الهندي طرف وارن جبلن ۽ ٽڪرن جي غارن ۾ رهندا هئا. اڄ به اکين سان ڏسجي ٿو، ته ڪوهستان ۾ جن واندين کي گهر نڪو گهاڻ آهي، سي غارن ۽ آڏڻ ۾ رهن ٿا. ان وقت ماڻهن کي کيتيءَ ڪرڻ جو هنر به ڪونه هو، جنهنڪري "ڏڻ" (جهنگلي اَن ۽ جهنگلي ميون وغيره) تي گذارينداهئا. چاپرو ٻير، ليار، ڳانگيون، گولاڙا، منگها ۽ ٻيون اهڙيون جهنگلي پيدائشون اڄ به ڪوهستان توڙي ٿر جي ماڻهن لاءِ وڏي وٽ آهن. انهن هنڌن جي ماڻهن اڄ تائين گهٽي ترقي ڪانه ڪئي آهي. جنهنڪري اهي آڳاٽي ۾ آڳاٽا دستور اڄ تائين هلائيندا پيا اچن.

ماڻهن جا ڏند ۽ ٻيون ڳالهيون جاچي، ڪيترن عالمن هيءَ راءِ ظاهر ڪئي آهي ته انسان پنهنجي ذاتي سياءَ ڪري سانتيڪو پرساد ڪائيندڙ يا ياڄي خور(Vegetarian) آهي، پر اڳيون حالتون به ڏيان ۾ رکڻ گهرجن. ڪنهن وقت

گهٽي برف پوڻ ڪري، يا برسات اصل نہ پوڻ ڪري، وڻ ٽڻ سڙي ويندا، تہ ڪابہ پيدائش ٿي ڪانہ سگهندي. اڄ بہ ٿر ۾ ڏسو تہ جيڪڏهن بہ ٿي مندون ساندهہ مينهن جو ڦڙو بہ ڪونہ وسندو آهي، تہ وڻ ٽڻ سڀ سڙي سڪي ويندا آهن، چوپايو مال مڪين وانگر مري ويندو آهي. بک وچان ماڻهن جا پيٽ پنيءَ سان وجي لڪندا آهن ۽ ٿر مان جنسي رت جي بانس پيئي ايندي آهي! اهڙين حالتن ڪري ماڻهن مڇيءَ ماس کائڻ جي عادت پرائي.پکين جو شڪار ڪرڻو هوندو هون، تہ پڻ مان وجهي ان کي ڏڪي ڇڏيندا هئا. مطلب تہ اڻ گهڙيل پٿر ڪم آڻڻ جو واهپو گهڻو هو، تنهنڪري اهو قديم هجري زمانو سڏجي ٿو، جو عيسوي سن کان ڪئين هزار ورهيہ اڳي شروع ٿيو هو.

قديم سيويتا جو مرڪز: سنڌ ۾ هن وقت تائين آرڪيالاجيڪل ڪاتي وارن گهڻيون ڪوجنائون ڪونہ ڪيون آهن، تہ بہ جيڪي ٿوريون گهڻيون ڪيون اٿن، تن مان ائين وسهڻ لاءِ سبب ٿئي ٿو تہ انهيءَ قديم سيويتا جو مرڪز سيوهڻ وارو پاسو هو. ميجر جنرل ڪننگهام ڄاڻايو آهي تہ "سيوهڻ نهايت سڻائي هنڌ، هڪ ڏار اُتاهين ٽڪري تي آهي؛ ۽ منڇر ڍنڍ بغل ۾ بيني اٿس، جنهنجو پاڻي اڳي سيوهڻ جي پتين تائين اڇي پهچندو هو، جنهنڪري پاڻيءَ ۽ ڪاڏي پيتي جي سهنج، سنڌ جي پهرين رهاڪن جو ڏيان ضرور اول انهيءَ طرف ڏي ڇڪيو هوندو.مصنف جو بہ اهو ئي رايو آهي، تہ سڄيءَ سنڌ مان ايول سيوهڻ وارو پاسو وسيو هو. ان لاءِ سبب آهن:

---

* "Sindh is mainly a sea-born land. " Prof. M.B. Pithawalla; marvels of the Earth P.51. Wadia: Geology of India P.5 et sep.

* " It (India) has always appeared to the imagination of the Western World adormed with whatever is most splendid and gorgeous: glittering, so it were, with gold and gems and redolent of fragrant and delicious odours. Though there be in these magnificent conceptions something romantic and illusory, still India forms unquestionably one of the most remarkable regions that exist on the surface of the globe. The varied grandeur of its scenery and the rich productions of its soil are scarcely equaled in any other country."

Murray's History of India, P.1.

Gul Hayat Institute

** The historian Abdullah Wassaf writing in the 14th century A.D. says of India in his history, Taziyat-ul-Amsar'. "India according to the concurrent opinion of all writers, is the most agreeable abode on the earth and the most pleasant quarter of the world. Its dust is purer than air and its air purer than purity itself. Its delightful plains resemble the garden of paradise. If it is asserted that paradise is in India, be not surprised, "because Paradise itself is not comparable to it". Elliot's history of India, Vol. III. PP. 28——29.

*** "It (the Indus) is an example of an antecedent drainage, having existed even before the great Himalyan up-heavals." Prof. Pithawala: Marvels of the Earth PP 56-57.

* W. T. Blanford: Geology of Western and (Memoirs of Geological survery. Vol XVII. Part 1)

* Major H.G. Raverty: The Mihran of Sindh and is Tributaries PP. 317 & 468——69

* Rev. E.O. James: Introduction to Anthropology, PP.65--66.

* Major General Cunnigham: Geography of Ancient India. PP. 264--266.

مهن جي ڏڙي جي کوٽائي ٽيڻ کان گهٽو اڳي، انهيءَ قديم زماني جي ماڻهن جون کوپڙيون، سيوهڙ جي پريان، شاهه بلاول واريءَ واٽ تان لڌيون هيون. هيءَ حقيقت جيالاجيڪل کاتي وارن جي دفتر ۾ چاڙايل آهي. خود "سيوهڙ" نالو نهايت ئي آڳاڻو آهي ۽ انهيءَ جهڙو جهونو نالو ٻئي ڪنهن ٻه شهر جو ڪونهي. اهو نالو يجروويد واري زماني ۾ مليس، تنهنڪري انهيءَ ڳالهه جو وڏيڪ ذڪر پوءِ ڪبو. هن وقت اسين انهيءَ کان گهٽو آڳاڻي وقت جي ڳالهه ڪري رهيا آهيون، تنهنڪري انهيءَ نهايت قديم وقت جا جيڪي احوال ملي سگهيا آهن، سي هتي چاڙائجن ٿا.**

لکيءَ جي جبلن مان ڪوسي پاڻيءَ جي ڪشتين جي پريان، کي غار لڌا اٿن، جي ٽڪرن مان ٺاڪيل آهن. انهن بابت رايو ظاهر ڪيو اٿن ته اڳي انهن ۾ ماڻهو رهندا هئا. هن وقت انهن غارن مان کي وهٽن لاءِ وٽاڻ ٿي ڪم اچن ٿا. هاڻوڪي سيوهڙ اسٽيشن جي پريان ٽڪريءَ تي، انهيءَ قديم زماني جو هڪ غار آهي. جو "ايڪ ٽنيو" يا "هڪ ٽنيو" سڏجي ٿو. اُن جو ذڪر ڊاڪٽر ولسن ڪيو آهي. اهو ٻه نهايت قديم زماني جو غار آهي، جنهن ۾ ماڻهو پناهه ونندا هئا.

لکيءَ جي جبلن مان کوسي پاڻيءَ جي کشتين جي نزديک، کيتريون قبرون لڌيون اٿن، جن بابت انهيءَ طرف جا مسلمان رهاکو چون ٿا تہ اهي آڳاٽن "کافرن جون قبرون" آهن. اهي قديم ماڻهن جون قبرون پندرهن ويهہ فوٽ ڊگهيون، اَٺ نو فوٽ ويڪريون ۽ اٽکل ٻہ فوٽ اوچيون آهن. اهڙيون قديم زماني جون اٺ گهڙيل پٿر جون قبرون منگهي پير جي پريان شاهہ بلاول واريءَ وات تان، توڙي ڪراچيءَ کان جيڪو رستو ڪوٽڙيءَ ۽ سيوهڻ ڏي وڃي ٿو، تنهن شاهي سڙڪ تي آهن. انهن هنڌن جا مسلمان رهاکو انهن کي ٻہ "کافرن جون قبرون" ڪوٺين ٿا. هندن ۾ ٻہ اڳي مُردن پورڻ جو رواج هو. مُردن ساڙڻ جو رواج گهڻو پوءِ پيو. جو باهہ ٻارڻ جو هنر ماڻهو پوءِ سکيا. هنن حقيقتن مان ائين سمجهڻ ۾ اچي ٿو، تہ هاڻوڪي حب ندي انهيءَ آڳاٽي وقت ۾ ٻہ هئي، ۽ چوماسي ۾ برسات جو پاڻي جبلن تان لهي منجهس اچي پوندو هو، جنهنڪري هن پاسي ٻہ پاڻيءَ جي سهنج ڪري ماڻهو رهي سگهيا ٿي؛ پر اها وري ٻہ بلوچستان جي حد ليکبي، تنهنڪري سنڌ جو وسيل پاسو رڳو سيوهڻ وارو طرف ڇڏبو.

سر بارٽل فريئر، جنهن جي نالي پٽيان ڪراچيءَ جو "فريئر هال" سڏجي ٿو، تنهن سن 1851ع ۾ تاريخ کان اڳ واري زماني جي قبرن جو بيان رايل ايشياٽڪ سوسائٽيءَ جي جرنل ۾ لکيو هو. مسٽر هينري ڪزنس، جو اڳي آرڪيالاجيڪل کاتي جو سپرنٽنڈنٽ هو ۽ سن 1910ع ۾ سنڌ ۾ اچي، ميرپورخاص طرف "ڪاهوءَ جو دڙو" کوٽايو هئائين، تنهن پنهنجي ڪتاب "انٽيڪئٽيز آف سنڌ" ۾ انهن قديم غارن ۽ قبرن جو احوال، سر بارٽل فريئر ۽ ٻين عالمن جي رپورٽن مان ڏنو آهي، جنهن جو مختصر مطلب اهو آهي، جو مٿي ڏنو ويو آهي.

هن حقيقتن مان چگيءَ پر سمجهڻ ۾ ايندو، تہ قديم ۾ قديم سنڌين جا ماڳ جيڪڏهن ڪنهن کي ڳولٽا هجن، تہ سنڌ جي الهندي طرف وارن جبلن جي قطار، ۽ سيوهڻ ۽ لاڙڪاڻي طرف جا اهي هنڌ جي سنڌونديءَ ۾ الهندي ناري کي ويجها آهن، سي خاص ڪري سيوهڻ۽ لکيءَ وارو پاسو ڳولي، جو سنڌ جي

قديم سيبتا جو پتو اُتان ئي پوٽو آهي. آڳاڻن ماڻهن کي هن پاسي پاڻي آسانيءَ سان ملي سگهيو ٿي ۽ غارن ۾ رهڻ جو سهنج ٻه هون، تنهنڪري اهو سيوهڻ ۽ لاڙڪاڻي وارو پاسو سپاويڪ طرح سنڌ جي سيبتا جو پهريون گهر ٿيو.

ڪولن جو وڏيڪ ذڪر: ڪولن ۽ سنٽالن جي ٻوليءَ ۾ "ڪول" لفظ جي معنيٰ آهي "جٿو" يا "ماڻهو" جيئن ويجهڙائيءَ ۾ مهاتما گانڌيءَ اڇوتن کي نالو ڏنو "هريجن" يعني هريءَ يا ڀڳوان جو جيو (People of God) تيئن ڪول لوڪ ٻه سڏبا هئا. سندن اولاد ڪئين صديون ساندهه سڃي اتر هندستان ۾ هو؛ تنهنڪري هو آرين سان لهه وچڑ ۾ آيا هئا، ۽ انهيءَ سبب سنسڪرت ۾ ٻه "ڪول" لفظ چالو ٿيو، پر معنيٰ ٿيس "جهنگلي يا اڻ سڌريل." هن مان ظاهر آهي ته آڳاڻن آرين ڪولن کي اڻ سڌريل حالت ۾، يا پاڻ کان گهٽو گهٽ ڏٺو هو، تنهنڪري "ڪول" لفظ جي اها معنيٰ ٿي.

ڪولن ۽ سنٽالن ۾ کي "منڊ" لوڪ ٻه هئا، جن جو ذڪر مهاڀارت (پرو6-2410 ۽ وائيو پراڻ (14-123) ۾ آهي. انهيءَ سبب ڪولن، سنٽالن، منڊ لوڪن وغيره جون ٻوليون سندن نالن پٺيان "ڪوليرين" يا "منڊا" ٻوليون (Kolarian or Munda Languages) سڏجن ٿيون. سنسڪرت ۾ "منڊ" لفظ جي هڪڙي معنيٰ آهي "گهٽ ذات وارو يا نيچ" ۽ ٻي معنيٰ اٿس "مڊو، جڏو يا ڪند فهم"؛ هن مان ٻه ظاهر آهي، ته آڳاڻن آرين هنن قديم ڪولن کي پاڻ کان گهٽو گهٽ ٿي ڄاتو ۽ پنهنجي اصل نسل تي فخر هُئو، جنهنڪري "ڪول" ۽ "منڊ" لفظن کي اهي اُگريون معنائون ڏنائون. اهي لوڪ آرين جي نسل مان نه هئا، تنهنڪري "اڻ آريه" سڏجڻ ۾ آيا. رفتي رفتي "اڻ آريه" لفظ جو اُچار بگڙجي ٿيو "اناڙي" ۽ هيئنر معنيٰ اٿس "جهنگلي يا اڻ سڌريل". انهن قديم لوڪن کي "مليچ" ٻه سڏيندا هئا، جنهن جي اصل معنيٰ هئي "جنهن کي ٻولي (سنسڪرت) پوري ريت ڳالهائڻ نه اچي." انهن ماڻهن جي رهڻي ڪهڻي ٻه آرين جهڙي نه هئي، تنهنڪري "مليچ" جي پوءِ معنيٰ ٿي "پليد"، وغيره هنن حقيقتن مان ٻه ڳالهيون ثابت ٿين ٿيون: (1) آرين کي پنهنجي ٻولي تي گهٽو فخر هو؛ (2) ڪولن، سنٽالن ۽ منڊ لوڪن، آرين جي

وقت تائين بہ ڪا گهڻي ترقي ڪانہ ڪئي هئي. انهيءَ سبب سندن سيبتا جا اهجاڻ بہ هن وقت اهڙائي ملن ٿا، جن جا ٿورا مثال هي آهن:

(1) آڳاٽن ڪولن وغيره ۾ ڪي اهي بہ هئا، جي "پيل" سڏجن ٿا. اهي اڄ تائين سنڌ ۾، خاص ڪري ٿر ۾، گهٽا آهن. هاڻوڪا پيل ڪٽي راجپوتانا مان يا ٻين هنڌان ويجهڙائي ۾ آيا هجن؛ پر اصل انهن آڳاٽن لوڪن مان آهن. پيلن مان ڪيترا اڄ تائين شڪار ڪري قوت گذران ڪندا آهن، تنهنڪري "پاراڏي" (شڪاري) سڏجن ٿا. ڏاڪي ٻوليءَ يعني ڊٽ يا ٿر جي ٻوليءَ ۾ پيلن کي "ٿوري" بہ چوندا آهن.

تون لنگهائين لطيف چئي، ٿرن جا ٿوري
آهيان اجوري، تنهنجي جوريءَ، جبل جهاڳيان.

(شاهہ)

هتي سسئي پنهنجي مسڪينيءَ ۽ نڙٽت ظاهر ڪرڻ لاءِ پاڻ کي ٿر جي ٿورين سان ڀيٽي، جاڻائي ٿي تہ مان نيچن ۾ نيچ آهيان. ٿر جا سوڍا راجپوت، ڪرار (واپاري) ۽ ٻيا هندو پيلن کي اڇوتن جي دفعي ۾ ليکين ٿا.

ڪولن جي ٻوليءَ جو هن وقت سنڌ ۾ نالو بہ ڪونهي، پر نيشان آهن. (2) مثلاً اسانجا ڪيترا هاري ناري ۽ ٻيا اڻ پڙهيل اڪثر ويهہ ويهہ ڪري ڳڻيندا آهن. اهي "پنجاهہ" بدران چون "اڍائي ڪوڙيون" ۽ "سئ" بدران چون "ٽي ڪوڙيون يا ٽي ويهون". انهيءَ سبب چوٽي آهي تہ "جهڙي يعني ڏهاڪن جي تي ٻڌل هو، جنهنڪري انگن، تي نالا ئي اهڙيءَ طرح (Decimal system) ترتيب رکيائون ۽ اسين اهي ساڳيا انگ، ٿوري ڦريل اُڃار سان اڄ تائين ڪم پيا آڻيون. مثلاً ٻارهن (اصل-ٻاڏهن) معني ٻہ ۽ ڏهہ (12)، تيرهن (تيڏهن) معنيٰ ٽي ۽ ڏهہ، ۽ چوڏهن معنيٰ چار ۽ ڏهہ. اهو ڏهہ ڏهہ ڪري ڳڻڻ جو دستور اول آڳاٽن آرين وڌو، آگرين تي ڳڻڻ جو رواج بلڪل سياويڪ .جو يورپ ۽ ايران وارن بہ اختيار ڪيو ۽ نهايت سولو سهنجو آهي، تنهنڪري اڄ بہ اسين آگرين تي ڳڻيون ٿا. پائنجي

Gul Hayat Institute

ٿو ته آڪاڻن آرين کي ڏهه ڏهه ڪري ڳڻڻ جو خيال هٿن جي ڏهن آڱرين مان آيو. ڪولن ۽ سنڌالن شايد پيرن جون آڱريون به ٽي ڳڻيون، جنهنڪري ويهه ويهه چالو ڪيائون ۽ اها هن وقت اسان کي (Vigesimal System) ڪري ڳڻڻ جي ترتيب کل جهڙي پيئي لڳي، جنهنڪري اهو اڻ سڌريل ماڻهن جو رواج ڪري ليکيون ٿا. سر گريئرسن ڄاڻايو آهي ته اهو ويهه ويهه ڪري ڳڻڻ جو دستور ڪولن ۽ سنڌالن جو آهي، جو اتر هندستان جا اڻ پڙهيل ماڻهو اڄ تائين هلائيندا پيا اچن، منڌا ٻولين جو لفظ آهي (Score) "۽ خود "ڪوڙي.

(3) سنڌيءَ ۾ آوازن مان ڪهيل لفظ گهڻا آهن – مثلاً ڪتي جو آواز "ٻنءُ ٻنءُ" ٻليءَ جو آواز "ميائو ميائو" انهن ڪانسواءِ گهٽگهڙ، جهٽجهڙ، ڪاڪا، ڪڪ ڪڪ، ڪڪا ڪوڪي ۽ ٻيا ڪيترا آوازن مان ڪهيل لفظ آهن. وچ هندستان جا هاڻوڪا ڪول ۽ سنڌال به ائين آوازن مان ڪهيل لفظ گهڻا ڪم آڻين ٿا. سندن ابن ڏاڏن جي ٻوليءَ جو اهو اثر آرين جي سنسڪرت تي ٿيو هجي ته عجب ڪونهي.

سندين ٻولين جو ٻيو ڪهڙو ڪهڙو اثر ٿيو آهي، سا کوجنا کي عالم ڪن پيا، پر ايترو اڳي ئي ڄاڻايو اٿن، ته ڪول ۽ سنڌال گهڻو سڌريل ڪونہ هئا.

(4) سنڌ ۾ هاري ناري ۽ ٻيا ڪيترا اڪثر رڳو پوتڙو هينان ڪري پنهنجي ڪرت ڪار ڪن ٿا. اهو اصل سنڌالن ۽ ڪولن جو جاري ڪيل رواج چوڻ ۾ اچي ٿو، جو وچ هندستان طرف سندن اولاد اڄ تائين هلائيندو پيو اچي. پائنجي ٿو ته جڏهن ڪپڙن اُڻڻ جو رواج پيو، تڏهن انهن قديم لوڪن لانگوٽي ٻڌڻ ۽ پوتڙي ڍڪڻ جو رواج وڌو، جو پوءِ فقيرن ۽ ساڌن به اختيار ڪيو.

(5) منجر ڍنڍ جا مهاڻا جنهن نموني جيئرا پکي جهلينداآهن، سو نمونو نهايت جهونو آهي. اُهي مهاڻا جڏهن ڍنڍ جا پکي جهلڻ ويندا آهن، تڏهن کي ترهي تي ترندا ويندا آهن. ترهي جي اڳيان پاڻوڙا (پٻڻ جا پن) وغيره اڳيان ٽنبي ڇڏيندا آهن، جنهنڪري پريان ائين پيو پائنبو آهي، جڻ ته پاڻيءَ ۾ پن ترندا پيا اچن. کي مهاڻا پٻڻ جي پنن مان ٽوپ ٺاهي، انهن سان مٿو ۽ منهن ڍڪيندا آهن. مهاڻا پاڻ پاڻيءَ اندر هوندا آهن، باقي رڳو پاڻوڙي سان ڍڪيل مٿو ٻاهر ڪڍندا آهن، انهن پنن مان ڪهيل ٽوپن ۾ ٻه ننڍڙا ٽنگ ڪندا آهن، ۽ انهن اکياڙين مان

پکين ڏي پيا نهارينداآهن. پکين جي ليکي کو پاڻوڙو لڙهندو پيو اچي، سو بنا کنهن ڊپ ڊاءَ جي پاڻيءَ تي ترندا آهن. وقتي تہ پکي انهن پاڻوڙن جي آسپاس اچي کنا ٽيندا آهن. اهو وجهہ وني مهاڻا، پاڻيءَ مان هينان ئي هينان هٿ وجهي، پکين کي جنگهن کان جهلي، بلائتو کندا آهن. جيئرن پکين ڦاسائڻ جو اهو عجيب نمونو هيوز صاحب جي سنڌ گزيٽيئر موجب بہ نهايت قديم زماني جو آهي. جنهن صورت ۾ کولن جي سپيتا جو مرکز سيوهڻ وارو پاسو هو ۽ اهو جيئرن پکين جهلڻ جو نمونو رڳو منڇر طرف آهي، تنهن صورت ۾ ائين پيو سمجهجي، تہ اهو آڳاٽو کولن وارو دستور آهي، جو منڇر جا مهاڻا اڄ تائين هلائيندا پيا اچن.

(6) کي مهاڻا آڙي ۽ ٻيا پکي (بدکون وغيره) مڏن تيرن سان ڇٽيندا آهن، تہ اهي پکي ساڻا ٿي کرندا آهن، جنهنکري انهن کي آساني‌ءَ سان جهليندا آهن. مڇين ڦاسائڻ لاءِ کيترا مهاڻا هيئن کندا آهن، جو پاڻيءَ ۾ ڄار پکيڙي پوءِ ٽالهيون وڄائيندا آهن، تہ انهيءَ آواز تي مڇيون ڊڄي ڇڀ لڳنديون آهن، ۽ کيتريون وڃي ڄار ۾ ڦاسنديون آهن. هيءُ رواج خود پيا ڄاڻائين، تہ ڏاڏي آدم جي ڏينهن جا آهن، جي منڇر، کينجهر ۽ ٻين هنڌن جا مهاڻا اڄ ڏينهن تائين هلائيندا پيا اچن؛ پر پاڻوڙن سان منهن ڏيڻ جو رواج رڳو منڇر جي مهاڻن ۾ آهي. انهن مهاڻن جي ٻولي بہ اهڙي علحدي آهي، جو ٻيو کو سنڌي سمجهي بہ کين سگهندو. جيئن انگريزن وٽ خلاصين جي ٻولي- ئي پنهنجي آهي، تيئن سنڌ ۾ بہ کيترن کاسبين جي پنهنجي ٻولي آهي؛ پر منڇر جي مهاڻن جي ٻوليءَ جو نمونو ئي نرالو آهي. کراچي ضلعي جي مهاڻن ۽ ميربحرن جي ٻي هک نرالي ڳالهہ آهي، جنهن پٽ چوکو ڏيان لهڻو.

(7) کراچي ضلعي ۾ شاهہ بندر طرف "ستاهہ" نالي واه آهي، اُن جي پريان سنڌوندي‌ءَ جو هک ڳاگو "مگدو" سڏبو هو، ڇاکاڻ تہ انهيءَ پاسي درياهہ جو کنڊو اصل "مگدو" ذات جي بروچن وسايو هو. انهيءَ مگدي جي پريان سنڌوندي‌ءَ جو ٻيو ٿورو ڳاگو "پوپٽ کونبو هو. "پوپٽ" معنيٰ "طوطو" يا "چتون". اسانجي درياهہ تي اهو نالو پيو کيئن؟ سنڌ بابت متفرقہ احوال بمبئي

سرڪار جي دفتر مان چونڊي، بن پاڳن ۾ ڇپايا اٿن، جن مان ٻئي پاڳي ۾ گھٽو ذڪر سنڌوندیءَ ۽ ان جي ڦيرين گيرين جو آھي. سنڌوندیءَ جي جدا جدا پاڳي تي اڳي جيڪي نالا رکيل ھئا، تن جو ذڪر ڪندي ڄاڻايو اٿن، تہ سنڌوندیءَ جي انھيءَ پاڳي تي "پوپٹ" نالو ھن ڪري پيو، جو قديم زماني ۾ انھيءَ طرف جا ميربحر درياھ ۾ گھڙڻ مھل پنھنجي پير لاءِ ھڪ پوپٹ (حتون) قرباني طور ڏيندا ھئا.

سنڌ ۾ طوطن يا چتن جي قرباني جو رواج نڪي ھندن نڪي مسلمانن ۾ آھي، ڪولن ۽ سنٹالن بابت چون ٿا تہ اھي آسٹريليا طرفان چين ولايت واري واٹ وٹي آيا ھئا. آسٹريليا ۾ بڪ ڪيڊ ۽ بلين چاڙھڻ جو رواج نڪو اڳي ھو، نڪو ھاڻي آھي. انھيءَ ساڳئي ڪتاب (بمبئي سرڪار واري دفتر) ۾ ڄاڻايل آھي، تہ اھو رواج چين ولايت ۾ آھي. جنھن صورت ۾ ڪولن ۽ سنٹالن بابت عالم چون ٿا تہ اھي چين ولايت واري واٹ وٹي. ھندستان آيا ھئا، تنھن صورت ۾ ائين وسھڻ لاءِ سبب ٿئي ٿو تہ اھو چتن جي قرباني جو رواج انھن لوڪن چين ولايت کان ايندي ڏٺو ھو، جو سنڌ ۾ چالو ڪيائون ۽ سندن اولاد پوءِ ۾ ھلائيندو پئي آيو. ھن وقت اھو رواج ڪونھي. ھنن ڳالھين جي ڪوجنا اڄ تائين ڪنھن ۾ عالم ڪانہ ڪئي آھي. حال اسان ائين فرض ڪيو آھي، تہ اھي رواج ڪولن ۽ سنٹالن واري زماني جا آھن، جو آرين وٽ اھڙا رواج ھئائي ڪين.

** W.T. Blanford: Geology of western Sind. (Memoirs of Geological Survery. Vol XVII. Part 1).

Mr. Henry Cousens: The antiquities of Sindh. Page 6.

* شاھ بلاول ۾ آھن: ھڪڙو سيوھڻ-دادوءَ طرف ۽ ٻيو ڪراچيءَ کان اٽڪل ڇٽيھ ڪوھ پري لاھوت لامڪان کان ڏيڍ ڪوھ ڪن جي مفاصلي بلاول جي درگاھ پٻ جبل جي وچ ۾ آھي، تنھنڪري عام طرح "پٻ جو پھلوان" سڏيندا اٿس. (مصنف)

* اھو فخر سياويڪ آھي. عربن کي ۾ پنھنجيءَ فصيح زبان جو فخر ھوندو ھو. ايراني لوڪ وغيرہ سندن تابعي ٿيا، پر عربي پوريءَ طرح ڳالھائڻ نہ ايندي ھين، تہ عربن کين سڏيو "عجم" يعني گنگا. (مصنف)

* Prof. Max Muller: India: What can it Teach us?

** Sir Grierson: Linguistic Survey of India, Vol. 1. Part 1, p p.35 & 132.

* Ponat is derived from a tradition that in ancient times a parrot used to be sacrificed…. For a similar custom among the Chinese see 'Barrow's Travells'. Selections from the Racords of the Bombay Government. Part II.p.428.

Gul Hayat Institute

باب ٻيو

دراوڙن وارو زمانو

سنڌ ۾ دراوڙ: عالم چون ٿا تہ قديم هجري (پٿر واري زماني کان پوءِ برف گهٽ پوڻ لڳي ۽ ڌرتيءَ جون حالتون ڦريون. ماڻهو ڏڻ ڏارڻ، کيتي ڪرڻ، باهه ٻارڻ ۽ ٽاڻءَ ٽپا جوڙڻ سکيا. ڏاڍن مان سون کانسواءِ ٻئي ڪنهن بہ ڌاتوءَ جي اڃان سڌ ڪانہ هين. اڳي اڻ گهڙيل پٿر ڪم آڻيندا هئا، پر هن زماني ۾ پٿر گهڙڻ سکيا، تہ ڪپ، ڏاڪا ۽ ٻيا اوزار پٿر جا ناهي سگهيا ٿي. اهو "نئين پٿر وارو زمانو"(Neolithic or New Stone Age) سڏجي ٿو، جو اڄ کان اٽڪل پندرهن هزار ڪن ورهيہ اڳي شروع ٿيو هو. ڪيترا عالم ائين وسهن ٿا، تہ جانورن جي هڏن جي لساڻ يا لسائيءَ مان ان وقت جي ماڻهن کي پٿر گهڙڻ جو خيال آيو، جنهنڪري اڻ گهڙيل پٿرن بدران گهڙيل پٿر ڪم آڻڻ لڳا. حقيقت ڪيئن بہ هجي، پر ايترو چئبو، تہ آڳاٽن ڪولن ۽ سنڌالن کان هن زماني جا ماڻهو وڌيڪ سڌريل هئا، جنهنڪري هيءُ تهذيب جي ترقيءَ جو ٻيو دؤر ليکجي ٿو.

نئين پٿر واري زماني جي سيٻيتا جو بنياد وجهندڙ دراوڙ لوڪ چوڻ ۾ اچن ٿا. هنن بابت عالمن کوجنائون ڪري ڄاڻايو آهي، تہ ڪولن ۽ سنڌالن جي مٿان اهي لوڪ ڪاهي آيا ۽ منجهائن ڪيترن کي وڃ هندستان ڏي هڪالي ڪڍيائون ۽ پاڻ اتر هندستان جا والي ٿي ويٺا. تازو مهن جي دڙي مان ڪن ڪولن ۽ سنڌالن جي ڪوپڙين سان گڏ ڪن دراوڙن جون بہ ڪوپڙيون لڌيون آهن. هن مان سمجهجي ٿو تہ دراوڙن جي اڇڻ کان پوءِ بہ ڪي ڪول ۽ سنڌال ساڻن گڏ رهيا پيا هئا. اهي پوءِ آرين سان بہ لهہ وڇڙ ۾ آيا هئا، تنهنڪري سنسڪرت ساهت ۾ انهن ٻنهي قومن جو ذڪر آهي.

سنڌ ۾ هن وقت جيڪي "اوڏ" آهن، سي اصل دراوڙن جي ڪل مان آهن. اهي اصل ڏکڻ هندستان ۾ هئا، اتر هندستان ڏي اڇڻ کان اڳ واٽ تي جيڪو هنڌ

اول وسائي وينا، سو هنڌ سندن نالي پنيان "اوڊر ديش" سڏجڻ ۾ آيو، جنهن جو اُچار پوءِ ڦري "اوڙيسا" (Orissa) ٿيو. بمبئيءَ ڪاتي جي ذاتين جو ذڪر ڪندي، هيءَ حقيقت اينٿوون صاحب ڄاڻائي آهي. انهن اوڏن مان پوءِ ڪي مارواڙ ويا، جتان پوءِ سنڌ ۾ آيا؛ پر بولي اڄ تائين مارواڙين جهڙي ڳالهائيندا آهن، اهي اصل هندو آهن، پر اڪثر مسلمانن جهڙي شڪل اٿن، ۽ ڪپڙا به اهڙا ڏيکيندا آهن. سندن پير رامڏيو آهي. جنهن جو ميلو سال بسال لڳندو آهي. "اوڏ" لفظ جي بنيادي معنيٰ آهي "اڏيندڙ"؛ اهي اڄ تائين پٽين جون اوساريون ڪٽندا آهن.

سنڌ ۾ هن وقت ٻيا "ماگر" (ماجر) ذات جا مهاڻا آهن. اُهي سنڌ جي آڳاٽن دراوڙن جو اولاد آهن، يا پوءِ ڏکڻ هندستان کان آيا سا پڪ ڪانهي – ايترو معلوم ٿئي ٿو، ته ڪيترين صدين کان سنڌ، ڪڇ ۽ گجرات جا وڻجارا ملبار طرف وڃ واپار لاءِ ويندا هئا. اڄ به مغلپين تعلقي جاتيءَ، ڪڇ ۽ گجرات طرف جا ميربحر دنگيون هاڪاري، ملبار طرف پيا وڃن. ماگر ذات جا مهاڻا ملبار ۾ به گهڻا آهن، جنهنڪري ڇئبو ته ملبار ڪناري وارن سان لهه وچڙ هئڻ ڪري اهي سنڌ ۾ آيا هجن ته عجب ڪونهي.

تون سمون، آءٌ گندري، مون ۾ عيبن جوءِ،
پسي راڻين روءِ، متان ماگر مٿيين.

(شاهه)

سنڌ جو حاڪم جام تماچي، جو سمي گهراڻي مان هو، سو نوري نالي هڪ مهاڻي، ذات جي گندري، پرڻيو هو. مٿئين بيت ۾ شاهه صاحب نوري مهاڻيءَ کي "ماگر" سڏيو آهي. نوري مهاڻي ڪينجهر ڍنڍ ڏي رهندي هئي. اها ڍنڍ هيلايا، تعلقي ٺٽي ۾ آهي. هن وقت ڪينجهر ڏي ماگر ذات وارا ڪينهن، باقي سجاول ڏي گهڻا آهن. اهو سجاول وارو پاسو اڄ تائين "ماجر" سڏجي ٿو. اڳي ٺٽي ۽ سجاول جو ڳچ پاسو پاڻيءَ هيٺ هو. ان وقت سنڌو ندي نصرپور وٽان وهندي هئي. سن 1758ع ۾ سنڌوندي نصرپور وٽان رخ ڦيرائي، هاڻوڪي واٽ ورتي، ته ڪليليءَ جو وهڻ بند ٿي ويو. ان وقت درياهه هتان بهر رخ ڦيريو، جنهنڪري اهي پٽ پڌرا ٿيا. سجاول وارو پاسو انهيءَ کانپوءِ وسيو. نه ته اتي اصل ماجر ذات جا

مهاڻا رهندا هئا، جي مڇيون مارينداهئا، ۽ مسافرن کي پتڻ ۾ اُڪاريندا هئا، سجاول طرف "ماگر" بدران "ماجر" چون – يعني "گ" کي متي "ج" ڪيو اٿن، نہ تہ لفظ ساڳيو ئي آهي. اهو اصل دراوڙي لفظ آهي ۽ بنيادي معنيٰ اٿس "جار رکندڙ يعني مهاڻو" سجاول ڏي "ماجر" نالي ڏنڊ ۾ آهي، جنهن تي پڻ انهن مهاڻن جو نالو پيل آهي.

سجاول ۾ واهہ گهوٽارو وهي وچان بازار،
ماجر ۾ ٽا مڇر پون مـانيءَ مـنجهہ هزار.

(غريب)

دراوڙ ڪٿان آيا؟ دراوڙ لوڪ اصل ڪٿان آيا، تنهن بابت عالمن جا جدا جدا رايا آهن، جن مان ٻہ رايا مکيہ آهن: هڪڙا چون تہ دراوڙ لوڪ اصل ڏکڻ هندستان جا رهاڪو هئا ۽ اتان هندستان ۾ تڏهن آيا، جڏهن اهو پاسو خشڪيءَ جي رستي آسٽريليا سان ڳنڊيل هو. ويجهڙائيءَ ۾ جيڪي ڪوجنائون ٽيون آهن، تن پٽاندر ڪن جو چوڻ آهي تہ دراوڙ يونوچ سمنڊ طرف رهندڙ قومن مان هئا. اهي پهريائين ڪجهہ وقت ميسو پوٽيميا طرف رهيا؛ پر پوءِ عربن ۽ ٻين سيميٽڪ قومن وارن اُتان ڪين تڙي ڪڍيو، جنهنڪري بلوچستان واري واٽ ونيو، هندستان ڏي آيا. منجهائن ڪي گنگانديءَ واري ماٿر، تہ ڪي سنڌوندي واري ماٿر والاري اچي وينا.

بلوچستان ۾ هن وقت جيڪي بروهي آهن، تن جا ابا ڏاڏا ٻہ قديم زماني ۾ شايد ميسوپوٽيميا طرف رهندا هئا ۽ اتي اها ساڳي ٻولي ڳالهائيندا هئا. انهيءَ سبب بروهيءَ جي نحوي بناوت دراوڙي ٻولين جهڙي آهي باقي ٻيءَ طرح بروهي ٻوليءَ جي انهيءَ جگري ناتي سبب ڪن عالمن ائين ئي سمجهيو تہ بروهي ۽ دراوڙ ٻئي وچ ايشيا طرفان آيا هئا، جن مان بروهي بلوچستان ۾ هميشہ لاءِ رهيا ۽ دين اسلام اختيار ڪيائون، ۽ دراوڙ اول اتر هندستان ۾ آيا، جتان پوءِ ڏکڻ ڏي ويا، ڪن جو چوڻ آهي تہ دراوڙ اصل يونوچ سمنڊ طرف رهندڙ قومن مان نہ هئا، اهي اصل هندستان جا رهاڪو هئا، جتان يونوچ سمنڊ طرف ۽ ٻين پاسي ويا هئا. تازو مهن

جي دڙي ۽ هڙپا مان جيڪي مهرون لڌيون آهن، تن تي لکيل اکر پڙهي ۽ ٻيون ثابتيون ڏيئي، فادر هيرس به هي رايو ظاهر ڪيو آهي ته دراوڙ لوڪ هندستان مان يونوچ سمند وارن ملڪن ڏي ويا هئا ۽ پنهنجي سيٻيتا جو ڦهلاءُ يورپ تائين ڪيو هئائون.

نئين ۽ روهڙي طرف جي سيٻيتا: قديم زماني جي اوائل ۾ سنڌ جو رڳو الهندي طرف وارو جابلو پاڳو وسيل هو ۽ ان وقت جي ماڻهن (ڪولن وغيره) جي سيٻيتا جو مرڪز سيوهڻ ۽ لاڙڪاڻي وارو پاسو هو. نئين هجري زماني جي سيٻيتا جا اهجاڻ نئين ۽ ڪوٽڙيءَ کان وڃي روهڙيءَ تائين ملڻ لڳا آهن. پائنجي ٿو ته نئين وٽان سمند هٽڻ ڪري اهي پٽ پڌرا ٿيا هئا، جنهنڪري نئين هجري زماني ۾ ماڻهو انهيءَ پاسي به رهي سگهيا ٿي.

نئين هجري زماني جا بانيڪار دراوڙ لوڪ چوڻ ۾ اچن ٿا. انهيءَ زماني جي نشانن ڳولي لهڻ جو ڪم سنڌ ۾ پهريائين پهريائين مسٽر ڪارٽر آءِ. سي. ايس. ڪيو هو. سن 11-1919ع ڌاري هو صاحب سنڌ ۾ آيو ۽ ڪجھ وقت نئين ڊويزن جو اسسٽنٽ ڪليڪٽر هو. سن 1917ع ڌاري حيدرآباد سنڌ جي ميونسپالٽي سسپينڊ ٿي، ته هو ميونسپل ڪمشنر مقرر ٿيو هو؛ پر هن قسم جي ڪوجنائن جو خفت گهٽو هوندو هوس. جيڪي ڪوجنائون ڪندو هو، تن جا نتيجا ڪراچي ۽ بمبئي جي انگريزي اخبارن ۾ لکندو هو. سندس ليک مصنف پاڻ پڙهيا هئا. ويجهڙائيءَ ۾ معلوم ٿيو ته هو صاحب پنهنجي ڪوجنائن جون رپورٽن وارو احوال مسٽر هينري ڪزنس پنهنجي ڪتاب "انٽيڪئٽيز آف سنڌ (The Antiquities of Sindh)" ڏنو آهي جنهن جو مختصر مطلب هتي ڏجي ٿو ڪراچيءَ کان ويهه ميل پري .مول" نالي ماڻر ۾ مسٽر ڪارٽر ڏٺو ته هڪ هنڌ پٽرن مٽان پٽر ستي ٿيا پيا هئا. انهن پٽرن تي ڪي ڇڪرا ۽ اُٺ ۽ گهوڙي جون شڪليون اُڪريل هيون. انهيءَ هنڌ کي پاڻ "نل" ڪوٺيو اٿس. مسٽر ڪارٽر جي خيال موجب اهو نل عيسوي سن کان فقط ڏيڍ سؤ ڪن ورهيه اڳ جو آهي؛ پر انهي ساڳيءَ ماڻر

۾ نئين پٿر واري زماني جي ماڻهن جي بينڪ جا نشان به ڏنائين. انهيءَ زماني جا پٿر جا نهيل ڪيترا اوزار به لڌائين. ائين هو صاحب ڪوجنائون ڪندو ويو، ته نئين پٿر واري زماني جون بينڪون ڪراچيءَ کان ونڊي اُنڙپور تائين ڏنائين. هيڏانهن وري ننگر نٺي جي پرين، ڳوٺ گجي واريءَ وات تي ٽرڙيءَ وٽ، نئين پٿر واري زماني جو عجيب طرح نهيل هڪ شهر نظر آيس، جنهن جي چوڌاري پٽيون ڏنل هيون. انهيءَ هنڌان توڙي جهڪن طرف ٻڌڪن ٽڪرن مان، انهيءَ زماني جا پٿر مان نهيل اوزار وغيره به هٿ آيس.ويجهڙائيءَ ۾ آرڪيالاجيڪل ڪاتي وارن به اهي پاسا جاچيا، تنهنڪري نئين پٿر واري زماني جي بينڪن جو ذڪر سر جان مارشل به پنهنجي جوڙيل ڪتاب مهن جي دڙي ۽ سنڌو سيپتا جي جلد پهرئين صفحي 92 ۾ ڪيو آهي. ان صاحب جو چوڻ آهي ته نئين پٿر واري زماني جا نشان سنڌ ۾ لکيءَ جي جبلن، ڪرٿر جبل جي قطارن ۽ روهڙيءَ وارين ٽڪرين ۾ به اکيچار آهن. مطلب ته هن زماني ۾ نہ رڳو سيوهڻ وارو پاسو وسيل هو؛ پر سنڌ جي اُپرندي طرف وارين ٽڪرين يعني نٺي ۽ جهڪن وارن ٻڌڪن ٽڪرن ۽ اُنڙپور کان ونڊي روهڙيءَ وارين ٽڪرين وارو پاسو به وسيل هو.

سيپتا جا ساڪ (Epochs of Civilization) انسان ذات کي پيدا ٿئي ڪئين جڳ ٿي ويا آهن، پر سڄيءَ دنيا ۾ ڪنهن به ملڪ جي اهڙي قديم تاريخ ڪانهي، جنهن مان پتو پئجي سگهي ته هر هڪ جڳ ۾ انهيءَ ملڪ جي تهذيب يا سيپتا کهڙي هئي ۽ ان جو وقت بوقت واڌارو ڪيئن ٿيو- انهيءَ هوندي به سڀ ڪنهن ملڪ ۾ آڪاڻن ماڻهن پنهنجون ٿوريون گهڻيون نشانيون ڇڏيون آهن. جن جي اڀياس ڪرڻ سان (آرڪيالاجيڪل ڪاتي وارا تهذيب جي واڌاري جون منزلون يا سيپتا جا ساڪ (Epochs of Civilization) پرجهي پروڙي سگهن ٿا. انهن منزلن جي گهٽي قدر پروڙ پٽرن ۽ ڏاتن مان نهيل اوزارن ۽ بين شين مان پوي ٿي، جي جدا جدا زمانن ۾ ماڻهو ڪم آڻيندا هئا. انهيءَ سبب انهن زمانن تي نالا ئي اهڙا رکيا اٿن. انهن مان پهريون آهي "قديم هجري زمانو" ۽ ٻيو "نئون هجري زمانو" (نئين پٿر وارو) زمانو جن جو ذڪر مٿي اڳي ئي ڪري آيا آهيون. انهن ڪانپوءِ

اهو زمانو ليکجي ٿو، جنهن ۾ ماڻهو ٽامو ڪم آڻڻ لڳا هئا. جنهنڪري اهو "ٽامي وارو زمانو" (Copper Age) سڏجي ٿو. ماڻهن پوءِ وڌيڪ ترقي ڪئي. ٽامو ۽ قلعي ملائي هڪ گاڏڙ ڏاتو "برانز" (Bronze) جوڙيندا هئا ۽ انهيءَ مان اوزار، باسڻ برتن وغيره ناهيندا هئا، تنهنڪري اهو "برانز" يعني "ٽامي ۽ قلعي ميل وارو زمانو، (Bronze Age) سڏجي ٿو. انهيءَ ڪانپوءِ ماڻهو لوهه مارڻ سکيا، ته ڪڙا ڪنڌا، ڪپ، ڪاتيون، ڪهاڙا، ڪوڏريون، ڪرپان ۽ تلواريون وغيره جوڙڻ لڳا. اهو "لوهه وارو زمانو" (Iron Age) سڏجي ٿو. هن وقت اسين "ڪلن جي زماني" (Machine Age) ۾ آهيون. آگ گاڏيون ۽ آگبوٽ، ڪپڙن اُڻڻ ۽ سبڻ جون ڪلون، تيل پيڙڻ ۽ ڪپهه ٽاڻڻ جون ڪلون بلڪ وارن ڪترڻ جون مشينون ۽ عام ٿي ويون آهن. هوائي جهاز، زير آبيون وغيره ۽ هاڻوڪي زماني جون پيدائشون آهن ۽ ڄاڻائين ٿيون ته انسان ڪيئن ترقي ڪندو وڃي ٿو.

هنن ڳالهين جو ذڪر هن ڪري ڪيو اٿئون، جو جيڪو ٿورو گهڻو احوال جهوني پٿر توڙي نئين پٿر وارن زمانن جو ڏنو اٿئون، اوترو ٽامي ۽ برانز وارن زمانن جو ڏئي نٿا سگهون. يورپ مان انهن ٻنهي زمانن جون شيون ڇڪي تعداد ۾ لڌيون اٿن. هندستان مان ٽامي جون ٿوريون شيون لڌيون اٿن، باقي برانز وارو زمانو ڄڻ ته هندستان ۾ ٿيو ئي ڪونه هو. ٽامي ڪانپوءِ ڄڻ ته لوهه وارو زمانو شروع ٿيو هو، جنهنڪري يوروپي عالمن ائين پئي سمجهيو ته هندستان جي ماڻهن گهڻ ترقي ڪئي آهي. هن قسم جي ڪوجنائن ڪئي ڪين ڪو گهڻو عرصو ڪونه ٿيو آهي. سنڌ ۾ اهڙيون ڪوجنائون خرچ ۽ هيڪاري گهڻو ٿيون پڇن، جو سنڌونديءَ جي ڦيرين گيرين، وقت بوقت گهڻي ئي سڃا پاسا ساوا، ۽ ساوا پاسا سڃا پئي ڪيا آهن، ۽ آڪاٿي سپيتا جا ڪيترا نشان ڪن اهڙن ڏڻن ۾ دٻيا پيا آهن، جن جي مٿان وري ٻيا ڏڙا ٺهي ويا آهن. هاڻ جڏهن اهي سڀ ڏڙا ڪوٽائي، پاتال ۾ پهي، تڏهن پتو پويس. سن 1922ع ۾ اوچتو مهن جي ڏڙي ۾ شڪ پين. اهو ڏڙو ڪوٽايائون، ته ٽامي ۽ برانز جون ٺهيل شيون ته لڌيون، بلڪ هڪ وچولي منزل جي تهذيب جون اهڙيون ته ثابتيون مليون، جو خود آرڪيالاجيڪل ڪاتي وارن جا ڏند چپن سان لڳي ويا. هيءَ وچولي منزل اها آهي

جنهن ۾ ماڻهو اڃان لوهه مارڻ کونہ سکيا هئا؛ پر نئين پٿر واري زماني جي ماڻهن وانگر گهڙيل پٿرن مان اوزار ۽ ٻيون شيون ناهيندا هئا، ۽ ساڳئي وقت تامو گهڻو ڪم آڻيندا هئا، جنهن کري اها ڪئلڪولٿڪ سيٿيتا (Chalcolithic Culture) سڏجي ٿي يعني اها سيٿيتا جنهن ۾ تامو ۽ پٿر ٻئي ڪم ايندا هئا. سڄي هندستان جي پرڳڻن مان پهريون پرڳڻو سنڌ آهي، جنهن مان هن اُڇيءَ سيٿيتا جي اوچتو ئي اوچتو ثابتي ملي، تہ منهنجيون ۽ تنهنجيون اکيون وڄي مهن جي دڙي ۾ ڪتيون.

دڙن ۾ دٻيل سيٿيتا: آرڪيالاجيڪل ڪاتي وارن کي جنهن وقت هن سيٿيتا جو پتو پيو، تنهن وقت سڄيءَ سنڌ ۾ وڙول وڌائون. سگهوئي معلوم ٿين تہ مهن جي دڙي کان سواءِ سنڌ ۾ ٻيا بہ ڪيترا هنڌ آهن، جتي اها ساڳي سيٿيتا هئا. مثلاً ننگر نٿي کان ڇهہ ڪوهہ پري ڳوٺ گجي طرف ترڙيءَ ۾، ڪوٽڙيءَ جي اُتر ڏي ڪارڙيءَ ۾، آمري اسٽيشن کان ڪوهہ ڪن پري آمريءَ جي ڳوٺ ۾، لاڙڪاڻي ضلعي ۾ بادهہ طرف لوهر جي دڙي ۾، لاڙڪاڻي شهر جي نزديڪ جهوڪڙ جي دڙي ۾، ۽ روهڙيءَ جي پريان ريتي اسٽيشن کان ادائي ڪوهہ پري ونجهوٽ جي شهر ۾. سن 962ع ۾ هڪ خوفناڪ زلزلو ٿيو هو، جنهن ۾ سکر ۽ بکر وارا ٽکر بہ ٽکر ٿي ويا هئا. ان وقت الور وٽان درياهہ رخ ڦيريو، تہ پاڻيءَ جي تکليف ٿيڻ سبب ماڻهو لڏي روهڙيءَ ويا. ونجهوٽ بہ درياهہ جي رخ ڦيرائڻ سبب ڦٽي ويو، نہ تہ اهو بہ هڪ عاليشان شهر هو. سرحد سنڌ ۾ ڪوٽائي ڪرايائون تہ پيو پين تہ "ليمو جوٽيجو" بہ مهن جي دڙي واري زماني ۾ وسيل هو. انهن سيني هنڌن جي سيٿيتا ساڳي هئي. اهي سپ پاسا درياهہ شاهہ ور ور ڏيئي پاتا آهن، تنهنڪري انهن هنڌن جي آڳاٽي سيٿيتا اُتي جي دڙن ۾ دٻيل آهي.

سن 1928ع ۾ مسٽر ايم. جي مجمدار (مجموعدار) هڪ ٻيو هنڌ ڳولي لڌو. نوابشاهہ ضلعي ۾ سڪرنڊ کان ادائي کن ڪوهہ پري، اُتر اُپرندي طرف، "چانهوءَ جو دڙو" آهي، جو "ڳوٺ جمال ڪيريو" جي نزديڪ آهي. ايڏهين وڃڻ لاءِ "نواز ڏاهريءَ" اسٽيشن تي لهبو آهي، جتان "چانهوءَ جو دڙو" چار ڪوهہ ڪن ٿيندو.

اتي فقط ٽي ڏڙا آهن. مسٽر مجمدار اهي ٽيئي ڏڙا مٽاچرا کوٽايا، ته اتان به اهڙيون شيون لڌيون جهڙيون مهن جي ڏڙي مان لڌيون آهن. هيءَ ڳالهه اخبارن ۾ چپجي پڌري ٿي، ته ڪن يوروپي عالمن کي چانهوءَ جي ڏڙي جي وڌيڪ کوٽائي ڪرڻ جو خيال ٿيو. سن1936-35ع ۾ بن سوسائٽين ('American Society of Indian and Iranian Studies' and 'Boston Museum of Foreign Arts') وارن پاڻ ۾ گڏجي، آرڪيالاجيڪل کاتي جي سپرنٽينڈنٽ مسٽر مڪيءَ کي پنهنجو اڳواڻ ڪري، چانهوءَ جي ٽن ڏڙن مان بن جي وڌيڪ کوٽائي ڪرائي. انهيءَ کوٽائي جي نتيجن جي رپورٽ اڄ تائين چپجي پڌري نه ٿي آهي، تنهنڪري ان بابت ڪجهه نٿو چئي سگهجي. هن وقت تائين جيڪي احوال مخزن ۽ اخبارن ۾ چپجي پڌرا ٿيا آهن، تن ۾ ايترو ڄاڻايو اٿن ته مهن جي ڏڙي واري سيپتا تي هتان ڪجهه وڌيڪ روشني پوي ته عجب ڪونهي. جنهن صورت ۾ هن وقت تائين مهن جي ڏڙي بابت گهڻا ڪتاب چپيا آهن. تنهن صورت ۾ انهيءَ قديم سيپتا جو مختصر طرح ذڪر ڪجي ٿو، ته پڙهندڙن کي سنڌ جي آڳاٽي اوڄ جي پروڙ پوي.[1]

---

[1] "It may be that the two races (Kolarians and Dravidians) dwelt side by side, and this is the theory now generally accepted. Or it may be that the Kolarians first inhabited the country and that the Dravidinrs came later either from the North-West or from the South, at a time when the land now submerged beneath the sea, is supposed to have stretched from India in the direction of Australia."

E. Marsden and sir Henry sharp: A History of India, P.13.

[2] Mr. Henry Cousens: The Antiquities of Sindh, Page 6.

Gul Hayat Institute

[3] "After the Study of above one thousand eight hundred inscriptions" when upto now have been deciphered by the present writer, it is easy to realize that the wave of migration of the Mediterranean race which was supposed to have been from West to East, must now be finally settled as having taken place in the opposite direction, i,e, from East to West. The development of the script of Mohen-jo-Daro in relation with the Sumerian script, the relation of these two countries and that of Egypt, the titles of kings, the number of Zodiacal Constellations among the proto-Indian people and the relative positions of these constellations, the changing of the pro-o-Indian constellation of the Harp (val) for Taurus (the bull)

which must have taken place in Summer, the tradition of the ancient people of Mesopotamia recorded by Berousus, the parallel biblical account in Genesis II, 1-5-all point to the same Conclusion that the migration of the Mediterranean race commenced from India and extended through Southern Mosopotamia and Northern Africa, spread through Create, Cyprus, Greece, Italy and Spain, and crossing the Pyrenes reached Central Europe and the British Isles. This route starting from Ceylon up to Ireland is marked by an interrupted chain of dolmens and other megaliths, that seem to be relics of this enterprising and highly civilized race which is termed Mediterranean by the anthropologists and which in India has been quite unreasonable despised under the name Dravidian." Rev H. Heras, S.J. Journal of India History, Vol. XVI. Part 1, April 1937. Serial No. 46.

* جيڪڏهن هن کان پوءِ کي وڌيڪ بينڪون نہ لڌيون، تہ ائين فرض ڪرڻو پوندو تہ باقي رهيل سنڌ جو پاڳو ايا بہ کي سمنڊ جي پاڻيءَ هيٺ، تہ کي سنڌونديءَ جي پاڻيءَ هيٺ هو، سنڌ جا کي کي ٽکر جدا جدا وقتن تي پاڻيءَ مان نڪري پڌرا ٿيا، جو سنڌونديءَ ۾ اڳي پاڻي هاڻوکي کان ٻيڻو ٽيڻو هو، جنهنڪري کي پاسا ٻڌا پيا هوندا هئا. عربن جي وقت کان وٺي هن وقت تائين سمنڊ بہ اٽڪل چاليهہ ميل هٽي پري ٿيو آهي. (ڈسو ميجر رئورٽيءَ جو "سنڌ جو مهراڻ")

* Mr. Henry Cousens: The Antiquities of Sind. Pp. 5,6-149.

** Sir john Marshall: Mohan Jo Daro and Indus Civilization p.92

* See. Annual Bibliography of Indian Archaeology, from 1928 to 1934, Vol 1 to IX. Published by the Kern Institute, Leyden Holland.

* Journal of Indian History, Vol V. 1926, pp. 101-106.

Gul Hayat Institute

باب ٽيون

مهن جو ڏڙو ۽ ان جي کوٽائي

سرزمين جو ذکر: لاڙڪاڻي ضلعي جي لبدريا تعلقي ۾، لاڙڪاڻي جي شهر کان پنجويهه ميل پري، ۽ ڏوکري اسٽيشن کان فقط ساڍن ٽن ميلن جي مفاصلي تي، هڪ ويرانو آهي، جو عام طرح "مهن جو ڏڙو" سڏجي ٿو. آرڪيالاجيڪل کاتي وارن انهيءَ نالي جي معنيٰ ڄاڻائي آهي 'Mound of the Dead' هن مان ظاهر آهي ته هو سمجهن ٿا ته اهو نالو اصل ۾ آهي "مئن جو ڏڙو"، ۽ رڳو چُڪ کان "مئن بدران "موهن" لکيو اٿن. سرزمين تي وڃي کو پڃا ڪندو، ته پڪ ٿيندس ته صحيح اُچار آهي "مُهن جو ڏڙو" ۽ ڪي "مهين جو ڏڙو" به چون ٿا. ٻنهي جي معنيٰ آهي "مات ٽيلن جو ڏڙو". قديم زماني ۾ سنڌوندي مُهن جي ڏڙي وٽان وهندي هئي، اُتي جو اصلوڪو شهر سنڌوندیءَ ۽ الهندي ڪناري جي وچ ۾ هڪ ٻيٽ هو. سرزمين جانچڻ سان ائين سمجهڻ ۾ پيو اچي، ته اتي اصل پنج ٻيٽ هئا، جي پوءِ ندیءَ جي اتان رخ ڦيرائڻ ۽ مٽان واريءَ وري وڃڻ سبب گڏجي ويا ۽ هاڻي ٻيٽن جو گويا هڪ ڇڪو ٿي پيا آهن. هينئر اتي ڏڙا ئي ڏڙا لڳا پيا آهن، جي اٽڪل اڍائي سؤ ايڪڙ زمين جا والاري ٻيڻا آهن. ڪي ڏڙا ويهه ته ڪي ٽيهه فوٽ اوچا آهن. انهن جي وچ ۾ هڪ وڏو ڏڙو اٽڪل ستر فوٽ اوچو آهي، تنهن تي هڪ مندر اڏيل هو، جو ڪيترن ورهين کان ڊنو پيو هو؛ پر هاڻ ڇڪي مشهوري ملي اٿس.

Gul Hayat Institute

تباهيءَ جا سبب: مهن جي ڏڙي واري زمين تي اصل هڪ عاليشان شهر ٻڌل هو، جنهن جي نالي جي ڪنهن کي به سڌ ڪانهي. اهو شهر پوءِ ڌهي ڏڙو ٿي پيو، ۽ اتي جا رهاڪو منجهس ڊٻجي مري ويا، تنهنڪري "مهن جو ڏڙو" سڏجڻ ۾ آيو. اهو شهر ڪيئن تباهه ٿيو، تنهن بابت ڪن جوڙجوڙ آهي ته

سنڌونديءَ جي سيلاب يا ٻوڏن سبب ۽ پر وارن جبلن تان برسات جي پاڻيءَ جي ڇرن لهڻ سبب زمين دوز ٿيو. ڏڙي جي اندران جيڪي جايون هينئر لڏيون آهن، تن ۾ ڪن هنڌ باهه لڳڻ جا آثار ٻه ڏسڻ ۾ اچن ٿا، پر هن طرح جا رهاڪو هن وسيل شهر جي ويران ٿيڻ بابت عام طرح هينئين ڳالهه ڪن ٿا.

استاني ڏند ڪٿا (Local Tradition) : سومرن جي صاحبيءَ ۾ دلو راءِ نالي هڪ راجا ٿي گذريو آهي، جنهن ڪيترا ڪلور ڪيا هئا. هن ڪي هيءَ وڻ هئي، ته سندس صاحبيءَ ۾ جيڪا ٻه جوان ڇوڪري پرڻبي هئي، سا پهرينءَ رات پاڻ وٽ گهرائي ونندو هو. هن قهر جي ڪم ڪري رعيتي ماڻهن جي رڳ رڳ ڪيس پئي پٽيو. ڪنهن وقت خود سندس سڳي پاڻيجي ٿي پرڻي، ته هن لاءِ ٻه حڪم ٿيو ته پهرينءَ رات سندس محلات ۾ موڪلي وڃي. انهيءَ تي پيٽس ڳچيءَ ۾ ڪپڙو پائي، وڃي پيرن تي ڪريس ۽ هٿ ٻڌي، ليلائي چيائينس ته "منهنجي آندي جائيءَ کي پنهنجي نياڻي سمجهي سندس ست نه بگاڙيو!" پر هي مادئمهرو ڪين مڙيو. هو پنهنجيءَ ڳالهه تي هوڏ ٻڌي ٻيٺو ته هي ماءُ ڏيءَ ٻئي لوساڻجي ويون ۽ اوچنگارون ڏيئي زاروزار روئڻ لڳيون. سچ چيو اٿن ته "آهه غريبان قهر خدائي!" هنن ابلائن جي آهه عرش تائين پهتي، ته ڏسو قادر جي قدرت جو دلوراءِ جي ٻڙي مراد پوري ٿيڻ کان اڳ ئي اهڙو سخت طوفان لڳو، جنهن ڏرتي ۽ آسمان گڏي هڪ ڪري ڇڏيا. اوڏي مهل اوڙڪون ٻه اهڙيون وسيون، جي نه ڪنهن ڏٺيون نه ٻڌيون. اوچتو شهر جي مٿان وڃ ڪري ڏرتي ٻه ڏٻي، جنهنڪري دلوراءِ جي نگري (برهمڻ آباد) ناس ٿي ويئي ۽ ٻيا ڪيترا وسيل شهر جي سندس صاحبيءَ ۾ بلي بلي هئا، سي سڀ ويران ٿي ويا. انهيءَ لاءِ الاهي آفت وقت لاڙڪاڻي طرف هن وسيع شهر جون جايون زمين دوز ٿيون ۽ ڪئين ماڻهو دٻجي مري ويا. اهو ماهو ٿيو، تنهنڪري اهو "موهن جو دڙو" يعني مات ٿيلن جو دڙو سڏجڻ ۾ آيو. هن نالي ۾ "مهن" لفظ عام صورت جمع ۾ ڪم آيل آهي، تنهن مان ائين سمجهجي ٿو، ته هتي گهٽ ۾ گهٽ ٻه پيرا ماڻهن جو

ماهو ٿيو. "دڙو" لفظ مان ظاهر ته هيءُ شهر ڏهي، واريءَ ۾ مٽيءَ جو دڙو ٿيو، تنهن کانپوءِ مٽس اهو نالو پيو.

دڙي جي کوٽائي: انگريزن جي صاحبيءَ جي اوائل ۾ هن قسم جون کوجنائون رڳو الور، برهمڻ آباد ۽ بين ٿورن هنڌن ٿيون هيون، جو تن ڏينهن ۾ اهي هنڌ نهايت آڳاٽا ليکبا هئا. سن 1910ع ۾ ميرپورخاص نزديک ڪاهوءَ جي دڙي جي کوٽائي، مسٽر هينري ڪزنس آرڪيالاجيڪل ڪاتي جي سپرنٽينڈنٽ ڪرائي، ته اتان ٻڌ ڏرم واري زماني جون ڪي حقيقتون معلوم ٿيون. مهن جي دڙي جي سڌ جيتوڻيڪ آرڪيالاجيڪل ڪاتي وارن، توڙي لاڙڪاڻي ضلع جي روينيو عملدارن کي اڳي ئي هئي، پر ڪنهن نهاريس به ڪونہ ٿي. هتي پوءِ سن 1922ع ۾ کوٽائي ٿي ۽ ان لاءِ هڪ اتفاقي سبب اچي بڻيو.

سن 1918ع کان وٺي مسٽر رڪلداس بئنرجي. ايم. اي آرڪيالاجيڪل ڪاتي جي سپرنٽنڈنٽ، پنجاب طرف، بياس نديءَ جا سڪل پيٽ پئي جاچيا. سندس مڪيہ مراد هيءَ هئي، ته عيسوي سن کان سوا ٽي سو ڪن ورهيہ اڳي. بياس نديءَ جي ڪناري وٽ، سڪندر اعظم جيڪي ٻارهن ٽل ٽهرائي، مٽن يوناني ۽ هندستاني ٻولين ۾ نوشتا اُڪرايا هئا، تن جو پتو ڳولي ڪڍجي. اٽڪل چار ورهيہ پنجاب جي ڊاڪٽي پاڳي، بيڪانير ۽ بهاولپور رياست جا گشت ڪندو، مهراڻ يا هاڪڙي جا سڪل پيٽ جاچيندو، سنڌ ۾ آيو. واٽ تي بهاولپور رياست ۽ لاڙڪاڻي جي وچ ۾ سنڌونديءَ جا ارڙهن سڪل پيٽ نظر آيس! انهن کانسواءِ ٻڌ ڏرم واري زماني جي ستاويهن وڏن ۽ ٽيونجاهه ننڍن شهرن جا ويرانا سرحد سنڌ. سکر ۽ لاڙڪاڻي ضلعن ۾ڏٺائين. اهي سڀ هنڌ اک مان ڪيندو، سن 1922ع ۾ لاڙڪاڻي طرف مهن جي دڙي وٽ اچي بينو. ان وقت هڪ اوچي دڙي تي ڏنل ٽل ۽ ٻڌ ڏرم وارن جو هڪ مٺ (مندر) هو، جنهن جون پٿيون سنڌونديءَ جي سپاٽ (سطح) کان ڇائيتاليهہ فوٽ اٽاهيون هيون. مندر جي چوڌاري پيڪشن (ٻڌ ڏرم جي ساڌن) جي رهڻ

جي لاءِ ڪوٺيون هيون ۽ انهن ڪوٺين جي وچ ۾ مندر واري عمارت هئي. اتان مٿي چڙهڻ لاءِ ڏاڪڻ هئي ۽ پٺيان ٻئي طرف کان هيٺ لهڻ لاءِ ٻه ڏاڪڻ هئي، اتي هڪ وڏو ٽلهو هو، جنهن تي نل بينل هو. ان جي پاسي وارين پتين جي مٿان ٻه سوڙهيون ڏاڪڻيون هيون، جن مان هڪڙي اُتر ته ٻي ڏکڻ طرف ٿي ويئي. اتي هڪ ننڍڙيءَ ڪوٺيءَ ۾ گوتم ٻڌ جو پتلو رکيل هو. چون ٿا ته انهيءَ پتلي تي اڳي سونو پٽي چڙهيل هئي، پر وارا گونٽا پائيندا هئا ته هتي ڪو ڏن پوريل آهي، سي هتي اڇي، وقت بوقت زمين کوٽيندا هئا. سرون گپنديون هين، ته اهي هتان کڏي ڪڍي ويندا هئا.

مسٽر بئنرجيءَ هتي اڇي، پير سان ٻهر اُٽلايو، ته ٽڪر جي ٽانون ٽپن جا ٽڪر ٽوٽا ڏٺائين، جن تي نهايت عمدو ۽ عجيب ڪم ٿيل هو. ڪي پٿر جون ٿهيل چريون ٻه هٿ آيس، جي نئين پٿر واري زماني جون هيون. هي سڃاڻ انهن ٽورين شين لهڻ شرط سمجهيو ته هي هنڌ کوٽائڻ جي لائق آهي. خود ڪيس اوڏيءَ مهل اها ڳالهه من نڪا چت هئي، ته هتان اهڙي سيپتا جو پتو پوندو، جا اڳ ڪنهن ٻه ڳولي نه لڌي آهي، پر هتي جي زمين، جا پنج هزارن ورهين جي جهوني سيپتا پنهنجي پيٽ ۾ پائي ويني هئي، سا ڪوڏر جي پهرئين ئي لپي سان پڌري ڪرڻ لڳي، جنهنڪري مسٽر بئنرجيءَ جي هيڪاري دل وري آرڪيالاجيڪل ڪاتي وارا کوٽائيءَ جو ڪم ڪرائيندا ئي سياري ۾ آهن. مسٽر بئنجريءَ سن 22-1923ع وارو سيارو اُتي کوٽائي ڪرائي، پر ٻئي سياري ۾ ٻه اتي اچي، زمين وڌيڪ کوٽايائين ۽ سندس لايا سجايا ٽيا.

چئن زمانن جون عمارتون ۽ لڌل شيون

مسٽر بئنرجيءَ مهن جي دڙي بابت جيڪي رپورٽون ٻنهي سالن ۾ سرڪار کي موڪليون، آرڪيالاجيڪل ڪاتن جي سالياني رپورٽن ۾ ڇپيل آهن. انهن ۾ ڄاڻايو اٿس، ته دڙي کوٽيندي معلوم ٿيو، ته ان ۾ چئن جدا جدا زمانن جون عمارتون آهن. انهن عمارتن اندران جدا جدا زمانن جا سڪا،

Gul Hayat Institute

چقمق جا ٽڪر، ڪچ جون ڪنگڻيون، راند ڪرڻ لاءِ ڍارا، اڇي سنگ مرمر جون ڏوپ ڇٽيون ۽ پٽلا لڌا آهن. هڪ ڇٽسالي ٽيل مورتي لڌي آهي، جا ڪنهن ڏاڙهيءَ سان مڙس جي سسي آهي ۽ مٿي تي کوپڙيءَ جي شڪل جهڙي ٽوپي اٽس. دڙي جي اندر مردا ٻه پوريل هئا، ۽ مردن دفن ڪرڻ جا نمونا ٻه نرالا هئا. مسٽر بئنرجيءَ هتي جي عمارتن مان جيڪي شيون لڌيون، تن ۾ تنت مال پٿر، عاج ۽ ڄڻ جون ٺهيل مهرون آهن، جن تي قسمين قسمين جانورن جون شڪليون اُڪريل آهن. انهن تي ڪي اکر ٻه اڪريل آهن، جيڪي هاڻوڪيءَ ڪنهن ٻه ٻوليءَ جي صورتخطيءَ سان ملي نٿا اچن. اهي اکر اڃ تائين ڪو پوريءَ ريت پڙهي ڪونہ سگهيو آهي؛ پر مسٽر بئنرجي .انهن اکرن سمجهڻ جي ڪوشش گهڻي ئي عالم ڪن پيا اهي مهرون ڏسي گد گد ٿيو، جو سمجهيائين تہ ڪا شيءِ لڌي اٿم ائين سمجهڻ لاءِ سبب هئس.

پنجاب جي ڏکڻ ڏي، منٽگمري ضلعي ۾، لاهور ۽ ملتان جي اڌ واٽ تي، راوي نديءَ جي هڪ سڪل پيٽ وٽ، هڪ قديم ويرانو آهي. انهيءَ ڦٽل شهر جو نالو آهي "هرپا"، جو لفظ اصل ۾ آهي. "هرپد" يعني هريءَ (شويڱوان) جو پير، انهيءَ ويراني ڏي پهريائين پهريائين مسٽر مئسن (Mr. Masson) جو ڌيان سن 1826ع ۾ ڇڪيو. پنجن ورهين ڪانپوءِ مسٽر برنيس (Mr. Burness) کي اتان‌کي اهڙيون مهرون هٿ آيون. ميجر جنرل ڪننگهام ٻه سن 1853ع، 1856ع ۽ 1872-1873ع ۾ اهڙيون مهرون اتان لڌيون. انهن تي ديوناگري اکرن جي نموني ماترائون (لاڪنائن يا اعرابن) سان ڪي اکر اڪريل هئا. سن 1921ع ۾ راءِ بهادر دياڙام سهني ايم. اي. آرڪيالاجيڪل ڪاتي واري پٽ اهڙيون مهرون لڌيون. مهرن تي اُڪريل اکرن بابت ان وقت ائين ٿي سمجهيائون، تہ قديم زماني ۾ اها لپي يا آئيويٽا رڳو پنجاب طرف چالو هئي. هينئر هرپا جي ويراني کان چار سو ميل پري، مهن جي دڙي مان، مسٽر بئنرجيءَ اهڙن اکرن سان مهرون لڌيون، تہ انهيءَ

مان ايترو ثابت ٿيو، تہ جنهن زماني ۾ پنجاب ۾ اها آئيويٽا چالو هئي، تنهن ساڳئي زماني ۾ سنڌ ۾ بہ چالو هئي. هرپا مان بہ مهن جي ڏڙي جهڙيون عمارتون ۽ ٻيون شيون لڌيون آهن، تہ اڄ پچو چئبو تہ پنجاب کان وڃي سنڌ تائين تهذيب ئي ساڳي هئي. هن نئين کوجنا مسٽر بئنرجيءَ جو چاهہ وڌايو. هو صاحب هن کم کي هيکاري جنبي ويو؛ پر گهڻي جاکوڙ کري پنهنجو بت کيري وڃائين، جنهنکري هي کوجنا جو کم کجهہ وقت روکجي پيو.

ان وقت هندستان جي آرکيالاجيکل کاتي جو ڊائريکٽر جنرل سر جان مارشل هو. هرپا ۽ مهن جي ڏڙي مان لڌل سڀ شيون گهرائي، پاڻ تپاسيائين. هو صاحب يکدم سمجهي ويو، تہ ههڙي کوجنا پنجاب ۽ سنڌ ۾ اڳي کنهن بہ کانہ کئي آهي. مهرن تي جيکي اکر اکريل هئا، سي جيتوڻيک پاڻ بہ پڙهي کونہ ٿي سگهيو، تہ بہ ايترو سمجهيائين تہ انهن مهرن تي جيکي اکر اُکريل آهن۽ شکليون نکتل آهن، سي پونوچ سمند وارن ملکن جي قديم سيٻيتا سان کجهہ قدر ملي ٿيون اچن. پوءِ تہ چا کيائين جو مهن جي ڏڙي مان لڌل عمارتن ۽ شين، ۽ سيني مهرن جا فوٽا، "السٽريٽيڊ لنڊن نيوز" ۾ چپائي پڌرا کيائين، تہ من کو عالم هنن نين شين تي کا روشني وجهي سگهي. سندس اهو ليک فوٽن (تصويرون) سميت "السٽريٽيڊ نيوز" جي 20 سيپٽمبر 1924ع واري پرچي ۾ چپجي پڌرو ٿيو، تہ نک ٻئي هفتي ساڳي مخزن ۾ پروفيسر اي. ايچ. سئس ظاهر کيو تہ انهيءَ ساڳي سيٻيتا جا اهجاڻ ميسو پوٽيميا طرف بہ ملڻا آهن.

مهرون بہ ساڳيون تہ عمارتن جي اڏاوت جو نمونو بہ ساڳيو! سگهوئي پوءِ ايران طرف بہ انهيءَ ساڳيءَ سيٻيتا جون ثابتيون مليون. جنهنکري آرکيالاجيکل کاتي وارن کي ائين وسهڻ لاءِ سبب ٿيو تہ پنجاب ۽ سنڌ کان وڃي، عراق ۽ ميسو پوٽيميا تائين کنهن قديم زماني ۾ هکڙي ئي تهذيب هئي. هن نئينءَ کوجنا کيترن ئي هنڌن جي عالمن جو گهڻو ڌيان چکيو. هندستان، يورپ ۽ آمريکا ۾ جيکي بہ اخبارون ۽ مخزنون چپجن ٿيون، تن

سيني ۾ مهن جي ڏڙي بابت ليکن پنيان ليک چپيا، جنهنکري مهن جو ڏڙو سڄيءَ دنيا ۾ مشهور ٿي ويو!
هينئر هيکاري ضرور ٿيو ته مهن جو ڏڙو اجان وڌيڪ کوٽائجي ته من کو وڌيڪ پتو پوي؛ پر هن ڪم لاءِ ججهو ناڻو گهرجي. سگهوئي هند ليجسليٽو اسيمبليءَ جي بجيٽ جي ميٽنگ ۾ رٽ پيش ٿي، ته هندستان جي آرڪيالاجيڪل کاتي کي هند سرڪار هڪ فنڊ پنجاهه لک رپين جو منظور ڪري ڏني، جنهن مان آئيندي اهڙا ڏڙا کوٽائجن. انهيءَ رٽ پيش ڪندي سيڪريٽريءَ هن ڳالهه تي زور ڏنو ته پنجاب ۽ سنڌ مان هينئر جنهن سپيتا جو پتو پيو آهي، تنهن تي سڄي هندستان کي فخر ڪرڻ لاءِ سبب آهي، ۽ اهو فنڊ ضرور قبول ٿيڻ گهرجي. اسيمبليءَ ايترو پئسو ڏيڻ نه قبوليو، ته هندستان ۾ ناراضپو پيدا ٿيو. انهيءَ هوندي به اسيمبليءَ کي جس آهي، جو اڌائي لک روپيا سالياڻو قبوليائين.

سر جان مارشل پوءِ سنڌ ۾ آيو ۽ مهن جي ڏڙي جي وڌيڪ کوٽائي ڪرائڻ لاءِ ڪجهه وقت پاڻ اُتي وڃي رهيو. ڏوکري اسٽيشن کان ونڊي مهن جي ڏڙي تائين رستو ٺهرايائين، عملي لاءِ جايون جوڙايائين ۽ اٽڪل هڪ هزار مزدور ڏڙي کوٽائڻ لاءِ رکيائين، جن مان ڪيترا بروهي هئا، جي پنهنجيون پونگيون اَڏي اتي رهيا؛ مهن جي ڏڙي وٽ هڪ ڳوٺ ٻڌجي ويو. سرجان مارشل پنهنجي سر مزدورن کي سمجهائيندو هو ته کوٽائي ڪيئن ڪجي. مزدورن جي لاءِ هيءُ نئون ڪم هو، پر اهڙو ته هري ويا جو اَن جو داڻو به لهندا هئا، ته اهو به آڻي ڏيندا هئس. ائين ڏڙي مان گهڻي ئي شيون لڌيون. جيئن جيئن نيون شيون پئي لڌيون تيئن تيئن انهن جو مختصر ذڪر اخبارن ۾ پئي چپيو. آمريڪا ۽ يورپ جي ڪيترن عالمن پڃ پڃ لاتي ته اسان کي چٽيءَ ريت کولي ٻڌايو، ته اتان جا جا لڌو اَڻو! سر جان مارشل سندين اُڻ تڻ لاهڻ لاءِ پنهنجيءَ صحيح سان "السٽريٽيڊ لنڊن نيوز" ۽ ٻين مخزنن ۾ ليک لکيا. آخر هڪ سهڻو ڪتاب، ٻن جلدن ۾، باتصوير، مهن

جي دڙي ۾ سنڌو سيبتا بابت ڇپايائين جنهن جي قيمت ڏهه گنيون (ڏيڍ سوَ روپيا، اجان به وڌيڪ) آهي. سن 1922ع کان وني 1927ع تائين جيڪا کوٽائي ٿي تنهن جو سربستو ذکر ان ۾ ڪيو اٿس. انهيءَ کانپوءِ به دڙو کوٽايو اٿن. مسٽر ٻئنرجي جنهن پهريائين اهو دڙو کوٽايو هو، تنهن مهن جي دڙي بابت ڏار ڪتاب لکيو. مسٽر دڪشٽ ۾ مسٽر مئڪي به ڪيترو وقت پنهنجي نظرداري هيٺ دڙو کوٽايو هو. مسٽر مئڪي به ڏار ڪتاب لکيو آهي. انهيءَ ريت مهن جي دڙي بابت ٻين به ڪتاب لکيا آهن. هن وقت تائين قديم سنڌ جي تاريخ جوڙڻ لاءِ جيڪي مصالحو مليو آهي، سو ڏار باب ۾ ڇاڻائجي ٿو؛ اهو سمورو سر جان مارشل جي ڪتاب ۾ سندس ليکن مان ڪڍيو آهي. مسٽر ٻئنرجيءَ ۾ ٻين عالمن کا خاص ڳالهه ڪئي آهي.

---

* سنڌيءَ ۾ "ماهو" معنيٰ خون يا ڪوس. ڪٿي لٺ لڳندي آهي ۾ ڪي ماٺهو اڇٽ مري ويندا آهن، تہ چئبو آهي تہ "ماهو" ٿيو، ساڳيءَ طرح جنگين ۾ زلزلن سبب به ماهو ٿئي ٿو. "ماهو" جو ڏاتو يا بنياد آهي سنسڪرت لفظ "مش" معنيٰ ڪهڻ يا ناس ڪرڻ. پراڪرت ۾ ان جو اُچار آهي "مهه" سنڌيءَ ۾ چئون "مهو- ماهو" اُن جو ڦيرو ڪبو تہ عام صورت واحد ۾ چئبو "مهي-ماهي" جمع "مهن- ماهن"، پر "مهين" به چئبو آهي: انهيءَ سبب "مهن جو دڙو" معنيٰ "مات يا خون ٿيلن جو دڙو" (Mound of the Killed)

* "تحفظة الڪرام" موجب برهمڻ آباد، پنيور ۾ اهڙا ٻيا شهر عيسوي اٽين صدي جي وچ ڌاري ويران ٿيا هئا.

* Dr. Suniti Kumar Chatterji: Modern Review December. 1924.

** "Mr Banerji, one of the greatest scholars that India has ever produced, at once realized the great importance of that discovery (at Mohan Jo Daro). The civilization, the relics of which so accidentally came into his hands, was totally unknown civilization, not only in India, but all over the world. That was the beginning of the discovery of a new period in the history of man. "Rev. H. Hearas: Journals of Indian History. April 1937. p 1.

* فادر هئرس جو چوڻ آهي تہ پاڻ اهي لکيتون سمجهي سگهيو آهي، پر جيڪي سمجهيو اٿس سو برابر آهي يا نہ – تنهن ڳالهه جي تصديق اڄ تائين ڪنهن ڪانہ ڪئي آهي.ڏسو صفحو هينيان انگريزي نوٽ

* Journal of Indian History, Vol V. 1926, pp. 101-106.

باب چوٿون

مهن جي ڏڙي واري عاليشان سڀيتا

سنڌو ماڙ جي قديم سڀيتا: شهر مٽان شهر: مهن جي ڏڙي جي اتڪل تيرهن ايڪڙ زمين هيلتائين کوٽائي اٽن. هتان ست شهر هڪ ٻئي جي مٽان لڌا آهن. آبڪلاني ۾ سنڌوندي جي اُتل ۾ چوماسي ۾ جبلن تان پاڻي جي چرن لهڻ سبب هيءُ شهر هڪ ڀيرو زبون ٿيو ٿي، ته پاڻي جي چينهري ٿيڻ کانپوءِ ماڙهن وري انهيءَ ويراني مٽان ٻيو نئون شهر ٻڌو ٿي. ائين شهر مٽان شهر ٿي ٻڌائون، جن مان ستن شهرن جو پتو پيو آهي. پائنجي ڏو ته هيءُ شهر واپار يا ٻين سببن ڪري مڪيو هو، جنهنڪري ماڙهن وري وري اهو ساڳيو شهر وسايو ٿي ائين ست گهمرا ساڳيو هنڌ وسايائون. انهن ويرانن جي هيٺان پاڻي نڪتو آهي، جنهنڪري چئبو ته انون شهر ڪونه هو.

شهر جو ڍؤل: مهن جي ڏڙي مان جيڪي شهر هينئر ظاهر ٿيا آهن تن مان آساني سان سمجهي سگهجي ٿو ته پنج هزار ڪن ورهيه اڳي ٻه ماڙهو ائين محلا ۾ پاڙا جوڙي رهندا هئا، جيئن اڄ اسين رهون ٿا. مطلب ته شهر ٻڌڻ جو ڍؤل جيڪو هينئر آهي سو جڳن جو آهي. هتي جا رستا ڪشادا ۽ سنوان آهن، جي سڌا اُتر ڪان ڏکڻ ڏي وڃن ٿا. انهن رستن مان گهٽيون هڪ ٻئي جي آمهون سامهون ڦٽن ٿيون، جنهنڪري هڪ هڪ محلو ڏار ٻينو آهي.

عمارتون: هرهڪ شهر ۾ جيڪي عمارتون آهن. تن مان ڪنهن ٻه عمارت کي چت ڪانهي. پائنجي ڏو ته چتين جون ڪامون ۽ لڙهيون يا پٿيون ججهي عرصي گذرڻ ڪري سڙي ڀجي ڀري ويون آهن، يا باهه لڳڻ ڪري جلي ٻسم ٿي ويون آهن. سڀ عمارتون پڪسريون آهن ۽ ڏسڻ ۾ اهڙيون تازيون پيون اچن، جو جڙ ته ڪلهه ڪلهوٽيءَ هي شهر ٻڌا هئا. سرون نهايت عمديءَ ريت گهڙيل آهن ۽ تاريخ واري زماني ۾ هندستان ۾ جيڪي سرون ايندين هيون، تن کان ٻنهه علحدي نموني آهن.

(1) گھر: جيڪي عمارتون لڏيون آھن، تن مان ڪيتريون ماڻھن جي رھڻ جون جايون آھن. سڀ جايون ڪشاديون ۽ ھوادار آھن. ڪن گھرن جي اڳڻ ۾ ڏاڪڻ آھي، جنھن مان سمجھجي ٿو تہ جاين جي مٿان ماڙيون ۽ اڏيل ھيون، ھر ھڪ گھر کي پنھنجو پنھنجو کوھ ۽ سنان جي ڪوٺي آھي. سنان جي ڪوٺين کي سرن جو فرش ٻڌل آھي! ڪوٺيءَ ڪوٺيءَ جي ھڪ ڪنڊ وٽان پاڻيءَ جي نيڪال لاءِ موري آھي، جنھن مان پاڻي وھي، گھٽين جي ڪسين ۾ وڃي پوندو ھو. گھٽين جون ڪسيون ڏکيل آھن، جن مان اندران ئي اندران پاڻيءَ جو نيڪال ٿيندو ھو! ڪن سنانن جي جاين ۾ سرون ڪٽي، اُھو ڪٽو چن سان ملائي تنھن سان نھانيءَ (سنان جي ڪوٺي) جو تر لتو اٽن، تہ ڏرتي پاڻي چھي نہ وڃي! پٽين تي پلستر ٿي انچ ٿلھو چڙھيل آھي. سرن جي جيڪا چوڑائي ٿيل آھي، تنھن ۾ ڪيترن ھنڌ گارو ڪٽب آيل آھي، پر ڪن ڪن ھنڌ چيرولي(Gypsum) ڪم آيل آھي، جا نئن گاج ۾ اڇ ۽ ججھي انداز ۾، پيدا ٿئي ٿي. عمارتن تي نقش جو ڪم ڪونہ ٿيل آھي، تہ ۽ سرجان مارشل چوي ٿو تہ ھندستان ۾ ھڙي عمدي آڏپ مھن جي دڙي واري زماني ڪانپوءِ ۽ ڪٽي ڪانہ ٿيندي ھئي. ھڙيون عمديون پڪسريون جايون گھٽو خرچ ٿيون پچن، تنھنڪري مستر مئڪي جو اھو قياس پورو آھي تہ ھتي جا ماڻھو وڏيءَ ھوندا وارا ھئا.

(2) **پنچائتي ھال:** ڪي عمارتون ٽنين سان آھن، جن مان ھڪ ھال اٽڪل اسي فوٽ آھي، اتي شايد پنچائتون ڪنيون ٿيندیون ھيون، يا ڪن موقعن تي ماڻھو اچي مڙندا ھئا.

(3) مندر: ڪي عمارتون شايد مُٺ يا مندر ٿي ڪم ايندیون ھيون. اھڙين جاين جي بنا (Plinth) ٻين جاين کان مٿي آھي. انھن ۾ ڪوٺيون ننڍيون آھن، پر پٽيون بلڪل مائيدار آھن. ڪن پٽين جي ٿولھ ڏھ فوٽ ۽ آھي! انھيءَ مان سر

جان مارشل اهو انومان ڪڍيو آهي تہ انهن جي مٿان شايد گهٽيون ماڙيون جڙيل هيون، جنهنڪري هينيون پٽيون اهڙيون ٽلهيون رکيون اٿن.

(4) **دڪان:** ڪن عمارتن مان ظاهر آهي تہ اهي دڪان ٿي ڪم ايندیون هيون. اهڙيءَ هڪ عمارت مان نيروٽيءَ جي ڪن لڌي آهي، ۽ نير جا چٽا بہ ڏسڻ ۾ آيا آهن.

(5) **ودڙو تلاءُ:** سيني عمارتن ۾ هڪ اڏاوت، جا گهٽو ڏيان ڇڪي ٿي، سا اُها آهي، جنهن مان هڪ ودڙو تلاءُ لڌو آهي. ان جون پٽيون ٽولهہ ۾ ست اَٺ فوٽ آهن. تلاءَ جي ٻن پاسن کان پوڙيون نهيل آهن، جنهنڪري پلي تہ ڪو هڪڙي پاسي کان پوڙين تان لهي هيٺ وڃي، ۽ ٻئي پاسي وارين پوڙين تان چڙهي مٿي اچي. اهو تلاءُ اٽيتاليهہ فوٽ ڊگهو، ٽيويهہ فوٽ ويڪرو اَٺ فوٽ اونهو آهي! تلاءَ جي ٻاهرئين پاسي، پر وارين ڪنڊين مان هڪ ۾ هڪ اونهو ڪوهہ آهي، جنهن جو پاڻي اڃ ڏينهن تائين ڪم آٽڻ جهڙو آهي. شايد انهي ڪوهہ جي پاڻيءَ سان تلاءَ پريندا هئا. انهيءَ تلاءَ جي هڪ ڇيڙي وٽ هڪ شاهي ڪسي آهي، جنهن مان شايد پاڻيءَ جو نيڪال ٿيندو هو. اها ڪسي نهايت عمديءَ ريت جڙيل آهي ۽ ايترو اونهي آهي، جو پلي تہ چهہ فوٽ لنبو مڙس منجهس بينو هجي! سڃي ڪسي ڊڪيل آهي؛ پر مٿان ڇت وٽان ٽورو ٽڪر ڪليل (Man-hole)اٿس، جنهن مان پلي تہ ڪو ماڻهو اندر لنگهي وڃي، سڃي ڪسي صفا ڪري، پاڻيءَ جي سيمي ڪي روڪڻ لاءِ رومي ڊامر (Bitumen or Asphalt)دوراندیشي ڪري هڻي ڇڏيو اٿن. هن مان ظاهر آهي تہ وادي (ماڙ) سنڌ جا رهاڪو پنج هزار ورهيہ اڳي نہ فقط قابل معمار هئا، پر هاڻوڪي زماني جي سرويرن ۽ انجنيئرن وانگر پوري ڳڻ ڳوت بہ ڪري سگهندا هئا.

ڪوهہ: مُهن جي دڙي جي هر هڪ گهر ڪي پنهنجو پنهنجو ڪوهہ آهي. ڪي ڪوهيون آهن. ڪيترين گهٽين مان ۽ رستن تان وڏا ڪوهہ لڌا آهن، جي يڪسرا ۽ گولائيءَ تي آهن – هڪ بہ ڪوهہ بيضوي شڪل جو بہ آهي. ٻن ڪوهن وٽ پڪسرون بئنچ نهيل آهي – اهو شايد انهيءَ لاءِ هو تہ جيستائين ڪنهن کي پاڻيءَ پرڻ جو وارو ملي، تيستائين انهيءَ بئنچ تي وهي.

کسيون يا موريون: سڄي شهر جي گندي پاڻيءَ جي نيڪال جي ترتيب نهايت سهڻي نموني جي آهي. مسٽر بريلسفورڊ چوي ٿو ته يورپ ۾ اهڙي عمدي ترتيب عيسوي اوڻويهين صديءَ تائين به ڪانه هئي. مسٽر آينگر چوي ٿو ته مئلي ۽ مورين جو بندوبست جيتوڻيڪ منجهيل گندبل آهي، ته به اهڙو پورڻ ۽ مڪمل آهي، جو ڪوبه هاڻوڪو شهر سچ پچ جيڪر فخر سان اهو اختيار ڪري. پاڻيءَ جي نيڪال لاءِ کسين جي هيتري ساک سيني عالمن حق تي ڪئي آهي. سرجان مارشل پاڻ به لکيو آهي ته پاڻيءَ جي نيڪال جو طريقو غير معمولي طرح سڌريل نموني جو آهي. هرهڪ رستي، گهٽي ۽ لنگهه کي پنهنجي پنهنجي ڊڪيل نالي يا کسي آهي، ۽ انهن جون سرون اهڙي عمديءَ طرح گهڙيل ۽ هڪ ٻئي سان جڙيل آهن، جو انهيءَ کان وڌيڪ عمديءَ ريت ڪم ڪرڻ جي وات ڪو ڏسي ڪونه سگهندو. ******

حفظ صحت: شهر جي رونق منجهان ئي ائين پيو سمجهڻ ۾ اچي ته هن شهر جي ميونسپالٽي کا سڃاڻ هئي. جنهن کي شهر جي حفظ صحت جو گهڻو اونو هو. شهر کهڙي ڊؤل تي ٻڌجي، ۽ صفائي سنائي ڪيئن رکجي، تن ڳالهين جي جيتري ان وقت جي ماڻهن کي سڌ هئي، تيتري اسان جن چئن پنجن پيڑهين وارن ابن ڏاڏن کي به ڪانه هئي. هر هڪ گهر هڪ ٻئي کان ايتري قدر پري آهي، جو کنهن به گهر کي هوا ۽ روشني ملڻ ۾ کنهن به اٽڪ ٿيڻ جو امڪان ڪونهي. ماڻهن کي انجنيري ڪم جي به جاڻ هئي، جو درياهه جي اڻل کان شهر جي بچاءَ جو خاطر خواهه بندوبست ڪري سگهيا ٿي، ۽ گندگي پاڻيءَ توڙي برسات جي پاڻيءَ جي نيڪال لاءِ نالين ۽ کسيون نهايت عمديءَ ريت جوڙي سگهيا ٿي. کسين ۽ مورين جي وقت بوقت صفائي ڪرڻ لاءِ منجهن "مئن هول"(Man-hole) به رکيائون ٿي، جيئن اڄ ڪالهه ميونسپالٽيون ڪن ٿيون. گهر جي گند ڪچري جي نيڪال لاءِ پتين ۾ سوراخ ڪري ڇڏيندا هئا، ته ڪچرو اتان وهي وڃي گهٽيءَ ۾ پوي. گهٽين ۾ ڪچري ڪني ٿيڻ لاءِ ڪڏون هيون جي پوءِ پنگي صفا ڪندا هئا. آرڪيالاجيڪل ڪاتي وارن جون ڄاڻايل هي سڀ

ڳالهيون ڏيکارين ٿيون تہ پنج هزار کن ورهيہ اڳي جڏهن ٻين کيترين قومن کي اڃان پنهنجي بت ڊيڪٽ جي ٻہ سڌ ڪانہ هئي، تڏهن اسان جا سنڌي، نهايت سڌريل ماڻهن وانگر پنهنجو جيوت ڪاڻيندا هئا.

شڪل شبيهہ، پوشاڪ ۽ زيور: مهن جي ڏڙي مان جيڪي پتلا هٿ آيا آهن، تن مان قديم سنڌين جي شڪل ۽ مهاندن جو اندازو ڪري سگهجي ٿو. هو قد جا بندرا ۽ بت ۾ سٽروٽرا هئا. چپ پريل ۽ اکيون سوڙهيون هين. اهي مهاندا فقط مهن جي ڏڙي جي رهاڪن جا هئا، يا عام طرح سيني سنڌين جا هئا، تنهن بابت ڪابہ ڪافي ثابتي ڪانهي.

سيني پتلن ۾ ڏسجي ٿو تہ ماڻهن جو ڪنڌ ٿلهو ۽ پريريو آهي، ۽ ڳٽن جا هڏا چپٽڙا اٽن. پتلن مان هيءَ ڳالهہ ٻہ ظاهر تہ مرد ننڍيون ڏاڙهيون رکائيندا هئا. مڇون ڪن جون ڪوڙيل تہ ڪن جون رکيل هونديون هيون. مٿي جا وار پيشاني وٽان ورائي، پنيان ويڙهي، منجهن ڪنگو اٽڪائي ڇڏيندا هئا. جنهن ڪري انهن کي ويڙهڻ جو ضرور ڪونہ ٿيندو هو.

زناني شڪل وارن پتلن مان ڏسجي ٿو تہ کي زالون پنهنجا وار ڳچيءَ وٽان ورائي، پوئتان ڪليل ڇڏيندڙيون هيون. ۽ کي چوٽي ويڙهي سگ وانگر چهنبدار ڪندڙيون هيون.

پوشاڪ: مردن جي پوشاڪ ڏوتي ۽ چادر هئي، جنهن جو پلئہ ساڄي بغل هيٺان لنگهائي، ڏاڻي ڪلهي تي اڇلي وجهندا هئا. ڪن پتلن مان ائين سمجهڻ ۾ پيو اچي تہ ڏوتيءَ بدران هڪ اهڙي گهگهري پيل اٽن، جهڙي هن وقت لنگها (ڌهلاري) پهرين ٿا. کي مورتون بنهہ اگهاڙيون آهن، ۽ ڪن ۾ ماڻهن کي لنگوٽ چڙهيل ڏسڻ ۾ اچي ٿو.

زيور: مهن جي ڏڙي واري زماني ۾ زالون توڙي مرد زيور عام طرح پائيندا هئا: ڪنني يا هسي، تائٽ ۽ مندڙيون، مرد ٻہ پائيندا هئا. انهن کان سواءِ زالون ڳڻ يا پنڙا، داڻن جا هار، چانديءَ يا سون جون ڪنگڻيون ۽ نورا پائيندڙيون هيون. ڪن پتلن ۾ زالن کي بت تي ٻانهين ڪلهي تائين پيل ڏسجي ٿي، جنهن مان ظاهر آهي، تہ انهيءَ زماني ۾ چوڙيگر ٻہ هوندا هئا، ڪن زيورن تي

Gul Hayat Institute

جڙت جڙيل ڏسڻ ۾ اچي ٿي، جنهن کري چئبو ته جڙوئا به هئا. کن گهرن مان، زمين جي هيٺان پوريل، کي ٽامي جا باسڻ برتڻ آرکيالاجيکل کاتي جي سپرنٽينڈنٽ مسٽر دکشت لڌا، جن سان گڏ هک مڙيل کارائي به هئي. هک ٽانءَ ۾ قيمتي زيور پيل هئا. جن تي جڙت جڙيل هئي. سر جان مارشل انهن زيورن ليڻ کان سگهوئي پوءِ "السٽريٽيڊ لنڊن نيوز" ۾ لکيو ته "سونا زيور اهڙيءَ عمديءَ ريت گهڙيل آهن ۽ اوجر (پالش) اهڙي اُڇي اٽن، جو جڙ ته لنڊن جي بانڊ اسٽريٽ (سونارن جي گهٽي) مان هينئر گهڙجي آيا آهن ۽ پنجن هزارن ورهين جا جهونا پائنجن ئي کين ٿا.

قيمتي پٿر: مهن جي دڙي مان جيکا زيورات هٿ آئي آهي، تنهن مان پتو پوي ٿو، ته قديم سنڌ جا رهاکو عقيق يا سنگ سليماني (Agate)، نيلم، پيروز ۽ ٻيا قيمتي پٿر، هار جي داڻن توڙي زيورن لاءِ جڙت طور کم آڻيندا هئا. هرپا توڙي مهن جي دڙي مان شيشو کونہ لڌو آهي، پر انهيءَ زماني ۾ کاريگر هک اهڙو ليپ ناهيندا هئا. جو سکڻ کانپوءِ شيشي وانگر بکندو هو. انهيءَ مان داڻا ناهيندا هئا، جي قيمتي پٿرن بدران کم آڻيندا هئا. سن 24-1925ع ۾ هک سهڻو هار لڌو، جو خود ساک پيو پري ته کنهن قابل کاريگر جو جوڙيل آهي.

مسٽر رکلداس بئنرجي، جنهن مهن جو دڙو پهريائين کوٽايو هو، سو ته وينجهارن جي ساراهه مان ڌاپي ئي نٿو، چي رگ وید ۾ جن آرين جو ذکر آهي، تن کي به اهڙو هنر کونہ هو جهڙو مهن جي دڙي جي کاريگرن کي هو. سر جان مارشل به انهيءَ هار جي گهٽي ساک کئي آهي.

کيتي ۽ ٻيا هنر. پوک: قديم سنڌ جي پوکي راهيءَ بابت گهڻو پتو کونہ پيو آهي؛ باقي مهن جي دڙي مان کٽک ۽ جو لڌا آهن. جيتوٽيک ترن جو هک داڻو به کونہ لڌو آهي، ته به ائين وسهڻ لاءِ سبب ٿئي ٿو، ته ترن جي پوک به ٿيندي هئي، چاکاڻ ته رگ وید مان معلوم ٿئي ٿو ته انهيءَ آڳاٽي وقت ۾ پنجاب ۽

Gul Hayat Institute

سنڌ ۾ ترن ۽ جوڻ جا فصل پلا ٿيندا هئا. هن وقت ان پيهڙ لاءِ جيڪي جنڊ ڪم اچن ٿا، سي عيسوي سن کان ٻه صديون ڪن اڳي چالو ٿيا هئا. اڳي جنڊن جو نمونو ئي ٻيو هوندو هو. اهي اؤر نموني جا جنڊ مهن جي ڏڙي مان تمام گهٽا لڌا آهن. انهيءَ مانمستر مئڪي اهو انومان ڪيو آهي ته اَن جي پوک گهٽي ٿيندي هئي، جنهنڪري ماڻهن وٽ جنڊ ٻه گهٽا هوندا هئا.

ڪاڏو: ڪٽڪ ۽ جون کان سواءِ ماڻهو ڪجور ٻه کائيندا هئا. ڪارڪن جون ڪڪڙيون ڪوٽائيءَ ڪندي هٿ آيون آهن. ان وقت ماڻهو مڇي ماس، بلڪ ڳائو گوشت ٻه کائيندا هئا. درياهه جي مڇيءَ جا ته خوراڪي هئا؛ پر ڪڇئون ۽ ڪميون ٻه ڪين ڇڏيندا هئا!

ڪتڻ۽ اُٽڻ جو هنر: ڪيترا ائٽ ۽ ٽڪ لڌا آهن: ڪي سادا ته ڪي اُڇا. انهيءَ مان سمجهجي ٿو ته غريبن توڙي شاهوڪارن جي گهرن ۾ چرخي چورڻ جو رواج هو. ڏڙي منجهان هڪ چانديءَ جو ٽانءُ، جواهرات ۽ مٽين سان پريل لڏو، جو اُڇيءَ طرح اُٽيل ڪپڙي سان ويڙهيل هو. ان۾ ديسي ڪپهه ڪم آيل آهي. هن مان ظاهر آهي ته پنج هزار ورهيه اڳي سنڌ ۾ وڻڻن جي پوک ٿيندي هئي، ۽ انهيءَ قديم زماني ۾ ئي سنڌي ماڻهن وٽ ڪپڙي اُٽڻ لاءِ آڏاڻا ٻه هئا.

ڏاتو: قديم زماني جي ماڻهن وانگر، مهن جي ڏڙي جا رهاڪو، پٿر جا اوزار ۽ ٽانءَ ٽپا ڪم آٽيندا هئا، پر ٽامي جي ٻه سڌ هين، جنهن مان پٽ باسڻ، برتن، اوزار بلڪ ڪي گهٽا ٻه جوڙيندا هئا ۽ لوهه جو ذرو ٻه ڪونه لڏو آهي، پر هيءُ زمانو ئي اهڙو هو، جنهن ۾ ماڻهن کي لوهه مارڻ جو عقل اڃا آيو ئي ڪونه هو. قلعي ٻه ڏار ڪانه لڏي آهي، باقي رڳو ٽامي سان گڏيل هٿ آئي آهي. مهن جي ڏڙي وارا ٽامو ۽ قلعي گڏي "برانز" (Bronze) ٺاهيندا هئا، جنهن مان ٻه ٽانءَ ٽپا ۽ اوزار جوڙيندا هئا. مسٽر محمد ثناءُ الله، هند سرڪار جو آرڪيالاجيڪل ڪيمسٽ چوي ٿو ته ٽامي ۽ قلعي مان "برانز" جوڙڻ جي سڌ سنڌو ماٽر جي ماڻهن کي عيسوي سن کان ٽي هزار ورهيه اڳ بلڪ انهيءَ کان ٻه اڳي هئي.

هٿيار: مهن جي ڏڙي مان ٽوريون پٿر ۽ ٽامي جون ٺهيل گدائون (Maces) ٽورا ڀالا ڪٽاريون، تير ۽ ڪمانيون هٿ آيون آهن. ترار جوڙڻ جو ته رواج ئي گهٽو

پوءِ پيو، تنهنڪري ترار کانه لڏي آهي. شهر کي عالم پناهه کانهي. کا زرهه بہ کانه لڏي آهي. جنهنڪري پائنجي ٿو تہ ملڪ ۾ لڙائي اڪثر کانه لڳندي هئي ۽ ماڻهو صلح سانت ۾ گذاريندا هئا.

وٽ ۽ ماپا: وٽ ۽ ماپا قسمين قسمين لڏا آهن. اهي اڪثر نازڪ ۽ ننڍڙا آهن. کي مخروطي شڪل جا وڏا پٿر لڏا آهن، جن ۾ مٽان سوراخ آهي. انهن سوراخن مان ڏور لنگهائي سگهجي ٿي. اهي پٿر تور مهل وٽ ڪري ڪم آڻيندا هئا. کي ننڍا وٽ خاڪي رنگ جي سليٽ جا، پيٽ جي شڪل جهڙا آهن. جي ايلم ۽ ميسوپوٽيميا جي وٽن سان مشابهت رکن ٿا. مسٽر اي. ايس. مئڪي چوي ٿو تہ "مهن جي دڙي جا اهي ۽ ميسو پوٽيميا جي قديم وٽن کان وڌيڪ سوڏا ۽ پورا آهن.

ڪنيارڪو هنر ۽ ڪاشيءَ جو ڪم: مهن جي دڙي جي ماڻهن وٽ چانديءَ ۽ ٽامي جا ٽانءَ ۽ چمڪيدار ليپ جون ٺهيل گلاباشيون وغيره هوندیون هيون؛ پر رواجي ٽانءَ ٽپا اڪثر ٺڪر جا هوندا هئن. سنڌ ۾ نالو ڪين جوڙڻ جو هنر جڳن کان عام هو؛ پر مهن جي دڙي واري زماني ۾ سنڌي ماڻهو ڪنيارڪي هنر ۾ اهڙا تہ پڙ ٿي ويا هئا، جو چٽسالي‌ءَ سان ٽانءَ ٽپا جوڙيندا هئا! کي ٽانءَ اهڙا تہ نفيس جوڙيندا هئا، جو اُهي عام طرح "اغذي" سڏجن ٿا. کاشيءَ جي ڪم جا آڳاٽا نمونا بہ رڳو مهن جي دڙي مان مليا آهن. مسٽر ارنيسٽ مئڪي چوي ٿو تہ "رومن جي وقت کان اڳ مصر ملڪ ۾ انهيءَ هنر جي مصري ماڻهن کي ڪل بہ کانه هئي"، ڪن ٺڪر جي ٽانون تي جانورن جون شڪليون اهڙيون ٺڪتل آهن، جهڙيون لڏل مهرن تي آهن.

سنگتراشي ۽ اُڪر جو ڪم: سنگتراشيءَ ۽ اُڪر جي ڪم ۾ مهن جي دڙي جي رهاڪن پنهنجيءَ قابليت جو چڱو ثبوت ڏنو آهي. ڊڳن، ڪئينڊي ۽ ٻين جانورن جون شڪليون نهايت عمديءَ ريت مهرن تي ڪڍيون اٽن. کي شڪليون نوريئڙن جون آهن، جن ۾ نوريئڙا پڇ مٿي ڪيو بيٺا آهن ۽ اڳين ڇنبن سان ڪا شيءِ وات ڏي ڪيو، چپو چورو پيا ڪن! انهن جي ڏيکه بہ انڇ مس آهي.

هڪ داڻي تي ٽن باندرن جي شڪل آهي، جن جي منهن مان سندس شوخي پيئي ظاهر ٿئي، پر ٻانهون ورائي هڪ ٻئي کي پاکر پائي بينا آهن! اهو داڻو ايڏو آهي، جو اکروٽ جي کل ۾ جيکر سمائجي وڃي، "مئنچيسٽر گارڊين" ۾ مسٽر بريلسفورڊ لکيو آهي ته هتان جيکي ماڻهن ۽ ٻين ساهوارن جون شڪليون لڌيون آهن، سي ان وقت جي ميسو پوٽيميا طرف جي ڪاريگريءَ کي شهه ڏيئي بينيون آهن.

مهرون: مهن جي ڏڙي مان جملي 558 مهرون علحدن علحدن ڏؤلن ۽ قدن جون لڌيون آهن — کي ويلڙ جي شڪل جهڙيون ته کي چورس، کي ٻيڙي وانگر ته کي گونيءَ ڪنڊ واريون، کي ننڍڙيون ۽ نفيس ته کي وڏيون ۽ وڏيک چٽيون. کي عاج جون ٺهيل ته کي صابوني پٿر جون ٽوريون مهرون ٺڪر جون آهن. ڪن مهرن کي سوراخ آهي جنهن مان ڏاڳو لنگهائي سگهجي ٿو. پائنجي ٿو ته مهن جي ڏڙي جا ماڻهو اهي مهرون ڳچيءَ ۾ پائيندا هئا، يا ڪرائيءَ ۾ ٻانهن تي تائت وانگر ٻڌندا هئا. انهن مهرن تي شڪليون نڪتل آهن، جن مان ڪاريگرن جي ڪاريگريءَ جو ثبوت ملي ٿو. انهن مهرن تي اُٽيل چٽ آهن، تن مان سمجهجي ٿو ته سيل مهر ڪرڻ مهل به اهي مهرون ڪم آڻيندا هئا. قديم زماني ۾ دستور هو، ته ماڻهو ڪيڏانهن ٻاهر ويندا هئا، ته دروازن جي ٻاهران مهرون هڻندا هئا. هر هڪ مهر تي ديوتا جي شڪل نڪتل هوندي هئي. اهو ديوتا جڙ ته گهر جي نگاه ڪندو هو، ۽ سندس ملڪيت کي ڪوبه هٿ ڪونه لائيندو هو. مهن جي ڏڙي جي ماهن وٽ به شايد اهو ئي دستور هو.

لکڻ جو هنر: مهن جي ڏڙي مان لڌل مهرن تي جانورن جي شڪلين کان سواءِ هڪ ٻه ست ٻه لکيل آهن، پر اکر تصويرن جي صورت ۾ آهن. سڃيءَ دنيا ۾ جيکي آئيويٽائون چالو آهن، تن جا اکر اڪثر اهڙين تصويري لکيتن مان ٺهيل آهن. اڳي اکرن بدران جانورن وغيره جون شڪليون ڪيندا هئا. اهي شڪليون پوءِ پنهنجي صورت مٽائي هاڻوڪا اکر ٿيون آهن. مهرن ۾ اهڙن اکرن جي وچ ۾ ڪٽي ڪٽي، ديوناگريءَ جي نموني ماترائون يا لاڪنائون (اعرابون) آهن، جن

مان سمجهجي ٿو تہ هتي لکڻ جي هنر جي ترقي ڇگي قدر ٿي هئي. اهڙي قسم جون مهرون ميسو پوٽيميا طرفان بہ لڌيون آهن، جي عيسوي سن کان ٽي هزار کن ورهيہ اڳ جون آهن. انهيءَ مان سر جان مارشل انومان ڪڍيو آهي، تہ مهن جي دڙي جي سڀيتا بہ انهيءَ قديم زماني جي آهي.

راندیون ۽ راندیکا: مهن جي دڙي مان سنگ سليماني ۽ ٻين پٿرن جون نهيل گولیون، شطرنج ۽ ڊارا لڌا آهن. اهي هاڻوڪن ڊارن وانگر ڊگها نہ هئا، پر ڪعب شڪل جا آهن. هن مان ظاهر آهي تہ ماڻهن جي واندڪائيءَ جي وندر اهي راندیون هيون. ان وقت جي ماڻهن کي پنهنجي ٻارن جي وندر جو بہ ججهو اونو هوندو هو، جو ڪيترن قسمن جا راندیکا بہ لڌا آهن، جن ماڻهن، ڊڳن ۽ گهوڙن جون شڪليون آهن. هڪ ڊڳي جو پڇ ڇڪجي ٿو تہ ڪنڌ پيو لوڏي! هڪ هاٿي آهي، جو جهنجهڻو ٽي ڪم اڇي ٿو. مهن جي دڙي مان هڪ نڪر جي نهيل گاڏي چيڪلن سان لڌي آهي. انهي قسم جون گاڏيون عيسوي سن کان ٻٽيهہ سو ورهيہ اڳي ميسوپوٽيميا طرف چالو هيون، جنهنڪري چئبو تہ گاڏين جو هي جهوني ۽ جهونو نمونو آهي.

طبابت ۽ دوائون: مهن جي دڙي مان ٿورو سلاجيت لڌو آهي. سلاجيت بن قسمن جو ٿئي ٿو: هڪڙو اڇو ۽ ٻيو ڪارو. هتان ڪارو سلاجيت لڌو آهي، جو بدهاضمي، ادرار، جيري ۽ هيانچي جي بيمارين لاءِ مفيد آهي. هرڙ جا سگ هتان لڌا آهن، جي پڙ شايد دوائن ۾ ڪم ايندا هئا. هندن جي ڌرمي پستڪن مان بہ معلوم ٿئي ٿو تہ سنڌ جا ماڻهو قديم زماني کان طب مان واقف هئا ۽ ڪيترين ڪارائتين ٻوٽين جي سڌ هين.

گهرو جيوت: دڙي جي کوٽائيءَ مان جيڪي شيون ماڻهن جي گهرن مان لڌيون آهن، تن مان سندن گهرو جيوت تي چگي روشني پوي ٿي. سرجان مارشل چوي ٿو تہ مهن جي دڙي جي سڀيتا اُن وقت جي مصر ملڪ ۽ ايشيا جي الهندي طرف جي سڀيتا جهڙي آهي؛ پر ڪن ڳالهين ۾ اتي جي سڀيتا کان بہ سرس آهي. انهن هنڌان ڪي اهڙيون عمديءَ طرح جڙيل سنان جون جايون ۽ اهڙا

ڪشادا گهر ڪين لڏا آهن، جن جي مهن جي ڏڙي جي عمارتن سان پيٽ ڪري سگهجي. انهن ملڪن ۾ ماڻهن پنهنجو تن، من، ڌن رڳو ديوتائن لاءِ مندرن، ۽ راجائن لاءِ عمدن محلاتن، ۽ مخروطي منارن جوڙڻ تي ٿي لڳايو؛ باقي رواجي ماڻهو مٽيءَ جي جڙيل جاين ۾ رهندا هئا. هرپا ۽ مهن جي ڏڙي ۾ قصوئي ٻيءَ طرح آهي. اتي به ماڻهن پنهنجي حاڪمن لاءِ عاليشان عمارتون جوڙيون هونديون، جي اڄان ڪين لڌيون آهن، پر پنهنجي رهڻ لاءِ ڪشاديون ۽ هوادار جايون جوڙيندا هئا. اهي هوادار جايون، سنان لاءِ تلاءَ، ڊڪيل موريون وغيره اهو اهجاڻ ڏين ٿيون ته هتي جي ماڻهن پنهنجو گهرو جيوت جهڙي فرحت ۾ ٿي گذاري، تهڙي اُن وقت دنيا ۾ ٻين هنڌ ڪنهن به ڪونہ ٿي گذاري.

قديم سنڌين جو ڌرم، (1) ديوي پوڄا: مهن جي ڏڙي جي کوٽائي ڪندي ديويءَ جا پتلا لڏا آهن، جن مان سمجهجي ٿو ته پنج هزار ورهيہ اڳي سنڌي ماڻهن ديويءَ جي پوڄا ڪندا هئا. هن وقت ديويءَ کي امبا، درگا ۽ ٻين نالن سان سڏين ٿا، پر حقيقت ۾ اها بنيادي طاقت يا شڪتي آهي. ڏٽي آهي "پرش" ۽ هيءَ آهي "پر "قدرت" يا شڪتي، جنهن کي مجسم ڪري قديم سنڌي پوڄيندا هئا. قدرت تي ويچار ڪرڻ سان ئي دل اڏامي قادر ڏي وڃي ٿي ۽ روحاني معرفت حاصل ٿئي، تنهنڪري هن قسم جي پوڄا مان قديم سنڌين جي ڌرمي خيالن ۽ عقيدن جو پوريءَ ريت پتو پوي ٿو.

(2) شو جي پوڄا: ماتا جي مورتيءَ کان سواءِ هڪ مرد ديوتا جي به شڪل لڌي آهي. سرجان مارشل جي راءِ موجب اها مورتي شو پڳوان جي آهي، جو يوگ آسڻ ۾ وينو آهي. هتان شو جا لنگ به لڌا آهن، جنهنڪري هيڪاري يقين ٿئي ٿو ته سنڌ ۾ شو ۽ شڪتيءَ جي پوڄا جو رواج نهايت قديم آهي.

(3) وڻ جي پوڄا: ڪيترين مهرن تي جيڪي شڪليون نڪتل آهن، تن مان ظاهر آهي ته قديم سنڌي ماڻهو پيپر ۽ ٻين وڻن جي به پوڄا ڪندا هئا. اها پوڄا بن قسمن جي هوندي هئي. هڪ قسم هيءُ هو ته خود وڻ کي پوڄيندا هئا، ٻيو قسم هيءُ هو ته وڻن ٽڻن جي ديوتا کي مجسم ڪري اُن جي پوڄا ڪندا هئا.

(4) **جانورن جي پوڄا:** مهن جي دڙي مان ڪيترن جانورن جهڙوڪ هڪ سڱي جانور ۽ ٿوهي سان ڊڳي جون تصويرون به هٿ آيون آهن. قديم زماني ۾ مصر ملڪ ۾ هڪ سڱي جانور (Unicorn) پوڄڻ جو رواج هو ۽ اهو هندستان جو جانور ليکيو ويندو هو. وشنو ڀڳوان کي "ايک شرنگ" يعني هڪ سڱ وارو سڏيندا آهن. ٿوهي واري ڊڳي جي پوڄا جو شو ڀڳوان جي پوڄا سان واسطو سمجهڻ ۾ اچي ٿو. شو ڀڳوان جي سواري ڊڳي تي چئي ويندي آهي، تنهنڪري شو جا پوڄاري اڄ تائين ڊڳي جي پوڄا ڪندا آهن.

پاڻيءَ جي پوڄا: مهن جي دڙي ۾ گهٽو ڪري سپ ڪنهن گهر مان کوهه لڏو آهي. انهن کوهن کانسواءِ عام خلق لاءِ ڏار کوهه هئا. سنان جي ڪوٽي به هرهڪ گهر ۾ آهي، ۽ هڪ وڏو تلاءُ به لڏو. هن مان سمجهجي ٿو ته قديم سنڌين کي جڳت مڱت جو خيال هو ۽ سنان پاڻي ڪرڻ هڪ ڏرمي ڳالهه ڪري ليکيندا هئا. اڄ به هندو سنان پاڻي ڪري پوءِ روٽي کائيندا آهن. آڳاٽي زماني کان وٽي هندن جو اهو نيم هليو اچي، درياهه جي پوڄا به شايد ڪن ڪسابن جي آهي.

ساڳيءَ تهذيب وارا هنڌ: مٿي اڳي ئي ڄاڻايو ويو آهي ته سنڌ ۾ ڄانهوءَ جو دڙو، جهڪڙ جو دڙو، ليمو جوٽيجو ۽ ٻيا ڪي هنڌ آهن، جي مهن جي دڙي سان گڏ وسيل هئا، ۽ انهن هنڌ به اها ساڳي تهذيب يا سيپتا هئي. پنجاب ڏي هرپا مان به انهيءَ تهذيب جو پتو لڳو آهي. هوڏانهن ايران ۽ ميسوپوٽيميا طرفان به ڪيتريون مهرون ۽ ٻيون اهڙيون شيون لڏيون آهن، جهڙيون مهن جي دڙي مان لڏيون آهن. انهيءَ مان سمجهي سگهجي ٿو ته پنجاب ۽ سنڌ کان وٽي ايران ۽ ميسوپوٽيميا طرف تائين تهذيب ساڳي هئي. انهيءَ تهذيب جو اوائلي گهر سنڌونديءَ جي ماٿر ڪٽي نه به هجي، ته به سر جان مارشل جي راءِ موجب قديم سنڌ جا رهاڪو پنهنجن همعصر عراقين ۽ مصرين کان وڌيڪ فرحتي جيوت گذاريندا هئا، ۽ مهن جي دڙي جي سيپتا مصر ۽ ميسو پوٽيميا جي تهذيب کي ڪيترن ڳالهين ۾ شهه ڏيئي بيٺي آهي.

تهذيب جي قدامت: سر جان مارشل ظاهر ڪيو آهي تہ مهن جي ڏڙي مان جيڪي مهرون هٿ آيون آهن، تن مان ڪي عيسوي سن کان 2750 ورهيہ، تہ ڪي 3250 ورهيہ اڳ جون آهن، يعني انهيءَ تهذيب جي جمار اٽڪل پنج هزار ورهيہ آهي. ڪي چون تہ پنج هزار ورهيہ اڳي اها تهذيب ههڙي اعليٰ درجي کي رسيل هئي، تنهن مان ئي ظاهر آهي تہ اٽڪل ٻہ هزار ورهيہ اڳي انهيءَ تهذيب جو پايو هوندو، جنهنڪري چئبو تہ اها تهذيب اڄ کان ست هزار ڪن ورهيہ اڳي شروع ٿي هوندي. تازو آڪٽوبر 1937ع ۾ نامور عالم ريورنڈ فادر ايڇ. ايس هيرس مدراس يونيورسٽيءَ جي سهاري هيٺ هن مضمون تي تقرير ڪندي جيڪي چيو آهي، تنهن مان ظاهر آهي تہ مهن جي ڏڙي مان جيڪي مهرون لڌيون آهن، تن جو لکيتون هو ڪجهہ قدر سمجهي سگهيو آهي. هو صاحب چوي ٿو تہ ڪيترن مهرن ۾ سورج منڊل تي راسين ۽ لڪشترن جو سڌيءَ توڙي اڻ سڌيءَ طرح اشارو آهي، ۽ هڪ مهر تي مڪيہ راس بابت لکيل آهي تہ " اُن جي رفتار تيز آهي." پوءِ جوتش جي حساب موجب ڄاڻايو اٿس تہ مهرن مان سمجهي سگهجي ٿو تہ قديم سنڌ جي ماڻهن کي جوتش وڌيا جي سڌ عيسوي سن کان 5610 ورهيہ اڳي هئي، ۽ ميسو پوٽيميا طرف جا ماڻهو اها وديا پوءِ سکيا ۽ لکڻ جو هنر ٻہ هنن هندستان جي ماڻهن وٽان پوءِ پرايو. ميسو پوٽيميا جي ماڻهن پوءِ اهو هنر يورپ طرف ڦهلايو. مطلب تہ فادر هيرس جي چوڻ موجب يورپ جي ماڻهن تي هندستان جي سيبتا جو آڳاڻي زماني ۾ گهڻو اثر ٿيو هو :

قديم سنڌين جي لهہ وچڑ: مهن جي ڏڙي مان جيڪي شيون وڌيون آهن، تن مان رڳو ٿورين شين تي ويچار ڪرڻ سان سمجهي سگهجي ٿو تہ پنج هزار ورهيہ اڳي قديم سنڌين جي لهہ وچڑهہ ڪهڙن ڪهڙن هنڌن جي ماڻهن سان هئي.

مهن جي ڏڙي مان ڪي ٽامي جا باسڻ ۽ اوزار لڌا آهن. سنڌ ۾ لکيءَ جي جبلن مان ڪنهن ڪنهن هنڌان ٽامو ٿورڙي انداز ۾ ليي ٿو؛ پر اها ڪچي ڌاتو ايتري ڪانهي، جنهن مان عام طرح باسڻ ناهي ڪم آڻجن. مطلب تہ ٽامي جون ڪاڻيون سنڌ ۾ ڪينهن، تنهنڪري اهو ڌاتو قديم سنڌين ضرور ٻاهران آندو

هوندو. هندستان ۾ اُن جي پر وارن ملڪن جي جاگرافيءَ جي جنهن کي سڌ هوندي، سو جهٽ سمجهي سگهندو ته قديم سنڌين پنهنجي روز مرهہ جي ڪپ لاءِ ٽامو ضرور مدراس، راجپوتانا يا ڪشمير مان آندو هوندو، يا ته ايران ۾ ڏکڻ افغانستان مان آندو هوندائون، سو اُتي به ٽامي جون ڪاٽيون آهن. اهڙيءَ طرح رڳو ٽامي جي باسڻ ۾ اوزارن تي ويچار ڪرڻ سان سمجهي سگهجي ٿو ته قديم سنڌ جا رهاڪو مدراس، راجپوتانا، ڪشمير، ايران ۾ ڏکڻ هندستان يا انهن ڪن هنڌن جي ماڻهن سان لهہ وچڑ ۾ هئا، جنهنڪري ٽامو ملي سگهندو هون، جنهن مان پنهنجي گهرج جون شيون جوڙيندا هئا. هن مان هيءَ ڳالهہ ثابت آهي ته پنج هزار ورهيہ اڳ سنڌ ۾ قابل ناڻارا هوندا هئا، جي ههڙا عمدا باسڻ جوڙي سگهندا هئا.

مهن جي دڙي مان ڪي سونا زيور به لڌا آهن. سون جو ذڪر رگ وید ۾ گهڻن ئي هنڌ آهي. آڳاٽن رشين سنڌوندیءَ کي "سوني ڪونيو آهي. هن جو سبب هيءُ آهي ته سنڌوندیءَ جي واريءَ مان اڄ تائين سون جا ذرا لين ٿا. حقيقتاً سيني وڏين ندين جي واريءَ مان سون جا ذرا درياهہ جي واريءَ مان سون جا ذرڙا هٿ ڪري، اهي وڪڻي، پنهنجو قوت گذران ڪندا هئا. اڄ تائين سنڌ ۾ ڪي ڪاسبي آهن، جن کي سڏبو آهي"ڏوڙ ڏئا" يعني ڏوڙ ڏئندڙ، پر اڄ ڪالهہ انهن مان ڪيترا سونارن جي ڪورن جي رک ٿوري ناڻي ۾ خريد ڪري، اها رک ڏوئي، انهيءَ مان سون جا ذرڙا هٿ ڪندا آهن. مطلب ته سنڌي ماڻهن کي سنڌوندیءَ منجهان ئي سون ملندو هو، پر اهو ڪيتري قدر ملندو هون. سو چئي نٿو سگهجي. سون هٿ ڪرڻ لاءِ قديم سنڌين کي بي وات به هئي.

عيسوي سن کان 510 ورهيہ اڳي دارا بادشاهہ کي 360 ٽئلينٽ سون جي خاکي جا يعني اٽڪل 260 مڻ سون جا هر سال ڏن طور ڏيندا هئا. اهو سون ڪشمير طرفان داروستان جي سون جي کاڻين مان ملندو هُئن. ڪشمير ڏي ٽامي جون به کاڻيون آهن. سنڌي ماڻهن جي ڪشمير جي ماڻهن سان گهڻي لهہ وچڑهہ هئي، تنهن جي ثابتي خود سنڌي ٻولي پري ٿي، جو ان ۾ ڪشمير ۽ داروستان طرف جي ٻولين جا ڪيترا اهجاڻ آهن. اهو ٻولين جو هڪ ٻئي تي اثر هيڪاري

ثابت ڪري ٿو تہ سنڌ جي ماڻهن جي ڪشمير جي ماڻهن سان گهٽي لهہ وچڑهہ هئي. پر انهيءَ قديم لهہ وچڑهہ جي ٻي ڪهڑي وڏيڪ ثابتي ڪپي، جو "چچ نامي" ۾ ڄاڻايل آهي تہ عيسوي ستين صديءَ ڏاري سنڌ جي حڪومت ڪشمير تائين هئي. اسان جا سنڌي ماڻهو اوڏهين حڪومت ڪندا هئا، تنهنڪري سنڌ ۽ ڪشمير طرف جي ٻولين جو هڪ ٻئي تي سياويڪ طرح اثر ٿيو. يوناني تاريخ نويسن ڄاڻايو آهي تہ سڪندر اعظم جي ڪاهہ وقت الور (روهڙي طرف) ۾ سون ۽ چانديءَ جون کاڻيون هيون. "چچ نامو" تہ شروع ئي الور جي شاهوڪاريءَ ۽ بستيءَ جي ساک سان ٿئي ٿو. جيڪڏهن پر وارن ملڪن ڏي نظر ڪبي، تہ معلوم ٿيندو تہ قنڌار کان رڳو ڏيڍ ڪوهہ پري سون جون کاڻيون آهن، ۽ ايران ۾ ڪيترائي اهڙا هنڌ آهن، جن مان سون ججهي انداز ۾ ملي سگهي ٿو، هن وقت سڄي هندستان ۾ جيڪو سون ڪم اچي ٿو، تنهن مان اٽڪل نوي سيڪڙو ڪولار جي سون جي کاڻين مان اچي ٿو. حيدرآباد دکن، ميسور ۽ مدراس ۾ ڪيترا اهڙا هنڌ آهن، جن مان عالمن کي اهي اُهجاڻ ڏسڻ ۾ آيا آهن، تہ قديم زماني ۾ ماڻهو انهن مان ججهي انداز ۾ سون ڪيندا هئا، قديم سنڌين جي ڏکڻ هندستان جي ماڻهن سان لهہ وچڑ هئي، تنهن ڪري هڪ پڪي ثابتي هيءَ آهي تہ مهن جي دڑي مان هڪ سهڻو سائو پٿر هٿ آيو آهي، جنهن بابت سر جان مارشل چوي ٿو تہ نيلگري ٽڪرين کانسواءِ ٻيو ڪٿان بہ ملڻ جو نہ آهي.

مهن جي دڑي مان هڪ پتلو لڙو آهي، جنهن تي گيڙوءَ يا داڻُ سان چٽسالي نڪتل آهي. سنڌ ۾ گيڙو يا داڻُ ٿئي ئي ڪونہ. سنڌ کي ويجهي ۾ ويجهو هنڌ، جتان گيڙو ججهي انداز ۾ ملي سگهي ٿو، سو لکپت جو شهر آهي. وچ هندستان مان بہ ڪيترن هنڌان گيڙو ملي سگهي ٿو، پر آڪاڻي وقت کان وٺي ايراني نار طرفان سنڌ ۽ ٻين پاسن ڏي گيڙو ججهي انداز ۾ پئي آيو آهي، جو انهيءَ پاسي جو گيڙو، رنگ جو وڏيڪ تکو آهي. قديم سنڌ جو واپار مغربي

Gul Hayat Institute

ملڪن سان گهٽو هلندو ئي ايراني نار جي رستي هو. حاصل مطلب ته مهن جي ڏڙي مان لڏل شين مان رڳو انهن ٿورڙين شين تي ويچار ڪجي ٿو ته ائين وسهڻ لاءِ سبب ٿئي ٿو ته آڳاٽي زماني ۾ جيتوڻيڪ آگ گاڏيون ڪين هيون، ته بہ سنڌ جو وڻج واپار هيڏانهن ڪشمير ۽ قندار، هوڏانهن وچ هندستان توڙي ڏکڻ هندستان طرف هلندو هو. اسان جي پرڳڻي کي قدر پنهنجي قدرت سان سمنڊ توڙي خشڪيءَ جي رستي ايران سان ڳنڍي ڇڏيو آهي، ۽ انهيءَ طرف وارن سان آڳاٽن سنڌين جي لهہ وچڑهہ انهن ئي واٽن کان ٿيندي هئي. جانورن جون شڪليون نڪتل آهن. تن مان ڪاريگرن جي نہ رڳو ڪاريگريءَ جو ثبوت ملي ٿو، پر خاص ڪري ڏڳي جو ناتو شو ڳوان جي پوڄا سان سمجهڻ ۾ اچي ٿو، جو سو جا لنگ بہ هتان لڌا آهن. وٽن ۽ پاڻيءَ جي پوڄا جا اهجاڻ بہ هتان ملن ٿا. ماڻهن کي لکڻ پڙهڻ جو هنر هو. سندن ڪمائيءَ جو مکيہ رستو پوک ۽ ڏنڊو ڏاڙي هو. قيٽن سان گاڏيون بہ شايد هين جو اهڙا راندیڪا هٿ آيا آهن. انهيءَ ساڳيءَ سيپيتا جا اهجاڻ ايران ۽ ميسوپوٽيميا مان مليا آهن، تنهن مان ظاهر آهي ته انهن پاسن سان خشڪيءَ توڙي سمنڊ جي رستي وڻج واپار سانگي لهہ وچڑ ۾ گهٽو ايندا هئا.

مهن جي ڏڙي جي اهميت: سنڌ ۾ مهن جي ڏڙي، ۽ پنجاب ۾ هرپا، جي کوٽائي ٽيڻ کان اڳ آرڪيالاجيڪل ڪاتي وارن مصر ملڪ ۽ وچ ايشيا طرفان اعليٰ درجي جي تهذيب جا اهجاڻ معلوم ڪيا هئا، ۽ اهڙو ڪو اهجاڻ هندستان مان اڃان معلوم ڪونہ ٿيو هُئن؛ انهيءَ سبب اهو ئي اثر دلين تي وينل هُئن ته قديم مصر ملڪ ۽ وچ ايشيا طرف جي رهاڪن جڏهن اعليٰ درجي جي ترقي ڪئي هئي، تڏهن هندستان جي ماڻهن جي حالت جهنگلين يا اڻ سڌريلن کان گهٽو بهتر نہ هئي. هينئر مهن جي ڏڙي مان جيڪي حقيقتون معلوم ٿيون آهن، تن دنيا جي وڏن وڏن عالمن جا ڪپاٽ کوليا آهن، ۽ اڳوٽي غلط فهمي هينئر دور ٿي ويئي آهي. ڪيترا عالم هينئر قبول ڪرڻ لڳا آهن ته اهو زمانو گذري ويو، جو قديم مصر ۽ قديم يونان جي سيپيتا سيني کان آڳاٽي ليکي ويندي هئي، اهو وقت ويو، جو فرات ۽ نيل ندي جي ڪنڌي وٽ جيڪي ڪم

ٿي گذريا، سي سڄيءَ دنيا ۾ آڳاٽا ليکبا هئا. هينئر پهريون نمبر اسان جي سنڌو ماڻر سمجهڻ ۾ اچي ٿي، جنهن جي قديم سيٻيتا انهن سيني هنڌن جي قديم سيٻيتا کي شهر ڏيئي بيني آهي. هن مان هيڪاري ظاهر آهي تہ قديم سنڌ جي ماڻهن پنهنجي سيٻيتا جو پايو پاڻيهي وڌو هو ۽ ٻين تان نقل ڪونہ ڪيو هئائون، هن وقت جيڪڏهن ڪو دنيا جي تاريخ لکندو، تہ ڪيس ضرور پنهنجي تاريخ سنڌ جي قديم سيٻيتا جي ساک سان شروع ڪرڻي پوندي. تازو مسٽر ڊبليو. ايڇ موئر لنڊ ۽ بابو اٽلچندر چٽرجي قديم هندستان جي تاريخ ڇپائي پڌري ڪئي آهي، تہ شروع ئي سنڌو ماڻر جي قديم سيٻيتا سان ڪئي اٽن. ٻين ڪن يوروپي ۽ ڏيهي عالمن ٻہ ائين ڪيو آهي. هينئر ڪرڻو ئي ائين پوندو، جو مشرق جي سيني ملڪن ۾ اڄ مهن جو ڏڙو وڏيءَ اهميت وارو هنڌ آهي.

منصف جو شخصي رايو: مهن جي ڏڙي ۽ هرپا مان جهڙيون مهرون هٿ آيون آهن، تهڙيون ساڳيون ميسو پوٽيميا طرفان ٻہ هٿ آيون آهن. ۽ انهن مان ڪي عيسوي سن کان 3250 ورهيہ اڳ جون آهن. انهيءَ سبب سرجان مارشل جوچوڻ آهي تہ مهن جي ڏڙي جي تهذيب جي ڄمار پنج هزار ورهيہ آهي. جيڪڏهن ميسو پوٽيميا طرفان اَٺ ڏهہ هزار ورهيہ اڳ جون مهرون هٿ اچن ها، اهي مهن جي ڏڙي وارين مهرن سان ملي اچن ها، تہ پوءِ خود سر جان مارشل چوي ها تہ مهن جي ڏڙي جي سيٻيتا ٻہ اٺ ڏهہ هزار ورهيہ اڳ جي آهي. مطلب تہ تهذيب جي ڄمار جون تخمينو لڏل مهرن تي ٻڌل آهي، جنهن ڪري مصنف جي خيال موجب اهو تخمينو اڃا پورو نہ سمجهڻ گهرجي. هن لاءِ ٻيو ٻہ سبب آهي.

سر جان مارشل ۽ ٻين آرڪيالاجيڪل ڪاتي وارن جو چوڻ آهي تہ مهن جي ڏڙي واري سيٻيتا دراوڙ لوڪن جي آهي، جي آرين جي اچڻ کان اڳ هندستان ۾ هئا. اتهاسن (تاريخي) زماني جي احوالن ڏيندي، اسين ڪيترا حوالا ۽ سندون ڏيئي ڄاڻيندا سون تہ مهاڀارت واريءَ لڙائيءَ کي اڄ پنج هزار ورهيہ ڪن ٿيا آهن. جيڪڏهن مهن جي ڏڙي واري سيٻيتا جي ڄمار ٻہ پنج هزار ورهيہ آهي، تہ ڇئبو تہ اها مهاڀارت واري زماني جي سيٻيتا آهي. جنهن صورت ۾ آرين جي هندستان ۾ حڪومت مهاڀارت واري زماني کان گهڻو گهڻو اڳي هئي، تنهن صورت

ھڙئبو تہ ھن سيپتا جا بانيڪار آريہ لوڪ ھئا. جيڪڏھن سچ پچ اھا دراوڙن جي سيپتا آھي، تہ پوءِ چئبو تہ انھيءَ سيپتا جي ڄمار پنج ھزار ورھيہ نہ، پر ان کان ٻيٽي ٽيٽي آھي، انھيءَ سبب مصنف جو شخصي رايو آھي تہ جيستائين ڪي پڪيون پختيون ثابتيون نہ مليون آھن، تيستائين سيپتا جي ڄمار ۽ بانيڪارن جي حال لبيءَ ۾ رھڻ گھرجي.

---

* These well-chiseled brick, however, differ conspicuously from any used during the historic period in India. Sir John Marshall.

** "In the Gaj beds of the Khirthar Range, near the top of the group, gypsum of tolerable purity is abundant and is not unfrequently found in beds three to four feet thick." Mr. W.T. Blanford: Geology of Western Sindh P. 195.

*** The construction of these buildings is far superior to anything of the kind in later India. "Sir John marshall: The illustrated London News, February 27. 1926.

**** The fact that the city was built of burnt brick, an expensive commodity, argues that those who lived within it were a prosperious people." Mr. Ernest Mackay: Mohan-jo-Daro and the i.c.

* Mr. Brailsford: The Manchester Guardian, January 1932.

** "Sewage and arrangement of drains are complicated and yet so perfect that any modern town will really be proud of having." Mr. A.S. Lyenger: The Hindustan Times, 21st February, 1932.

*** "The drainage system in particular is extraordinarily well developed. Every street and alley—way and passage—seems to have had its own covered conduit of finely chiseled brick, land with a precision which could hardly be improved upon." Sir John Marshall: The illustrated London News, Feb. 27.1926.

* "The gold ornaments are so well finished and so highly polished that they might have come out of a Bond Street Jeweller rather than from a prehistoric house of 5,000 years ago, "Sir John Marshall: The Illustrated London News, Feb 27.1926.

Gul Hayat Institute

* The modern Review, November 1927, P. 559.

** Mohen-jo-Daro and the I.C Vol: I.P. 34.

* Mohan-jo-Daro and Indus Civilization Vol. I. PP. 36-37.

* Sir John Marshall: Mohan-jo-Daro and I.C. Vol. I. P. 395.

** سر جان مارشل: موھن جو دڙو ديباچو، صفحو 6

* "A marvelous culture, surpassing in many respects the splendour of Egypt and Mesopotamia." Sir John Marshall.

* "A marvellous culture, surpassing in many respects the splendour of Egypt and Mesopotamia." Sir Johan Marshall.

* مثلاً ڪشمير ۽ پنجاب جي الهندي پاڳي ڪان وڌي سنڌ تائين "اسين" ۽ "تسين" (توهين) ضميرن ڪم آڻڻ جو رواج آهي، مگر اُتر هندستان ۾ ٻين هنڌن "هم" ۽ "تم"، چون ٿا. هيءَ هڪ تمام مڪيہ ڳالهہ آهي. (مصنف)

Gul Hayat Institute

باب پنجون

آرين جو آڳاڻو احوال

آريہ لوڪ ڪٿان آيا؟ رگ ويد ۾ آرين ۽ اڻ آرين جي وچ ۾ جنگين لڳڻ جو گھڻو ئي ذڪر آھي. انھيءَ مان يوروپي عالمن اھو انومان ڪڍيو تہ آريہ لوڪ ڪٿان ٻاھران آيا ھئا، جنھنڪري ملڪ ھٿ ڪرڻ لاءِ ڪين اڻ آرين سان جنگيون جوڙڻون پيون ھيون. اھي ڪٿان آيا، سو پتو ھندن جي ڪنھن بہ ڏرمي پستڪ مان ڪونہ ٿي پين. پوءِ ٻولين جون ڪوجنائون ۽ ٻيون ڪوجنائون ڪري علحدا علحدا رايا ظاھر ڪيائون، جن مان مکيہ ھيءُ ھو تہ آريہ اصل وچ ايشيا کان آيا ھئا، مٿي اڳي ئي چيو ويو آھي تہ اھو وچ ايشيا وارو نظريو پوءِ جرمنيءَ جي پروفيسر پينکا ۽ ٻين غلط ٺھرايو ۽ آرين جو اصلوڪو ماڳ اُتر قطب ڄاڻايائين. پروفيسر راھز بہ پنھنجن"ھبرٽ ليڪچرس" ۾ قديم ڪليڪٽڪ قومن جي ڏند ڪٿائن مان ثابتيون ڏيئي، ائين ئي ڄاڻايو. وچ ايشيا واري نظرئي کي پڄاڙيءَ وارو ڏڪ لوڪمانيہ بال گنگا ڌر تلڪ ھنيو، جنھن ھندن جي ويدن، اتھاسن ۽ پراڻن مان، بلڪ پارسين جي "زنداوستا" مان ڪيترائي حوالا ڏيئي، پنھنجي ڪتاب "آرڪٽڪ ھوم" ۾ ڄاڻايو تہ آڳاٽا آريہ لوڪ "ميرو پربت تي رھندا ھئا، جو سئبيريا جي اُتر قطب طرف ھو (صفحو 17).

لوڪمانيہ تلڪ پنھنجي ڪتاب "آرڪٽڪ ھوم ۾ ويدڪ ساھت مان جيڪي حوالا ڏنا آھن، تن سان گڏ ڪي ڏند ڪٿائون بہ ويدڪ ساھت مان ڪڍي، پنھنجي ٽيڪا ٽپڻيءَ (تشريح) سان ڏنيون اٿس. انھن ڏند ڪٿائن مان ھڪڙا شايد ھڪڙو ۽ ٻيا ٻيو مطلب ڪڍن جنھنڪري سندس لکيل سيني ڳالھين سان شايد ڪي شامل راءِ نہ بہ ٿين. انھيءَ سبب ڏند ڪٿائن ۽ انھن جي سمجھاڻين جون ڳالھيون ڇڏي، اسان ڪي رڳو ھيءَ ڳالھ ڳڻڻي آھي تہ ھن ھيڏي ساري ڪتاب لکڻ ۾ سندس مکيہ مراد ڪھڙي ھئي؟ سندس ڪتاب منجھان ئي ظاھر آھي تہ ڪيس رڳو ايترو

ثابت ڪرڻو هو تہ ”آڪاڻن آرين جو اصلوڪو ماڳ ميرو پربت تي هو، جو اتر قطب ڏي هو، ۽ اها ڳالهہ جا ريدڪ ساهت، اتهاسن ۽ پراڻن مان ظاهر آهي سا سچي آهي.“

ويجهڙائيءَ ۾ مسٽر پارجيٽر، ڪلڪتي هاءِ ڪورٽ جي جج پنهنجي روٰءِ سوءِ هندن جي پراڻن مان تاريخي احوال سوڏي ڪڍيا آهن. هن صاحب بہ ائين ئي ڄاڻايو آهي تہ قديم آريہ لوڪ اصل هندستان جا رهاڪو ڪونہ هئا، پر وچ هماليہ وارن ڏيهن جي واٽ وٺي هندستان ۾ آيا هئا.

هن وقت اسان جن ڪيترن ڏيهي عالمن جو بہ اهو ئي رايو آهي تہ سڀ قديم آريہ لوڪ جيڪڏهن ميرو پربت تي نہ رهندا هئا، تہ بہ منجهائن گهڻا اتي جا رهاڪو هئا. لوڪمانيہ تلڪ رگ وید مان جيڪي حوالا ڏنا آهن. تن تي بہ ويچار ڪري، اسان جن ڪيترن ويدڪ عالمن ظاهر ڪيو آهي تہ رگ وید جون ڪي ڪي رچنائون برابر انهيءَ وقت جون آهن، جنهن وقت سڀ قديم آريہ لوڪ يا منجهائن گهڻا اتر قطب طرف ميرو پربت تي رهندا هئا. اهڙيءَ حالت ۾ ضرور آهي تہ هتي اول اتر قطب ۽ ميرو پربت جومختصر ذڪر ڪجي، تہ پڙهندڙن کي سڄي ڳالهہ سولي ٿئي.

آرڪٽڪ ريجن يا اتر قطب جو ذڪر: هن وقت اتر قطب ۾ گهڻي برف هئڻ سب ڪوبہ ساهوارو اُتي رهي نہ ٿو سگهي، پر جيالاجيڪل ڪاتي وارن کي ڪوجنائن ڪرڻ سان يقين ٿيو آهي تہ برف پوندي بہ ڪو اهڙو وڇولو زمانو (Inter-glacial Period) هو، جنهن ۾ اتي ڪن هنڌ ماڻهو با فرحت رهي سگهيا ٿي.

هن قسم جون ثابتيون پروفيسر گيڪي (Prof. Geikie) ۽ بين پوئٽ ۽ وگيان جي ڪتابن مان ڏيئي، پوءِ آرڪٽڪ ريجن جو جيڪو احوال لوڪمانيہ ڏنو آهي، سو مختصر طرح هن ريت آهي:

اتر قطب ڏي وڃبو، تہ پهرين هيءَ ڳالهہ ڏيان ڇڪائيندي تہ سج ۽ ٻيا گرهہ نڪي ايرندي ڪان ايرن ٿا، نڪي الهندي ڏي لهن ٿا؛ پر سڄو آڪاش منڊل ائين پيو

گولائيءَ ۾ ڦري، جيئن ڪو ماڻهو ڪليل ڏوپ ڇڻي پنهنجي مٿان پيو ڦيرائي. اهو ڦيرو الهندي ڪان شروع ٿئي ٿو ۽ ايرندي ڏي پورو ٿئي ٿو. هر هڪ ڦيرو ڇوويهه ڪلاڪن ۾ پورو ٿئي ٿو. ائين هڪ سؤ اسي ڦيرا پورا ٿين يعني ڇهه مهينا گذرن، تہ پوءِ سج ائين ايرندو نظر ايندو آهي، جو جڻ تہ ڏکڻ طرف ڪان ايري ٿو ۽ اتر ڏي چڙهندو وڃي ٿو. وري جڏهن سورج ڏکڻائڻ ٿيندو آهي يعني ڏکڻ طرف ڏي ويندو، تڏهن تارا ٽمڪندا نظر ايندا آهن. انهيءَ ريت اُتي ڇهه مهينا ڏينهن تہ ڇهه مهينا رات! مطلب تہ ٿلهي ليکي سڄي سال ۾ ڏينهن رڳو هڪڙو ٿيندو آهي، جو ڇهه مهينا ساندهه هلندو آهي، ۽ رات بہ ڇهن مهينن جي يڪي ٿيندي آهي، ايترو آهي تہ اها يڪي ڇهه مهينن جي رات سمورو وقت ڪاري ٻاڻ لائي ڪانہ بيٺي هوندي آهي. صبح ۽ سانجهيءَ جي شفق جو بہ سوجهرو ٿئي ٿو. اها شفق بہ ڪنهن جي ڇڪ وانگر ڦرندي وتي، ۽ هرهڪ ڦيرو ڇوويهه ڪلاڪن ۾ پورو ڪندي وتي. ڇهن مهينن جي رات ڪانپوءِ پريات ٿيڻ شروع ٿيندي آهي، تہ اول ٿورڙي روشني ٿيندي آهي، ۽ ٽمڪندڙ تارن مان ٿورا ٿورا غائب ٿيڻ لڳندا آهن. پوءِ لالاڻ وڌندي ويندي آهي، تہ رفتہ رفتہ سڀ تارا گم ٿي ويندا آهن، ۽ پوءِ پرهہ ٻاکون ڪڍندي آهي.

ڊاڪٽر وارن ۽ ٻين عالمن جي ڪتابن مان حوالا ڏيئي، لوڪمانيہ تلڪ ڄاڻايو آهي، تہ هر ڪنهن سال، 29 جنوريءَ جي، پريات ٿيڻ شروع ٿيندي آهي، ۽ ستيتاليهہ ڏينهن ساندهہ پريات جي لالاڻ ڏسڻ ۾ ايندي آهي؛ تنهن ڪانپوءِ سج اُپرندي (ڦرندو) نظر ايندو آهي. سج هڪ واريءَ نڪرندو آهي، تہ هڪ سؤ چورانوي ڏينهن ساندهہ بيٺو هوندو آهي. هر ڪنهن سال 25 سيپٽمبر جي سج لهندو آهي، تہ بہ نماشام واري شفق انيتاليهہ ڏينهن ساندهہ لقاءُ لڳائي بيٺي هوندي آهي، يعني 13 نومبر ڪان وٺي رات ٿيندي آهي. مطلب تہ ورهيہ جي 365 ڏينهن مان ستيتاليهہ ڏينهن پريات، هڪ سؤ چورانوي ڏينهن سج جو سوجهرو، اَنيتاليهہ ڏينهن نماشام جي شفق ۽ ڇاهتر ڏينهن رات ٿيندي آهي. وقتي، رات جي اوندهہ ڇاهتر بدران فقط ست ڏينهن هلندي آهي. اهو تفاوت اُتي جي وايو

منڊل ۾ ٻين سببن کري ٿيندو آهي. اهي ڪن يوروپين جا اکين ڏٺا احوال آهن، جي لوڪمانيہ سندن لکيل ڪتابن مان ڪڍي، پنهنجي ڪتاب "آرڪٽڪ هوم" ۾ ڇاڙايا آهن.

ڏرمي پستڪن مان حوالا: آڳاٽا آريا لوڪ اصل آرڪٽڪ ريجن ۾ رهندا هئا، تنهن بابت لوڪمانيہ تلڪ جيڪو "آرڪٽڪ هوم" لکيوآهي، تنهن ۾ پنج سو صفحا (ڊيمي سائز) آهن. سڃوئي ڪتاب ثابتين، ڏند ڪٿائن ۽ انهن جي سمجهاڻين سان پريل آهي؛ پر هتي رڳو ڪي ٿورا مکيہ ٽڪر ڏجن ٿا:

يجر ويد جي پنڃان جيڪو تئترييہ براهمڻ گرنٿ ڏنل آهي، تنهن ۾ ڇاڙايل آهي تہ "رواجي انسانن جو هڪ ورهيہ ديوتائن جي هڪ ڏينهن جي برابر آهي" (تئترييہ براهمڻ 3،9،22،1) اهي ساڳيا لفظ منو سمرتي جي اڌ ياءُ پهرئين، شلوڪ 67 ۾ ٻہ لکيل آهن:

مهاڀارت جي ون پرو (اڌياءُ 163 ۽ 164) ۾ لکيل آهي تہ پانڊون جو وڃون ياءُ ارجن ميرو پربت ڏي ويو هو. اُتي جا جيڪي اکين ڏٺا احوال ڏنا اٿس، تن ۾ چيو اٿس تہ "ميرو پربت ڏي سج ۽ چنڊ الهندي کان اڀرندي ڏي پردڪشٽا ڪندا آهن يعني ڦرندا وتندا آهن." انهيءَ ڪانپوءِ چيو اٿس تہ "ميرو پربت جو تجلو رات جي اوندهہ تي ايترو غالب پوندو آهي، جو رات ٻہ ڏينهن جهڙي پيئي لڳندي آهي". وڌيڪ هيئن ٻہ چيو اٿس تہ "اُتي ڏينهن ۽ رات جي رهاڪن لاءِ هڪ ورهيہ جي برابر آهن". هي ساڳيون ڳالهيون هندن جي پراڻڻ ۾ ٻہ لکيل آهن.

ياسڪر آچاريہ جي "سؤريہ سڏانت" (67,12) ۾ ٻہ لکيل آهي تہ "ميرو پربت ڏي ديوتائن کي سج رڳو هڪ ڀيرو اڀرندو ڏسڻ ۾ ايندو آهي، جڏهن سج پنهنجو اڌ ڦيرو مکيہ راس کان وڃي شروع ڪندو آهي".

پارسين جي ديني ڪتاب ۾ ٻہ اهڙيون ڳالهيون لکيل آهن. مثلاً وينيداد جي فرد گرد ۾ پارسين جو اصلوڪي بهشت جهڙي ماڳ "ائرين وئنجو" يعني اهو هنڌ جتي آرين جو ٻج يا بنياد پيدا ٿيو (The nursery or place of origin of the Aryans) بابت لکيل آهي تہ "اتي تارا، چنڊ ۽ سج ورهيہ ۾ هڪ ڀيرو اُڀرن ۽ لهن

ٿا، ۽ جيڪو ورهيه آهي، سو اُتي هڪ ڏينهن رات ڪري ليڪين ٿا“. هندن ۾ پارسين جي ڏرمي پستڪن ۾ لکيل آهي سي ڳالهيون آرڪٽڪ ريجن کان سواءِ ٻئي ڪنهن به هنڌ سان لاڳو ٿي نٿيون سگهن، تنهنڪري هتي وڌيڪ حوالن ڏيڻ جي ضرورت ئي ڪانهي.

هندستان جي تاريخ پهريائين پهريائين آنربل مائونٽ سٽيوئرٽ ايلفنسٽن تيار ڪئي هئي، جا پهريون گهمرو 1841ع ۾ ڇپجي پڌري ٿي هئي. ان وقت ئي ڪن يوروپي عالمن ائين پئي سمجهيو ته پراڻن ۾ جنهن کي ميرو پربت سڏيو اٿن، سو اتر قطب آهي؛ ته به عام رايو اهو هو، ته پراڻن جي رچيندڙن کي دنيا جي جاگرافيءَ جي سڌ هئي ڪانه، ۽ نه رڳو پنهنجي خيال جي گهوڙي کي دوڙايو هئائون. ايلفنسٽن صاحب ۽ ٻين اهائي راءِ ظاهر ڪئي ته خود ڪيترن هندن جي دلين تي به اهو اثر ويهي ويو ته ”ميرو“ هڪ خيالي پربت آهي. پروفيسر آپٽي واري سنسڪرت ڊڪشنري ڏسن ته ان ۾ به ائين لکيل آهي. پهريون ئي عالم لوڪمانيه تلڪ هو، جنهن اها غلط فهمي دور ڪئي. هاڻ اسان جا ڪيترا ڏيهي عالم ائين وسهن ٿا ته رگ وي جون ڪي رچنائون برابر انهيءَ وقت جون آهن، جنهن وقت سي آريه لوڪ، يا منجهائن گهٽا، ميرو پربت ڏي رهندا هئا.

هڪ مڪيه ڳالهه جا لوڪمانيه تلڪ جي ڪتاب ۾ لکيل ڏسڻ ۾ ڪانه ٿي اچي، سا هيءَ آهي ته ميرو پربت جو نالو نه رڳو هندن جي ڏرمي پستڪن ۾ پر يونانين جي ڏند ڪٿائن ۾ به جاڻايل آهي. يوناني لوڪ ائين وسهندا آهن ته سندن ديوتا ”ڊئونيسوس“، جو ونسپتي يا نباتيات جو ديوتا آهي، سو جائو ئي ميرو پربت تي هو. هيءَ ڳالهه 1784ع ۾ سر وليم جونس جاڻائي هئي. انهيءَ وقت، بلڪ اِنهيءَ کان سو ڪن ورهيه پوءِ به ڪيترن عالمن ائين پئي سمجهيو ته ”ميرو“ هڪ خيالي پربت جو نالو آهي، تنهنڪري شايد سر وليم جونس جي جاڻايل هن ڳالهه جي ڪنهن به عالم اُپٽار نه ڪئي آهي؛ پر مصنف جي خيال موجب هيءَ هڪ تمام مڪيه ڳالهه آهي، جو جاڻائي ٿي ته آڳاٽن هندن جي ابن ڏاڏن سان قديم يوناني

لوڪن جا ابا ڏاڏا ۽ ميرو پربت تي رهندا هئا. يوناني لوڪ پاڻ چوندا آهن ته اسين "دئونيسوس ۽ ٻين ديوتائن جو اولاد آهيون. جنهن صورت ۾ سندس دئينيسوس ديوتا ڄائو ئي ميرو پربت تي هو، تنهن صورت ۾ اڻ پڇيو ائين چئبو ته قديم يونانين جو ۽ اصلوڪو ماڳ ميرو پربت هو. دئونيسوس ديوتا (The Sky-Father) "زيئوس (Zeus) "بابت يوناني لوڪ ائين ۽ چوندا آهن ته هو جو پٽ هو ۽ پرٿوي سندس ماتا (ماءُ) هئي. رگ وید ۾ ۽ آڪاڻن آرين (آڪاس ۽ ڌرتيءَ کي ابو امان سڏيو آهي (ڏسو صفحو 4

هينئر جڏهن لکيل ثابتيون کلي ظاهر ٿيون آهن، ۽ پروفيسر پنيڪا، ڊاڪٽر وارن ۽ پروفيسر راهز پنهنجي پنهنجي روءِ سوءِ کوجنائون ڪري، هڪڙو ئي رايو ظهار ڪيو آهي ته آڪاڻن آرين جو اصلوڪو ماڳ اتر قطب طرف هو، ۽ لوڪمانيه تلڪ ۽ هندن ۽ پارسين جي ڌرمي پستڪن مان حوالا ڏيئي، اتر قطب وارو نظريو سچو ثابت ڪيوآهي، ۽ ميرو پربت جو نالو هندن جي ڌرمي پستڪن ۽ يونانين جي ڏند ڪٿاڪن ۾ لکيل ۽ آهي؛ تڏهن وچ ايشيا وارو نظريو، جو رڳو ٻولين مان ڪڍيل انومان تي ٻڌل هو، سو سورهن ئي آنا غلط ليکبو. لکيل ثابتين هوندي انومانن تي لڳڻ ئي عبث آهي، تنهنڪري اسان پنهنجي سر اتر قطب وارو نظريو قبول ڪيو آهي. انهيءَ لاءِ مکيه سبب هيءُ ۽ آهي، ته خود اسان جي ٻوليءَ ۾ هڪ اهڙي ڳالهه آهي، جا اسان کي اتر قطب واري نظريي قبول ڪرڻ لاءِ مجبور ڪري ٿي. اها ڳالهه هتي کولي ٻڌائجي ٿي:-

ٻوليءَ جي ثابتي: چئني ڏسين تي جيڪي نالا رکيل آهن، سي "نظام شمسي"(Solar System) جا لفظ آهن، جن جا "اتر" ۽ "ڏکڻ" ڪنهن نهايت قديم زماني جا لفظ آهن، جن خاص طرح ڏيان لهڻو.

"اُتر" معنيٰ مٿيون پاسو شمال (North)؛ پر اصل ۾ هيءُ لفظ صفت آهي ۽ معنيٰ اٿس "مٿيون، مٿاهون يا ٻين کان مٿي". سنسڪرت ۾ "اُد" معنيٰ "مٿي" (High)، "اُتر" (اُد+ تر) معنيٰ "ٻين کان مٿي" 'Higher' ۽ "اُتم" (اُد+تم) معنيٰ سڀني کان مٿي 'Highest' اڄ ۽ سنڌيءَ ۾ اهو لفظ صفت ڪري پيا ڪم آڻيون — جهڙوڪ

چئون ٿہ ”هو ٻئي ڇڙا بيوقوف آهن- هڪ ٻئي کان اُتر“: هتي ”اُتر“ معنيٰ ”وڌيڪ“ (مٿي).

---

* "The works of German scholars like Rosche and Penka freely challenged the Asiatic theory regarding the original home of the Aryan race and it is now generally recognized that we must now give up that theory, and seek for the original home of the Aryans somewhere in the further north," Sjt. B.G. Tailak: The Arctic Home in the Vedas. P.4.

* F.E Pargiter: Ancient Indian Historical Tradition. P.297.

** The geological evidence is complete as the existence of a genial climate in Tertiary times as far north as present land extends. And of a climate, less severe than that of today in the Quaternary period Encycl: Britt: article "Polar Regions."

* To such a man (stationed at the North Pole) the sun going into the northern hemisphere in his annual course will appear as coming up from the South, and he will express the idea by saying that 'the sun has risen in the south,' however strange the expression may seem to us," B: G Tilak: The Artic Home in the Vedas p.46:

* پهريون انگ ڪاندہ، ٻيو پر پاڪ، ٽيون انو واڪ ۽ چوٿون ورگ لاءِ ڪم آندو ويو آهي. (مصنف)

* Some consider Mount Meru as the 'North Pole.' Elphinstone's History of India (1841) vol, 1, p.252.

* "Meros is said by the Greeks to have been a mountain of India on which their Diomysos was born, and that Mero generally means the North Pole in Indian geography." Sir William Jones: the Gods of Greece, Italy and India, P. 28 (Written in 1784 and since revised).

”اُتر“ لفظ جڏهن اسم ڪري ڪم آڻجي ٿو، تڏهن ٻہ پنهنجي بنيادي معنيٰ ”مٿ“ جي ظاهر ڪري ٿو. مثلاً ”پرشن ۽ اُتر“ معنيٰ ”سوال ۽ جواب“. هتي ”اُتر“ جي اکري معنيٰ آهي ”جيڪي مٿان ڏجي“ (سوال جي جواب ۾). هڪڙي شيءِ مٿائي ٻي شي ونبي آهي تہ وقتي ڪجهہ رقم مٿان ڏيڻي پوندي آهي، جنهن کي ٻہ ”اُتر“ چئبو آهي. هتي ٻہ ”اُتر“ معني ”جيڪي مٿان ڏجي“ (مٿ ست ۾). هاڻ سوال آهي تہ ”اُتر“ لفظ، جو اصل ۾ صفت آهي، ۽ معنيٰ اتس ”مٿاهون يا ٻين کان مٿي“، تنهن جي معنيٰ ”شمال“ (North) ڪهڙي حساب ٿي؟ هن باري ۾ هيءَ ڳالهہ ٻہ ڏيان ۾ رکڻ گهرجي تہ هن وقت ”اُتر“ جو ضد چئون ”ڏکڻ“ (South)؛ پر اصل ۾ ائين آهي ئي ڪين. سنسڪرت ۾ ”اُتر“ معنيٰ مٿيون يا مٿاهون“، ۽ ان جو ضد آهي ”آدر“ معنيٰ هيٺيون يا هيٺاهون“.: سنسڪرت ۾ ”اُتر“ جو ضد ”پورب“ ٻہ آهي، جنهن جي معنيٰ آهي ”اڳيون“، مثلاً ڪنهن عملدار جي جاءِ تي ٻيو ڪو

عملدار مقرر ٿي ايندو تہ اهو سڏبو "اُتر اڌڪاري" (Successor) يعني جو مٿان اچي ٿو، ۽ اڳيون عملدار سڏبو "پورب" اڌڪاري" (Predecessor). هن حالت ۾ "اُتر" جو ضد آهي "پورب". هاڻ تہ هيڪاري ظاهر آهي تہ اصل ۾ "اُتر" جو ضد "ڏکڻ" آهي ئي ڪونہ. پوءِ تڏهن هاڻوڪو رواج ڪيئن پيو؟ وري ڏسو تہ خود "ڏکڻ" لفظ پاڻ بابت چا ٿو چوي؟

سنڌي لفظ "ڏکڻ" اصل ۾ سنسڪرت لفظ "دڪشڻ"، ۽ معنيٰ اٿس "ساڄو"(Right)، سنسڪرت ۾ ان جو ضد آهي. "وام"، جنهن جو اچار هنديءَ ۽ هندستانيءَ ۾ آهي "بام، باوان، بانوان" معنيٰ "کبو يا ڏاڻو" (Left)، "بائين هات" معنيٰ "کبي هٿ ڏي يا ڏاڻي پاسي". سنسڪرت ۾ "دڪشڻ" ڏکڻ جي بي معنيٰ "ڦڙت" (Dexterous) بہ آهي. هاڻ هيءَ ڳالهہ ڪو سمجهائي تہ "ڏکڻ" جي معنيٰ "جنوب" (South) پوءِ ڪيئن ٿي، ۽ هن لفظ جي معنيٰ ۾ ايترو ڦيرو پيو ڪيئن؟ هن مان ڏسڻ ۾ ايندو تہ "اُتر" ۽ "ڏکڻ" لفظ جي ظاهر سولا پيا پائنجن، سي سچ پچ تہ سمجهڻ ئي ڏکيا آهن.

چئني ڏسين جي نالن جون اڳيون توڙي هاڻوڪيون معنائون سمجهڻ رڳو تڏهن سوليون ٿيندیون، جڏهن فرض ڪبو تہ آڳاٽن هندن ۽ يوناني لوڪن جا ابا ڏاڏا اصل ۾ ميرو پربت ڏي رهندا هئا، جيئن سندن ڏرمي پستڪن ۾ لکيل آهي. ميرو پربت اتر قطب ۾ هو، جتي اڃ تائين نئين ورهيہ جي شروعات ۾ سج اپرڻ مهل ائين ڏسڻ ۾ ايندو آهي تہ ڏکڻ کان ايري ٿو؛ جنهنکري ڏکڻ لفظ جي اصل معنيٰ ئي هئي "اُپرندو". سنسڪرت ۾ "دڪشڻ" (ڏکڻ) جو ڏاتو يا بنياد آهي "دڪشڻ"، جنهن جي هڪڙي معنيٰ آهي "اُپرڻ". سڃيءَ دنيا ۾ رڳو اتر قطب طرف سج ڏکڻ کان اپرندو آهي، تنهنکري چئبو تہ "ڏکڻ" لفظ جڙيل ئي اُن وقت جو آهي جنهن وقت آڳاٽا آريا لوڪ اُتر ڏي رهندا هئا، ۽ جنهن پاسي کان اتي سج اپرندو ڏٺائون، تنهن کي ڏکڻ چوندا هئا. اتر قطب ۾ سج ڏکڻ طرفان ڪنهر جي چڪ وانگر ڦرندو ڦرندو مٿي چڙهندو وجي ٿو، تنهنکري "اُتر" معنيٰ ٿي "مٿيون آڳاٽا لوڪ پوءِ اتر قطب جڏي هيٺ ڏکڻ (وچ ايشيا، ايران، (North)"پاسو

هندستان) ڏي آيا، ۽ اتي سڄ سڏو ايرندو کان ايرندو ڏنائون، ته انهيءَ طرف کي سڏيائون "پورب" يعني "اڀيون پاسو"، يا اهو پاسو جتان سج ايري ٿو، ۽ ان جو ضد ٿيو "پڇم يعني "پنيون پاسو"، يا اهو پاسو جنهن ڏي سج لهي ٿو. ايرندي ڏي منهن ڪري بيهبو ته سڄي هٿ وارو پاسو "ڏکڻ" جي پوءِ معنيٰ ٿي "ساڄو" يا "ساڄي هٿ وارو پاسو". ڪي ماڻهو ڏائي هٿ سان ڪم ڪن ٿا، پر عام طرح سيڪو ڪائڻ پيئڻ جو توڙي ٻيو ڪم ساڄي هٿ سان ڪري ٿو، ۽ ائين ڦڙتائيءَ سان ڪم ڪري سگهجي ٿو. پائنجي ٿو ته انهيءَ سبب "ڏکڻ" جي معنيٰ "ڦڙت" به ٿي. ٻوليءَ مان ائين به سمجهڻ ۾ اچي ٿو ته ميرو پربت ڇڏڻ ڪانپوءِ به يوروپي لوڪن جا ابا ڏاڏا ايشيا وارن آرين سان ڪجهه وقت لهه وچڑ ۾ هئا، ۽ انهيءَ وقت "ڏکڻ" لفظ جون اهي معنائون وٺن عام ٿي ويون هيون. اهو انومان معنيٰ (Dexterity) "هن ڳالهه مان ڪڍجي ٿو، جو لئٽن ۽ انگريزيءَ ۾ "ڊيڪسٽرٽي جي معنيٰ آهي "ساڄو (Dexterity) "آهي "ساڄو يا ساڄي هٿ وارو" ۽ "ڊيڪسٽرٽي جي به هڪڙي معنيٰ آهي (Dexterity) "يا ساڄي هٿوارو" ۽ "ڊيڪسرٽي ۽ ٻي معنيٰ ڦڙتائي". انهن لفظن جي منڊ ۾ جيڪو (Right handedness) ""ساڄڙائي آهي، سو ساڳيو سنسڪرت لفظ "ڊڪشن" آهي، ۽ اهي ٻئي (Dex) ""ڊيڪس معنائون اٽس.

"ڏکڻ" لفظ جي اصل معنيٰ هئي "اُيرندو"، تنهن ڳالهه جو عام طرح گهٽن کي پتو ڪونه هو. لوڪمانيه تلڪ پنهنجي ڪتاب "آرڪٽڪ هوم" ۾ ڄاڻايو ته آڳاٽا لوڪ اصل ميرو پربت ڏي رهندا هئا، جو اتر قطب ڏي هو ۽ اتي سج ڏکڻ کان ايرندو آهي، تنهن تان آگسٽ ۽ آڪٽوبر 1912ع واري "مادرن رويو" مخزن ۾ ليک پيا هئا، جن مان ٿورو ٽڪرو پڙهندڙن جي معلومات لاءِ هتي جنسي ڏجي ٿو، مطلب ته ٻوليءَ مان به اهائي ثابتي ملي ٿي ته چئني ڏسين جا نالا، خاص ڪري "اتر" ۽ "ڏکڻ" لفظ نهيل ئي ان وقت جا آهن، جنهن وقت آريه لوڪ "آرڪٽڪ ريجن" ۾ اتر قطب طرف) رهندا هئا. آرڪٽڪ ريجن ۾ ميرو پربت ڪهڙي هنڌ هو، ان بابت هندن جي پراڻڻ ۾ جيڪي لکيل آهي، سو هتي مختصر طرح ڄاڻائجي ٿو.

ميروپربت جو ذڪر: هندن جي پراڻن پٺاندر "سڄي دنيا ستن دويپن (ٻيٽن يا ڪنڊن) ۾ ورهايل آهي. انهن دويپن جا نالا: جمون دويپ، پلڪش دويپ، شالملي، ڪشن، ڪرونچ، شاڪ ۽ پشڪر آهن. هر هڪ دويپ جي چوڌاري سمنڊ آهي، ۽ انهن ستن سمنڊن جي ڪري اهي ست دويپ هڪ ٻئي کان ڏار بينا آهن" (وشنو پراڻ) مسٽر هربلاس سردا پنهنجي انگريزيءَ ۾ جوڙيل ڪتاب "هندو سپيريرٽي" جي صفحي 160 ۾ انهن دويپن جو ذڪر ڪندي لکيو آهي تہ : (1) جمون دويپ- ايشيا (2) پلڪش-ڏکڻ آمريڪا (3) پشڪر-اتر آمريڪا (4) ڪرؤنچ - آفريڪا (5) شاڪ – يورپ (6) شالملي –آسٽريليا (7) ڪشن – اوشينيا.

سچ پچ تہ پراڻن ۾ ڄاڻايل اهي دويپ هن وقت سڃاڻڻ ئي مشڪل اهن، جا ڳالهہ خود مسٽر هربلاس سردا قبول ڪئي آهي، جنهنڪري ڇنبو تہ مٿيان سڀ انومان آهن. انهيءَ ريت هيءُ بہ انومان ڪيي سگهجي ٿو تہ ايشيا، يورپ آمريڪا ۽ گرينسلئنڊ جا اتر وارا پاسا، جي آرڪٽڪ سرڪل يا پولر ريجن ڏي آهن، تن جا، يا انهيءَ طرف جي ٻيٽن جا، اصل اهي نالا هئا. اهي سڀ سنسڪرت لفظ آهن، تنهن مان هيءَ ڳالهہ بہ ظاهر آهي، تہ اهي نالا رکيائي آريا لوڪ هئا، ۽ کين دنيا جي جاگرافيءَ جي قديم، زماني ۾ ئي سڏ هئي.

پراڻن پٺاندر مٿين ستن دويپن جو مرڪز جمون دويپ هو، جنهن جي وچ ۾ "ميرو" نالي هڪ نهايت اوچو پربت يا پهاڙ هو، ۽ اهو "مها ميرو" بہ سڏبو هو.

اُن بابت هيئن بہ چيل آهي تہ "ميرو پربت سڄو سونو آهي ۽ پاسا هيرن ۽ جواهرن جا اٿس. ان جو تجلو اهڙو ٿئي ٿو، جو رات بہ ڏينهن وانگر روشن پيئي لڳندي آهي" (وشنو پراڻ).

يوروپي عالمن پهريائين ائين پئي سمجهيو تہ هيءَ هڪ خيالي پربت جو ذڪر آهي، پر هاڻ اُهي بہ قبول ڪن ٿا تہ پراڻڻ ۾ تاريخي حقيقتون آهن.

لوڪمانيہ تلڪ جي خيال موجب اهو "ائرورابورئيلس" جي تجلي جو ذڪر آهي جو اُتر قطب ڏي ڏسڻ ۾ ايندو آهي، پر ڊاڪٽر انباش چندرداس جو چوڻ آهي تہ اهو تجلو اتر قطب ڏي فقط ٿوري وقت لاءِ ڏسڻ ۾ ايندو آهي ۽ سانده ڪونہ هوندو آهي. اهڙيءَ حالت ۾ پڪ سان چئي نٿو سگهجي تہ ميرو پربت ۾ سچ پچ سون ۽ هيرن جواهرن جون کاڻيون هيون، يا ڪو اتي تجلو ٿيندو هو جو اوندهہ کي ڦيري روشنائي ڪندو هو. ممڪن آهي تہ اهو "سورج پٿر" بابت اشارو آهي.[*****]

آگري جي قلعي ۾ مصنف هڪ خانو پٽ ۾ ڏٺو، جنهن جو منهن ٽپال جي ڊبي وانگر هو. ٽپال جي ڊبي ۾ خط پٽ وجهجن ٿا تہ وڃي هيٺ پون ٿا، ۽ ٻاهران ڏسڻ ۾ نٿا اچن؛ پر آگري جي قلعي ۾ انهيءَ خاني ۾ اندر نهارجي ٿو تہ تر ۾ جيڪا مٽي يا دز پيل آهي، سا بہ چٽيءَ ريت ڏسڻ ۾ اچي ٿي، ۽ خاني جو ترو توڙي اندريان پاسا بکن پيا! انهيءَ خاني ۾ اندر "سورج پٿر" لڳل آهي، جنهن جي روشنائي ڪري خاني ۾ اندر اوندهہ نٿي ٿئي. سورج پٿر جي رڳو ٿورڙي ٽڪري مان هيتري روشنائي ٿئي ٿي تہ سڄو ميرو پربت يا ان جو ڳڇ ياگو جيڪڏهن سورج پٿر جو هو تہ اهو ڪيتري روشنائي ڪندو هو، تنهن جو تصور هرڪو ڪري سگهجي ٿو. پراڻن جي رچيندڙن انهيءَ سبب "ميرو پربت" کي "سمير پربت" يعني چگو يا سهڻو پربت سڏيو آهي ۽ ان جي تجليءَ جو اهو ذڪر ڪيو اٿن.

وشنو پراڻ ۾ لکيل آهي تہ "جمون دويپ جي وچ ۾ ميرو پربت جي چوٽيءَ تي، هڪ شهر ٻڌل آهي، جو پرٿويءَ تي سوڳ يا بهشت آهي ۽ اهو برهما جو لوڪ آهي. جمون دويپ خود نون ورشن ۾ ورهايل آهي، جن مان هڪڙو پارت ورش آهي، جو هماليہ جبل جي ڏکڻ ڏي آهي ۽ خود هماليہ جبل ميرو پربت جي ڏکڻ ڏي آهي. جمون دويپ جي ٻين حدن تي بہ جبل آهن."[:]

Gul Hayat Institute

هي جاگرافيءَ جون ڳالهيون، جي وسنو پراڻ ۾ جاڻايل آهي، ۽ ٻين پراڻن توڙي مهاڀارت ۾ ٻه انهن جو ذڪر آهي، تن سان گڏ هيءَ ڳالهه ٻه ڏيان ۾ رکڻ گهرجي، ته سڄي هندستان جي اتر ڏي همالہ جبل آهي؛ ۽ پراڻن پٽاندر همالہ جبل خود ڄمون دويپ جي ڏکڻ ڏي آهي. ائين پراڻن مان ايترو پتو پوي ٿو ته ميرو پربت، جو ڄمون هو، (Airyana Vaejo)دويپ جي وچ ۾ هو، سو همالہ جبل جي پرئين طرف وارن ڏيهن جنهن جي اکرن معنيٰ آهي اهو هنڌ جتي آرين (ايران وارن آرين) جو ٻج (اصل نسل) پيدا ٿيو، ۽ اهو سرڳ يا بهشت سڏيو ويو آهي. پروفيسر سپيءَ گل جنهن "زنداوستا" جو ترجمو ڪيو آهي، تنهن جي خيال موجب اهو ملڪ ايران جي مٿاهين پٽ جي ٻنهه اوپر طرف هو. جتان آڪسس (آموُ درياءُ ۽ جئڪسارٽس نديون نڪرن ٿيون پر ٻيا عالم سندس اها راءِ قبول نٿا ڪن. هن لاءِ هي سبب آهي ته پارسين جي ويندياد جي فردگرد (اڌياءَ) پهرئين ۾ ايرانين جي بهشت ("ائرين ويئجو") بابت چيل آهي ته اُتي ڏهه مهينا سيارو ٿئي ٿو ۽ ٻيا ٻه مهينا اونهارو. اونهاري ۾ ٻه ٽڏ ايتري پوي ٿي، جو پاڻي ٻه پارو ٿيو وڄي، ڏرتي ٽريو وڄي، وڻ ٽريو وڃن ۽ پوءِ چؤطرف برف پوندي آهي ته مها ڀيانڪ مصيبت پيدا ٿيندي آهي.

جئڪسارٽس ۽ آڪسس نديون جتان نڪرن ٿيون تتي ايتري ٽڏ ٿيندي ڪانهي، تنهنڪري ڊاڪٽر مارٽن هاگ ۽ ٻين عالمن جي راءِ آهي ته آڳاٽا آريہ لوڪ انهيءَ ڪان ٻه پر پرو اتر ڏي رهندا هئا. لوڪمانيہ تلڪ جيتوٽيڪ ميرو پربت بابت ٻڌائي ڪونہ سگهيو آهي ته اهو ڪهڙي هنڌ هو؛ ته ٻه ايترو چيو اٿس، ته آڳاٽا آريہ مطلب ته لوڪ رشيا يا اسڪئنڊينيو يا اتر ڏي نہ، پر سئبيريا جي اتر ڏي هئا لوڪمانيہ تلڪ ۽ ڪيترا يوروپي عالم ايتري قدر متفق راءِ آهن، ته آڳاٽن آرين جو اصلوڪو ماڳ آرڪٽڪ، سرڪل يا پولو ريجن ۾ هو؛ باقي رڳو هيءُ تفاوت آهي ته پروفيسر پينڪا ۽ ڊاڪٽر وادل پارا چون ٿا ته پورب جي اتر وارو پاسو جو اتر قطب ڏي آهي، سو آرين جو اصلوڪو ماڳ هو، ۽ اتان پڇم جي سيٻيتا پورب ڏي ڦهليو. لوڪمانيہ جي راءِ موجب ايشيا ڪنڊ جو اتر وارو(سئبيريا

جومٽيون پاسو) جو اتر قطب ڏي آهي، سو آرين جو اصلوڪو ماڳ هو. ٻنهي مان ڪنهن جي راءِ وڌيڪ وزن لهڻو تنهن باري ۾ هيءَ ڳالهه ڏيان ۾ رکڻ گهرجي ته اهڙي ڪا ثابتي هيستائين ملي ڪانهي، جنهن مان ائين سمجهڻ ۾ اچي، ته يورپ جي سيتا جو ڦهلاءُ پورب تائين ٿيو. اٽلندو هيئن ثابت ٿيو آهي ته يورپ جي سيتا جو بنياد ايشيا وارن وڌو ۽ پوءِ ٻه يورپ جي ماڻهن ايشيا، خاص ڪري هندستان مان گهٽو ئي پئي پرايو [...]

هن باري ۾ هيءَ مڪيه ڳالهه ڏيان ۾ رکڻ گهرجي ته سڀ ڪنهن ملڪ جي سيتا اول ٻوليءَ سان شروع ٿئي ٿي. يورپ کي ٻولي ڪٿان ملي؟ جيڪڏهن سنسڪرت ٻولي يوروپي ٻولين جي ماءُ نه ٿئي ته وڏي ڀيٽ ته بيشڪ ٿئي، ۽ سنسڪرت هندستان جي ٻولي آهي، جنهنڪري چئبو ته يورپ کي ٻولي پوربي بنياد واري ملي آهي. خود انگريزي آئويٽا ٻه ديوناگري اکرن تان ٺهيل آهي، جا ڳالهه سر مونيئر وليمس پنهنجي جوڙيل سنسڪرت ڊڪشنريءَ جي ديباچي ۾ ڄاڻائي آهي. قديم ديوناگري اکر هاڻوڪي کان گهٽو ڦريل هئا، ۽ انهن ڦري ڪيئن هاڻوڪي انگريزي آئيويٽا جي صورت ورتي، سا ڳالهه ٻه اکرن جون تصويرون ڏيئي سمجهائي اٿس. هيءَ ڳالهه ٻه عالم آشڪار آهي ته مغرب (يورپ) ڏي ڪوبه اوتار پيدا ٿيو ئي ڪونهي. حضرت عيسيٰ، حضرت موسيٰ، حضرت محمد ﷺ، زردشت (زورئسٽر)، سري رامچندر، سري ڪرشن، ڪانفيوشس ۽ ٻيا اوتار ۽ پيغمبر سڀ پورب ۾ ٿي گذريا آهن. يوروپي لوڪن کي بائيبل يا انجيل ٻه ايشيا مان مليو، ته مذهب ٻه ايشيا مان ملين. سر مونيئر وليمس اهي ڳالهيون ڄاڻائي ائين ٻه چيو آهي ته انگن جا نالا ۽ ڏهائيءَ جي ترتيب ٻه هنن هندستان مان پرايا. پات صاحب چيو آهي ته جيئن سج ايرندو ئي ايرندي کان آهي تيئن سيتا جو سج ٻه اول پورب (ايشيا) ۾ ايريو، جنهن مان پوءِ پڇم يا مغرب (يورپ) کي روشنائي ملي؛ بلڪ سڄي انسان ذات پورب منجهان ئي پرايو. سن 1882ع ۾ پروفيسر مئڪس ملر ڪليو ڪلايو قبول ڪيو ته اسين يوروپي لوڪ پورب کان آيا آهيون، ۽ سڀ جيڪي قيمتي سمجهون ٿا، سو پورب مان پرايو اٿئون. [...]

گرم صاحب جنهن علم لغات جا اصول يا ترتيب بيهاريا هئا، جنهنکري اهي اڄ تائين سندس نالي پٺيان "گرم جا قاعدا" (Grimm's Laws) سڏجن ٿا، تنهن جو به اهو چوڻ هو ته، يورپ جون سڀ قومون اصل آيون ئي ايشيا کان آهن."

لوڪمانيه تلڪ کان اڳ جرمنيءَ جي عالم پروفيسر پينڪا ڄاڻايو هو ته آڪاٿا آريه لوڪ اصل اتر ڏي رهندا هئا ۽ سندن اصلوڪو ماڳ يورپ جي اتر قطب ڏي اسڪئنڊينيويا ڏي هو. هاڻ معلوم ٿيو آهي ته اسڪئنڊينيويا جا رهاڪو آڪاٿن لفظ اصل ۾ (Scandinavia) "هندو ڪترين جو اولاد آهن. خود "اسڪئنڊينيويا سنسڪرت لفظ "سڪندناڀي" (سڪندناوي) آهي، ۽ معنيٰ اٿس "مڪيه يا جنگي سڪئنڊينيويا جي آڪاٿن ماڻهن جا ڏرمي (Scand Chiefs or Warrior Chiefs) "سردار سڏجن ٿا. اهو "ايد" اصل ۾ آهي سنسڪرت لفظ "ويد" ۽ (Edda) "پيستڪ "ايد .ويد هندن جا ڏرمي پستڪ آهن

سئبريا ۽ فنلئنڊ ۾ هن وقت جيڪي "سموئيڊس" (Samoyedes) آهن، سي اصل ۾ سمايدو" آهن، يعني اهي سما راجپوت آهن، جي اصل "يادو ونسي" (جادو ونسي) ڪل مان هئا، جن مان سري ڪرشن پيدا ٿيو هو. سنڌ ۾ سومرن ڪانپوءِ جن سمن حاڪمن راڄ ڪيو، سي به سما راجپوت هئا، ۽ انهيءَ ساڻئي جادو ونسي ڪل مان هئا. سئبيريا ۽ فنلئنڊ ۾ "شودِ" (Tchoudes) به آهن، ۽ اهي به "جود" يعني راجا يدو (جدو) جو اولاد آهن، تنهنکري اهي به جادو ونسي ڪل جا آهن". انهن ٻنهي قومن جي ٻولين جي به هڪ ٻئي سان گهڻي نسبت آهي. هي حقيقتون ڪرنل ٽاڊ پنهنجي جوڙيل "راجستان جي احوال" ۾ ڄاڻايون آهن. انهن حقيقتن مان ائين وسهڻ لاءِ سبب ٿئي ٿو ته لوڪمانيه تلڪ جو قياس سچو هو ته آڪاٿن آرين جو اصلوڪو ماڳ (ميرو پربت وارو پاسو) سئبيريا جي اُتر ڏي آرڪٽڪ ريجن ۾ هو، جتان پوءِ ڪي آريا لوڪ يورپ جي اتر ڏي فنلئنڊ ۽ اسڪئنڊينيويا ڏي ٽڙي

پکڙي ويا. اهو پاسو هندو ڪترين وسايو، ۽ برهمڻن وري جرمنيءَ وارو پاسو وسايو، جنهنڪري اهي "جرمن" يعني "شرمن" (شرما) سڏجڻ ۾ آيا. وقتي براهمڻ ۽ ڪتري انهن پاسن ڏي پوءِ ويا هجن، پر پراڻن مان ايترو ظاهر آهي ته قديم زماني ۾ ئي هندستان جي ماڻهن ۽ ميرو پربت طرف جي رهاڪن جي هڪ ٻئي سان لهه وچڑ هئي، جنهنڪري وشوامتر ميرو پربت کان آيو هو، ۽ اتهاس (تاريخ) واري زماني ۾ پانڌون جو ياءُ ارجن ميرو پربت ڏي ويو هو. [****]

اتر قطب طرف هندن جي حڪومت: آرين جي سيتا جي شروعات بابت ڪيترا اُهجاڻ رگ وید مان ملن ٿا؛ پر پراڻن ۾ اهڙي ڪا ڳالهه آهي ئي ڪانه، جنهن مان ائين سمجهڻ ۾ اچي ته سندين سيتا جي شروعات انهيءَ وقت ٿي هئي، جنهن وقت هو ميرو پربت تي رهندا هئا. آڳاٽن آرين جا جيڪي احوال جيڪي پراڻن ۾ ڏنل آهن، تن مان پڌرو آهي ته جنهن وقت هو ميرو (سمير) پربت تي رهندا هئا، تنهن وقت ئي نهايت ڪليل دماغ وارا هئا. ۽ اهڙا ته زور هئا، جو اتي پنهنجي بادشاهي ڪري وينا هئا. سندن بادشاهت جي حدن مان ائين سمجهڻ ۾ اچي ٿو ته ان وقت به هو سلطنت شاهي (Imperialism) جا ڪوڏيا هئا. ۽ ٻين کي پنهنجي تابعي ڪري پاڻ سيني جي مٿان حاڪم ٿي وينا هئا.

مٿي اڳي ئي چيو ويو آهي ته پراڻن پٺاندر سڄي دنيا ستن دويپن (ٻيٽن يا ڪندن) ۾ ورهايل آهي ۽ انهن جو مرڪز جمون دويپ هو، جنهن جي وچ ۾ ميروپربت هو. انهيءَ جمون دويپ بابت پراڻن مان هيءَ حقيقت ملي ٿي ته ڪنهن قديم زماني ۾ اُتي راجا پريه ورت راج ڪندو هو. ڪائنس پوءِ سندس پٽ راجا اگني ڌر جمون دويپ کي نون ورشن يا ياڳن ۾ ورهائي، اهي ورشن پنهنجن نون پٽن کي ڏنا. ائين سندس هرهڪ پٽ کي هڪ ورش مليو، جن مان هڪڙو پارت ورش (هندستان) هو، جو هماليه جبل جي ڏکڻ ۾ آهي، ۽ سيني ۾ ڏاکڻو ورش اهو آهي. "پارت ورش، اُتر ڪرو، پدراشو ۽ ڪيتومال — اهي چارئي ورشن جبلن جي قطارن جي باهرئين پاسي آهن" (وشنو پراڻ). [*]

* "If we agree with the view of Mr. B.G. Tilak expressed in his "Orion," and place the ancient home of the Aryan races in the circumpolar regions (which were habitable in 8000-1000 B.C.), the significance of the names of the cardinal points becomes easy of understanding, There, the sun would rise into view (at the beginning of each new year) after a dawn lasting for several days. The orb would not be seen to rise in east, but a little to the south i.e. South-West. The autumnal sun would set in the South-West, after which the long night would follow. Originally دکشڻ (ڏکڻ) must have signified the direction in which the sun rose (and set also), but in course of time when the four cardinal points were definitely defined, the south got the name دکشڻ (ڏکڻ) in rememberance of the fact that the sun moved from the front to the right in his circular motion along the horizon in the Arctic regions. "Modern Review, August 1912.

* "These uniquely precious historical documents (the Puranas) extending to many hundreds of pages of manuscripts, have been down through to centuries neglectged, and wholly appreciated as to their historical significane," Dr. L. A. Waddel: The Markers of Civilization in race and History, preface VIII.

** The reference to the Isutre of the mountain is specially interesting, in as much as in all probability, it is a description of the splendour of the Aurora Borealis visible at the North Pole." B.G. Tilak: The Arctic Home in the Vedas, pp. 69-70.

*** Dr. A.C. Das: Rag Vedic India, p. 395.

* Vishnu puran, Wilson's Translation, Vol. II, pp. 101-118.

** Special places Aisyana Vaejo "In the farthest east of the Iranian plateau in the region where the Oxus and Jaxartes take their rise."

*** Dr. Martin Haug: Esasys on the Sacred Language. Writings and Religion of the Parsis, P. 292.

* " But considering the fact that the traditions of the original Polar home are better preserved in the sacred books of the Brahmans and Parsis, it is not unlikely that the parlmaeval home was located to the north of Russia and Scandinavia," Sjt. B.G. Tilak: The Arctic Home in the Vedas. P.418.

** "If the evidences of Saxon Colonization in this island (Great Britain) are strong both from language, and political institutions, the evidences are still more decisive in the parallel case of an Indian colonization of Greece-not only her language but her philosophy, her religion, her rivers, her mountains and her tribes, her subtle turn of intellect, her political institutes, and above all, the mysteries of that noble land, irresistibly prove her colonization from India, "Pococke: India in Greece.

Gul Hayat Institute

* " Europe has learnt to perceive that in imparting some of the benefits of her modern civilization to Eastern races, she is only making a just return for the lessons imparted to her by Asiatic wisdom in past ages. For did she not receive her Bible and her religion from an Eastern people? Did not her system of counting by twelves and sixties come to her from Babylonia, and her invaluabl numerical symbols and decimal notation from India through the Arabs? Did not even her languages have their origin in a common Eastern parent?" Sir Moniar-william's Sanskrit-English Dictionary, Preface PP. XXII-XXIII.

** "The path of the sun must be the path of culture. In Asia, Pott declares, or nowhere was the school-hose where the families of mankind were trained."

Quoted by Dr. A.C. Das: Reg Vedic India, p. 357.

*** " We all come from the East-all that we value most has come to us from the East," Prof. Max Muller: what canIndia teach us? Pp. 31-32.

* "All the nations of Europe migrated anciently from Asia." Jacob Grimm.

** The Scandinavians are the descendants of Hindu Kshatriyas. The term Scandianavian and the Hindu "Kshatria" or the warrior caste, are identical, 'the former being a Sanskrit equivalent for the latter: "Scanda Nabhia" (Scanda Navi) signifies Scanda Chiefs (Warrior Chiefs). Har Bilas Sarda: Hindu Superiority, p. 134.

*** We can scarcely question derivation of the Edda (the religious books of Ancient Scandinavia) from the Vedas." Count Bjornst Jerna: Theogony of the Hindus, p. 108.

**** "The Samoyedes and Tchoudes of Siberia and Finland are really Samayadus and Joudes of India. The languages of the two former races are said to have a strong affinity and are classed as Hindu-Germanic by Klaproth, the author of "Asia Polyglotta," Tod's Rajasthana: Vol. I. p. 68.

* Wilson's Translation of the Vishnu Puran, Vol. II, pp. 101, 110, 114, 116—123.

هي حقيقتون، جي وشنو پراڻ مان ڏنيون وييون آهن، سي صفا ئي صفا تاريخ ۽ جاگرافيءَ جون ڳالهيون آهن: انهن ۾ نڪا ڪا تمثيل رکيل آهي، نڪا ڪا ڏند ڪٿا گڏيل مسيل آهي. هنن حقيقتن تي ٿوروئي ويچار ڪجي ٿو تہ انهن مان هيٺيون ڳالهيون ظاهر ٿين ٿيون:

(1) پراڻن پٽاندر سيني آڳاٽن راجائن جو اصل نسل منو پڳوان سان وجي لڳي ٿو، جنهن بابت چيل آهي تہ ڪيس نو پٽ هئا. تاريخ جي خيال وچان انهن نون

پٽن مان هڪڙو مکيہ پٽ راجا پريہ ورت هو، جو سڄي جمون دويپ جو حاڪم هو، ۽ پارت ورش (هندستان) بہ سندس حڪومت هيٺ هو.
رگ وید ۾ ڪيترن هنڌ آرين ۽ اڻ آرين جي وچ ۾ جنگين لڳڻ جو ذڪر آهي. اهو جنگين جو احوال شايد انهيءَ قديم زماني جو آهي، جنهن زماني ۾ راجا پريہ ورت پارت ورش (هندستان) پنهنجي قبضي ڪرڻ ٿي چاهيون؛ پر اڻ آريہ قومن ڪيس پنهنجي ملڪ سڙو هٿ ڪرڻ نٿي ڏنو. آرين جو هندستان ۾ پهريائين پهريائين اچڻ انهن جنگين وقت ٿيو هوندو.
(2) راجا پريہ ورت ڪانپوءِ سندس پٽ راجا اگني ڌر سڄي جمون دويپ کي نون ورشن ۾ ورهائي، هرهڪ ورش پنهنجي پٽ کي ڏنو، تہ پٽن سان گڏ ضرور ٻيا بہ آريہ لوڪ ميرو پربت يا جمون دويپ جي ٻئي ڪنهن ياگي ڪان پارت ورش ۾ آيا هوندا، ۽ رڳو پاڻ هڪ جڳو ڪونہ آيو هوندو. انهيءَ سبب ڇئبو تہ آرين جي ٻي وڏي ٽولي راجا اگني ڌر جي پٽ جي وقت ۾ هندستان ۾ آئي هوندي.
(3) منو پڳوان جو ٻيو مکيہ پٽ راجا اڪشواڪو هو، جنهن بابت اتهاسن ۽ پراڻن ۾ ڄاڻايل آهي تہ هن ايوڌيا هاڻوڪي ائوڌ) ۾ اچي راڄ ڪيو، ۽ سورجونسي گهراڻي جو بنياد وڌائين، جنهن مان پوءِ سري رامچندر پيدا ٿيو.
جنهن صورت ۾ سڄو پارت ورش اڳي ئي راڄا پريہ ورت ۽ ڪائنس پوءِ سندس پٽ راجا اگني ڌر جي تابعي هو، تنهن صورت ۾ ڇئبو تہ انهن آرين جا راجا اڪشواڪوءَ کي ايوڌيا ۾ سڙو پير کوڙڻ ڪونہ ڏنو هوندو. رگ وید ۾ نہ رڳو آرين ۽ اڻ آرين جي وچ ۾، پر هڪڙن آرين ۽ ٻين آرين جي وچ ۾ بہ، جنگين لڳڻ جو ذڪر آهي. هن منجهان اهو ئي انومان ڪڍبو تہ آرين جو هي ٽيون ڪٽڪ راجا اڪشواڪوءَ جي وقت ۾ هندستان ۾ آيو هو، ۽ ان وقت بہ شايد جنگيون لڳيون هيون.

Gul Hayat Institute

(4) "اِلا (Illa) "منو پڳوان جي ٽئين مکيہ پٽ جو نالو هو، جنهن بابت چيل آهي تہ هو پوءِ مرد مان ڦري زال ٿيو هو. اِلا جو نامياڑو پٽ راجا پروروس هو، جنهن پرتيستان (هاڻوڪي الله آباد) ۾ اچي راڄ ڪيو، ۽ چندرونسي گهراڻي جو بنياد

وڏائين. انهيءَ گهراڻي وارا "الا" جو اولاد هئا، تنهنڪري "آئل" (اِلا جو اولاد) سڏبا هئا. اهي ئي "آئل" آريه لوڪ هئا، جن سنڌو ماڙ اچي وسائي. اهي "آئل" ڪٿان آيا؟ پراڻن مان پڌرو اهي تہ آهي نڪي اصل هندستان جا رهاڪو هئا، نڪي وچ ايشيا جا وينل هئا؛ پر سندن گهراڻي جو بنياد وجهندڙ راجا پروروس ميرو پربت کان هماليه جبل وارا لڪ لتاڙي هندستان ۾ آيو هو. مسٽر پارجيٽر ڪلڪتي هاءِ ڪورٽ جي جج، هندن جي پراڻن مان جيڪي تاريخي احوال سوڌي ڪڍيا آهن، تن ۾ ائين ئي ڄاڻايو اٿس: .

حاصل مطلب تہ انهيءَ ڳالهه ۾ مين ميڪ آهي ئي ڪونہ تہ سڀ قديم آريه لوڪ نہ، تہ بہ منجهائن گهٽا اتر قطب طرف رهندا هئا، جتي جي سخت ٺڏ جو ذڪر هندن، پارسين ۽ ڪيلٽڪ قومن جي ڏرمي پستڪن ۽ ڏند ڪٿائن ۾ آهي. اسان جي سنڌي ٻوليءَ مان بہ اهائي ثابتي ملي ٿي تہ "اُتر" ۽ "ڏکڻ" لفظ نهيل ئي ان وقت جا آهن، جنهن وقت آريه لوڪ اتر قطب طرف ميرو پربت تي رهندا هئا (صفحو 92 کان 96). "سنسڪرت" ۽ "ديوناگري" لفظن بابت ويچار، جي هن ڪتاب ۾ ٻئي هنڌ ڄاڻايا ويا آهن، تن مان بہ پڙهندڙ سمجهي سگهندا تہ سنسڪرت ٻولي ڳالهائڻ جو رواج اصل اُتر قطب طرف هو، ۽ ديوناگري ائيويٽا، جا اڳي "براهمي" لپي سڏبي هئي، سا اصل جڙي ئي ميرو پربت تي هئي. ايترو ڇئبو تہ ممڪن آهي تہ اتر قطب کان وڃي، ڏاکڻي طرف، هماليه جبل جي تراين، بلڪ هاڻوڪي هندستان جي حدن تائين، ڪيترا آريه لوڪ ٽڙيل پکڙيل هئا، ۽ اهو سمورو ملڪ پراڻن پٽاندر "جمون دويپ" سڏبو هو. انهيءَ هيڏي ساري ايراضيءَ ۾ ٻوليءَ ۾ ضرور ڪجهه نہ ڪجهه تفاوت ٿيندو. رگ وید ۾ ڄاڻايل آهي تہ آڳاٽن آرين جي ٻوليءَ بلڪ ڏرم ڪرم ۽ ريتن رسمن ۾ بہ ڦيرو هو. اهي سڀ ڳالهيون ڳڻي ڇئبو تہ ڊاڪٽر انباش چندر داس پارا، جي چون ٿا تہ آريه اصل "سپت سنڌوءَ" (سنڌو ماڙ جي ستن دريائن وارن ڪنارن) جا رهاڪو هئا، يا جيڪي چون ٿا تہ قديم آريا لوڪ اصل ٽبيٽ يا ڪشمير جا رهاڪو هئا. تن جي ڳالهه نسوري غلط نہ ڇئبي. قديم آرين مان ڪي جمون دويپ ۾ انهن حدن تائين

ٿڙيل پکڙيل هئا تہ انهيءَ ۾ عجب ڪونهي؛ پر سندن "اصلوڪو ماڳ" (Original Home) جنهن کي چئجي، سو ڄمون ڏويپ جو اتر قطب وارو پاسو هو، جتان جدا جدا وقتن تي ٽوليون ٽوليون ٿي هندستان ۾ آيا هئا.

ٻولين جي ڪوجنائن مان ٻہ يوروپي عالمن کي ائين وسهڻ لاءِ سبب ٿيو آهي تہ سڀ آريا لوڪ گڏ ڪونہ آيا هئا، پر جدا جدا وقتن تي ٽوليون ٽوليون ٿي آيا هئا، جنهنڪري سندن ٻوليءَ ۾ ڪي تفاوت هئا. هيءَ حقيقت جيمس صاحب پنهنجي جوڙيل ڏيهي آريہ ٻولين جي گرامر جي جلد پهرئين ۾، ۽ سر گريئرسن پنهنجي جوڙيل "لنگئسٽڪ سروي آف انڊيا" جي جلد پهرئين ۾ ڄاڻائي آهي.

آرين جي ڏار ٿيڻ جو سبب: قديم هندن، ايرانين، يونانين وغيره جا ابا ڏاڏا ميرو پربت طرف گڏ، يا هڪ ٻئي جي ويجهو رهندا هئا، تہ پوءِ هڪ ٻئي کان ڏار ڇو ٿيا، سا ڳالهہ ڪنهن ٻہ ڪتاب ۾ لکيل ڪانهي. ڪرستان ۽ مسلمانن جي ديني ڪتابن ۾ ايترو لکيل آهي تہ ڪنهن قديم زماني ۾ سخت طوفان لڳا هئا ۽ ٻوڏون ٿيون هيون، ۽ پوءِ حضرت نوح رحہ وري دنيا کي آباد ڪيو هو. اها اوگا يا مها پرلئ جي ڳالهہ مها پارت ۽ پراڻن ۾، توڙي ٻجر وٻد جي پنيان جيڪو شتپٿ براهمڻ گرنٿ آهي، تنهن ۾ لکيل آهي، ۽ ائين چيل آهي تہ "منو ڀگوان وري دنيا کي آباد ڪيو هو." ڪيترن عالمن هيءُ رايو ظاهر ڪيو آهي تہ اها مها پرلئ جي ڳالهہ هڪ ٻئي جي ڏرمي پستڪن تان نقل ڪري نہ لکي اٿن؛ پر سيني قديم قومن کي انهيءَ مها پاري ٻوڏ جي سڌي هئي. اها الاهي آفت دنيا جي مٿان ڪڏهن ڪڙڪي، تنهن جي نسبت يا سن ڪنهن ٻہ ڏرمي پستڪ ۾ ڄاڻايل ڪونهي.

رگ وٻد ۾ هن ٻوڏ جو ذرو ٻہ ذڪر ڪونهي؛ پر ٻجر وٻد جي پنيان ڏنل شتپٿ براهمڻ گرنٿ ۾ توڙي مها پارت ۽ پراڻن ۾ آهي. اهو جيتوٽيڪ جيالاجيڪل ڪاتي وارن کي ڪوجنائن ڪرڻ سان معلوم ٿيو آهي تہ عيسوي سن کان اٽڪل (Glacial) اٺ — ڏهہ هزار ورهيہ اڳي، برفاني ڇپن نهڻ واري زماني ۾ نهايت گهڻي برف پيئي هئي، جنهن جي رجڻ ڪري نهايت گهڻي ٻوڙ (Period

ٻوڙان ٿي هئي، جو جنسي پرلئ ٿي ويئي هئي. عيسائين جو انجيل، جو گهڻو ٻوءِ جو لکيل آهي، تنهن جي پيدائش جي ڪتاب جي باب ستين آيت 11 ۽ 12 (Genesis, VII, 11-12) ۾ لکيل آهي ته حضرت نوح رحہ جڏهن ڇهہ سو ورهين جي ڄمار جو هو، تڏهن چاليهہ ڏينهنءِ چاليهہ راتيون ساندهہ اجهل برسات پيئي هئي، جنهنڪري پرلئ ٿي هئي. بئبلونيا ۽ مصر ملڪ جي اتهاسن موجب بہ برسات سبب مها پرلئ ٿي هئي ۽ اها برسات فقط ٿي ڏينهن هلي هئي. انهن اختلافن مان ائين سمجهڻ ۾ پيو اچي ته مها پرلئ هڪڙو پيرو نہ، پر گهڻا گهمرا ٿي هئي، جنهنڪري ڏرمي پستڪن ۾ هڪڙيءَ طرح ته ٻين ۾ ٻيءَ طرح ڄاڻايل آهي. بهرحال ائين پيو ڄاڻجي ته اهڙيءَ هڪ نہ ٻيءَ ٻوڏ سبب ڪيترين قومن کي پنهنجو اصلوڪو ماڳ ڇڏڻو پيو هو ۽ ماڻهو دربدر ٿيا هئا. ممڪن آهي ته اِنهيءَ الاهي آفت جي وقت اتر قطب طرف رهندڙ آريہ لوڪ بہ هڪ ٻئي کان ڌار ٿيا. منجهائن ڪي يورپ ته ڪي ايران ۽ هندستان ڏي ويا ۽ جدا جدا هنڌن ۾ پنهنجا ماڳ جوڙي ويٺا، ته انهن هنڌ سندين ٻوليءَ پنهنجي پنهنجي نموني واڌارو ڪيو، جنهنڪري سنسڪرت، ايراني ۽ يوروپي ٻوليون هينئر هڪ ٻئي کان گهڻو علحديون نظر اچن ٿيون، نہ ته اصل ٻڌ بنياد هڪڙو اٿن.

مها پارت جي شانتي ۽ پرو ۽ ٻين ڏرمي پستڪن مان حوالا ڏيئي، لوڪمانيہ تلڪ ڄاڻايو آهي ته انهيءَ مها پرلئ ٽيڻ وقت هندن جا وید ۽ اتهاس گم ٿي ويا. پوءِ رشين کي جيتري قدر ويدن ۽ اتهاسن وارو مضمون تپسيا جي بل تي ياد پيو، تيتري قدر وري لکيائون. پروفيسر رئيس پروفيسر مئڪس ملر ۽ ٻين ڪيترن يوروپي عالمن ڄاڻايو آهي ته قديم آرين جو حافظو حيرت جهڙو هو، ۽ اڄ بہ هزارين اهڙا پنڊت آهن، جو جيڪڏهن سڄ وید ۽ اتهاس گم ٿي وڃن، ته جيڪر وري اکر بہ اکر اهي سڄ لکي وڃن. انهيءَ هوندي بہ ڇٻبو ته هن وقت سڄ آڳاٽا منتر اسان وٽ ڪينهن.

پهريون عالم ڊاڪٽر مارٽن هاگ هو، جنهن ڄاڻايو ته رگ وید جي هاٽوڪن منترن کان بہ کي آڳاٽا منتر هئا، جي "نود" (Nivid) "نگد" (Nigada) سڏبا هئا. اها ڳالهہ لومانيہ تلڪ، ڊاڪٽر انباش چندرداس ۽ ٻين ڏيهي عالمن قبولي آهي.

خود رگ وید ۾ "نود" لفظ کیترن هنڌ کم آیل آهي، ۽ نودن بابت چیل آهي تہ آڪاڻا منتر اهي هئا (رگ وید منڈل پهریون، سوکت 89 منتر 3، ۽ منڈل ٻیو 36،6). رگ وید جي پنیان جیکو ائتریي براهمڻ گرنٿ آهي، تنهن ۾ ٻہ نودن جو ذکر آهي (ائتریي براهمڻ کانڈ ٻیو، پرپانک 33-34). اهي آڪاڻا نود ۽ نگد هاڻ گهڻو کري سپ گم آهن، پر انهن مان کي اجا تائین یجر وید، براهمڻ گرنٿن ۽ سؤترن ۾ آهن ۽ انهن جي ٻولي رگ وید جي ٻوليءَ کان گهڻو آڪاڻي آهي. اهي نود ۽ نگد مها پرلئ جي وقت گم ٿیل چوڻ ۾ اچن ٿا، تنهن مان ظاهر آهي تہ جڏهن اتر قطب وارو پاسو وسیل هو تڏهن ٻہ هندن وٽ وید هئا، جنهنکري هندو حق تي چون ٿا تہ وید انادي آهن.

آرین جو ٿڙي پکڙي ویڙ: جیالاجیکل کاتي وارن جي چوڻ موجب عیسوي سن کان اَٺ ڏهہ هزار ورهیہ اڳي اتر قطب طرف ججهي برف پوڻ سبب مها پرلئ ٿي هئي. انهيءَ قدیم زماني جا کي کتاب موجود کینهن، تنهنکري پک سان چئي نٿو سگهجي تہ میرو پربت (سئبیریا جي اتر طرف) وارن آرین لاءِ جڏهن اتي رهڻ ناممکن ٿي پیو، تڏهن کهڙن کهڙن پاسن ڏي ٿڙي پکڙي ویا. انهيءَ هوندي ٻہ جیکي حقیقتون هن وقت تائین معلوم ٿیون آهن، تن جي وسیلي هن ڳالهہ تي گهڻي روشني وجهي سگهجي ٿي.

هندن جي پراڻن مان ایترو ظاهر آهي تہ کي آریا لوک میرو پربت کان همالیہ جبل وارا لک لتاڙي هندستان ۾ آیا هئا. رگ وید مان معلوم ٿئي ٿو تہ یدو (جادؤ ونسي) ۽ تروسو آریہ لوک سمند جي رستي آیا هئا (رگ وید منڈل ڇهون، سوکت 20، رچنا 12) یدو ۽ تروسو آرین بابت کیترن یوروپي عالمن ڄاڻایو آهي تہ اهي بئبلونیا (بابل) کان آیا هئا. رئگوزن پنهنجي جوڙیل کتاب "ویدک اندیا" ۾ ڄاڻایو آهي تہ تروسو آرین مان کي بئبلونیا طرف همیشه لاءِ رهي پیا، ۽ اهي پوءِ توراني لوک سڏجڻ ۾ آیا. پراڻن ۾ اهي پرشٹ ٿیل لیکیا ویا آهن. یدو ۽ تروسو آریہ لوک میرو پربت کان سڏو بئبلونیا ڏي ویا، یا هندستان ۾ اچڻ کانپوءِ اوڏاهین ویا، تنهن لاءِ کابہ ثابتي کانهي.

سئبيريا جي اتر کان ميرو پربت وٽان، يورپ ڏي وڃڻ لاءِ سولي وات اسڪئنڊينيويا کان آهي، تنهنڪري ائين سمجهجي ٿو ته ڪي آريہ لوڪ اها وات ونيِ، يورپ جي جدا جدا ياڳن ڏي ٽڙي پکڙي ويا؛ پر منجهائن ڪي هيٺ لهي، وچ ايشيا ۽ الهندي ايشيا ڏي ميسوپوٽيميا ۽ بئبلونيا ڏي ٻہ ويا. اهو انومان هن ڳالهہ مان ڪڍجي ٿو، جو سن 1905-1906ع ۾ ايشيا مائنر جي ڪئپڊوشيا طرف بوگھز ڪئي سان، ٻين شين مان گڏ، نارس قوم بابت هڪ ڪتاب آرڪيالاجيڪل ڪاتي وارن کي هٿ آيو هو. اسڪئنڊينيويا جا آڳاٽا رهاڪو "نارس" (Norse race) يعني اُتراڏي يا اتر طرف جا رهاڪو سڏبا هئا، ڇاڪاڻ ته اسڪئنڊينيويا يورپ جي بنهہ اتر ڏي الهندي طرف آهي. اُتي جي رهاڪن جو ڪتاب هيڏانهن الهندي ايشيا طرف ڪئپڊوشيا مان لڏو، تنهن مان ائين پيو پائنجي ته ميرو پربت ڇڏڻ کان جيڪي اسڪئنڊينيويا ڏي ويا تن مان ڪي ٻين آرين سان گڏ ڪئپڊوشيا ڏي ٻہ آيا ۽ اهو ڪتاب انهن آندو هوندو. انهيءَ طرف سنڌو ماڻر جا آريہ لوڪ پوءِ ٻہ پئي ويا، جنهن ڳالهہ جو ذڪر "وڻج واپاري" جي احوال ڏينديِ ڪبو. هتي رڳو ايترو ڄاڻائجي ٿو ته سنڌو ماڻر جا ڪي پڻي لوڪ سيميٽڪ قومن سان سنگ ڳنڍڻ ڪري "فنيشن" (Phoenicions) سڏجڻ ۾ آيا هئا. اهي فنيشن لوڪ اسڪئنڊينيويا ڏي ٻہ وڻج واپار لاءِ ويندا هئا. اهي فنيشن لوڪ اسڪئنڊينيو يا ڏي ٻہ وڻج واپار لاءِ ويندا هئا، ۽ انهن اهو ڪتاب اتان الهندي ايشيا ڏي آندو هوندو ته ٻہ عجب ڪونهي.

گذرين اڻويهين صديءَ ۾ آرڪيالاجيڪل ڪاتي وارن ايران جي الهندي طرف "ميديا" مان آرين جي بينڪن جا اُهجاڻ لڌا، ۽ اهو ٻہ پتو پين ته آرين جون بينڪون ميديا کان ونيِ ميسوپوٽيميا ۽ بئبلونيا تائين هيون، ۽ اُتر آفريڪا وارن سان ٻہ مٽيون مائٽيون هين، مطلب ته آريا لوڪ رڳو هندستان ۾ ڪين هئا، پر ٽڙيل پکڙيل هئا. جيڪي آريہ لوڪ پوءِ هميشہ لاءِ ايران ۾ رهيا، تن مان ڪيترا ڪچ وقت آريمينيا ۽ ميديا ۾ رهيا هئا، ۽ ڪن پنهنجون بينڪون ترڪستان جي ايرندي طرف وڌيون هيون، جيئن لئسن صاحب ڄاڻايو آهي.

ٻولين جي کوجنائن مان معلوم ٿيو آهي ته وچ ايشيا مان آريمينيا کان جيئن يورپ ڏي وڃجي ٿو، تئن انهي وات تي جيڪي ٻوليون هن وقت چالو آهن، تن جو ناتو يوروپي ٻولين سان وڌيڪ ۽ ايراني ٻولين ۽ سنسڪرت سان گهٽ آهي. وري جيئن آرمينيا کان ايران ۽ هندستان ڏي وڃجي ٿو، تيئن انهيءَ وات تي جيڪي ٻوليون چالو آهن، تن جو ناتو ايراني ٻولين ۽ سنسڪرت سان گهٽ آهي. وري جيئن آريمينيا کان ايران ۽ هندستان ڏي وڃجي ٿو، تيئن انهيءَ وات تي جيڪي ٻوليون چالو آهن، تن جو ناتو ايراني ٻولين ۽ سنسڪرت سان وڌيڪ ۽ يوروپي ٻولين سان گهٽ آهي، ائين ڄڻ ته انهيءَ طرف جون ٻوليون اهو اهڃاڻ ڏين ٿيون ته ڪجهه وقت ڪيترن آرين جي سپيتا جو مرڪز آرمينيا وارو پاسو هو، جتان هڪڙا آريه لوڪ يورپ ڏي ته ٻيا ايران ۽ هندستان ڏي ويا. آرمينيا طرف ڪاٽيون آهن، تنهنڪري انومان ڪڍيائون، ته شايد ڏاتن مان باسٽن ۽ هٿيارن پنوهارن جوڙڻ جو هنر آريه لوڪ اتي سکيا. اتي ڪجهه وقت گڏ رهڻ ڪانپوءِ ڪيترا آريه لوڪ بختر ۽ ايران جي جدا جدا پاسن ڏي ٽڙي پکڙي ويا. هن لاءِ هڪ لکيل ثابي ٻه آهي، جنهن چوڪو ڏيان لهڻو.

سر وليم جونس جنهن سنسڪرت ٻوليءَ جو ناتو يوروپي ۽ قديم پارسي ٻوليءَ سان جاڙايو هو، تنهن کي "دابستان" نالي هڪ ڪتاب ڪشمير مان هٿ آيو هو، جو پوءِ پاڻ سان يورپ ڏي کڻي ويو هو. انهيءَ ۾ بختر جي بادشاهن جو پيڙهيءَ ٻه پيڙهيءَ احوال ڏنل آهي. "دابستان" موجب راجا مهابدرنس جي ڪل جي پهرينءَ شاخ وارن سڪندراعظم جي ڪاهه کان پنج هزار ڇهه سؤ ورهيه اڳي بختر (باختر Bactria) ۾ راج ڪيو. سڪندر اعظم عيسوي سن کان سوا ٽي سو ورهيه اڳي هندستان تي ڪاهيو هو، تنهنڪري ڇٻو ته عيسوي سن کان ڇهه هزار ڪن ورهيه اڳي بختر ۾ آرين پنهنجيءَ حڪومت جو بنياد وڌو هو، انهيءَ قديم زماني ۾ اڄا ڪيترين قومن کي پنهنجي بت ڏيکڻ جو ٻه هوش ڪونه هو، ته هنن آرين هتي بادشاهي پئي ڪمائي! دابستان ۾ جاڙايل بختر جي راجائن بابت هينئر هر ڪو عالم قبول ڪري ٿو ته اهي هندو هئا، جئن "مل" صاحب

جوڙيل هندستان جي تاريخ ۾ جاڻايل آهي. ھڙيون لکيل ثابتيون ڏسي يوروپي لوڪ قبول ڪرڻ لڳا آهن ته هندن جي جهڙي آهي سپيتا آڳاڻي، تهڙو ئي آهي ڏرم آڳاڻو ۽ انهيءَ ڳالهه ۾ دنيا جي ڪابه قوم هندن سان ڪلهو هڻي ڪين سگهندي. هنن حقيقتن مان ائين به سمجهڻ ۾ اچي ٿو ته دابستان ۾ جاڻايل هندو راجائن جنهن وقت بختر ۾ راڄ پئي ڪيو، تنهن وقت تائين ايران وارا پارسي ۽ هندستان وارا آريا اڃا هڪ يڪي هندو قوم جا هئا. ايران وارن آرين بابت ڪي حقيقتون سندن ڏرمي پستڪن مان ملن ٿيون.[1]

ڊاڪٽر مارٽن هاگ پارسين جي زنداوستا جو اونهو اڀياس ڪري، انهيءَ مان ڪي اندروني ثابتيون ڏنيون آهن. انهن اندروني ثابتين مان ظاهر آهي ته پارسين جا ابا ڏاڏا اصل ٺڏي ملڪ جا رهاڪو هئا ۽ اُتي اڪثر چوپائي مال تي گذران ڪندا هئا. جڏهن آڪسس يا آمُو درياءَ ۽ جئڪسٽارٽس ندين جي وچ واري ملڪ ۽ بختر (باختر) جي مٿاهن پٽن ڏي آيا، تڏهن ٻني ٻارو ڪيائون، ۽ هڪ هنڌ ٿر ٽاڻُ ڪري وينا. منجهائن جيڪي اڃا مال تي گذران ڪندا هئا، تن کان سندن گذران جو نمونو ائين نرالو ٿيو. هن مان ڏسڻ ۾ ايندو ته اصلوڪي ٺڏي ملڪ (ميرو پربت) ڇڏڻ کانپوءِ جڏهن کي آريه لوڪ هن ايران واري پاسي آيا، تڏهن انهيءَ طرف جي ٻين قومن سان لهه وچڑ ۾ اچڻ سبب سندن رهڻي ڪهڻيءَ ۽ ڏرمي خيالن ۾ ڦيرو پيو. جنهن ڪري هندو قوم کان پارسي قوم علحدي ٿي، نه ته انهن ٻنهي قومن وارا اصل آريه لوڪ ۽ هندو براهمڻ هئا. هن ڳالهه جو وڌيڪ ذڪر ڪجي ٿو ته هندن جو پارسين سان ويجهو ناتو سمجهڻ سولو ٿئي.[2]

هندن ۽ پارسين جو ويجهو ناتو: پارسين جو ڏرمي پستڪ يا ديني ڪتاب "زنداوستا" آهي، جو پهلوي ٻوليءَ ۾ لکيل آهي. اها ايران جي "پهلو" (پرٿين Parthians) لوڪن جي ٻولي هئي. رگ وید جي منڈل ڇهين، سوڪت 27، رچنا 8 ۾ "پارٿو" (Parthava) نالو ڪم آيل آهي. اهي شايد "پرٿين" هئا، ۽ "پرٿين" نالي جو اُچار پوءِ ڦري "پهلو" (Pahlava) ٿيو.[3]

رگ ويد جي منڊل ڏهين، سوڪت 33، رچنا 2 ۾ "پرشو" (Parciava) هئا، جن جو نالو "پرشيا" (ايران) تي پيل آهي. ڪي چون ٿا تہ "پرشرام" جنهن ايڪيهہ گهمرا ڪترين جو ونش ناس ڪيو هو، تنهن جو نالو "پرشيا" تي پيل آهي؛ پر اها ڳالهہ وسهڻ جهڙي ڪينهي. پرشرام گهڻو گهڻو پوءِ پيدا ٿيو هو.

مٿين حقيقتن مان ظاهر آهي تہ رگ ويد واري زماني ۾ ئي هندستان وارن آرين کي انهن ايراني قومن جي نالن جي سڌ هئي. انهيءَ سان گڏ هيءَ ڳالهہ بہ ڏيان ۾ رکڻ ضروري آهي تہ هندن جي رگ ويد جي ٻولي پارسين جي زنداوستا جي ٻوليءَ سان نهايت گهڻي مشابهت رکي ٿي. ٻنهي ڏرمي پستڪن ۾ ڪيترن ديوتائن جا نالا بہ ساڳيا ئي ساڳيا آهن. ڪيتريون ڏند ڪٿائون ۽ ٻيا ڏرمي خيال بہ جهڙا رگ ويد ۾ تهڙا پارسين جي زنداوستا ۾، تنهنڪري ائين وسهڻ لاءِ سبب ٿئي ٿو تہ يورپ وارن آرين کان ڏار ٿيڻ کانپوءِ ايران ۽ هندستان وارا آريہ لوڪ ڪنهن هڪ هنڌ گهڻو وقت گڏ رهيا هئا. جنهنڪري هڪ ٻئي وٽان ساڳيا ڏرمي خيال پرايائون. سنسڪرت ۽ ايراني ٻولين ۾ ڪي اهڙا لفظ بہ عام آهن، جي يوروپي ٻولين ۾ ڪينهن. مثلاً سنسڪرت ۾ "باهو" (ٻانهن) ۽ اشتر" (اُٺ) آهن. هي ڳالهيون ڄاڻائين ٿيون تہ هندستان ۽ ايران وارن آرين جو هڪ ٻئي سان ويجهو ناتو هو. آرڪيالاجيڪل ڪاتي وارن جي ڪوجنائن مان ظاهر ٿيو آهي تہ ايران ۽ هندستان وارن آرين جون بينڪون "ميديا" ڪان ونڊي "بئبلونيا تائين هيون. جيتوڻيڪ اهي بينڪون رگ ويد واري زماني کان گهڻو گهڻو پوءِ جون پائنجن ٿيون، تہ بہ هيڏ ڄاڻايل حقيقتن مان ظاهر آهي تہ انهن بينڪن وجهڻ کان ئي اڳي هو هڪ ٻئي سان گهڻي رلمل ڪندا هئا، ۽ سندن پروهت يا گر براهمڻ بہ ساڳيا ئي هئا.

بزرگن جا نالا: هاڻوڪي سنسڪرت ۾ "ڪوي" معنيٰ شاعر، تنهنڪري اڄ ڪلهہ جيڪو بہ ماڻهو شعر چوي ٿو، سو "ڪوي" ڪوٺجي ٿو. سچ پچ تہ شاعر

اهو آهي، جنهن جو انيو ڪليل آهي ۽ اندرين درشٽيءَ جو ورثو عطا ٿيل اٿس. قديم سنسڪرت واري زماني ۾ "ڪوي" اهو مها پرش سڏبو هو، جنهن کي جڏهن سرسوتي ٻٽولائيندي هئي يا الهام ٿيندو هو، تڏهن عجيب غريب ڳالهيون ۽ گيان جا گفتا بي اختيار سندس مک مان نڪرندا هئا، جن جو ٻڌندڙن تي جادوءَ جهڙو اثر ٿيندو هو. اهڙن ڪوين کي آڳاٽن آرين "رشي" سڏيو. رشين جي نالن اڳيان "مهراج" وغيره بدران "ڪوي" لفظ ڪم آڻيندا هئا. پارسين ۾ به اهو ئي دستور هو. اهي به پنهنجن پروهتن (ڪل جي براهمڻن يا پنڊتن) کي "ڪوي" ۽ "ڪرپن" ڪلپ ڪرائيندڙ يا سنڪلپ انهن جا ئي چيل آهن. (Songs)ونائيندڙ سڏيندا هئا. زنداوستا جا گاٿا ڳاهون (Kavi)وڏي ڳالهه ته انهن ڪوين جا نالا ئي ساڳيا آهن. مثلاً ڪوي هسرو اهو ساڳيو نالو آهي جنهن جو اُڃار ايرانين ڦيرائي ڪيو آهي (Husrava "ڪيخسرو"، "ڪوي ڪواٿ" بدران ايراني چون "ڪيڪباد"؛ ڪوي اُش" بدران . تاريخ موجب قديم (Kavi Vishtaspa)"ڪيڪائوس" ۽ "ڪوي وشتاسپ" جا حاڪم "ڪياني" بادشاهه سڏيا ويا آهن، جن کي انگريزيءَ ۾ (Bactria)بختر ڪونيو اٿن. حقيقتاً اهو (Achaemenian Kings)لڪيل تاريخن ۾ "ايڪمينين" آهي؛ ۽ (Achaemenians)انگريزي لفظ اصل ۾ ايراني لفظ "هنامنش" "ڪياني" لفظ "ڪوي" مان نهيلآهي. ايران جا بادشاهه آڳاٽن ڪوين (رشين) جو اولاد آهن، تنهنڪري اهو نالو پيو اٿن. ريتن رسمن وغيره جي هڪجهڙائي. اٿرون رشي ۽ انگيرس رشي آڳاٽن هندن کي اگني ۽ سوم جون پوجائون ڪرائيندا هئا. زنداوستا ۾ به انهن ساڳين پوجائن بلڪ انهن ساڳين رشين جا نالا آهن. هندن ۾ جيڪو رشي رگ ويد جا منتر اچاريندو هو، سو "هوتر" سڏيو هو. "هوتر" جو اچار سنڌيءَ ۾ آهي "هوت" جنهن مان "هوتچند ۽ هوت پنهون" آهي ۽ معنيٰ اٿس (Zaot)نالا نهيا آهن. زنداوستا ۾ "هوت" جو اچار "زئوت" پروهت يا پنڊت. جيئن هندن ۾ براهمڻ، ڪتري ۽ وئش آهن، تيئن پارسين ۾ هئا — جا (Vastrya Fshuyans) ۽ واشتر به فشيوشن(Rathaesthas)اٿرون، رٿيشت ڳالهه ڊاڪٽر مارٽن هاگ جاڻائي آهي. اڄ به جيئن براهمڻن کان سواءِ ٻين کي

ڪريا ڪرم ڪرائڻ جو حق ڪونهي، تيئن پارسين ۽ موبيدن (پروهتن) کان سواءِ ٻئي ڪنهن کي به اهو حق ڪونهي.*

---

* "What doies tradition say about the origin of the 'Ailas' or Aryans? It makes the Aila power begin at Allahabad, and yet distinctly suggests that they came from outside India. The legends and fables about the progenitor pruravas Aila all connect him with the middle Himalayan region." F.E. Pargiter: Ancient Indian Historical Tradition. P. 297.

* " The great Rishis, empowered by Swayandhu (the self- born), formerly obtained, through tapas (religious austerity) the Vedas and the itihasa, which had disappeared at the end of the (preceding) Yuga," Mahabharata, Shanti Parvan, Chapter 210. Vol. 19.

** " There are thousands of Brahmans even now, who know the whole of the Rig Veda by heart and can repeat it, and what applies to the Rig Vedas applies to many other books" Prof, Max Muller: what Can India Teach Us? P. 81.

*** "The Reg Vedic hymns are not the oldest, but there were still older Verses called Nivids and Nigadas: the proto-type of the Reg Vedic hymns, whose language was more archaic than that of of the hymns themselves. Though most of the Nivids are now lost, having been either amplified or absorbed in the Reg Vedic hymns, even those that remain and are found in the Brahmanas and Sutras bear in them the unmistakable impress of vast antiquity," Dr. A.C. Das: Reg Vedic Culture, P. 42.

* F.E. Pargiter: Ancient Indian Historical Tradition, P. 297.

* "It appears very probable that at the dawn of history, East Turkestan was inhabited by an Aryan population, the ancestors of the present Slavonic and Teutonic raees, and civilization, not inferior to that of Bactrians, had already developed at that time in the region of the Tarim." Lassen's Indische alter thums-Kunda, quoted by Dr. A.C. Das: Reg Vedic India p. 31

* " The Bactrian document, called Dabistan (found in Kashmir and brought to Europe by Sir W. Jones) gives an entire register of kings, namely, of the expedition to India" Count Bjornst Jerna: Theogony of the Hindus. P. 134

** Mill's History of India. Voll. II pp. 237-238.

* Dr. Martin Haug: Essays on the Sacred language, Writings and Religion of the Parsis, pp 292-293.

** "اوستا" جي معنيٰ آهي "مول" (Text)، ۽ "زند" ان جي شرح يا ٽيڪا (Commentary) آهي. انهيءَ سبب پارسي لوڪ اصل چوندا هئا "اوستا وزند". جن يوروپي عالمن اول انهيءَ ڏرمي پستڪن جو اڀياس ڪيو، تن نالو ڦيرائي ڪيو "زنداوستا". هاڻ خود پارسي به ائين پيا چون، تنهنڪري اسان به اهوئي نالو ڪتب آندو آهي. (مصنف)

Gul Hayat Institute

[*] "Dr. Martin haug: Essays on the Sacred Language, Writings and Religion of the Parsis, pp 289-90.

ڪوبہ هندو جيستائين جڙيو نڙو پائي تيستائين شودرن جي دفعي ۾ ليکجي ٿو، تنهنڪري اڳي هندو پنهنجن ٻارن کي ننڍڙي ئي جڙيو پائيندا هئا. ساڳيءَ ريت پارسين ۾ جيستائين سندن ڪو ٻار جڙيو نڙو پائي تيستائين پکو پارسي ڪري نڙو ليکجي. انهيءَ سبب پارسي اڪثر ستن ورهين جي ڄمار ۾ "ڪستي" (Kusti – جڙيو) پائيندا آهن.

هندو ماڻهو ڪن ڪارجن مهل ڳڻڻ ڪم آڻيندا آهن. اهو "ڳڻڻ" اصل ۾ آهي سنسڪرت لفظ "گوموتر" يعني گانءِ جو مٽ، جنهن جي بدران پارسي چون "گومز" (Gomez) ۽ اهو ڪن پارسين جو نالو ٻہ آهي. آڳاڻن آرين گانءِ جي ڇيڻي ۽ ڳڻڻ ۾ ڪيتريون خاصيتون ڏنيون آهن، تنهنڪري انهن جي ڪم آڻڻ جو رواج وڌائون، ڊاڪٽر مارٽن هاگ چوي ٿو تہ يورپ ۾ هارين نارين جا ويڄ ڳڻڻ ۽ ڇيڻو عام طرح دوا طور ڪم آڻيندا آهن.[:]

هندن ۾ ڪو مرندو آهي تہ ٻارهين ڏينهن هن جو "اوتارو" ڪندا آهن. اهو دستور پارسين ۾ ٻہ آهي. پارسي لوڪ "اوتارو" بدران چون "اُتمان" (Day of resurrection) هي ٻئي لفظ "اُٺڻ" مان نهيا آهن. ٻارن ٻچن، گهر ۽ ڌن دولت وغيره ۾ موهہ هئڻ سبب پهريائين ٿورا ڏينهن پراڻيءَ جو واسو دنوي شين ۾ رهي ٿو؛ ۽ اوتاري ڏينهن هو اُتي. جم جاترا تي نڪري ٿو. اهي آهن هندن ۽ پارسين جا عقيدا. هندن وانگر پارسي ٻہ ڏهاڪي جو ڪرم ڪندا آهن، ۽ چانورن جي اٽي جو پيڙو ناهي ڪانون کي ڏيندا آهن. هنن ۽ ٻين اهڙين ڳالهين مان ڪيترن يوروپي عالمن کي ائين وسهڻ لاءِ سبب ٿيو آهي تہ هندو ۽ پارسي هڪ ٻئي جا ويجها سؤٽ آهن، ۽ ڌرم ڪرم بنهہ هڪڙو ئي هئن. اهي ساڳين ديوتائن کي ساڳين هندڪن نالن سان سڏيندا هئا، سا ڳالهہ هينئن حقيقتن مان هيڪاري وڌيڪ روشن ٿيندي.

ديوتائن جا نالا: هندن ۽ پارسين جو هڪ مکيہ ديوتا "سورج"، (سج) آهي، جو اصل ۾ آهي سنسڪرت لفظ "سؤريہ"؛ پر هنديءَ ۾ "سؤر" ٻہ چون. انهيءَ "سؤر"

لفظ جو اچار ايرانيءَ ۾ ڦيري ڪيائون "خور"، جنهن جي پنيان "شيد" لفظ ڳڏي چون "خورشيد" معنيٰ "سج". رگ وید ۾ سورج ديوتا جو ٻيو نالو آهي "متر" (Mitra)، جنهن جو اچار زنداوستا ۾ "مثر" ۽ هاڻوڪي پارسيءَ ۾ آهي "مهر" معنيٰ "سج". + هيءَ نهايت آڪاڻو نالو آهي. قديم رومن لوڪ به سورج ديوتا کي پوڄيندا هئا، ۽ "مثرس" (Mithras) ڪوٺيندا هئس. انگريزي لفظ(Mithraic, Mithraicism) وغيره انهيءَ ساڳئي سنسڪرت لفظ "متر" (ايراني "مثر") مان نهيا آهن. هن مان ائين سمجهجي ٿو ته متر ديوتا (سورج) جي پوڄا جو رواج انهيءَ قديم زماني ۾ ٿيو، جنهن زماني ۾ سڀ آريه لوڪ ميرو پربت طرف ڳڏ رهندا هئا، ۽ جهن مهينن جي رات گذرڻ ڪانپوءِ سج ڏسڻ ۾ ايندو هون ته اُن کي ديوتا ڪري پوڄيندا هئا.

هندو ماڻهو برسات جي ديوتا کي "اندر" سڏيندا آهن. اندر ديوتا جي پوڄا ٽيڻ کان اڳ، آڪاڻا آريه لوڪ "ترت" (Trita) يا "ترئتن" (Traitana) کي برسات جي ديوتا ڪري پوڄيندا هئا. زنداوستا ۾ "ترئتن" جو اچار ثرئيتون" (Tharaetona) آهي، جنهن جو اچار وڌيڪ بگڙجي "فريدون" ٿيو آهي. مثلاً "فريدون بيگ" (نالو). رگ وید ۾ چيل آهي ته "ورتر" (Vritra) نالي هڪ دئت برسات کي پئي روڪيو، ته هن برسات جي ديوتا کيس ماري مينهن وسايا هئا، جنهن ڪري مٿس "ورتر گهن" يعني "ورتر دئت" کي ماريندڙ" نالو ٻيو. انهيءَ "ورتر گهن" جو اُچار زنداوستا ۾ "ورثريگهن" (Vertheghana) آهي. جيئن هندن جي پراڻن ۾ لکيل آهي ته وشنو ڀگوان ڏهه اوتار ڌاريا هئا، تيئن زنداوستا ۾ ورثريگهن بابت چيل آهي ته هن ڏهه اوتار ڌاريا هئا. انهن ڏهن اوتارن مان ڪلڪي، وراهه، وامن ۽ رام اوتار جهڙا هندن جي ڏرمي پستڪن ۾ تهڙا پارسين جي زنداوستا ۾ آهن (ڏسو يشٽ .14).

هندو ماڻهو موت جي ديوتا کي چون "يم" جنهن جو اچار زنداوستا ۾ "ييم"(Yima) آهي. سنڌيءَ ۾ "يم" بدران عام طرح "جم" چئبو آهي. پارسيءَ ۾ به

ائين چون ٿا انهيءَ "جم" لفظ" پارسي نالو" جمشيد" نهيو آهي، يعني"شيد لفظ پنيان گڏيو اٿن، جيئن "خورشيد" نالي ۾ به گڏيو اٿن. آڳاٽا آريه لوڪ "سوم" نالي هڪ سفيد رس کي ديوتا ڪري پوڄيندا هئا. زنداوستا ۾ "سوم" جو اچار "هوم-هئوم"(Haom) آهي. هتي به "س" کي قيرائي "ھ" ڪيو اٿن. اهڙيءَ ريت ٻين ڪن ديوتائن جا نالا جهڙا رگ وید ۾ تهڙا پارسين جي زنداوستا ۾ آهن. انهن ديوتائن بابت ڏند ڪٿائون به ٻنهي ڏرمي پستڪن ۾ ساڳيون آهن. جيئن مٿي اڳي ئي چيو ويو آهي.

پارسين جي مذهب جو بنياد: هندن ۽ پارسين جا جيڪي ديوتائون آهن، تن مان مکيه سورج ۽ اگني آهن. انهن ۽ ٻين ديوتائن کي آڳاٽا آريه لوڪ "اسر" سڏيندا هئا، جنهن جي معنيٰ هاڻوڪيءَ سنسڪرت ۾ آهي "دئت" پر قديم سنسڪرت ۾ معنيٰ هيس "ديوتا، آمري ديوتا". انهيءَ "آسر" لفظ جو اچار پارسين جي زنداوستا ۾ "اهر" آهي يعني "س" کي مٿي "ھ" ڪيو اٿن ، نه ته فقط ساڳيو ئي آهي. پارسين جو مذهب "اهر مذهب" يعني ديوتائن جو مذهب" يا ديوتائن جو جاري ڪيل مذهب" سڏجي ٿو. اهو مذهب ڪهڙن ديوتائن جو جاري ڪيل آهي؟

هندستان جا قديم آريه لوڪ سورج، اندر ۽ ٻين ڪيترن ديوتائن کي عام طرح، پر اندر ديوتا کي خاص طرح، "مگهوا" (Maghava) ۽ "مگهون" (Maghavan)سڏيندا هئا. پارسي لوڪن جا ابا ڏاڏا خاص طرح سورج ديوتا کي "اسر مگهوا" (مگهوا ديوتا) ڪوٺيندا هئا، جنهن جو اچار پوءِ ڦري "اهر مزد" (Ahura Mazda) ۽ "هور مزد" ٿيو. پارسي لوڪ پڳوان کي "آهر مزد" سڏيندا آهن. جيئن هندو پنهنجن ٻارن تي پڳوان، ايسر (ايشور) وغيره نالا رکندا آهن، تيئن پارسي پنهنجن ٻارن تي "حور مزد" ۽ "هورمسجي" نالا رکندا آهن.

پارسي لوڪ ڪهڙي خيال تي پڳوان کي "هورمزد" سڏڻ لڳا، سو خيال تحسين جوڳو آهي. پڳوان جوتي سروپ آهي، ۽ سندس جوت جو روپ سورج ديوتا آهي، پرٿوي تي سورج جو روپ "اگني" (باهه) آهي، تنهنڪري هندو ۽ پارسي قديم زماني کان ونی سورج ۽ اگنيءَ کي پڳوان جي جوت جو روپ سورج ديوتا آهن،

پرٿوي تي سورج جو روپ "اگني" (باھ) آھي، تنھنڪري ھندو ۽ پارسي قديم زماني کان ونئي سورج ۽ اگنيءَ کي پڳوان جي جوت جو روپ ڄاڻي، انھن جي پوڄا اڄ تائين ڪندا آھن.

ڊاڪٽر مارٽن ھاگ ۽ ٻين عالمن جي راءِ موجب سنسڪرت لفظ "مگھوا" جو اچار ڦري "ماجي" (Magi) ٿيو. قديم ايرانين جا موبيد يا پروھت (Priests)انھيءَ نالي سان سڏبا ھئا، جو اھي اگني پوڄا ڪرائيندا ھئا. ايرانين کي عربن "مجوسي" يعني آتش پرست سڏيو، سو نالو ب انھيءَ ساڳي بنياد "مگھوا"(Magi) مان آھي.

اگن ديوتا کي ھندن ۽ پارسين پڳوان جو روپ ڪري ٿي ڄاتو، سو ب رڳو ھن ڪري جو اگني جوتي سروپ آھي؛ پر خود خالق يا خلقيندڙ وانگر روپ يا صورتن پيدا ڪرڻ جي طاقت ب اٿس، انھيءَ سبب آڳاٽن آرين اگنيءَ کي سڏيو "توشتر"، جنھن جي معني آھي "ڪاريگر". ٻار ماڻُ جي پيٽ ۾ سنجري وڌو ٿئي ٿو، سو انھيءَ آتش جي زور تي (رگ وید، منڈل پھريون 9،188 ۽ منڈل ڏھرون 5،10). سيني ساھوارن جون علحديون علحديون صورتون ب انھيءَ آتش جي زور تي ٿيون آھن. ڌرتي، آڪاش ۽ ٻيءَ ھر ڪنھن شيءِ کي صورت ب اھائي اگني يا آتش ڏئي ٿي، جنھنڪري اگني گويا برھما يا خلقيندڙ آھي. جنھن ديوتا کي علحدن علحدن مھاندن جوڙڻ جو ڍنگ آھي، سو اڻ پڇيو قابل ڪاريگر ڇئبو، تنھنڪري آڳاٽن آرين ائين پئي چيو تہ "توشتر" جھڙو قابل ڪاريگر ٻيو آھي ئي ڪونہ. ھي ڳالھيون رگ وید، سشڪل يجر وید (واجنيئي سڀھتا) ۽ شتپت براھمڻ ۾ ڄاڻايل آھي. مارڪنڊيہ پراڻ جي اڌياء 77 ۾ توشتر ديوتا کي "وشوڪرما" ۽ "پرجاپتي" (برھما) سڏيو اٿن انھيءَ ساڳئي ديوتا کي قديم يوناني ۽ رومن لوڪ "ھيفستوس" (Haphaistos) ۽ "ولڪن" (Valucan) سڏيندا ھئا، ۽ ان کي ھڪ وڏو ديوتا ڪري پوڄيندا ھئا.

ايران وارن آرين وٽ اھو ساڳيوئي رگ وید وارو نالو عام ھو. "توشتر" بدران جھونو اگن ديوتا، جو سندن يعني (Jarat Tuashtri) "اڪثر چوندا ھئا "جرت توشتر

ديوتائن ۾ گھٽو جھونو يا آڳاڻو ديوتا اھو ئي ھو. انھيءَ "جرت توشتر" جو اچار ڪيو، ۽ اُن جي بدران ھاڻ عام طرح (Zoraster) "پوءِ پارسي ڦيرائي "زورئسٽر "زردشت" چون ٿا. جيئن ھندو وسھن ٿا تہ اگني ديوتا برھم روپ ڌاري وید پرڪاشت ڪيا، تيئن پارسين جي زنداوستا موجب پارسي مذھب اول "جرت توشتر" (جھوني اگن ديوتا) پرڪاشت ڪيو. پارسي لوڪن جو نبي زردشت آھي، پر اھو گھٽو پوءِ پيدا ٿيو. عام طرح ائين چوندا آھن تہ زردشت گھٽ ۾ گھٽ تہ عيسوي سن کان ڇھ سو سٺ ورھيہ اڳي ٿي گذريو آھي، پر ڪئمبرج ھسٽري آف انديا موجب انھيءَ کان بہ اڳ ٿي گذريو ھجي تہ عجب ڪونھي. اھو زردشت يا زورئسٽر آڳاڻي زورئسٽر "جرت توشتر" يعني (جھوني اگن ديوتا) جو اوتار ليکجڻ ۾ آيو، تنھنڪري مٿس ساڳيو نالو پيو. انھيءَ نبيءَ پارسي مذھب کي ٺاھي جوڙي علحدو ڪيو، تنھنڪري ھاڻ اھو پارسين جي مذھب جو بنياد وجھندڙ سڏجي ٿو. مطلب تہ ھندن ۽ پارسين جي اصل ھڪ يڪي برادري ھئي؛ ۽ پوءِ بہ علحديون قومون ٿيون. سندن وچ ۾ ڪي متيد پيدا ٿيا، جن جو مختصر طرح ذڪر ڏار ڪبو. ھتي ايترو ڄاڻائجي ٿو تہ پروفيسر مئڪس ملر ڪي ويدن ۽ پارسين جي زنداوستا جي اپياس مان ائين سمجھڻ ۾ آيو تہ پارسين جا ابا ڏاڏا پھريائين ھندستان وارن آرين سان ڪيترو وقت ھندستان ۾ گڏ رھيا، ۽ پوءِ پاڻ ۾ ناسازي ٿين، تہ پارسين جا ابا ڏاڏا اتر ھندستان مان لڏي ارڪوشيا (قنڌار) ۽ ايران ۾ ٻينڪون وجھي وجي رھيا مصنف کي بہ رگ وید ۽ زنداوستا جي اپياس مان ائين سمجھڻ ۾ اچي ٿو تہ پروفيسر مئڪس ملر جو قياس سچو آھي. پائنجي ٿو تہ جيڪي آريہ لوڪ ھماليہ جبل وارا لڪ لتاڙي ھندستان ڏي آيا، تن مان ڪي ھاڻوڪن پارسين جا ابا ڏاڏا ھئا، ۽ پوءِ سندن وچ ۾ ڪي مت پيد پيدا ٿيا، جنھنڪري ايران وارو پاسو وجي وسايائون، ۽ ھندن کان ھميشہ لاءِ ڌار ٿي ويا. ڊاڪٽر انباش چندرداس بہ اھو ئي رايو ظاھر ڪيو آھي تہ پارسين جا ابا ڏاڏا اصل سنڌو ماٿر ۾ رھندا ھئا ...

هندن ۽ پارسين جي وچ ۾ ونجوڳ: هندن ۽ پارسين جون مٿي ذڪر ڪيل ڳالهيون (ديوتائن ۽ بزرگن جا نالا، ريتون رسمون وغيره) سندن سنجوڳ (اتفاق يا ميلاپ) ظاهر ڪن ٿيون؛ پر ڪي اهڙيون به ڳالهيون آهن جي سندن ونجوڳ (نفاق) جا اهجاڻ ڏين ٿيون. اهڙا اهجاڻ خود ڪي لفظ اڄ تائين ظاهر ڪن ٿا. مثلاً سنسڪرت ۾ "ديوي" معنيٰ "ديوتا"، پر پارسيءَ ۾ "ديو" معنيٰ "جن يا پوت"! معنيٰ ئي اُلٽي. هاڻوڪي سنسڪرت ۾ "سر" معنيٰ "ديوتا" ۽ "اَسر" معنيٰ "دئت"؛ پر زنداوستا ۾ "اَسر" جو اچار "اهر" آهي. پارسي لوڪ ڀڳوان کي "اهر مزد" يا وڏو ديوتا سڏيندا آهن، جيئن مٿي اڳي ئي چيو ويو آهي.

قديم سنسڪرت ۾ "اَسر" لفظ جي اصل ڇڳي معنيٰ هئي؛ ۽ بنيادي معنيٰ به نهايت عمدي اٿس. ڪيترن يوروپي عالمن جو چوڻ آهي تہ "اَسر" لفظ جو ڏاتو يا بنيادي آهي "اَس" معني "ٿيڻ يا هئڻ"، يعني اهو لفظ هستيءَ يا جيئري رهڻ جي معنيٰ ڏيڪاري ٿو؛ تنهنڪري "اَسر" لفظ جي اصل معنيٰ هئي "ديوتا". ديوتائون ڪڏهن به مرڻ جا ناهن. تنهنڪري اَسر لفظ امر ديوتائن لاءِ ڪم آڻيندا هئا، انهيءَ لاءِ ثابتي هيءَ آهي تہ رگ وید جي منڊل پهرئين، چوٿين، پنجين ۽ سورج)، مروت، ردر (شو — Savit) ستين ۾ اندر ديوتا، ورڻ ديوتا، متر، سوتر .ڀڳوان)، اگن ديوتا ۽ ٻيا ديوتا ۽ ٻيا ديوتائون "اَسر" ڪوٺيا ويا آهن
رگ وید جي منترن ۾ "اَسر" لفظ امر ديوتائن لاءِ ڪم آيل آهي؛ سي ڪنهن نهايت قديم زماني جا ٻائنجن ٿا. انهيءَ "اسر" لفظ جي پوءِ معنيٰ ٿي "دئت". اها اُلٽي معنيٰ ڪيئن ٿيس؟ هندن جي ڏرمي پستڪن ۽ پارسين جي زنداوستا ۾ ڪي ڳالهيون اهڙيون لکيل آهن، جن مان چٽيءَ ريت سمجهي سگهجي ٿو تہ اندر ديوتا جي پوڄا جنهن وقت آڳاٽن آرين جاري ڪئي، تنهن وقت مت پيد پيدا ٿيو، ۽ هاڻوڪن پارسين جا ابا ڏاڏا انهيءَ مت پيد سبب ڪائن ٽٽي ڌار ٿيا هئا. انهيءَ ونجوڳ پيدا ٿيڻ ڪانپوءِ "اَسر" لفظ کي خراب معنيٰ ملي.
هندن ۽ پارسين جي وچ ۾ مت پيد ڪري ونجوڳ پيدا ٿيو تنهن ڪانپوءِ به پوارسي لوڪ ڀڳوان تي پنهنجي آڳاٽي دستور موجب "اَسر" (اهر) کي سڏيندا

هئا. جنهنڪري اڄ تائين پارسين جو مذهب "اَهر مذهب" سڏجي ٿو. مت پيد پيدا ٿيڻ ڪانپوءِ هندن کي پارسي ڏڻا ۾ ڪين وڌندا هئا، ۽ سندن اهر مذهب کي ڏڪارياندا هئا. پانئجي ٿو ته انهيءَ ڏڪار ظاهر ڪرڻ جي خيال وچان خود "اَسر" (اهر) لاءِ نفرت پيدا ٿين. هندن پوءِ "اَسر" لفظ مان نڪون لفظ "سر" ناهيو جنهن جي معنيٰ رکيائون ديوتا ۽ "اسر" جي معنيٰ ڪيائون "دئت". ائين لفظ جو بنياد ئي ڦري ويو، جنهنڪري هاڻ "سر" (ديوتا) جو ضد "اسر" (دئت) آهي. "اسر" لفظ کي ائين خراب معنيٰ ملي، ته هندو "ديوتا" (ديوتا) لفظ گهڻو ڪم آڻڻ لڳا، پارسين ۾ هندن ۽ سندن ڏرم، خاص، ڪري ديو پوڄا يعني اندر ديوتا جي پوڄا لاءِ نفرت يا ڏڪار ظاهر ڪرڻ خاطر "ديو" (ديوتا) لفظ جي معنيٰ ڦيري ڪئي "جن يا پوت"! نه ته حقيقتاً "ديو" لفظ جو ڏاتو يا بنياد آهي "دو- div" معنيٰ چمڪڻ، جنهنڪري ديوتا جي بنيادي معنيٰ آهي چمڪندڙ ۽ ٻهڪندڙ جيو (A shinig being) . "اگني" ديوتا آهي ۽ سدائين پيئي ٻهڪي. سورج ۽ ٻيا گرهه جن کي هندو ديوتائون ڪري ڪونين ٿا، سي به سدائين پيا ٻهڪن. مطلب ته "اَسر" ۽ "ديو" لفظن جون اصل معنائون نهايت سنيون هيون، پر پوءِ هندن ۽ پارسين جي وچ ۾ اٽڪل ٿيڻ سبب انهن لفظن جون معائنون به ڦريون، ۽ پارسين جو مذهب هندو ڏرم کان علحدو ٿيو.

اندي ديوتا جي پوڄا تان تڪرار: قديم هندو ۽ پارسي ساڳين ديوتائن کي پوڄيندا هئا، ۽ سندن ديوتائن جا نالا به ساڳيا هئا، تنهن ڪالهه جي ذڪر ڪندي مٿي اڳي ئي چيو ويو آهي ته اندي ديوتا جي پوڄا جاري ٿيڻ کان اڳ "ترت" يا "ترئتن" برسات جو ديوتا ليکبو هو. ۽ پارسي لوڪن جا ابا ڏاڏا "ترئتن" کي "ثرئيتون" سڏيندا هئا، جنهن جو بگڙيل اچار هن وقت "فريدون" آهي. انهيءَ اڳئين ديوتا بدران ڪن رشين اندر مهراج جي پوڄا جو رواج جاري ڪيو، ۽ اندر کي ٻين ديوتائن کان مٿي ڪري ليکڻ لڳا، ته ٻين ڪن رشين اعتراض اٿاريو. پوءِ ته اهو تڪرار ايتري قدر وڌيو، جو آرين جون ۾ ڏريون ٿيون؛ هڪڙا جرت توشتر (زورئسٽر) يعني جهوني اگن ديوتا کي اڳي وانگر پوڄيندا رهيا، ۽ ٻيا اندي

ديوتا جي پوڄا ڪرڻ لڳا. پارسين جي مذهب جو بنياد وجهندڙ زورئسٽر (زردشت) پيدا ٿيو، تنهن کان اڳ اهي مت پيد پيدا ٿيا هئا، جو خود رگ وید ۾ توشتر (جرت توشتر يا زورئسٽر – جهوني اگن ديوتا) ۽ اندر ديوتا جي وچ ۾ اٽڪل ٿيڻ جو ذڪر آهي. انهيءَ اٽڪل سبب هندن ۽ پارسين جي يڪي برادري ٽٽي پئي. خود هندن مان ڪي اندر ديوتا جي پوڄا ڪرڻ بدران پارسين سان شامل ٿيا، ۽ اگن ديوتا جا پوڄاري ٿيا. اها ڳالهه زنداوستا ۾ ڪليءَ ريت لکيل آهي:
"مان ديو پوڄا ڪرڻ بند ڪريان ٿو ۽ زورئسٽر (زردشت) مزديسنين (اهر مزد ديوتا) جو دين اختيار ڪريان ٿو ۽ ان جو پوڄاري ٿيان ٿو، جو ديون جو دشمن آهي". [**]

زنداوستا ۾ جاڻايل هن حقيقت مان ظاهر آهي تہ ڪن هندن وڃي پارسين جو مذهب اختيار ڪيو هو. جيئن هن وقت ڪو هندو پنهنجو ڌرم مٽائي ٿو تہ بين هندن کي باهه وڃي ٿي، تيئن ان وقت جي هندن ۾ بہ گهٽو جوش پيدا ٿيو، ۽ هو پارسين جا جاني دشمن ٿي بيٺا، جو اهي اندر ديوتا جي پوڄا جي برخلاف هئا؛ جنهنڪري هي اتفاق پيدا ٿيو هو. اها حقيقت وري رگ وید مان معلوم ٿئي ٿي، جنهن ۾ هڪ رشي چوي ٿو تہ:
"جيڪي لوڪ اندر کي وڏو ديوتا ڪري نٿا مڃين، ۽ اندر ديوتا جي پوڄا جي برخلاف آهن، تن کي مان جلائي پورو ڪندس. اسان جو شترو (دشمن) جتي اڇي ڪنا ٿيا هئا، تتي کين اُڇٽ ماري وڏو اٽئون. هو بنهه چٽ ٿي ويا آهن ۽ سندن لاشا شمشان (مساڻ) يعني جڏ جي ميدان ۾ پيا آهن. رگ وید، منڈل پهريون 133،1). هن مان ظاهر آهي تہ انهيءَ مت پيد جي ڪري گهٽي خونريزي ٿي هئي. [**]

هندن ۽ پارسين جي وچ ۾ اهو نفاق گهٽي وقت تائين هليو. هندو اندر ديوتا جا پوجاري هئا، سي ويدن جا منتر اُچاري اگنيءَ جي پوجارين (پارسين) جي پنيان پوندا هئا، تہ اگني پوجاري (پارسي) چوندا هئا تہ هي جادوگر ۽

ڪامٽگور آهن، ۽ ڏانهن نفرت جي نگاهه سان نهاريندا هئا، انهيءَ نفرت سببان هيڪاري زنگ وڌيو ۽ پارسين سان هندن گهٽيون جنيون ڪيون؛ هندو سندن ڳوٺن مٿان ڪاهي پوندا هئا، سندين ٻنيون ٻارا چٽ ڪندا هئا، ۽ سندن ڏن مال لٽيندا هئا، اڳيان پارسي ٻه پنهنجي نالي سان هئا، ڪجهه وقت هنن ٻه هندن جي چگي سيڄ پچائي، جنهنڪري هندستان جي آرين (هندن) قبول ڪيو آهي تہ اهي "اسر" يعني اهڙي ممذهبي جا پوڄاري (پارسي) اسان کان زور آهن ۽ جتي ڪٽي اسان کي شڪست ڏين ٿا. رگ وید جي پنيان جيڪو ائتريه براهمڻ ڏنل آهي، تنهن ۾ چيل آهي تہ "ديوتائن" يعني ديوتائن جي پوڄارين (هندن) ۽ "اَسرن" يعني اهر مزد جي پوڄارين (پارسين) جي وچ ۾ پهريائين ايرندي، الهندي، ڏاکڻ ۽ اتر طرف (مطلب تہ چئني ڏسين ۾) لڙايون لڳيون، جن سيني ۾ ديوتائن (ديوتائن جي پوڄارين يعني هندن) کي اسرن (اهر مزد جي پوڄارين يعني پارسين) شڪست ڏني، پر پوءِ جڏهن اتر اُيرندي طرف (شايد ڪشمير واري پاسي) لڙائي لڳي، تڏهن ديوتائون (ديوتائن جا پوڄاري يعني هندو) سويارا ٿيا، ۽ انهيءَ وقت کان وني اهو طرف ليڪجڻ ۾ آيو (Invincible) ""اجيت"".

اندي ديوتا جا پوڄاري (هندو) جنگ جي ميدان ۾ گهڙڻ کان اڳ سوم رس جو چڪو چاڙهيندا هئا تہ خنڪي ٿيندي هين ۽ نهايت همت سان لڙندا هئا. اتر ايرندي طرف واريءَ لڙائيءَ ۾ سويارا ٿيا تہ انهيءَ وقت کان وني هيءُ دستور پيو تہ جڏهن يگيہ لاءِ سوم ٻوٽي گاڏين ۾ گهرائيندا هئا، تڏهن گاڏين جي اتر اُيرندي طرف ٻيهي، سوم ٻوٽي گاڏين مان لاهيندا هئا، ائتريه براهمڻ ۾ ائين ٻه لکيل آهي تہ ديون (ديوتائن جي پوڄارين يعني هندن) ائين ئي پئي سمجهيو، تہ هيترو وقت اسان جو هارايو پئي، سو هن ڪري جو اسان کي ڪو راجا ڪونہ هو، تنهنڪري سوم کي پنهنجو راجا ڪيائون. سوم ديوتا جي پوڄا ڪري ۽ سوم ٻوٽيءَ جو چڪو چاڙهي، وڙهڻ لڳا، تہ سيين پارسين سندين جئہ ٿي.

پارسين پوءِ سوم ٻوڌيءَ لاءِ ٻہ نفرت ظاهر ڪئي ۽ ان وقت کان وني پوڄا ۾ بي ٻوڌي ڪم آڻڻ لڳا.

پارسين جي ديني پستڪن ۾ جيڪي "گاٿا" (گاهون) آهن، تن مان ٻہ ظاهر آهي تہ هندو جڏهن پارسين تي گهٽو غالب پيا، تڏهن خود سندن اڳواڻ يا مهندار هن ريت ٻاڌائڻ لڳو هو:

"ڪهڙي ملڪ ڏي وڃان؟ ڪٿي وڃي پناهہ ونان؟ منهنجي خاوند (زورئسٽر) ۽ سندن ساٿين کي ڪهڙي ملڪ ۾ اجهو مليو آهي؟ نوڪرن چاڪرن مان ڪوبہ مون کي عزت نٿو ڏئي. نڪي ملڪ جي بدڪار حڪومت ڪندڙن مان مون کي ڪو عزت ڏئي ٿو."

"مان ڄاڻان ٿو تہ مان بيوس آهيان. مون ڏي نهار، جو ٿورن ماڻهن ۾ اچي بچيو آهيان، جو مون وٽ ٿورا ماڻهو آهن. اي جيءَ — قائم ٻڌگوان، مان روئي، تو (اهر مزد) کي وينتي ڪريان ٿو".

گاٿا ۾ لکيل مٿيان لفظ تہ "ملڪ جي بدڪار حڪومت ڪندڙن مان مون کي ڪو عزت نٿو ڏئي". سي ڄاڻائين ٿا تہ ملڪ جاوالي اندر ديوتا جا پوڄاري هئا، ۽ پارسين جي مهندار انهيءَ سبب کين "بدڪار حڪومت ڪندڙ" سڏيو آهي. هن مان ائين سمجهڻ ۾ اچي ٿو تہ پروفيسر مئڪس ملر جي قياس سچو هو تہ پارسي اصل اتر هندستان ۾ هئا، جتان پوءِ ايران ۽ ارڪوشيا (قندار) ۾ بينڪون وڃي وڃي رهيا.

پارسي موڻي هندستان ۾ ڪيئن آيا؟ پارسي لوڪ ايران ڇڏي، موڻي هندستان وارن آرين وٽ ڪيئن آيا، سا تاريخي ڳالهہ ويجهڙائيءَ جي آهي. سن634-635ع ۾ عربن ايران پنهنجي تابع ڪيو، تہ اتي پڄ پاڄڙ بيني. ان وقت کي آريہ لوڪ هراس وڃان اتان ٻڌگا؛ پر کي اتي ئي رهيا. جيڪي آريہ لوڪ هميشہ لاءِ ايران ۾ رهيا، تن پوءِ دين اسلام اختيار ڪيو. منجهائن کي مغل، پناڻ يا افغان، بلوچ ۽ ٻين نالن سان سڏجن ٿا. ان وقت ايران جي پارسي (فارس) پرڳڻي جا رهاڪو، اُتان لڏي پلاڻي هندستان ۾ آيا، ۽ اول ڪنيات جي نار طرف "سنجاڻ" نالي شهر

۾ اچي رهيا. اتي هندن جو راڄ هو، ۽ اهي "مهاديو" (شو ڀگوان) جا پوڄاري هئا، پر هنن ڌارين کي پنهنجي ملڪ ۾ رهڻ ڏنائون. هي ايران جي "پارسي" پرڳڻي کان آيا هئا، تنهنڪري پاڻ کي "پارسي" سڏائڻ لڳا. اتي اڇڻ کان پوءِ اهڙو زور ورتائون، جو هندن کان اهو ڪنيات وارو پاسو ڦري؛ پاڻ اتي جا والي ٿي وينا. هيءُ قصو اهڙو ٿيو، جهڙي چوٽي آهي تہ "آئي ٽانڊوڪٽ بورچياڻي ٿي وينيَ". هندن پوءِ همت ڪري، ڪائن اهو ملڪ کسيو، ۽ کين هڪالي ڪڍيائون. پارسي پوءِ دربدر ٿيا. منجهانئن ڪي سورت، پروچ، احمد آباد ۽ گجرات جي ٻين شهرن ڏي ٽڙي پکڙي ويا. انهن سڀني هنڌ گجراتي ٻولي چالو هئي. پارسين جا پويان پوءِ اتي جاوا نپنا تہ سندين مادري زبان بہ گجراتي ٻولي ٿي. عيسوي ستين صديءَ ۾ عربن جي ڪاهہ وقت اهي پارسي لوڪ "پرٿيا" (Parthia) جي "پرٿو"(Parthians) آرين مان هئا. "پرٿو" جو بگڙيل اچار "پهلو" آهي، تنهنڪري سندين ٻولي "پهلوي" سڏبي هئي. انهيءَ تي عربيءَ جوا يترو اثر ٿيو، جو اها سموري ڦري، هاڻوڪي عربي آميز پارسي (فارسي) ٻولي ٿي پيئي. محمود غزنوي ۽ ڪانئس پوءِ پندرهين سورهين صديءَ تائين جيڪي ايران جا حاڪم ٿيا، سي گهڻو ڪري سڀ ترڪ هئا، تہ بہ پارسي ٻوليءَ کي اهڙو زور ونايائون، جو اها پوءِ سڄي پرشيا (ايران) ۾ ڦهلي؛ پر اڄ تائين نالو پارسي (فارسي) هليو اچيس، جو اها ايران جي پارسي (فارسي) پرڳڻي جي ٻولي آهي.

هاڻ رڳو انهن آرين جو ذڪر ڪجي ٿو، جي هميشہ جي لاءِ هندستان ۾ رهيا، ۽ جن جو اولاد هاڻوڪا هندو آهن. جن مان هن وقت کي مسلمان آهن.

آرين جون سنڌو ماڻر جي اصلوڪن رهاڪن سان چڪريون:

قديم آريہ لوڪ هندستان ۾ ڪڏهن آيا، سو سنبت يا سن هندن توڙي پارسين جي ڏرمي پستڪن ۾ ڄاڻايل ڪونهي. تلڪ، جوتش جي حساب موجب ايترو ڄاڻايو آهي تہ رگ ويد جون ڪي جهونيون رچائون عيسوي سن کان ڇهہ هزار ڪن ورهيہ اڳ جون آهن. جنهن صورت ۾ ويدڪ زماني جي شروعات جي ڪنهن کي بہ ڪل ڪانهي، تنهن صورت ۾ سنبت ۽ سن نٿا ڄاڻائجن؛ باقي رڳو ڪٿي

ڪٿي تخميني طور سن ڄاڻائبا، تہ سمجھڻ ۾ اچي تہ ڪھڙي ڳالھ اڳي ۽ ڪھڙي پوءِ ٿي. ايترو چئبو تہ ويدڪ زمانو اجان هليو پئي، تڏهن هو هندستان ۾ آيا هئا. قديم هندستان جون تاريخون جي يوروپي عالمن کوجنائون ڪري تيار ڪيون آهن، تن ۾ ڄاڻايو اٿن تہ آرين جي اچڻ کان اڳ اتر هندستان ۾ دراوڙ ۾ ٻيا اڻ آريہ لوڪ هئا، جن سان جنگيون جوٽي آرين ملڪ فتح ڪيو، حقيقتاً هندستان جي اصلوڪن رهاڪن يعني قديم اڻ آريہ قومن جي ڪا ڏار تاريخ آهي ئي ڪانہ. انهن بابت جيڪو پتو پوي ٿو، سو اول رگ ويد مان، جو تاريخي ڪتاب ڪونهي. رگ ويد ۾ رڳو يگين جون ڳالهيون، ايشور جي اُپاسنا ۽ اُن جي پرايتيءَ جا ساڌن آهن. ڪيترن ديوتائن جهڙوڪ ورڻ ديوتا، اندر ديوتا، اگن ديوتا ۽ ڪن راجائن ۽ رشين جو بہ ان ۾ ذڪر آهي. انهن ڏرمي ڳالهين سان گڏ آرين ۽ اڻ آرين جي وچ ۾ جنگين لڳڻ ۽ آرين جي سوپ ڪٽڻ جو احوال ان ۾ آهي. اهو هن ڪري ڏنل آهي، جو آڳاٽن آرين سويين ڪٽڻ ڪري اندر ديوتا ٻين ديوتائن جا ٿورا مڃيا آهن، جن پنهنجيءَ ٻاجهہ سان ڪين سوپارو ڪيو هو. انهن ٿورن مڃيندي جيڪي چيو اٿن، تنهن مان پتو پوي ٿو تہ سنڌو ماڙ جي قديم رهاڪن آرين کي پنهنجي ملڪ ۾ پير کوڙڻ نٿي ڏنو ۽ ساڻن سخت چڪريون کاڌيون هئائون. انهن چڪرين کائيندي هزارين اڻ آريہ لوڪ مارجي ويا، ڪن اڻ آرين ٻيلن ۽ جبلن ۾ وڃي پناهہ ورتي، جتان پوءِ بہ وجهہ وني آرين تي ڪاهي ايندا هئا. سندن چوپايو مال ڪاهي ويندا هئا، سندن پوڄائن ۾ پنگ وجهندا هئا ۽ ٻيءَ طرح بہ ڪين گهٽو ستائيندا هئا، سندن ٻوليون، رهڻي ڪهڻي ۽ ريتون رسمون آرين کان علحديون هيون، ويتر آرين کي گهڻي قدر پائي ڪنيائون، تنهنڪري آرين نفرت وچان ڪين اَسر، دئت، دانو، راڪاس ۽ ٻيا اهڙا اگرا نالا ڏنا، نہ تہ اهي اڻ آريہ لوڪ بہ رواجي انسان هئا. منجهن قرباني‌ءَ جو انگ ججهو هو، ۽ ديس پڳتي هين. پنهنجي ديس جي بچاءَ خاطر پنهنجو سر تريءَ تي رکي انت گهڙيءَ تائين آرين سان لڙيا، پر تاريخ وقت بوقت ثابت ڪيو آهي تہ جڏهن بہ ڏاريون قومون سنڌ خواهہ سجي اتر هندستان تي ڪاهي آيون آهن، تڏهن اسان جا ماڻهو ڏارين سان مٽ پئجي نہ سگهيا آهن. آرين کي سندن ملڪ ڪيئن بہ ڪري

پنهنجي قبضي ۾ ڪرڻو هو، ۽ کين ماري مجائڻو هئن، تنهنڪري آرين سندن قلعا ۽ شهر باهيون ڏيئي جلايا، سندن فوجون ناس ڪيائون، ۽ ڪن کي پنهنجو داس يا غلام بنايائون، جن مان پوءِ ڪي شودرن جي دفعي ۾ ليکجڻ ۾ آيا. منجهانئن جيڪي وڏ گهراڻا هئا، تن مان ڪن سان سگ ڳنڍي، کين پنهنجو .ڪيائون، ۽ پوءِ صلح سانت ۾ پنهنجيءَ سپيتا جو ڦهلاءُ ڪيائون

آرين جي سپيتا جو ڦهلاءُ: آڳاٽا آريہ لوڪ اصل ڏڏي ملڪ جا رهاڪو هئا، تنهنڪري شڪل جا گورا هئا، اوائل ۾ منجهن ذات پات جو ڀيد ڪونہ هو، تنهنڪري ورڻ هڪڙو ئي هون يعني تہ سڀ آريہ برهمڻ هئا. برهمڻ ٿي بہ اهي مڇي ماس کائيندا هئا. هندستان ۾ اچڻ کان گهڻو پوءِ ويشنو ٿيا، نہ تہ اصل ڏڏي ملڪ ۾ رهڻ ڪري گوشت کائڻ جي ضرورت ايتري سمجهيائون ٿي، جو گهوڙي جي گوشت مان بہ ڪينئرندا هئا، بلڪ ڳائو ۽ ماهيو گوشت بہ حلال ڪري ڄاڻندا هئا! پنهنجي اصلوڪي ماڳ ڇڏڻ کانپوءِ هو گهڻو ڀڏڪيا هئا، تنهنڪري بت ڪشيل هين ۽ ڏڏيءَ ڪوسيءَ سهڻ تي هريل هئا. هو وڏي دماغ وارا ۽ دل جا دليہ هئا؛ تير ڪمان ۽ ٻيا هٿيار سدائين ساڻ هوندا هئن، ۽ وڙهڻ لاءِ هردم تيار هوندا هئا. سنڌو ماڙ جي ماڻهن کي جيتي، کين پنهنجو تابع ڪيائون، تنهن کانپوءِ بہ هو مٿن ايتري قدر حشمت ڄمائي وينا هئا، جو عام طرح ماڻهو کين مان ڏيندا هئا، جيئن حڪومت ڪندڙ قوم کي رعيتي ماڻهو مان ڏين ٿا. اهوسپاويڪ آهي تہ جڏهن ڪا ڏاري قوم ڪنهن ملڪ تي غالب پوندي آهي، تڏهن انهيءَ ملڪ جا رعيتي ماڻهو فتح ڪندڙ حاڪمن جي عام طرح پيروي ڪندا آهن. اول انهيءَ ڏاريءَ قوم جا لفظ روز مرهہ جي محاوري ۾ اچي ويندا آهن، ۽ پوءِ پاڻ بہ سندين بولي سکي ساڻن ڳالهائڻ ٻولهائڻ جهڙا ٿيندا آهن. رفتي رفتي رعيتي ماڻهو سندين پوشاڪ، ڪائڻ پيئڻ جا نمونا اُٺ ويهہ جا قاعدا، ريتون رسمون ۽ ٻيون ڳالهيون اختيار ڪندا آهن، بلڪ سندن ڏرم بہ قبوليندا آهن. هن حالت ۾ بہ ائين ٿيو. قديم دراوڙن مان کي ڏڪڻ هندستان ڏي هليا ويا، ۽ جيڪي آرين سان گڏ رهيا، تن آرين جي سنسڪرت ٻوليءَ ۽ سپيتگا

جو اثر ٿيو، پر ٻولين جو توڙي ٻيو اثر هڪ طرفو نہ ٿيندو آهي، قديم دراوڙن جي سڀيتا بهان
وقت جي ڪري اعليٰ درجي جي هئي، ۽ ان جو اثر خود آرين تي بہ ٿيو، اهواثر ڪيتري قدر ٿيو، تنهن جو اندازو هينئين ٿورين حقيقتن منجهان ئي لڳائي سگهجي ٿو.

هندن جي گاڏڙ سڀيتا: رگ وید واري زماني ۾ آريہ لوڪ دراوڙن سان لهہ وچڑهہ ۾ آيا، ۽ منجهانئن ڪن سان سگ بہ ڳنڍيائون، تہ اول ڪيترا دراوڙي لفظ سنسڪرت ۾ چالو ٿيا. اهڙن لفظن جي هڪ وڏي يادداشت بشپ ڪالڊويل پنهنجي ناهيل دراوڙي ٻولين جي گرامر (صفحي 567 کان 579 تائين) ۾ ڏني آهي، جنهن مان ٿورا مثال هي آهن: مڪت (موتي)، ڪٽيا (جهوپڙي)، ڪوٽ (قلعو)، پشپ (گل) ۽ نير معنيٰ پاڻي.

ڊاڪٽر سنيتي ڪمار چٽرجيءَ بہ پنهنجي بنگالي ٻوليءَ جي تاريخ جي جلد پهرئين ۾ اهڙا مثال ڏنا آهن، ۽ چيو اٿس تہ دراوڙ جي ڪن ڏرمي ڳالهين جو بہ آڳاٽن آرين تي اثر ٿيو، جنهنڪري هندن جي هاڻوڪي سڀيتا هڪ گاڏڙ سڀيتا آهي، جنهن جا بانيڪار نہ فقط آريہ لوڪ، پر قديم دراوڙ لوڪ بہ هئا. ڊاڪٽر سنيتي ڪمار چٽرجيءَ جو اهو بہ چوڻ آهي تہ هندو مجين ٿا تہ ماڻهو مرڻ ڪانپوءِ ٻيون ٻيون جوٽيون وني ٿو. اهو عقيدو آڳاٽن آرين قديم دراوڙن وٽان پرايو. ڪن عالمن جو چوڻ آهي تہ رگ وید ۾ اڃ سڌيءَ طرح ڪي اهڙا اهجاڻ آهن، جن مان سمجهجي ٿو تہ انهيءَ قديم زماني ۾ ئي آرين جو جوٽين ۾ اعتقاد هو، باقي ڪيترا پرم ۽ سنسا، جنن پوتن بابت خيال، ۽ ٽوٽن ڦيٽن جا رواج دراوڙن وٽان پرايائون. ڪمار سوامیءَ بہ اهائي ڳالهہ ڪئي آهي، ۽ چيو اٿس تہ هندستان جي هندن تي بہ دراوڙن جو اثر ٿيو آهي. مطلب تہ جنگين ۾ دراوڙن کي آرين شهہ ڏني، تہ هنرن، ڪاريگرن وغيره ۾ دراوڙ ڪين شهہ ڏيئي ويا. دراوڙن کي جيتي، آرين ڪٽي ڪٽي پنهنجون بينڪون وڌيون، ۽ پنهنجيءَ

سپيتا جو واڌارو ڪيئن ڪيائون، سو ذڪر ڪار ڪبو. هتي اول دراوڙن بابت ڦهليل غلط فهميءَ جو ذڪر ڪجي ٿو.

دراوڙن بابت غلط فهمي: قديم هندستان جي تاريخ پهريون گهمرو اٽويهين صديءَ ۾ يوروپي لوڪن ٺاهي، جيئن منڊ ۾ ڄاڻايو ويو آهي. جيڪو مضمون يوروپي لوڪن انگريزيءَ ۾ لکيو، سوئي ساڳيو سنڌيءَ ۾ لکيل تاريخن ۾ آهي. هن وقت هندستان جي جيڪا به تاريخ پڙهجي ٿي، تنهن ۾ ائين ئي لکيل آهي ته آڳاٽا اڀ آريه لوڪ اڀ سڌريل ۽ شڪل جا ڪارا هئا، ۽ آريه لوڪ ڪائنئن وڌيڪ سڌريل هئا ۽ شڪل ۾ نهايت سهٽا هئا. اهڙيون ڳالهيون قديم ڪولن ۽ سنٽالن بنسبت ڪو چوي ته ٻي ڳالهه، باقي دراوڙن بابت ائين سنيالي چوڻ گهرجي، جيڪڏهن هي ڳالهه قبول ڪجي ته مهن جي ڏڙي واري سپيتا دراوڙن جي آهي، ته پوءِ هنن بابت جيڪي تاريخن ۾ پڙهيو اٿئون، سو سڀ وسارڻو پوندو، ۽ قديم هندستان جي تاريخ وري نئين سر تيار ڪرڻي پوندي. يوروپي لوڪن اهڙيون غلطيون ڪيئن ڪيون، سا ڳالهه ڪولي ٻڌائجي ٿي، جو قديم هندستان جي تاريخ شروع ئي سنڌو ماڙ جي تاريخ سان ٿئي ٿي، تنهنڪري اسان جو انهيءَ ڳالهه سان وڏو ئي واسطو آهي.

رگ وید ۾ آرين ڏڪار وچان اڀ آرين کي گهٽ وڌ ڳالهيو آهي، مثلاً اڀ آرين بابت چيو اٿن ته "ڪتن وانگر پيانڪ پونڪار ڪري اسان کي ناس ڪرڻ لاءِ آيا آهن!" (منڈل پهريون 4،182). ڪين "ڪرشڻ" (سانورو يا ڪارو) "داس" (ٻانهون يا غلام) "دسيو" (چور يا رهزن) ۽ "اناس" (اٽاسو يا بي سرم) سڏيو اٿن. * اهو سڀ اويڪ آهي ته ٻه ڏريون پاڻ ۾ وڙهنديون ته هڪ ٻئي کي گهٽ وڌ ڳالهائيندیون. پر ڪن يوروپي عالمن رگ وید ۾ "اناس" لفظ ڪم آيل ڏٺو ته اهو انومان ڪڍياون ته اهو اشارو دراوڙن ڏي آهي، جن جا نڪ اڪثر ويڪرا آهن، جهٽ ته منهن سان گڏيا پيا اٿن، جنهنڪري يانءِ ته نڪ اٿن ئي ڪونه، رگ وید ۾ "ڪرشڻ، لفظ به ڪم آيل ڏنائون، ته هيڪاري ائين سمجهيائون ته دراوڙ لوڪ، جي هن وقت مدراس ڪاتي ۾ رهن ٿا، ۽ شڪل جا اڪثر ڪارا آهن، تن لاءِ اهي

لفظ ڪم آيل آهن. ائين رڳو دل جا انومان ڪيڊي تاريخن ۾ ڄاڻايون ته اڀ آريہ لوڪ .ڪرشڻ“ (سانورا يا ڪارا) هئا. آڳاٽن آرين بابت هيئن ٻہ سمجهيائون ته اهي نهايت سڌريل هئا ۽ اڀ آريہ لوڪ ڪائنئن گهٽو گهٽ هئا. تنهنڪري اهي ”داس“ ۽ ”دسيو“ سڏيا ويا آهن. ائين رڳو انومان تي ماندراڻ مندياڻون ۽ ڪابہ پڪي پختي ثابتي ڪانہ هين.

رگ وید ۾ چٽيءَ ريت ڄاڻايل آهي ته اڀ آريہ لوڪ ياڳيا ماڻهو هئا ۽ منجهانئن جيڪي ”پٽي“ (وڻجارا يا واپاري) هئا، سي هيڪاري زور هئا. گايون، مينهون ۽ ٻيو چوپايو مال ججهو هئن ۽ وڙهڻ ۾ ٻہ پختا هئا، رگ وید ۾ ”پر“ (شهر) ۽ ”درگا“ (قلعو) لفظ ڪم آيل آهن. اڀ آريہ لوڪن جا شهر ۽ قلعا آريہ لوڪن ٻاهيون ڏيئي جلايا ۽ اندر ديوتا کي ”پريندڙ“ يعني قلعن جو ناس ڪندڙ ڪوٺيو اٽن، جو ڄاتائون ٿي ته اندر ديوتا جي ٻاجهہ سان ئي اڀ آريہ لوڪن جي قلعن نابود ڪرڻ ۾ پاڻ سوڀارا ٿيا هئا. پر رگ وید واري زماني ۾ آريہ لوڪ پاڻ ڳوٺن ۾ رهندا هئا، جيئن اڄ ٻہ ٻهراڙين ۾ ماڻهو وسين ۽ واهڻن ۾ رهن ٿا. انهيءَ سبب عالمن سمجهيو ته اڀ آريہ لوڪ، جي آرين کان گهٽ هئا، سي وري شهرن ۽ قلعن ۾ ڪيئن رهندا هوندا؟ رگ وید ۾ ”پر“ ۽ ”درگاهہ“ لفظ ڪم آيل ٻہ ڏنائون، ته ٻہ عالمن ائين پئي پاڌيو ته اُهي شايد مٽيءَ يا پٿرن جا نهيل اَجها هئا، جن ۾ اڀ آريہ لوڪ وقت سر پناهہ وٺندا هئا. مطلب ته ڏرمي، پنگتي ۽ بين سيني ڳالهين ۾ هندستان جي آڳاٽن رهاڪن جو مان مرتبو آريہ لوڪن کان گهٽ ٿي ليکيائون. هندستان جا هندو ٻہ يوروپي عالمن سان انهيءَ ڳالهہ ۾ شامل راءِ هئا، جو هندو آڳاٽن آرين جي نسل مان آهن ۽ سياويڪ طرح پنهنجي اصل نسل جو فخر اٽن، دراوڙ لوڪ آرين جي نسل مان نہ آهن، تنهنڪري اهي ”اڀ آريہ“ (Non Aryans) سڏجڻ ۾ آيا. انهيءَ ”اڀ آريہ“ لفظ جو اُچار پوءِ ڦري ٿيو ”اناڙي“ ۽ هاڻ معنيٰ اتس ”اڀ سڌريل يا جهنگلي“. ائين رڳو غلط فهميءَ سبب عام ماڻهن جي دلين تي اثر وينل هو، ته آريہ لوڪ سڌريل ۽ اڀ آريہ لوڪ اڀ سڌريل هئا، نہ ته حقيقتاً دراوڙ لوڪ انهيءَ آڳاٽي زماني ۾ ئي نهايت سڌريل هئا. هاڻ اينسئڪلوپيڊيا برٽئنڪا جي تازي (چوڏهين) ڇاپي ۾ مهن جي دڙي ۽ سنڌو ماڙ جي سيٽا جو ذڪر ڪندي ڄاڻايو اٽن، ته آرين لوڪن کي

شايد لوهه جا هٿيار هئا. جنهنڪري هو اڳ آريه قومن کان ڪٽي ويا، نه ته اڳ آريه لوڪ ٻيءَ طرح ڪانئن گهٽ ڪين هئا. سر جان مارشل به پنهنجي ڪتاب "مهن جي ڏڙي" ۾ مٿي ذڪر ڪيل غلط فهميءَ جي ڳالهه ڪندي ڄاڻايو آهي ته اها ڳالهه ڪنهن کي خواب خيال ۾ به ڪانه هئي ته ڪو پنج هزار ورهيه اڳي اڳ آرين جي سڀيتا اهڙي هئي، جهڙي هينئر مهن جي ڏڙي مان ظاهر ٿي آهي. اها سڀيتا ان وقت جي مصر ۽ ايشيا جي الهندي طرف جي سڀيتا جهڙي آهي ۽ ڪن ڳالهين ۾ اُتي جي سڀيتا کي به شهه ڏيئي بيني آهي. مثلاً ڪپهه مان ڪپڙي جوڙڻ جو هنر انهيءَ قديم زماني ۾ رڳو پنجاب ۽ سنڌ ۾ هو ۽ مصر ملڪ ۽ الهندي ايشيا ۾ ٻه ٽي هزار ورهيه پوءِ جاري ٿيو هو. + رگ ويد مان ائين سمجهڻ ۾ پيو اچي ته آرين هندستان ۾ اچڻ سان سنڌو ماڙ ۾ اعليٰ درجي جي سڀيتا ڏٺي هئي، جنهنڪري رگ ويد جي منڊل ڏهين جي سوڪت پنجهتر ۾ سنڌوندیءَ جي گهٽي اُستتي ڪئي اٿن. پائنجي ٿو ته ميرو پربت ڇڏڻ کانپوءِ ڪيترا آريه لوڪ آرمينيا طرف هئا ۽ لوهه مارڻ جو هنر اتي سکيا، جو آرمينيا اڄ تائين ڏاتن جي ڪاٽين ڪري مشهور آهي. دراوڙ لوڪ اڃا لوهه مارڻ نه سکيا هئا، تنهنڪري آرين کين پنهنجي لوهي هٿيارن جي وسيلي آسانيءَ سان جيتي، سنڌو ماڙ پنهنجي قبضي ۾ ڪئي هئي، نه ته ٻيءَ طرح دراوڙ پنهنجو مٽ پاڻ هئا. اڄ به مدراس ڪاتي جي ائر، آينگر، نئدو ۽ ٻين آڪهين وارا اعليٰ درجي جا انسان آهن، ۽ راجگو پال آچاريه ۽ ستيه مورتيءَ جهڙا مڙس هند جا ستارا سڏجن ٿا. سنڌن ابن ڏاڏن بابت يوروپي لوڪن جون غلط فهميون تاريخن جي وسيلي ڦهلائڻ بلڪل نامناسب ڳالهه آهي. هن ڳالهه جو خاص هن ڪري ذڪر ڪيو ويوآهي، جو مدراس ڪاتي وارن تاريخن ۾ لکيل غلط ڳالهين تان اعتراض ورتا آهن. جن يوروپي عالمن شروع ۾ اهڙيون غلط ڳالهيون ڦهلايون، تن تي به چوهه چنڊيا اٿن، جو هندن جي ڏرمي پستڪن ۾ لکيل ڳالهيون هنن ان وقت پوريءَ ريت سمجهيون ئي ڪين هيون. [*]

[*] Dr. Martin Haug's Essays on the Religion of the Parsis, p. 286

[*] اڪرن کي ڦيرائي ڪنڌ پاڻڙيءَ جي اُڃار وارو ڪرڻ (Gulturalisation) جي عادت ايراني لوڪن ۾ گهٽي آهي. "سؤريه – سور" کي اول ڦيري "هور" ۽ پوءِ "خور" ڪيو اٿن. ساڳئيءَ ريت سنسڪرت ۾ "سوسري" – "سوسر"

معنيٰ پيٽ لئٽن ۾ چون "سورر" (Soror)؛ ايراني ٻوليءَ ۾ "سوسر" جو اُچار ڦيرائي ڪيائون "ھڙ" ۽ ھاڻ پارسيءَ ۾ چون "خواھر" معنيٰ پيٽ. اھڙا ٻيا ٻ گھڻائي مثال آھن. (مصنف)

- زنداوستا جي ٻوليءَ توڙي قديم پارسيءَ ۾ "ٽر" "ڊ" ۽ ٻيا اھڙا وسرگ اکر (Aspirates) ھئا، جي ھاڻوڪيءَ پارسيءَ ۾ ڪينھن: جھڙيءَ ريت سنڌيءَ ۾ "ڪٽڻ" مان "ڪھڻ"، ليٽ مان "لھڻ" ۽ "ڏيڻ" مان "ڏھڻ" لفظ ٺھيا آھن، تھڙيءَ ريت "مٽر" جو اُچار ھاڻوڪيءَ پارسيءَ ۾ ڦري "مھر ٿيو آھي. (مصنف)

- "The ten incarnations in the Avesta (Yasht, XIV) are wind, a bull, a horse, a camel, a boar: a youth, a raven, a ram, a buck, and a man: and four seem to correspond with Kalki, Varaha, Vaman and Rama amongst the ten Avatars mentioned in the Puranic literature." Literature." Sjt. B.G. Tilak: The Arctic Home in the Vedas, p. 350.

- اھا عادت اسان سنڌي ماڻھن ۾ ٻ گھڻي آھي، جنھن ڪري "ڦاسي بدران "ڦاھي، "ساس" بدران "ساھ" ۽ پارسين وانگر "ماس" بدران "ماھ" (چنڊ، مھنو) چئون ٿا. (مصنف)

- "The Zorastrians were a colony from Northern India. They had been together for a time with the people whose sacred songs have been preserved to us in the Vedas. A schism took place and the Zorastrians migrated west-ward to Archosia and Persia." Prof. Max Muller: Science of Language, Vol. II, P. 170, (5th Edition). Sea also Prof. Max Muller's Chips from A German Workshop, Vol. I, P. 83.

- The Iranians the ancestors of the Parsis, were pure Aryans and originally inhabited Sapta Sindhu." Dr. A.C. Das: Reg Vedic India, P. 588.

- In the Vedas as well as in the older portion of the Zand-Avesta (sea the Gathas), there are sufficient traces to be discovered that the Zorastrian religion arose out of a vital struggle against a form which the Brahmanical religion had assumed at a certain early period." Dr. Martin Haug: Essays on the Parsis, p.287.

- Dr. J. Muir: Original Sanskrit Texts, Vol. V, pp. 229-30.

- "I cease to be a Deva (worshipper). I profess to be a Zorastrian Mazda-Yasnin (worshipper of Ahurmazda) an enemy of the Devas and a devotee of Ahura."! Dr. Martin Haug: Essays on the Sacred Language. Writings and Religion of he Parsis, pp. 173 and 292-93.

- "I burn down the world that doies not acknowledge the superemacy of Indra, and revolts against Indra-worship. The enemies have been killed in the place where they were assembled. They have been completely destroyed and are lying on the Samasana (lit. cremation ground) i.e. the battle-field." (Reg Veda I, 133,1) Quoted by Dr. A.C. Das: Reg Vedic India, P. 158.

- Aitreya Brahmana, 1,3,3.

Gul Hayat Institute

* "To what country shall I go? Where shall I take my refuge? What Country is sheltering the master (Zorathustra) and his companions? None of the servants pay reverence to me, nor the wicked rulers of the country [Gatha ustanvaiti 4 (461) 1]. "I know that I am helpless. Look at me, being amongst few men. For I have few men. I implore thee (Ahur Mazd, the wise) weeping, thou living God. [Gatha Ustanvaiti 4 (46) II]. Dr. Martin Haug: Religion of the Parsis, pp. 152, 155 and 166-ed. 1862.

* The historian of Indian an Art, A. Koomar Sawamy says. "Indian art and culture, in any case, are joint creation of the Dravidian and Aryan genious, or wielding together of symbolic and representative, abstract and explict, language and thought".

* * رگ وید ۾ "اناس" لفظ رڳو هڪ پيرو (منڈل 10،29،5 ۾) ڪم آيل آهي، ۽ رڳو سنڌي ٻوليءَ ۾ ڏسڻ ۾ اچي ٿو. شايد آچاريہ جي چوڻ موجب "اناس" لفظ اصل ۾ آهي "عان" معنيٰ "نہ" ۽ "آس" معنيٰ "وات"، جنهنڪري اناس معنيٰ جنهن کي وات نہ هجي (Mothless) معنيٰ جنهن کي ٻولي (سنسڪرت) پوريءَ ريت ڳالهائڻ نہ اچي. سنڌيءَ ۾ "اناس" جو اُچار آهي "اٽاسو" يعني جنهن کي نڪ ناس نہ هجي (نرجو يا بي شرم) يوروپي عالمن ٻہ "اناس" جي معنيٰ ڪئي آهي جنهن کي نڪ ناس نہ هجي (Noseless)

* Many fanciful theories started over a hundred years ago have with slight alterations to suit later so calledonclusions, been accepted and repeated by later writers; and they are now put down in ordinary text books as if they are all proved history! The fact, however, is that no European has yet correctly understood Indian Vedic Literature, nor the true origin and principles of the caste system which has played such a great part in the building of Indian civilization..." M. Krishnamacharya, see "Pre-Mussalman India" by M.S., Nate-son, introduction, p.17.

+ " A marvelous culture surpassing in many respects the splendour of Egypt and Mosopotamia" Sir John Marshall.

* * Sir John Marshall: Mohen-Jo-Daro and the Indus Civilization, Vol. I, introduction, p.6.

Gul Hayat Institute

باب ڇهون

رگ وید وارو زمانو

سنڌو نديءَ جو ذڪر. سنڌ ۽ سنڌوءَ جون ساکون: سنڌ جي تاريخ سنڌ جي سيپيتا جي ساکن سان شروع ٿئي ٿي. هندن جي رگ وید کان آڳاتو پستڪ سڄي دنيا ۾ ٻيو ڪونهي، تنهن ۾ ئي ڏسو ته سنڌ بابت اجهو هئن لکيل آهي:

"سنڌ گهوڙن ۾ شاهوڪار، رٿن (گاڏين) ۾ شاهوڪار، ڪپڙي گنديءَ ۾ شاهوڪار، عمدن گهڙيل ڳهڻن ۾ شاهوڪار، ڪاڌي پيتي ۾ شاهوڪار ۽ سدا تازيءَ اُن ۾ شاهوڪار آهي. "سلمان" ٻوٽا يعني مڇ وغيره، جن مان واڻ ۽ رسيون ڍهن ٿيون، سي ٻوٽا به سنڌ ۾ ڪوڙ آهن، ۽ سياڻي سنڌوءَ جا ڪنارا ماڪي ڏيندڙ گلن سان سينگاريل آهن"! (رگ وید منڈل ڏهون سوُڪت 75).

هنن ٿورڙن لفظن جي معنيٰ وڏي آهي، اهي ڄاڻائين ٿا ته گهوڙا، گاڏيون، عمدا جوڙيل ڳهڻا (زيور) ۽ ڪپڙا، جي سپيتا جون شاهاڻيون شيون آهن، سي آڳاتن سنڌي ماڻهن وٽ موجود هيون. رگ وید واري زماني ۾ ئي سنڌ جي سپيتا اهڙي اعليٰ درجي کي پهتل هئي، جو ان وقت جي جي آرين هيئن ساراهه جا ڏڪ پريا آهن، ۽ سنڌ جون ههڙيون ساکون پنهنجي هندرمي پستڪ ۾ ڪيون اٿن.

قديم سنڌ جي سپيتا ههڙي اعليٰ درجي کي سنڌونديءَ جي پرتاپ ڪري رسي هئي، تنهنڪري آڳاتن آرين سنڌونديءَ جي اُستتي (ساراهه) ڪئي آهي، جنهن ۾ مٿيان لفظ چيا اٿن، انهيءَ اُستتيءَ جو مضمون وڏو ۽ وٽندڙ آهي، جنهن ۾ هڪ رشي چوي ٿو ته "اي سنڌو، جڏهن تون ميدان مان وهين ٿي، تڏهن بير شمار ڪاڏو پاڻ سان آڻين ٿي، (يعني تنهنجي پاڻيءَ تي جڏهي پوک ٿئي ٿي) تنهنجو پاڻي اُتم آهي. اي سنڌو، جيڪڏهن تنهنجي خوبصورتيءَ جي پيٽ ڪجي ته تون نو ورني ڪنوار وانگر آهين. سنڌو سدائين جوان ۽ سدائين سهڻي آهين وغيره."

جنهن رشيءَ هيءَ اُستتي ڪئي آهي، تنهن جيڪي پنهنجا شاعراڻا خيال هن نموني ظاهر ڪيا آهن، سي جيتوڻيڪ پنهنجي جاءِ ڇڳا آهن، ته به سندس ڪيل

اُستتيءَ جو ڏيڪ قدر جاگرافيءَ جي خيال وچان ڪرڻو پوي ٿو. سنڌوندين سان ان وقت ٻيون ڪهڙيون ندیون اچي گڏبيون هيون، جي پاڻيءَ جي پرتي ڪندیون هيس، تن جا جيڪي نالا جاڻايا اٿس، سي جيتوڻيڪ هن وقت سڀ سجاڻڻ مشڪل آهن، جن ڪيترا هزار ورهيه پوءِ يوناني تاريخ نويسن به جاڻايا هئا. هن مان ثابت آهي ته هن رشيءَ کي ان وقت جي ندين جي سرشتي جي بلڪل پوريءَ طرح سڌ هئي، ۽ اهو ندين جو سرشتو جاڻايو ئي اهڙي ئي طرح اٿس، جو جڏ ته ان وقت ئي پاڻ ٽرگنامیٽيڪل پڙتال (Tirgnometrical Survey) ڪئي هئائين ڏسو ته چوي چا ٿو؟

"اي سنڌو، پهريائين تون ترشتما (Trishtama) سان گڏجي وهين ٿي، ۽ پوءِ سسرتو (Susartu) ۽ رسا ۽ سويتي (سوات Swat River) سان. تون ڪيا (ڪابل ندي)، گومتي (گومال Gomal) ميهتنو (Mehatnu) ۽ ڪرمو(Krumn) (Kurum River) سان گڏجي وهين ٿي!"

هن مان ظاهر آهي ته ڪرمو، گومتي (گومال) ۽ ڪيا يا ڪابل ندي، جنهن کي يوناني تاريخ نويسن ڪوفن (Kophen) سڏيو آهي، سي ان وقت وهنديون هيون، ۽ اهي سنڌو نديءَ جون پرتي ڪندڙ شاخون هونديون هيون، ۽ جمون دويپ ۾ رهندڙ آرين اهي اکين سان ڏٺيون هيون.

سنڌو نديءَ سان هيتريون ندیون اچي گڏبيون هيون، ته ان وقت سنڌوندين ۾ پاڻي ڪيترو هوندو هو، تنهن جو به اکين ڏٺو احوال ڏنو اٿس. چوي ٿو ته "سنڌوءَ جي گڙگاٽ ڏرتيءَ تان اُتي ٿي، ته اُها آسمان پريو ڇڏي! سنڌو نهايت زور سان وهي ٿي، ۽ منهن مٽيادار اٿس، (نهايت سهٽي لڳي ٿي)".

"سندس پاڻيءَ جو آواز اهڙو ٿو ٿئي، جو دل ڪري ائين پيو پائنجي، جڏ ته مينهن جون اوڙڪون گجگوڙ ڪري پيون وسن. اجها سنڌو ڏڳي وانگر رنيندي پيئي اچي!"

رگ وید ۾ جنهن رشيءَ هي لفظ چيا آهن، تنهن، جنهن مهل سنڌوءَ جي پرتي ڪندڙ ندين کي سنڌوءَ طرف وهندو ڏٺو آهي، تنهن مهل تشبيهه تي اؤر ڪم آندي اٿس. چوي ٿو ته "اي سنڌو، جيئن ڪو راجا جڏ ڪرڻ لاءِ نڪرندو آهي ۽

پنيان لشڪر هوندو اٿس، تيئن تون ٻ (شاهاڻي شوڪت سان) ندين جي اڳيان مهندار ٿي هلين ٿي، ۽ ٻيون ندين ٻ پلٽڻيون ڪري تنهنجي پنيان ائين هلن ٿيون، جو جڙ تہ ساڳئي رٿ ۾ سوار آهيو".

هن رشيءَ پوءِ گنگا، جمنا، سرسوتي ۽ درشدوتي ندين جو ناماچار ڳائي، پنجاب جي پنجن ندين جي ساراهہ ڪئي آهي. مطلب تہ اتر اولهہ سرحد، آگري ۽ ائوڌ جي گڏيل پرڳڻن ۽ پنجاب جي ندين جي هڪڙي ئي سُوڪت (75) ۾ پڙتال ڪئي اٿس؛ پر سنڌوءَ جا اجيت آهي، (ڪنهنجي جيتڻ جي ڪانهي). سا سڌي وهي ٿي. سندس ورڻ يا رنگ اڇو ۽ روشن آهي (پاڻي لڙاڻيل نہ اٿس)، ۽ هوءَ وڏي ندي آهي. سندس پاڻيءَ ۾ تک گهٽي آهي ۽ چئني طرف ٻوڙ ٻوڙان ڪري ٿي. جيڪي ٻ متحرڪ يا چرندڙ شيون آهن، سي اهڙيون تيز رفتار نہ آهن، جهڙي هيءَ سنڌو آهي!" ڏسو تہ ڪهڙو پورو پورو ۽ دلپذير بيان ڪيو اٿس!

هن وقت سنڌوندي پنجاب جي ندي کان ڏار ٽيڙ ڪانپوءِ منڊ ڪوٽ وڃان هڪ يڪي ندي ٿي، سنڌ ڏي اچي ٿي؛ پر رگ ويد واري زماني ۾ گهٽيون شاخون ٿي ايندي هئي، جنهنڪري رگ ويد جي ساڳي منڊل ڏهين (سُوڪت 75) ۾ هيئن ٻ چيلو آهي تہ "اي سنڌو، ورڻ ديوتا تنهنجي وهڻ لاءِ گهٽيون واٽون ناهيون آهن". اهي لفظ نہ رڳو سنڌوندي‌ءَ جي مٽئين (اتر اولهہ سرحد علائقي واري پاڳي)، پر هينئين پاڳي سان ٻ لاڳو آهن، جنهن لاءِ پارسين جي ڏرمي پستڪن مان بلڪل پڪي پختي ثابتي ملي ٿي.

زنداوستا ۾ سنڌوءَ جو ذڪر: پارسين جي زنداوستا ۽ ٻين ڏرمي پستڪن ۾ همالياہ جبل وارين قطارن کي "البورز" (مٿاهون جبل) سڏيو اٿن، ۽ اتان جيڪي ندين وهن ٿيون، تن مان ٻ مکيہ ڪري ڇاڙايون اٿن. هڪڙي "وهہ" (Veh) ندي ۽ ٻي "ارنگ"، جنهن بابت ڊاڪٽر مارٽن هاگ ڇاڙايو آهي تہ اها "آمي" (Ami) ٻ سڏبي هئي. انهيءَ پوئين نالي "آمي" مان سمجهجي ٿو تہ اها "آمو درياهہ"(Oxus) هئي، تنهنڪري ان جي ڳالهہ ڇڏي، باقي "وهہ" جو ذڪر ڪجي ٿو.

زنداوستا ۾ زردشت کي اهرمزد (يڳوان) ٻڌائي ٿو تہ پهريائين مون فلاڻا هنڌ، ۽ پوءِ فلاڻا هنڌ خلقيا. ائين جهان جي پيدائش جو ذڪر ڪندي، "وهہ" ندي‌ءَ جو نالو

جاڻايو اٿس. پارسين جي بندهش (Bundahis) نالي ڪتاب ۾ مسٽر ويسٽر گيئرڊ جي ڇپايل زنداوستا مان حوالا ڏيئي، ڊاڪٽر مارٽن هاگ (1827-1876ع)ميونچ يونيورسٽيءَ جي اڳوڻي سنسڪرت جي پروفيسر ”وهه“ ندييءَ بابت جيڪو نوٽ هنيو سو هتي بجنسي ڏجي ٿو.

انهيءَ نوٽ مان ائين سمجهڻ ۾ اچي ٿو ته زنداوستا جو ”وهه“ لفظ اهو ساڳيو آهي، جنهن جو اچار هاڻوڪي پارسي بوليءَ ۾ آهي ”بهه“ معنيٰ ”چڱو“ (”بهتر“ معنيٰ تنهن کان چڱو يا ٻين کان چڱو)، جنهنڪري چئبو ته اهو سنڌوندييءَ جو هڪ صفاتي نالو آهي، جو قديم ايران ۾ چالو هو. انهيءَ ساڳئي نوٽ موجب ”بندهش“ ۾ سنڌوءَ جو ٻيو نالو ”مهرا“ ڄاڻايل آهي، تنهن مان سمجهجي ٿو ته اهو لفظ اصل آهي ”مهراڻ“ – اها سنڌوندييءَ جي هڪ ڏار شاخ هئي، جا ايرندي ناري، ڊوري پراڻ ۽ ڪوري ڪاريءَ مان وهي ڪچ جي نار ۾ ڇوڙ ڪندي هئي. ”بندهش“ ۾ جيڪڏهن ”مهراڻ، بدران ”مهرا“ لکيل آهي، ته اها سهو ڪاتب (Clerical error) ٿوريون ٿوريون پلون چوڪون ڪيون اٿن، ۽ اها ڪا وڏي گاله ڪانهي. وقتي هيئن به هجي ته قديم ايراني لوڪ ”مهراڻ، بدران چوندا ئي ”مهرا“ هئا يعني پڇاڙيءَ وارو ”ڻ“ جو اچار ڪندا ئي ڪونه هئا. بهرحال ايترو يقين ڄاڻڻ گهرجي ته ”مهرا“ اهو ساڳيو لفظ آهي، جنهن جو سنڌ ۾ هن وقت به صحيح اُچار ”مهراڻ“ آهي. انهيءَ ساڳئي نوٽ موجب سنڌوندييءَ جو ٽيون نالو ”ڪاسڪ“ هو. هندن جي پراڻن مان ايترو معلوم ٿئي ٿو ته ڪاشيءَ (بنارس) جو شهر، جن ڪاشي آرين جي پنيان سڏجي ٿو، تن جو هڪ وڏو ڏاڏو ڪاسڪ“ هو، جنهنڪري بنارس يا ڪاشيءَ کي ”ڪاشڪا“ به چوندا هئا. پر انهن ڪاشي آرين جو نالو ”سنڌوءَ“ تي ڪهڙي حساب سان پيو، سو پتو ڪٽان به پئجي نٿو سگهي. جيڪڏهن مهراڻ وانگر ”ڪاسڪ“ به اڳي سنڌوندييءَ جي هڪ ڏار شاخ هوندي هئي، ته انهيءَ ۾ به عجب ڪونهي. جنهن صورت ۾ هن گاله جي ڪوجنا اڃ تائين ڪنهن به عالم ڪانه ڪئي آهي، تنهن صورت ۾ هن بابت ڪجهه به وڌيڪ چئي نٿو سگهجي.

ايترو هتي ٻڌائجي ٿو ته مهراڻ يا هاڪڙو، جنهن کي ڪن پارسي تاريخ نويسن "واهندهه" ۽ سڏيو آهي، سو انهيءَ قديم زماني کان وٺي ميان غلام شاهه ڪلهوڙي جي وقت تائين، ايرندي ناري جي پيٽ مان وهي؛ ڏيپلي تعلقي جي ڏکڻ ڏي، ڪڇ جي رڻ جي نزديڪ، هاڻوڪي ڏوري "پراڻ" ۾ وڃي ڇوڙ ڪندو هو. "پراڻ" لفظ جي معنيٰ ئي آهي "پراڻو يا جهونو درياهه"، پراڻ ۾ ايرندو نارو اچي ڇوڙ ڪندو هو ته اها ڦوڪجي وهندي هئي، ۽ ڪڇ جي رڻ جو ڪجهه پاڻو سرسبز ڪندي، ڪوري کاريءَ کان وهي، لکپت جي پريان لنگهي، ڪڇ جي نار ۾ وڃي ڇوڙ ڪندي هئي. ميان غلام شاهه ڪلهوڙي پراڻ جي پريان بند ٻڌايو ته ان جو پاڻي سنڌ جو سنڌ ۾ رهي، ۽ لکپت ڏي نه وڃي. لکپت جي ساريال پوک جو مدارئي انهيءَ پاڻيءَ تي هو، تنهنڪري ڪڇ جي راءِ کي لکن جو نقصان پهتو. سن 1758ع کان اڳ سنڌو ندي نصرپور وٽان وهندي هئي. انهيءَ سال اتان رخ ڦيرايائين، ته هن پاسي پاڻي اچڻ گهٽيو. سن 1819ع ۾ خوفناڪ زلزلو ٿيو ته مهراڻ يا هاڪڙو هيڪاري سڪي ويو.

---

* The eleventh of places and Districts produced perfect by me, who am Ahurmazd, was Het-homand (Hetumand, in Sistan) the illustrious (and) glorious; busy and deligent is the spirit which is subdued, some say that of the Veh river. Pahlavi Vendidad 1, 14.

** "The Veh (or good) river is one of the two chief rivers of the world, according to Bundahish, which states (Page 49 Westergaard's edition of the Avesta text) that 'these two rivers flow forth from the north part of the eastern Albors, one towards the West, that is the Arange, (and) one towards the east, that is the Veh river' The spirits of the two rivers are also mentioned Bundahish, Page 50). And further particulars are given, thus (Bundahish, Page 51) 'The Veh river passes by on the east, goes through the land of Sindh (and) flows to the sea in Hindustan and they call it there the Mehra river,' and in page 53 it is stated that the Veh river is also called the Kasak in Sindh." Dr. Marton Haug: Essay on the Sacred Language, Writings and Religion of the Parsis, P. 361.

Gul Hayat Institute

باب ستون

آرين جا خاندان ۽ بينڪون

رگ ويد وارو هندستان: رگ ويد مان معلوم ٿئي ٿو تہ آڳاٽا آريا لوڪ ستن ندين جا ڪنارا پاڻيءَ جي سهنج ڪري والاري وينا هئا، جنهنڪري سندن والاريل ملڪ "سپت سنڌو" يعني ست درياهو سڏبو هو. ڪن عالمن کي رگ ويد مان ائين سمجهڻ ۾ اچي ٿو تہ انهن ستن ندين مان پنج نديون پنجاب واريون هيون، جهين سرسوتي ۽ ستين سنڌو، جنهن ۾ سنڌوندیءَ جون پرتي ڪنڍ ندیون(Tributaries) يعني ڪابل ندي، گومتي (گومال)، سوات ۽ ڪرم بہ ليکيون وجن ٿيون، جي تنهن وقت وهنديون هيون ۽ سنڌو ندیءَ سان اچي گڏبيون هيون. ندين جا اهي سڀ نالا رگ ويد جي منڊل ڏهين ۾ ڏنل آهن. ان ۾ گنگا ۽ جمنا ندين جا نالا بہ جاڻايل آهن، پر اهي گهڻو پوءِ نامياريون ٿيون، ۽ پوتر ليکجڻ ۾ آيون- اول رگو سرسوتي ندي پوتر ليکبي هئي ۽ سنڌو ندي وڏي ۽ مکيہ هئي، تنهنڪري رگ ويد ۾ گهڻي ساک رگو انهن جي لکيل آهي. انهن ندين جي ڪنارن تي آرين جون جيڪي بينڪون هيون، تن ۾ سنڌ، پنجاب، ڪشمير ۽ گندار (قندار) يعني هاڻوڪو پشاور ۽ ان جي آسپاس وارو ملڪ (هاڻوڪو افغانستان ۽ بلوچستان جي حدن تائين) اچي ٿي ويا. آرين جي انهن بينڪن کان ئي گهڻو اڳي، سور جونسي گهراڻي وارا ايوڌيا ۾، ۽ جندر ونسي گهراڻي وارا پرتيستان) الهہ آباد) ۾ راڄ ڪندا هئا، پر اهي پاسا رگ ويد واري هندستان ۾ نہ ليکيا اٿن، جو ان وقت شايد اڏهين اڻ آريہ لوڪ گهٽا هئا. بنگال، بهار ۽ ٻين هنڌ بہ اڪثر اڻ آريہ قومون رهنديون هيون، جي پڻ پوءِ آرين جي دفعي ۾ ليکجڻ ۾ آيون. سپت سنڌوءَ ۾ رهڻ ڪري آرين جو ملڪ "سنڌو" نالي مشهور ٿيو. سنڌ جو پرڳڻو بہ "سنڌو" سڏبو هو، جنهن جو اچار پوءِ ڦري "هندو" ٿيو، ۽ رفتي رفتي سارو ملڪ هندستان سڏجڻ ۾ آيو. سرسوتي ندیءَ ۽ سنڌوندیءَ جي وچ وارو ملڪ رگ ويد جي منڊل ٽئين (4،33) ۾ ("ديو ڪرت يوني" (Davkrta yoni) سڏيو

ويو آهي، جنهنجي اکري معنيٰ آهي "ديويا ڀگوان جو جوڙيل ملڪ" (God fashioned Country)، مطلب تہ اهو ملڪ اهڙو سرسبز ۽ پريو پاڳيو هو، جو جڙ تہ واليءَ خاص طرح ساڻس پنهنجو وڙ ڪيو هو، جنهنڪري آرين ڪيس اهو نالو ڏنو.

سنڌ ۾ سور جونسي: آرين ۾ هڪڙا سور جونسي ٻيا چندرونسي هئا. سور جونسي گهراڻي مان پهريون راجا اڪشو اَڪو هو، جنهن جي گاديءَ جو هنڌ ايوڌيا هو، جو نالو هاڻ "ائوڌ" تي پيل آهي. اڪشو اڪو جي ڀيڻ جو نالو "اِلا" هو، جا ٻڌ سان پرٽيل هئي. ٻڌ جي ڀيڻُ جو نالو "سوم" (چنڊ) هو، تنهنڪري انهيءَ خاندان وارا چندرونسي سڏبا هئا. چندر ونسي گهراڻي مان پهريون راجا پروروس هو، جنهن جي گاديءَ جو هنڌ "پرتيستان" (Partisthana) هو، جو هاڻ الهہ آباد سڏجي ٿو. راجا پورس ۽ سندس اولاد "آئل" (Aila) يعني "اِلا" سڏيا ويا آهن. ميرو پربت کان وچ هماليہ جبل واري واٽ وٺي اتر هندستان ۾ آيا هئا، جا ڳالهہ پراڻن ۾ ڄاڻايل آهي. اها هڪ وڏي سند آهي، جنهن جي آڌار تي اسان چيو آهي تہ آريہ اصل هندستان جا رهاڪو نہ هئا؛ پر ميرو پربت کان آيا هئا.

سنڌ جو واسطو ٻنهي گهراڻن وارن سان آهي. هتي اول ايترو ڄاڻائجي ٿو تہ سورجونسي گهراڻي وارا، جن مان راجا اڪشو اڪو، کان گهٽو گهٽو پوءِ راجا دسرٿ ۽ سري رامچندر ڇيدا ٿيا. سي قديم زماني ۾ سنڌ ۾ بہ هئا. انهيءَ ڳالهہ جو پتو هن ريت پيو آهي:

نهايت قديم زماني ۾ سنڌ ۾ "پاتال" نالي هڪ ناميارو بندر هو، جنهن جو پراڻن ۾ ذڪر آهي. عيسوي سن کان سوا ٽي سو ڪن ورهيہ اڳي سڪندر اعظم جي وقت ۾ بہ اهو بندر مڪيہ هو، تنهنڪري يوناني تاريخ نويسن بہ ان جو ذڪر ڪيو آهي، ۽ نالو بہ ساڳيو "پاتال" بندر ڄاڻايو آٿن. ان بابت جيڪي ڏس پتا ڏنا اٿن، تن مان صفا ظاهر آهي تہ اهو بندر هاڻوڪي ڪراچي ضلعي واري لاڙ ۾ هو. جتان سنڌوندي بہ وڏيون شاخون ٽي وهندي هئي. اها بہ — درياهي اڄ تائين

گھوڑا ٻاري تعلقي ۾ آھي، جتان درياھ جي ھڪ شاخ ڪيٽي بندر ۽ ٻي شاھ بندر ڏي وڃي ٿي؛ پر اڳي سمنڊ گھٽو اوريرو يعني ڏٽي طرف يا اڄا ٻہ شاھ ڪپور طرف سمجھيو، جتان اڳي درياھ وھندو ھو. ميجر جنرل ھيگ پنھنجي ڪتاب "انڊس ڊيلٽا ڪنٽري" (Indus Delta Country) جي صفحي 20 ۾ انھيءَ پاتال بندر جو ذڪر ڪندي ڄاڻايو آھي تہ ٿٻيٽ مان ھڪ ڏند ڪٽا ملي آھي، جنھن مان سمجھجي ٿو تہ اڪشو اڪو ڪل وارا (سورجونسي) انھيءَ پاتال بندر ۾ رھندا ھئا. ۽ آريہ لوڪن جون سڀ کان آڳاٽيون ٻيڙيون سمنڊ جي پر ۾ ھيون. مطلب تہ سري رامندر جا ابا ڏاڏا ڪنھن وقت سنڌ ۾ ٻہ ھئا. ميجر جنرل ھيگ اھو ڄاڻايو ئي ڪونھي، تہ اھي ايوڌيا طرف جا آريہ لوڪ سنڌ ۾ ڪھڑي حساب سان آيا، پر پراڻ ۽ اتھاس انھيءَ ڳالھہ تي ڪجھہ روشني وجھن ٿا.

پراڻن پٽاندر راجا اڪشو اڪوءَ جي مربي پٽ وڪڪسي ششاد (Vikuksi Sasada) ايوڌيا ۾ راڄ ڪيو. ٻيو پٽ نيمي (Nimi) نالي ھو، جو "وديھہ"(Videh) ٻہ سڏبو ھو. اُنھيءَ نيپال کان ونئي مگڌ (ٻھار جي ڏاکڻي پاڳي) جي اتر اپرندي طرف تائين پنھنجو دڳ ڄمايو ھو، ۽ اھو سمورو ملڪ سندس نالي پٺيان "وديھہ" سڏبو ھو. اڪشو اڪوءَ جو ھڪڙو پاڻُ نايا نيدشت(Nabahanedishtha) ھو، جنھن جي اولاد مان "وشال" نالي ھڪ راجا ھاٽوڪي مظفر پور ضلعي وارو پاسو ھٿ ڪيو؛ ۽ اتي جيڪو سندس گاديءَ جو ھند ھو، سو سندس نالي پٺيان "وئشالي" سڏجڻ ۾ آيو. اڪشو اڪوءَ جو ٻيو پاڻُ شرياتي ھو، جنھن جي اولاد مان "آئرت" نالي ھڪ راجا ھاٽوڪي گجرات وارو پاسو پنھنجي قبضي ڪيو، تنھنڪري گجرات وارو پاسو سندس نالي پٺيان "آنرت" سڏبو ھو. ھن مان ڏسڻ ۾ ايندو تہ سورجونسي گھراڻي وارا رگھو ڀگو ايوڌيا ۾ ڪين ھئا، پر پنھنجي حڪومت جي حد گھٽي قدر وڌائي ھئائون، وراڻن ۾ جيتوٽيڪ اھو ڄاڻايل ڪونھي تہ سنڌ جو پرڳڻو ٻہ سندن تابع ھو يا نہ، تہ ٻہ رامائڻ مان ايترو ظاھر آھي تہ سري رامچندر جي پيءُ راجا دسرٿ جو سنڌ سان بلڪل گھٽو ناتو ھو. وڏي ڳالھہ تہ راجا دسرٿ ڪانپوءِ سنڌ جو حاڪم ئي سري رامچندر جو پاڻُ پرت ھو. ٻڌ ڌرم واري زماني ۾ سنڌ جي گاديءَ جو ھنڌ "وئشالي" ھو. اھي جيتوٽيڪ پوءِ

جون ڳالهيون آهن، تہ بہ انهن مان ايتري پڪ ٿئي ٿي تہ سنڌ جو ناتو ڪجهہ وقت سورجونسي گهراڻي وارن سان برابر هو.
راجا اڪشواڪو توڙي سندس پاڻيجو راجا پروروس ڪنهن نهايت قديم زماني ۾ ٿي گذريا آهن. رگ وید ۾ راجا پروروس جي پڙ پوٽن ۽ تڙ پوٽن جو ذڪر آهي؛ پر رگ وید منجهان ئي سيني آرين جي سپيتا ۽ ٻين ڳالهين جو ججهو پتو پوي ٿو. اتهاس ۽ پراڻن مان تاريخ لاءِ گهڻو ئي ذخيرو ملي ٿو، تنهنڪري هينئر خود يوروپي لوڪ انهن ڏرمي پستڪن جو ججهو قدر ڪن ٿا، ۽ پنهنجن جوڙيل تاريخن ۾ اول رگ وید وارا احوال ڏين ٿا. ڪئمبرج هسٽري آف انديا ۽ ٻيون تاريخون، جي سند ڪري ليکجن ٿيون، سي سڀ ائين جڙيل آهن. انهن جي جڙڻ ڪانپوءِ بہ ڪي وڌيڪ ڪوجنائون ٿيون آهن، تنهنڪري سنڌو ماڙ جا احوال انهن بنهہ تازين ڪوجنائن پٽاندر هتي ڏجن ٿا.

رگ وید ۾ گهڻو ذڪر چندرونسي گهراڻي جي راجائن جو آهي، پر انهن جو پيڙهيءَ بہ پيڙهيءَ احوال اتهاسن ۽ پراڻن ۾ ڏنل آهي، تنهنڪري اسين اهو بہ گڏي ڇاڻائينداسين تہ سندين تاريخ سمجهڻ سولي ٿئي. پراڻن مان اهو بہ ظاهر آهي تہ جن آرين سنڌو ماڙ ۾ پنهنجو دڳو ڇمايو، سي اصل هماليہ جبل جي پرين، بنهہ اتر طرف هڪ ٻڌي ملڪ ۾ميرو پربت تي رهندا هئا، ۽ پوءِ جڏهن سنڌو ماڙ ۾ اچي بينڪون وڌائون، تڏهن هندستان سندن آستان يا ماڳ ليکجڻ ۾ آيو.

چندر ونسي آرين جا ڪل يا خاندان: رگ وید ۾ جاڻايل چندرونسي گهراڻي وارا آريہ لوڪ جدا جدا ڪلن ۾ ورهايل هئا، جن مان پنجن ڪلن يا خاندانن وارا مڪيہ هئا، جنهنڪري "پنج جن" يعني پنج ڄڻا يا پنجن نياتن وارا (Five folds or five peoples) رگ وید ۾ گهڻا گهمرا ڪمآيل آهي. مطلب تہ چندرونسي گهراڻي وارن جون پنج مڪيہ شاخون هيون، ۽ هر شاخ وارا پنهنجي ڪنهن وڏي ڏاڏي جي نالي پٽيان سڏبا هئا. انهن پنجن شاخن يا نياتن مان هڪڙا سڏبا هئا يدو (يادؤ يا جادؤ

ونسي)، ٻيا تروسو، ٽيا پُرو، چوٿان آنُو ۽ پنجان درهيون. اهي ڪير هئا، سا ڳالهه رگ ويد ۾ ڄاڻايل ڪانهي؛ پر اتهاسن ۽ پراڻن مان سندن سربستو احوال ملي ٿو.

راجا پروروس، جنهن بابت مٿي اڳي ئي چيو ويو آهي تہ چندرونسي گهراڻي جوبنياد وڌو هئائين، تنهن جو پٽ پوٽو راجا ييااتي هو، جنهن کي ٻہ راڻيون هيون: هڪڙيءَ جو نالو "ديويائي" هو، جا آسرن جي گرؤشڪر آچاريہ جي نياڻي هئي، ۽ ٻيءَ جو نالو "سرمشنا" هو، جا دئتن، دانون ۽ اسرن جا راجا "ورس پرون"(Varsparuan) جي نياڻي هئي. راجا ييااتيءَ کي راڻي ديويائيءَ مان ٻہ پٽ، يدو ۽ تروسو ۽ راڻي سرمشنا مان ٽي پٽ، درهيو، انو ۽ پرو هئا. انهن پنجن پٽن جو اولاد سندن ئي نالن پنيان سڏبو هو. مطلب تہ اهي "پنج جن" اصل هڪڙي ئي ڏاڏي جو اولاد هئا؛ پر پوءِ وچ ۾ گهڻيون پيڙهيون پئجي ويون هيون، جنهنڪري رگ ويد ۾ اهي علحديون علحديون شاخون هيون. ڪي پنهنجي ويجهي ڏاڏي تي ڪي ڪنهن ڏورانهين ڏاڏي جي نالي پنيان پاڻ کي سڏائيندا هئا. ائين جملي چاليهن کن خاندانن جا نالا رگ ويد ۾ ڄاڻايل آهن؛ پر منجهانئن مکيہ وري ٻہ "پنج جن" هئا. اهو "پنج جن" وارو خيال هن وقت "پنچات" لفظ ۾ سمايل آهي؛ جنهن جي اصل معنيٰ هئي "پنجڪن ڄڻن جو ميڙ".

سنڌ ۾ جادؤ ونسي: آڳاٽا آريہ لوڪ جدا جدا وقتن تي ٽوليون ٽوليون ٿي هندستان ۾ آيا هئا. ٻولين جي ڪوجنائن مان عالمن کي ايئن وسهڻ لاءِ سبب پيدا ٿيو آهي تہ ڪي آريہ لوڪ وچ ايشيا کان آرمينيا طرفان اول ايران ڏي ويا، ۽ پوءِ جبل جهاڳي ۽ لڪ لتاڙي هندستان ۾ آيا. پراڻن پٽاندر، راجا پروروس جنهن چندر ونسي گهراڻي جو بنياد وڌو، سو وچ هماليہ جبل واريءَ واٽ کان آيو هو. سندس ئي ڪل مان راجا ييااتيءَ جي ٻن پٽن يدو ۽ تروسو، جي اولاد بابت رگ ويد ۾ ڄاڻايل آهي تہ اهي سمند جي رستي آيا هئا، ۽ اندر ديوتا پنهنجيءَ ٻاجهہ سان ڪين سلامتيءَ سان آڻي پهچايو هو. انهيءَ باري ۾ ڪوجنائن ڪرڻ سان يوروپي عالمن

کي يقين ٿيو آهي تہ اهي يدو ۽ تروسو آريہ لوڪ بابل يا بئبلان (بئبلونيا) کان سمنڊ رستي اول سنڌ ۾ اچي رهيا هئا. اڳي انهيءَ طرف کان ماڻهو دنگين ۽ جهازن ۾ چڙهي، ايراني نار وارو ڪنارو ئي ڪنارو ڏيئي، سنڌونديءَ جي ڇوڙ وٽ اچي لهندا هئا. انهن کوجنائن جا وڏا بيان رايل ايشياٽڪ سوسائٽين جي جنرل ۾ ڏنل آهن. جن مان ٿورو مضمون سن 1910ع ۾ ڪراچيءَ جي ڊي. جي. سنڌ ڪاليج مسيلنيءَ ۾ ڇپجي پڌرو ٿيو. هن مان ائين سمجهجي ٿو تہ يدو ۽ تروسو آريہ لوڪ وچ ايشيا کان اولالهندي ايشيا طرف ٽڙي پکڙي ويا هئا، ۽ پوءِ اتان سمنڊ جي رستي سنڌ ڏي آيا هئا، يا هيئن بہ چئجي تہ هندستان ۾ اچڻ کانپوءِ ايڏانهن ويا هئا ۽ سمنڊ جي رستي موٽيا هئا. هرحال ايترو پڪ سان چئبو تہ رگ ويد واري زماني ۾ ئي آريہ لوڪ سمنڊ جو سفر ڪندا هئا، ۽ پروفيسر مئڪڊونيل جو چوڻ تہ رگ ويد آرين سمنڊ ڏنو ئي ڪونہ هو، سا بنهہ غلط ڳالهہ آهي.

يدو آريہ لوڪ راجا يدوءَ جو اولاد هئا، تنهنڪري يادؤ (جادؤ) ۽ يادؤ ونسي (جادؤنسي) يعني راجا يدوءَ جو اولاد سڏبا هئا. سري ڪرشڻ بہ جادؤ ونسي ڪل مان هو، جنهنڪري چئبو تہ سندس ابا ڏاڏا اصل ڪجهہ وقت سنڌ ۾ هئا. جيسلمير جا پٽي راجپوت، ۽ سنڌ، ڪچ ۽ ڪاٺياواڙ جا سما راجپوت بہ جادؤ ونسي ڪل مان آهن.

رگ ويد موجب يدو آرين سان گڏ بيا تروسو آريہ لوڪ سمنڊ جي رستي آيا هئا. انهن بابت پراڻن ۾ ڄاڻايل آهي تہ هنن پوءِ ڏکڻ هندستان ۾ وڃي پنهنجون بادشاهتون برپا ڪيون جي پانڊيہ، چول، ڪيرل وغيره نالن سان مشهور ٿيون. اتر هندستان جي ڪن آرين ۽ ڏکڻ هندستان جي چول لوڪن پوءِ بئبلونيا ۾ ٻين پاسي بينڪون وڃهي، يورپ تائين وڻج واپار پئي ڪيو، جي ڳالهيون بابت ٻارهين ۾ ڄاڻائيبيون.

ٻين آرين جون بينڪون: يدو ۽ تروسو آرين کانسواءِ ٻيا "يرو" آريہ لوڪ هئا. نهايت قديم زماني ۾ انهن مان پرت نالي هڪ نامياروراجا ٿي گذريو آهي، جو

راجا دشينت ۽ شڪنتلا جو پٽ هو، جنهن جي نالي پنيان سارو پارت کنڈ سڏجي ٿو. پرو آرين مان کي پنهنجي انهيءَ وڏي ڏاڏي جي نالي پنيان پاڻ کي "پرت" آريہ لوڪ سڏائيندا هئا. رگ وید واري زماني ۾ منجهانئن کي شتدري (ستلج)، تہ کي سرسوتي نديءَ جي ڪناري تي رهندا هئا. "پنج جنن" مان چوٿان "آنو" آريہ لوڪ هئا، جي "انو" يعني راجا انوءَ جو اولاد سڏبا هئا. رگ وید واري زماني ۾ اهي پرشني نديءَ جي ڪناري تي رهندا هئا، جا پوءِ "اراوتي" يعني تازگي بخشيندڙ يا فرحت ڏيندڙ سڏبي هئي. ۽ هاڻ اچار ڦري "راوي" ٿيو اٿس.
پنج جنن مان پنجاب "درهيو" آريہ لوڪ هئا، جي آنو آرين جا ويجها سوٽ هئا. انهن درهيو آرين مان هڪ جو نالو گندار هو، جو هاڻوڪي پشاور ۽ ان جي آسپاس وارن هنڌن ۾ راڄ ڪندو هو. سندس جيڪو گاديءَ جو هنڌ هو، سو سندس پنيان "گانڌار-گندار" سڏ بو هو، جنهن جو اچار پوءِ ڦري "قندار" ٿيو. اهي درهيو آريہ لوڪ پشاور ۽ ان جي آسپاس سنڌوندیءَ جي پرتي کنڊ ندين (ڪابل ندي وغيره جي ڪنارن تي رهندا هئا. مطلب تہ آڳاٽا آريہ لوڪ اول رڳو سنڌ، پنجاب ۽ اتر-اولهہ سرحد علائقو والاري وينا هئا، ۽ اهوئي رگ وید واري زماني جو هندستان ليکيو ويو آهي. جيئن مٿي اڳيئي چيو ويو آهي. ان وقت سنڌ جون حدون ڪهڙيون هيون، سو پتو ڪونهي. پر سپيتا سيني هنڌ ساڳي هئي.

آرين جي ٻوليءَ ۾ ڦير: آڳاٽن سيني آرين جي مادري زبان سنسڪرت هئي؛ پر هندستان ۾ اچڻ کان اڳ گهڻن هنڌ ڇڪيا ٿا ڏسجن ۽ جدا جدا هنڌن جي قومن سان لهہ وچڑ ۾ آيا ٿا ڏسجن. هندستان ۾ اچڻ کانپوءِ بہ منجهانئن کي سنڌ تہ کي پنجاب تہ کي اتر – اولهہ سرحد علائقي ۾ تہ کي بين هنڌ رهندا هئا. انهن ڳالهين جو پهريون ۽ مکيہ اثر سندن ٻوليءَ تي ٿيو. هن وقت سڄو هندستان چندرو ونسي گهراڻي جي راجا پرت جي نالي پنيان پارت کنڈ سڏجي ٿو، تنهنڪري جيڪو ائين سمجهجي تہ اهي پرت آريہ لوڪ، جي پرو آرين جي شاخ مان هئا، سي پنج جنن ۾ برڪ هئا؛ ۽ سندين ئي ٻولي نيٺ هئي؛ پر رگ

ويد ۾ بين آرين کين سڏيو آهي. "مڌ رواچ" (Mrdhra – Vacha) يعني جن جي بولي پوريءَ ريت سمجهڻ ۾ نه اچي (رگ ويد، منڈل ستون 13،18) ۽ منڈل ڏهين (5،23) ۾ اڻ آريه قومن لاءِ به ڪم آيل آهي. هن مان ظاهر آهي ته بين آرين کان پرو (پرت) آريه لوڪ اڻ آريه قومن سان گهٽو لهه وچڑهه ۾ آيا هئا، جنهنڪري ٻيا آريه، جي جيتوڻيڪ سندن ڏورانهان سوٽ هئا، تن کان سندين بولي وڌيڪ ڦريل هئي، جنهنڪري اهي "مرڌ رواچ" سڏيا نويا آهن.

ڏرم ڪرم ۾ ڦير: آرين جي نه رڳو بوليءَ ۾ ڦير هو، پر ڏرم ڪرم ۾ به ڦير هو. مثلاً سري ڪرشڻ جا ابا ڏاڏا، جي يدو آريه (جادؤ ونسي) هئا، ۽ سندن ويجها سوٽ جي "تروسو" آريه سڏبا هئا، تن کي رگ ويد ۾ بين آرين کار وچان "داس" سڏيو آهي، جو اهي ڪجهه وقت ويدن کي کين مڃيندا هئا – (رگ ويد، منڈل ڏهون). پوڄا ۾ به ڦير هئن. جيڪي آريه ويدڪ ڏرم جا هئا، سي اندر ديوتا جي پوڄا ڪندا هئا. جيڪي ويدڪ ڏرم جا نه هوندا هئا، سي اندر پوڄا جي برخلاف هوندا هئا. اهي وري لنگ جا پوڄاري هوندا هئا، ۽ "شيشنه" ۽ "شيشنه ديوا" سڏبا هئا يعني جن جو "اِشٽ ديو" (Chosen Deity) "شيشنه" (لنگPhalus) هجي. ويدڪ ڏرم وارا لنگ جي پوڄا جي بنهه برخلاف هوندا هئا، جنهنڪري رگ ويد ۾ لنگ جي پوڄارين لاءِ ڏڪار ظاهر ڪئي اٿن، ۽ کين "اَڪرمن" (ڪريا ڪرم کان رهت (Riteless)، "ابراهمڻ" (Without devotion) ، "آديويه" (In different to Gods) ، "آيجنيه" يعني يگيه نه ڪندڙ (Not Sacrificing) ۽ بين اُڳرن نالن سان سڏيو اٿن. مطلب ته لنگ جي پوڄارين جو ڏرم ڪرم اندر جي پوڄارين کان بنهه علحدو هو.

لنگ جي پوڄا: ڪيترن يوروپي عالمن کي کوجنائن ڪرڻ سان معلوم ٿيو آهي ته دنيا جي سيني پوڄائن مان لنگ جي پوڄا جو رواج نهايت قديم آهي. قديم مصر ملڪ جا رهاڪو ۽ آڳاٽا يوناني ۽ رومن لوڪ "پريئپس" (Priapus) کي پوڄيندا هئا. قديم بت پرست يهودي "بيئل پيور" (Baal peor) کي، ۽ کي قديم لوڪ "بچوس (Bachhus) کي پوڄيندا هئا. اهي سڀ ديوتائن کري ليکبا هئا، پر اهي سڀ لنگ جون پوڄائون هيون.

يوروپي عالمن جو اهو ٻ چوڻ آهي تہ لنگ جي پوڄا انهيءَ قديم زماني جي آهي، جنهن ۾ ماڻهو بلڪل ابوجهہ هوندا هئا، ۽ ائين وسهندا هئا تہ قادر ۽ سنديس قدرت هيءُ جهان ائين پيدا ڪيو آهي، جيئن مرد ۽ زال جي ميلاپ ٿيڻ ڪري ٻار پيدا ٿئي ٿو. انهيءَ سبب لنگ کي ديوتا ڪري پوڄڻ لڳا.
قديم دراوڙ لوڪ لنگ جا پوڄاري هوندا هئا، جيئن رگ وید مان معلوم ٿئي ٿو. ويجهڙائيءَ ۾ مهن جي دڙي مان ڪيترا لنگ لڌا آهن، جا ڳالهہ سر جان مارشل ڄاڻائي آهي. مصنف کي ائين سمجهڻ ۾ اچي ٿو تہ اهي دراوڙ هئا، جي سنڌو ماڙ مان اول ڏکڻ هندستان ڏي ويا، ۽ پوءِ الهندي ايشيا ۽ يورپ ڏي وڃ واپار سانگي بينڪون وڌائون، ۽ انهيءَ پاسي لنگهہ جي پوڄا جو رواج ٻ ڦهلايائون، جنهنڪري ناروي ۽ اسڪئنڊينيويا طرفان مهاديو جي مندرن جا نشان لڌا آهن، جا حقيقت پروفيسر نلسن ڄاڻائي آهي.
آرين ۾ جيڪي "آنو" آريہ هئا، تن ٻ شايد قديم دراوڙ لوڪن سان لهہ وچڑهہ ۾ اچڻ سبب لنگ جي پوڄا جو رواج اختيار ڪيو هو. حقيقت ڪيئن ٻ هجي، پر اها پڪ آهي تہ جيڪي انو آريہ لوڪ هئا، تن جي هڪ شاخ وارا پاڻ کي "شوي" آريہ لوڪ سڏيندا هئا، ۽ اهي لنگ جا پوڄاري هوندا هئا، جيئن رگ وید ۾ ڄاڻايل آهي. پوءِ جيئن ڊاڪٽر انباش چندرداس ڄاڻايو آهي، انهن شوي آرين جي نالي پٺيان لنگ جي پوڄا تي نالو ئي پيو " شو جي پوڄا".[1]

آرين جي ڏرم ڪرم ۽ پوڄائن ۾ ڦير هو، تہ اول هڪ ٻئي لاءِ نفرت هين، ۽ وقتي پاڻ ۾ وڙهندا هئا؛ پر سنڌو ماڙ ۾ پوءِ نهي نڪي ويندا ۽ صلح سانت ۾ پنهنجيءَ سيپتا جو ڦهلاءُ ڪيائون. مها پارت واري زماني ڌاري لنگ جي پوڄا بلڪل عام ٿي ويئي، جنهنڪري لنگهہ جي پوڄارين ڏانهن پوءِ ڪوبہ نفرت جي نگاهہ سان ڪونہ نهاريندو هو.هاڻوڪن هندن مان ٻ ڪيترا وشنو پڳوان جا تہ ڪيترا شو پڳوان جا پوڄاري آهن، ۽ لنگ جي پوڄا ڪن ٿا.[2]

* عربي جاگرافي نويسن بہ انهيءَ سبب ان کي "سبع سين" يعني "ست درياهہ" ڪوٺيو آهي.

* What does tradition say about the origin of the Ailas or Aryans? It makes the Aila power begin at allahaabad, and yet distinctly suggest that they came from outside India. The legends and fables about the progenitor Pururavas Aila, all connect him with the middle Himalayan region. He was loosely associated with the Gandharvas. His WIFE Urvasi was a Gandharvi, as well as called an apsaras. The place the frequented were the river Manda kini (مندا ڪني) Alka "الڪا" the Caitraratha and Nandnna forests, the mountains Gandharmadana (گنڌمارنا) and meru and the land of the Uttara-Kurus regions to which the Gandharvas were assigned. From the Gandharvas the obtained sacrificial fire, his sons were known in the Gandharvas world, and he ultimately became united with the Gandharvas." F.E. Pargiter: Ancient Indian Historieal Tradition p. 297.

* "The Hindu statements have almost universally been regarded as very different from the fictions of an improved and credulour people and entited to a very serious and profound investigation." Historians History of the World. Vol. II, p. 495.

+ + "At the first dawn of the traditional history we see that these Aryan tribes, migrating across the snow of Himalyas southwards towards the "Seven Rivers" (the Indua, the five rivers of the Punjab and the Sarasvati), and ever since India bas been called their home. That before this time they had been living in more northern regions, within the same precincts, with the ancestors of the Greeks, the Italians, Slavonians and Celts, is a fact as firmly established as that of the Normans of William the Conqueror were the Northern Scandinavians". Prof. Max Muller: Chips from A German workshop, Vol. I, p.63.

* * ڊئت، دانو ۽ اسر اصل قومن جا نالا هئا، جيئن مهاپارت ۾ ڄاڻايل آهي، انهن قومن لاءِ پوءِ آرين نفرت ظاهر ڪئي، جنهنڪري انهن لفظن کي پوءِ خراب معنائون مليون. ابو پهاڙ جي آسپاس "شالو" لوڪ رهندا هئا، انهن کي دانو ۽ ڊئت سڏيائون. اٿرووِيد ۾ توڙي پارسين جي زنداوستا ۾ "داتو" لفظ انهن دشمنن لا3 ڪم آيل آهي، جن سان جنگ جوٽڻ گهرجي. "اَسر" (اهر) نالو ايرانين لاءِ ڪم آيل آهي، تنهنڪري شڪر آچاريہ ايران وارن آرين جو گرو چئبو. هندستان ۽ ايران وارا آريہ لوڪ اصل هڪ يڪي برادري هئا، ۽ پوءِ اهي بہ ڏار قومون ٿيون – جيئن مٿي اڳي ئي چيو ويو آهي: ۽ پٽ ڏسو پارجيٽر صاحب وارو ڪتاب صفحو 290 ۽ ڊاڪٽر مارٽن هاگ جا پارسي مذهب بابت مضمون صفحو 279.

* Thou roaring Indra, dravest on the waters that make a roaring sound like rushing rivers. What time, O Hero, o'er the sea thou broughtest, in safety broughtest, Turvasu and Yadu." Reg Veda VI-20, 12. Griffith's Translation.

Gul Hayat Institute

[+] "We know from recent historical reasarch that before the Aryan conquest, Sindh was peopled by the tribes of Yadus and Turvasus." D.J. Sindh College Miscelency, monsoon term issue of 1910, p.82.

[*] گرنار ڪوٽ جو حاڪم راءِ ڏياج سنڌ (ننگر ٺٽي) جي چوڙا سما راجپوتن مان هو، تنهنڪري شاهه جي رسالي ۾ هو "جادم" (جادؤ) يا جادؤ ونسي سڏيو ويو آهي.

"پسي پاٽ پر ٿيو، سندو جادم جود". (شاهه)

سنڌ جي حاڪم جام تماچيءَ جو پائٽيو (جام اوڍي جو پٽ) جڪرو هو، تنهن کي به شاهه صاحب "جادم جڪرو" سڏيو آهي – هن مان ظاهر آهي ته شاهه صاحب کي سڌ هئي ته سما راجپوت جادؤ ونسي ڪل مان هئي. تنهنڪري کين "جادم" (جادؤ) سڏيو اٿس. (مصنف).

[*] F.E Pargiter: Ancient Indian Historical Tradition. P.108.

[*] "The Yadus and the Turbases where designated as Dasas, because they had seceded from the Vedic faith for a time." (Reg. Veda X, 62, 10) quoted by Dr. A.C. Das: Reg. Vedie Culture Pate 128.

[*] "The Yadus and the Turbases were designated as Dasas, because they had seceded from the Vedic faith for a time." (Reg. Veda X, 62, 10). Quoted by Dr. A.C. Das: Reg. Vedie Culture Page 157 and 164.

[**] ** Forlong: Rivers of Life, Vol. II, p. 38 et seq.

[*] Dr. A.C. Das: Reg. Vedic Culture, p. 166.

[**] "Phallus worship was probably of prehistoric age in India, and by the time of the Mahabharat it had won its way into the orthodox Hindu culture." The Cambridge history of India Vol. I. p. 85.

Gul Hayat Institute

باب انون

آرين جي سپيتا جو اوائلي احوال

سپيتا جا ٽي زمانا: رگ وید جا منڈل (Cycles) جدا جدا زمانن جا جڙيل آهن. خود رگ وید ۾ ٽن زمانن جو ذڪر آهي: قديم وچولو ۽ آخرين، (منڈل ٽيون، 32، 13 ۽ منڈل ڇهون، 21، 5)انهن منڈلن ۾ جيتوٽيڪ ڏرمي ڳالهيون آهن، تہ بہ انهن مان پنگتي ۽ ملڪي ڳالهين جو ڪيتري قدر پتو پوي ٿو. انهن مان اهو بہ معلوم ٿئي ٿو تہ آرين جي سپيتا جا بہ مکيہ زمانا ٽي هئا. پڑهندڙن کي سجي ڳالهہ سمجهڻ ۾ سولي ٿئي، تنهن لاءِ اسين ٽن زمانن کي هينئينءَ ريت ورهايون ٿا:

(1) جنهن ۾ آريہ لوڪ ڏڻ ۽ شڪار تي گذران ڪندا هئا.
(2) جنهن ۾ آريہ لوڪ ڏڻ ڏارڻ سکيا هئا.
(3) جنهن ۾ آريہ لوڪ ڪيتي ڪرڻ سکيا هئا.

حقيقتاً سڀني سڌريل قومن ائين ترقي ڪئي آهي؛ پر چوپائي مال ۽ ڪيتي جي اوني آڳاٽن آرين ۾ کي اهڙا خيال پيدا ڪيا، جي ٻين قومن کي نہ آيا. قادر ۽ قدرت ۽ جيوت جي مسئلن بابت ويچار بہ پنهنجي نموني ٽي ڪيائون. انهن سڀني سببن ڪري هندو سپيتا هڪ نموني ٽي پيئي، ۽ هندو ڌرم ئي علحدو ٿيو. مٿئين هرهڪ زماني جو هتي ڏار ڏار ذڪر ڪجي ٿو، تہ سپيتا جو واڌارو سمجهڻ سولو ٿئي، ۽ اهو بہ سمجهڻ ۾ اچي تہ هندو جاتي ٻين جاتين کان ڪيئن نرالي ٽي.

ڏڻ ۽ شڪار: "قديم سپيتا جي شروعات" جو ذڪر ڪندي، باب پهرئين ۾ اڳي ئي ڄاڻايو ويو آهي تہ قديم هجري زماني ۾ سڄيءَ دنيا ۾ برف گهڻي پوندي هئي، جنهنڪري کيتي ڪرڻ ناممڪن هوندي هئي، ۽ ماڻهو ڏڻ (جهنگلي اَن ۽ ميون وغيره) تي گذران ڪندا هئا. رگ وید واري بنهہ اوائلي زماني ۾ بہ آڳاٽا

آريہ لوڪ ڏڻ ڪائي پيڙ پريندا هئا، ۽ اهو دستور ٿر، ڪوهستان ۽ بين هنڌن جا مسڪين ماڻهو اڄ تائين هلائيندا پيا اچن.

قديم زماني ۾ ڄجهيءَ برف پوڻ سبب وڻ ٽڻ سڙي ويندا هئا، جنهنڪري جهنگلي پيدائشون (ڏڻ) ڪو وقت ٽيندیون ئي ڪين هيون. هن وقت پارو ڪنهن اتفاق سان پوي ٿو، تہ بہ ٿر ۾ ڏسو تہ ڪنهن سال برسات نہ پوندي آهي، تہ وڻ ٽڻ سڙي ويندا آهن، جنهنڪري چوپايو مال مڪين وانگر مري ويندو آهي، ماڻهو بک ۾ اهڙا پاڻ پيا ٽيندا آهن، جو پيٽ وجي پنيءَ سان لڳندو اٽن ۽ اهڙو سخت ڏڪار پوندو آهي، جو اُتان جنسي رت جي بانس پيئي ايندي آهي. هاڻ پڙهندڙ پاڻيهي تصور ڪري سگهندا تہ قديم زماني ۾ ڄجهيءَ برف پوڻ ڪري وڻ ٽڻ سڙي ويندا هئا، ۽ جهنگلي پيدائشون ڪو وقت ٽيندیون ئي ڪين هيون. تہ ماڻهن جي ڪهڙي حالت ٽيندي هئي. برف پوي ڪي ڏڪار پوي، تہ بہ پيٽ تہ ڪنهن کي نٿو ڇڏي. اهڙين حالتن ڪري آڳاٽن آرين ۾ مڇي ماس ڪائڻ جو رواج پيو. مها پارت ۾ ڄاڻايل آهي تہ هاڻوڪا چار ورن پوءِ ٺهيا، نہ تہ اصل رڳو هڪڙو ورن هو، ۽ سڀ آريہ لوڪ براهمڻ هئا؛ پر "پيٽ بري بلا"! چوڻي بہ آهي تہ "ستين لنگهڻي ڪتو بہ حلال". بين قديمن قومن وانگر هي براهمڻ (قديم آريہ لوڪ) بہ شڪار ڪري پيٽ پالڻ لڳو.

قديم زماني ۾ شڪار ڪيئن جهلنيدا هئا؟ اها وات ماڻهن کي قدرت سيکاري. باز ۽ ٻيا وڏا پکي ننڍڙن پکين جو شڪار ڪن ٿا. اهو نمونو اکين سان ڏسي، پکين جو شڪار ڪرڻ لاءِ ماڻهو باز ڏارڻ لڳا. اهو قديم زماني جي دستور سنڌ ۾ توڙي بين ڪيترن هنڌ اڄ تائين هليو اچي.

"سو پي ڏار ۾ سڪرو جنهن کي پک نہ پر".

شاهہ

شڪريو چيڪ، سيچاڻو، بحري، باشو، بشين ۽ ٻيا قسمين قسمين باز اڄ تائين ماڻهو پالين ٿا. هن وقت سنڌ ۾ اڪثر رڳو مسلمان شوق وچان (۽ نہ بک سببان) باز ڏارين ٿا.

Gul Hayat Institute

ڪتا ۽ شڪار جهلين ٿا، تن ۾ تازي ڪتو شڪار جهلڻ جو اُستاد آهي. آڳاڻي ماڻهن ڪتن کي سڪار جهلينڊو ڏنو، ته پاڻ ۽ شڪار لاءِ ڪتا ڏارڻ لڳا. اڄ تائين کي شڪار ڪرڻ لاءِ ڪتن جون لوڏيون پاڻ سان وٺي ويندا آهن. پاليل ڪتاب قديم لوڪن جي جان جو ۽ بچاءُ ڪندا هئا. جهنگلي مرون مٿن ڪاهي ايندا هئا، ته انهن تي ڪتن جي ڇڄ ڪرائيندا هئا. مطلب ته پڪين مان اول باز ۽ پسن مان اول ڪتو انسان ذات زات کي ڪمائتو ٿيو، جن مان ڪتو اڄ تائين ماڻهن جي در جو دربان آهي. ڳوٺڻ ۾ ڏسو ته ماڻهو ڪچين پونگين ۾ بنا ڪڙن ۽ ڪلفن جي رهن ٿا، ۽ پوليس جو پهرو ۽ وٽن ڪونهي، ته ۽ رات جو بي اونا ٽي ننڊ ڪن ٿا. ڪتا در تي بينا اٽن. اُهي ڪوڏاريو ماڻهو ڏسن، ته پريان ئي پهوڙ لائين ۽ ويجهو اچي ته ڇنگهه ڦاڙي ڪڍنس. رگ وید ۾ ڪتن جو گهڻو ئي ذڪر آهي. آڳاٽن ماڻهن کي شڪار هٿ ڪرڻ ۽ پنهنجي جان جي بچاءُ لاءِ هٿيار ٺوهارن جو ۽ ضرور ٿيو. ڇاريون ۽ ناهيندا هئا، جن جي وسيلي شينهن ۽ ڦاسائي سگهندا هئا. (رگ وید منڈل پنجون).

هٿيار ٺوهار: سيني ساهوارن کي پنهنجي جان بچائڻ لاءِ قدرت کي نہ کي هٿيار پنهنجي اسلح خاني مان ڏيئي ڇڏيا آهن. شينهن، رڇ، باز وغيره کي ڪو نقصان پهچائڻ ويندو، ته چنبو هڻندس، ڪتو ڏاڙهيندس ۽ ٻلو رهندا پائيندس، ماڻهو ماڻهوءَ کي ماريندو، ته اڳلو مُڪون ۽ لَتون هڻندس، يا چڪ چهندڙا پائيندس. چوٽي ۽ آهي ته "چڪر کي لتر پڄي!".

اهي اوائلي هٿيار آهن. ماڻهن پوءِ هوش هلائي ٻيا هٿيار ۽ ڪم آندا. جهنگلي مرن ۽ پڪين کي هڪالي ڪڍڻ لاءِ کي سوليون سهنجيون واڻون ۽ اختيار ڪيائون. وقتي انهن کي وات سان هڪ ڏيندا هئا. يا تاڙي وڄائي ڊڄاريندا هئا، يا پٿر هڻي ڀڄائيندا هئا. جيڪڏهن انهن اُپائن مان پورت نہ پوندي هئي ته ڪنهن وڻ مان ٽاري ڇني، يا لئيءَ وغيره مان لڻ پيجي، انهن سان جهنگلي جانورن کي ماري ڪٽي ڀڄائيندا هئا. انهيءَ ريت سندن مکيہ هٿيار اول هئا پٿر، ڇها ۽ لئيءَ يا بانس جون لڻيون پائنجي ٿو ته هٿ ۾ لڪڻ ۽ لڻ ڪٽڻ جو رواج ائين شروع ٿيو.

جهنگلي مرن ۽ بکين کي هڪالي ڪيڏ لاءِ وڻ جي ٽاري يا ڪا لڻ تڏهن ڪم آڻي سگهبي، جڏهن اهي بنهه ويجهو ايندا، تنهن کان پريان ئي چو نه هڪالي ڪيجين؟ اهڙيءَ حالت ۾ پريان ئي پٿر هڻڻ جو رواج هو. پوءِ ماڻهن هوش هلائي کانپاڻيون ناهيون، ته پٿر هيڪاري پري اڇلڻ سولو ٿئي، ۽ ڪنهن جهنگلي مرونءَ يا دشمن کي پاڻ تائين اچڻ ئي نه ڏجي. اڄ به جهاز هڪلڻ لاءِ کانپاڻيون ۽ گليلا يا ڳوڙها هاري ناري عام طرح ڪم آڻين ٿا. رگ وید ۾ پٿرن، هڏن، سڳن ۽ ڪن ڏاتن مان ٺهيل هٿيارن جو ذڪر آهي. مثلاً گهوڙي جي پاسريءَ جو هڏو ("آشو پرشو") کهارو يا ڏاتو ڪري ڪم آڻيندا هئا. ماڻهن پوءِ وڌيڪ هوش هلائي ڪمائون ۽ تير ناهيا، جي پهريائين رڳو پکين جي شڪار ڪرڻ لاءِ ڪم آڻيندا هئا. سنڌو ماڻر ۾ رهندڙ آڳاٽا آريه لوڪ اهي هٿيار ڪيئن ناهيندا هئا، سا سڌ ڪن قديم لفظن جي بنيادن مان پوي ٿي، جي اڄ تائين سنڌي ٻوليءَ سانديا آهن، جنهنڪري انهن لفظن جو گهڻو قدر ڪرڻو پوي ٿو.

سر جو سنڌو سڃڻين، سينگ منجهان سيلو،
ٽينگر ٽڪيو ڪينڪي، پار لنگهيو پيلو.
هڻڻ سين حيلو، جانب جيڏو ئي ڪيو.

شاهه

هتي پهريون ئي پهريون لفظ آهي "سر"، جو رگ وید جي منڈل پهرئين (100، 18)، منڈل ٻئي (12، 10)، منڈل چوٿين (3،7) ۽ ٻين منڈلن ۾ ڪم آيل آهي، جنهنڪري ڇٻو ته شاهه صاحب بيت ۾ هيءُ نهايت قديم زماني جو لفظ ڪم آندو آهي. مٿئين بيت ۾ "سر" جي معنيٰ آهي "تير"؛ پر اصل ۾ اهو سر جو ڪانو آهي، جنهن جي ڳاهه کي سٽي ڪٽي "مڇ" ڪري، ان مان نوڙيون ناهيندا آهن. رگ وید واري اوائلي زماني ۾ سر جي ڪانن مان تير جوڙيندا هئا، تنهنڪري سنسڪرت توڙي سنڌيءَ ۾ "سر" لفظ جون اهي ٻئي معنائون آهن. نهايت قديم زماني ۾ ڪانن مان تير جوڙڻ جو رواج عام هو، تنهن ڪري هاله جي ساک ٻيا به کي لفظ پرين ٿا.

تير لاءِ ٻيو سنڌي لفظ آهي "کان"، جو اصل ۾ آهي سنسڪرت لفظ "کانڊ"، جنهن جي ٻي معنيٰ "کانو" ٻه آهي. مطلب ته "کان" ۽ "کانو"، ساڳيئي بنياد وارا لفظ آهن ۽ ڄاڻائين ٿا ته اڳي کانن مان تير ناهيندا هئا. اهو رواج ايران ۾ ٻه هو. پارسيءَ ۾ "کلک" معنيٰ قلم ۽ ٻي معنيٰ "تير"، سنڌيءَ ۾ "کلک" معنيٰ کاني مان نهيل قلم، جنهن سان ليکجي؛ پر جڏهن چئون "کرک" تڏهن معنيٰ اٿس "تير"؛ ائينلفظ ساڳيوئي؛ پر اچار ڦريل.

هنيم هوت کرک، لوڏيان لوهه نه نکري."

شاهه

سر جو کانو يا ٻيو کهڙو ٻه کانو تير وانگر اڇلائبو ته اهو پکيءَ کي ماري کين سگهندو، تنهنکري کانن سان شڪار کيڏن کندا هئا؟ اها خبر "سيلو" لفظ مان پوي ٿي، جو پڻ شاهه صاحب متئين بيت ۾ کم آندو آهي. اهو اصل ۾ آهي سنسڪرت لفظ "شليه"، جو رگ وید جي منڈل ڇهين (75،11) ۾ کم آيل آهي. سنسڪرت ۾ هڪڙي معنيٰ اٿس "تير" ۽ ٻي معنيٰ "ڪنڊو"، يا اهڙي شيءِ جا جسم ۾ گهڙي ايذاءُ ڏئي. هاڻ ظاهر آهي ته قلم يا کانو، جو تير ڪري کم آڻيندا هئا، تنهن ۾ سيلهه يعني ڪنڊو يا ڪا تکيءَ ڇهنب واري هڏي وغيره اٽڪائيندا هئا ۽ اها پکيءَ کي ايذاءُ رسائيندي هئي.

ٽينگر ٽکيو کينکي، پار لنگهيو پيلو."

شاهه

"پيلو" اصل ۾ آهي سنسڪرت لفظ "پيلؤ" جنهن جي ٻه معنيٰ آهي "تير". ان جو ڏاتو يا بنياد آهي "پيل" (Peel) معنيٰ روڪڻ، بيهارڻ، ڪڏڻ يا بدحواس ڪرڻ. هاڻ چگيءَ طرح سمجهڻ ۾ ايندو ته کاني ۾ ڪنڊو يا ڪا ڇهنبدار شيءِ اٽڪائي، اها تڏير وانگرت اڇلائيندا هئا ته ان جي لڳڻ ڪري پکي اُڏامڻ کان روڪجي پوندو هو يا بدحواس ٿي ويندو هو، جنهنڪري هن کي آسانيءَ سان جهلي سگهندا هئا.

تير لاءِ ڪمان ضروري آهي. "ڪمان" پارسي لفظ آهي. ان لاءِ نج سنڌي لفظ آهي "سينگ"، جنهن جي بنيادي معنيٰ آهي "سگ مان نهيل".هي لفظ ڄاڻائي ٿو ته

ڪنڌي مينهن، جنهن جو سڳ وريل ٽئي ٿو، يا هرڻ وغيره جو وريل سڳ، اڳي ڪمان ڪري ڪم آڻيندا هئا.

ڪمان لاءِ ٻيو لفظ اسان وٽ آهي "چاپ"، جو نج سنسڪرت لفظ آهي ۽ بنيادي معنيٰ اٿس "بانس جي وريل ڪاني"، جيئن پروفيسر آپٽي واريءَ سنسڪرت ڊڪشنريءَ ۾ ڄاڻايل آهي. هن ريت اهي لفظ ڄاڻائين ٿا ته آڳاٽا لوڪ ڪنهن جانور جو وريل سڳ يا بانس جي مڙيل ڪاني، ڪمان وانگر ڪتب آڻيندا هئا. آڳاٽن ماڻهن اهي سولا سهنجا رستا اختيار ڪري تير ڪمان جوڙيا ته پڪين جو شڪار ڪرڻ سولو ٽئي. مطلب ته ضرورت وقت اهو هنر سيکاريائون ۽ پوءِ ان ۾ ترقي ڪيائون. جيڪڏهن هٿ ڪيل شڪار کي ماڻهو يا جانور کسڻ ايندن، يا کو مرون خود کين کائڻ ايندو ته ڪمانن جا تير ڪهڙو بچاءُ ڪندا؟ اهڙيءَ حالت ۾ مضبوط تيرن جوڙڻ جي ضرورت ٿي.

پنجاب ۽ سنڌ جا آڳاٽا آريه لوڪ پوءِ لڙائين ۾ به اهي مضبوط تير ڪم آڻڻ لڳا؛ پر اول تيرن جي ڇنبن کي ڪنهن زهر جو مک ڏيئي ڇڏيندا هئا، (اٿرو ويد منڊل ڇوٿون 776؛ منڊل پنجون 18،8 ۽ ٻيٽيو رگ ويد منڊل ڇهون 75، 15). انهيءَ تير لڳڻ ڪري ڪنهن کي رڳو رهڙ پئجي ويندي هئي، ته به زهر جهٽ رت ۾ ملي، اڳلي کي ماري وجهندو هو. اهو زهر ملائڻ جو رواج آفريڪا ۾ بلڪل گهٽو هو، جنهن جا ڪيترا مثال مسٽر هينري سٽئنلي ڏنا آهن. ماڻهون پوءِ ٽامو، لوهه وغيره مارڻ سکيا، ته عام طرح تيرن جون ڇنبون رڪ مان جوڙيندا هئا. رگ ويد جي منڊل ڇهين (75،11) ۾ "ايومڪم"، (Ayo-Mukham) لفظ ڪم آيل آهي، جنهن جي معنيٰ آهي لوهه جي منهن (ڇنبن) وارو. هن مان پڌرو آهي ته رگ ويد واري زماني ۾ ئي رڪ جي راسين (نوڪرن) وارا تير ڪم ايندا هئا. اهو رواج پوءِ ڪلهوڙن جي صاحبيءَ تائين ساندهه هلندو آيو، جنهنڪري شاهه صاحب به چيو آهي ته:

"پنهونءَ جي پيڪان جون راسيون منجهان رڪ".

شاهه

جيئن وقت ويو گذرندو، تيئن سنڌو ماڻر جي رهاڪن تير اندازيءَ ۾ حيرت جهڙي ترقي ڪئي. انهيءَ ڳالهه جو جڏهن ذڪر مها پارت ۽ ڪن پراڻن ۾ آهي، جي رگ وید واري زماني کان گهڻو پوءِ ٺهيا، تنهنڪري انهن جو ذڪر پوءِ ڪبو، هتي رڳو ايترو ڄاڻائجي ٿو ته رگ وید واري زماني ۾ اڳاڻن آرين وٽ جيڪي رڪ جي راسين (نوڪن) سان تير هوندا هئا، تن سان پڪ به ٻڌندا هئا، ته انهن جي رفتار تڪي ٿئي، پکن ٻڌل تير ڇهه مان چمڪندو، ڪڙڪڙ ڪندو ويندو هو. هيءَ ڳالهه رگ وید جي منڊل ڇهين جي سُوڪت 75 ۾ ڄاڻايل آهي. مطلب ته سڪار ڪرڻ لاءِ ماڻهو اول جهڙا تهڙا تير ڪمان جوڙيا ۽ پوءِ تير اندازيءَ ۾ حيرت جهڙي ترقي ڪيائون. ماڻهو پوءِ ڏڻ ڏارڻ سکيا. انهيءَ چوپائي مال سندن حوصلو ڪيتري قدر وڌايو، سو احوال نهايت مڪيه آهي.

ڏڻ ڏارڻ جو رواج: اڳاڻا لوڪ اول ڏڻ ۽ شڪار تي گذران ڪندا هئا، ته اهو گويا اڪاسي ورت هو. ڪنهن وقت پاري پوڻ سبب وڻ ٽڻ سڙي ويندا، ته ڏڻ ملي ڪين سگهندو. شڪار به ڪنهن وقت هٿ ايندو، ته ڪنهن وقت نه به ايندو، ته به پيٽ ڪين ڇڏيندو. پوءِ ته ماڻهو ٻُک ۾ ڇتا ٿي هڪ ٻئي جو چڪين ماس چنندا ۽ آدم خور ٿي پوندا. آدم خوريءَ جو بنياد پيو ئي بک منجهان. انهيءَ سبب ڄڻبو ته چوپائي مال مان انسان زات تي وڏو ئي احسان ڪيو آهي، جو انهيءَ ماڻهن کي آدمخور ٿيڻ کان بچايو ۽ ترقيءَ جي راهه ۾ قدم وڌارايو.

ماڻهن اول ڪهڙا ۽ پوءِ ڪهڙا چوپايا ڏاريا، سا ڳالهه ڪنهن به ڪتاب ۾ ڪليءَ ريت ڄاڻايل ڪانهي؛ پر يجر وید جي تئستريه براهمڻ گرنٿ (177، 4،1-6) مان اهڃاڻ ملي ٿو. ان ۾ ڄاڻايل آهي ته "پرجا پتيءَ (برهما) ماڻهن ۾ پهريائين براهمڻ خلقيا ۽ جانورن ۾ ٻڪريون؛ پوءِ ڪتري ۽ رڍون، ۽ انهن کانپوءِ وئش ۽ گايون پيدا ڪيائين، ۽ پڇاڙيءَ ۾ شودر ۽ گهوڙا خلقيائين"، هن منجهان ڪيترن عالمن کي ائين سمجهڻ ۾ اچي ٿو ته اڳاڻن آرين درجي وار ڄاڻايو آهي ته ماڻهن اول ٻڪريون، پوءِ رڍون ۽ انهن کانپوءِ گايون ڏاريون، ۽ انهن کانپوءِ گهوڙا

ڏاريائون. هن مان اها به سڌ پوي ٿي ته چوپائي مال ڏارڻ ۾ ماڻهن اول ٿوري تڪليف ورتي ۽ پوءِ وڌيڪ تڪليف ونڻ تي پاڻ کي هيريائون.

ٻکري سياڻ جي مانيٽي آهي. اُها جهلڻ به سولي ته پالڻ به سولي. ان لاءِ نڪو آهر ناهڻو پوي، نڪا ڪوندي جوڙڻي پوي. جيڪو به گاهه مليس سو کائي وڃي. چوڻي به آهي ته "اُٺ واري اَکرو، ٻکري واري ڪاکرو"، يعني اُٺ اَڪ جو ٻوٽو ڪونه کائي، (ٻيا سڀ وڻ ۽ ٻوٽا کائي) ۽ ٻکري ڪکرو ڪونه کائي، باقي جيڪو به گاهه مليس، سو رڙکي وڃي. ٻکريءَ مان سڪ به گهٽا. کير به ملي ته گوشت به ملي. ٻکري جي کل مان سانداريون ۽ ٻيون شيون ناهيندا آهن، ۽ ان جي ڏاس وٽي نوڙيون ڪندا آهن. ٿر ۽ ڪوهستان ۾ اڄ تائين ڪيترا رڳو ٻکريون ڏارين. جبل جا ماڻهو ڏسو ته مانيءَ کائڻ مهل هڪ ٻکري اڳيان بيهاري ڇڏين. هڪ هڪ گرهه ڇپاڙيندا، مٿن ٻکريءَ مان گوهو پنهنجي وات ۾ هڻندا وڃن! مانيِ اجهو ائين کائين.

ٻکرين کانپوءِ ماڻهو ريڍون ڏارڻ لڳا؛ پر انهن جو اصلوڪو ماڳ روهه ولايت يا جابلو ملڪ آهي. اهي سڀ ڪنهن کي سولائيءَ سان هٿ به نه اچي سگهن، تنهنڪري انهن جي ڏارڻ جو رواج پوءِ عام ٿيو. قديم آريه لوڪ دنبي جو گوشت دل ڪري کائيندا هئا، (رگ وید منڈل ڏهون 17،27). ريڍن ۽ گهيٽن جي اُن مان پوءِ ڪٽا، لويون، ڪمريون وغيره جوڙيندا هئا، ۽ اهو رواج اڄ تائين هليو اچي. ٿري ماڻهو اڄ تائين ڪٽا ۽ لويون ڏيکين ٿا، جنهنڪري سنڌي شاعرن کين "ڪٽيرا" يعني ڪٽو ڏيکيندڙ ۽ لوئرياڙا" يعني لوئي پهريندڙ سڏيو آهي.

ٻکرين ۽ ريڍن کانپوءِ گاين ڏارڻ جو رواج پيو، گايون جيستائين جهنگلي آهن، تيستائين شوخ آهن ۽ جهلڻ ڏکيون آهن. هڪ واريءَ پالجين ٿو ته پوءِ سياڻ جيڪي سو ڀريو ٿڏو ٿئين ٿو. انهيءَ هوندي به ڪي گايون "ڪٽر" ٿيندڙيون آهن. انهنکي ڏهبو آهي ته کيٽو ڪنديون آهن. ويجهو وڃبو ته گانءِ جي لت جو ڪاءُ پيو پوندو. ڪي ارڳيون گايون خود پنهنجن ڦرن کي به کير ڏائڻ ڏکيو ڏين. گاين جي ٿهل به گهٽي ڪرٽي پوي ٿي، جهنگ چري ايندڙيون، تنهن کانپوءِ ڪڙ ڪتر وغيره کپين. هڪڙو جهلڻ ڏکي، ٻيو پالڻ ڏکيو، تنهنڪري گاين ڏارڻ جورواج

پوءِ پيو، پر ڪير ۽ مڪڻ تہ ڳائو! ويلي ويلي تي گايون ڪير بہ جام ڏين، انهيءَ چوش وچان ماڻهن تڪليف جو خيال ڪونہ ڪيو ۽ ڳائو مال ويا ججهو هٿ ڪندا. انهيءَ مال سندن ايترو تہ ڏيان ڇڪيو، جو خود ماڻهن تي گوپال، گوند (گوبند)، گتم، گوپ، گوپي وغيره نالا رکيائون. "گسائين يا گوسائين" لفظ اصل ۾ آهي "گوسوامن" (گوسوامي) يعني گاين جو مالڪ، ۽ پوءِ مٿي ٽيو "سائين، ڏڻي، حاڪم". هڪ ساڌن جو فوٽو انهيءَ نالي سان سڏجڻ ۾ آيو. جهڙوڪ: گوسائين سواجگر" گاين ڏارڻ جو رواج انهيءَ نهايت قديم زماني جو آهي، جنهن زماني ۾ هندستان، ايران ۽ يورپ وارا آريہ لوڪ ميرو پربت طرف گڏ رهندا هئا. هن لاءِ هيءَ ثابتي آهي تہ گئو، گانءِ يا گنءُ لاءِ هڪڙو ئي لفظ اٽن. سنسڪرت ۾ "گو" معنيٰ گانءِ ۽ ان جو انگريزيءَ ۾ اچار آهي "ڪو" (Cow) ۽ پارسيءَ ۾ "گاو" جيئن "گوسائين" لفظ جي اصل معنيٰ آهي "گابن جو مالڪ" ۽ پوءِ معنيٰ ٽيس "سائين، ڏڻي يا حاڪم" تيئن رشيا جي بوليءَ ۾ "گوسپوڏار" (Gospodar) ۽ "گوسپودين" (gospodin) لفظن جي آهي. هنن لفظن ۾ سنسڪرت لفظ "گو" بجنسي ڪم آيل آهي.

گاين کان گهوڙا جهلڻ وڌيڪ ڏکيا آهن، جو اهي ڊوڙ جا تمام تکا آهن. گهوڙي لاءِ سنسڪرت ۾ جيڪي لفظ آهن، تن مان عام لفظ آهي "آشو"، جنهن جو اچار پارسيءَ ۾ آهي "اسپ". هن مان ظاهر آهي تہ قديم ايران ۽ هندستان جا آريہ لوڪ جڏهن گڏ رهندا هئا، تڏهن گهوڙي جي سڌ هين، جنهنڪري ان لاءِ لفظ ئي ساڳيو اٽن. سنڌي لفظ "گهوڙ" جو اچار سنسڪرت ۾ آهي "گهوٽڪ" (گهوٽ + ڪ)؛ پر اهو اصل دراوڙي لفظ آهي، جو پوءِ سنسڪرت ۽ سنيءَ ۾ عام ٽيو. آرين کان اڳ سنڌو ماڻر جا اصلوڪا رهاڪو دراوڙ لوڪ هئا، ۽ سنڌو ماڻر گهوڙن جي ڪري مشهور هئي، تنهنڪري ئي "گهوڙ" لفظ سنڌيءَ ۾ عام ٽيو. جن ڏينهن ۾ ماڻهن جو گهٽو گذران شڪار تي هوندو هو، تن ڏينهن ۾ ئي گهوڙن ڏارڻ جو رواج هو، جو هرڻ، ڦاڙها، سرهہ وغيره جن جي "چونگن واري چال" آهي، تن جو شڪار تڏهن ڪري سگهبو، جڏهن گهوڙي تي چڙهي انهن جي پنيان پئبو،

تئستريبہ سنهتا ۾ گهوڙن جو جنم شودرن سان گڏ جاڻايل آهي، تنهن مان سمجهجي ٿو تہ ماڻهو اول شڪار جي سهنج لاءِ گهوڙا ڏارڻ لڳا هئا ۽ تئستريبہ سنهتا واري زماني ۾ يعني يجر ويد واري زماني ۾ شڪار ڪرڻ شودرن جو ڪم ليکبو هو، پر اهي ئي ساڳيا گهوڙا دشمنن جي پنيان ڪاهي پوڻ ۽ بين اهرن وقتن تي نهايت ڪارائتا ٿين ٿا، تنهنڪري انهن ڪمائتن جانورن جو پوءِ ايترو مان ٿيو، جو خود راجائون پنهنجي سواريءَ لاءِ گهوڙا ڪم آڻڻ لڳا، راجائن بلڪ ديوتائن تي بہ "آشو" (پارسي آسپ) يعني گهوڙي جا نالا رکڻ لڳا، جهڙوڪ اشوپتي ۽ اشوني ڪمار، اُنن، گڏهن، مينهن، سانن ۽ هاٿين، وغيره ڏارڻ جو رواج گهڻو پوءِ پيو ٿو ڏسجي.

مٿي جيڪي چيو ويو آهي تنهن مان معلوم ٿيندو تہ آڳاٽا لوڪ ڏڻ ڏارڻ سکيا، تہ ڪير، ڏڏ، مڪڻ ۽ گوست ملڻ جو سهنج ٿين، جنهنڪري بک جو سوال گهڻي قدر حل ٿي ويو ۽ ماڻهو آدمخور ٿيڻ کان بچي پيا، چوپائي مال ڏارڻ ڪانپوءِ ماڻهن جو حوصلو ويو وڌندو. چوپائي مال جي ڪلن مان تنبو، سانداريون ۽ ٻيون شيون ناهڻ لڳا، جنهنڪري مينهن ۽ سيءَ ۾ بچاءَ ٿيين. اڄ تائين ڪيترا پوستين پهرين ٿا. هرڻن جو شڪار ڪندا هئا، تہ انهن جي سهڻي کل بہ پهريندا هئا. مرگ ڇالا يعني هرڻ جي کل ڪم آڻڻ جو رواج ڏينهون پوءِ وڌندو رهيو. اُن، ڏاس، ماس وغيره مان ڪٿا، لويون، خرزينون، پورا ۽ ٻيا ٽپڙ ناهڻ لڳا ۽ ائين هنرن جو واڌارو ٿيو.

نهايت قديم زماني ۾ ماڻهو پٿر ۽ وٽن جا ڏار ٽار هٿيار ڪري ڪم آڻيندا هئا (صفحہ 158)؛ پر پوءِ ڏڻ ڏارڻ سکيا، تہ جانورن جا هڏا بہ هٿيار ڪري ڪم آڻڻ لڳا. رگ ويد جي منڈل ستين (1،83) ۾ "پرشو" لفظ ڪم آيل آهي، جنهن جي هاڻ معنيٰ آهي "ڪهاڙو"، پر اصل معنيٰ هيس "پاسريءَ جو ڪندو". ويدن جي براهمڻن ۾ "آشو پرشو" لفظ ڪم آيل آهي، جنهنجي معنيٰ آهي، "گهوڙي جي پاسريءَ جو ڪندو" ۽ اهو گاهہ ويڙ لاءِ ڏاڻو ڪري ڪم آڻيندا هئا. رگ ويد جي منڈل ستين (1.83) ۾ "پرٿو پر شوهہ" لفظ ڪم آيل آهي. اهو هڪ ويڪرو

کهاڙو هو، جنهن سان جنگ مهل دشمن جي سسي لٽي وجهندا هئا. شينهن قاسائڻ لاءِ ڄار ڪم آڻيندا هئا. ۽ وقتي گهٽا ڇٽا ڳڙجي شينهن تي تيرن جو وسڪارو لائي انهن کي ماري پورو ڪندا هئا.[*]

قديم سنڌين جي دولت (چوپايو مال): آڳاٽا لوڪ ڏڍ ڏارڻ سکيا تہ انهيءَ چوپائي مال سندن حوصلو ٻيءَ طرح بہ وڌايو. "فلاڻو وهٽ منهنجو آهي". اهو مالڪيءَ جو خيال ماڻهن ۾ پيدا ٿيو. انهيءَ قديم زماني ۾ ماڻهن وٽ ٻي ڪا ملڪيت هئي ڪانہ؛ ويتر چوپائي مال جي ڪيرن ڏڍ، مکڻ ۽ گوشت تي سندن گذران هو، تنهن ڪري چوپائي مال جهڙي ٻي قيمتي ملڪيت سندين نظر ۾ ڪانہ هئي. اڄ بہ ڪيترن جي مڪيہ دولت آهي. چوپايو مال، جنهن ڪري چون تہ "سون جي رتيءَ کان رت جي رتي چڱي" يعني ٿورڙي روڪڙ ناڻي کان ٿورو چوپايو مال وڌيڪ آهي.

---

[*] "There were three distinct ages-the ancient, the Mediaeval and the later-during which the Reg. Vedic mantras were composed (Reg Veds III, 32,13, VI,21, 5)" Dr. A.C. Das: Reg vedic Culture, p.40.

[*] "The broken branch became the first weapon. It was the father of all clubs." Prof. Henry Drummord: the Ascent of Man, Chapter VI.

[**] قديم پارسي ٻوليءَ ۾ "تيگر" لفظ ڪم ايندو هو، تنهن مان پوءِ "گ" اکر حذف ٿي ويو، تہ اُڇار ڦري ٿيس "نير"؛ پر سنڌيءَ ۾ ان جو اچار ڦري "نينگر" بہ ٿيو. هن وقت اهو لفظ سنڌيءَ ۾ عام ڪونهي

[*] سنسڪرت لفظ "شونگ" جو اچار سنڌيءَ ۾ آهي "سڱ" (Horn) ۽ ان مان "شارنگ" لفظ ٺهيو آهي، جنهن جو اچار سنڌيءَ ۾ آهي "سينگ"؛ پر بنيادي معنيٰ اٿس "سڱ مان ٺهيل". سنڌيءَ مان "سڱ" جو اچار ڦري "هڱ" بہ ٿيو آهي، ۽ معنيٰ اٿس "سڪل ادرڪ"، جا هرڙ جي سڱ وانگر وراکن سان يا پيچيندار ٿئي ٿي. سنسڪرت ۾ بہ "شارنگ" لفظ جي معنيٰ اهي "سڱ" توڙي "هڱ". (مصنف)

[*] Henry StanleyL Through Darkest Africa

[*] "The Sanskrit name of the cow is Go, plural Gavas, and this short radical we find running, with the modifications consequent on the character of each, through most of our languages; old German chuo, modern German kuh, English cow. The Slavic branch has preserved it, like a great many others, in the form most resembling the original. Thus Old Slavic has govyado, a herd; modern Servian gove-dar, a cow-herd; Russian govyadina, - beef, the flesh of cows and oxen, then

gospodin master: gospod (i), the Lord: gospodar, the title given to South Slavic rulers all meaning originally "master of cows," and corresponding to the old Sanskrit gopy, which first means a herdsman, and later a chieftain, a king." Z.A Ragozin: Vedic Indian, pp. 63-64,

* "پرسرام" (پرشورام) معنيٰ اهو رام جنهن جي هٿ جو هٿيار ڪهارو هجي.

"ڏن" لفظ جي هاڻ معنيٰ آهي "دولت"؛ پر اصل معنيٰ هيس "ڏڻ". پوءِ جڏهن ماڻهن کي ٻيءَ ملکيت ميڙڻ جي چوش آئي ۽ سون چانديءَ وغيره جا سڪا نهيا، تڏهن "ڏن" ۽ "ڏڻ" لفظ جي معنائن ۾ ڦير پيو.

"ڏڻ" ته ڏٽي؛ نه ته وڪڻ ڪٽي" (پهاڪو)

"ڏٽي" لفظ جي به اصل معنيٰ هئي "ڏڻ وارو" ۽ پوءِ "ڏٽي" معنيٰ ڏن وارو يا شاهوڪار، ڏٽي معنيٰ مالڪ (ڪهڙي به ملکيت جو) ۽ ڏنار (ڏٽار) معنيٰ ٽي ڏڻ وارو، مطلب ته جيئن جدا جدا قسمن جي ملکيت ماڻهن جي ترقيءَ سان ههڙن لفظن جي معنائن ۾ به ڦير پيو. ماڻهن جي ترقيءَ سان ٻوليءَ جي ترقي انهيءَ ريت گڏوگڏ ٿئي ٿي.

هر ڪنهن ماڻهوءَ جي غريبيءَ توڙي شاهوڪاريءَ جي سڌ سندس چوپائي مال مان پوندي هئي. اڳي ماڻهو پاڻ وارو سمجهندا ئي انهيءَ کي هئا، جنهن وقت گاين، مينهن وغيره جا ڏڻ هوندا هئا. هن وقت به جڏهن چئون ته "فلاڻو پاڳيو آهي" ته ان جي معنيٰ ته "شاهوڪار آهي"، جيڪڏهن چئون ته "فلاڻي پاڳئي کان ڪير وڌي اڇ" ته اتي "پاڳيو" معنيٰ مالدار" جنهن وٽ گايون مينهون هجن.

رگ ويد واري زماني ۾ سنڌو ماٿر ۾ چوپايو مال نهايت پلو هوندو هو. اڄ به ڪوهستان، خاص ڪري ٿاڻي بولاخان ۽ ملير جون، توڙي سڄي ٿر ڏويزن جون گايون اهڙيون ته پليون آهن، جو ڪيتريون ته ويلي تي ڏهه ڏهه سير ڪير ڏين ٿيون، جنهنڪري اتر ڏي جمون ۽ ڪشمير ۾، ڏکڻ ڏي مدراس ڪاتي ۾، ۽ ڏور پورب ۾ فليپائين ٻيٽن ۾ سنڌ جي گاين جو وڪرو چگي ناڻي تي ٿئي ٿو.

سرحد سنڌ جا ڏيڳا به ناميارا آهن ۽ ٻاهريان ماڻهو انهن لاءِ چگيون رقمون ڏيندا آهن. ويجهڑائيءَ ۾ "پرتاپ" نالي هڪ ڏيگو سنڌ جي گورنر سر لانسيٽ گرهام

پاڻ نيلام ڪيو، تہ ماڻهن هڪ هزار رپين کان وڌا واڪ ڏنا. هڻي قيمتي مالي ۽ اڄ بہ اسانجن ماڻهن جو ساس پران ايتري قدر آهي، جو پنهنجي سر تي کهڻي بہ سختي قبوليندا، پر پنهنجي چوپائي مال تي ڪڪ پيو بہ ڪونہ سهندا. انهيءَ چوپائي مال ماڻهن جي جيوت ۾ وڏو قيرو آندو. اڳي ڏٺ ڏورڻ ۽ شڪار هٿ ڪرڻ لاءِ پيا پٽڪندا هئا ۽ ڏڪئي جيوت گذارڻي پوندي هين، پر پوءِ چوپائي مال جي چاري جو وڏو اونو ٽين تہ چراگاهن وٽ ڳوٺڙا ٻڌڻ لڳا.

رگ ويد واري زماني ۾ آريہ لوڪ اڪثر ڳوٺڙن ۾ رهندا هئا. **:ڳوٺ ۽ چراگاهہ**

جيئن اڄ بہ هندستان جو ڳچ آدم ڳوٺڙن ۾ گذاري ٿو. سچو پچو هندستان آهي ئي "ڳوٺاڻي جيوت وارو هندستان". ڳوٺ اصل ۾ آهي سنسڪرت لفظ "گوشت" (گوستا) ۽ بنيادي معنيٰ اٿس "اهو هنڌ جتي گايون بينيون هجن". گايون اتي بيهاريبيون، جتي سندن لاءِ چارو موجود هوندو، تنهنڪري "ڳوٺ" لفظ ۾ چراگاهہ جي معنيٰ سمايل آهي. انهيءَ سبب رگ ويد ۾ ڪن هنڌ "گوشت" (ڳوٺ) لفظ بہ ڪم آيل آهي، جنهن جي معنيٰ آهي "اهو هنڌ (Varaji) (بدران "ورج" (برج اڄ بہ اڪين سان ڏسجي ٿو تہ ٿورا پائر يا سنگٽتي، جتي مال "جتي گايون چارجن. لاءِ چارو مڱو ڏسن، تتي پنگيون اڏي، مال سميت وجيو رهن، ۽ اهو سندن ڳوٺ سڏجي ٿو. هن مان ڏسڻ ۾ ايندو تہ آڳاٽا لوڪ ڳوٺن ٻڌڻ مهل اول اونو مال جي چاري جو ڪندا هئا. چوپائي مان مان بہ مڪيہ مال گايون سمجهيائون ٿي، تنهنڪري "گو" (گانءَ) لفظ مان "ڳوٺ" لفظ ناهيائون، جو اصل ۾ گاين جي چاري لاءِ هو، پوءِ پلي تہ گاين سان گڏ ٻيو مال بہ پيو چڙهہ ڪري، ڳوٺن جي حدن نهرائڻ لاءِ هر هڪ ڳوٺ جي چوڌاري وڻ پوکيندا هئا. اڄ بہ ائين آهي، جنهنڪري هرڪو پنهنجي وطن جا وڻ پريان ئي سجاڻي سگهي ٿو. مال جي چاري لاءِ چراگاهہ ڳوٺن جي اندر يا انهن جي پسگردائيءَ ۾ هوندا هئن. چراگاهن ۾ سيني مالدارن جو مال گڏ پيو چرندو هو، تنهنڪري چوپائي مال جي ڪنن تي ڪو نشان ڪري ڇڏيندا هئا، جيئن سجاڻڻ سولو ٿئي تہ ان جو مال ڪير آهي، رگ ويد منڊل ڇهون (3،28) ڏاندن جي سگن جون ڇهنبون تڪيون ڪري ڇڏيندا هئا

(منڊل 6، 16، 139)، ۽ انهن ۾ کي زيور (ڪنڌيون وغيره) اٽڪائي ڇڏيندا هئا.
: ((منڊل 8، 54، 10

ڏڻ ڏارڻ ڪري ماڻهن جون جوابداريون وڌيون. صبح جو سويل اونو ڪري مال سان پهرجي ويندا هئا، ۽ مال جي هر طرح سنيال ڪندا هئا. انسترييه براهمڻ ۾ جاڻايل آهي ته ماڻهو ڏينهن ۾ ٽي گهمرا مال سان پهرجي ويندا هئا: صبح، منجهند ۽ سانجهيءَ. ڏهائي ۾ ٽي پيرا ڪندا هئا؛ پهرين ڏهائي ڪرڻ سان ڪير ججهو ملندو هون ۽ ٻين ٻن ڏهائين پيري ٿورو. مال سان پهرجي ويندا هئا. ته ڪتا ساڻ هوندا هئن، ۽ رات جو به ڪتا سندن درن جا دربان هوندا هئا. رگ وید ۾ جن ڪتن جو ذڪر آهي، سي نهايت قداور هوندا هئا، ۽ ماڻهو وقتي مٽن بوجو لڏيندا هئا. (منڊل انون 46، 28). ڪتا به اهڙا زبردست هوندا هئا، جو شينهن سان به لڙندا هئا، سڪندر اعظم جي ڪاهه وقت يونانين اهڙا ڪتا هندستان ۾ ڏٺا هئا؛ تنهنڪري يوناني تاريخ نويسن به انهن جو ذڪر ڪيو آهي. آڳاٽا ماڻهو اهي جبرا ۽ قداور ڪتا داردستان (ڪشمير" گلگٽ، چترال وغيره) کان آڻيندا هئا. ايران ۽ بئبلان جا رهاڪو اهي ڪتا هندستان مان گهرئيندا هئا ۽ انهن لاءِ چگي خاصي رقم ڏيندا هئا. :

مال جي بچاءُ لاءِ ڪتا ساڻ ڪٽندا هئا، ته به آسماني واهر جي ضرورت سمجهندا هئا، ڏينهن جو ديوتا "؟سورج" آهي، تنهن کي "پُوشڻ" سڏيندا هئا. سج جي روشنائيءَ تي گاهه وغيره اُپرن ٿا ۽ جڳت جو پالن پُوشن ڪرڻ وارو اهو ئي ديوتا آهي، تنهنڪري اهو نالو رکيائونس. سج جي روشنائي تي سنئين راهه جي سڌ پوي ٿي. ڪو جهنگلي مرون يا چور مال تي ڪاهي ايندو ته سج جي روشنائيءَ تي پريان ئي ان جي اچڻ جي سڌ پوندي. اهڙن سببن ڪري هو پل پل سورج ديوتا کي آراڌنا ڪندا هئا ته "اي پُوشڻ ديوتا، تون اسان جي واٽ سولي ڪر. اسان جي راهه ۾ جيڪي اٽڪون هجن، سي تون دور ڪر. اي ڪرن مان پيدا ٿيل ديوتا! تون اسان جو اڳواڻ ٿي. جيڪي نياڳا بگهڙ اسانجي راهه وينا

تڪين، ۽ اسان کي نقصان رسائڻ ٿا چاهين، تن کي تون پاسي ڪر. جنهن رهزن کي مدي من ۾ آهي، تنهن کي تون دور ڪر. تون اسان جو راهه ۾ رهبي ٿي، اسان کي اهي هنڌ ڏيکار، جتي مال لاءِ چارو مئو هجي. تون پنهنجي اهڙي شڪتي ڌار، جو اسان جي مٿان سويل ئي ڏينهن نه تپي. تون اسان کي مالا مال ڪر، اسان کي ڪاڏو رساءِ ۽ اسان جو بل وڌاءِ" وغيره، (رگ وید مندل ڇهون 53). هن مان ڏسڻ ۾ ايندو ته مال جي اوني ماڻهن ۾ پرارٿنا ڪرڻ جو انگ پيدا ڪيو ۽ ائين مالڪ مهربان ۾ ويساهه وڌندو وين.

مال جي چوري: اڳي ماڻهن جي دولت چوپايو مال هو، ته چوري به چوپائي مال جي ٿيندي هئي، (رگ وید مندل ڇهون 28)، اڄ به ٻهراڙين ۾ مال جي چوري عام آهي. چورن ۽ جهنگلي جانورن جي خوف کان آڳاٽا ماڻهو نه رڳو ڏٽيءَ کي آراڌنائون ڪندا هئا؛ پر پنهنجا به جوڳا جتن ڪندا هئا. هن باري ۾ آڳاٽا آرين جيڪي اُپاءُ ڪيا، تن مان ڪن مکيه اُپائن جو ٿورو ذڪر ڪجي ٿو، جو انهن سان هندن جي جيوت جو وڏو ئي واسطو آهي، ۽ انهن مان پنگتي حالت جو پتو پوي ٿو.

:هڪ هندي يا گڏيل ڪٽنب جي رواج جو بنياد رگ وید واري اوائلي زماني ۾ نڪا هئي سرڪار نڪي هيون فوجون ۽ سپاهي؛ تنهنڪري ماڻهو پنهنجو ۽ پنهنجي چوپائي مال جو بچاءُ پاڻ ڪندا هئا. مال جي بچاءَ جي اوني منجهن جنگي ياءُ پيدا ڪيو. صبح کان وڃي رات تائين تير ڪمان ساڻ هوندا هئن. ڪو جهنگلي مرون يا رهزن ڏسندا هئا ته پريان ئي تيرن جي ست ست لائيندا هئا؛ جنهنڪري کوبه اوڏو ڪونه ايندو هون. پر وقتي هڪڙو ڇڪو پنهنجو توڙي مال جو چاءِ نه به ڪري سگهي؛ انهيءَ سبب گڏيل ڪٽنب جو رواج وڌائون. هرڪو ائين چاهيندو هو ته پٽ، پوٽا ۽ ٻيا ياتي گهر ۾ گهٽا هجن، ته وقت تي مدد ڪن ۽ آکيه جو نالو به قائم رکندا اچن. اهڙين ضرورتن زالن ۾ به مردانگي پيدا ڪئي، ۽ هو ويرتا جو ججهو قدر ڪرڻ لڳيون. جوان چوڪريون به انهن سان پرڻجڻ چاهيندیون هيون، جي جنگي جوڌا هوندا هئا. مردن وانگر زالون به

تيراندازي ۾ رٿ هلائڻ سکندیون هیون، ته چورن ۾ ڏاڙيلن جي پنيان نٺ پهه وجي سگهجي. مثلاً نل ۾ دمينتيءَ جي ڏيءَ اندر سينا، مد گل نالي هڪ رشيءَ سان پرٽيل هئيتنهن ڪري "مد گلاني" ۽ سڏبي هئي. هڪ لڳا ڪي چور سندس مال ڪاهي ويا، ته مد گل رشي توڙي سنديس استري پنيان پين چورن رشيءَ کي سوڙهو جهليو، ته مد گلانيءَ پنهنجي مڙسي جا تير کڻي، تکڙو تکڙو رٿ ڪاهي، چورن کي ڪاري زخم رسايا ۽ کين شهه ڏيئي پنهنجو سمورو مال موٽي هٿ ڪيائين، (رگ وید منڈل ڏهون 102). مطلب ته مال جي بچاءَ جو هڪجهڙو اونو هون ۽ ننڍڙي هوندي ئي تيراندازي ۽ رٿ ڪاهڻ سکندا هئا. وقتي ماءُ پيءَ جي جيئري خود پائر پاڻ ۾ وڙهي ڏانگا ٽي پوندا هئا، ته پيءَ پنهنجيءَ ملڪيت مان پاڻ لاءِ ۽ پنهنجيءَ زال لاءِ حصو رکي، باقي بي ملڪيت ورهائي ڏيندو هون، (رگ وید منڈل ٽيون 45، 4) هيئن ۽ ٽيندو هو ته جڏهن ڪنهن جو پٽ پرٽبو هو، تڏهن ڪيس ۽ جوٽس کي ڏار گهر، يا جدا ڪوني. رهڻ لاءِ ڏيندا هئا؛ پر ڪائيندا پيئندا گڏ هئا. انهيءَ ريت هڪ هندي يا گڏيل ڪٽنب جو رواج ايتري قدر عام ٿيو، جو اڄ ۽ جيڪڏهن ڪو هندو، چوندو ته مان ڪائٽي پيئٽيءَ توڙي ملڪيت ۾ مائٽن کان ڏار آهيان ته ان لآءِ ثابتيءَ جو بار مٿس آهي، نه ته هندن جي قائدي موجب ڪورٽ ائين فرض ڪندي ته هو گڏيل ڪٽنب جو ياتي آهي ۽ ملڪيت ۽ گڏيل اٽن. اهو رگ وید واري زماني جو رواج اسان جي ڏسندي ۽ زور هو. ڪنهن گهر ۾ چار پنج پائر هوندا هئا ۽ منجدهائن ڪو بيروزگار هوندو هو، ته گڏيل هندیءَ مان ڪائي چڙهندو هو، ۽ ٻيا پائر ائين ڪونه سمجهندا هئا.ته هيءَ ڪو اسان تي بوجو آهي بيروگار ياءُ کي پالڻ پنهنجو فرض سمجهندا هئا. ويجهڙائيءَ ۾ نئون واءُ لڳو آهي. ڪيتريون جوان چوڪريون هينئر ائين چاهين ٿيون ته رڳو ونو ۽ ڪنو هجي. انهيءَ تان هاڻ چوٽي ۽ آهي، ته "پگوان تنهنجو ٿورو، مڙس ڏجانم چورو". مطلب ته سس سهرو ڪونه ڪپي هينئر اڪثر هرڪو آپيخطاني آهي، ۽ هر ڪنهن جو ڏيڍ چانور ڏُور پيو رجهي، ته ۽ ڪورٽن ۾ قاعدو اهو ئي اڳئين زماني وارو چالو آهي.

گوتر ۽ نکون: آڪاڻن ماڻهن پنهنجيءَ جان ۽ مال جي بچاءُ سانگي گڏيل ڪٽنب جو رواج وڌو، تہ بہ پورت ڪانہ پين پوءِ تہ هڪڙي اهڙي اٽڪل ڪيائون، جا ٻيءَ ڪنهن بہ قوم کي خيال ۾ نہ آئي، پنهنجن گهرن ۽ مال جي وٽاڻن جي چوڌاري وڏيون پٽيون ڪنيائون، تہ ڪو جهنگلي جانور يا چور چڪار آسانيءَ سان اندر اچي نہ سگهي. اهو عالم پناهہ وارو هنڌ "گوتر سڏبو هو. رشي اڪثر گهٽا گهر پرٽيا هئا، تنهنڪري آڪهہ وڏي هوندي هين. هر هڪ رشي وٽ چوپايو مال بہ اڪثر ججهو هوندو هو، تنهنڪري هرهڪ رشي پنهنجو گوتر ڌار جوڙيندو هو، جنهن ۾ سڀ پاتي مال سميت رهندا هئا. جن ماڻهن جي آڪهہ ننڍي هوندي هئي. ۽ چوپايو مال ٿورڙو هوندو هون، تن مان ڪي گڏجي، پنهنجي لاءِ هڪ يڪو گوتر ناهيندا هئا، جو گوتر جوڙڻ وڏو ڪشالي جو ڪم هو.

جرمنيءَ جي نامور پروفيسر مئڪس ملر جي خيال موجب "گوتر" لفظ ۾ "گو" معنيٰ گانءِ ۽ "تر" اُهو لفظ آهي، جنهن جو اچار انگلو سئڪسن بوليءَ ۾ "ٽن"(Tun)، ۽ انگريزيءَ ۾ "ٽائون" (Town) (شهر) آهي. هرهڪ گوتر جي اندر جڙ تہ شهر ٻڌل هوندو هو، جنهن ۾ ماڻهو مال سميت بافرحت گذاريندا هئا.

گوترن اندر جيڪي رهندا هئا، سي رڳو پڳو ساڳي آڪهہ وارا ڪين هوندا هئا. سيڪنهن جي آڪهہ پنهنجي پنهنجي هوندي هئي؛ پر گوتر ساڳيو هوندو هون، تنهنڪري اهي جڙ تہ هڪ وڏي ڪٽنب جا پاتي هوندا هئا، ۽ هڪٻئي کي پنهنجو سوٽ يا برادريءَ وارو ڪري سمجهندا هئا. انهيءَ سبب "گوتر" لفظ جي معنيٰ ٽي "آڪهہ يا برادري". اڄ بہ سنڌيءَ ۾ "ڳوٽي" گوتري معنيٰ "برادريءَ وارو". برادرين جو بنياد ائين پيو. ڏسو تہ گوترن مان ڪيئن پائپيءَ جو انگ وڌايائون.

هرهڪ گوتر جو جيڪو مکي يا پريو مڙس هوندو هو، سو "گوتر" پتي" يعني گوتر جو ڏاڏي سڏبو هو، ۽ سڄو گوتر سندس نالي پٺيان ڪوٺبو هو. گوترن جو بنياد اول رشين وڏو هو، ۽ هرهڪ رشيءَ جو گوتر اڪثر ڌار هوندو هو. هاڻوڪا براهمڻ انهن رشين جو اولاد آهن. تنهنڪري براهمڻن جا جيڪي بہ گوتر (خاندان) آهن، تن سيني تي رشين جا نالا پيل اهن، جن مان خبر پوندي آهي تہ هو ڪهڙي رشيءَ جو اولاد آهن. وسشٹ، ڪيشپ، آتري، جمد گني، گوترم، وشوامتر ۽

پردواج، اهي سپت (ست) رشي وشنو پراڻ پٽاندر مکيہ آهن. پراڻن ۾ منوسمرتيءَ ۾ بين بہ ڪيترن رشين جا نالا ڄاڻايل آهن. گوترن ۾ جيئن آڪهيون وييون وڏنديون، تيئن انهن کي ننڍن دفعن ۾ ورهائڻ جي ضرورت ٿهي، ائين گوترن کي "نکن" ۾ ورهايائون. مثلاً ڪيشپ رشيءَ جي گوتر واري جون نکون ڪنيئا، ڪانجا ۽ ڪاڪوئا اهن. گوتم رشيءَ جي گوتم مان آويرِ، اُديچہ ۽ آئن نکن وارا براهمڻ آهن. هرهڪ نک جون گهڻيون آڪهيون هوندیون هيون. ڪترين ۽ بين بہ پوءِ پنهنجا گوتر ناهيان ۽ انهن جون بہ ڏار ڏار نکون ٿيون. مثلاً حيدرآباد جي اڏواڻي آڪهہ وارن جي نک "مگهو ڪتري" آهي. ٽڏاڻي اڪهہ وارن جي نک "ڀاڳيا"، رامچنداڻين جي نک "دلڙي" ۽ سپاهيملاڻي آڪهہ وارا "ناگ ديو" نک جا آهن. آهوجا ۽ ماکيجا بہ نکن جا نالا آهن. گوترن جوڙڻ جو رواج پهريائين پهريائين سنڌو ماٿر ۾ پيو ۽ هي رواج اصل اُتي جا آهن.

سگوتر ۽ سپنڊ: ڪن ڪن گوترن جي اندر جيتوٽيڪ جدا جدا آڪهين وارا رهندا هئا؛ پر گوتر ساڳيو هوندو هون، تنهنڪري اهي "سگوتر" يعني ساڳي گوتر وارا سڏبا هئا. اُهي گوتر پتيءَ کي پنهنجي پيءُ جي سمان ڪري سمجهندا هئا ۽ ڪيس جڇهي عزت ڏيندا هئا، اُهي هڪبئي جي زالن ۽ نياڻين کي پنهنجي ماءُ پيڻ جهڙو ڪري سمجهندا هئا، جنهنڪري هندن جي قديم قاعدن پٽاندر اڄ تائين "سگوتر" يعني ساڳي گوتر وارا پاڻ ۾ شادي ڪري نٿا سگهن. هي پائپيءَ جو انگ وڌائڻ جون واٽون آهن. ساڳيءَ ريت "سپنڊ" وهڻءَ جي بہ منع ڪيائون. "پنڊ" معنيٰ سرير يا جسم ۽ "سپنڊ" معنيٰ اُهي جي ساڳي سرير مان پيدا ٿيا هجن، ۽ ساڳيو پنڊ پرائيندا هجن، اولاد پنهنجي ماءُ پيءَ جي انس آهي ۽ ماءُ پيءُ ۾ خود سندن مائٽن جو رت آهي. ساڳيو رت چگي رت نہ ڦهلندو، تنهنڪري منو سمرتيءَ پٽاندر پيءُ جي طرف ستن پيڙهين ۽ ماءُ جي طرف پنجن پيڙهين کان ٻاهر پرٽجڻ گهرجي. انهن سببن ڪري براهمڻن لاءِ خاص طرح حڪم جاري ٿيو تہ ڏهاڙي هرڪو براهمڻ پنهنجي گوتر؛ نک ۽ پرور (ڪٽنب) جو نالو اُڌاري تہ ياد رهيس، تہ سندس اصل نسل ڪهڙو آهي. انهن نالن اُچارڻ جي هڪ مکيہ مراد هيءَ هئي تہ ساڳي گوتر مان ڪو ڪونہ پرٽجي. هن مان ظاهر آهي تہ آڪاڻن

لوڪن ۾ غيرت جو انگ ججهو هو، جنهنڪري جيڪي ڇوڪريون سندين ويجهيون مائٽياڻيون هونديون هيون، تن کي پنهنجي ڏيءَ يا پيٽ جهڙو سمجهي، انهن سان شادي نه ڪندا هئا؛ پر اڄ ڪالهه کي هندو ڏاڏي پوٽي به پيا پرڻجن! مطلب ته غيرت جو جيڪو انگ آڳاٽن هندن ۾ هو، سو هاڻوڪن هندن مان گهٽبو پيو وڃي.

رگ وید جي اوائلي زماني ۾ سپ ماڻهو گوترن اندر ڪونه رهندا هئا. کي خانه بدوش به هوندا هئا. کين رڳو چوپايو مال هوندو هو، بي نڪا ڪرت نڪا ڪار. انهيءَ سبب وسڪاري ۾ هڪ هنڌ ٽانئيڪا ٿي مال پيا چاريندا هئا. جيڪڏهن برسات نه پوندي هئي، ته پوءِ مال جي چاري سانگي ڪڏهن ڪٿي ته ڪڏهن ڪٿي سانگ ڪري ويندا هئا. اها حالت اڄ به ڪوهستان ۽ ٿر ۾ اڪين سان ڏسجي ٿي. اهي مالدار اڄ تائين "سانگيئڙا" سڏجن ٿا.

جهڙ ڦڙ جت ٽيان، اُت اَڏيائون پکڙا".

شاهه

رگ وید ۾ انهن گهرن جو ذڪر به آهي، جي ماڻهو هڪ هنڌان ڪٽي ٻين هنڌ ويندا هئا. اٿرو وید جي منڊل نائين (3، 24) ۾ چيل اهي ته "جاءِ ڪي به اسين جوءِ وانگر پاڻ سان وڻيون وجون!" هن مان سمجهجي ٿو ته مال جي چاري سانگي جڏهن ڪنهن ٻئي هنڌ وڃڻو هوندو هون، تڏهن گهر جا پيڪا، ٽوئا ۽ لڙهيون به پاڻ سان ڪني ويندا هئا. ۽ جتي وڃي رهڻو هوند هون، اُتي اهي ساڳيا پڪا وڃي اڏيندا هئا. اڄ به مالدار ائين ڪندا آهن. لڏپلاڻ ڪرڻ مهل گايون، مينهون وغيره ڪيڏي گس تي ڪن، ته سنئين وات وڻي هلن، ۽ پاڻ پڪا، ٽوئا، جند، رليون ۽ ٻيو سامان، ڪي وهڻن تي، ته ڪي مٿي تي ڪٽي مال جي پٺيان وڃن. پڪيون جايون جوڙي هڪ هنڌ ٽانئيڪو ٿي رهڻ، ۽ گورن جوڙڻ جو رواج ئي تڏهن وڌيو، جڏهن ماڻهو ڪيتي ۽ ٻيا ڌنڌا ڪرڻ لڳا. جن جو جتي روزگار هوندو هو، سي تتي پنهنجا پڪا ماڳ جوڙي رهندا هئا، جنهنڪري اڄ تائين چوٽي آهي ته "جتي هر تتي گهر ۽ جتي ماني تتي ماڳ".

ڪيتي: قديم زماني کان وٺي ڪيتي هڪ اُتم ڏنڏو ڪري ليکيو ويو آهي. اڄ ٻه چوٽي آهي ته "نيچ نوڪري، اُتم ڪيتي، وڏندڙ واپار". پروفيسر مئڪس ملر جي چوڻ موجب "آريه" لفظ جو ڏاتو يا بنياد آهي "آر" معنيٰ "هر ڏيڻ" جيڪي ماڻهو زمين کي هر ڏيئي ڪيتي ڪندا هئا، سي ڏوٽين ۾ خانه بدوش مالدارن کان وڌيڪ سڌريل ليکبا هئا ۽ اهي ئي خاندااني يا وڏا گهراڻا سمجهبا هئا. انهيءَ سبب "آريه" لفظ جي معنيٰ ئي هئي شريف يا وڏو. گهراڻو.

رگ وید جي منڈل پهرئين (112، 6) ۾ جاڻايل آهي ته "ٻج ڇڻڻ جو هنر اشوني ڪمار ديوتائن منو پڳوان کي سيکاريو". هن منجهان ائين سمجهجي ٿو ته اڳاڻن رشين کي شايد الهام ٿيو ته ٻج ڇڻڻ ڪري پوڪ ٿي سگهندي. ساڳي منڈل پهرين (112، 5) ۾ جاڻايل آهي ته ٻنيءَ کي هر ڏيڻ جو طريقو جنهن رشيءَ سڌاريو تنهنجو نالو "پرتوُ!" هو، جو "پرٿي" ٻه سڏبو هو. اهو پرٿو رشي "وئنيه" Vainya يعني وين Vena رشيءَ جو اولاد ٻه سڏيو ويو آهي، (منڈل انون 9، 10). هر جي چونيءَ کي "ڦال" چوندا هئا. (منڈل چوٽون 57، 8)، اڄ ٻه اهو ئي ويدڪ لفظ ڪم پيا آڻيون؛ پر عام طرح ڇئون "ڦار" يعني "ل" کي مٿي "ر" ڪيو اٿئون ۽ اها اسان سنڌي ماڻهن جي اصل عادت آهي (جل — جر ۽ ٿل — ٿر). اڳي سڄي سنڌو ماٿر ۾ ڪيترن هنڌ "بن" يا گهاٽا جهنگ لڳا پيا هوندا هئا، ماڻهو وڻ ويڍي، پوڪ لاءِ زمين صاف ڪندا هئا. اها جهنگل شگافي ڪڇ اراضيءَ ۾ ڪندا هئا. اهي "اُروا" يعني ڪشادا پٽ ننڍن ننڍن ٽڪرن (نمبرن) ۾ ورهائي، هر هڪ "ڪيٽ" ڏار ڪندا هئا، (منڈل ڏهون 101، 4). هن مان ائين سمجهجي ٿو ته هرهڪ "اَناس" (اٽ جريب زمين) يا "سورهاس" (سورهن جريب زمين) کي "ڪيٽ" سڏيندا هئا، رگ وید ۾ اهو ٻه جاڻايل آهي ته هرهڪ ڪيٽ نهايت خبرداريءَ سان ماپي ڇڏيندا هئا، (منڈل پهريون 110، 5). هن مان ظاهر آهي ته سڀ ڪنهن کي پنهنجي ٻني ڏار هوندي هئي. اهي ٻنيون سندن ڳوٺن جي آسپاس هونديون هيون. اڄ ٻه ڪيترا هاري ناري پنهنجي پنهنجي ٻني ٽڪر جي آسپاس گهرڙا اڏيو. ڳوٺڙا ٻڌيو وينا آهن. جيڪي وڏا زميندار آهن سي ٻه پنهنجو "بنگلو

يا اوطاق ٻنيءَ جي نزديڪ جوڙيل ٿا، ۽ سندن هارين نارين انهيءَ اوطاق جي آسپاس پنگين ۾ رهن ٿا، ۽ اهو انهيءَ زميندار جو ڳوٺ سڏجي ٿو. اڳي ٻه هوند وارن وٽ نوڪر چاڪر ۽ ٻانها يا غلام پورهيو ڪندا هئا، ۽ پاڻ رڳو مٿان نظرداري ڪندا هئا.

هر ڪيڙڻ ۽ نار ڪاهڻ لاءِ هن وقت اُٺ ۽ ڏاند ڪم اچن ٿا، پر اڳي گهوڙا ٻه ڪم آڻيندا هئا، جو سنڌو ماٿر ۾ گهوڙا نهايت گهٽا هوندا هئا، زمين کي هر ڏيڻ مهل ڪو رشي گهرائيندا هئا. جو هر جوٽيندو هو، ۽ اوڏي مهل ويدن جا منتر اُچاريندو هو. ائين پوڄا ڪري پوءِ ڪم شروع ڪندا هئا. چوپاسيءَ ۾ براهمڻن کي گهرائي، هڪ وڏو يگيہ ڪندا هئا، جو "ستر (Satta) "سڏبو هو اهو يگيہ ٻه ٽي مهينا سانده بلڪ وڌيڪ وقت تائين پيو هلندو هو. يگيہ جي مراد اها هئي ته اندر ديوتا ۽ ٻيا ديوتائون پرسن ٿين، ته مندائتا مينهن وسن ۽ فصل پلا ٿين، ۽ مال لاءِ چارو مئو ٿئي. انهيءَ مراد سان رشي ٻه سنڌو ندين ۽ ٻين ندين جي ڪنارن تي ويهي، منيءَ للڪار سان ويدن جا منتر اُچارينداهئا. جولاءِ – آگسٽ وارو مهينو "سانوڻ" سڏجي ٿو، جو اصل ۾ آهي سنسڪرت لفظ "شراوڻ"، ۽ ڏاتو اٿس "شروعڻ" معنيٰ سڻڻ يا ٻڌڻ. سانوڻ ۾ جتان ڪٿان ويدن جي منترن جا منا آلاپ ٻڌڻ ۾ پيا ايندا هئا، تنهنڪري اهو نالو رکيو اٿن. هن مان ڏسڻ ۾ ايندو ته جيئن آريہ لوڪ ويا دنوي ڳالهين ۾ ترقي ڪندا، تيئن دل جو لاڙو ڏٺيءَ جي پاسي وڌندو وين جو ڄاتائون ٿي ته فصل پلا تڏهن ٿيندا، جڏهن ڏٺيءَ جو فضل ٿيندو، رشين کي ٻه پنهنجيون ٻنيون ٻارا هوندا هئا، ۽ چوپايو مال ٻه ججهو هوندو هون تنهنڪري ايشور کي آراڌنا ڪندا هئا ته اهو مالڪ پنهنج مهر ڪري! انهيءَ سبب "هٿ هوندو هون ڪم ڪار ۾، ته ٻه ڇٽ هوندو هون ڪرتار ۾"!

اڳي ماڻهو پوڪ اڪثر درياهه جي پرسان (ڪچي ۾) ڪندا هئا. جن ڳوٺن کي درياهه ويجهو نه هوندو هو، تن ۾ کوهه کوٽيندا هئا. رگ وید جي منڈل پهرئين (105، 17) ۾ "ڪوپ" لفظ ڪم آيل آهي، جنهن جو بگڙيل اُچار سنڌيءَ ۾

"کوهه" آهي. هن وقت به کا پوک "موڪي"، کا "چرخي"، ته کا "چرخي مدد موڪي" ٿئي ٿي.

رگ ويد جي منڈل پهرئين (سُوڪت 116، 7) ۾ "ڪنيِ" (ٿانءُ). ۽ سُوڪت، 117 (12) ۾ "ڪلس" (لوٽي ڪنگري) لفظ ڪم آيل آهي. وڏي ڳالهه ته گهٽو چڪر" لفظ به ڪم آيل آهي، جنهن مان هيڪاري ظاهر آهي ته کوهن مان پاڻي ڪڍڻ لاءِ مالهه ۾ ڪنگريون يا لوٽيون ٻڌندا هئا، جنهنڪري ڇئبو ته هاڻوڪو رواج رگ ويد واري زماني کان وٺي هلندو پيو اچي.

رگ ويد جي منڈل ڏهين (25، 4؛ 101، 5 — 7) ۾ "آشمچڪر" لفظ ڪم آيل آهي، جنهن جي اکري معنيٰ آهي "پٿر جو چڪرو". هن مان سمجهجي ٿو ته جتي نار نه هوندو هو، تتي کوهه جي مٿان سرائيءَ ۾ پٿر جي ٺهيل "پوُڙ" يا هوندي هئي، ٿر ۾ ۽ ٻين ڪيترن هنڌ اڄ تائين دستور آهي ته چم (Pulley)گرٽي جو ڪوس يا ٻوڪو رسيءَ ۾ ٻڌي، اها رسي کاڻ جي ٺهيل پوُڙ تي رکي، ڊير ڏيندا وڃن، ته پُوڙ وڃي ڦرندي ۽ رسي پاڻمرادو وڃي هيٺ کوهه ۾ پوندي. جڏهن ڪوس پاڻيءَ سان ڀرجي ويندو آهي، تڏهن رسي ڇڪيندا آهن، ته ڪوس ڇڪجي مٿي ايندو آهي. انهيءَ ريت پاڻيءَ ڪڍڻ لاءِ جيڪو رسا ڪم آڻيندا آهن، تن کي سنڌيءَ ۾ "ورت" ڇئبو آهي، جو اصل ۾ آهي سنسڪرت لفظ "ورترا" ۽ اهو رگ ويد ۾ ڪم آيل آهي. مطلب ته کوهن مان پاڻي ڪڍڻ جو هي ٻيو نمونو به رگ ويد واري زماني کان وٺي هلندو پيو اچي. تفاوت رڳو هي آهي.

* مٿرا جي آسپاس وارو ملڪ "برج" سڏبو هو، جو اتي مالدار رهندا هئا. شري ڪرشن اتي رهندو هو، تنهنڪري "برجباسي" يعني برج جو رهاڪو سڏبو هو. ڏسو شريمد پاڳوت.

* Hist: History of the world, Vol. I, p. 488.

* Dr. Sita Nath Pradhan: Chronology of Ancient India, pp. 4-6.

* I have noticed instances, even in the Reg. Veda, in which the world "Arya" seems to be used in the sense of "high, or respectable." John Wilson: India Three Thousands years Ago, p.17, foot note.

* "It is a fair conclusion from the evidence that the system of separate holdings already existed in early Vedic times" Prof. Macdonell Keith: Vedic.

Gul Hayat Institute

ڪن ڪن هنڌ ڪوهه تمام اونها هوندا هئا. اتفاق سان جيڪڏهن ڪو ماڻهو انهن ۾ ڪري پوندو هو، ته ٻين جي مدد کانسواءِ نڪري ڪين سگهندو هو. اهڙا اونها ڪوهه اڄ ب سنڌ ۾ ڪيترن هنڌ، خاص ڪري ٿر ڊويزن ۾ آهن. گڏڙي تعلقي ڇاڇري ۾ "سائيڪا" يعني ست پرهه اونها يا ست مڙسن جي ڊيگهه جيڏا اونها ڪوهه آهن. هر هڪ "پرهه" ۾ جيڪڏهن پنج فوٽ ليکبا ته "سائيڪو" ٿيندو ٿي سؤ فوٽ اُونهو ڪوهه!

"سنجن سائيڪن تي وڏيءَ ويدوهون".

شاهه

هن وقت سنڌ ۾ گهٽو ڪري سڀ ڪنهن ڪوهه جي اڳيان "آهه"يا "آنهن" (ڪڏيا حوض) ٺهيل آهي. ڪوهه جو پاڻي نيسر مان وهي، آهه ۾ وڃي پوندو آهي، ۽ اهو وهڻ پيئندا آهن. انهيءَ تان پهاڪو ب آهي ته "جيڪي ڪوهه ۾ هوندو، سو آهه ۾ پوندو". اهو آهه ٺاهڻ جو رواج ويدڪ زماني جو آهي. خود "آهه" لفظ رگ ويدڪ سنسڪرت جو آهي، ۽ اصل اچار اٿس "آهاو". اڳوٽي آهه ۽ هاڻوڪي آهه جي وچ ۾ تفاوت آهي. رگ وید واري زماني ۾ ڪاڻ جا پيپ ڪوهه جي اڳيان رکندا هئا، يا ڪوهه جي اڳيان ڪڏ ڪوٽي ان ۾ ڪاڻ جو پيپ وجهندا هئا، ته قابو بينو رهي. انهيءَ پيپ کي "آهاو" ڪوٺيندا هئا. اهو اڳوٽو نمونو وڏيڪ پسنديءَ جهڙو هو. هاڻوڪن آهن ۾ پاڻي سدائين لڙاٽيل هوندو آهي. چوپائي مال کي لڙاٽيل پاڻي پياربو ته مڪن آهي ته طبيعت بگڙنديس. بگڙيل طبيعت واري مال جو ڪير صحت کي بگاڙيندو. اهي ڳالهيون ڳٽي چئبو ته رگ وید واري زماني جا ماڻهو اهو عقل جو ڪم ڪندا هئا، جو ڪاڻ جا پيپ "آهه" ڪري ڪم آڻيندا هئا. ائين وهڻ کي پيئڻ لاءِ پاڻي صاف ملندو هو. پيپ جي ڪنهن وقت خراب ٿيندو ته وري ڏوئي ڏمالي صاف ڪري سگهبو. اهو اڳيون رواج وري جاري ڪرڻ گهرجي، جو انهيءَ ۾ مال توڙي ماڻهن جو پلو آهي.

رگ وید جي منڊل پهرئين (4، 8 ۽ 10) ۾ "اوت" (Avata) لفظ ڪم آيل آهي، جنهن جو اُچار سنڌيءَ ۾ آهي "آڏ". ڪوهه جو پاڻي آڏ مان وهي، ٻنيءَ جي ٻارن ۾ وڃي پوندو هو. مطلب ته هزارها ورهيه اڳي جيڪو رواج سنڌو ماٿر ۾ جاري

هو، سو ساڳيو اڄ تائين اسان جا ماڻهو هلائيندا پيا اچن،ڪ بلڪ لفظ بہ ساڳيو ئي ڪتب آڻين، جنهنڪري اهو محاورن ۾ بہ اچي ويو آهي. مثلاً تري تہ درياهہ، نہ تہ آڏ تي بيهي رهي.“

ٻنيءَ جي مٿان قسمين قسمين آفتون اچيو ڪڙڪن. پارو پيو يا ماڪڙ پيئي تہ فصل ئي چٽ! ڪٽڪ وغيره کي ”رتي“ لڳي يا ٻيو ڪو مرض وڪوڙي ويو تہ بہ فصل چٽو!

ڪن ڪيون پوڪون، ٽيون پرپور، پي پاڻي جڏهن،
پوءِ يڪي هنيون هــٽي، اي دل ڪيئن آيــا ويــا.

ديوان گل

هٽيو“ آهي اُتر – اُپرندي جي هوا، جا جيڪڏهن خزان جي موسم ۾ لڳندي ” آهي تہ ڪتيءَ جي فصلن (جوئر، ٻاجهريءَ وغيره) کي پورو ڪري ڇڏيندي آهي. ۽ ويچارن زميندارن ۽ هارين نارين جي ڪئي ڪمائي ڪٽ ٿي ويندي آهي. اهڙين آسماني آفتن کي پرميشر پاڻ ڄڃي، باقي بندي جي بات ڪانهي. انهيءَ هوندي بہ سنڌو ماٿر جي آڳاٽن رهاڪن مغز ماريو تہ ڪهڙا اُپاءَ ڪجن، جو فصلن کي نہ برسات لوڙهي، نہ پارو، هٽيو يا ٻي ڪا سماري (آساني) آفت چٽ ڪري هن باري ۾ ڪوجنائن ڪرڻ سان يقين ٿين تہ تارا، نڪٽ (نڪتر)، گرهہ وغيره تتون مان ڦهيل آهن، تنهنڪري پوڪ تڏهن ڪجي، جڏهن ڏرتيءَ جي مٿان آڳني تت زور هوندو تہ سلو بہ ڪونہ اُپرندو، يا ايرڻ کان سگهوئي پوءِ سلا ۽ ڪانا سڙي سڪي ويندا. نڪتر جملي اناويهہ آهن. هرهڪ نڪتر جو اثر معلوم ڪري، پنهنجن پوين لاءِ هيءَ هدايت ڇڏي ويا تہ روهڙي، مول، اُترا شاديا. ريوتي، پنروسو وغيره ڪيترين پوڪن لاءِ چگا آهن. جنهن زماني ۾ اهي تجربا پئي ڪيائون، تنهن زماني ۾ سڄيءَ دنيا ۾ ٻي اهڙي ڪابہ قوم ڪانہ هئي، جنهن جوتش جي اهڙين ڳالهين تي ڏيان ٿي ڏنو، تنهنڪري ڪيترن يوروپي عالمن هندستان جي قديم آرين جي عقل تان عجب ظاهر ڪيو آهي.

هي سڀ ڪيتيءَ جو پرتاب ڇئبو، جنهن جي اوني وچان سنڌو ماڻر جي قديم رهاڪن هن حيرت جهڙي نموني جون ڪوجنائون ڪيون.

آڳاڻن لوڪن جيتوڻيڪ پنهنجن فصلن جي بچاءُ جا هر طرح حيلا پئي ڪيا تہ يقين ڄاتائون ٿي تہ فصل لاءِ ڪپي سائينءَ جو فڪر. هو ائين وسندا هئا تہ هر هڪ ڪيٽ يا ٻنيءَ جو راکو دعاگو ڪو ديوتا آهي، جنهن جي ٻاجهہ سان آساني آفتون ٽري وڃن ٿيون، فصل ٻلا ٿين ٿا ۽ڪائڻ لاءِ اڻ ميو اَن ملي ٿو. انهيءَ ديوتا کي "ڪيتر پتي" يعني ڪيٽ جو ڌڻي (Lord of the Field) سڏيندا هئا.

جيئن هن وقت اسان جا هاري ناري ڳاڏيءَ تي ويهي نار ڪاهين ٿا ۽ ڪنهن وقت ڪن تي هٿ رکي ڪافي آلاپين ٿا، تہ جهنگ ۾ رنگ لڳي وڃي ٿو، تيئن سنڌو ماڻر جا آڳاٽا آريہ لوڪ بہ نار ڪاهڻ مهل ڪي راڳ جا ٻڌن ڳائيندا هئا، ۽ ڌڻي کي هن ريت آراڌنا ڪندا هئا:

مالڪ جي شل مهر ٿئي! ججهو شل مينهن پئي!
پٽ سمورا باهہ جهلين، مؤج سان ماٺهو هر ڪيڙين،
ججهو گاهہ ۽ اَن اُپائين، گهوڙا، گايون گاهہ کائين!
عرض اسانجو اهائج سائين! منا منا کي مينهن وسائين!
رگ ويد منڊل چوٿون 57، 1 کان 6 تائين).

رگ ويد واري زماني ۾ ماٺهو ڪٽڪ ۽ چانور پوکيندا هئا يا نہ، سا ڳالهہ ڇڪي ريت ڄاڻايل ڪانهي، باقي "ڌانيہ" لفظ ڪم آيل آهي، جنهن جو اچار سنڌيءَ ۾ آهي "ڌاڄ"، ۽ معنيٰ اٿس "اَن" (هر ڪنهن قسم جو)هن مان ايترو ظاهر آهي تہ اَن پوک ٿيندي هئي. اهو بہ ڄاڻايل آهي تہ جون ۽ ترن جا فصل پلا ٿيندا هئا. (منڊل ٻيون 5، 6 ۽ ٿيون 85، 3)، ماٺهو اهي بہ اَن نہ رڳو کائيندا هئا؛ پر پوڄائن پشتائن ۾ بہ ڪم آٽيندا هئا. انهيءَ قديم رواج پٺاندر اڄ بہ سڄي هندستان جا هندو سڀ ڪنهن پوڄا ۾ جو ۽ تر ڪم آٽيندا آهن. هن مان ظاهر آهي تہ انهن بن اَنن جو واهيو نهايت گهٽو هوندو هو.

"تر" اصل ۾ آهي سنسڪرت لفظ "تل" ۽ بنيادي معنيٰ اٿس "جو سٽيو آهي". آڳاٽن لوڪن ڏٺو ته تر هڏ جا سٽيا آهن، ته ڪنهن وقت انهن مان تيل پيڙي ڪيڏ جو هنر ڳولي لڌائون "تيل" لفظ "تل" (تر) مان ٺهيو آهي ۽ بنيادي معنيٰ ئي اٿس "ترن جي پيدائش". ماڻهو پوءِ ٻين ٻجن مان تيل پيڙڻ سکيا ته اهو به "تيل" سڏجڻ ۾ آيو. هن وقت ڳالهه جي چٽائيءَ لاءِ چئون سرهه جو تيل يا منو تيل، جانيي جو تيل يا ڪوڙو تيل وغيره. هاڻ ته بادامين، ڪوپرن بلڪ مڇيءَ مان به تيل ڪڍن ٿا ۽ اهو به "تيل" سڏجي ٿو، نه ته اصل رڳو ترن جي تيل کي "تيل" چوندا هئا.

هندو ماڻهو "تلڪ" ڏيندا آهن. سنڌو وغيره ۾ سنهڙي ڪاني، ڪڪ يا تيلي ٻوڙي، نرڙ سان لڳائبي، ته تر جيڏو نشان ٿي پوندو. "تلڪ" اصل انهيءَ کي چوندا هئا ۽ اکري معنيٰ اٿس "ننڍڙو تر"، (تل + ڪ، اسم تصغير — Diminutive جي نشاني). وڏا تلڪ ڏيڻ، هڪ ٻن بلڪ ٽن ليڪن (تر پنڊ) ڪيڏ جو رواج پوءِ پيو. مطلب ته آڳاٽن ماڻهن جو جيترو ڏيان ترن ڇڪيو، تيترو ٻيءَ ڪنهن به جنس ڪونه ڇڪيو.

رگ وید جي منڈل انين (78، 10) ۾ "داتر" Datra (ڏاتو) لفظ ڪم آيل آهي، تنهن مان سمجهجي ٿو ته اَن بچي تيار ٿيندو هو، ته ڏاڻي سان لٽندا هئا. سي سنگ لٽي، باقي ٿي سنگ گنڊرون (Good Goblins) لاءِ ڇڏي ڏيندا هئا. (اٿرو وید، منڈل ٽيون 24، 6) جرمنيءَ جا هاري ناري اڄ تائين پڇاڙيءَ وارا به ٿي سنگ "ووڊن" (Woden) ديوتا جي منت ڇڏي ڏيندا آهن. اِهو ديوتا اُهو ساڳيو آهي، جنهن کي هندو "شو" مهراج سڏيندا آهن، (صفحو 9). سنڌو ماٿر جا آبادگار اَن جي ڳاهه ڪر، سپ (ڇچ) ۾ اَن ڇاڻيندا هجئا. کي ڳوٽ ٻنين کان پري ته کي ٻنين جي ويجهو هوندا هئا، پر رستا ٺهيا پيا هوندا هئا. اهي رستا کي رواجي پيچرا نه هئا.

پر اهڙا ڪشادا هئا، جو انهن تان گاڏيون هلنديون هيون. گاڏين کاهڻ لاءِ گهوڙا ٻڌندا هئا. ٻنين تان اَن ڏوئي پنهنجن ماڳن تي نيندا هئا، ۽ اُتي اَن ماپي گندين ۽ پاندن ۾ رکندا هئا. جن گاڏين ۾ اَن ڏوئيندا هئا، سي

"سشڪت" (چڪڑا) سڏبيون هيون، ۽ هلڻ مهل چيچاٽ ڪنديون هيون، (منڊل ڏهون 146، 3). سواريءَ لاءِ رٿ ڏار هئن، جن جي مٿان ڏک ڏنل هوندا هئا، (رگ وید منڈل ڏهون 85، 1).

جيڪي ماڻهو کيتي ڪندا هئا، سي چوپايو مال به ڏارينڊا هئا، جو کيتي ۽ چوپايو مال لازم ملزوم آهن. کيتيءَ جو دارومدار چوپائي مال تي آهي. هر ۽ نار ڪاهڻ لاءِ، اَن ۽ گاهه ڏوئڻ لاءِ هن وقت کيترا اُٺ ۽ ڏاند ڪم آڻين ٿا، پر اڳي گهوڑا به ڪم آڻيندا هئا. انهيءَ هوندي به چا آڳاٽن آرين چا ٻين قومن جي آبادگارن ڏاند يا ڏڳي جو نهايت گهٽو قدر کيو ٿي. سنسڪرت ۾ بيل يا ڏڳي کي چئبو آهي "بليورد" ۽ "بلدا" يعني بل يا طاقت ڏيندڙ. اهي نار ڪاهي ٻنيءَ کي ريج رسائين ٿا تہ ٻني پلي ٿئي ٿي، تنهنڪري ڏڳو بل ڏيندڙ آهي، ۽ پاڻ به بلوان جانور آهي. سنڌيءَ ۾ چئون تہ "فلاڻو ڏندين ڏاند آهي"، تہ ان جي معنيٰ تہ اپي سمرٿ يا پاڻيهي پڄڻ جوڳو آهي. شريمد ڀاڳوت گيتا ۾ ڀيشم پتامهہ کي "نر پنگوهہ" يعني "نر ڏڳو" سڏيو اٿن. اڳي رڳو جيرن جوڙن کي "نر پنگوهہ" (ڏاند)، ۽ معنيٰ اٿس پهلوان پٽ، شير پٽ، اڳرو پٽ وغيره. عربي، پارسي، يوناني وغيره ٻولين جي آئيويٽا جو پهريون اکر آهي "الف"، جنهن جي عبراني يا يهودين جي ٻوليءَ ۾ معنيٰ آهي "ڏڳو". عبراني ٻوليءَ ۾ "الف" اکر اهڙيءَ طرح لکندا هئا، جو ڄڻ تہ ڏڳي جي شڪل نڪتل هوندي هئي. هن مان ظاهر آهي تہ قديم يهودي لوڪن به ڏڳي جو ججهو قدر ڪري ان کي اهڙو شرف ڏنو، جو پنهنجي ائيويٽا جي منڊ ۾ ئي ان جي شڪل بيهاريائون. سنڌيءَ ۾ ڏڳي يا ڏاند بابت کيترائي پهاڪا آهن، جهڙوڪ:

"پلي آيو، گانءِ، جو ڄايو، جنهن سارو ڄڳ نپايو".

رگ وید واري زماني ۾ هندو ڳائو گوشت کائيندا هئا، پر پوءِ ڏڳي يا گانءِ جي ڪوس جي برخلاف ڪن رشين آواز کڑو کيو، ۽ رفتہ رفتہ سڀ هندو ائين سمجهڻ لڳا تہ گئو هتيا ڪرڻ هڪ وڏو پاپ جو ڪم آهي، جو ڄاتائون ٿي تہ اهي کارائتا جانور نہ ڪُهڻ گهرجن. ڳئون، مينهن وغيره جي کير مان ڏڌ ۽ مکڻ ٿئي ٿو، ۽ کير مان قسمين قسمين منايون ۽ لذيذ طعام نهن ٿا.

ڀهراڙين ۾ ڏسو ته ڪيترن ماڻهن جي مڪيه غذا اڄ به ڪير ۽ ڏڏ آهي. ڏينهن جو ڏڏ يا لسيءَ سان، ۽ رات جو ڪير سان ماني ڪائي اُٿن ته ڪنهن به تيوڙ جي تانگهه ڪانه ٿئين. ڪيتيءَ لاءِ چوپائي مال جو چيڙو ۽ ڦولهڙيون وغيره، جي نهايت غليظ شيون آهن، سي به ڪم اڇن ٿيون. چوڻي آهي ته "ڀاڙ سدا جوڙ". ٻيو چون ته "ڀاڙ تي ڪيتي، نه ته ڪوري ريتي". چوپايو مال نه هجي ته ڀاڙ جيڪو ڪٿان اڇي؟ قديم زماني کان وڻي گاين جو چيڙو عام طرح پوڻي ڀائڙ لاءِ ۽ باه ڪائڙ لاءِ ڪم اڇي ٿو. چوپايو مال مري وڃي، تنهن کانپوءِ به ڪمائتو. ان جو گوشت، ڪلون بلڪ هڏا به ڪم اڇن ٿا. رگ وید واري زماني ۾ هرڪو گهر ڀاري ائين چاهيندو هو ته مون وٽ چوپايو مال ججهو هجي، ۽ اَن پوڪ لاءِ ٻنيءَ ٽڪر به هجي، (منڈل پهريون 127، 6 ۽ منڈل چوٿون 41، 6).

قديم سيپتا جي ٽن زمانن جو ذڪر ڪندي، مٿي جيڪي چيو ويو آهي، تنهن مان ائين سمجهڙ نه گهرجي ته سنڌو ماڙ جي رهاڪن فقط ايتري قدر ترقي ڪئي. هنن پوءِ ڀاڙ وڏي وڪ وڌائي، جنهن بابت جيڪو وڏو ئي ڪتاب لکي سگهجي، پر اهو احوال مختصر طرح ڏار باب ۾ ڪولي ٻڌائبو. هتي رڳو ايترو ڄاڻائجي ٿو ته رواجي سڪ ۽ دڪ جو خيال به اڳاڻن آرين کي اول کيتيءَ مان آيو. جيڪڏهن برسات پيئي هوندي، ته زمين هڏ جي آلي هوندي، جنهنڪري ڪاڻي ڪٽڙ ۽ ڪوهه ڪوٽڙ ۾ سولائي ٿيندي. انهيءَ کي سڏيندا هئا "سڪ"، جنهن ۾ "س" معنيٰ "چگو" ۽ "ڪ – ڪن" معنيٰ "ڪوٽڙ". جيڪڏهن برسات نه پيئي هوندي، ته زمين ٽوڙ هوندي ۽ ڪوٽڙ ڏکي ٿيندي. انهيءَ کي چوندا هئا "دڪ"، جنهن ۾ "د – در، دش" معنيٰ مشڪل يا ڏکيو"، ۽ "ڪ – ڪن" معنيٰ "ڪوٽڙ". برسات نه پوڙ سبب پيدائش نه ٿيندي، ته انهيءَ جهڙو بيڙو وقت ٻيو ڪهڙو؟ انهيءَ کي چوندا هئا "ڏڪال" (ڏڪار) يعني خراب وقت، جنهن جو ضد آهي "سڪال" (سڪار) معنيٰ چگو وقت.

* Vedic Index, I, p. 40-177.

* سنسڪرت لفظ "ڏانيه" جو اُچار پارسيءَ ۾ ڦري ٿيو "دانه" ۽ جنهن جو اُچار سنڌيءَ ۾ آهي "داڻو" (اَن جو).

مصنف. * Vedic Index, I, p. 211.

باب نائون

راڄنيتي جوڙجڪ ۽ بادشاهتون

گونااٽيون پنچاتيون: قديم سنڌ ۾ پنجاب جي ماڻهن پنهنجيءَ جان ۽ مال جي بچاءَ لاءِ اول گڏيل ڪٽنب جو رواج وڌو، ۽ پوءِ پنهنجن گهرن ۽ وٽاڻن جي چوڌاري اوچيون پٽيون کڻي گوتر ناهيائون، ته به چوراڪاري بند ڪانه ٿي ويئي. جهنگلي قومون وقت بوقت مٿن ڪاهي ايندیون هيون، ۽ کين ڦري ماري ويندیون هيون. اهڙي حالتن منجهن پاڙي جو ننگ ۽ ايڪتا جو انگ هيڪاري وڌايو. هڪڙن جي مٿان چور يا ڏاڙيل ڪاهي پوندا هئا، ته ٻيا پاڙيسري لکي ڪونه وهندا هئا، پر تير ڪمان کڻي، مڙسان مڙسيءَ چورن سان لڙندا هئا، جو ڄاتائون ٿي ته "اڄ همان سيان تمان". ائين ايڪتا جو ناگ منجهن وڌيو، ۽ اؤڪيءَ سوڪيءَ ۾ هڪٻئي جي واهر ڪرڻ پنهنجو فرض سمجهڻ لڳا. پر جيڪي عادتي چور هئا، ۽ جن جو پيشو ئي اهو هو، جو ٻين کي ڦري، پنهنجو پيٽ پالیندا هئا، تن کين سک سمهڻ نه ڏنو. بعضي گهٽا ڏاڙيل پاڻ ۾ گڏجي هڪڙي ئي ڳوٺ تي ڪاهي پوندا هئا. اهڙيءَ حالت ۾ هرهڪ ڳوٺ جي ماڻهن لاءِ پنهنجو بچاءُ پاڻيهي ڪرڻ مشڪل ٿي پيو. هنن پوءِ پر وارن ڳوناڻن کي به پاڻ سان پيڙو ڪيو. ائين گهڻن ڳوٺن جي هڪ يڪي پنچات ناهيائون، ۽ پنهنجي برادري4 جو دائرو وڌائي وڏو ڪيائون. ايڪتا وڌائڻ لاءِ هيءُ نهايت عمدو قدم کنيائون.

گهڻن ڳوٺن جو ميڙ "گرام" سڏبو هو، جنهنجو اُچار هاڻ عام طرح آهي "گام" يا "گانءُ" ۽ معنيٰ اٿس "ڳوٺ" يا "بستي"؛ پر بنيادي معنيٰ اٿس "ميڙ"، "ڪٽڪ". رواجي طرح "گرام" يا "گام" معنيٰ اُهو ڳوٺ جنهن ۾ گهڻا ماڻهو رهندا هجن، پروفيسر زمر جي خيال موجب "گرام" جي اصل معنيٰ آهي "هٿياربند لشڪر جو ٽولو، جو جنگ ۾ لڙي" سچ پچ ته "گرام" جي اصل معنيٰ آهي ئي اها، ڇاڪاڻ ته انهيءَ (گرام) لفظ جي اڳيان جيڪڏهن "سم" اڳياڙي" (Prefix) وجهبي ته لفظ ٿهندو "سنگرام"، جنهن جي معنيٰ آهي "لڙائي"، (جنهن ۾ جنگي جوڌن جا ڪٽڪ

اچي ڪنا ٿين ٿا). انهيءَ سبب چئبو ته رگ ويد واري زماني ۾ "گرام" (گام) هڪ وڏي بستي هوندي هئي، جنهن ۾ جنگي جوڌن جا ڪٽڪ رهندا هئا، جي دشمن سان لڙڻ لاءِ هردم تيار هوندا هئا. گرام جي مکيءَ يا وڏيري کي "گرام مني" يعني گام جو مکي سڏيندا هئا. (رگ ويد منڊل ستون 1، 5، ۽ منڊل ڏهون 62، 11). مطلب ته ڳوٺن ۾ گوتر هوندا هئا، ۽ هرهڪ گوتر جو مالڪ يا مکي "گوتر پتي" سڏبو هو، پر گهٽن ڳوٺن جي مٿان "گرام مني" هوندو هو، ۽ هرهڪ گوتر جا رهاڪو گويا سندس فوج جا سپاهي هوندا هئا.

هن وقت ڪيترن ڳوٺن ۽ شهرن ۾ رواج آهي ته ساڳئي ڪل مان پيڙهيءَ به پيڙهيءَ کو مکي مقرر ٿيندو اچي ٿو. رگ ويد واري زماني ۾ موروثي مکپڻ هئو ئي ڪونہ. اڪثر رڳو چوند جو سرشتو جاري هو. جيڪڏهن ڪنهن مکيءَ جو پٽ پنهنجي پيءُ جهڙو ئي برجستو هوندو هو، ۽ عام خلق ۾ عزت هوندي هيس، ته پوءِ ڪيس مکي ڪرڻ ۾ ڪنهن کي به اعتراض ڪونہ هوندو هو، نہ ته عام طرح جدا جدا برادرين يا گوترن وارا هڪبئي جي صلاح مصلحت سان پنهنجي لاءِ مکي پاڻ چونڊيندا هئا. گرام مني يا مکي اهو چونڊيندا هئا، جو برجستو ۽ حشمت وارو هوندو هو، ۽ جنهن کان لڇ لمپٽ ڪن هٽندا هئا. سيبئي ڳوٺاٽا سندس چئي ۾ رهڻ ۽ وقت سر ڪيس مدد ڏيڻ پنهنجو فرض سمجهندا هئا. هرڪو ڳوٺاٽو پنهنجي مکيءَ کي پنهنجي پيءُ جي سمان ڪري سمجهندو هو. جيئن ماءُ پيءُ کي ماٺهو پيرين پوندا آهن، تيئن مکيءَ کي به پيرين پوندا هئا. اهو دستور اڄ به عام آهي. هرهڪ چند تي ۽ بين وڏن ڏينهن تي ڪيترن شهرن ۽ ڳوٺن جا ماٺهو پنهنجي مکيءَ کي پيرين پوڻ ويندا آهن. هيءُ نهايت قديم زماني جو رواج آهي، جو اڄ تائين هلندو پيو اچي.

ڳوٺاٽن جي جان ۽ مال جي سلامتيءَ ۽ عزت جي بچاءَ لاءِ گرام مني جوابدار هوندو هو. انهيءَ سبب هرهڪ گهر جو پاتي ڪيس وقت سر هر ڪنهن قسم جي مدد ڏيڻ لاءِ بڌل هوندو هو. مثلاً ڪنهن جو مال چور ڪاهي ويندا هئا ته گرام منيءَ جي هڪ ڪرڻ تي سڀ ڳوٺاٽا مڙي ايندا هئا ۽ چورن سان وڙهڻ ۽ مال

چڏائي اڇڻ ۾ ڪيس مدد ڪندا هئا. اهڙن وقتن تي برجستيون زالون به مردن سان ڪلهو ڪلهي ۾ ڏيئي بيهنديون هيون. اهڙيءَ طرح ضرورت مهل سپ ڳوناڻا، زالين مڙسين، گڏجي پنهنجيءَ جان ۽ مال ۽ زالن جي عزت جو بچاءُ ڪندا هئا.

سنڌ جي جن شهرن ۽ ڳوٺن کي درياهه ۽ واهه ويجها آهن، تن جا رهاڪو پنهنجن ٻارن کي ننڍڙي هوندي ئي ترڻ سيکارينداآهن، ته متان ڪنهن مهل ٻار ٻڏي پون. مهاڻن جا ٻار ته لڏڻ وانگر پاڻيءَ ۾ پيا تڙڪندا آهن. آڳاٽا آريہ لوڪ رهندا ئي سنڌو نديءَ ۽ ٻين ندين جي ڪنارن تي هئا، تنهنڪري ننڍڙي هوندي ئي ترڻ جو هنر سکڻ سندن لاءِ ضروري هو. بعضي چور چوريءَ جو مال ڪاهي درياهه اڪري پرينءَ ۾ هليا ويندا آهن. اهڙيءَ حالت ۾ ڪنهن تاروءَ ڪانسواءِ ٻيو ڪو چورن جي پٺيان پئي ڪين سگهندو. اهو به هڪ وڏو سبب هو، جنهنڪري هرڪو ترڻ سکندو هو. پنهنجيءَ جان ۽ مال جي بچاءَ لاءِ، چورن ۽ جهنگلي جانورن کي پريان ئي ڇڄائي ڪڍڻ لاءِ، تير اندازي سکڻ تي به هيڪاري گهڻو زور رکيائون، جنهن ۾ رفتي رفتي حيرت جهڙي ترقي ڪيائون. اڳاٽا رشي هٿيارن پنوهارن هلائڻ ۾ پڙ هوندا هئا، ۽ ٻين کي به اهو هنر پاڻ سيکارينداهئا. چوپائي مال جي چوري عام هڻڻ سبب گهوڙي سواري سکڻ جي به ضرورت ٿين، ته چورن ۽ ڏاڙيلن جي پٺيان جهت پٽ ڊوڙي سگهجي. اهي سپ ڳالهيون پوءِ به سنڌ ۾ ايتري قدر عام هيون، جو چوٽي پيئي ته:

پـڑهڻ، تـــرڻ، تير هڻڻ، چوٽين سواري،

نندي هوندي جو نہ سکي، وڏي خواري.

راڄوٽي فيصلا: ماڻهو اول چوپايو مال ڏارينداهئا ۽ پوءِ کيتي ڪرڻ لڳا، ۽ کيترن هنرن ۽ ڪاريگرن کي زور ونايائون، ته ڏنڊن ڏاڙين هلڻ ۽ ٻي ڏيتي ليتي ٽيڻ ڪري وري ٻين قسمن جا معاملا پيدا ٽيڻ لڳا. انهن معاملن نبيرڻ لاءِ هڪ نهايت عمدي ۽ سولي سهنجي وات ڪڍيائون.

رگ ويد واري زماني ۾ ديواني دعوائون ۽ ٻيا معاملا اڪثر گرام مني يعني گام جو مکي نبيريندو هو. پنجن ڄڻن سان پهي، جيڪو فيصلو ڪندو هو، سو

قطعي فيصلو ليکبو هو ٻئي تکراري ڏريون انهيءَ فيصلي قبولڻ لاءِ ٻڌل هوندیون هیون. انهن پنجن ڄڻن جي ميڙ تي نالو ئي پيو "پنچات" (پنج + آت (As for extending as five جنهن جي بنيادي معنيٰ آهي "اهو ميڙ جنهن ۾ فيصلي ڪندڙن جو تعداد وڌي پنجن تائين ٿئي". پنجن وٽ ڪو معاملو ويو، تہ ڄڻ حقدارن کي حق ملي چڪو! فيصلو اهڙو ڪندا هئا، جهڙو منديءَ تي ٽڪ! بي ريا وري اهڙا هوندا هئا جو جيڪڏهن پنهنجي پٽ يا سڳي ڀاءُ بابت سمجهندا هئا تہ ڏوهي آهي، تہ سزا ڏيندي دير ڪين ڪندا هئس! مطلب تہ ڪنهن بہ لکي چپيءَ ۽ ريب رياءَ کانسواءِ راڄوٽي فيصلا ڪندا هئا. اهو رگ وید جي زماني وارو دستور پوءِ بہ هلندو آيو، جنهنکري يوناني تاريخ نويسن، بلڪ پوءِ جي مسلمان تاريخ نويسن بہ مڪين ۽ پنچن جي عدل ۽ انصاف جون ساکون ڪيون آهن. "آئينہ اڪبريءَ" ۾ ڏسو تہ ابو الفضل بہ پنهنجي وقت جي هندن جي تمام گهٽي ساک ڪئي آهي. مڪيءَ ۽ پنچن جي فيصلي ۾ ماڻهن جو ايتري قدر ويساهہ هوندو هو، جو اڄ تائين چوٽي آهي تہ "پنچن ۾ پرميشر". هي سڀ ڳالهيون ڄاڻائين ٿيون تہ مڪين ۽ پنچن ۾ سچائي هوندي هئي ۽ ڏٽيءَ جو خوف ڏاري راڄوٽي فيصلا ڪندا هئا. جنهنکري ماڻهو ڪين پرميشر جو روپ ڪري ڄاڻڻدا هئا. هن وقت جيڪي پنج پنچاتن ۾ وڃي، رڳو ڦڏا وجهن ٿا ۽ اونڌا اُڇار ڪن ٿا، تن کي هن منجهان سبق سکڻ گهرجي.

---

[*] "Zimmer has derived the word 'gram', village originally from the sense 'horde' as describing the armed force of the tribe which in war fought," Cambridge history of India, Vol. I. p. 90.

[*] The Hindus are religious, affable, cheerful, lovers of Justice, given to retirement, able in business, admirers of truth, grateful and of unbounded fidelity; and their soldiers know not what it is to fly from the field of battle." Samuel Johnson: India, p. 294.

آڪاڻن آرين جا ويجها سؤٽ ايران وارا آريہ لوڪ هئا، تن وٽ بہ اهوئي ساڳيو دستور هوندو هو. بلوچستان جا ڪيترا ماڻهو جيتوٽيڪ اڪثر اڻ پڙهيل اهن تہ بہ اڄ تائين رگ وید واري زماني جي هندن وانگر راڄوٽي فيصلا ڪن ٿا.

فيصلي لاءِ "جرگو" يعني چئن چڱن جو ميڙ (Council of Elders) ڪنو ٿيندو آهي، جو تڪراري ڏرين جون ڳالهيون ٻڌي، حق جو فيصلو ڪندو آهي. راڄوٽي فيصلا ٿيڻ ئي اهڙيءَ بي ريائيءَ سان گهرجن.

رگ وید مان ائين ٻه سمجهجي ٿو ته ڪي ماڻهو مڪيءَ ۾ پنچن تائين ٻه دانهين ڪونہ ويندا هئا. معاملي کي منڊ ۾ ئي روڪڻ لاءِ ڪو چڱو مڙس وچ ۾ پئي معاملو نبيريندو هو. منڊل ڏهين 97، 12 ۾ "مڌيماشي" (Madhyama-si) لفظ ڪم آيل آهي، جنهن جي اکري معنيٰ آهي "وچ ۾ پوندڙ" يعني امين، جو وچ ۾ پئي معاملو نبيري. اڄ ٻه اسان جا ڪيترا ماڻهو انهيءَ خيال جا آهن ته ڪس پلي سهجي، پر ڪورٽن ۾ گهڙڻ نہ گهرجي. آڳاٽن ماڻهن جا ٻه اهڙا ئي خيال هوندا هئا، تنهنڪري پنچاتن تائين ٻه وس پڄندي دانهين ٿي ڪونہ ويندا هئا. پر رگ وید واري اوائلي زماني ۾ رڳو ڀڳو ديواني معاملا ڪونہ هوندا هئا. ٻنين ۾ چراگاهن جي حدن تان، ۽ واهن ۽ ڪڙين جي پاڻيءَ، ۽ ٻين اهڙين ڳالهين تان وقتي هڪ گام وارن جو ٻئي گام وارن سان وڏو تڪرار ٿيندو هو. رگ وید جي منڊل ڇهين (25، 4) ۾ مخالف ڏرين ۽ هڪ ڪونڊر جو ٻئي ڪونڊر کي ڪهڻ جو ذڪر آهي. يانئجي ٿو ته اهڙن فوجداري ڏوهن کي روڪڻ ۽ خونريزيءَ کي ٽارڻ لاءِ ۽ پروارن ڳوناڻن سان صلاح سانت ۾ رهڻ ۽ ساڻن ياڇي وڌائڻ لاءِ، پوءِ هڪ نئون نمونو اختيار ڪيائون، ۽ اهو ترقيءَ جي راهه ۾ هيڪاري عمدو قدم کنيائون.

پرڳڻن جون پنچاتون: آڳاٽن لوڪن پوءِ پنهنجي پنچات جو دائرو هيڪاري وڌائي، پرڳڻن جون پنچاتون ناهيون. اهڙين پنچاتين جا مثال اڄ ٻه پنجاب، سنڌ ۽ ٻين ڪيترن هنڌ آهن. پنجاب جي روهتڪ ضلعي ۾ چوراسي ڳوٺن جي هڪ يڪي پنچات آهي، جنهن کي "چوراسي ڪيرا" سڏين ٿا. سنڌ ۾ رڳو وچولي ڏي نظر ڪريو ته اتي ساهتي پرڳڻي جي پنچات اڄ تائين آهي، جنهن ۾ نوشهرو فيروز، پڊ عيدن، پريا، نارو شاهه، ٺٽ، منياڻي، چنيجا ۽ پرڻ (تعلقو مورو) ۽ ٻيا ڪيترا هنڌ اچي وڃن ٿا. انهن سيني هنڌن جي هڪڙي ئي پنچاتي ايندي

آهي، جنهن تي سڀ هلڻ لاءِ بڌل اهن. دَلَ پنچات جو ميڙ ڪڏهن ڪٽي ته ڪڏهن ڪٽي ڪنو ٿيندو آهي، ۽ هرهڪ ڳوٺ مان ٿورا ٿورا عيوضي ان ۾ وڃي حاضر ٿيندا اهن. هيءُ ويدن واري زماني جورواج آهي، جو اڄ تائين هلندو پيو اچي.

مڪاني سرڪاريون .(Local Governments)

قديم زماني جون پنچاتيون مڪاني سرڪاريون هونديون هيون، جن جو ويدن ۾ ٿورو، پر مهاڀارت ۾ گهڻو ذڪر آهي. ڪن هنڌ ڏهن، ڪن هنڌ ويهن، ته ڪن هنڌ هڪ سؤ بلڪ هڪ هزار ڳوٺن جي ڳڏيل پنچات هوندي هئي! هن وقت جي پنچاتين کي ڪابها ختياري ڪانهي. ڪو پنچاتي بنديءَ تي نٿو هلي، يا ٻيءَ طرح ڪا پنچاتي ڳالهه نٿو مڃي، ته پنچ رڳو پنهنجو اخلاقي زور مٿس هلائين ٿا؛ پر اڳي مُکين کي وڏيون اختياريون هونديون هيون. مئٽرياڻي سنهتا (يجر وید) ۾ "شتپتي" لفظ ڪم آيل آهي، جنهن جي معنيٰ آهي "سؤ جو ڌڻي" يعني هڪ سؤ ڳوٺن جو مُکي يا حاڪم، ڪيس انهن سيني ڳوٺن جي فوجداري، ديواني ۽ ٻين عام ملڪي ڳالهين بنسبت اختياريون هونديون هيون. هن وقت به جيڪڏهن گهٽين ۽ برادرين جون پنچاتيون، دل پنچات سان ۽ ڳوٺن جون پنچاتيون شهرن جي پنچاتين سان گڏي، ملي ڪم ڪجي ۽ هلچل هلائي پنچاتين کي ڪي اختياريون ونيِ ڏجن، ته سڄي ديس جو تمام گهڻي قدر پلو ڪري سگهجي.

راڄنيتي جوڙجڪ (Political Organization). ويدن ۽ اتهاسن ۾ ڄاڻايل هن قسم جي حقيقتن مان آڳاٽن آرين جي راڄنيتي جوڙجڪ پليءَ پت سمجهي سگهجي ٿي. راڄنيتي جوڙجڪ جو مرڪز گهر هو، جنهن ۾ هڪڙي ئي آڪهه جا ياتي گڏ رهندا هئا، ۽ آڪهه جو پريو مڙس سڄي گهر جو حاڪم هوندو هو. گهر ۾ گويا پيءَ هو راجا، ماءُ هئي راڻي ۽ بار ٻچا سندين رعيت هئا. گهڻن آڪهين جو ميرِ، جو ساڳي ڏاڏي جو اولاد هوندو هو، سو "ڪل" يا

خاندان سڏبو هو. هرهڪ ڪل جو پريو مڙس "ڪلپا" يعني ڪل جو سنيالينڌڙ سڏبو هو. "ڪل" کي ڪٽنب" ۾ چئبو آهي، جنهن جو اُچار ڦري "ڪڙم" ٿيو آهي. سيني ڪڙمين کي ۾ گڏي "ڪڙم" چئبو آهي. اڳي گهٽو ڪري سڀ ڪڙمي هئي. تنهنڪري "ڪڙم" لفظ انهن ٻنهي معنائن سان اڄ تائين ڪم پيو اچي.

ڪل يا ڪٽنب کي "پرور" ۾ چئبو آهي. گهٽن پرورن جو ميڙ "نڪ" ۽ گهٽن نڪن جو ميڙ "گوتر" ڪوٽبو هو. هر هڪ گوتر جو وڏو "گوتر پتي" سڏبو هو. اهو گويا سندن وڏو ڏاڏو هو ۽ سندن حاڪم ۽ اهو هو. گهٽن گوترن جي ميڙ کي "ڳوٺ"، ۽ گهٽن ڳوٺن جي ميڙ کي "گرام" (گام- گانءُ) چوندا هئا. هر هڪ گرام جو مکي "گرام مني" سڏبو هو، جو ڳوناٽن جي جان، مال ۽ عزت جي بچاءَ لاءِ جوابدار هوندو هو، ۽ سندن ديواني توڙي فوجداري معاملا ۾ نبيريندو هو. جيڪو گرام هڪ سؤ ڳوٺن جي مٿان هوندو هو، سو "شتپتي" يعني "سو جو ڌڻي" (هڪ سو ڳوٺن جو مالڪ) سڏبو هو. گهٽن گرامن جو ميڙ، جنهن ۾ هڪ هزار بلڪ وڌيڪ ڳوٺ هوندا هئا، سو "وس" (Canton or District) سڏبو هو. خود اُتي جا رهاڪو ۽ "وس Visah" (Commoners) ڪوٽبا هئا، جنهن جي بنيادي معنيٰ آهي "واسو يا بينڪ ڪندڙ بينڪي". "وس" ۾ سڀ آبادگار، ڪاسبي ۽ واپاري اچي ٿي ويا، جنهنڪري "وس" جي معنيٰ ٿي "عام خلق". انهيءَ ساڳئي "وس" لفظ مان پوءِ "وئش" لفظ ٺهيو؛ ۽ اڄ تائين آبادگار، ڪاسبي ۽ واپاري وئش جي دفعي ۾ ليکجن ٿا. گهٽن وسن جي ميڙ کي "جن" يعني نيات يا قوم (Tribe) چوندا هئا، ۽ هرهڪ جن جو پنهنجو پنهنجو راجا هوندو هو ۽ اهي جن سندن رعيتي راج هوندا هئا. مطلب ته جيئن هن وقت سنڌ ۾ خيرپور رياست آهي، ۽ ان جو والي مير صاحب آهي، تيئن رگ ويد واري زماني ۾ ۽ ڏيهي رياستون هونديون هيون، ۽ هرهڪ رياست جو والي يا حاڪم پنهنجو پنهنجو هوندو هو. راڄنيتي جوڙ جڪ جو اهو ئي ساڳيو نمونو، ايران، اٽلي، گريس (يونان)، رشيا (روس) ۽ جرمنيءَ ۾ هوندو هو.

راجائيءَ جو بيناد: رگ وید جي منڈل پهرئين (سوڪت 36 منتر 10) موجب منشن (ماڻهن) جو پهريون راجا منو پڳوان هو، پر راجا مقرر ڪرڻ جو رواج ڪيئن پيو، سو احوال ان ۾ ڪونهي. مهاپارت مان معلوم ٿئي ٿو ته پاندون ۽ ڪورون جو وڏو ڪاڪو پيشم پتامهه جڏهن جڏ جي ميدان ۾ تيرن جي سيجا تي سمهيو پيو هو، تڏهن پاندون جي وڏي پاءُ راجا يڌشٽر کي گهٽين ئي ڳالهين بابت اُپديش ڪيو هئائين. راجا ڏرم بابت اپديش ڪندي ڪيس راجائيءَ جو بنياد به ٻڌايائين. اهو مختصر طرح هتي ڄاڻائجي ٿو، جو انهيءَ مان هاڻوڪن ٻين رواجن جو بيناد به سمجهي سگهجي ٿو.

پراچين سمي ۾ پرٿويءَ تي نڪا هئي سرڪار نڪو هو راجا. ماڻهو پنهنجو بچاءُ پاڻ ڪندا هئا. ڪجهه وقت ڪانپوءِ ڏنائون ته پنهنجو بچاءُ پاڻيهي ڪرڻ ڏکيو آهي – کي پرائي مال جا تاکائو هئا، ته ڪن جو پاڻ تي ضابطو ڪونه هو، جنهنڪري ماڻهو هڪٻئي جو چڪين ماس پيا چيندا هئا. ان وقت ڪن سياڻن ۽ سدا چارين پاڻ ۾ گڏجي اهو پرڻ ڪيو ته جيڪي ڪرڙيءَ زبان وارا، طبع جا شوخ، زناڪار ۽ عياشي آهن ۽ جن لي چوري ڪرڻ ۽ پرائي حق غضب ڪرڻ جي عادت آهي، تن کي پنهنجيءَ نيات مان ڪڍي ڇڏبو. هن مان ڏسڻ ۾ ايندو ته "ٽالهؤن لاهڻ" يا ڪوفي مان ڪڍي ڇڏڻ جو رواج نهايت قديم زماني جو آهي. اهڙي پرڻ ڪرڻ ڪانپوءِ ماڻهن جو هڪٻئي ۾ ويساهه جائو، ته ڪجهه وقت سڪ سانت ۾ گذاريائون، پر پوءِ يقين جاتائون ته ڪنهن راجا مقرر ڪرڻ کان سواءِ پوري پوڻ جي واهه ڪانهي، جو ڏرم ۽ اڏرم جو سنڊو سيڙهو ماڻهو رکن ئي ڪونه ٿا، ۽ ايشور کان ٻه وجن ٿا بي مڪ ٿيندا. هنن پوءِ دلگير ٿي شرتي4 جي اپائيندر (برهما) کي آراڌنا ڪئي ته "راجا کان سواءِ اسين ناس ٿي ونداسين، تنهنڪري اسان لاءِ ڪو راجا مقرر ڪريو. هو اسان جو بچاءُ ڪندو ته اسين ڪيس پنهنجو پُوج ڪري ليکينداسين". هنن جي اها آراڌنا ٻڌي برهما پوءِ منو پڳوان کي چيو ته جيون جي رکيا ڪرڻ لاءِ توهين سندن راجا ٿيون. هن چيو ته "حڪومت ڪرڻ ۽ ماڻهن کي ست ۽ ڏرم جي راهه تي هلائڻ سڙو ڪم

ڪونهي". انهيءَ تي ماڻهن منوءَ ڀڳوان کي چيو تہ "توهين ڪوبہ خيال نہ ڪريو. توهان کي ڪوبہ پاپ ڇهي ڪين سگهندو. شاهي خزاني کي ڀرپور ڪرڻ لاءِ اسين ان جي پيدائش جي ڏهين پتي ۽ پنهنجي سون جي پنجاهين پتي ڏينداسون، ۽ گايون، مينهون ۽ ٻيو چوپايو مال بہ ڏينداسون. اسان مان جيڪي هٿيار پنوهار هلائي ڄاڻن، ۽ سواري ڪري ڄاڻن، سي توهان جي پڻيان ائين هلندا، جيئن ٻيا ديوتائون راجا اندر جي پڻيان هلن ٿا. ائين اوهين ڪبير ديوتا (ڀڳوان جي خزانچيءَ) کان بہ وڌيڪ زور ٿيندا ۽ سولائيءَ سان اسان جو بچاءُ ڪري سگهندا. توهان جي اَجهي هيٺ رهي، ڀڳوان جي ڀڳتي ڪنداسين ۽ انهيءَ مان جيڪو اسان کي آتمڪ لاڀ (روحاني فائدو) ٿيندو، تنهن جي بہ چوٿين پتيءَ تي توهان جو حق ٿيندو. اي سوامي، اندر ديوتا وانگر توهين اسان جو بچاءُ ڪريو، ۽ ڀهڪندڙ سڄ وانگر ٻاهر نڪري، اسان جن شترن (دشمنن) کي جيتيو. توهين اسان جن شترن کي جيتي سندن ڪنڌ هيٺ ڪريو، تہ سدائين ڏرم اسان جي رکيا ڪندو رهي". منو ڀڳوان پوءِ جيون جي رکيا ڪرڻ لاءِ وڏي شان شوڪت ۽ دٻدٻي سان پنهنجي قلعي مان نڪتو ۽ بيشمار ماڻهو هٿيار پنهوار ٻڌي، سندس پڻيان هليا، (مهايارت شانتي پرو، 67).

مٿئين مضمون مان ظاهر آهي تہ نهايت قديم زماني ۾ ئي ماڻهن محسوس ڪيو تہ پنهنجيءَ جان ۽ مال جي بچاءِ لاءِ ۽ امن امان ۾ رهي، سکي جيوت گهارڻ لاءِ، ڪنهن سورويز کي پنهنجو راجا مقرر ڪجي ۽ پنهنجيءَ پيدائش مان ڪيس حصو ڏجي، تہ رعيت لاءِ سکن سهنجن ڪرڻ ۾ سولائي ٿئيس. سرڪاري ڏلن ڏيڻ جو رواج ائين پيو، جي ماڻهن پنهنجي سک لاءِ پاڻ تي پاٿهي ٻڌيون. جنگي ڪاتي جوڙڻ، ۽ لشڪر ۾ پرتي ڪرڻ جو رواج بہ ماڻهن پنهنجيءَ خوشيءَ سان وڌو، تہ ديس جو بچاءُ ڪرڻ سولو ٿئي. هن ريت رعيتي ماڻهو راجا سان هر طرح ٻانهن ٻيلي ٿي بينا ٿي، تنهڪن ۾ مڪيہ ڳالهہ هي4 هئي تہ راجا سندين مجتا سان مقرر ٿي ٿيو. ماڻهن کي دل گهريو راجا ملندو تہ منجهن راڄ ڀڳتيءَ (Loyalty)جو انگ پاڻمرادو پيدا ٿيندو. اڄ بہ چئون تہ "جنهن جي ويلا تنهن جي رکيا" يعني جنهن جي صاحبي هجي،تنهن جو سدائين خبر گهرجي. ٻين قومن جي تاريخن

مان معلوم ٿئي ٿو تهاهي ۾ نهاي راج پڌت هوندیون هیون ۽ حاڪمن جي فيصلي موجب هلڻ تي پاڻ کي ٻڌل سمجهندیون هون. حضرت عيسيٰ کي صليب تي چاڙهڻ جو حڪم ٿيو، تہ کا هوڏ يا تڪرار نہ ڪيائين؛ پر ايشور جو پاڻو منو سمجهي ماڻ ميڙ ۾ پنهنجو سر ڏنائين. منصور ۾ مرڪندي سوريءَ تي سوار ٿيو. مسلمانن جي قرآن شريف ۾ ۾ راجائي حڪم مڃڻ جي هدايت ۽ راج پڌتيءَ جو تاڪيد ٿيل آهي.

راجا جا فرض ۽ سنديس خود مختياريءَ ۾ اٽڪون: ويدن واري زماني ۾ ماڻهن ۾ لوڪشاهي (Domocracy) جو انگ ججهو هوندو هو. پنهنجي لاءِ راجا پاڻ مقرر ڪندا هئا. هو ائين ڄاڻندا هئا تہ ملڪ اسان جو آهي، راجا کي اسان پنهنجي خوشيءَ سان پنهنجي ڀلاءَ لاءِ مقرر ڪيو آهي، تنهنڪري ڪيس پنهنجا فرض ادا ڪرڻا آهن، ۽ انهيءَ فرض ادائيءَ ۾ ڪيس پئسي ۽ ماڻهن جي مدد ڏيڻي آهي. انهيءَ سبب هو پاڻ کي ايا "رعيت ڪري ڪونہ سمجهندا هئا. ڪين هٿيارن پنهوارن رکڻ کان ڪابہ روڪ ڪانہ هوندي هئي، تنهنڪري جنهن وقت ڏسندا هئا تہ راجا ڳريون ڏيلیون وجهي، ماڻهن کي پيڙي ٿو، تنهن وقت ساڻس جنگ جوٽڻ لاءِ تيار ٿي بيهندا هئا. اهڙيءَ حالت ۾ ڪنهن ۾ راجا کي جريت ڪانہ ٿي ٿي، جو خودمختيار ٿي، جيئن وٽيس تيئن هلي. ٻي ڳالهہ تہ راجا جي ڪنهن ويجهي عزيز کي راج گاديءَ هٿ ڪرڻ جي نيت هوندي هئي، تہ رعيتي ماڻهن کي چٽون چوٽون ٻڌي ۽ کين وڌيڪ سکي رکڻ جا دم دلاسا ڏيئي، پنهنجي پاسي ڪري سگهندو هو؛ جنهنڪري راجا پنهنجن اهڙن دشمنن کي ڏڪ هڻندو هو. ٽين ڳالهہ تہ جيئنهن وقت سنڌ ۾ "ڪي چور" آهن، تيئن رگ وید واري زماني ۾ ۾ ڪي هنن چورن جهڙا هوندا هئا. اڄ آريہ لوڪن مان ڪيترا جبلن ۽ سرحدن واري پاسن کان لڏي، آرين جي ڏيهي رياستن ۾ اچي رهيا هئا. اهي وجهہ ونڊي آرين جو چوپايو مال ڪاهي ويندا هئا، جنهنڪري اهي "اسر" ۽ "دئت" سڏيا ويا آهن. اهي وقت بوقت وڏو آزار مچائيندا هئا، تنهنڪري ئي راجائن مقرر ڪرڻ جي ضرورت ٿي هئي. اهي جڏهن پاڻمرادو يا ڪنهن جي چيڙڻ تي صلع ۾ وڪوڙ وجهندا هئا، تڏهن راجا جي دشمنن کي ۾ ائين چوڻ جو وجهہ ملندو هو تہ راجا

کي راجائي هلائڻ نٿي اچي. انهن سيني سببن ڪري خود راجا جي جهوبي وهٽي هوندي هئي. ڪيس سيني پارين خيال ڪرڻو پوندو هو، ۽ آپيشاهي نمونو(Autocracy) هلي ڪين سگهندو هو. اهي گويا سندس مطلق خود مختيار ٿي رهڻ ۾ رندڪون يا اتڪون هيون، تنهنڪري هر طرح رعيت جي دل ونڊي پوندي هيس. انهيءَ هوندي به ايترو ڏڪو رکندو هو، جو هر ڪو پيو ڪنبندو هو، تہ متان راجا مون تي ڪپ ٿئي، (اٿرو ويد منڊل ڇهون، 4). راجا کي اهو ڏکو ضرور وهارڻو آهي تہ رعيتي ماڻهو سمجهن، تہ ڪوبہ لچ لمپٽ اسان جي وار جو بہ نالو ونې ڪين سگهندو، ۽ جيڪڏهن ڪو بي قاعدي هلت ڪندو تہ جهٽ سزا ڏياري سگهبس. اهڙو آڏت جڏهن ماڻهن جي دلين کي هوندو، تڏهن هو ڪنهن بہ ڊپ ڊاءُ بنا اويل سويل ٻاهر نڪري سگهندا، ۽ نرسني پنهنجن ڏنڏن ڏاڙين ڏي ڏيان ڏينڊا جنهنڪري هنرن ۽ ڪاريگرن جو واڌارو ٿيندو ۽ ملڪ سائو ٿيندو.

براهمڻن جو زور: راجائون پنهنجو راڄ، ڏرم ۽ راجائي فرض پوريءَ ريت پالين، تنهن لاءِ ويدن واري زماني ۾ ئي ماڻهن ضروري سمجهيو تہ راجڪمارن کي ننڍڙي ئي راڄ، ڏرم ۽ راڄنيتيءَ جون ڳالهيون سيکارجن، تہ وڏي هوندي حڪومت جو چرخو چگيءَ ريت هلائي سگهن. ان وقت براهمڻ ۽ رشي، ڏرم ۽ نيتيءَ جي اعدن جا پورا پورا ڄاڻو هئا، ۽ اهي ئي راجڪمارن جا ودیا گرو ٿيا. خود راجائن کي براهمڻ ۽ رشين کانسواءِ ڪينسرندي هئي. هر ڪنهن هنڌ راجا جي لاءِ ضروري هو تہ پهريائين پنهنجي لاءِ ڪو پروهت مقرر ڪري، ۽ پوءِ پنهنجي تاجپوشيءَ جو بندوبست ڪري، (مهاپارت، شانتي پرو، 3 ۽ 29). راج جي سلامتي ۽ واڌاري جو مدار راجا تي آهي؛ پر خود راجا جي اُنتيءَ جو مدار سندس پروهت تي آهي. (شانتي پرو 74، 1-2). عام طرح ماڻهو ائين وسهندا هئا تہ براهمڻن ۾ اهڙو ڪو بل آهي، جو اُهي جڏهن پوريءَ وڏيءَ سان ويدن جا منتر اُچارين ٿا، تڏهن هرڪو يگيہ سڦلو ٿئي ٿو، ۽ ديوتائون ماڻهن جي من جون مرادون پڄائين ٿا. ائين بہ وسهندا هئا تہ يگين ۽ پوڄائن ڪر5ڻ ڪان سواءِ گٽ ٽيٽي ڪانهي، تنهنڪري عام ماڻهن کي، توڙي راجائن کي ڪو وڏو يگيہ ڪرڻو هوندو هو تہ سدائين براهمڻن ۽ رشين کان ڪرائيندا هئا. يگين ۽ پوڄائن مهل

براهمڻن ۽ رشين کي راجائون ۽ پيرين پوندا هئا، ۽ سندن چرن ڌوئيندا هئا، جا تابعداريءَ جي نشاني آهي. عام خلق ۽ براهمڻن ۽ رشين جي اڳيان سر جهڪائيندي هئي، ۽ راجا خود عام خلق جي مدد جو محتاج هوندو هو. اهڙيءَ حالت ۾ براهمڻن ۽ رشي راجائن کان ۽ وڏيڪ زور هوندا هئا، سو ۽ ايتري قدر هرهڪ ڏيهي رياست جو راجا "وسپتي" يعني "وس" يا عام خلق جو راجا سڏبو هو، ۽ نہ "برهمڻپتي"، براهمڻ گويا پنهنجا حاڪم پاڻ هوندا هئا. هيڏي مان مرتبي ۽ ججهيءَ هلنديءَ هوندي ۽ براهمڻن اڪثر راجا ٿيڻ جي ڪوشش نہ ڪئي، جو جاتائون ٿي تہ وزيري جي عهدي تي رهي؛ راجا کي ڏرم ۽ نيتيءَ جي پٽاندر هلائبو، تہ انهيءَ ريت ديس جي شيوا وڏيڪ چگيءَ ريت ڪري سگهبي. براهمڻن پنهنجي ڪا ڏار ڪليسا يا چرچ (Church) ۽ ڪانہ ناهي، جيئن قديم زماني ۾ يورپ ۾ رواج هو. يورپ ۾ اڳي هڪڙو ئي ڪٿولڪ ڏرم هوندو هو، ۽ پاپا (Pope) "ڏرم رکپال" (Defender of Faith) سڏبو هو. ويڪ زماني ۾ توڙي ان ڪانپوءِ ڪنهن ۽ براهمڻ يا رشيءَ کي اهڙو لقب مليل ڪونہ هو، تہ ۽ سڀ ماڻهو کين ڏرم جو رکپال سمجهندا هئا. خود راجائون ۽ سندن نهرايل قاعدن پٽاندر هلڻ لاءِ ٻڌل هوندا هئا. اڄ ۽ سندن ئي جوڙيل قاعدن ۽ سندن ئي وڌل رواجن پٽاندر ڪورٽن ۾ هندن جي معاملن جو نبيرو ٿئي ٿو. سڀ ڪورٽون انهيءَ قديم "هندو لا" (Hindu Law) تي هلڻ لاءِ ٻڌل آهن، ۽ جيڪو ۽ فيصلو انهن قاعدن پٽاندر نٿو ٿئي، سو رد ۽ باطل سمجهيو وڃي ٿو.

براهمڻن ۽ رشين جو مان مرتبو جيتوڻيڪ يورپ جي پوپن (Popes) جهڙو هوندو هو، تہ ۽ بنهي جي هلت ۾ وڏو فير هوندو هو. يورپ جا پوپ شاهاڻو شان شوڪت رکندا هئا، ۽ وڏي تزڪ ۽ تومان سان ديول (چرچ) ۾ ايندا هئا. سندو ماڻر جي باهمڻن جي هلت ئي نرالي هوندي هئي. هو ننڍڙي هوندي ئي مٿو ڪوڙائي، جڙيو پائي، پنهنجي گروءَ وٽ وديا پرائڻ ويندا هئا، ۽ اُهو سڀ وقت ڏنڊو ڪري يا ٻِنَ ڪري پاڻ ۽ ڪائيندا هئا، ۽ گروءَ کي ۽ ڪارائيندا هئا. جڏهن هر طرح جي وديا پرائي پر پڪ ٿيندا هئا، تڏهن بين کي وديا سيکارڻ، يگين ۽ پوجائن ڪرڻ جو ڪم پاڻ تي کڻندا هئا. بگين ۽ پوجائن ڪرڻ مهل ۽ ڪنهن

مسند تي چڑهي ڪونہ وهندا هئا؛ پر چؤنڪو پائي پٽ ۾ وهندا هئا. مطلب تہ نانڻ يا آڏمبر وٽن ڪونہ هوندو هو. نهنائي ۽ نماڻائيءَ سان ڏرمج ڪرم تي پوريءَ ريت هلي، پاڻ کي ايتري قدر لائق ڪندا هئا؛ جو راجائون کين پيرين پئي سندين آسيس گهرندا هئا. خود رگ وید ۾ چيل آهي تہ "جيڪو راجا براهمڻن سان پال پلائي ٿو، تنهن تي ديوتائون پرسن تي سندس رکيا ڪن ٿيون"، (منڈل چوٿون، سوُڪت 5، 8-9). انهيءَ هوندي بہ براهمڻن ۽ راجائن جي وچ ۾ وقتي تڪرار ٿيندا هئا، جيئن يورپ ۾ بادشاهن ۽ پوپن جي وچ ۾ ٿيندا هئا. مثلاً انگلنڈ جي بادشاهہ هينري انين جي مرضي تي تہ پنهنجي راڻي ڪئٿرين کي ڪڍي، اِئن بلين سان پرڻجان. ان لاءِ پوپ کان موڪل گهرائين تہ هن جيئريءَ تي جيئري پرڻجڻ جي موڪل نہ ڏنس. انهيءَ تان بادشاهہ کي اهڙي باهہ لڳي، جو پوپ کان ڪليسا (Church) جون سڀ اختياريون کسي ورتائين، ۽ آئيندي لاءِ ڏرم جو رکپال پاڻ ٿيو. سنڈو ماٽر ۾ براهمڻن ۽ ڪترين (راجائن ۽ ٻين ڪترين) جي وچ ۾ تڪرار اڪثر ٽن ڳالهين تان ٿيندا هئا:

(1) براهمڻن ۾ سؤمان (Self Respect) جو انگ بلڪل گهٽو هوندو هو، تنهنڪري جڏهن ڪو راجا ڪنهن براهمڻ جو اَپمان ڪندو هو، يا چڙ منجهان ڪيس ڪلو ايذاءُ رسائيندو هو، يا ڪهي وجهندو هو، تڏهن براهمڻ ڪيس سامهون ٿيندا هئا، ۽ وڏو تڪرار مچندو هو.

(2) جڏهن ڪو راجا براهمڻن کي ريٽي، يگين ۽ پوجائن ڪرڻ جو پاڻ کي حقدار سمجهندو هو. تڏهن براهمڻ اعتراض اُٺاريندا هئا، جو سمجهندا هئا تہ راجا اسان جن ڪمن ۽ حقن ۾ دست اندازي ڪري ٿو، پر اهڙا تڪرار گهٽو پوءِ ٿيڻ لڳا.

(3) جيڪڏهن ڪوبہ ڪٽري، راجائن ۽ ٻين کي يگيہ ڪرائيندو هو، تہ انهيءَ تان بہ براهمڻن جو انهيءَ ڪٽريءَ سان تڪرر ٿيندو هو. مثلاً وشوامتر ڪٽري ٿي راجا سوداس کلي يگيہ ٿي ڪرايو، تہ وشٹ منيءَ سخت اعتراض اٺاريو هو.

راجائن ۽ براهمڻن جي وچ ۾ تڪرار ٿيڻ لاءِ پهريان بہ مکيہ سبب هوندا هئا، تن مان پهريون سبب وڏيڪ مکيہ هوندو هو، جو ڪوبہ براهمڻ پنهنجو اَپمان سهي ڪين سگهندو هو، جنهنڪري هر ڪنهن راجا کي چيتي هلڻو پوندو هو.

رگ وید واري زماني ۾ براهمڻ رشي هيترو زور هوندا هئا، ته به وس پڄندي انهيءَ ڳالهه جو اڻ ڏهندو فائدو نه وٺندا هئا. عام خلق اڪثر سندين ڏوريءَ ۾ بدل هوندي هئي، جنهنڪري ڪنهن راجا کي راڄگديءَ تي وهارڻ توڙي راڄگديءَ تان لاهڻ سندن وس جي ڳالهه هوندي هئي، ته به وس پڄندي نه ڪڏهن پاڻ راجا ٿيڻ جي ڪوشش ڪندا هئا، نه ڪنهن راجا کي تخت ڇڏڻ لاءِ مجبور ڪندا هئا. هنن ڄاتو ٿي ته روز روز راجا پيو بدلائبو ته انهيءَ ۾ خود ديس لاءِ ڇڪائي ڪاڻ ٿيندي. انهيءَ سبب ساز سلوڪ ۾ رهڻ جي ضرورت محسوس ڪيائون، جنهن ڳالهه جو مهاپارت جي شانتي پرو ۾ ڄجهو ذڪر ٿيل آهي. راجا کي متان کي دشمن ٿڏڻ جي ڪوشش ڪن، ۽ ملڪ ۾ وڳوڙ پيدا ٿئي، تن ڳالهين کي ٻنجي ڏيڻ لاءِ به جوڳا قدم ڪنيائون، جنهن جو ذڪر ڪجي ٿو.

راجائن جي چونڊ: سنڌو ماڻر ۾ ڪنهن به هنڌ لاءِ ڪو راجا مقرر ڪرڻو هوندو هون، ته ٻين هنڌن جي راجائن کي نيندڙ ڏيئي گهرائيندا هئا، اهو ٻر وارن راجائن سان پائپيءَ ڳنڍڻ جو رستو هو. ساڳئي وقت سندين قبوليت سان راجا مقرر ٿيڻ کري، ڪنهن جنگ فساد جو امڪان نه رهندو هو. جيڪو راجا مقرر ڪرڻو پوندو هون، تنهنجي عزيزن مان متان ڪو حسد کري ۽ راڄگدي هٿ ڪرڻ لاءِ کي ستون ستي وڳوڙ پيدا ڪرائي، تنهنڪري ضروري ڄاتائون ته راجا جي چونڊ ڪرڻ ۾ خود سندس عزيزن جو به هٿ هئڻ گهرجي، ۽ اُهي پوءِ به سندس صلاحڪار ٿي رهن. راجا سندين صلاح سان ڪاروبار هلائيندو، ته پوءِ ڪنهن کي ويڪن ڪيڻ جو وجهه ڪونه ملندو. اهو دستور اختيار کري، ويڑ، وروڌ، حسد ۽ هُوس کي جڙ ته ٻنجو ڏيئي ڇڏيائون. هيءُ حقيقتون اٿرو وید ۾ ڄاڻايل آهن. اٿرو وید جي منڊل ٽئين (سُوڪت 4) ۾ راجا کي راڄگدي ملڻ جي يڳيه ٿيڻ مهل هڪ رشي چوپيس ٿو ته: "جدا جدا نياتين جا ماڻهو اوهان کي راجا کري چونڊيندا، توهان جا سجاتي (ذات وارا يا مٽ مائٽ) توهان کي ڪوٽ ڏيئي، توهان سان ملڻ لاءِ ايندا ۽ اوهان سان گڏ اگن ديوتا به اوهان جي اڇڻ جي سڌ اڳواڻ ڏيڻ ايندو". هن مان ڏسڻ ۾ ايندو ته راجا جي چونڊ ڪرڻ ۾ جدا جدا

نياتين جي ماڻهن، رشين، براهمڻن ۽ راجا جي عزيزن جو هٿ هوندو هو. اهي سپيئي "راجڪرتھ" (King Makers) سڏيا ويا آهن. راجا جي چونڊ ٽيڻ مهل جدا جدا ڳوٺن جا ماڻهو پنهنجي پنهنجي گرام منيءَ کي پنهنجو عيوضي ڪري موڪليندا هئا، ۽ اهو عام خلق جي پاران رايو ظاهر ڪندو هو. راجا جي مقرريءَ ۾ ٻيو هٿ هوندو هو "رٿڪارن" جو يعني رٿن يا گاڏين جوڙيندڙن جو. جيئن هن وقت جپاني توڙي يوروپي لوڪ هوائي جهازن ۾ چڙهي جنگ ڪن ٿا، ۽ هوائي جهازن جوڙيندڙن کي ججهو مان ڏين ٿا، تيئن اڳي راجائون ۽ ٻيا جنگي عملدار رٿن تي چڙهي جنگ جي ميدان ۾ ويندا هئا، جنهنڪري رٿڪارن جو مان هوندو هو. اُهي به راجائن جي چونڊ ڪرڻ ۾ ٻهرو ونندا هئا. راجائن جي چونڊ ڪرڻ ۾ "سوُتن" جو به هٿ هوندو هو. "برهمڻي ماءُ" ۽ "ڪتري پيءُ" مان پيدا ٿيل پٽ "سوُت" سڏبو هو. سُوت اڪثر "سارٿي" يعني رٿ هلائيندڙ هوندا هئا. اِهي رواجي گاڏيءَ وارا ڪين هوندا هئا، پر وڏا جنگي جوڌا ۽ تير اندازيءَ ۾ پڻ هوندا هئا. جنگ مهل جيڪو راجا يا جنگي عملدار رٿ ۾ چڙهي، رڻ ٻوميءَ (جنگ جي ميدان ۾ ويندو هو، سو سارٿيءَ جي پٺيان ويهي دشمن کي ٻاڻ (تير) هڻندو هو. دشمن جي طرفان جيڪي تير ايندا هئا، سي سڏو سارٿيءَ ڏي! پر هو اتڪل ڪري تير کان پاڻ بچائي ونندو هو، ۽ ساڳئي وقت پاڻ سان گڏ چڙهيل سوار جو به بچاءُ ڪندو هو. مطلب تہ جيڪو سوُت جبرو جنگي جوان ۽ لڙائيءَ جي فن ۾ ماهر هوندو هو، تنهن کي پنهنجو سارٿي ڪندا هئا. اِهو ئي سبب هو جو مهاڀارت واريءَ لڙائيءَ ۾ شري ڪرشن پنهنجي ڪرپا ڪري آرجن جي رٿ ٿي هڪليو، ۽ پنهنجي جان جوکي ۾ وجهي آرجن جو بچاءُ ڪيائين ٿي. ويدن واري زماني ۾ راجا جي مقرريءَ مهل اِهي سُوت جنگي فوج جا عيوضي ٿي ايندا هئا. ائين نہ رڳو رشين ۽ براهمڻن؛ پر جنگي ڪاتي ۽ عام خلق جي عيوضين جي مجتا سان راجائون مقرر ٿيندا هئا، ۽ ماڻهو سچو پچو سو راج ماڻيندا هئا. هي ڳالهيون اترو ويد جي منڊل ٽئين، سوُڪت 5 ۾ لکيل آهي.

راجا جي تاجپوشي: رعيتي ماڻهو جيڪو راجا پنهنجي لاءِ چونڊيندا هئا، تنهن جي تاجپوشيءَ جو ذڪر رگ ويد جي منڊل ڏهين (سوُڪت 173)، ۽ اترو ويد جي منڊل

چهين (87، 88) ۾ آهي. راجا کي راجگديءَ تي ويهارڻ مهل هڪ رشي چوي ٿو ته "اسان جي وچ ۾ اچو، ۽ پختا ٿي وهو. شل سپني کي اوهين وٽو. توهين شل پنهنجي گاديءَ تان نه ٽڙکو. هتي استر ٿي وهو، ۽ شل اِتان لهي هيٺ نه اچو. هتي اندي ديوتا وانگر پختا ٿي وهو ۽ راشٽر (رياست) جون واڳون جهليو. جيئن آڪاس استر آهي، پرٿوي استر آهي، جبل استر آهن، تيئن شل "وِس" يا عام خلق جو راجا استر هجي! شل ورڻ ديوتا، برهسپت ديوتا، اندر ۽ اگني ديوتا جي ڪرپا سان حڪومت جون واڳون توهان جي هٿ ۾ پختيون هجن! جيڪي توهان جا دشمن هجن، يا توهان سان دشمن جهڙي هلت ڪن، تن کي توهين پنهنجن پيرن هيٺ پورو ڪري ڇڏيو، پر توهان کي ڪا نوڪر نه اچي. سڀ يڪراءِ ٿي اوهان جو مان ڪن ٿا، ۽ سمتي توهان کي مقرر ڪري ٿي توهين محڪم هجو".
هن مان ظاهر آهي ته قديم زماني ۾ ئي رشين جاتو ٿي ته حڪومت جو چرخو چگيءَ ريت تڏهن هلي سگهندو، جڏهن راجا جي راجائي پکي پائي تي بينل هوندي. انهيءَ سبب ئي اهڙيون آراڏنائون ڪيائون ٿي، ته راجا جو راج قائم رهي!

سپا ۽ سمتي: رگ ويد واري زماني ۾ راج دربار جا ميڙ بن نالن سان سڏبا هئا: "سپا" ۽ "سمتي"، پنهين جي وچ ۾ ڪهڙو تفاوت هوندو هو، سو رگ ويد ۾ جاڻايل ڪونهي، پر جيڪي حقيقتون ويدن ۾ جدا جدا هنڌن تي جاڻايل ڪونهي، پر جيڪي حقيقتون ويدن ۾ جدا جدا هنڌن تي جاڻايل آهن، تن مان اسان جي عالمن کي ائين سمجهڻ ۾ اچي ٿو ته "سمتي" هڪ وڏي ڪانگريس هوندي هئي، جنهن ۾ سڀني ڪُلن جا ماڻهو اچي ڪنا ٿيندا هئا. سمتيءَ ۾ راجائون به ويندا هئا (رگ ويد منڈل نائون 92، 6)، "راجنهہ سمتوير" يعني امير امراءَ به اتي اچي ڪنا ٿيندا هئا، (منڈل ڏهون 97، 6). رگ ويد جي منڈل ڏهين (173، 1) ۾ چٽيءَ ريت چيل آهي ته "سڀ يڪراءِ ٿي اوهان جو مان ڪن ٿا ۽ سمتي توهان کي مقرر ڪري ٿي". هيءَ ساڳي ست جا مٿي تاجپوشيءَ جي ذڪر ڪندي ڏني ويئي آهي، تنهن مان ۽ بين اهڙن احوالن مان عالمن کي ائين وسهڻ لاءِ سبب ٿيو آهي ته سمتين ۾ ماڻهن جو ميڙ راجا چونڊڻ، تاجپوشيءَ جي جلسن ۽ بين

اهڙن خاص موقعن تي مڙندو هو، باقي ٻيو ملڪي ڪاروبار راج سڀائن ۾ هلندو هو.

"سمتي" لفظ جي بنيادي معنيٰ آهي "جتي ماڻهو وجي ڪٺا ٿين".تنهنڪري اڄ تائين "سمتي" لفظ سڀا مندل يا ميڙ" جي معنيٰ سان ڪم اچي ٿو، پر شاين آچاريه، جنهن ويدن جي ٽيڪا ڪئي آهي، تنهن "سمتي" لفظ جي معنيٰ ڪئي آهي "سنگرام يا لڙائي"، ياسڪ منيءَ به اهائي معنيٰ ڪئي آهي. وڏي ڳالهه ته اٿرو ويد جي مندل ٻارهين سوُڪت پهرئين۾ "سمتي" ۽ "سنگرام" لفظ ائين گڏ ڪم آيل آهن، جو جڙ ته ساڳي معنيٰ وارا لفظ آهن. "سمتي" لفظ جي اڳي اها معنيٰ ڪهڙي حساب سان هئي، سا ڳالهه سمجهڻ تڏهن سولي ٿئي ٿي، جڏهن يورپ جي آڳاٽين سمتين جون ڳالهيون ڏيان ۾ رکجن ٿيون. يونان جي تاريخ مان معلوم ٿئي ٿو ته قديم زماني ۾ اتي ڪا وڏي ملڪي ڳالهه ٿيندي هئي، ته آزاد خيالن وارا ماڻهو پلٽڻ وانگر صفون ٻڌي راج دربار ۾ وجي ٻيهندا هئا. ٽيوٽانڪ قوم وارن ۾ دستور هوندو هو ته جڏهن صلح يا جنگ ڪرڻ جو نهراءُ ٽيڙو هوندو هو، تڏهن به آزاد خيالن وارا ماڻهو صفون ٻڌي وجي ٻيهندا هئا، ته ڏسون ته ڪهڙو فيصلو ٿو ٿئي. جيڪڏهن فيصلو سندن دل وٽان نه ٿيندو هو، ته پنهنجي ناراضپي ظاهر ڪرڻ لاءِ ڀُڻ ڀُڻ يا ڪنجهڪار ڪندا هئا؛ پر جيڪڏهن سندن دل وٽان فيصلو ٿيندو هو، ته پوءِ پنهنجي راضپي ظاهر ڪرڻ لاءِ پنهنجا نيزا يا ڀالا کڙڪائيندا هئا! اِهي ڳالهيون ويچار ۾ رکجن ٿيون ته ائين سمجهڻ ۾ پيو اچي ته سنڌو ماڻر ۾ به جيڪي "سينا ناني" يا لشڪري مهندار (Leaders of the Army) گرام مني ۽ ٻيا جنگي جوڌا رعيت جا عيوضي ٿي سمتيءَ ۾ ايندا هئا، سي صفون ي اچي ٻيهندا هئا، تنهنڪري سمتي" لفظ جي اصل معنيٰ هئي "جتي ڪٺڪ اچي مڙن". مطلب ته سمتيءَ ۾ ماڻهو ائين اچي مڙندا هئا، جيئن جڏ يا لڙائيءَ ۾ ڪٺڪ اچي مڙن ٿا، تنهنڪري "سمتي" ۽ "سنگرام" اصل ساڳئي معنيٰ وارا لفظ هوندا هئا. اڳي سڀ ڪوناٽا جنگي جوڌا هوندا هئا، جا ڳالهه اڳي ئي ڄاڻائي وئي آهي.

"سيا" لفظ جي بہ معنيٰ آهي "منڊلي، ميڙ يا دربار". مثلا "اندر سيا" معنيٰ راجا اندر جي دربار. سيا ۾ راجا ڀهڪندڙ ويس ويس وڳو ڪري ۽ سنهري جيو پائي ايندو هو، تہ يَڏَ پريان ئي سندس اچڻ جي ستڌ ڏيندا هئا (رگ وید منڈل ڏهونہ، 40، 3)، درباري سندس وڌائي ۽ واکاڻ ڪندا هئا (منڊل پهريون 173، 10)، ۽ راجا جو حڪم احڪام دوُت (Messengers) ٻين تائين پهچائيندا هئا، (منڊل (ڏهون 123، 6). راجا جي گادي سون سان سينگاريل هوندي هئي (منڊل پنجون 62، 7)، ۽ هينان فرش وڇايو پيو هوندو هو، (رگ وید منڈل پهريون، 171)، امير وزير بلڪ راجا جا مقرر ڪيل جاسوس بہ سندس چوڌاري ميڙ ڪري وهندا هئا، (منڊل پهريون، 25، 10).

رگ وید واري زماني ۾ "سيا" هڪ ملڪي ڪائونسل (Political Council)هوندي هئي، جنهن ۾ راجا حاضر ٿي، ملڪ جو ڪاروبار هلائيندو هو. وڏا وڏا معاملا بہ اُتي نبرندا هئا، تنهنڪري اِها جُڊيشل اسيمبلي (Judicial Assembly)بہ هُئي، جنهن ۾ راجا جا صلاحڪار بہ اچي مڙندا هئا. راجا پاڻ سپاپتر ٿيندو هو، ۽ درٻارين مان ڪي "اَسيسر (Assessor) يا "مشير" ٿي وهندا هئا. البت راجا جي راءِ ڪي گهٽو وزن ملندو هو، ۽ سڀ فيصلا سندس دل وٽان ٿيندا هئا (رگ وید منڈل چوٿون، 21، 2)، تہ بہ سيني جي دلي مراد اها ئي هوندي هئي، تہ ڏرم تي هلجي. اهو ئي سبب آهي، جنهنڪري "شُريتن" ۽ "سُمريتن" ۾ ملڪي توڙي پنگتي ڳالهيون ڏرمي ڳالهين سان ڳنڍيون ڳتيون پيون آهن."جيڪو راڃا ڏرم تي هلي ٿو، تنهن کي سوڳ جا سک نصيب ٿين ٿا، ۽ جو اڏرم ڪري ٿو، سو نرڪ گامي ٿئي ٿو، (مهاپارت، شانتي پرو 15، 4-6 ۽ 17- 6-9)". اِهي هئا آڳاتن آرين جا عقيدا، تنهنڪري ڏرم تي هلڻ پهرين ۽ مکيہ ڳالهہ هوندي هئا. جيڪڏهن اتفاق سان ڪو معاملو پوريءَ ريت فيصل نہ ٿيندو هو، ۽ پوءِ پتو پوندو هو تہ بي انصافي ٿي آهي، تہ راجا سميت سڀ درباري پاڻ کي ڏوهہ ڏيندا هئا، ۽ پراڃت ڪندا هئا! مطلب تہ هر طرح اهائي ڪوشش ڪندا هئا تہ ڪو ڪنياءُ نہ ئي، ۽ حقدارن کي حق پلءِ پوي. سڃيءَ دنيا جي تاريخ ڏسو تہ انهيءَ قديم زماني ۾ ٻئي ڪنهن بہ

ملڪ جي ماڻهن ۾ ايتري جاڳرتا ڪانه هئي، جيتري سنڌو ماٿر ۾ هئي. اُن وقت جي ٻي هڪ مکيه ڳالهه آهي، جا هن وقت به ڪانهي.[*]

هن وقت پارليامينٽن، اسيمبلين، ميونسپالٽين، پنچاتين ۽ ٻين منڊلين ۽ سياڻن ۾ ڪيتريون ڳالهيون غلبي راءِ بحال ٿيندیون آهن، يعني جيڪڏهن رڳو ڪي ٿورا ڪنهن رٽ جي برخلاف هوندا آهن، تہ انهنجي راءِ کي ڪونہ ليکيندا آهن. اڳي ائين ٿيڻ نہ ڏيندا هئا، جيڪي ساڻن شامل راءِ نہ ٿيندا هئا، تن سان بہ ٽڈي سيني بحث مباحثو ڪري، کين پنهنجي طرف آڻڻ جي ڪوشش ڪندا هئا، تہ هرهڪ ڳالهه بنہ يڪراءِ فيصل ٿئي. هن بقبت رگ ويد جي پچاڙيءَ واري سُوڪت ۾ جيڪي لکي هي، تنهن جو مطلب هي آهي:

"مڙي اچو، گڏجي ڳالهيون ڪريون، شل توهان جن دلين ۾ متفق راءِ پيدا ٿئي!... هيءُ ماڳ سيني لا3 عام آهي. هيءَ سڀا سيني جي آهي، دليون بہ سيني جون عام لاءِ آهن. شل خيالن ۾ بہ ملي هڪ ٿيون! آئون اوهان جي اڳيان جيڪا ڳالهه پيش ڪريان ٿو، سا عام لاءِ آهي، نهراءُ بہ ساڳيو هڪڙو ڪريون. شل اوهان جن دلين ۾ اتفاق پيدا ٿئي! سيني جا خيال بہ سامان (هڪجهڙا) ٿين، تہ سڀيئي هڪٻئي سان شامل راءِ ٿيون!"

---

[*] انگريزي لفظ "رائيول" (Rival) اصل ۾ "رور" (River) يعني ندیءَ لفظ مان نهيو آهي. ندين جي پاڻيءَ جي تڪرار سبب هڪ ڌر ٻيءَ ڌر جي برخلاف ٿيندي هئي، ۽ ائين منجهن پهاڄپٽو (Rivaly) پيدا ٿيندو هو. (مصنف)

[*] Maitrayani Sanhita IV. 14, 12. Macdonell and Kesth: Vedic Index II, p. 51.

[*] "جن" لفظ جي اصل معنيٰ آهي "ماڻهو"، ۽ انهيءَ مان سنڌي لفظ "جٽو" نهيو آهي: جيئن ڇئون تہ هڪڙو جٽو، بہ جٽا. اهو ئي ساڳيو "جن" لفظ جمع جي معنيٰ بہ ڏئي ٿو. مثلاً "هريجن" معنيٰ "هريءَ يا پيگوان جا جيو" (People of God). ائين "جن" لفظ نيات يا قوم جي معنيٰ بہ ڏيڪاري ٿو. سنسڪرت لفظ "جن" (Jana) جو اُچار لئٽن ۾ Gens ۽ گريڪ يا يوناني ۾ Geons آهي.

[*] "This scheme can be supported by apparent analogies not only from Greece, Italy Germany and Russia, but also from the Iranian State with the graduated hierarchy of family or house holds, viz, Zentu and Dahyu." Cambridge History of India, Vol. 1, p.91.

* "The vast majority of contests mentioned were of the first kind. Very few of the second kind are recorded. These two kinds were the analogues of disputes and contests in Europe between the temposal and spiritual powers." F.E. Pargiter: Ancient Indian Historical Tradition, p.p. 243-44.

* * سنسڪرت ۾ "اِ" يعني اچڻ يا وڃڻ، "اِت" معنيٰ آيو يا ويو ۽ "سم" معنيٰ گڏ، تنهنڪري "سمتي" (سم + اِت + اي) معنيٰ "جتي سڀ اچي يا سڀ وڃي گڏ ٿين."

* "The intimate contact of religion with the rest of life explains, why Hindu social and political theory is often presented in the same books with law and domestic ritual." Dr. Beni Parsad. Theory of Government in Ancient India, p.3.

ڏسو ته رگ وید واري قديم زماني ۾ ئي حق تي هلڻ، ۽ ديس جي پلي خاطر سڀني کي يڪراءِ ڪرڻ لاءِ ملڪ جي مدبرن ڪيئن ٽي مٿاڪٽ ڪئي!

سڀا برخواست ٿيڻ کانپوءِ ڪيترا درٻاري اُتي ئي ويهي ڪائيندا پيئندا هئا، ۽ ڊاري راند ڪندا هئا. اوڏيءَ مهل سڀا کي ڦيري "ڪلب" (Club) ڪري ڇڏيندا هئا. راجائون به ڊاري راند ۾ شامل ٿيندا هئا، جو اِها راند اُن وقت جي ماڻهن لاءِ هڪ وڏي وندر هوندي هئي.

شهر ۽ عالم پناهون: ملڪ ۾ نياءَ ڪاري راجا هوندو ۽ ماڻهن جي جان، مال عزت جي بچاءَ لاءِ پورو بندوبست هوندو، ته ماڻهوڻ پچو پنهنجو ڏيان علم ۽ هنرن تي ڏيندا ۽ ائين سڀيتا جو واڌارو ٿيندو. سڀيتا جو واڌارو سدائين صلح سانت جي وقت ۾ چگيءَ ريت ٿيندو آهي. اِنهيءَ ترقيءَ جا اُهجاڻ رگ وید منجهان ئي ملن ٿا، جنهن ۾ "درگاهه" ۽ "پُر" لفظ ڪيترا گهمرا ڪم آيل آهن. "درگاهه" لفظ ۾ "دُر" معنيٰ "مشڪل" ۽ "گ" (گم) معنيٰ وڃڻ، تنهنڪري "درگا" معنيٰ "قلعو" (جنهن ۾ ڪو ڌاريو ماڻهو مشڪل وڃي سگهي). ديويءَ کي به "درگاهه" چئبو آهي، جو اِها پنهنجن پوڄارين لاءِ هڪ قلعو يا پناهه آهي، يعني سندن اَجهو ۽ اوٽ آهي. هن مان ثابت آهي ته قلعا نهايت مضبوط جوڙيندا هئا، جن ۾ ڪو ڌاريو ماڻهو سٽرو گهڙي ڪين سگهندو هو.

هن وقت "پر" (پور) لفظ جي عام طرح معنيٰ ناهي "شهر" جهڙوڪ: خيرپور، ميرپور ۽ نصرپور. رگ وید جي منڈل پهرئين (53، 785، 8)، منڈل ٽئين (15، 4؛ ۽ ٻين منڈلن ۾ "پُر" لفظ ڪوٽ يا قلعي جي معنيٰ سان ڪم آيل آهي. هاڻوڪي سنسڪرت ۾ به "پُر" (پُور) لفظ جي معنيٰ "شهر" به آهي ته "قلعو" به آهي. ساڳي

لفظ جون اِهي ٻہ معنائون هن ڪري ٿيون آهن، جو اڳي جيڪي شهر هوندا هئا، تن کي عالم پناهہ ڏنل هوندي هئي. هن وقت ٻہ جيسلمير ۽ ٻيا ڪي شهر قلعن يا عالم پناهن جي اندر آهن. اِهو رواج سنڌ ۾ ٻہ عام هو. مثلاً شڪارپور جو شهر، ويجهڙائيءَ جو ٻڌل آهي، سو سڄو ئي قلعي جي اندر هوندو هو. شهر ۾ آمدرفت لاءِ جدا جدا پاسن کان دروازا هوندا هئا، جي اڄ تائين لکي در، هاڻي در، هزاري در، سوي در ۽ بين نالن سان سڏجن ٿا. شڪارپور کان گهٽو پوءِ ڪراچيءَ جو شهر ٻڌو. اصلوڪو ڪراچيءَ جو شهر ٻہ قلعي اندر هوندو هو، جنهن کي ٻہ دروازا هوندا هئا، هڪڙو دروازو سمنڊ جي طرف هوندو هو، تنهنڪري اُهو "ڪارو در" سڏبو هو، ۽ ٻيو دروازو لياري نديءَ جي مني پاڻي طرف هوندو هو، تنهنڪري اُهو "منو در" سڏبو هو. شڪارپور ۽ ڪراچيءَ جا وارا قلعا ڳڇ وقت کان ڏهي ويا آهن، تہ ٻہ دروازن جا اُهي نالا اڄ تائين هليا اچن، اِهي ٻئي شهر قلعن اندر ٻڌل هئا، جنهنڪري چئبو تہ شهرن جي چوڌاري عالم پناهہ يا قلعن ٻڌڻ جو رواج، جو رگ ويد واري زماني ۾ هو، سو پوءِ ٻہ سنڌ ۾ ساندهہ هلندو پئي آيو. پروفيسر پٽي واري سنسڪرت ڊڪشنريءَ ۾ ڄاڻايل آهي تہ "پُر" اُنهيءَ عالم پناهہ ڏنل شهر کي چئبو آهي، "جنهن ۾ وڏيون عمارتون هجن، چوڌاري کاهي هجي ۽ جنهنجي اِراضي هڪ ڪوهہ کان گهٽ نہ هجي".

ڪوبہ شهر قلعي جي اندر ٻڌبو، تہ ماڻهن جي جان ۽ مال ملڪيت عالم پناهہ "پرٿوي" يعني ويڪري، ۽ "اُروي" يعني ڪشادي سڏي ويئي آهي، (منڈل پهريون 189، 2) اِها عالم پناهہ "شَتَ پِجي" يعني "هڪ سؤ ٻانهن واري" ٻہ ڪوٺي ويئي آهي، (منڈل پهريون (166، 8 ۽ منڈل ستون 15، 4) ۾ "اَيسيويهہ پُرو" (Ayasivih Purvih) يعني "لوهہ جا قلعا" ڪوٺبا ويا آهن. هيءُ سڀ ڳالهيون تڏهن پوريءَ ريت سمجهي سگهجن ٿيون، جڪڏهن يوناني تاريخ نويسن بئبلان بابت ڏنل احوال ڏيان ۾ رکجن ٿا.

"يدو" ۽ "تروسو" آرين بابت مٿي اڳي ئي چيو ويو آهي تہ اِهي بئبلان کان سمنڊ رستي آيا هئا، ۽ آرين جون بينڪون پوءِ ٻہ ڪي صديون ساندهہ بئبلان ۾ هيون، اِهو شهر ٻہ عالم پناهن اندر ٻڌل هو، ۽ اِهي عالم پناهون پوءِ ٻہ ڪئين ورهيہ

ساندھ سالم بينيون هيون، جي هيرو ڊوٽس ۽ ٻين يوناني تاريخ نويسن وٽيون هيون. اِنهن اکين ڏٺل احوالن موجب بئبلان جو شهر فرات (يوفريٽس) نديءَ جي ٻنهي ڪپن تي چورس نموني ٻڌل هو. سڄي شهر کي پٽين جون ٻہ ٽي قطارون هيون ٻاهرين پٽ. 360 کان 480 "سٽيڊ" (Stades) ٻائيتاليهن کان وٽي چاونجاھ ميلن تائين هئي، ۽ ان جي اوچائي ٽي سؤ يا سادا ٽي سؤ فوٽ ۽ ويڪر پنجاسي کن فوٽ هئي! سڄي شهر جي ايراضي ٻہ سؤ کن چورس ميل هئي!!! ماٽھن جي امدرفت لاءِ ٻاهرين پٽ کي هڪ سؤ دروازا هئا، جي سڀ "برانز" (Bronze) جا ٺهيل هئا، ٽنيا ۽ چاپڙا (Lintels) ٻہ برانز جا هئن. شهر جي اندر ڪن پٽين کي پنجويهہ دروازا هئا، جن مان لنگهي جدا جدا گهٽين ڏي ماٽھو ويندا هئا. مطلب تہ گهٽيون ٻہ پنجويهہ هيون، ۽ هرهڪ گهٽيءَ کي ٻاهريون دروازو هو. اِنسئڪلوپيڊيا برٽينيڪا ۾ بئبلان جي اُنهن احوالن ڏيندي ڄاڻايو اٿن، تن هيرو ڊوٽس ۽ ٻين يوناني تاريخ نويسن اُناءُ ۽ وڏاءُ ڪيو آهي؛ پر هتي اُناءَ جي ڳالهہ ڏسڻ ۾ ئي ڪانہ ٽي اچي. رگ وید ۾ عالم پناھ کي "شَتَ پڃي" يعني هڪ سؤ ٻانهن وارو سڏيو اٿن، ۽ يوناني تاريخ نويسن ٻہ ائين ئي ڄاڻايو آهي تہ بئبلان جي ٻاهرينءَ پٽ کي هڪ سؤ دروازا هئا. پڌرو پيو آهي تہ رگ وید واري زماني ۾ ئي سنڌو ماڻر جي هرهڪ عالم پناھ کي هڪ سؤ دروازا هوندا هئا، ۽ اُهي دروازن وارا هنڌ عالم پناھ جون ٻانهون سڏيا ويا آهن. بئبلان وانگر سنڌو ماڻر جي شهرن جون عالم پناهون ٻہ نهايت گهٽي اِراضي والاري بينيون هيون، جنهنڪري رگ وید ۾ هرهڪ عالم پناھ "پرٿوي" (ويڪري) ۽ "اُروي" (ڪشادي) سڏي ويئي آهي. رگ وید واري زماني کان هزارها ورهيہ پوءِ هيرو ڊوٽس ۽ ٻيا يوناني تاريخ نويس پيدا ٿيا. انهن ٻہ جڏهن بئبلان جا ايهي ئي احوال ڏٺا آهن، تڏهن يقين ڄاڻڻ گهرجي تہ بئبلان جي سڀيتا جا بانيڪار اِهي ئي آريہ لوڪ هئا، ۽ ٻنهين هنڌن جي تهذيب ۾ تفاوت هئو ئي ڪونہ. ائين وسهڻ لاءِ هيڪاري هن ڪري سبب ٿئي ٿو، تہ جنهن اعليٰ درجي جي سڀيتا بابت حيرت جهڙيون حقيقتونمهن جي دڙي مان معلوم ٿيون آهن، سي ساڳيون ميسو پوٽيميا مان ٻہ معلوم ٿيون آهن. اِهي ڳالهيون سنڌو ماڻر ۽ ميسو پوٽيميا جي رهاڪن جي هڪ

ٻئي سان ججهي لهه وچڑهه جو اُهجاڻ ڏين ٿيو. ٻئبلان وسايو ئي سنڌو ماڙ جي رهاڪن، جيئن بابت ٻارهين ۾ ڄاڻايو اٿئون.

رگ ويد جي منڈل ڇهين (47، 2)، ۽ منڈل ستين (6، 5) ۾ "ديهي" (Dehi) لفظ ڪم آيل آهي. ٻانئجي ٿو ته جيئن حيدرآباد جي قلعي جي چوڌاري ڪاهي ڪوٽيل آهي – تيئن قلعن يا عالم پناهن جي چوڌاري "ديهيون" (ڪاهيون) هوندیون هيون، ۽ جنگ مهل انهن ۾ لڪي، دشمنن کي پريان تير هڻندا هئا.

مٿي ذڪر ڪيل عالم پناهه ۽ ڪاهين کان سواءِ ٻيا ڪي قلعا هوندا هئا، جي رگ ويد ۾ "شَردي" يعني سرءُ جي موسم جا قلعا سڏيا ويا آهن. انهن قلعن بابت عالمن جا علحده علحده رايا آهن. ڪي چون ته اهي ٻوڏ کان بچاءَ لاءِ هوندا هئا (ويدڪ انڈيڪس 1، 385)، ڪي چون ته رنگين زباني ۾ برسات جي ڪرن کي انهيءَ نالي سان سڏيو اٿن، جي سرءُ جي موسم ۾ ٽڙي پکڙي وڃن ٿا، جنهن صورت ۾ هنن قلعن بابت عالمن جي هڪ راءِ ڪانهي، تنهن صورت ۾ انهن بابت ڪجهه ٻه وڌيڪ چئي نه ٿو سگهجي.

راجائن جا محلات: رگ ويد ۾ ڄاڻايل آهي ته راجائن جا محلات قلعن جي اندر هوندا هئا، جن ۾ ڪاٺ جو سهڻو ڪم ٿيل هوندو هو. اهي محلات ايتري قدر لنبا ۽ چوڙا هوندا هئا، جو ٿوريءَ ٿوريءَ وٿيءَ تي ٽنپو ڏيڻو پوندو هو، جنهنڪري اهي "سهسر ستوڻ" يعني هزار ٽنين وارا سڏيا ويا آهن، (منڈل ٻيو 41، 5) ۽ (منڈل پنجون 62، 6) ٽنين تي اگهاڙين چوڪرين جي شڪل اُڪريل هوندي هئي، جنهن مان سمجهجي ٿو ته بيشمار دريون ۽ دروازا هوندا هئا، (منڈل ڏهون 99، 3). هن مان اها ساک ملي ٿي ته سنڌو ماڙ (پنجاب ۽ سنڌ) ۾ ان وقت جهرا قابل هئا واڌا ۽ رازا، تهڙائي قابل هئا سروير يا معمار، جن هڻيون وڏيون ۽ عاليشان عمارتون بنايون ٿي.

رگ ويد ۾ اهو به ڄاڻايل آهي ته محلاتن ۾ اندر ڏن مال اڪيچار هوندو هو، (منڈل ٻيو 41، 5). راجائون وڏيءَ دل سان دان ڪندا هئا. رشين سندن دان آستتيون ڳايون آهن، سا ڳالهه به ڄاڻائي ٿي ته راجائن وٽ ڏن مان اڪيچار هوندو

هو. اهي محلات کاڻ جا نهيل هوندا هئا، تنهنکري وقت تي انهن کي باهيون لڳنديون هيون (منڊل ستون 5، 3)، ۽ ملکيت جلي ويندي هئي.

سلطنت شاهي Imperialism : آڳاٽا راجائون، جن جا ابا ڏاڏا اصل ڳوناٽي جيوت گذاريندا هئا، سي هاڻ قلعن اندر عاليشان محلاتن ۾ رهڻ لڳا، ۽ رعيت وٽان ڌلن ملڻ ڪري مالا مال ٿيا، ته پاڻ ترشنا وين وڌندي، اهو انساني سياڻ آهي. "اِنسان اُونڌي کوپڙي آهي". ڪڏهن به سندس ڏاڙهه ٽيڙ جو نه آهي. "گهٽي ۾ گهٽو گهرجي". "طمع سندو طس پريو پرجي ڪينڪي". هو پوءِ مهاراجا ۽ چڪروتي راجا ٿيڻ لاءِ پنهنجي حڪومت جي حد وڌائڻ لڳا. انهيءَ مان سندن هڪ ٻيو ڪارج به ٿي سِڌو. ننڍڙي ڏيهي رياست ۾ ڪو راجا سڌيءَ طرح نه هلندو هو، ته اُتي جا رهاڪو آسانيءَ سان يڪمشت ٿي، خود راجا کي سِڌو ڪري سگهندا هئا. حڪومت جي حد وڌي هوندي، ته رڳو ملڪ جا مدبر ۽ ديس شيوڪ ملڪي ڳالهين ۾ بهرو ونندا باقي ٻيا ٽڏا نڪر وينا هوندا، جنهنکري راجا کي آپيشاهي نمونو اختيار ڪرڻ، بلڪ عام خلق جو رايو رينڙ سولو ٿيندو. اهڙين مرادن سان پنهنجي حڪومت جي حد وڌائڻ خاطر راجائن کي بعضي پنهنجن پر وارن راجائن سان جنگيون جوڙيون پوندیون هيون.

قديم زماني کان وٺي هندستان جي راجائن جا جنگ بنسبت ٻ علحده متا هوندا هئا: هڪڙن جو متو اهو هوندو ته پنهنجو ملڪ سنيالي ويهجي، ۽ ڪنهن ڌارئي کي پنهنجي ملڪ ۾ پير پائڻ نه ڏجي، تنهنکري جنگ فقط تڏهن ڪجي، جڏهن غنيم ڪاهي اچي. ٻين جو متو هيءُ هو، ته خواهه مخواهه ٻ ٻين جي ملڪ تي ڪاهي، کين پنهنجو ڏن ڀرو ڪجي. انهيءَ سلطنت شاهيءَ جي خيال وچان، جيئن هينئر جرمني ۽ جپان ڪلور ڪري رهيا اهن، ۽ انگلينڊ، آمريڪا، رشيا ۽ چائنا پاڻ ۾ ملي سندن ڪلورن کي روڪڻ جي ڪوشس ڪري رهيا آهن، تيئن رگ ويد واري زماني ۾ ٻ راجائون اِئين ڪندا هئا.

رگ ويد جي پهرئين ئي پهرئين منڊل (53، 9) ۾ جاڻايل آهي ته هڪ لڳّا ويهن هنڌن جا راجائون پاڻ ۾ بڌي ڪري، ششروا (Sushrava) نالي هڪ جبري راجا تي ڪاهي ويا. سندن لشکر ۾ ست هزار نوي ماڻهو هئا، ته ٻ اِندير ديوتا جي ٻاجهه

سان اٽلندو هو ڪائن ڪٽي ويو (53، 1). رگ وید ۾ انهيءَ جنگ جو ذڪر رڳو ايترو آهي، تنهنڪري پتو ڪونہ ٿو پوي، تہ اها جنگ ڇا تان لڳي هئي ۽ ڪيئن هڪڙو حاڪم ويهن حاڪمن کان ڪٽي ويو هو.

دش راجن (War of Ten Kinds) : رگ وید ۾ بي هڪ مهاياري لڙائيءَ جو ذڪر آهي، جا "دش راجن" يعني ڏهن راجائن جي لڙائي سڏي ويئي آهي. اُن جا احوال رگ وید ۾ ٽڙيا پکڙيا پيا آهن، جي عالمن ڳنديي، سلسلي وار بيهاريا آهن، جنهنڪري سڄي ڳالهہ ڳچ قدر سمجهي سگهجي ٿي.

نهايت قديم زماني ۾ وشوامتر نالي هڪ رشي ٿي گذريو آهي، هو اصل ڪتري هو؛ پر پنهنجيءَ تپشيا جي ڪري راج رشي بلڪ برهم رشي سڏجڻ ۾ آيو. اهڙي تہ تپشيا ڪيائين جو خود اِندر ديوتا کي ڊپ لڳو، تہ هيءُ ڪنهن وقت منهنجو اِندرآسن (راجا اِندر جو آسڻ) کسيندو. راجا اِندر پوءِ "ميٽيڪا" نالي هڪ اَپسرا (پريءَ) کي موڪليو، جنهنجي خوبصورتيءَ وشوامتر کي ايتري قدر موهيو، جو هن جوڳ آسڻ ويڑهي ڇڏيو ۽ سندس سنگ ۾ گذارڻ لڳو. ڪيس پوءِ انهيءَ اَپسرا مان هڪ نياڻي ڄائي، ميٽيڪا اِهو ٻار ڪنهن جهنگ ۾ ڇڏي ڪري، آڪاس ڏي اُڏامي ويئي. انهيءَ ٻار تي "شڪَنْت" يعني پکي اڇي مڙيا. ڪٽو نالي هڪ رشيءَ اها ٻالڪي ڏٺي، تہ پکين کي هڪالي، اها پنهنجي نياڻي ڪري وڃي، پالياٽين ۽ نالو رکيائينس "شڪُنتلا" (شڪنت + لا) يعني "پکين مان لاڀ ٿيل يا حاصل ٿيل"، اها شڪنتلا پوءِ راجا دشينت سان پرڻي ۽ "پرت" نالي پٽ جائس، جنهنجي نالي پنيان سڄو هندستان هاڻ "پارت ورش" ۽ "پارت کند" سڏجي ٿو، انهيءَ پر جو اولاد "پرت آريہ" لوڪ سڏبا هئا؛ جي پُروُ آرين جي هڪ شاخ مان هئا. رگ وید واري زماني ۾ انهن مان کي سرسوتيءَ تہ کي شتدري (ستلج) نديءَ جي ڪناري تي رهندا هئا.

وشوامتر جي گوتر واري سندس ئي نالي پنيان سڏبا هئا. انهن مان هڪڙو وشوامتر راجا سُوداس جي ڪُل جو پروهت هو. راجا سُوداس جي پيءُ جو نالو راجا پجون (Pijavana) هو ۽ ڏاڏس جو نالو راجا دِوِوداس هو. اِهي ترتسو آرين مان هئا، جي پرو ۽ پرت آرين جا ڏورانهان سوت هئا، ۽ پوءِ پنچالن جي دعي ۾

ليکجڻ ۾ آيا، جن مان پنچالي (دروپدي) هئي. راجا سُوداس جي ڏاڏي راجا دوداس پنهنجي وقت ۾ يدو ۽ تروسو آرين سان جنگيون جوٽيون هيون (رگ وید منڈل نائون 61، 2)، ۽ ٻين ڪيترن آرين کي به پنهنجو ڏن پرو ڪيو هئائين، جنهنڪري سندس پوٽي راجا سُوداس سان گهڻن جو حسد هوندو هو. گهڻن ڏينهن کان ڪيترن ۾ وارن راجائن جي مرضي هئي ته راجا سُوداس جو زور ڀڃجي، ۽ ڪنهن به يڪي سر ساڻس جنگ جوٽڻ جي سمرٿي نٿي ساري. کين پاڻ کان هيٺو سمجهي، راجا سُوداس ارادو ڪيو، ته انهن کي پنهنجي تابعي ڪجي، ۽ پنهنجيءَ حڪومت جي حد اڃا وڌائجي. هن پوءِ "اَشو ميڌيگيہ" يعني گهوڙي جي قرباني‌ءَ جي يگيہ جو سانباهو ڪيو.

قديم زماني ۾ دستور هوندو هو، ته جنهن راجا کي ٻيا راجائون پنهنجي تابعي ڪرڻا هوندا هئا، سو پنهنجي سواريءَ جو گهوڙو ڇيڪ ڇوڙي ڇڏيندو هو، ته پلي ڪنهن به راڄڌانيءَ ۾ گهڙي وڃي. گهوڙي جي پٺيان پنهنجو وڏو ڪٽڪ موڪليندو هو. اِهو گهوڙو جنهن راڄڌانيءَ ۾ پاٽمرادو گهڙي ويندو هو، تنهن جو راجا يا ته گهوڙي جي مالڪ جي مات ميٹ ۾ آڻ مڃيندو هو، يا سندس موڪليل ڪٽڪ جي سامهون ٽيندو هو، پوءِ "جيڪو ڏاڍو سو گابو". جيڪڏهن گهوڙو گهڻين راڄڌانين ۾ ويندو هو، ۽ اُنهن سڀني هنڌن جا راجائون گهوڙي جي مالڪ جي تابعي ٽيندا هئا، ته گهوڙي جي موٽي اچڻ تي، سوپارو راجا يگيہ ڪندو هو، جنهن ۾ اِهو گهوڙو بلِ چاڙهيندا هئا. اهو هو "آشوميڌيگيہ (Horse Sacrifice). سوپارو راجا "راجسوُيہ يگيہ" به ڪندو هو. اهو سندس تاجپوشي جو يگيہ هوندو هو، جنهن ۾ سندس ڊل پريندڙ راجائون به اچي شامل ٽيندا هئا، ۽ ڪيس پنهنجو شهنشاهه ڪري مڃيندا هئا. اِهي يگيہ عام طرح ٽيندا هئا، تنهن مان ظاهر آهي ته سلطنت شاهيءَ جو خيال عام هوندو هو.

راجا سُوداس جنهن وقت آشوميڌيگيہ ڪرڻ جو ارادو ڪيو، تنهن وقت وشوامتر رشيءَ کي انهيءَ يگيہ جي تياري ڪرڻ لاءِ چيائين. تن ڏينهن ۾ رشين جي مجتا تمام گهڻي هوندي هئي، ۽ سندن رڳو هڪل ڪرڻ تي هزارين جنگي جوڌا اچي سندين حضوريءَ ۾ حاضر ٽيندا هئا. وشوامتر رشيءَ پنهنجي ڪُلَ وارن کي چيو

تہ راجا سوُداس جو گھوڑو چيڪ چوڑي ڇڏيو، ۽ اوھين گھوڑي جي پنيان اوپر، اولھ ۽ اُتر طرف وڃو، تہ راجا سترو (دشمن) ناس ٿين، (منڊل ٿيون 53، 11). اُن وقت ڏکڻ ڏي شايد (راجپوتانا ۽ ٿر ڊويزن وارو) سمنڊ ھو، تنھنڪري لشڪر کي فقط ٽن طرفن ڏي وڃڻ جو حڪم مليو. ھاڻ ڏسو تہ وائين ھڪ ٻيو معاملو ڪيئن ٿو مچي.

راجا سوُداس جي دربار ۾ اُن وقت ھڪ وشٹ مني ھو، جو نھايت قديم زماني واري وشٹ منيءَ جي گوتر مان ھو، تنھنڪري سندس نالي پنيان سڏبو ھو. انھيءَ وشٹ منيءَ ۽ وشوامتر رشيءَ جي پاڻ ۾ اٽبٹ ھئي. شتپٹ براھمڻ (ٻارھون 6، 1، 41) مان معلوم ٿئي ٿو تہ وشٹ مني براھمڻن جي ڪُلَ مان ھو، ۽ اوائل ۾ رڳو سندس ڪُلَ وارا براھمڻ راجائن جا پروھت ٿي ڪين يگيہ ڪرائيندا ھئا، پر پوءِ ڪھڙو ٻہ رشي (براھمڻ خواجہ ڪتري) پروھت ٿي يگيہ ڪرائيندو ھو. وشٹ مني ترتسو آرين مان ھو، (رگ وید منڊل ستون 83، 8). آڳاٽي زماني وارو وشوامتر اصل ڪتري ھو، ۽ پوءِ پنھنجيءَ تپشيا جي ڪري برھم رشي ليکبو ھو. سندس گوتر مان جيڪو وشوامتر راجا سوُداس جي دربار ۾ ھو، سو اصل ڪتري ھو، پر راج رشي ٿي يگيہ ڪرائيندو ھو – پانئجي ٿو تہ وشٹ منيءَ اِھو اعتراض اٽاريو تہ وشوامتر ڪتري ٿي آشوميڌ جھڙو وڏو يگيہ نہ ڪرائي. انھيءَ تان وشوامتر کي اھڙي چڑ لڳي، جو ھو راجا سوُداس جي دربار ئي ڇڏي ھليو ويو، ۽ وڃي پرت آرين سان مليو، جو پاڻ ٻہ اُنھن مان ھو. پرت آرين ۽ سندن ڏورانھن سوٽن ترتسو آرين جي پاڻ ۾ پوندي ڪانہ ھئي، تنھنڪري پنھنجي لشڪر جي سموري مدد ڪين ڏنائين. اِنھيءَ ريت لشڪر جي جيڪا مدد راجا سوُداس کي ملڻي ھئي، سا اٽلندو مخالف ڏر کي ملي. پر متانيرت آريہ لوڪ اِنھيءَ مدد ملڻ کانپوءِ ٻہ راجا سؤداس سان مٹ پٹجي نہ سگھن، تنھنڪري وشوامتر جملي ڏھن ھنڌن جي راجائن کي پڙڪائي، ڪين جنگ لاءِ ڪڍو ڪيو. اينھن ڏھن ئي ھنڌن جي راجائن کي پڙڪائي، ڪين جنگ لاءِ ڪڍو ڪيو. اِنھن ڏھن ئي ھنڌن جا راجائون پوءِ پاڻ ۾ ٻڌي ڪري راجا سُوداس جي زور پڃڻ لاءِ تياريون ڪرڻ لڳا، ۽ وشوامتر کي پنھنجو اڳواڻ ڪيائون. اِھي ڏھ راجائون، جي

هڪ ٻئي جا طرفدار ٿيا سي ڪير هئا؟ اِهو پتو رگ وید مان پوريءَ طرح نٿو پوي، پر ڪيترن عالمن کي رگ وید منجهان ئي ائين وسهڻ لاءِ سبب ٿئي ٿو تہ انهن مان هڪڙا هئا "پنج جن" يعني يدو، ترسوسو، پرو، اَنو ۽ داهيو، ۽ ٻيا پنج هئا اَجَ، يڪشُو، پيڙ، شگرو ۽ پرت آريہ لوڪ. سيني مان پرت آريہ لوڪ زور هئا، ۽ وشوامتر بہ سندن ئي ڪُلَ مان هو، تنهنڪري هاڻ ڏسڻو هوس تہ راجا سُوداس کي وشٹ مني ڪيئن ٿو سويارو ڪري.

راجا سُوداس کي جنهن مهل سڌ پيئي، تہ وشوامتر رشيءَ ڏهن هنڌن جي راجائن کي سندس برخلاف کڙو ڪيو آهي ۽ وڏيءَ جڏ جون تياريون ٿي رهيون آهن، تنهن مهل هن بہ اُتر اولهہ سرحد علائقن وارن آرين کي ريڙهي پنهنجي طرف ڪيو، جن مان هڪڙا پکٹ، ٻيا پلان ۽ ٻين نياتين وارا هئا، انهيءَ ريت اُن وقت وارو سڄو هندستان جنگ ۾ شامل ٿيو ۽ مهاپاري لڙائيءَ جي تياري ٿي ويئي. ڏهن راجائن سان ڪيترا اَڻ آريہ لوڪ بہ سامل ٿيا، جنهنڪري سندن لشڪر هيڪاري وڏي ڄڄهو ٿيو.

راجا سُوداس پنهنجو لشڪر پرشني (راوي) نديءَ جي اتر طرف واري ڪناري تي وڃي ڪنو ڪيو. مخالف ڏرين جي مرضي هئي تہ شتدري (ستلج) ۽ وياس (بياس) نديون اُڪري، راوي نديءَ ڏي وڃجي، اِها سرءُ جي موسم هئي ۽ آسرو هون، تہ ندين ۾ پاڻي گهٽ هوندو، تنهنڪري ارادو هون تہ پنهنجو لشڪر، رٿ ۽ گهورا وغيره سپ ٻيڙين جي رستي روانا ڪجن؛ پر شايد تازو ڪا برسات پيئي هئي ۽ جبلن تان برسات جو پاڻي وهي اچي ندين ۾ پيو هو، جنهنڪري نديون ڦوڪجي پئي وهيون. اِنهيءَ تي وشوامتر رشيءَ ندين کي آراڌنا ڪئي، تہ توهين پنهنجو پاڻي گهٽايو، تہ اسان جو لشڪر آسانيءَ سان پار اُڪري سگهي، (رگ وید منڈل ٽيون 33، 9). ندين سندس عرض اگهايو، (منڈل ٽيون 33، 10). پرت آريہ لوڪ ۽ سندس طرفداري ستلج ندي اُڪري، بياس ۽ راوي ندين جي وچ واري ملڪ ۾ وڃي پهتا، ۽ راوي نديءَ جي ڏکڻ واري ڪناري وٽ پنهنجي ڇانوٽي وڃي وڌائون. اِتي هڪ سِٹ سِٽيائون. راجا سُوداس جي ڪُلَ وارن (ترتُسو آرين) جي ٻنين، ڳوٺن ۽ شهرن جي بچاءَ لاءِ هڪ وڏو بند پرشني (راوي)

نديءَ جي اُتر واري ڪناري تي بڌل هو. مخالف ڌرين جي مرضي ٿي ته انهيءَ بند کي گهارو وجهجي، ته ترٿُسو آرين جون ٻنيون ٻارا ۽ شهر ٻڏن، ته هو پلي مونجهاري ۾ پون، ۽ انهيءَ مونجهاري مهل مٿانئن وجي ڪڙڪجي، ته سوپ ڪٽڻ سولي ٿئي، "پر بندي جي من ۾ هڪڙي صاحب جي من ۾ بي". هنن نبند کي گهارو وڏو؛ پر انهيءَ ۾ وچ ۾ نديءَ جو پاڻي زور ڇڏي رهيو هو، تنهنڪري اُٿل ٿي ڪاڻ، ندي پوءِ ٻه پنهنجي وات هميشهه وانگر وڻي وهڻ لڳي، (منڊل ستون 18، 8-9). اِتحادين جو لشڪر اڳي ئي ججهو، ويتر ههڙيون ستون پئي ستيائون، ته راجا سُوداس جي ماڻهن کي ڊپ ويڙهي ويو، ۽ سوپ ڪٽڻ جو ڪوبه آسرو ڏسڻ ۾ ڪونه ٿي آين – راجا سُوداس جي لشڪر جو اڳواڻ وشٺ مني هو، تنهن اِهي ئي آراڏنائون پئي ڪيون ته مخالف ڌرين کي ڪيئن ٻه شهه ڏيئي، وشوامتر جو ڪنڌ هيٺ ڪجي؛ پر وڙهڻ لاءِ ڪا وات ڪاڻ ٿي مليس. راجا سوُداس پاڻ ٻه سمجهيو ته راويءَ جي ڏکڻ طرفان ندي اُڪري، دشمنن کي سامهون ٿيڻ، سو ٿيندو هٿ وڻي پاڻ کي ٻوهي جي منهن ۾ ڏيڻ. اهڙي اونڊي قدم کڻڻ بدران هن هڪ ٻي اٽڪل ڪئي، جا اوچتو خيال ۾ اچي ويس. راوي نديءَ جي ڏکڻ ڏي اتحادين جو لشڪر ڪنو ٿيو بينو هو، تنهنڪري هن اُهو پاسوئي ڇڏي ڏنو. هو ماڳهين اُتر طرف ڪيترا جنگي جوڌا رات جي وڳڙي ۾ پاڻ سان وڻي ويو (منڊل ستون 33، 3)، ۽ اُتان ندي اُڪري، دشمنن کي پنيان ئي پنيان وجي گهيرو ڪيائين – سندس دشمنن کي اِها ڳالهه من نڪا چت هئي. هاڻ هنن ڏنو ته ٻن باهين جي وچ ۾ آهيون – جيڪڏهن اڳيرو وڌنداسين ته نديءَ ۾ ٻڏنداسين، ۽ جيڪڏهن پٺتي ورنداسين، ته راجا سؤداس جي لشڪر جي هٿان مارجي ويندا سين. اِنهيءَ مونجهاري سبب منجهن اچي ڦڙڦوٽ پئي. راجا سُوداس جو لشڪر ٽن پاسن کان ويڙهي وين، ۽ چوٽين پاسي ندي سامهون هين، جنهنڪري پڄڻ جي ڪابه وات ڪاڻ هين. پوءِ ته پنهنجي جند بچائڻ سانگي ڪي پاڻمرادو پاڻيءَ ۾ گهڙي پيا، ته منجهانئن ڪيترا وهڪ ۾ گهلجي ويا ۽ ٻڏي مُئا (منڊل ستون 18، 11). ڪي آسانيءَ سان گرفتار ٿيا. ڪي همت جهلي راجا سُوداس جي سامهون ٿيا، پر سگهو ئي سندس لسڪر جي هٿان مارجيويا، جن مان هڪ

سردار "پيڙ" ٻه هو. انهيءَ لڙائيءَ ۾ رڳو اَنو ۽ درهيو آرين جا ڇاهٺ هزار ڇهه سؤ ست ماڻهو ڇٽ ٿي ويا (منڈل ستون 18، 14). ڪيترا پڇي ٻه ويا (منڈل ستون 18، 15، 16). انهيءَ ريت راجا سُوداس جي جئي ٿي. وشوامتر، جنهن ڏهن راجائن کي پڙڪائي جنگ لاءِ ڪڍو ڪيو هو، تنهن جو ڪنڌ هيٺ ٿيو، ته وشٺ مني گد گد ٿيو، ۽ اندر ديوتا ۽ ورڻ ديوتا جي ججهي آستتي ڪيائين، جن پنهنجيءَ ٻاجهه سان ڪين سوپارو ڪيو هو. اِنهيءَ آستتي (واکاڻ) ڪندي، هن مهاپاري لڙائيءَ جو جيڪو ذڪر ڪيو آهي، تنهن مان ظاهر اهي ته "پرٿو پرشوهه" يعني ويڪرن ڪهاڙن سان هڪ ٻئي تي هلان ڪيائون ٿي. ٻي هڪ ڳالهه جا ججهو ڏيان ڇڪي ٿي، سا هيءَ آهي ته انهيءَ قديم زماني ۾ اصل پنهنجا قومي جهنڊا هئن، جي انهي نگ مهل کڙا ڪيا هئائون.

قومي جهنڊي ۾ وڏي ڪرامت آهي. جيستائين جهنڊو کڙو ٿيو ٻيٺو آهي، تيستائين اهو جنگي جوانن ۾ جذبو جاڳائيندو رهي ٿو ۽ هو ججهي اُتساهه سان لڙن ٿا؛ پر جنهن مهل دشمنن جي هٿان جهنڊو ڪري وڃي پٽ تي پوي ٿو، تنهن مهل سڀ دلگير ٿين ٿا ۽ سوڀ کٽڻ جو آسرو پلي وهن ٿا. جهنڊي لاءِ سِرُ ٻه ڏيندا، پر جهنڊو هٿان نه ڇڏيندا.

رگ ويد واري زماني جا سن ۽ سنبت ڄاڻائڻ ڪنن ڪم آهي. اهڙيءَ حالت ۾ ڇئي نٿو سگهجي، ته هيءَ ڏهن راجائن واري جڏ ڪڏهن لڳي هئي. انهيءَ هوندي ٻه ڊاڪٽر سيتا ناٿ پرڌان ڪيترا حوالا ڏيئي تخميني طور ڄاڻايو آهي ته اِها ڏهن راجائن واري جڏ عيسوي سن کان 1470 ورهيه اڳي لڳي هئي، ۽ ويهن ورهين کانپوءِ يعني عيسوي سنه کان 1450 ورهيه اڳي شري رامچندر ۽ رانوڻ جي وچ ۾ لنڪا واري لڙائي لڳي هئي، ۽ انهيءَ کان ٿي سؤ ڪن ورهيه پوءِ مهاپارت واري لڙائي لڳي هئي. حقيقتاً شري رامچندر ترتيا جڳ ۾ ٿي گذريو آهي ۽ مهاپارت واري لڙائي دواپور جڳ جي پڇاڙيءَ ۾ لڳي هئي، تنهنڪري ڊاڪٽر پرڌان جي اينهن انگن تي ڪيترا هندو عالم ڪوبه اعتبار ڪونه ٿا ڪن ۽ اسان جو به اعتبار ڪونهي.

سنڌ ۾ پنچالن جي حڪومت:

رگ ويد ۾ گھٽن زمانن جي سيپتا جو ذڪر آهي. هرهڪ زماني ۾ ڪھڙا ڪھڙا راجائون سنڌ ۾ هئا، تن جو ڪو خاص ذڪر آهي ئي ڪونہ، پر جن راجائن گھٽا دان ڪيا هئا، تن جون "دان آستتيون" يعني سخا جون ساراهون ڪن رشين ڳايون آهن، جن رگ ويد ۾ ڏنل آهن. اُنهن دان آستتين مان معلوم ٿئي ٿو تہ هو، جنهنجي (Svanya Bhavya) ڪنهن قديم زماني ۾ سنڌ جو راجا سونيہ ياوييہ آرين مان هو، جي پوءِ پنچال (Krivi) "راڻيءَ جو نالو روماسا هو. اِهو راجا "ڪروي سڏجڻ ۾ آيا، جيئن شتپٿ براهمڻ (13، 5، 774) ۾ ڄاڻايل آهي. اِنهن مان ڪي نديءَ جي ڪناري تي (Healing) "سنڌوندیءَ جي ڪناري تي، تہ ڪي "اَسڪني سڏبي هئي، (Moon-Portion) "رهندا هئا، جا سڪندر اعظم جي وقت ۾ چندر پاڻ ڪوٺجي ٿي. سندن ڏورانهان سوٽ پرو ءِ (The gathered Waters) "ءِ هاڻ "چناب پرت آريہ لوڪ هئا، جن سان راجا سُوداس لڙيو هو. مسٽر پارجيٽر اٽڪل روءِ ڄاڻايو آهي تہ راجا سُوداس ءِ سندس ڏاڏي راجا دوداس جي وچ واري وقت ڏاري هن موجب ڇڏبو تہ ڏهن راجائن واري لڙائي :- .سنڌ جو راجا سونيہ ياوييہ ٿي گريو سنڌ جي هن راجا جي وقت ڪانپوءِ لڳي هئي. راجا سُوداس ترستو آرين مان هو، جن پراڻن پٽاندر پوءِ پنچالن جي دفعي ۾ ليکجڻ ۾ آيا، ۽ سنڌ جو راجا سونيہ ياوييہ بہ پنچالن مان هو، تنهنڪري ائين وسهڻ لاءِ سبب ٿئي ٿو، تہ سنڌ ءِ پنجاب جي ڪجهہ پاڳي ۾ اُن وقت پنچالن جي گڏيل حڪومت هوندي هئي.

سنڌ جو راجا سونيہ، راجا ياوييہ جو پٽ، وڏو ڏرماتما هو. سندس ساڪون ڪاڪشون نالي هڪ رشيءَ ڳايون آهن. اهو رشي ڄائي ڄم ڪان سورداس يا اڪين ڪان سڄو هو: پر پوءِ اگني ديوتا جي پوڄا ڪرڻ سان نور سهائو ٿيو هيس. اِنهيءَ ڪانپوءِ ڪيتريون رچنائون (Hymns) ڇيائين، جي رگ ويد ۾ ڏنل آهن.

نيتي منجري ۾ لکيل آهي :- تہ ڪاڪشون پنهنجي گروءَ وٽان هر طرح جي ودیا پرائي، گھر ڏي موٽيو تہ وات تي رات پئجي ويس، جنهنڪري وات تي ئي سمهي پيو. صبح جو سنڌ جو راجا، راجا سونيہ ياوييہ پنهنجي اَڻالي سان اُتان اچي لانگھائو ٿيو. هن کي رشيءَ جي شڪل شبيهہ ءِ سونهن سوڀيا وٽي ويئي.

سو ڪيس ننڍ مان جاڳايائين ۽ پنهنجي محلات ڏي وڻي ويس. سندس حال احوال ونندي ۽ هلت چلت جاچيندي، جڏهن خاطري ٿيس، تہ هي هر طرح لائق انسان آهي، تڏهن پنهنجو نانو ڪيائينس. راجا کي ڏهہ نياڻيون هيون، سي ڏهہ ئي پرڻايائينس، ۽ ڄجهو ڏن مال ڏنائينس. هو پوءِ پنهنجي پيءُ وٽ ويو، جنهنجو نالو "درگهہ گمس" (ڊگهي اوندهہ) هو. راجا وڻان ڄجهو دان مليو هيس، تنهنڪري سندس دان اَستتي ڳايائين، جا رگ وید جي منڊل پهرئين (26، 1-5) ۾ ڏنل آهي. اِنهيءَ دان اَستتيءَ ۾ راجا سونہ ياوييہ جي نالي جيڪي چيو اٿس، تنهن جو مختصر مطلب هيءُ آهي:

"سنڌ جي راجا مون کي هڪ سؤ نِشڪ (سونا سڪا)، هڪ سؤ گهوڙا، هڪ سؤ ڏاند، هڪ هزار ۽ ست ڳئون، ۽ يارهين رٿ ڏنا. (ڏهن زالن لاءِ ڏهہ رٿ ۽ يارهون رٿ ڪاڪشون رشيءَ لاءِ. هر هڪ رٿ ۾ چار چار سنڌي گهوڙا ٻڌل هئا، جن تي موتين سان جڙيل سنج هئا. سنڌ جي راجا سونہ ياوييہ هيترو سارو دان ڪري پاڻ کي اَمر ڪري ڇڏيو آهي". ڪاڪشون رشيءَ جي هن ٿوري حوال مان گهڻيون ئي ڳالهيون ظاهر ٿين ٿيون:

(1) پهرين ۽ مکيہ ڳالهہ هيءَ آهي ترگ وید واري زماني ۾ ذات پات جو گهڻو پيد هئو ئي ڪونہ، تنهنڪري جنهن کي جتان وڻندو هو، سو تتان پرٽبو هو. آڳاٽا رشي کترين مان بہ پرٽبا هئا، جيئن ڪاڪشون رشي سنڌ جي راجا جون نياڻيون پرٽيون. ڪاڪشون رشيءَ جي ماءُ جو نالو "اُشِج" هو، جا راجا اَنگ جي هڪ داس يا ٻانهي (شودر) جي نياڻي هئي، جنهنڪري ڇئبو تہ کي رشي شودرن مان بہ پرٽبا هئا.

(2) هڪ مرد گهڻيون زالون پرٽبو هو، تنهنڪري ڪاڪشون رشي ڏهہ راجڪماريون گڏ پرٽيون هو.

(3) گهڻين زالن پرٽجڻ جي رواج ڪري، هرهڪ مان ڄاول ٻار پنهنجي ماءُ جي نالي پنيان سڏبو هو، تہ سڌ پوي تہ پيءُ جي ڪهڙيءَ زال مان پيدا ٿيل آهي، رگ وید ۾ ڪاڪشون رشي "اؤشِج" يعني اُشِج جو پٽ سڏيو ويو آهي.

(4) نياڻين اُڪلائڻ ۾ مائٽن جو هٿ هوندو هو.

Gul Hayat Institute

(5) آڳاٽا لوڪ پنهنجي نياڻي ڪنهن سان پرڻائيندا هئا، تہ اُهو "ڪنيادان" ليکيندا هئا. وهانءَ مهل نياڻيءَ کي ڏاجو ڏيندا هئا، ۽ اُهو بہ "دان" ليکبو هو. مطلب تہ رگ ويد واري زماني ۾ ئي ڏيتي ليتيءَ جو رواج هو. رگ ويد جي منڈل ڏهين (سوُڪت 85) ۾ جاڻايل آهي تہ سورج ديوتا جي نياڻي "سوُريا" جو وهانءُ سوم (چنڊ) سان ٿيو هو، تہ ڪنئاريتن ججهي ڏيتي ليتي هلائي هئي. ديوتائن بنسبت ڏيتي ليتيءَ ۽ ڏاجي جون ڳالهيون رشين ڪيون آهن، تنهن مان ظاهر آهي تہ خود ماڻهن ۾ ڏيتي ليتيءَ جو رواج هو، جنهن ديوتائن بابت بہ اِئين چيو اٿن. مطلب تہ ڏيتي ليتيءَ جو رواج، جو هن وقت اسان وٽ آهي، سو رگ ويد واري زماني کان ونيِ هلندو پيو اچي.

(6) رگ ويد واري زماني ۾ ماڻهو سون مارڻ سکيا هئا ۽ سونا سڪا بہ هئن، جي "نِشڪ" (Niska) سڏبا هئا.

(7) سنڌ جو پرڳڻو پريو پاڳيو هو، جنهن ۾ چوپايو مال ججهو هو، سنڌ جا گهورا نامياريا هئا ۽ اُحي رٿن ۾ ٻڌندا هئا.

(8) گهوڙن تي راجائون موتين سان جڙيل سنج وجهندا هئا، جنهنڪري چئبو تہ رگ ويد واري زماني ۾ ئي راجائون پنهنجو شاهاڻو شان رکندا هئا. اُن وقت ئي غواص هوندا هئا، جي مهراڻ مان سپون سوجهي، آبدار موتي آڻيندا هئا.

رگ ويد جي اِنهيءَ ساڳئي منڈل پهرئين ۾ سنڌ جي راجا سونيہ ياوييہ جي ساراهہ ڪانپوءِ ڪي تڪون سندس راڻيءَ "روماسا" بابت آهن، جنهن جي پيءُ جو نالو "برهسپتي" هو، (رگ ويد، منڈل پهريون، 126، 6-7). انهيءَ راڻيءَ جو مٿي ذڪر ڪيل دان اُستتيءَ سان ڪوبہ لاڳاپو ڏسڻ ۾ ڪونہ ٿو اچي. اينهيءَ سبب مسٽر گرفٿ، جنهن رگ ويد جا ڪي منتر انگريزي نظم ۾ ترجمو ڪيا آهن، تنهن جو چوڻ آهي تہ سنڌ جي راڻي روماسا بابت شايد ڪو راڳ عام هو، جنهن جون تڪون رگ ويد ۾ اچي ويون آهن. اِنهن تڪن ۾ فقط ايترو جاڻايل آهي تہ هڪ لڳا راڻي روماسا هڪ نئين قسم جو ويس وڳو پهري چيو تہ "هن ويس ۾ مان جهڙي گندارڻ (قندار ديس جي اِستري) پيئي پائنجان." جي نالي پٺيان "گندار" (قندار) سڏبو هو. راڻي روماسا جي مٿين لفظن مان ظاهر آهي تہ اينهيءَ

قديم زماني ۾ ئي سنڌ جي ماڻهن جي قنڌار طرف جي رهاڪن سان گهٽي لهه وچڑهه هئي، ۽ راڻي روماسا کي سڌ هئي ته اِنهيءَ طرف جون زالون کهڙي قسم جي پوشاڪ پهريندیون آهن، جنهنڪري اِئين چيائين ته "هن ويس ۾ مان جهڙي گنڌارڻ پيئي پائنجان". جيڪڏهن گنڌار جي زالن جي پوشاڪ جي سڌ نه هجيس ها، ته اِئين چوڻ جو خيال هرگز نه اچيس ها. هن مان ايهو به پتو پوي ٿو ته اُنهيءَ وقت سنڌ جي زالن جي پوشاڪ جو نمونو هڪڙو ۽ گنڌار طرف جي آرين زالن جي پوشاڪ جو نمونو ٻيو هو. اِهي نمونا کهڙا هئا، سورگ وید ۾ ڄاڻايل ڪونهي. اِنهيءَ هوندي به رگ وید ۾ اُن وقت جي سيپيتا جو ٻيو ججهو ئي ذڪر آهي.

ڪنهن به ملڪ ۾ جيڪڏهن ڪو حاڪم نه هوندو ۽ اَنڌ ڏنڌ سرڪار لڳي پيئي هوندي، ته ڏاڏا ماڻهو هيٺن کي ڦري ماري ويندا، بلڪ سندين زالون ۽ سڀ ملڪيت به کڻي ويندا، ۽ وقتي کين کهي پورو ڪري ڇڏيندا. اِنهيءَ سبب مهاڀارت جي شانتي پروَ ۾ چيل آهي ته "اول ڪو راجا مقرر ڪري، ۽ پوءِ شادي ڪريو ۽ ڏن مال ميڙيو". اسان به انهيءَ خيال تي اول راجنيتي جوڙجڪ، ملڪي انتظام ۽ بادشاهتن جو ذڪر ڪيو آهي. هاڻ ماڻهن جي گهرو جيوت جو ذڪر ڪجي ٿو، ته سمجهڻ سولو ٿئي ته ڪيتيءَ جي هنر جاري ٿيڻ ڪري، جڏهن ماڻهو خانه بدوش ٿي گذارڻ بدران هڪ هنڌ ٽانئيڪا ٿي رهڻ لڳا، ۽ پنهنجيءَ جان ۽ مال جي بچاءَ سانگي گوترن جوڙڻ جو رواج وڌائون، تڏهن ڳوٺن ۽ گوترن اندر پنهنجي جيوت ڪيئن ڪاٽيندا هئا. سچي پچي تاريخ آهي ئي اها، تنهنڪري اها ڄاڻائڻ بلڪل ضروري آهي.

Gul Hayat Institute

* "Looking to you, ye strong Gods! They marched east-wards, armed with broad axes and thirsting for spoil. Ye helped Sudas, and smote his Dasa and Arya enemies, O Indra and Varuna!" "Where strong men came together with their banners raised, where in the encounter there was nought favourable to us, where all looked up to the sky in terror, there ye spoke to us, words of comfort, O Indra and Varuna! Both sides invoked you. O Indra and varuna! In the fight for victory and wealth. Yet protected Sndas and the Tritsus assailed by the ten kings," Reg. veda VII, 83, 1,2 and 6 R.C. Dutt's Translation.

[*] Dr. Sita Nath Pradhan: Chronology of Ancient India, p. 175.

[+] F.E. Pargiter: Ancient Indian Historical Tradition, p. 223.

[*] John Wilson: India Three Thousands Years Ago, p.50.

Gul Hayat Institute

باب ڏهون

آرين جي گهرو جيوت ۽ عقيدا

گهر جو بنياد: گهر اِنسان جو پهريون مڪتب آهي ۽ اِهو ئي سيپتا جو اوائلي ماڳ ۽ پنگتي جوڙجڪ جو مول مرڪز آهي. جيڪڏهن ماڻهو پنهنجي جيوت مِرن وانگر ڪاٽين ها، تہ نڪي هجن ها گهر گهاٽ، نڪي مٽيون مائٽيون؛ خود ماءُ پيءُ سان بہ ناتو ڪونہ هجي ها، جيئن وهٽن ۽ ڪتن بلن جو ڪونهي. گهر آهي ئي زال سان، جنهن تي گهر جهلڻ جو بار آهي، جنهنڪري اڄ تائين "گهر واري" معنيٰ زال يا جوءِ. خود "گهر" لفظ جي بہ اصطلاحي معنيٰ آهي "زال يا جوءِ". مثلاً "فلاڻو پهريون گهر يا ٻيو گهر پرڻيو". هتي "گهر" معنيٰ زال يا جوءِ. زال يا جوءِ بہ اُها جنهن سان لائون لڏل هجن. مطلب تہ گهر جو بنياد پرڻي جي رسم تي ٻڌل آهي. گهر اُهو آهي، جنهن ۾ جوءِ ۽ مڙس ٻوڙ پلاءُ، يا جائي جواري روٽي ڪائي، ڏڪ ڏڪارين ٿا، ۽ ڏک سُک ۾ هڪٻئي جا حال پائي ٽين ٿا. ائين هڪٻئي سان ايتري پريت ٿئين ٿي، جو هڪٻئي تان گهوريو قربان وڃن ٿا. تنهن ۾ بہ اِستري، جا پريم پُتلي آهي، سا پنهنجي پتيءَ کي ايترو پيار ڪري ٿي، جنهن جو پورو ورنن ڪوبہ ڪري ڪين سگهندو، تنهنڪري سيني سڌريل قومن پرڻي يا نڪاح جي ضرورت محسوس ڪئي. پنهنجي ڏرم پتنيءَ يا نڪاح پيل زال مان حق حلال جا ٻار جمن ٿا، ۽ اُنهن جي بہ پاڻ ۾ ججهي پريت ٿئي ٿي. ڪنهن وقت ڪٽي پائر پاڻ ۾ وڙهندا جهڙندا، يا هڪ ٻئي سان کهرو خستو ڳالهائيندا، تہ بہ ڪنهن نہ ڪنهن مهل هڪٻئي جو تاءُ ضرور اُپرندن، جنهنڪري چوٽي آهي تہ "رت ونگو بہ وري". ٻيو چون "رت جي رتي، صحبت جو خرار". اولاد ۽ مائٽن جي هڪٻئي سان پريت هئڻ ڪري، خود گهر لاءِ سڪ جاڳي ٿي. ڪو ماڻهو ڪنهن ڏيساور ڏي ويندو، ۽ اتي ڪٽي سوين موجون ماڻيندو هوندو تہ بہ جنهن مهل گهر جي چڪ ٿيندیس، تنهن وقت سمند جهاڳي بہ موٽي پنهنجي ماڳ ايندو. پريان رڳو پنهنجي وطن جا وڻ ڏسندو، تہ خوش ٻيو ٿيندو، ويتر اباڻا

ڪک ڏسي هيڪاري گدگد پيو ٿيندو! مطلب ته گهر جڙ ته هڪ محبت جو مندر آهي، ۽ ان جو بنياد وواهه سنڪار تي ٻڌل آهي.

سيني سڌريل قومن گهر جو بنياد جيتوٽيڪ نڪاح يا وهاڻ تي ٻڌو، ته به آڳاٽن آرين هن باري ۾ ٻين کان هڪ قدم اڳتي وڌايو. دنيا ۾ ڪهڙا به ناتا ڇڄي سگهن ٿا، پر آڳاٽن هندن ائين ئي مناسب ڄاتو، ته زال ۽ مڙس جو ناتو هڪٻئي سان هرگز ڇڇڙ نه گهرجي. اهڙا خيال نه رکو مردن جا هئا، پر زالن جا به هئا. مثلاً وشو وارا" (Visva – Vara) نالي هڪ اِستري تي گذري آهي، جا رشين جي دفعي ۾ ليکي ويئي آهي. رگ وید جي منڈل پنجين (28، 3) ۾ اگني ديوتا کي آراڌنا ڪئي اٿس ته "وهاڻ جو ناتو ڪڏهن به نه ٽُٽي، ۽ سدائين پختي پائي تي هجي"! هن مان ظاهر آهي ته مردن وانگر خود زالن کي به پنهنجي گهرو جيوت کي پختي پائي تي بيهارڻ جو اونو هوندو هو. انهيءَ اوني سبب هندن ۾ وهاڻُ هڪ ڌرمي سنسڪار ليکيو ويو آهي، ۽ زال پنهنجي مڙس جي "ارڌانگني" يا "اڌ سرير" سڏي ويئي آهي. مرد ۽ عورت اصل ۾ به جدا سرير آهن؛ پر وواهه سنسڪار ڪري ٻئي ملي هڪ ٿين ٿا. هندن ۾ اڄ تائين دستور آهي ته ڪا پوڄا ڪرائين، ته زال مڙس گڏ پلئه ٻڌي وهن، جو پنهنجو توڙي سڄي ڪُل جو نيتارو به گڏجي ڪرٽو اٽن. وهاڻ جي رسم کي اهو ڌرم جو ڏاڍو آڳاٽن آرين اهڙوڳ ٻڌو، جو هڪ واريءَ جو پرٽيو سو پرٽيو، تنهنڪري هندن ۾ اڄ تائين طلاق جو رواج آهي ئي ڪونہ. هندو جاتيءَ جي هيءَ هڪ نهايت مڪيہ ڳالهہ آهي، جا آڀين ڪيترين قومن ۾ ڪانهي.

رواجي ماڻهن جا گهر: رگ وید ۾ اهو ڄاڻايل ڪونهي ته ماڻهو پنهنجا گهر ڪيئن جوڙيندا هئا؛ پر اٿرو وید جي منڈل نائين مان اهو پتو پوي ٿو. گهر لاءِ ڪو ڇڳو پَٽ چوندي اُن جي چئن ڪُنڊن تي چار ٿنيا ڪندا هئا، ۽ مٿان ڪامون رکندا هئا. اوڏيءَ مهل کي منتر اُچاريندا هئا (اٿرو وید، منڈل نائون 3). انهيءَ سبب اڄ تائين ڪامن ڇاڙهڻ مهل پوڄا ڪرائيندا آهن، ۽ مٽائي ورهائيندا آهن. ڇت لاءِ بانس جون لڙهيون ڪم آڻيندا هئا، ۽ انهن جي مٿان پڪا وڇائيندا هئا، ته ڇت ۾ سنها سنها سوراخ ڇاريءَ وانگر ڏسڻ ۾ ايندا هئا، جي پوءِ لِنب ڇنب ۾

ڏکجي ويندا هئا. ٽيڪن ۾ به بانسن جون لڙهيون ۽ بُنڊَ هٽندا هئا. لڙهين ۽ بُندن جي وچ ۾ جيڪي خال رهندا هئا، تن ۾ گاهه جا مچا وجهي، پوءِ لنبي ڇڏيندا هئا. ڇت کي ٻنو رکندا هئا. اهو ٻنو اڇ تائين رکبو آهي، ته کُڏ تي بينل ماٺهو ڪري نه پوي. مطلب ته گهرن جوڙڻ جو نمونو اهو ساڳيو هو، جو هينئر به ٻهراڙين ۾ عام آهي. گهر گهر کي چار پتيون هوندیون هيون (اٿرو ويد، منڈل ٽيون، 377)، پر کي گول جهوپڙا به جوڙيندا هئا، جن کي "ڇؤنرا" چئبو آهي (اٿرو ويد. منڈل ٽيون 12، 5). گهر ۾ پٺ تي تڏا وڇائيندا هئا ۽ کي گاهه پکيڙي ڇڏيندا هئا، (رگ ويد، منڈل نائون 59، 3).

هرهڪ گهر ۾ اڪثر چار ڪونيون هوندیون هيون:

(1) هڪڙي "سَدَسَ" (Sadas) يعني وهڻ لاءِ ڪوني هوندي هئي. هيءَ هڪ عام صفو هوندو هو، جنهن ۾ سڀ گهر جا ڀاتي مڙي سڙي اچي وهندا هئا، ۽ ڳالهيون ٻولهيون ڪندا هئا.

(2) ٻي ڪوني "پتني نام سدن" سڏبي هئي، جنهن جي معنيٰ آهي زالن جي وهڻ لاءِ ڪوني. هيءَ ڪوني انهيءَ لاءِ هئي ته زالون ان ۾ پوشيديون وينيون هجن.

(3) ٽين "اگني شالا" يا باهه جي ڪوني هئي. اهو هو رنڌڻو، جنهن ۾ يگيہ جي اگني به دکائيندا هئا، انهيءَ پوڄا واري ٽڪر کي ٻنو ڏنل هوندو هو، جنهن ڪري رنڌڻي کان الڳ هوندو هو؛ پر کوني ساڳي هوندي هئي، جنهنڪري رنڌڻو پوتر استان ليکيو ويوآهي. هندو ماهو اڇ تائين رنڌڻي۾ جُتي پائي ڪونہ ويندا آهن.

(4) چوٿين ڪوني هئي "هويرڌان" (Havirdhana). اها سيڊي پاڊي رکڻ لاءِ ڪوني هوندي هئي. هون هوم جون شيون به ان ۾ رکندا هئا.

انهن صفن ۽ ڪونين کان سواءِ هڪ "آوسٿ" يعني بينڪ يا اوطاق جي، جنهن بابت عالمن جو چوڻ آهي ته اها مهمانن لاءِ جاءِ هئي، خاص طرح براهمڻن لاءِ، جي ڪنهن ڪارج منگل تي اچي ڪنا ٽيندا هئا. (ويدڪ انڊيڪس، 1، 6). هن مان ڏسڻ ۾ ايندو ته اوطاقن جو دستور ويدن واري زماني کان هلندو اچي. کي پائيندا آهن ته اوطاقن جو رواج مسلمانن جي صاحبيءَ ۾ پيو، سا غلط ڳالهه آهي.

جيڪڏهن ڪنهن گهر ۾ بہ ٽي پائر سگهرا هوندا هئا، تہ هنن لاءِ ضروري ڏار ڏار ڪوٺيون هونديون، پر اهڙو ذڪر اڻرو ويد ۾ ڪونهي.

هرهڪ گهر جا بہ "پک" (Wings) هوندا هئا، جنهن مان سمجهجي ٿو تہ گهر جي اڳيان وراندو يا دالان هوندو هو، اهو "پروشٽ" سڏيو ويو آهي. دالان جا ٽنيا ڪاٺ جا هوندا هئا، جن تي شڪليون اُڪريل هونديون هيون – ڪن ٽنين تي بن پورين جي شڪل اُڪريل هوندي هئي – اها ڳالهہ رگ ويد جي منڊل چوٽين (32، 33) ۾ ڄاڻايل آهي: مطلب تہ گهر جي مهڙ وارو يعني وراندي جو اڳيون پاسو سهڻو جوڙيندا هئا، تہ جاءِ پريان ئي وڻڻ جهڙي ڏسڻ ۾ اچي.

هن وقت جاين جي اڳيان "اڱڻ" رکبو آهي. اهو اصل ۾ آهي ويدڪ لفظ "آنگن". جيڪو باهران ايندو هو، سو اڱڻ مان لنگهي، اول دالان ۾ ويندو هو ۽ پوءِ صفن ۾ گهڙندو هو. ساڱڻ" لفظ جي تنهنڪري بنيادي معنيٰ آهي "جنهن ۾ هلجي يا پنڌ ڪجي". هن مان سمجهجي ٿو تہ صبح يا سانجهيءَ جو، يا رات جو ماني کائڻ کانپوءِ، اڱڻ ۾ پسار ڪندا هئا ۽ اڱڻ رکڻ جي اصل مراد ئي اها هئي. هرهڪ گهر جي باهران لوڙهو ڏنل هوندو هو (رگ ويد، 59، 6). سڃيءَ جاءِ کي چوندا هئا "شالا" يا "گهر"، جو اصل ۾ آهي سنسڪرت لفظ "گرهہ" ۽ بنيادي معنيٰ اٿس "جو قبضي ۾ هجي". هن مان ظاهر آهي تہ گهر جي سموري زمين ماڻهن جي خلاصي ملڪيت هوندي هئي، ۽ پنجاهہ سٺ يا نوانوي سالن جي پٽي تي زمين مليل ڪانہ هوندي هين، جيئن هينئر آهي!

رگ ويد جي منڊل ڇهين (46، 9) ۾ پارت دواج رشيءَ اندر ديوتا کي آراڌنا ڪئي آهي تہ مون کي اهڙو گهرڙي، جو "تر ڏاتو" (Tri-Dhatu) ۽ "تَرو رُوٽ(Trivarutha) هجي. هنن لفظن جي ڪن عالمن ڪهڙي، تہ ڪن ڪهڙي معنيٰ ڪئي آهي. کي چون تہ "تر ڏاتو" معنيٰ اها جاءِ جنهن ۾ ٽي شيون ڪم آيل هجن: ڪاٺ، سرون ۽ ڪپچا (ناکيل پٽر). شاين آچاريہ، جنهن ويدن جي ٽيڪا لکي آهي، تنهن جو چوڻ آهي تہ "تر ڏاتو" معنيٰ "تر پؤميڪ" يعني "ٽماڙ". ممڪن آهي تہ اڳي بہ جاين کي ماڙيون هونديون هيون.

قديم زماني کان وٺي هندن ۾ اهو رواج آهي ته نئين جڙيل جاءِ ۾ وهڻ مهل هون هوم ڪندا آهن ۽ براهمڻن ۽ ساڌ فقيري کارائيندا آهن. انهيءَ کي "ٿان شڌ" چئبو آهي، جنهن جي اکري معنيٰ آهي "ٿان يا استان شڌ (پوتر) ڪرائڻ". ان وقت ججهو ڏن لٽيندا آهن، تنهنڪري "ٿان سڌ ڪرڻ" هاڻ اصطلاح آهي ۽ معنيٰ اٽس پنهنجو ڏن وغيره ٻين کي ڏيئي ڇڏڻ يا خيرات ڪرڻ. انهيءَ قسم جو رواج يورپ ۾ به هو. انگريزيءَ ۾ ان کي House-Warming چئبو آهي – انهيءَ لفظ ۾ هيءَ خيال رکيل آهي ته نئين جڙيل جاءِ ڏڏي ڏئي ڏي، تنهن ۾ محفل ڪندا هئا، ته گهٽا مهمان اچي گڏ ٿين، ته جاءِ ڪوسي ڏئي.

رگ ويد جي منڈل ستين ۾ به رچائون (54 ۽ 55) "وستو سپتي" (Vastos-Pati)يعني "واستوُ" يا گهر جي ديوتا بنسبت چيل آهن، جن ۾ ڄاڻايل آهي ته "اي گهر جا راکو دعاگو، تون ٻاجهه ڪج، ته هي گهر اسان کي سياڪو لڳي، ڪا بيماري گهر ۾ نه ڏئي، اسان جون مرغيون، اسان جو چوپايو مال ۽ اسين سڀ سکيو سهنج گذاريون، ۽ چور اسان کي نه ڦري وغيره". اهڙيءَ طرح نئين جاءِ ۾ وهڻ مهل ارداسون پائيندا هئا. هن منجهان هيءُ به ظاهر آهي ته اڳي هندو به گهرن ۾ مرغيون ڏارينديا هئا. گهر جي صفائيءَ لاءِ گهٽا ڪک ڪانا هٿ ۾ جهلي، انهيءَ سان ٻُهر ميڙيندا هئا. انهن ڪکن ڪانن کي چوندا هئا "بهؤاري" يعني گهٽا ڪانا، ۽ ان جو اُڄار هاڻ آهي "ٻُهاري"

گهرو انتظام: پنگتي جوڙجڪ جو مرڪز آهي گهر. رگ ويد واري زماني ۾ گڏيل ڪٽنب جو رواج عام هوندو هو (صفحو 98)، جنهنڪري هرڪو پيءُ يا ڪٽنب جو پريو مڙس گهر جو وڏو هوندو هو، ۽ گهر جي سيني ياتين جي مٿان ڪيس ڪُلي اختياري هوندي هئي. "پتا" (پيءُ) لفظ جي بنيادي معنيٰ آهي "سنياليندڙ"، اِهو لفظ خود ڄاڻائي ٿو ته گهر سنياليڻ ۽ گهر جي ياتين جي سار سنيال لهڻ جو بوجو پيءُ تي هوندو هو. چوڻ به آهي ته "باري ڪٽن بار، ڪونهي ڪم ڪچن جو". گهر گهر ۾ اهي وڏڙا مائٽ هوندا هئا، جي سڄي گهر جو بوجو پاڻ تي ڪٽي وينا هوندا هئا، ۽ آڏيءَ ڪتيءَ کي پاٽيهي پيا منُهن ڏيندا هئا، جنهنڪري ننڍڙا سڀ ڳٽتيءَ کان ڇڻا پيا هوندا هئا.

گهر جو پروهت به پيءُ هوندو هو. ڏهاڙي يگيه جي اگني دکائڻ، اگنيءَ ۾ چاهوتي وجهڻ، ويدن جا منتر اُچارڻ ۽ ٻيا اهڙا ڪم جي هينئر براهمڻ ڪن ٿا، سي سڀ گهر جو وڏو ڪندو هو. اُن وقت به براهمڻ هئا، جي اڪثر برهم وديا جا ڄاڻو هئا، تنهنڪري براهمڻ سڏبا هئا. اهي راجائن جي ڪُلَ جا پروهت هوندا هئا. ٻين گهر ٻارين کي به ڪا پوڄا ڪرائڻي هوندي هئي يا ڪو وڏو يگيه ڪرڻو هوندو هو، تہ ڪنهن رشيءَ يا براهمڻ کي گهرائيندا هئا، نہ تہ رواجي روز مره جي پوڄا پاڻيهي ڪندا هئا.

هرهڪ آکيه جو وڏو يگيه جي اگني دکائي روز مره جي پوڄا ڪيتري صدق ۽ سچائيءَ سان ڪندو هو، تنهن بابت "شتپٿ براهمڻ" ۾ هڪ نهايت عمدي ڳالهه لکيل آهي. "اَرڻ اؤپويسيءَ" (Aruna Aupavesi) کي سندس ڪنهن مِتر (مائٽ) چيو تہ "هاڻ وڏا ٿيا آهيو، هاڻ يگيه جون آگنيون دکائيندا رهو". هن وراڻي ڏنيس تہ "توهين گويا مون کي چئو ٿا تہ ڳالهائڻ بند ڪر، ڇاڪاڻ تہ يگيه جي اگني دکائڻ معنيٰ ڪوڙ نہ ڳالهائڻ ۽ رڳو نہ ڳالهائڻ ڪري ئي ڪوڙ نٿو ٻولجي". يگيه جي اگني دکائڻ لاءِ ايتري قدر سچائي گهرجي. هيءُ هڪڙو ئي منڊل اسان جا چڳيءَ پر ڪپاٽ کولي ٿو، جنهنڪري سمجهڻ سولو ٿئي ٿو تہ گهر جا وڏا به وڏيءَ ڪَلا وارا هوندا هئا. انهن کي اڄ تائين "پُوج" چئجي ٿو، سو اِهي بيشڪ پوڄڻ جا لائق هئا، جو ٻين لڇڻ سان گڏ منجهن ايتري قدر صدق ۽ سائي به هئي.

رگ وید منجهان معلوم ٿئي ٿو تہ پيءُ جيستائين جيئرو هوندو هو تيستائين سڄي گهر جي انتظام جو بار مٿس هوندو هو. جيڪڏهن مري ويندو هو، يا بنهه جهوڙ ٿي ويندو هو، تہ پوءِ سندس مربي پٽ سندس پاران گهر سنياليندو هو (رگ وید، منڊل پهريون، 70، 5)، ۽ پنهنجن پيرسن مائٽن کي هر طرح سکي رکڻ جو اونو ڪندو هو (منڊل ستون، 18، 23).

"پراتر" (پاءُ) لفظ جو ذاتو آهي "پر" معنيٰ "جهلڻ". پائر گهر جو جهلو آهن، ۽ مربي پاءُ اڄ تائين پيءُ جي سمان ليکبو آهي، تنهنڪري ننڍڙا پائر ڪيس پيرين پئي ڳڏبا آهن. پائرن جي پريت جا نهايت عمدا مثال رامائڻ ۽ مهاڀارت مان ملن

ٿا. اهڙن آدرش پائرن جو پروو سڄي هندو جاتيءَ تي وقت بوقت پوندو پئي آيو آهي. گڏيل ڪٽنب جو رواج هيتريون صديون ساندهه سڄي هندستان ۾ هليو ئي اِنهيءَ ڪري جو پائرن جي پريت پاڻ ۾ ججهي هوندي هئي، ۽ گهر جي سينهي ياتين جا هڪبئي ۾ ساس پراڻ هوندا هئا. انهيءَ سبب سنڌ ۾ هيءَ چوٽي بہ عام ٿي ته:

"پائر ڪوٽ جا ڪنگرا، پٽ گهر جي سونهن،
وينا ڪن ورونهن، ڏڃـڻ ڏوران ئـي ڏري"

يعني پائرن جي ههڙي پريت پاڻ ۾ هئڻ ڪري ڏڃڻ (دشمن) ڏڃي پريان ئي پڃي ٿو، ۽ هنن ۾ ڪوبہ ڦيٽارو وجهي نٿو سگهي.

گهر جي انتظام جو بوجو مربي پٽ تي جُهلي پوندو هو، تہ پنهنجي فرض ادائي ڪرڻ جي هر طرح ڪوشش ڪندو هو. سندس پينرون جيستائين ڪنواريون هونديون هيون، تيستائين ڪين پاليندو هو ۽ سندن پوريءَ ريت سنيال لهندو هو. جڏهن وڏيون ٿيندیون هيون، تڏهن ڏاجو ڏيئي، ڪين پرڻائي ڇڏيندو هو، جو ڏيتي ليتيءَ جو رواج انهيءَ قديم زماني ۾ ئي هو (منڊل پهريون 101، 2).

مائٽ ۽ اولاد: پار گهر جي وندر آهن. جن گهرن ۾ پارن جو غوغاءُ ڪونہ هوندو هو، سو گهر ماڻهن کي پيو کائيندو هو. اِنهيءَ ڪري آڻاٽا ماڻهو ڏٽيءَ کي اها آراڌنا ڪندا هئا، تہ پار پڃا ڏجانم! (رگ ويد، منڊلس تون، 1، 11، ۽ 12، منڊل انون، 1، 13) اڪثر ائين چاهيندا هئا تہ پٽ جمن، جي وڏن جو نالو قائم رکن ۽ پترن کي پاڻي بہ ڏين (منڊل پهريون 105، 3).

آڻاٽا لوڪ ائين وسنهندا هئا تہ جيڪو ماڻهو بنا اولاد مري ٿو ۽ پنڊ پرائڻ ۽ پترن کي پاڻي ڏيڻ لاءِ ڪوبہ پٽ ڪونهيس، سو "پؤ" نالي نرڪ (دوزخ) ۾ پوي ٿو. انهي ئي سبب ڪري فرزند کي سڏيائون. "پؤتر" يعني "پؤ" نرڪ کان تارڻ وارو. ماڻهن پٽ گهريائي انهيءَ ڪري ئي تہ جيئري تہ پانهن ٻيلي ٽين پر مئي کان پوءِ بہ مائٽن جي ڪريا ڪرم ۽ سراڌ ڪري انهن جو نيتارو ڪن. جنهن کي پنهنجو آندي جائو پٽ ڪونہ هوندو هو، سو لاچار ٻئي جو پٽ (خاص ڪري ڏهٽو) گود ونندو هو. "گود ۾ ونڻ" معنيٰ ڏرم جو پٽ پٽ ڪرڻ. اهو اصطلاح

خود ڄاڻائي ٿو ته پرائو ٻار اڃا ٻاروتن ۾ ئي هوندو هو ۽ گويا هنج ۾ وهارڻ جيڏو هوندو هو، تڏهن ڪيس پنهنجو ڏرم جو پٽ ڪندا هئا، ۽ نه وڏي هوندي. ائين پرائو پٽ پنهنجو ڏرم جو پٽ ڪندا هئا، ته به دل کي اهڙي فرحت نه ايندي هين، جهڙي پنهنجي ڄڻيل پٽ مان اچي ٿي. وقت تي اهي ڏرم جا پٽ موٽي پنهنجن اصلوڪن مائٽن وٽ ويندا هئا. (منڊل ستون، 4، 7-8).

آدرش پٽ اهو سمجهبو هو، جو شڪل جو سهڻو، قد جو قداور، همت پريو، برجستو ۽ گهر جهلڻ جهڙو، سمجهو، سياڻو، شاسترن جو ڄاڻو ۽ پڳوان جي پڳتي ڪندڙ هوندو هو (منڊل ڏهون، 47، 3). رگ وید ۾ هڪ رشيءَ اراڌنا ڪئي آهي ته "اي پڳوان، اهو پٽ ڏجانم جو مها ٻلوان هجي، ٻلي گهوڙي تي چڙهي، جڏ ۾ دشمنن کان سوپ ڪٽي، ۽ وڏايگيہ ۽ دان ڪري (منڊل ڇهون، 33، 1). مطلب ته مها ٻلوان ۽ ڏرماتما پٽ ماڻهن کي وٽندا هئا. جيڪڏهن قضا سان ڪنهن جو پٽ ناخلف ٿي سامائبو هو، ته مائٽ ڪيس سيکت ڏيئي، سؤڏيءَ راهه تي آڻيندا هئا. منڊل ٻيو، 29، 5). وقت تي ڪي مائٽ چڙ ۾ پرجي پنهنجي اولاد کي نهايت اجوڳ سزائون ڏيندا هئا. اهڙو هڪ مثال رگ وید ۾ آهي، جنهن ۾ ڄاڻايل آهي ته رَجراشوَ (Rjrasv) نالي هڪ جوان ڳوناٽن جون هڪ سؤ رڍون جهنگ ۾ چاريندي، بگهڙن کان ڪارائي آيو، ته پٽس "ورشاگري" (Vrasa-giri) مٿس ايترو ڪاوڙيو، جو ٻئي اکيون ڪيڊي ورتائينس، ۽ پوءِ اَشوني ڪمار ديوتائن پنهنجي ڪريا سان انڌي مان سڃو ڪيس (منڊل پهريون، 116، 16، 117، 17). رواجي طرح پيءُ پنهنجي پٽ يا نياڻيءَ کي گهٽ ڪوڻ گهرندو هو، ۽ سدائين اولاد جي بهبوديءَ جو اونو هوندو هوس (منڊل انون، 48، 4). پٽ به سدائين پيءُ جي آگيا ۾ هوندو هو، ۽ سندس لاءِ ڄجهي حب ۽ عزت هوندي هيس ماءُ پيءُ کي پيرين پوڻ جو رواج نهايت قديم آهي. رگ وید جي منڊل ٻئي (33، 12) ۾ لکيل آهي ته پٽ پنهنجي پيءُ کي پيرين پوندو هو ته پٽس هٿن کان جهلي ڪنڌ مٿي ڪندو هوس. مريادا پرشوتم شري رامچندر به مائٽن کي پيرين پوندو هو، ۽ اهو رواج اڄ تائين هلندو اچي. اڄ به ڪو ماڻهو ڪنهن لائقيءَ کي رسندو آهي ته ائين وسهندو

آهي تہ ماءُ پيءُ جي آسيس مون کي اَڏيو آهي. هن مان ظاهر آهي تہ ماءُ پيءُ ديوتائن جو روپ ڪري ليکبا آهن.

نياڻيءَ کي قرب وچان "پُتري" (پُٽري) چئبو آهي، نہ تہ عام طرح "پُٽ" جو مونث آهي "ڌيءَ" (پراکرت ڌيئا)، جو اصل ۾ اهي سنسڪرت لفظ "دُهتا" "دهتر" (پارسي "دختر"، ۽ انگريزي "ڊاٽر" (Daughter). انهيءَ لفظ جو ڏاتو يا بنياد آهي "دُهہ" (Duh) معنيٰ ڏهڻ، اڳي نياڻين تي ٻڪرين، گاين وغيره جي ڏهڻ جو ڪم رکيل هو، تنهنڪري متن اِهو نالو پيو. مطلب تہ "پٽ" لفظ ۾ هڪڙو خيال ۽ "ڌيءَ" لفظ ۾ ٻيو خيال سمايل آهي، تنهنڪري ايهي ٻہ علحده لفظ مليا اٿئون.
پٽ توڙي ڌيءَ ساڳي ئي مائٽ جو اولاد، تہ بہ بنهي جي وچ ۾ جيڪو ڦير هن وقت ماڻهو سمجهن ٿا، سو آڳاٽا لوڪ بہ سمجهندا هئا. پٽ سدائين مائٽن وٽ گذاري ٿو، ۽ ڪُلَ جو نالو قائم ڪندو رهي ٿو. مائٽ پيرسن ٽين ٿا، تہ پٽ سندن شيوا ڪري، کين هر طرح سکي رکي ٿو. حقيقتاً ڌيئن کي پاڻ مائٽن جو تاءُ پٽن کان وڌيڪ اُپرندو آهي. جنهنڪري چوٽي آهي تہ "پيئيءَ ليئيءَ ڌيءَ ڪم اچي". يعني اڳهائيءَ ۾ مائٽ جڏهن ڪٽ ونڊي پوي ٿو، تڏهن ڌيءَ گهٽو ڪم اچي ٿي. اِنهيءَهوندي بہ نياڻيءَ جي حالت نرالي آهي. ڌيءَ آخر وڃي پرائو گهر وسائي ٿي. نياڻيءَ کي ڏيتي ليتي ڏيئي اُڪلائجي ٿو، تنهن کانپوءِ بہ سندس سکي جيوت جو مکيہ مدار سندس مڙس تي آهي، جو ڏاريو شخص آهي. خبر نہ آهي پس پيش لائق انسان ثابت ٿئي يا نہ، ۽ چوڪري ساهري گهر سکي جيوت گذاري يا نہ، جيڪڏهن نياڻي هر طرح سکي آهي ۽ ڪوبہ ڪَنُ ڪُرو ڪونهي، تہ مائٽ بہ خوش؛ پر جيڪڏهن نياڻي ڏکي، تہ مائٽ جي دل بہ اٽڪيو ڏکي. جن کي ساهري گهر ملن رت جون مانيون ۽ سُورن جا ساڳ. تن گهٽي ئي پهاڪا پنهنجي حال تان چيا آهن، جهڙوڪ:
"ساهرا اهرا ٻابرا ڪندا،
جو پاسو وراءِ، سو چپ چپ ڪندا".
زنانو پهاڪو.

نياڻين جي آئيندي جا ويچار آڳاٽن ماڻهن کي ايتري قدر ويڙهي ويندا هئا، جو رگ وید جي پنڌيان جيڪو ائترييہ براهمڻ گرنٿ آهي، تنهن ۾ جاڻايل آهي تہ "ڏيئون ڏک جو ڪارڻ آهن". (ستون، 31، 1)

نياڻين جو اونو ۽ اُڪلاءُ: قديم هندن ۾ لکيل وصيت (Will) ڪرڻ جو رواج هئو ئي ڪونہ، سموري ملکيت جو مالڪ پيءُ هوندو هو. پيءُ کان پوءِ سندس سڀ ملکيت سندس پٽن جي ٿيندي هئي. ڪنهن کي پٽ نہ هوندو هو، تہ سندس سموري ملکيت سندس ڌڻن کي ملندي هئي، نہ ڏيئن کي. اڄ بہ اهو ئي قائدو آهي. رواجي طرح ياءُ پنهنجي ملکيت مان پنهنجيءَ ڌيءُ کي حصي ڏيڻ لاءِ بدل ڪونہ هوندو هو (رگ وید، منڈل ٽيون، 31، 2). انهيءَ هوندي بہ جيڪڏهن ڪنهن چوڪريءَ کي سندس دل وٺان گهوٽ نہ ملندو هو، يا ڪنوارو رهڻ پسند ڪندي هئي، يا ڪنهن مرض ۾ مبتلا هڻڻ سبب سڄي عمر ڪنواري رهندي هئي ۽ اهڙيءَ حالت ۾ پيءُ جي ملکيت مان حصو گهرندي هئي، تہ ملندو هوس (منڈل ٻيون، 7، 17) انهيءَ ريت ياءُ پنهنجا ٻال ٻلائيندا هئا. تہ ڌيءُ عزت آبروءَ سان سکي سهنجي جيوت ڪاٽيندي هئي ۽ ڪنهن ٻئي جي محتاجي ڪيڏي ڪانہ پوندي هيس. جيڪڏهن اباڻي ملکيت ماڳهين خير ڪا هوندي هئي، تہ پوءِ چوڪري لاچار ٿي، ڪا ڪرت ڪار وجي ڪندي هئي، ۽ وقتي لالچن ۾ ڦاسندي هئي. جنهن چوڪريءَ جو اوهي نڪو واهي هوندو هو، تنهن جي پنڌيان لفنگا پوندا هئا، ۽ ڪي تہ آخر ڪليو ڪلايو بد پيشو اختيار ڪنديون هيون (رگ وید، منڈل پهريون، 124، 7، چوٿون، 5، 5).

ڪي چوڪريون ڪنواري ئي ٻار جڻي ڇڏيا ڪنديون هيون (منڈل ٻيون، 29، 1، منڈل پنجون، 5، 5 ۽ منڈل نائون 32، 5). ٻجر وید جي تئترييہ براهمڻ (ٽيون 4، 2، 1) ۾ "ڪماري پتر" لفظ ڪم آيل آهي، جنهن جي معنيٰ آهي "ڪنواريءَ جو پٽ". اهڙن سببن ڪري ڏيئن جو جمڻ گهٽن کي وٺندو ئي کين هو. جنهن ڪنواري چوڪريءَ کي نڪو پيءُ نڪو ياءُ هوندو هو، سا نياڳي ليکبي هئي، ۽ ٻيا مٽس قياس ڪندا هئا. اِهو بہ خطرو هو، تہ هيءَ ڪنهن مهل اُبتا پير ڪٽندي (رگ وید، منڈل پهريون، 124، 77 منڈل چوٿون، 5،5). اٿرو وید جي منڈل ڇهين (11، 3) ۾

ايشور کي آراڌنا ٿيل آهي ته "اي پڳوان، ڏيءَ ٻين کي ڏجانءِ، هتي اسان جي گهر ۾ پٽ ڏجانءِ!" مطلب ته ڏيءَ جائي ته مائٽن مٽان جڙ ته کا چَپ پيئي! سنڌيءَ ۾ چوٽي آهي ته "پهرين ڏيءَ پٽ برابر"، پر ڏيءَ پرڻائجي ٿي، ته سيڻن جي اڳيان وار وڃائڻا پون ٿا، ۽ اُنهن جون گهٽي ئي ڳالهيون سهٽيون پون ٿيون، تنهنڪري سنڌيءَ ۾ هيءَ چوٽي به عام آهي ته "سؤ پُٽان، هڪ ڳيان، تنهن پَر به لکان". جيڪڏهن کنهن مائيءَ کي ٻه ٽي نياڻيون اڳي ئي هوندیون آهن، ۽ مٽان ٻي به نياڻي جمندي اٽس ته اوڙي پاڙي جون زالون ساڻس اِئين اچي ڳالهائيندیون آهن، جو جڙ ته اعزاپرسي ڪرڻ آيون آهن! رگ وید واري زماني کان وٺي اهو دستور اڄ تائين هلندو اچي.

اڳي جيتوڻيڪ سيني پٽ پئي گهريا، ته به جڏهن ڏيئون جمندیون هين، تڏهن کين کو گهٽ کين گهرندا هئا، جو آندو ڪتي ٻلي کي پيارو آهي. حقيقتاً عام طرح نياڻيءَ کي ديويءَ روپ ڪري ليکيندا هئا، ۽ اڄ به نياڻيون ديويون ڪري ليکجن ٿيون. ايترو هو ته وڏور نياڻي گهر ۾ وهارڻ واجب نه سمجهندا هئا؛ تنهنڪري اُنهن جي اُڪلائڻ جو ڄجهو اونو ڪندا هئا. اهڙا ته آتا هوندا هئا، جو چوندا هئا ته ڪٽي اسان جي نياڻي پرڻجي وڃي شينهن ڪلهي چڙهي، ته اسين چنتا کان ڇٽون! اڄ به ماڻهو اِئين پيا چون. نياڻيءَ لاءِ ڪَڻُ سٺو ملي، تنهن لاءِ ويدن جا منتر به اُچارينداهئا (اٿرو وید، منڈل ٻيون، 6)

مائٽي ۽ وهانءُ: رگ وید ۾ اهڙي ڪا ٽُڪ آهي ئي ڪانه، جنهن مان سمجهجي ته انهيءَ زماني ۾ ننڍپڻ ۾ شاديءَ ڪرڻ جو رواج هو. جيڪي حقيقتون ڄاڻايل آهن، تن مان پاڻ ائين سمجهڻ ۾ اچي ٿو ته چوڪريون جڏهن بالغ ٿيندیون هيون، تڏهن پرڻبيون هيون. منڈل ڏهين جي سُوڪت 85 ۾ چيل آهي ته "ٻيءَ ڪنهن ڪنواريءَ ڏي نه وڃ، جا اڃا پنهنجي پيءُ جي گهر ۾ وينی آهي، ۽ پرڻجڻ جون سي علامتون منجهس آهن". جيڪڏهن ڪا چوڪري ڪنهن مرض ۾ مبتلا هوندي هئي، جنهنڪري پرڻجڻ کان خارج هوندي هئي، يا سڃي عمر ڪنوارو رهڻ چاهيندي هئي، ته پيڪي گهر گذاريندي پَريا پئجي ويندا هئس. ٻال وواهه جو رواج سُوترن واري زماني ۾، يعني ويدن کانپوءِ جي زماني ۾ عام ٿيڻ

لڳو، ۽ ننڍپڻ جي وهاڻ مان جيڪي اُگرا نتيجا نڪرن ٿا، سي پوءِ ظاهر ٿيڻ لڳا[1]

رگ ويد جي منڈل ڏهين (27، 12) مان معلوم ٿئي ٿو ته جيڪي چوڪريون پرٽبيون هيون، سي پنهنجي لاءِ گهوٽ پاڻ چونڊيندڙيون هيون — "وَرُ" معنيٰ "گهوٽ"، پر بنيادي معنيٰ اٿس "چونڊيل". "سويمور" معنيٰ پنهنجي چونڊ پاڻ ڪرڻ. چوڪريون پنهنجي لاءِ عام طرح اُهو "ور" (گهوٽ) چونڊيندڙيون هيون، جنهن تي دل ٿيندي هين، يعني اڪثر پريم وواهه ٿيندو هو (منڈل اٺون، 62، 4)، جو ماڻهو ائين سمجهندا هئا ته پرٽي جي خوشيءَ جو بنياد ئي پريم تي ٻڌل آهي (منڈل ڏهون، 27. 12).

رگ ويد واري زماني ۾ ذات پاتم جو پيد هئو ئي ڪونہ، تنهنڪري جنهن جي جنهن سان دل لڳندي هئي، سو تنهن سان پرٽبو هو؛ رڳو سگوتر ۽ سپنڊ وهاڻ جي منع هئي (صفحو 175)، پاڻ کان گهٽ گهر ڪڙ ڪو ڪونہ پسند ڪندو هو. ڪنهن وٽ ڏن مال ججهو هوندو هو، پر نہ هوندا هئس لڇ ۽ نہ سهڻي شڪل شبيهہ، ته اهڙي کي ٻانهن ڏيڻ کو ڪونہ چاهيندو هو. ڪي ته ڏن کي ڏسي مائٽيون ڪندا هئا. عام رواج هيءُ هو ته ڪنهن وٽ ڪٽي ڏن گهٽو نہ هوندو هو؛ پر علم ۽ لڇ هوندا هئس، ته اهو پسند پوندو هو. ساڳيءَ طرح ڪا چوڪري غريب مائٽن جي ڏيءَ هوندي هئي، پر سهڻي ۽ سلڇڻي هوندي هئي ته اها پسند پوندي هئي، جنهنڪري اڄ تائين چوٽي آهي ته "لڏي کان لڇ وڌيڪ". انڊيون ڪاڻيون۽ ٽيڏيون مشڪل اڳهامنديون هيون، پر جيڪڏهن کو ساڻن پرٽبو هو، ته انهيءَ ڳالهہ تان کوبہ اعتراض ڪونہ اٽارينڊو هو (رگ ويد، منڈل 23، 11).

Gul Hayat Institute

[1] Satapatha Brahmans, Sacred Books of the East,. Vol. XII, P. 313,20.

[2] "The relation of child and parent was clearly, as a rule, one of close affection; for a father is regarded as the type of all that is good and kind." Cambridge History of India, Vol. 1, p. 89.

* "Marriage in the early Vedic texts appears essentially as a union of two persons of full development. This is shown by the numerous references to unmarried girls who grow old in the house of their fathers." Prof. Macdonell and Keith: Vedic Index.

+ "Child-wives first occure regularly in the Sutra period, though it is still uncertain to what extent the rule of marriage before puberty there obtained." Dr. A.C. Das: Rig. Vedic Culture, page 251.

ڪنهن جوان ۽ سهڻي ڇوڪريءَ هٿ ڪرڻ لاءِ گهڻائي نوجوان خواهان ٿيندا، پر ڇوڪريءَ کي به سوچڻو ويچارڻو آهي. هوءَ سياويڪ طرح پنهنجي لاءِ اهو مڙس چونڊيندي، جو هر طرح لائق هوندو، اوکيءَ سوکيءَ ۾ سنديس پوريءَ ريت سنڀال لهندو، ۽ بارن پالڻ جي سمرٿي هوندیس. پر متان ڪا ڇوڪري پوريءَ ريت ڳڻ ڳوت نه ڪري، ۽ پرڻجي پوءِ پڇتائي، تنهنڪري رڳو پگو پنهنجي خيال تي هلڻ بدران پنهنجن مائٽن جو به هٿ هوندو هو.

ميلن ۽ محفلن ۾، يا ٻين هنڌ، جوان ڇوڪريون ۽ ڇوڪرا هڪٻئي سان لهه وچڑ ۾ ايندا هئا، جيڪڏهن هڪٻئي سان دل لڳي ويندي هين، تہ اول پاڻ ۾ پڪون پچائيندا هئا، ۽ پوءِ گهوٽ جي سنگتين يا مٽن مائٽن مان ڪو ڪنواريتن سان وڃي مائٽي چورينڊو هو. رگ وید جي منڊل ڏهين. (سوڪت 85) ۾ ڄاڻايل آهي تہ سورج ديوتا جي نياڻيءَ "سؤريا" جو وهانءُ سوم (چندرما) سان ٿي ٿيو، تہ سوم جي پاران اشوني ڪمار ديوتائن وڃي مائٽي چوري هئي. انهيءَ ڳالهه مان عالمن اهو انومان ڪڍيو آهي تہ گهوٽيتن مان ڪا پهر ڪنواريتن سان مائٽي چورينديِ هئي. پوءِ جي ساهت، خاص ڪري سمريتن مان معلوم ٿئي ٿو تہ گهوٽيتيءَ پهر مان ٻه ودوان وڃي ڪنوار ڏسي ايندا هئا. پنهي ڌرين کي جيڪڏهن مائٽي پسند ايندي هئي، ۽ ڪنواريتا جيڪڏهن اڃان پنهنجي من ۾ ٺهراءُ ڪندا هئا تہ پنهنجي نياڻي فلاڻي سان پرڻائجي، تہ چئبو تہ پنهنجي من ڪري پنهنجي نياڻي ڏيئي چڪا. انهيءَ کي سڏيندا هئا "منسادت"(Mansadata) يعني من ڪري ڏنل (Mentally given). اهڙي منشا من ۾ڌارڻ ڪانپوءِ، مائٽيءَ جي پڪ ڪرڻ لاءِ ڪن براهمڻن جي روبرو اول سيڙ پاڻ ۾ ڳڏبا هئا، اُن وقت ڪنوار جو پيءُ پنهنجي من جي منشا ظاهر ڪرڻ لاءِ گهوٽ پيءُ کي چوندو

هو ته ”پنهنجي پٽ لاءِ منهنجي ڪنواري ڪنيا ونو، جا مَنَ ڪري ڪيس ڏني ويئي آهي: هينئر بہ ڏسو ۽ فيصلو ڪري پرسن ٿيو.“ گهوٽ پيءُ پوءِ چوڪري ڏسي، خاطري ڪري، ڪنوار پيءُ کي چوندو هو ته ”توهان جي ڪنواري ڪنيا مان پنهنجي پٽ لاءِ قبول ڪريان ٿو، جا مَنَ ڪري ڪيس اڳي ئي ڏني ويئي آهي: توهين منهنجو پٽ ڏسو ۽ فيصلو ڪري پرسن ٿيو. ڪنوار پيءُ پوءِ چوڪرو ڏسي خاطري ڪندو هو. جيڪڏهن چوڪرو پسند ايندو هوس ته پنهنجي ڪنيا دان ڪرڻ جي ڳالهہ پنهنجي زبان سان کولي چوندو هو، اهو سڏبو هو ”واڳدان“ (واڪدان) يعني وچن دان. ڪنوار پيءُ براهمڻ جي روبرو پنهنجي ”واچادت“ (Vachadatta) يعني وچن ڪري يا زباني ڏنل (Verbally given) مطلب ته پهريائين من ڪري ڪنيادان ٿيل هو، ۽ هاڻ زبان سان وچن ڏيئي ڪنواريتا پنهنجي نياڻي ڏيئي چڪا. اوڏيءَ مهل حاضر براهمڻن مان پان ورهائيندا هئا. هن وقت مصري ڪائيندا هئا. ڪنيادان جي ٽين منزل سڏبي هئي ”ڏارادت“ Dharadatta (Stream – given i.e. actually given) يعني جڏهن تت وهندي نياڻي ڏيندا هئا. هي سڀ ڳالهيون سمرتي ڪارن ڄاڻايون آهن. سمرتيون جيتوڻيڪ گهڻو پوءِ جون لکيل آهن، ته بہ منجهن ڳالهيون ويدڪ زماني جون آهن .:

وهاڻءَ جي پڪ ٿيندي هئي ته وهاڻءَ لاءِ مهورت ڪڍائيندا هئا. وهاڻءَ جي ڏينهن گهوٽ اُڇا سٿا ڪپڑا ۽ جڙت جڙيل سونا زيور پائي (منڊل پنجون، 6، 4) ۽ سرهاڻيون مکي، پنهنجن مٽن مائٽن ۽ سنگتين ساڻين جي ڇڇ ونيِ، ڪنواريتي گهر ويندو هو. ڪنواريتا گهوٽيتن جو آءُ آدر ڄجهو ڪندا هئا، کين اُڇا اُڇا طعام کارائيندا هئا ۽ پوءِ وهاڻءَ جي رسم ادا ڪندا هئا.

Gul Hayat Institute

وهاڻءَ جي رسم: قديم زماني ۾ وهاڻءَ جي رسم رسمات اها ساڳي هئي، جا هينئر آهي. وهاڻءُ مهل جيڪي منتر براهمڻ اُچارين ٿا، سي گريهہ سوترن ۾ ڄاڻايل آهن، جن مان ڪي اکر بہ اکر رگ وید مان ورتل آهن: تنهنڪري ائين وسهڻ لاءِ سبب ٿئي ٿو ته هاڻوڪي ويڏيءَ جو رواج رگ وید واري زماني کان ونيِ هليو اچي.

انهيءَ قديم زماني کان وٺي سنڌ جا ماڻهو هندستان جي ٻين هنڌن جي هندن وانگر پرٽي جون رسمون بلڪل پوريءَ ريت بجا آڻيندا پيا اچن. هڪ مکيہ تفاوت هيءُ آهي تہ آڳاٽن ماڻهن جي مادري زبان سنسڪرت هوندي هئي، جنهن ۾ اڄ تائين ويڊي پڙهڻ ۾ اچي ٿي. اڳي وهاڻءَ مهل گهوٽ ۽ ڪنوار هڪ ٻئي سان ڪي پرتگيائون يا قول قرار ڪندا هئا. خود ڪنوار جو پيءُ پنهنجي نانيءَ کان ڪي انجام ونندو هو، جهڙوڪ "ڏرم ۽ ارٿ (ڌن دولت) جي پراپتيءَ ۾ منهنجي ڪنيا کي ريٽي نہ ڇڏج وغيره". اڄ ڪالهہ اسان جا ماڻهو اڪثر سنسڪرت ڄاڻن ئي ڪونہ، تنهنڪري وهاڻُ ڪرائيندڙ براهمڻ گهوٽ ۽ ڪنوار جي پاران سوال جواب پاڻ ڪندو ويندو آهي ۽ سمجهندو ٻہ رڳو پاڻ آهي. گهوٽ ۽ ڪنوار مان ڪيو وينا آهن.جاجين مان ڪي اوڏيءَ مهل کاني پيني ۾ مشغول هوندا اهن، جنهنڪري ڪيترن هنڌ ڏسبو آهي تہ جنهن سانت سان هيءُ شي ڪارج ٽيڻ گهرجي، سا سانت هوندي کانهي، ۽ اٽلندو ڪيچل لڳي پيئي هوندي آهي. انهيءَ هوندي ٻہ ايترو چئبو تہ سات سوڻ وغيره اهي ئي ساڳيا هليا اچن. اها ڳالهہ خود "وهاڻءَ" ۽ "پرٽو" لفظ مان ظاهر آهي، جي لفظ اڄ تائين عام طرح ڪم پيا اچن.

"وهاڻُ" لفظ اصل ۾ آهي سنسڪرت لفظ "وواهہ" جنهن ۾ "وِ" معنيٰ وشيش ريت يا چڱيءَ طرح ۽ "وهہ" معنيٰ ملائڻ يا وٺي وڃڻ. وهاڻُ اهو آهي جنهن ۾ گهوٽ پنهنجيءَ ڪنوار کي چڱيءَ ريت يعني سانن سوڻن سان وٺي وڃي ٿو. انهن سانن سوڻن ۾ جيڪا مکيہ ڳالهہ آهي، سا "پرٽو" لفظ مان ظاهر آهي. "پرٽو" لفظ جي بنيادي معنيٰ آهي "قيراڻيٽ". سنسڪرت ۾ "پَر" معنيٰ چوڌاري، ۽ "نيہ" معنيٰ "نيٽ يا وٺي وڃڻ". وهاڻُ مهل گهوٽ ۽ ڪنوار هڪ ٻئي سان پلئہ ٻڌي، پوءِ هڪٻئي جو هٿ جهلي (هٿيالو ٻڌي)، يگيہ جي اگنيءَ جي چوڌاري ست ڦيرا ڏيندا هئا. جيستائين گهوٽ ۽ ڪنوار ڦيرا نٿا ڏين تيستائين وهاڻُ جائز نٿو ليکجي. جنهن وقت گهوٽ ۽ ڪنوار پلئہ ٻڌي، ۽ "پاڻي گرهن" ڪري يعني هٿ جهلي (هٿيالو ٻڌي) ست ڦيرا ڏنا، تنهن وقت ئي چئبو تہ وهاڻُ ٿي چڪو. اِنهيءَ "سپت ٻڌيءَ" يعني ستن ڦيرن جي نهايت مکيہ رسم هڻڻ سبب "پرٽو" معنيٰ ٿي "وهاڻُ".

وهاڻَ مهل گهوٽ ۾ ڪنوار جا مٽا ميڙيندا آهن. انهيءَ کي "لائون" چئبو آهي، جو اصل ۾ آهي سنسڪرت لفظ "نمن" يعني نماڻن (مٽا نماڻن). انهيءَ سبب "لائون لهڻ" معنيٰ "پرڻجڻ". جڏهن چئون ته فلاڻن جون هڪٻئي سان لائون آهن، تڏهن ان جي معنيٰ ته پاڻ ۾ ججهي پريت اٽن (گهوٽ ۽ ڪنوار جهڙي). اهڙيءَ ريت لفظن جي بنيادن ۾ ڪيترائي آڪاڻا احوال سمايل آهن، جنهنڪري بولين جو اونهو اڀياس نهايت ڪارائتو آهي.

وهاڻَ جون رسمون سيکا قوم پنهنجي پنهنجي نموني ادا ڪري ٿي؛ پر سنڌو ماٿر جي رهاڪن جو نمونو ئي نرالو هو. هو وهاڻَ کي هڪ ""سنڪار"(Sacrament) ڪري ليکيندا هئا. هندن هندن جي شاسترن پٽاندر هرهڪ سنڪار ڪرڻ ۾هل "سراڌ" ڪرڻ گهرجي. وهاڻَ مهل "سراڌ" ۽ "ترڪڻ سُڌي"(Trikarana Suddhi) اهي ٻه مکيه ڳالهيون هونديون هيون. "سراڌ" آهي "سردا" (سچي سردا) ۽ "ترڪرڻ سڌيءَ" ۾ من، وات ۽ هٿ اهي ٽيئي شڌيا پوتر رکڻا آهن. مطلب ته من ۾ ڪو خراب خيال ڪم نه ڪجي. انهيءَ لاءِ اول "سنگلف" ونندا هئا. "سنگلف" اصل ۾ آهي سنسڪرت لفظ "سنڪلپ"، ۽ اصل معنيٰ اٽس "دل جو ارادو" يا پڪو نهراءُ". سنڪلپ ونڻ مهل هٿ ۾ چانور، پاڻي، گل ۽ ڏڪٽا جهليندا هئا، ۽ اها ڏڪٽا پنهنجي ڪُل جي پروهت کي ڏيئي، پنهنجو پڪو پرڻ ظاهر ڪندا هئا ته "اسين مَنين، وچنين ۽ ڪرمين شڌ (پوتر يا صاف) رهنداسين". انهيءَ سنڪلپ جي يادگيري ڏيارڻ لاءِ گهوٽ ۽ ڪنوار جي ٻانهن ۾ اڄ تائين ڪنگڻ (رکڙي) ٻڌندا آهن. رکڙي ٻڌڻ جو اهو مطلب آهي ته ديوتائون سندن رکيا (سنيال) ڪن ته هو من، وچن ۽ ڪرم ۾ شڌ رهي، پنهنجي وچن جي پالنا ڪن. وهاڻَ جي رسمن پوري ٿيڻ ڪانپوءِ اها رکڙي ڇوڙيندا آهن، جنهن جي معنيٰ ته جيڪو سنڪلپ ڪيو ويو هو، سو پورو ٿيو. سنڪلپ ونڻ مهل هٿ ۾ "اڪشت" (اڻ ڇَڙيل چانور) جهليندا هئا. "اڪشت" جو اُچار پوءِ ڦري "اَڇُٽ" ٿيو، تنهنڪري هينئر "اَڇُٽ" لفظ "سنڪلپ" (سنگلف) جي معنيٰ سان ڪم اچي ٿو.

وهاڻَ جي سانڻ سوڻن شروع ٿيڻ کان وڃي سانڻ پوري ٿيڻ جي وقت تائين من، وچن ۽ ڪرم شڌ رکڻ جي ضرور هن ڪري سمجهندا هئا، جو وهاڻَ مهل ٿنهي

لوڪن (ڀُوہ Bhuh ڀُوهہَ Bhuvah ۽ سُوهہ Suvah) جي ديوتائن کي آراڌنا ڪندا هئا تہ ”هن شي ڪارج ۾ اچي شامل ٿيو، ۽ گهوٽ ۽ ڪنوار کي آسيس ڪريو تہ هو وڌن ويجهن ۽ سکي جيوت گذارين.“ وهاڻہ مهل ٿنهي لوڪن جي ديوتائن، ۽ ترلو ڪينات (ٿنهي لوڪن جي ڏٽيءَ يا ايشور) کي حاضر ناظر ڄاڻندا هئا؛ تنهنڪري انهن جي حضوريءَ ۾ پنهنجي من، وچن ۽ ڪرم جي شڌي نهايت ضروري سمجهندا هئا. من کي پوريءَ ريت روڪڻ يا ضابطي ۾ رکڻ لاءِ ”پراڻايام“ (Regulated Respiration) بہ ڪندا هئا. پراڻايام ڪرڻ ڪري جلد جلد نڙي سکي ويندي هين، تنهنڪري گهڙيءَ گهڙيءَ ”آڇمان“ ونندا هئا يعني پاڻيءَ ڏڪ پيئندا هئا تہ نڙي ڀِجي. وهاڻہ مهل ”ننڍي ديوتائن“ يعني پيترن کي بہ پڪاريندا هئا تہ ”اچي هن شي ڪارج ۾ شامل ٿيو، ۽ پنهنجي اولاد کي آسيس ڪريو تہ وڌن ويجهن ۽ توهان جو نالو بہ قائم رکندا اچن.“

جوتش موجب گرهن جو اثر ٽئي ٽو، تنهنڪري گرهن جي شانتيءَ لاءِ ”نَوَ گرهي“ يعني نون گرهن (Planatary Spirits) جو پوڄن بہ ڪندا هئا.

وهاڻہ ۽ ٻين شي ڪارجن مهل اڄ تائين گنپتي پوڄا ڪندا آهن. ”گنپتي“ معنيٰ گڻن جي ديوتا“. هن کي ”گڻيش“ يعني گڻن جو ايش (حاڪم) بہ سڏيندا آهن. ڪيترن عالمن جي خيال موجب ”گنپتي“ يا ”گڻيش“ اصل ۾ فصلن جي ديوتا آهي، ۽ ”گڻ“ (Demigods)، جي فصلن جي رکيا ڪن ٿا، تن جي مٿان اهو ديوتا آهي، ”گڻيش“ کي ”گنبودر“ هہ چوپندا آهن، يعني جنهن جو اُدر يا پيٽ لنبو (ڊگهو) هجي – ٻين لفظن ۾ چئبو تہ سيني جو ڏَءَ تي پيٽ پرڻ وارو اهو ديوتا آهي. گڻيش مهراج جي سواري ڪُئي تي آهي. ڪُئو آهي فصل جو دشمن، پر هيءُ ديوتا ڪُئي تي سدائين سوار ٿيو وينو آهي، جنهنڪري سندس پوڄارين جو فصل ڪٿا چٽ ڪري نٿا سگهن. ”گڻيش“ جو ٻيو نالو آهي ”وگهنيشور“ (Loard of Obstacles) يعني جو سڀ وگهن (اڙڪون يا مشڪلاتون) دور ڪري – جن وٽ اَن جا ڀانڊا ڀريل هوندا، ۽ جن کي سڀ ڪاڏو پيتو ڏَءَ تي پيو ملندو، تن جون سڀ مشڪلاتون دور! وهاڻہ ۽ ٻين شي ڪارجن تي گنپتيءَ پوڄا جو رواج پيو ئي انهيءَ سبب آهي تہ

رزق جي تنگي نہ ٿئي. اهڙيءَ ريت هندڪي وهاڻءَ تي نہ رڳو ڄاڄي ماڄي اڇن ٿا، پر ديوتائن ۾ پترن جو بہ ميڙ اڇي مڙي ٿو، ۽ اهي گهوٽ ۽ ڪنوار کي آسيس ڪن ٿا تہ وڏن ويجهن، رزق جي تنگي نہ ڏسن ۽ آدرش جيوت ڪاٽين!

هندن جي وهاڻءَ جي ٻي هڪ مکيہ ڳالهہ هيءَ آهي تہ وهاڻءَ جا ساڻ سوڙ هڪ واريءَ شروع ٿين تہ اهي سڀ سانده هلائي پورا ڪجن، ۽ وچ ۾ ناغو وجهڻ نہ گهرجي. ڪنگڻ (رکڙي) ٻڌي، سنگلف وڌي، ست ڦيرا ڏٻا، تہ وهاڻُ ٿي چکو، پر انهيءَ ڪانپوءِ بہ ڪي ساڻ سوڙ ڪرڻا آهن. سنڌو ماڻر جي رهاڪن (آڳاٽن آرين) ۾ اهو دستور هوندو هو تہ جيڪڏهن سپت پديءَ (ستن ڦيرن) ڪانپوءِ گهوٽ ۽ ڪنوار مان اتفاق سان ڪو مري ويندو هو، تہ باقي رهيل ساڻ سوڙ لاش يا مڙهہ سان ڪندا هئا. آڳاٽا لوڪ ائين وسهندا هئا تہ ستن ڦيرن ڏيڙ ڪانپوءِ گهوٽ ڪنوار جون آتمائون بہ ملي هڪ ٿي وڃن ٿيون، تنهنڪري سپت پديءَ ڪانپوءِ جيڪڏهن ڪا ڏر مري ويندي تہ ڇڏبو تہ جسم، جو "اَنميہ ڪوش" يعني اَن جو پردو يا ڏڪ (food-Sheath) آهي، تنهن مان ساهہ ويو، پر "پراڻ مي ڪوش" ۽ ٻين ڪوشن ۾ گهوٽ ۽ ڪنوار جون آتمائون پوءِ بہ گڏيل رهن ٿيون: جنهنڪري مرڻ ڪانپوءِ بہ گهوٽ ۽ ڪنوار جو ناتو هڪٻئي سان ٽُٽي نٿو سگهي. انهيءَ ۽ ٻين سببن ڪري ڪن يوروپي عالمن جو چوڻ آهي تہ هندن جي وهاڻءَ جي آدرش جهڙو ٻيو آدرش آهي ئي ڪونہ!

وهاڻءَ جا ساڻ سوڙ پورا ٿي رهندا هئا، ۽ مائٽ ڏسندا هئا تہ هاڻ اسان جي نياڻي اسان جو گهر ڇڏي، ساهري وڃي ٿي تہ سندس وڇوڙ ڪري من پرجي ايندو هون. اوڏيءَ مهل گهوٽ ڪين پر ٻوڌ ڏينڊو هو، ۽ چوندو هو تہ "رئڙ بدران پاڙ خوش ٿيو، جو وهاڻءَ ٽيڙ ڪري هڪ ٻئي سان ورهين جا ورهيہ محبت ۾ گذارڻو اٿئون. توهان اسان کي پرڻايو انهيءَ لاءِ آهي تہ هڪٻئي جي جيءَ سان جڙيل رهون!" اهو مائٽاڻو قرب اڄ تائين ڪيڏانهن ويو ڪونهي. وهاڻءَ ٽي رهڙ ڪانپوءِ جنهن مهل ڇوڪري پنهنجي ساهري گهر ويندي آهي، تنهن مهل مائٽن جو من اڄ تائين پرجي ايندو آهي. ڏر جا سوڍا راجپوت، ڪرار، ڪڇ ڀڄ جا لهاڻا ۽ ٻيا هيڪاري حد ڪندا

آهن. چوڪريءَ کان موڪلائڻ مهل گهر جي ٻاهرين دروازي وٽ بيهي ايترو تہ روڏن ڪندا آهن، جو ڪو اڻ واقف جيڪر ائين سمجهي تہ ڪو قضيو ٿيو آهي، جنهنڪري ايترو ماتم متو آهي.

وهاڻ جي سپت پدي (ستن قيرن) کانپوءِ ڪنوار جو پير جندي جي پُڑ يا ڪنهن وڏي پٿر تي رکائيندا هئا. اهو پٿر "استرتا" يا "واٽل پدوييءَ" جو هڪ اُهڃاڻ هو تہ چوڪريءَ جا پير ساهري گهر ائين ڪُپن، جيئن پٿر تي پير ڪُپي ٿو. هوءَ پوءِ ڏرو تاري ڏي نهاري چوندي هئي تہ "اي ڏرو تارا تون جيئن هڪ هنڌ ٽِرُ ڪري بينو آهين، تيئن شل مان پنهنجي ساهري گهر ٿُر پايان ۽ اٽل پدوي ماڻيان!" هن وقت گهوٽ ۽ ڪنوار جو پيرو ڪڍيندا آهن، تنهن جي معنيٰ بہ اهائي آهي تہ گهوٽ پنهنجي ڪنوار سان سولا پير هلي ۽ ٻنهي جي هڪ ٻئي سان پريت هلندي اڇي ۽ هڪ ٻئي جي آتمڪ اُنتيءَ (روحاني واڌاري) جو بہ اونو ڪندا رهن. پنهنجي ڪنيادان ڪرڻ مهل ڪناور پيءُ اهڙو انجام گهوٽ کان ونندو هو، ۽ تاڪيد ڪندو هوس تہ"ڏرم، ارٿ ۽ ڪام جي پرايتيءَ ۾ منهنجي ڪنيا کي ريٽي نہ ڇڏج". انهيءَ تي گهوٽ نهايت گنڀيرتائيءَ سان انجام ڪندو هو تہ "ناتي چرامي" يعني "ڪين ريٽي ڇڏيندوسانس". اهو انجام ڏي گهمرا ڪندو هو، سو هن لاءِ تہ ٽنهي لوڪن جا ديوتائون ٻڌن تہ "ڪين حاضر ناظر ڄاڻي مان هرهڪ لوڪ جي ديوتائن جي اڳيان اهڙو انجام ڪريان ٿو". انهيءَ ڪيل قول جو اڄ بہ پيروي ٿئي ٿي. اڄ بہ گهوٽ ۽ ڪنوار جيئري تہ هڪٻئي جا دڪ سڪ ۾ سنگي ٿين ٿا، پر منجهائن جيڪڏهن ڪا ڏر مري ويندي آهي تہ جيڪا ڏر جيئري هوندي آهي، سا مئل ڏر جو پنڊ پرائيندي آهي، ۽ سراڌ ڪندي آهي. مطلب تہ مرڻ ڪانپوءِ بہ زالون مڙس کي هڪٻئي جو اونو ڪرڻو آهي تہ ٻنهي جو لوڪ سکي ۽ پر لوڪ سهيلو ٿئي.

ساهري گهر پرويش: ڪنوار پنهنجي گهوٽ سان لانئون لهي، مائٽن کان موڪلائي، ساهري گهر گهوڙي گاڏيءَ ۾ چڙهي ويندي هئي، جا ڏَڪَ سان هوندي هئي. اڄ

تائين ڪيترن هنڌ گهوٽ ۽ ڪنوار چڪڑي يا بيل گاڏيءَ ۾ چڑهي ويندا آهن. گهٽو پوءِ اهو دستور پيو تہ گهوٽ گهوڑيءَ تي چڑهي ويندو هو، ۽ ڪنوار ڊولي ۾ چڑهندي هئي، جا ڪَهار کڻي هلندا هئا. هن وقت گهوٽ ۽ ڪنوار اڪثر موٽر ۾ چڑهي ويندا اهن" پر ويدڪ زماني ۾ ڏڪ سان چڪڑا هوندا هئا، جي گهوڑا يا ڏڳا ڪاهيندا هئا. ڪنوار کي پيڪن وٽان جيڪي مٽيا، ڪپڑا وغيره ملندا هئا، سي پاڻ سان گڏ گاڏيءَ ۾ رکندي هئي. اوڏيءَ مهل گهوٽ چوندو هوس تہ "اي ڪنوار" مون سان گڏ گاڏيءَ ۾ ويهہ! پنهنجو استري ڏن بہ گاڏيءَ ۾ رک. اسان جي گهر ۾ تون اسان جي مٽي جو موڙ ٿجانءِ! شل سهري وٽ تنهنجو ججهو قدر ٿئي! شل سَسُ کي وٽين! شل ڏيرن ۽ ڏيراڻين کي تو لاءِ قرب ٿئي"، وغيره.

رگ وید ۾ هيئن بہ لکيل آهي تہ گهوٽ پنهنجي ڪنوار کي چوندو هو تہ "اي ڪنوار، پنهنجي پتيءَ جي گهر ۾ (منهنجي گهر ۾) سياڻو پير پائج تہ اسان جي گهر جي ياتين ۽ چوپائي مال تي ڏٺيءَ جي مهر ٿئي. ڪڏهن بہ اک ۾ شور نہ پائج، ڪومل هنئون ڏارج، سورويرِ ۽ ڏرماتما پٽ جڻج، جي ڀگوان جي ڀڳتي ڪن. اي ڪنوار، تون سَس سهري ۽ پنهنجن ڏيرن نڑاڻن جي مٿان راڻي ٿي راڄ ڪج. شل ورڻ ديوتا ۽ ٻيا ديوتائون اسان جون دليون ڳنڍين،" وغيره (رگ وید، منڈل ڏهون، 85، 43-47). پانئجي ٿو تہ هي پويان لفظ اهو جوان چوندو هو، جنهن جا مائٽ وڏيءَ جمار وارا هوندا هئا، ۽ گهر هلائڻ جو بار مٿس هوندو هو. جنهنڪري سندس ڪنوار بہ گهر جي وڏي هوندي هئي، ۽ سيني ياتين جي مٿان گويا راڻي ٿي راڄ ڪندي هئي. بهرحال هن ٿورڙي ئي مضمون مان ايترو ظاهر آهي تہ زالن جو مان مرتبو ڪو گهٽ ڪونہ هوندو هو. ساهري گهر پير پائڻ سان ڪنوار گهر جي راڻي ليکبي هئي، ۽ مٽي جو موڙ ڪري سمجهندا هوس. هن مان ظاهر آهي تہ چوڪري ساماڻل هوندي هئي، جنهنڪري ساهري گهر پير پائڻ سان سڄي گهر جو واڳ ملندي هيس.

پردان آهوتي يا وڏو هوم: ڪنوار ساهري گهر ويندي هئي تہ گهوٽ سان پلئہ ٻڌي هون هوم ڪندي هئي. انهن مان وڏو يا مکيہ هوم "پردان آهوتي" سڏبو هو. هر

ڪو گهوٽ ائين سمجهندو هو ته "جوءِ آهي ديوتائن جي ڏنل ڏات"، تنهنڪري انهن ديوتائن جي اُستتي ڪندو هو، جن وٽان اها ڏات ملندي هيس. پرڏان آهوتيءَ يا مکيہ هوم ڪرڻ مهل گهوٽ پنهنجيءَ ڪنوار کي چوندو هو ته "پهريائين سوم ديوتا توکي ماڻيو ٿي، پوءِ گنڌرون ۽ انهن کانپوءِ اگن ديوتا توکي ماڻيو ٿي، ۽ هاڻ مان انسان ذات مان پيدا ٿيل تنهنجو پتي ٿيو آهيان، ته تو مان سنتان (اولاد) پيدا ڪريان". هرڪو گهوٽ فقط سوم ديوتا، گنڌرون ۽ اگن ديوتا جي هن ريت اُستتي چو ڪندو هو، ۽ هي مٿيان لفظ چو چوندو هو، ۽ اُنهن جي معنيٰ ڪهڙي آهي، سي ڳالهيون سيڪو ماڻهو پاڻ مرادو سمجهي ڪين سگهندو، تنهنڪري ٽيڪا ڪارڻ (تشريح ڪندڙن) جيڪي لکيو آهي، سو مختصر طرح ٻڌائجي ٿو ته هيءَ مکيہ ڳالهہ سمجهڻ سولي ٿئي.

سوم هڪ نشيدار ٻوٽيءَ جو نالو آهي، جنهن جي رس پيڻ سان آڳاٽن آرين جو تن تازو ٿيندو هو – سوم رس ۾ اهو گڻ پيدا ڪندڙ ٻہ "سوم" ديوتا سڏبو هو. ان کي پوجيندا هئا ۽ ائين وسهندا هئا ته ساري ونسپتي يا نباتات (Vegetable Kingdom)جي مٿان اهو ديوتا آهي. جيئن سلو وڏي وڻ ٿئي ٿو، تيئن سوم ديوتا جي ڪريا سان انسان جو جسم ٻہ وڏي ٿو ۽ بدن تي وار ڄمن ٿا، جيئن سج جو ٿَو تي وڻ ٽڻ وغيره اُسرن ٿا، تيئن سوم ديوتا جي ڪرپا سان ڪنواري ڪنيا جي بدن تي وار پيدا ٿين ٿا. ائين جڏ ته سوم ديوتا اول اها ڪنيا ماڻي ٿو. ڪنيا جي جسم کي وڏيڪ سوپيا، گنڌرون (Good Goblines) جي ڪرپا سان ٿئي ٿي. ڪيس ڏڪ ڄمن ٿا ۽ منجهس جوانيءَ جا آثار نظر اچن ٿا. ائين گنڌرو جڏ ته اها ڪنيا ماڻي ڪيس اُسرائين ٿا، ۽ پوءِ ڪيس اگن ديوتا جي حوالي ڪن ٿا.

"اگن" لفظ جي معنيٰ آهي باهہ، ۽ انهيءَ عناصر يا تت جو ديوتا ٻہ ڪري ٿو، جنهنڪري ڪيس هر مهيني زناني اچي ٿي. جنهن چوڪريءَ کي اجا زناني نٿي اچي، سا "گوري" سڏجي ٿي، پر جنهن وقت اچڻ شروع ٿئيس ٿي. تنهن وقت "روهڻي" سڏجي ٿي. ائين جڏ ته اگن دفيوتا گوري کي ماڻي ڪيس روهڻي ڪري ٿو.

هوءَ پوءِ پڪي زال ٿئي ٿي، ته گهوٽ سان پرڻجي ٻارن جڻڻ جي لائق ٿئي ٿي. ** انهيءَ سبب جوءِ آهي انهن ديوتائن جي ڏنل ذات.

هاڻ چگّيءَ ريت سمجهڻ ۾ ايندو ته جن ديوتائن جي ڪرپا سان ڪنواري ڪنيا اُسري قوهه جوانيءَ ۾ اچي ٻار جڻڻ جي لائق ٿئي ٿي، تن ديوتائن جي اُستتي ڪرڻ گهوٽ پنهنجو فرض سمجهندو هو، ۽ اهو وڏو هوم انهيءَ لاءِ ئي ڪندو هو. ويدن ۾ اهو ڄاڻايل ڪونهي ته ڪيڏيءَ ڄمار جي ڇوڪري پرڻائڻ گهرجي، پر ايترو چٽيءَ ريت چيل آهي ته جڏهن اگن ديوتا کيس ماڻي ٿو، يعني جڏهن کيس زناني اچي ٿي، تنهن کانپوءِ هُوءَ پرڻجڻ جي لائق ٿئي ٿي. مطلب ته ننڍپڻ ۾ شادي ڪرائڻ سو آهي گويا گُڏا ۽ گُڏيون پرڻائڻ. تنهنڪري ٻال وواهه جي رسم، جنهن پوءِ زور ورتو، سا ويدن جي برخلاف سمجهڻ گهرجي. پرڏان هوم جا جيڪي منتر آهن، تن مان به ائين ظاهر آهي ته ڇوڪري تڏهن پرڻبي هئي جڏهن بالغ هوندي هئي.

ٽي راتيون برهمچريہ: وهاڻءَ جي رسم رسمات ادا ڪرڻ کانپوءِ به گهوٽ پنهنجيءَ ڪنوار کي ڪجهه وقت ويجهو نه ويندو هو. سويل ۾ سويل ته چوٿينءَ رات گهوٽ ۽ ڪنوار همبستر ٿيندا هئا. گهوٽ نوجوان ۽ ڪنوار به بالغ، پوءِ ڇو پهريون ٽي راتيون واري وهندا هئا، سا ڳالهه ويدن ۾ ڄاڻايل ڪانهي؛ پر گريهه سوترن ۾ ڪولي ٻڌائي اٿن. انهيءَ ڳالهه جو ٿورن لفظن ۾ مطلب هيءُ آهي ته پرڻجڻ جي اها مراد ڪانهي ته پنهنجون نفساني خواهشون پوريون ڪجن؛ پر ڏرماتما سنتان (اولاد) پيدا ڪجي، جا مائٽن توڙي سڄي ڪُلَ جو آچار ڪري. سنتان يا اولاد ٽن قسمن جو ٿئي ٿو: هڪڙو "نامسڪ" يعني تمي گڻ وار، جو جنسي ڪارو اگر ٽي سامائجي ٿو، ۽ پنهنجو توڙي سڄي ڪُل جو نقش ٻوڙي ٿو. ٻيو "راجسڪ" يعني رجي گڻ وارو، جو محنتي" سمجهو سياڻو ٿئي ٿو پر، ڏرم جو انگ منجهس گهٽ رهي ٿو، ٽيون "ساتوڪ" يعني ستي گڻ وارو، جو وڏو ڏرماتما ٿئي ٿو، ۽ پنهنجون ست پيڙهيون تاري ٿو. اهڙو اُتم پٽ تڏهن ڄمندو، جڏهن سندس ماءُ پيءُ منڌ ۾ ئي پنهنجي

نفساني خواهش تي پورو ظابطو رکندا. سنڌو ماڻر جا راڪو انهيءَ سبب وهاڻءَ مهل اهو سنڪلپ ڪندا هئا تہ اسين ساتوڪ د جا يعني ستي گڻ وارو اولاد پيدا نداسين. انهيءَ من جي مراد حاصل ڪرڻ لاءِ وهاڻءَ جي پهرين4 رات کان وٺي گهوٽءِ ڪنوار ڪوبہ سلوٽو ڪاڏو نہ ڪائيندا هئا، ءِ ٽ تي سهندا هئا. جيڪڏهن ساڳئي تڏي يا فرش تي سمهندا هئا، تہ بہ وچ ۾ وٽي ڇڏيندا هئا، ءِ ائين وسهندا هئا تہ وچ ۾ "وشواسو گندرو" (Visvavasu Gandharva)وينو اٿئون، تنهنڪري هڪ ٻئي کي نہ چنبڙون. ائين ٽي راتيون سانده من ماري وهندا هئا، ءِ اهو "تر راتر برهمچريہ" (Tri Ratra Branhmacharyan) يعني ٽن راتين جو برهمچريہ سڏيو ويو آهي. چوٿينءَ رات گهوٽ هون هوم ڪري، گندرو ديوتا کي چوندو هو تہ "اي وشواسو توکي وينتي ٿا ڪريون تہ هاڻ اسان جي وچ مان اُٿي وڃ. هاڻ وجي ڪا اهڙي ڪچڙي ڪنيا ڳول، جنهن کي تنهنجي واهر جي گهرج هجي، يعني جاڄا ڦوهہ جوانيءَ ۾ نہ ائي هجي، تنهن کي ڦوهہ جوانيءَ ۾ اچڻ جي مدد ڪر. هيءَ ڪنوار، جا هاڻ منهنجي استري آهي، تنهن کي مون وٽ ڇڏ تہ اسان جو پاڻ ۾ ميلاپ ٿئي". اهڙيءَ طرح ٽي راتيون من ماري، پوءِ چوٿينءَ رات ساتوڪ سنتان پيدا ڪرڻ جي ارادي سان سنجوڳ ڪندا هئا. اڳي کي جوان ٻارهن ڏينهن، تہ کي مهينو، ڇهہ مهينا، بلڪ ٻارهن مهينا بہ وارينداهئا، ءِ اهو سڀ عرصو پنهنجو من ماري وهندا هئا.

بُوڌاين جي گريهہ سوترن (پرشن پهريون، اڌياءُ ستون، ڪاند يارهون) ۾ چيل آهي تہ پهريون ٽي راتيون برهمچريہ پالن ڪبو تہ "شروتريہ" (Srotriya) پيدا ٿيندو، يعني اهو براهمڻ ڄمندو، جو ويدن جي هڪ شاکا جو اڀياس ڪندڙ ٿيندو. ٻارهن ڏينهن برهمچريہ پالن ڪبو تہ "اَنُوچن" (Anuchana) ڄمندو، يعني اهو براهمڻ ڄمندو جو ويدانگن جو ڄاڻو ٿيندو. هڪ مهينو برهمچريہ پالن ڪبو تہ "رشي ڪلپ" (Rishikalpa) پيدا ٿيندو، يعني اهو براهمڻ ڄمندو، جو سؤترن ءِ پَروچنن(Pravachanas) ۾ پڙ ٿينبدو. ڇهہ مهينا برهمچريہ پالن ڪري رشي پيدا ٿيندو، جو ڇئني ويدن جوڄاڻو ٿيندو. جيڪڏهن گهوٽ ڪنوار وهاڻءَ ٽيٽ جي وقت کان وٺي ٻارهن مهينا ساندهہ من ماري وهندا، تہ پوءِ کين جيڪو اولاد ڄمندو، سو

بجنسي ديوتا ٿيندو. مطلب تہ سنڌو ماڻر جا قديم آريہ لوڪ وهاڻَ ٽيڻ ڪانپوءِ گهٽ ۾ گهٽ تہ ٽي راتيون برهمچريہ پالن ڪندا هئا، ۽ ائين وسهندا هئا تہ ڪام وس ٽي پهرينءَ رات ئي پنهنجيءَ استريءَ سان همبستر ٿيو، تہ شهوت جي اثر ڪري تامسڪ ٻار پيدا ٿيندو، جو گهڻو ٻوٽو ڪونہ ٻاريندو، ۽ وقتي ڪارو اگر ٽي سامائبو.

ٻار گرب ۾ ڏهري ۽ ستو گهڻي پيدا ٿئي، تنهن لاءِ "شيش هوم" ڪندا هئا. جيڪڏهن چوٿينءَ رات گهوٽ ۽ ڪنوار مان ڪو بيمار ٽي پوندو هو، جنهنڪري هنن جو ميلاپ ٽي ڪين سگهندو هو، تہ بہ جيڪي ضروري منتر هوندا هئا، سي اوس اُچاريندا هئا، جو انهيءَ ڳالهہ ۾ دير وجهڻ واجب نہ سمجهندا هئا. ائين پنهنجي ڏرم ڪرم تي پوريءَ طرح هلي، گهوٽ ڪنوار گرهست آشرم واري جيوت گذاريندا هئا. هي سڀ ڳالهيون ڄاڻائين ٿيون تہ آڳاٽن ماڻهن کي پنهنجي من تي ججهو ضابطو هوندو هو.

زالن جو مرتبو: نؤ ورنيءَ ڪنوار کي ساهري گهر پير پائڻ سان ججهو مان ملندو هو، ۽ سيڪنهن ڳالهہ ۾ مردن جهڙي آزادي هوندي هيس تہ بہ خود خيالي ٽي ڪين هلندي هئي. هوءَ سدائين پنهنجي مڙس جي اڳيان سر جهڪائيندي هئي (رگ وید، منڈل پنجون، 80، 6)، ۽ سندس چئي ۾ هوندي هئي. جيڪو بہ ڪم مڙس چوندو هوس، سو ڪندي هئي (رگ وید، منڈل پهريون، 122، 25). انهيءَ ڪري زال جو مرتبو ڪو گهٽجي ڪونہ ويندو هو. اِستري اڄ تائين اڏ سرير سڌجي ٽي. يگين ۽ پوڄائن مهل زال مڙس هڪ ٻئي سان پلئہ ٻڌي وهندا هئا، ۽ ائين وسهندا هئا تہ ٻنهي جي گت بہ گڏ ٿيڻي آهي. ٻئي زال مڙس ايشور کي جنهن وقت آراڌنا ڪندي هئا، تنهن وقت ڄڻ تہ ٻنهي جون آتمائون بہ ملي هڪ ٽي ويندیون هيون! زال مڙس جي اهڙي ميلاپ ڪري ٻنهي جي جيوت سکي گذرندي هئي. رگ وید ۾ زال گهر جو ڳهڻو يا سينگار سڏي ويئي آهي (منڈل پهريون، 66، 3). منو سمرتيءَ ۾ لکيل آهي تہ "جن ڪُلن ۾ اِستريون سکي رهن ٿيون، تن تي ديوتا پرسن ٿين ٿا، ۽

جن ڪُلن ۾ اِسترين جو مان ڪونهي، تن ۾ سڀ پڄ نرڦل ٿين ٿا“ (اڏياڻُ ٿيون، شلوڪ 56).

منو سمرتي ڪٽي عيسوي سن کان ٽوريون صديون اڳي يا پوءِ لکيل هجي، پر اُن ۾ جيڪي ڳالهيون لکيل آهن، سي ويدڪ زماني جون آهن، جي پوءِ قلمبند ڪيون هئائون. رگ ويد واري زماني ۾ ڪي ڪسبياٽيون به هونديون هيون، تہ به عام طرح زالن جي اخلاق جو معيار اعليٰ درجي جو هوندو هو، جنهنڪري نہ رڳو گهر جا پاتي، پر ڏاريا به زالن جو گهڻو مان رکندا هئا. انهيءَ آڳاٽي وقت جي ماڻهن جي گهرو جيوت جو هاڻ ذڪر ڪجي ٿو، جنهن مان هيڪاري سڀ ڳالهيون چٽيءَ ريت ظاهر ٿيندیون.

گهرو جيوت: رگ ويد ۾ ماڻهن جي گهرو جيوت جو نقشو نهايت چگهيءَ ريت چٽيل آهي. ان ۾ چيل آهي تہ ”آبرودار، سچار، ڪم جو چست، نيڪ گهر ڏياڻيون جن کي صبح جي (چگهيءَ) مهل جو قدر هوندو هو، سي اَسُرَ جو اُٽندیون هيون (منڈل پهريون، 79، 1). هو ائين چاٽندیون هيون تہ سڄ اُپرڙ ڪانپوءِ، جي ستل رهن ٿا، تن جي ڪلا هرت ٿي وڃي ٿي“ (اٿرو ويد، منڈل ستون 13، 2). پراڻن مان معلوم ٿئي ٿو تہ آڳاٽا آريہ لوڪ جڏهن ميرو پريت ڏي برفاني ميدانن ۾ رهندا هئا، تڏهن به اَسر جو اُتي، ڏنڊ پاڻي ڪندا هئا، ۽ سيءَ ۾ واءِ جي ڪابہ پرواهہ ڪانہ ڪري، ڏاڙي سنان به اوڏيءَ مهل ڪندا هئا. اَسر جو ڪڙڪ جي ٻانگ ٻڌي، ڪي درياهہ تي سنان ڪرڻ ويندا هئا. انهيءَ قديم زماني کان وٺي هندن جو اهو نيم اڄ تائين هليو اچي.

سنڌيءَ ۾ڏنڊ کي ”پرياتي“ به چئبو آهي. اهو لفظ خود ڄاڻائي ٿو تہ ڏنڊ پرپات جي مهل ڪرڻو آهي، ۽ نہ سڄ اُپرڙ ڪانپوءِ. مصنف جي ڏسندي ٻڌندي اڳوڻا پير مرد ائين چوندا هئا تہ ”سڄ اُپرڙ ڪانپوءِ جنهن ڏنڊ ڪيو، تنهن ڄڻ تہ ڪتي جو پُڇُ ڪيو“. هن وقت ڪي سڄ اُپرئي ڪانپوءِ تہ ڪي منجهند جو سنان ڪري پوءِ ماني کائيندا آهن، پر عام طرح سويل سنان ڪرڻ جي عادت هندن ۾ ايتري قدر آهي، جو اڄ تائين هنديءَ ۾ چوٽي آهي تہ:

"پراتھ ڪال جو ڪري اسنانا،

دوک روگ تانکو نهين آنا."

يعني پرھ ڦٽيءَ جو جيڪو سنان ڪري ٿو، تنهن کي دک ۽ روڳ (بيماري) نٿو ٿئي. مطلب تہ سويل سنان ڪرڻ تندرستيءَ لاءِ فائدي وارو آهي. اڄ تائين ڪيترا هندو سنان ڪرڻ کان اڳ رسوئي ڪائڻ واجب نہ سمجهندا آهن. ڪبير پڳت بہ چيو آهي تہ: "ڏرڳ پوجن اشنان بنا"، يعني سنان ڪرڻ ڪانسواءِ پوجن ڪائڻ کي ڏڪار آهي.

ويدڪ زماني ۾ سويل سنان ڪرڻ جي هيڪاري وڌيڪ ضرورت پوڄا جي سبب ٿيندي هئي. گهر ڏياڻي پنيرکي جو اُتي، سنان ڪري اول يگيہ جي اگني دڪائيندي هئي، ۽ مڙس سان گڏجي اگن ديوتا جي پوڄا ڪندي هئي (منڊل پهريون 173، 2)، ۽ منڊل ٽيون، پٽ ڏسو منڊل پنجون ۽ انون). اَسر جو اگني ديوتا کي سوم رسم جو پوڳ لڳائي، اگنيءَ کي ڦيرا ڏيئي، هٿ جوڙي ڪنڌ نمائيندا هئا (اٿرو ويد، منڊل ڇهون، 47، 43، ۽ منڊل ستون، 50، 3). اوڏيءَ مهل اها رس پاڻ بہ پيئندا هئا، ۽ گهر ڪري سمجهندا (Ambrosia)جي سيني ياتين کي بہ پياريندا هئا. هو اها رس "امرت" هئا. اهو پهريون ۽ مکيہ ڪم سج اُپرڻ کان گهڻو اڳي ڪندا هئا، تنهنڪري پرھ ڦٽيءَ کي اڄ تائين "امرت ويلو" چئبو آهي، يعني اُها مهل جنهن مهل امرت ورهائجي ٿو. امرت ويلي کي "سِڌن جي مهل" بہ چئبو آهي، جو سِڌ پرشن ۾ بہ امرت اوڏيءَ مهل ورهائبو هو. هن وقت جيتوڻيڪ سوم رس پيئڻ جو رواج ڪونهي، تہ بہ هندو صبح جو سويل اٿي، سنان پاڻي ڪري، پوتي پنو ڪڍي ويهي پڙهندا آهن، ۽ پڳوان جي پڳتي ڪندا آهن. گرونانڪ بہ چيو آهي تہ "امرت ويلا سچ نانءَ وڏيائيان ويچار". اڄ تائين امرت ويلي، گروءَ جا سِک آسا جي وار ڪندا آهن، ۽ اوڏيءَ مهل هرهڪ گرمندر ۾ ڪيترا ماڻهو وجي ڪنا ٿيندا آهن. ديندار مسلمانن جو بہ اهو ئي دستور آهي تہ اَسُرَ جو اُتي ڏٽيءَ جي عبادت ڪندا آهن ۽ فجر جي نماز پڙهندا آهن.

[*] (1) "There is another Verse which also goes to prove that the parents had some control in the selection of bridegroom for their daughter." Dr. A.C. Das: Reg. Vedic Culture, p. 252.

(2) "The father probably controlled, in some measure at least, both son and daughter as regards marriage." Cambridge History of India, Vol. I, p. 89.

[*] Brilaspati says: "The Samriti of Manu stands high as embodying the teachings of the Vedas." Quoted by R. Raghu Natha Rao The Aryan Marriage. P. 115.

[*] "After the Septapadi (the seven steps), even if either of the two die, the remaining ceremonies must be gone through with the corpse as one of the parties." R. Raghu Natha Rao: The Aryan Marriage, pp. 17-18.

[*] * "There is no ideal of marriage like the Indian ideal." Mrs. A. Besant.

[*] هن وقت جيڪي ڪنيا پالشالائون ۽ وڏيالي (چوڪرين جا اسڪول) آهن، تن ۾ ڪي چوڪريون ستن اٺن ورهين جي ڄمار جون ٿي ڪي بالغ آهن. جنهنڪري هينئر عام طرح چئون "ڪنيا" معنيٰ چوڪري، پوءِ پلي ٿي ڄمار ڪيتري به هجيس. حقيقت ۾ "ڪنيا" لفظ جي معنيٰ آهي "نندڙي چوڪري" (اٽڪل ڏهن ورهين جي ڄمار جي)، جنهن ڪي مٿي جي وارن ڪان سواءِ ٻيو ڪو وار بدن تي نه هجي. - مصنف.

"When hair has appeared (on the pubes) Soma enjoys (protects) a maiden: the Gandharva enjoys (protects) her when the breasts are developed, and Agni when she had the menstrual discharge".

Sjt. Sastri: Marriage after Pubertry, p.6.

[*] "Pre-pubescent marriage is a mock-marriage and is unquestionably unvedic." R. Raghu Natha Rao: The Aryan Marriage, p.53.

[+] "From a study of the Vedic marital rituals is appears that the marriage had to be consummated at the earliest on the fourth night after the ceremony, and this would not have been possible if the bridge was not a youthful lady." Dr. A.C. Das: Reg Vedic Culture, p. 251.

[*] "The Reg Veda reveals a stage showing that Aryan women, at any rate of the higher and better classes, enjoyed equal freedom in all matters, social and religious. It was this feeling of equality and freedom that evoked the highest virtue of Aryan womanhood and lifted society to a high state of culture." Dr. A.C. Das: Reg. Vedic Culture, p. 106.

[**] "The standard of female morality appears to have been fairly high." Cambridge History of India, Vol. I, p. 88-97

Gul Hayat Institute

رگ وید ۾ جاڻايل آهي تہ گھر ڏياڻيون نہ رکو اَسُرَ جو اُٽندیون هیون؛ پر گھر ۾ "جيڪي ويڑهيا سيڑهيا سمهيا پيا هوندا هئا" تن کي بہ اوڏيءَ مهل ائين جاڳائيندیون هیون، جئن "نند ۾" ستل کي مکيون جاڳائين ٿيون" (منڈل پهريون، 124، 2). اوڏيءَ مهل داسين ۽ داسن (بانهين ۽ بانهن) کي اُڃاري کم ۾ رنيائيندیون هیون. مطلب تہ گھر جي ورتڻ بہ ان وقت شروع ٿيندي هئي. گھٽو ڪري سيني وٽ چوپايو مال هوندو هو. تنهنڪري پهريون گھر جو کم هو چوپائي مال جي نگاھ ڪرڻ، ۽ کير ڏهڻ. سنسڪرت "دهتر" (ذيءَ، پارسي "دختگر" ۽ انگريزي) "ڊاٽر" (Daughter) جو ڏاتو يا بنياد آهي "دَهہ" (Duh)معنيٰ "ڏهڻ" – آڃاڻن سيني آرين جي گھرن ۾ گاين، مينهن ۽ ٻکرين وغيره جي ڏهڻ جو کم نياڻين تي رکيل هوندو هو، جيئن مٿي اڳي ئي چيو ويو آهي. داسيون ۽ داس (بانها) يا نوڪر چاڪر بہ ڏهائي ڪندا هئا. اٿرو وید جي منڈل ستين، (73، 6) ۾ "گودهُڪ" (Godhuk) لفظ کم آيل آهي، جنهن جي معنيٰ آهي "گايون ڏهندڙ". هن مان سمجهجي ٿو تہ ڪن جو ڏنڈو ئي هو گايون ڏهڻ. منڈل نائين، (10، 4)، ۾ چيل آهي تہ اهي "گودهڪ" گاين ڏهڻ جي کم ۾ پڙ هوندا هئا. کير پارين ۾ ڏيي ايندو هو، تہ گھر ڏياڻي اهو باھ تتي رکي ڪاڙهيندي هئي، ۽ پوءِ جيترو جمائڻو هوندو هوس، اوترو جمائيندي هئي. "مانڈاڻيون گھر جي ٽنين سان ائين ٻڌل هوندیون هیون، جيئن گھوڙو اڳياڙين يا پڇاڙين سان ٻڌل رهي ٿو" (رگ وید، منڈل پهريون 28، 4). گھر ڏياڻيون سيني کي روزو مره جي کم ۾ پرهہ ڦٽيءَ جو رنيائيندیون هیون (رگ وید، 108، 48، 6)؛ کي ڪاڻ جي اکري مهري ڪٽي چانور چڙيندیون هیون (اٿرو وید، منڈل 12، 3، 139، تہ کي مانڈاڻيءَ سان ڏڌ ولوڙي مکڻ ڪيندیون هیون". پهرآرين ۾ اڄ تائين دستور آهي تہ گھر گھر ۾ سويل صبح جو ڏڌ پيو ولوڙبو آهي، ۽ اَن پيو پيسندو آهي.

"ويرون ولوڙڻ جون ساريان گھٽو صبوح"

شاھ

جن وٽ بانهيون ۽ بانها، نوڪرياڻيون ۽ نوڪر هوندا هئا، تن کان گھر ڏياڻيون گھر جو کم چگيءَ طرح ونڊيون هیون؛ پر ساڻن نرميءَ سان هلت ڪنديون

هيون (منڊل ڏهون، 85، 43). وقتي گاين ۽ ٻئي چوڇائي مال جي پاڻ نظرداري ڪنديون هيون، ۽ نوڪرن چاڪرن جي مٿان ٻه نظر ڪنديون هيون، تہ برابر ڪم ڪن ٿا يا نہ (منڊل ڏهون 85، 44). ڪن گهرن ۾ نوڪر چاڪر ڪين هوندا هئا. رگ وید ۾ جاڻايل آهي تہ ڪي گهر ڏياڻيون پاڻ رڌيندیون پچائيندیون هيون، ۽ باسڻ ٻه پاڻ مليندیون هيون. سندين نياڻيون ڪوهن تان پاڻي پري ايندیون هيون (رگ وید، منڊل پهريون، 191، 14). سندن مٿن تي دلا نهايت ستيءَ طرح رکيل هوندا هئا (اٿرو وید، منڊل ڏهون، 8، 14). گهر جي ٻئي ڪم ڪار ۾ سندين نياڻيون کين مدد ڪنديون هيون. ماءُ جنهن مهل رنڌڻي ۾ هوندي هئي، تنهن مهل سنديس نياڻين پنهنجن ننڍڙن ڀائرن ۽ ڀينرن جي سنڀال ڪنديون هيون، منجهند جي ماني کائڻ ۽ گهر جي تانگهہ تونگهہ لهڻ کانپوءِ گهر ڏياڻي ڦٽي ڦوڪارو ڪندي هئي. پاڻ ٻه ڪپڙا مٽيندي هئي ۽ ٻارن کي ٻه اَڇو اُجرو ڪري نوان ڪپڙا ڏيڪائيندي هئي (منڊل پهريون، 123، 11، 124، 7، ۽ منڊل چوٿون ۽ ڏهون) هوءَ ويس وڳو ڪري پاڻ کي چڱيءَ ريت ڏيکيندي هئي، ۽ زينت پري ڏسڻ ۾ ايندي هئي (منڊي چوٿون، 3، 2، 58، 2). سدائين مُرڪڻو منهن هوندو هوس (منڊل چوٿون، 58، 8). جنهنڪري پنهنجي پتيءَ کي وٺندي هئي. مڙس جي هرڪا شيوا ٽهل ڪندي هئي، ۽ سندس لاءِ بسترو وڇائيندي هئي (منڊل چوٿون، 3، 2). ٻارن کي گهڻو پيار ڪندي هئي ۽ ٻارن ۾ موهہ هوندو هوس (منڊل ستون، 81، 4).

ننڍڙا ٻار گهر ۾ راندیون روندیون ڪندا هئا، ۽ اُهي گهر جو سينگار هوندا هئا (منڊل ستون، 56، 16). ننڍڙن ٻارن کي ڪا شيءِ ڪپندي هئي، تہ پنهنجي پيءُ جو ڏيان پاڻ ڏي ڇڪڻ لاءِ سندس پلئہ کان ڇڪيندا هئا، ۽ چلولي نموني چوڳندا هئس تہ کين ڇا گهرجي (منڊل ٽيون، 53، 2). ٻارن کي راند جو خفت ايترو هوندو هو، جو راند مهل ماني ٻه وسري ويندي هين. سندين ماءُ ماني کائڻ لاءِ سڏيندي هين، تہ هٿ هٽي چوندا هئس تہ تون پاسي ٿيءُ (منڊل ڏهون، 94، 14). ڪير ڏائڪ ٻار ريڙهيون پائي ماءُ جي اکين کان پري ٿيندو هو، ۽ ڪنهن وقت ماءُ ڏسندي هئي تہ ٿڄ پيئي وهي، تہ ٻار آڻي ڏيندا هئس، جنهن کي پنهنجي پاسي ۾

سمهاري، چڱڙ ڏيندي هئي، ۽ لوڏيندي کوڏيندي هيس (منڊل نائون 61، 14). ماءُ جنهن مهل پنهنجو ننڍڙو ٻار هنج ۾ کڻي وهندي هئي، تنهن مهل ڏاڍو پيئي وڻندي هئي (منڊل ستون، 43، 3). ٻار جنهن وقت پيءُ ڏانهن وڏي، ساڻس چچلو ڳالهائيندا هئا، تنهن وقت سندن چچلو ڳالهائڻ ڏاڍو پيو وڻندو هو (منڊل ستون، 103، 3). چوڪرين وانگر چوڪرا به ڪنن ۾ واليون يا ڪيوٽيون پائيندا هئا، ۽ ڳچيءَ ۾ به جڙت جڙيل ڪنني پائيندا هئا (منڊل پهريون، 122، 14).

گهر گهر ۾ رات جي ماني سويل تيار ٿيندي هئي، گويا سج کي پٽر هڻي، ماني کائيندا هئا. ٻار ماني کائي اُٿندا هئا تہ ماءُ سندن بسترو وچائي، کين سويل ئي سمهاري ڇڏيندي هئي. آڏيءَ مانجهيءَ چرخو به پيئي چورينديِ هئي، - جو ست ڪتڻ جو رواج ڪيترين قومن کان اڳ سنڌو ماڻر جي ماڻهن شروع ڪيو هو. چرخي چورينديِ ۽ گهر جي ٻئي ڪم ڪار ڪندي، ڪي زالون گيت پيون ڳائينديون هيون. ڪڏهن ڪڏهن ڪي زالون گڏجي گهمڻ گهتڻ نڪرنديون هيون (منڊل پهريون، 56، 2). ڪي زالون پنهنجن مڙسن يا ٻين مٽن مائٽن سان گڏجي سياڻن ۾ ويندیون هيون، تہ ڪي محفلن ۽ ميلن تي ويندیون هيون، پر جيڪڏهن ڪا زال پرائي گهر ۾ رت جو وجي ٽڪندي هئي، تہ سندس شهرت ٿيندي هئي (منڊل پهريون، 123، 87). جيڪڏهن ڪنهن مرد کي پنهنجيءَ زال جي چال ۾ شڪ پوندو هو، تہ پوءِ جيستائين هوءَ برندي مَڇَ مان سلامت لنگهي، پنهنجي ست جو ثبوت نہ ڏيندي هئي، تيستائين مرد جي پنهنجيءَ زال سان ڪانہ پوندي هئي. ڪن حالتن ۾ ڪي مٽ مائٽ يا سنگتي ساٿي وچ ۾ پئي، زال مڙس جو پاڻ ۾ پرچاءُ ڪرائيندا هئا (منڊل ڏهون، 68، 2).

رگ وید واري زماني ۾ پردي جو رواج ڪونہ هوندو هو. اهو رواج اتهاسن واري زماني ۾ هوندو هو. تنهنڪري ان جو ذڪر اتهاسن واري زماني جي احوالن سان گڏي ڪبو.

گهر جو سامان ۽ باسڻ برتڻ: رگ وید جي منڊل ستين (55، 8) ۾ "تلپ"(Talpa) لفظ ڪم آيل آهي. اهو هڪ ڪاٺ جو صندل هوندو هو، جنهن تي سمهندا هئا. "پروست" (Prostha) هڪ ڪشادو بينچ يا صندل هوندو هو، جنهن تي

زالون سمهندیون هیون. شاید پنهنجو ننڍڙو ٻار ٻ پاڻ سان سمهاریندیون هیون، جنهنکري اهو ڪشادو هوندو هو. "وهيہ" (Vahya) هڪ قسم جو "ڪوچ" يا فرحتي بسترو هوندو هو. وهاڻي يا گدیءَ کي اُپبرهنہ" (Up-barhana) چوندا هئا، جنهن ۾ اندر اُن ياپشم وجهندا هئا. صندليءَ کي "اَسندي" چوندا هئا ۽ انهيءَ تي گدي پيل هوندي هئي. ماڻهن وٽ گهرن ۾ ڏاتن بلڪ ڪاٺ مان ٺهيل ٽانءَ پاٽوڙا وغيره) هوندا هئا، ۽ نڪر جا ٽانءَ ٻ هوندا هنن، جي جهٽ جهٽ پيا پڄندا هئا (منڊل پهريون، 191، 14). سونا پيالا ۽ چانديءَ جا باسڻ ٻ هوندا هئن. سانداريون ۽ بتيون ٻ هونديون هين. ڪيو يون يا ڏويون، ڪرنڊيون (ٽپريون)، اُڪريون، مهريون، ڇج ۽ پرڻ ٻ هوندا هئن. ڇت ۾ ڇڪا ٽنگيندا هئا، جن ۾ ڪاڏي پيتي جون شيون رکندا هئا، تہ ڪُئا ٽُڪي نہ وڃن (اٿرو ويد، منڊل نائون، 3، 6). قيمتي شيون پيتين ۾ رکندا هئا (منڊل ڏهون، 42، 6). باسڻن برتڻن ۽ ٻين شين رکڻ لاءِ ايڏيون وڏيون پيتيون هونديون هين، جو پلي تہ ماڻهو منجهن سمهي پوي (منڊل پنجون، 78، 5). اهڙيون وڏيون پيتيون مصنف جي سانيڙ ۾ ڪيترن گهرن ۾ هونديون هيون. وقتي ڪن گهرن ۾ اڄ تائين ٻ هجن تہ عجب ڪونهي. اهي اٽڪل پنج فوٽ ڊگهيون، چار فوٽ ڪن ويڪريون ۽ ٽي چار فوٽ اونهيون هونديون هيون — ڪپڙن جا بڪڪا (بفچا)، مصريءَ جا ڪنا، مٽين جون ڊبليون، وغيره منجهن رکندا هئا. رات جو انهيءَ پيتيءَ جي مٿان بسترو وڇائي سمهندا هئا، جا مصنف جي اکين ڏٺي ڳالهہ آهي.

ڏرتيءَ ۾ ڏن پورڻ جو رواج: ماڻهن وٽ اڳي فقط چوپايو مال هوندو هو. پوءِ سونن سڪن جڙڻ جو رواج پيو، تہ اهي سڪا ۽ مٽيا مندیون ڪن ٽانون ۾ وجهي، ڏرتيءَ ۾ پورينديا هئا (منڊل پهريون، 117، 12). ڏرتيءَ ۾ ڏن پورڻ جو رواج پوءِ هلندو آيو، ۽ اڄ ٻ ٻهراڙين ۾ عام آهي. انهيءَ سبب سنڌيءَ ۾ ڪي پهاڪا ٻ دعام ٿيا. مثلاً: "ڏن هجي ڏوڙ ۾، تہ چمڪو ڏئي نور ۾"، يعني جيڪڏهن ڪنهن جو ڏن ڏرتيءَ ۾ پوريل هوندو، تہ ٻ سندس شڪل منجهان ئي سهي ڪبو، تہ شاهوڪار ماڻهو آهي. ٻيو پهاڪو آهي تہ "ڪڏ! چي، جيءُ سڏ!" يعني جيڪڏهن ڪڏ ۾ ناڻو پوريل هوندو، تہ گهرج مهل ڪڏ ٻ سڏ مڏيندي. ڏرتيءَ

۾ پوريل ڏن جنهن وقت وجي ڪڍندا هئا، تنهن وقت امانت باسلامت ملندو هون، تنهنڪري چوڻي آهي ته "پرائي امانت ڏرتي به نه ڏوهي" – مطلب ته امانت ۾ خيانت نه ڪجي.

ڪاڏو پيتو: رگ وید ۾ "گوڏرم" يعني گيهون (ڪڻڪ) ۽ "ورهي" (چانور) لفظ ڪم آيل ڪينهن، پر ڏانيه" لفظ ڪم آيل آهي، جنهن جو اُچار سنڌيءَ ۾ آهي "ڏاڄ"، جنهن ۾ هر ڪنهن قسم جو اَن اچي وجي ٿو. انهيءَ هوندي به مُگ، تِرَ ۽ جَوَ ڏار به ڄاڻايل آهن، ۽ اهو به ڄاڻايل آهي ته ترن ۽ جَون جا فصل پلا ٿيندا هئا. وید ۾ جَون جو ذڪر گهڻو آهي، تنهنڪري پانئجي ٿو ته ماڻهو عام طرح جائي (جَون جي) ماني ۽ مڱڻ جي دال کائيپيٽ پريندا هئا. مڱڻ جي رڌل دال کي "مدگ اُدن" يعني مڱڻ جو ڪاڏو چوندا هئا. هن مان ظاهر آهي ته دال سان روٽيءَ کائڻ جو رواج نهايت قديم زماني جو آهي. ڇٽن جي دال کائڻ جو رواج شايد پوءِ پيو. جَون مان مانيءَ کان سواءِ ٻيون شيون به ناهيندا هئا. جَو پيڄي انهن مان آش ناهيندا هئا، جنهن ۾ رڌڻ مهل گيهه ذرو وجهندا هئا. انهيءَ آش ۾ گڏي کائيندا هئا. آش کي چوندا هئا "ڪرنبي" (Karambha) (منڈل پهريون، 187، 16، منڈل ٽيون، 82، 7). جيڪڏهن آش ۾ ڏڏ گڏيندا هئا، ته اُن کي "ڏؤڏيه اودَن" (Duhya-odana) يعني ڏڏ جو ڪاڏو چوندا هئا. جَون جي بُرَ پيئي (گيهه گڏيل) لولي پچائيندا هئا، تنهن کي چوندا هئا "اَپُوپ" (Apupa) منڈل ٽيون، 52، 7). کير ۾ جَون جا داڻا وجهي کيرڻي ناهيندا هئا، جنهن کي "ڪشير اودن" يعني کير جو طعام سڏيندا هئا (منڈل انون، 69، 14). جون مان سَتُون به ناهيندا هئا (منڈل ڏهون، 71، 10) اهي ستون کير ۾ ڪاڙهيندا هئا. مطلب ته گهڻو واهپو جَون جو هوندو هو.

آڪاڻا لوڪن کي کير سان دل گهڻي هوندي هئي، تنهن ۾ به ڳائو کير وڌيڪ پسند ڪندا هئا. هرهڪ آکيه کي پنهنجون ڳئون هونديون هيون. کير ڪاڙهي، جمائي، ڏڏ ڪندا هئا. _هي" (ڏڏ) اصل ۾ آهي سنسڪرت "دڏي"، جو لفظ رگ وید جي منڈل انين، 9، ۽ منڈل نائين، 87، 1، ۾ ڪم آيل آهي. ڏڏ ولوڙڻ لاءِ "منٿا" يعني منڊي يا مانڌاڻي هوندي هين (منڈل پهريون، 28، 4)، "گيهه" لفظ اصل ۾ سنسڪرت" گهرت" (Ghrta) جو رگ وید ۾ گهڻي ئي گهمرا ڪم آيل آهي. مکڻ

ڪيڙ ڪانپوءِ جيڪا مهي يا لسي بچندي هئي، سا ڪاڙهي "پاڪي" ناهيندا هئا، جا اڄ تائين ڪيترا دل ڪري پيئندا آهن.

"پاهي پاڪي پٽڙي، پرين ساڻ پيان"

هن وقت ڪيترا هندو مڇي ماس رڳو ڏسن، ته بچان پيئي اچين، پر آڳاٽا لوڪ ويشنو ڪونہ هوندا هئا. ان وقت جون حالتون بہ علحديون هونديون هيون. رگ وید واري زماني ۾ سنڌو ماڻر ۾ گھٽو ڪري سڄو سال سيءَ ڏاڍا پوندا هئا (منڈل پهريون، 64، 10، ٻيون، 2، 11، 32، 2، پنجون، 54، 15، ۽ ڇهون 10، 7، 48، 8). پانڌجي ٿو ته گھٽيءَ ٽڏ پوڻ سبب گوشت ڪائڻ جو ضرور سمجهيائون، هڪ واريءَ ڏاڻ هرين، ته پوءِ نہ رڳو ٻڪرين، ڇيلن، رڍن ۽ گھيٽن، پر گھوڙن جو گوشت بہ کائيندا هئا. ڪيترا ڳائو توڙي ماهيو گوشت بہ حلال ڪري سمجهندا هئا. رگ وید جي پنيان جيڪو ائتر بہ براهمڻ آهي، تنهن ۾ ڄاڻايل آهي ته جڏهن راجا يا ڪو وڏو ماڻهو مهمان ٿي اچي، تڏهن جيڪا گانءِ "وهِت" هجي يعني قر نہ ڏيندي هجي، سا سندس مهمانيءَ لاءِ پارائڻ گھرجي (منڈل پهريون، 3، 4). يجر وید جي پنيان جيڪو شتپٿ براهمڻ اهي، تنهن ۾ لکيل آهي ته ڪنهن وڏي ماڻهوءَ جي مهمانيءَ لاءِ "مهوڪش" (مها + اُڪش) يعني وڏيءَ جمار وارو ڏڳو پائڻ گھرجي (ٽيون، 4). مهمان نوازيءَ جا اهي نمونا ڪن رشين جا ڏسيل آهن؛ پر ساڳئي وقت ڪي رشي انهيءَ خيال جا بہ هئا تہ ڳئون ۽ ڏڳي جهڙا ڪارائتا جانور ڪهڻ نہ گھرجن، تنهنڪري ڏاند يا ڏڳي ڪي سڏيائون "اگھنيہ" يعني جنهن کي ڪهڻ نہ گھرجي. رگ وید ۾ "اگھنيہ" لفظ ٿي گھمرا ڪم آيل آهي؛ پر مونث لفظ "اگھنيا" (گانءِ يا ڳئون) سورهن گھمرا ڪم آيل آهي. گانءِ مان ڪير، ڏڌ ۽ مکڻ جو تہ سهنج، پر ڪير مان قسمين قسمين مٺايون ۽ غذائون ٺهن ٿيون. ڏڳو يا ڏاند نار ۽ هر ڪاهڻ، بار ڏوئڻ بلڪ سواريءَ لاءِ ڪم اچي ٿو. ڇهڙن ڪارائتن جانورن جي ڪوس جي برخلاف ڪن رشين رگ وید واري زماني ۾ ئي آواز کڙو ڪيو، پر ان وقت گھٽن بڌو اڻ بڌو ڪري ڇڏيو. اهو رواج اتهاسن واري زماني ۾ بہ هو. اشوميديگہ يعني گھوڙي جي قرباني جو يگہ رگ وید واري زماني کان وٺي اهاسن واري زماني تائين ماڻهو ساندهہ ڪندا پئي آيا، ۽ ماڻهو

گهوڙي جو گوشت بہ کائيندا هئا. مڃي ماس کائڻ جو رواج گهٽو پوءِ بند ٿيو، جنهنکري سڄي هندستان ۾ هن وقت ويشنو گهڻا آهن – جيڪي گوشت کائين ٿا، سي بہ پنهنجي لاءِ پَهرُو پائڻ پارائڻ اڪثر پاپ ڪري سمجهن ٿا. انهيءَ سبب هن وقت ڪاسائي گهٽو ڪري سڀ مسلمان آهن، رڳو ڪي سِک "جهاٽڪو" ڪن ٿا. انهيءَ هوندي بہ هن وقت سڄي هندو جاتي گانءِ کي "گئو ماتا" ڪري سمجهي ٿي، ۽ گئو هتيا ڪرڻ اُگر پاپ ڪري ليکي ٿي. قديم مصر جا ماڻهو بہ ڪُنءَ کي ديوتا ڪري پوڄيندا هئا.

رگ وید جي منڈل انين (67) ۾ ڄاڻايل آهي تہ ماڻهو ڄار ۾ مڃي ڦاسائيندا هئا، جنهنکري ڇئبو تہ مڃيءَ کائڻ جو رواج بہ هو. منڈل پهرين، ٻئي، چوٽين ۽ انين ۾ شڪارين (شڪار ڪندڙن) جو ذڪر آهي. منڈل پهرين (92، 10) ۾ ائين بہ ڄاڻايل آهي تہ "شوگهني" (Sva-ghni) (يعني شڪاري) پڪين جا پَرَ يا ڪنپ ڪوهي ڇڏيندا هئا، تہ اُڏامي نہ وڃن. هرڻ مارڻ جو رواج بہ عام هو. ڪيترا ماڻهو "مرگ ڇالا" يعني هرڻ جي ڪل عام طرح اوڍيندا هئا. ماڻهو گهرن ۾ مرغيون بہ ڏارينديا هئا.

رگ وید واري زماني ۾ ماڻهن جو زور رڳو پڳو مڃيءَ ماس تي ڪونہ هو، پر ميوا بہ کائيندا هئا. منڈل ڏهين، (146، 5-6) ۾ ڄاڻايل آهي تہ ماڻهو وڻن جا منا ميوا کائي، وڻن هيٺ آرام ڪندا هئا. ڪا انگڙي اٽڪائي، پڪل ميوا ڏوڻي، ڪيرائيندا هئا (منڈل ٽيون، 45، 4). ميون جا نالا ڄاڻايل ڪينهن، باقي منڈل پهرين، 146، 20) ۾ منن ٻيرن جو ذڪر آهي، جن مان پکي بہ ڇُهنگ پرينديا هئا. منڈل نائين (86، 18) ۾ "اُڪشو" يعد "ڪمند" لفظ ڪم آيل. انهيءَ مان سمجهجي ٿو تہ ڪمند جي پوک ٿيندي هئي، ۽ ماڻهو ان جي رس پيئندا هئا. "مَدُ" يعني "ماکي" لفظ رگ وید ۾ گهڻن هنڌ ڪم آيل آهي (منڈل پهريون، ٻيون، ٽيون ۽ چوٽون، 38، 10). مطلب تہ آڳاٽا لوڪ مانيون، ڪيرٽي، ڏڏ، مکڙ، ماکي ۽ ميوا کائيندا هئا. اَنَ کي ديوتا ڪري ليکيندا هئا (منڈل پهريون، 187).

باھ ٻارڻ جو هنر: رڌڻ پچائڻ جو ڪم باھ کان سواءِ ٿي نٿو سگھي، تنھنڪري ڪيتيءَ جي جاري ٿيڻ کان اڳي ئي ماڻھن ضرور باھ ٻارڻ جو هنر ڳولي لڌو هوندو. ٻرندڙ جبلن مان باھ نڪري ٿي، پر ٻرندڙ جبل سيڪنھن هنڌ ڪينھن، باقي آسمان ۾ بجلي وانگر چمڪاٽ ڪري ٿي، سا سيڪو ڏسي سگھي ٿو. سج ۽ اگنيءَ جو روپ آھي، ۽ اھو ۽ ڏسي سگھجي ٿو. ائين باھ ڏسڻ سولي، پر پيدا ڪيئن ڪجي؟ اڪين سان ڏسجي ٿو تہ جڏھن ھوا زور سان لڳي ٿي، ۽ ٻيلن ۾ بانس جون ڪاڻيون يا ڪن وڻن جون ٽاريون ھڪ ٻئي سان زور سان لڳي، گسن ٿيون، تڏھن انھيءَ گھڪي وچان باھ پاڻمرادو پيدا ٿئي ٿي، ۽ بعضي ٻيلن جا ٻيلا سڙي وڃن ٿا. آڳاٽا رشي، جي قدرت جي ڳالھين جاڻڻ جا ڪوڏيا ھئا، تن اھا ڳالھ جاڻي، اھا ئي وات اختيار ڪئي ۽ باھ ٻارڻ جو رواج وڌائون. آئرون رشي، جنھن جي نالي ٻڌيان "اَٿرو وِيد" سڏجي ٿو، تنھن بابت رگ وِيد جي منڈل ڇھين، (16، 3) ۾ چيل آھي تہ باھ ٻارڻ جو رواج اول انھيءَ وڌو. ٻ ڪاڻيون ھڪ ٻئي سان گھي، باھ پيدا ڪيائين. انھيءَ ريت آڪاسن جي آئر بجلي جڻ تہ ھيٺ پرٿويءَ تي اچي، ماڻھن جي چلھين ۾ ٽِرُ پاتو.

آڳاٽا لوڪ اَشوت وڻ جي ڪاني "شامي" نالي ڪنديءَ جي ڪانيءَ سان گھي، باھ پيدا ڪندا ھئا. ھڪ ڪانيءَ کي گيھ مکي ڇڏيندا ھئا، ۽ گاھ مُڃا ۽ انھن ڪاڻين جي ويجھو جھلي بيھندا ھئا تہ جيئن باھ پيدا ٿئي تيئن گاھ پڄري، ۽ گيھ جي زور تي ڪاڻيون ۽ پٽيٽ ڪري ٻرن، اشوت وڻ ۽ شامي ڪنديءَ ۾ اھو وڏو گڻ ڏٺائون، تہ اشوت جي گھٽي ساراھ ڪيائون. ڪنديءَ پوڄڻ جو ۽ رواج وڌائون. اڄ ۽ سڄي هندستان جا هندو دسھڑي جي ڏينھن ڪندي پوڄيندا آھن. ڪنھن ھنڌ ڪنديءَ جو وڻ نہ ھوندو آھي، تہ ڪنھن ٻئي ھنڌان ڪندي آڻي، ڏرتيءَ ۾ کوڙي، پوءِ ان جو پُوجن ڪندا آھن. اھو رواج انھيءَ آڳاٽي زماني جي يادگيري ڏياري ٿو، جنھن زماني ۾ قديم لوڪن بابت ٻارڻ جو هنر ڳولي لڌو ھو. ان وقت هندستان وارن، ايرانين ۽ يوروپي لوڪن جا ابا ڏاڏا ھڪ ٻئي جي نزديڪ

گذاريندا هئا، جنهنکري سنسڪرت لفظ "آگني" جو اُچار لئڻ ۾ ٿيو. پارسين ۾ اگني پوڄا جو رواج ۽ اُن وقت پيو (Egnis)"اِگنس"
باهه ۽ بارڻ لاءِ اشوت وڻ جي ڪاني مٿان جهليندا هئا، ۽ شامي ڪنديءَ جي هينان. مٿين ڪانيءَ کي "پروروس" (Pururavas) ۽ هينينءَ کي "اُروشي" (Urvasi)سڏيندا هئا. جيئن چندرونسي گهراڻي جي راجا "پروروس" کي "اُروشي" نالي اپسرا مان پٽ ڄائو هو، تيئن هنن بن ڪانين کي هڪ بئي سان گهڙ ڪري "آگن ديوتا" (باهه) پيدا ٿئي ٿو:

پر هي وري به ۽ ارٽيون (ڪانيون) آهن، تنهنکري رگ وید جي منڊل پهرئين، (34، 2-4) ۾ اگن ديوتا کي "دوي ماترڪ" يعني بن مائرن جو پٽ سڏيو اٿن، ۽ منڊل پنجين، (9، 3) ۾ ڪولي ڄاڻايو اٿن ته بن ڪانين مان اگن ديوتا ائين پيدا ٿئي ٿو، جيئن "تازو ڄاول ٻار".
رگ وید جي منڊل ٻئي (12، 3) ۾ هينئن به ڄاڻايل آهي ته اندر ديوتا بن پٿرن جي وچان باهه پيدا ڪئي هئي. انهيءَ سبب منڊل ڏهين، (20، 7) ۾ اگنيءَ کي "ادريهه سُونهه" (Adreh Sunuh) يعني پٿر جو پٽ (پٿر مان پيدا ٿيل) به سڏيو اٿن. هيءُ باهه بارڻ جو ٻيو نمونو آهي. آسمان ۾ ڪڪر هڪ بئي سان لڳن ٿا، ته گجگوڙ ٿئي ٿي، ۽ وڄ پيدا ٿئي ٿي. پانئجي ٿو ته آڪاڻ لوڪن اهو نمونو ڏسي، هڪ پٿر بئي تي هڻي، باهه بارڻ جو هيءُ ٻيو نمونو به چالو ڪيو. اهو ٻيو نمونو به سنڌ ۾ ڪي صديون ساندهه هلندو پئي آيو. هن لاءِ ثابتي هيءَ آهي ته اڄ تائين ڪوهستان جا ماڻهو اهو نمونو هلائيندا پيا اچن. ڪوهستان جي ماڻهن کي جڏهن باهه بارڻي هوندي آهي، تڏهن ڪانيون ۽ ڇيٽا گڏ ڪري، انهن جي مٿان ڇوڏا ڇينيا، سنهيون سڪل ٽاريون ۽ ڪک پن رکن. پوءِ ڳاريءَ (ڇقمق جي پٿر) جي پاسي کان پُرزُ (پَنِ جو شيرو گندرف ۾ ماريل) رکي، ڳاريءَ جي مٿان پٿر يا رُکَ جي ٽڪر سان ڏڪ هڻن، ته باهه جون ڇٽنگون پيدا ٿين، جي پرز کي اچيو لڳن، جنهنکري اول ڪک پن، سنهيون سڪل ٽاريون ۽ ڇوڏا ڇينيا ڀرڪڻ لڳن، انهن مان پوءِ ڇيٽا ۽ ڪانيون دکن، ته پنيٽ ٻريو پوي! هن وقت اسين

سئيدن ۽ ٻين هنڌن جا ماچيس عام طرح ڪم آڻيون ٿا. ماچيس جوڙڻ جا ڪارخانا عيسوي اٺويهين صديءَ ۾ جاري ٿيا. انهيءَ کان اڳي باهه پيدا ڪرڻ جون اهي ٻه واٽون هيون، جن مان پهريون رواج وڌيڪ عام هو.

ڪنهن به وقت رڌبو پچائبو يا پاڻي وغيره ڪوسو ڪبو، تہ ضرور باهه ڪائڻي پوندي. پيري پيري باهه ڪائڻ جي تڪليف ڪجي، تنهن کان منجهس ڪاڻيون، چيٽا وغيره وجهندو رهجي، تہ اهو بهتر آهي. ڪيترين مڙهين ۾ ڏسو تہ اڄ تائين دونهين دکندي رهي ٿي. آڳاٽا لوڪ به ائين ڪندا هئا. اگني ٻارهوئي دکندي رهي، تنهن لاءِ اگن ۾ ٽي گهمرا آهوتي (ڪاڻيون، جَوَ، گيهه وغيره) وجهندا هئا: صبح، منجهند ۽ سانجهيءَ. اگنيءَ کي "گرهه پتي" يعني گهر جو ڌڻي يا گهر جو ديوتا ڪري سمجهندا هئا، تنهنڪري اَسُر جو باهه پڇرائي، اول اگني پوڄا ڪندا هئا. يگين ۽ هون هوم جي شروعات ائين دل پهريون ٿي. پارسين ۾ به اگني پوڄا جو رواج اڄ تائين هليو اچي، خاص طرح يگيہ لاءِ اگني دکائڻ جو رواج انگيرس نالي هڪ رشيءَ وڏو (رگ ويد، منڈل پهريون، 45، 3، 71، 2-3: 83، 4). گوتم رشي، پار دواج ۽ ٻيا ڪيترا رشي، انگيرس رشيءَ جي ڪُل مان هئا، ۽ اگني ديوتا جا پوڄاري هئا. سيني گهرن ۾ اگني ڏينهن رات دکيل رهندي هئي، تہ اها پوءِ "اڪنڊ جوت" سڏجڻ ۾ آئي. اڄ تائين ڪيترين مڙهين ۽ مندرن ۾ جوت سدائين ٻرندي رهي ٿي. درياهه پنڌي به درياهه ٽان جو ڏئو ڪڍهن به اُجهامڻ نہ ڏيندا آهن. ڪيترا هندو صبح جو سنان پاڻي ڪري سورج کي هٿ جوڙيندا آهن. سنجها جو ڏيئو ٻاريندا آهن تہ ان کي به هٿ جوڙيندا آهن. انهن ڳالهين ۾ هيءُ ڏرمي خيال سمايل آهي تہ ايشور جوتي سروپ آهي، ۽ سنديس جوت ڪڍهن به اجهامڻ يا وسامڻ جي نہ آهي، تنهنڪري انهيءَ اڪنڊ جوت جو نت ڏيان ڏارجي. اگني، ڏئو ۽ سورج سندس جوت جا سروپ آهن، ۽ انهيءَ سبب هندو انهن کي هٿ جوڙيندا آهن. ائين رڌڻ پچائڻ لاءِ جا اگني عام طرح دکائيندا هئا، تنهن مان آڳاٽن آرين جو ڏيان چڪجي، پرماتما ڏي ويو، جو سندس جوت جا سروپ آهن، ۽ انهيءَ سبب هندو انهن کي هٿ جوڙيندا آهن. ائين رڌڻ پچائڻ لاءِ جا اگني عام طرح دکائيندا هئا، تنهن مان آڳاٽن آرين جو ڏيان چڪجي، پرماتما ڏي ويو، جو

Gul Hayat Institute

سندن چِتَ جو لاڙو سدائين ڌرم جي پاسي هو. يجر ويد جي تئيتريہ سنهتا، (ڪانڊ 2، پرپانڪ 5، انوا واڪ 8، واڳ 6) ۾ جاڻايل اهي تہ يگيہ جي اگنيءَ مرڇ آهوتي وجهڻ مهل چوندا هئا "سواها" (Svaha) ! ائين ديوتائن کي سڏيندا هئا، تہ يگيہ اڇي قبول ڪن ۽ يگيہ ڪندڙن تي پنهنجي مهر ڪن.

رگ ويد واري زماني ۾ ئي ماڻهن چيٽي جو بہ قدر ڪيو هو. چيٽن جون ٽاڦڙيون ناهي، سڪائيندا هئا، ۽ اهي سڪل چيٽا بارڻ جي ڪم آڻيندا هئا.

ڪيترن گهرن ۾ هاڻ لادين (Tiles) جا فرش بڏل آهن، پر اڄي گهر گهر ۾ پوتي پائڻ لاءِ چيٽو عام طرح ڪم ايندو هو. اهو رواج بهراڙين ۾ هندن توڙي مسلمانن جي گهرن ۾ اڃ تائين آهي. ڪو هندو مرندو آهي تہ اول پٽو پائي، انهيءَ صاف هنڌ تي پراڻيءَ کي رکندا آهن. چيٽو نهايت گٽاڪاري شيءَ آهي.

رگ ويد واري زماني ۾ ٻڪرين جون ڦولهڙيون بہ ٻارينداهئا يا نہ، سو ڪٿي بہ جاڻايل ڪونهي، پر اهي عام طرح پاڻ ڪري ڪم آڻيندا هئا.

نشيدار شيون : آڳاٽا لوڪ سڪٽي پاڻيءَ يا رڳو لسيءَ ۽ ڪير سان پياس ڪين مٽائيندا هئا، پر خنڪيءَ لاءِ ذراڪ بہ ونندا هئا. هن وقت ڪيترن کي شراب، ينگ ۽ ڪُسنبي (ڪاريل آفيم) جي علت آهي، جنهن مان ڪسنبي جو رواج ٿر ۾ نهايت گهٽو آهي. ينگ ۽ آفيم ورتائڻ جا رواج گهٽو پوءِ چالو ٿيا؛ باقي شراب پيئڻ جو رواج نهايت قديم آهي. اڄي ماڻهو بہ نشيدار شيون ورتائيندا هئا:

هڪڙي سوم ۽ بي سُرا (شراب). "سوم" هڪ ٻوٽي هوندي هئي، جا سرسوتي ۽ سنڌو ندين جي ڪنارن تي، ۽ امبالغي ضلعي ۾ ڪر ڪيتر جي ڏنڌ جي ڪناري تي پيدا ٿيندي هئي (رگ ويد، منڈل (Saryanavat) "شريناوت نائون، 61، 7، 113، 1)، پر اُڇي ۽ سني سوم هماليہ جبل جي نالي چوٽيءَ تي پيدا ٿيندي هئي، جنهنڪري (Mujavat) "مجوت يعني مجوت جي پيدائش سڏبي هئي (رگ ويد، منڈل (Manjavata) "مؤجوت ڏهون، 34، 1). ڪي عالم ائين سمجهن ٿا تہ "ڪئلاس" پريت جو ٻيو نالو "مُجوت" هو. اها ٻوٽي ڪيترين صدين کان نايابآهي، جو ملڪ جون طبعي حالتون ڦري ويون آهن. اڄي سنڌو ماٿر جون طبعي حالتون ئي ٻيون هيون.

Gul Hayat Institute

انهيءَ زماني ۾ اها ٻوٽي گرمي توڙي سرديءَ ۾ سڙي ويندي هئي، ۽ رڳو برساتي موسم ۾ اُسرندي هئي. آڳاٽا ايراني لوڪ به انهيءَ ٻوٽيءَ جي رس دل اهو لفظ پارسين (Haoma). "ڪري پيئندا هئا. اُهي سوم بدران چوندا هئا "هئوم جي زنداوستا ۾ ڪم آيل آهي.آڳاٽا لوڪ سوم ٻوٽيءَ جا پَن اول "اَدري" (اڏيءَ) تي رکي. ستي ڪٽي سنهي ڪندا هئا. ٻوٽيءَ سنهي ڪرڻ ۽ گهوٽڻ جو ڪم اڪثر زالون ڪنديون هيون. ٻوٽي گهوٽجي رهندي هئي، تہ اُن جي رس زالون آڱرين سان نچوڙي ڪڍنديون هيون (منڈل نائون، 97، 9-12). رس نچوڙڻ مهل زالون سوم جي ساراهه جا گيت ڳائينديون هيون (منڈل نائون، 66، 8). اها رس شايد تمام گهاٽي هوندي هئي، تنهنڪري ان ۾ پاڻي گڏي، پوءِ زالون سموري رس ڇاڻينديون هيون. هن وقت جيڪي آفيم ڳاري "ڪَسنُبو" ڪري پيئندا آهن، سي ڪسنبي ڇاڻڻ لاءِ ڪپهه جون پوڙيون ناهيندا آهن. جن کي "منيئان" چئبو آهي. سوم رس ڇاڻڻ مهل به زالون اُنَ جو پوڙيون ناهي، اهي ڪلسئي (لوٽي) جي مٿهان رکي، رس اوتيندون ويندون هيون، تہ ڪن ڪچرو پوڙين کي چنبڙي پوندو هو، ۽ باقي نج رسچ ڇٽي، ڪلسيءَ ۾ وڃي پوندي هئي. رس ڇاڻڻ مهل ان ۾ آڱريون گهمائيندون هيون (منڈل نائون، 67، 9-12). اڱرين گهمائڻ جي مراد اها هئي تہ رڳو مٿيون پاڻي ڇٽي نہ اچي؛ پر جنهن سوم تَرُ وجي ورتو هجي، سا به پاڻيءَ سان گڏجي وجي. رس ڇٽي رهندي هئي تہ ان ۾ ڪير يا ڏڏ ۽ وقتي ماکي گڏيندون هيون (منڈل نائون، 103، 3). آڳاٽا لوڪ انهيءَ رس جو اول ديوتائن کي پوڳ لڳائي، پوءِ پاڻ پيئندا هئا. اوائل ۾ نجيءَ سوم رس جو اندر ديوتا ۽ وايو ديوتا کي پوڳ لڳائيندا هئا (منڈل پهريون 137، 1، ٽيون، 32، 2 ۽ اٺون، 2، 9-10). پوءِ اهو رواج بند ڪري ڏڏ ڪير يا ماکي گڏڻ لڳا (منڈل نائون، 9). سوم رس (Hymns) رگ ويد جو سڄو نائون منڈل، ۽ ٻئي منڈل جا ڇهه سُوڪت جي ساک سان پريل آهن.

پنجاب ۽ سنڌ جا رهاڪو سوم رس پيئندا هئا، تہ بت بود ۾ ايندو هون، گهٽو ڪم ڪندا هئا تہ ٽڪ ڪونہ ٽيندو هون، ائين وسهندا هئا تہ انهيءَ رس پيئڻ

ڪري ماڻهوءَ جي عمر وڌي ٿي (منڊل انون، 48، 11)، جنگي جوڌا لڙائيءَ ۾ گهڙڻ کان اڳ سوم رس جو چڪو چاڙهي نڪرندا هئا، ته برجستائي سان لڙي سگهجي (منڊل نائون 106، 2). سوم رس ۾ اهي مڙيئي گڻ هئا، تنهنڪري امرت سڏبي هئي، ۽ ديوتائن کي پوڳ لڳائڻ جي لائق ليکبي هئي. آڳاٽن لوڪن ۾ اهو لچڻ هوندو هو ته جن شين ۾ ڪو گڻ ڏسندا هئا، تن کي ديوتا ڪري پوڄيندا هئا. سوم رس کي به ائين ديوتا ڪري پوڄڻ لڳا. ساڳيءَ طرح اَنُ ديوتا ڪري ليکجي ٿو. سوم رس اُسترڳي ڏيندڙ (Stimulant) هئي، تنهنڪري جيڪي ان جو پورو پنو انداز پيئندا هئا، سي پنهنجو ڪم ڪار ڦڙتائيءَ سان ڪندا هئا، باقي جيڪي هر هر پيا پيئندا هئا، يا گهٽي انداز ۾ پيئندا هئا، تن کي ننڊ جي ڳهر ٿيندي هئي (منڊل نائون، 69، 6). انهيءَ پوئينءَ حالت ۾ اها "مڌ" (شراب) سمان ليکبي هئي (منڊل نائون، 68، 3، 69،3). نشي ٿيڻ ڪري ڪام جو خيال به ٿيندو هون (منڊل نائون، 68، 10-12).

سوم ٻوٽيءَ جا پن پورا ۽ ڳاڙهسرا هوندا هئا، جنهنڪري منڊل نائين، (33، 2، 63، 4) ۾ سوم کي "بيرو" (پورو) ۽ "اروڙ" يعني ڳاڙهسرو سڏبو اٽن (منڊل نائون، 40، 2، 45، 3). ان جي رس رات جو چنڊ وانگر چمڪندي هئي (منڊل نائون، 85، 12). انهيءَ سبب سنسڪرت ۾ "سوم جي هڪڙي معنيٰ چنڊ ۽ بي معنيٰ اها ٻولي يا انجي رس. سنسڪرت ۾ چنڊ کي "اِندو" به چئبو آهي. ان جي بي معنيٰ آهي "سوم" رس ڦڙو يا چمڪو".

"سُرا" هڪ شراب جو قسم هو. اهو ڪيئن ناهيندا هئا، سو رگ وید ۾ ڄاڻايل ڪونهي. وٽني صاحب جي خيال موجب اهو هڪ قسم جو "بيئر" (Beer) هو. گيلڊنر صاحب جي خيال موجب اها "براندي" (Brandy) هئي. جنهن صورت ۾ رگ وید واري زماني ۾ جَون جا فصل پلا ٿيندا هئا، ۽ وسڪي ۽ بيئر ٻڳل جَوَن مان جوڙي سگهجن ٿا، تنهن صورت ۾ ائين وسهڻ لاءِ سبب ٿئي ٿو ته آڳاٽا لوڪ اهو شراب جون مان ناهيندا هئا. تن ڏينهن ۾ شيشي جون بوتلون يا ٻاٽليون ڪين هونديون هيون، تنهنڪري اهو شراب چم جي ٿهيل ساندارين ۾ رکندا هئا، جن کي "درتي" (Drti) سڏيندا هئا (منڊل پهريون، 191، 10) رگ وید ۾

انهيءَ شراب جي ساک لکيل کانهي، پر هاڻ هيئن لکيل آهي تہ "سُرا" پيئڻ جي علت اهڙي آهي، جهڙي جوا جي علت". سرا پيئڻ کان پوءِ ماڻهوبک ۾ پوندا هئا، ۽ وقت گناهہ جا ڪم ڪندا هئا (منڊل ستون، 86، 6). اها شراب پيئڻ جي علت اڄ تائين اسان جي ماڻهن ۾ عام آهي. سنڌ ۾ جيترو شراب جو ڪاپو هو، تيترو گجرات ۽ ٻين هنڌن ڪونهي. رگ وید وارو "سُرا" لفظ بہ سنڌيءَ ٻوليءَ ۾ ڪلهوڙن جي صاحبيءَ تائين عام هوندو هو، جنهنڪري شاهہ صاحب بہ پنهنجي رسالي ۾ ڪيترن هنڌ ڪم آندو آهي. سنڌيءَ ۾ اچار اٿس "سَرو".

سسي سي گهرن، جي واڻيندڙ وچ ۾،
اُوءِ ڪي ٻيو پچن، سرو جن سنباهيو".

يمن ڪلياڻ

پوشاڪ:

ماءُ پيتان ننگو آيس، ننگو ويندس آنءُ،
ڏڻيءَ ڏنا، ڏڻيءَ ورتا، سڳورو سندس نانءُ.

حضرت ايوب

هر هڪ انسان ماءُ پيتان ننگو جمي ٿو، ۽ بدن جي ڪل يا چمڙي سندس اوائلي پوشاڪ آهي، جا ماس ۽ هڏن کي ڍڪي ٿي. انسان کي جنهن وقت ٻوجهہ پوي ٿي تہ مان اُگهاڙو آهيان، تنهن مهل هو پنهنجي بت ڍڪڻ جي ڪوشش ڪري ٿو. هر ڪنهن ملڪ جي آب هوا پنهنجي پنهنجي آهي، تنهنڪري پوشاڪ جا نمونا اب هوا ۽ ٻين ملڪي حالتن تي مدار رکن ٿا. انهيءَ هوندي بہ ايترو چئبو تہ جيڪا قوم جهنگلي حلات مان نڪري سڌريل حالت ۾ اچي ٿي، تنهن جي ترقيءَ جي پروڙ اول سندس پوشاڪ مان پوي ٿي، پوءِ پلي تہ اها پوشاڪ ڪهڙي بہ نموني جي هجي. قديم ۾ قديم هندو زمانو، جنهن جي ڪابہ تاريخ آهي ئي ڪانہ، تنهن زماني جو احوال "وستر" لفظ ڏئي ٿو. "وستر" معنيٰ جو پهرجي ٿو" يعني پوشاڪ، پر بنيادي معنيٰ اٿس جو "وَسا" يعني وَهُ يا چربيءَ کي ڍڪي ٿو، يعني ڪل يا چمڙي. ڏڻيءَ پنهنجيءَ ٻاجهہ سان هر ڪنهن ساهہ واري جي بت تي اڳي ئي

کل يا چمڙي چاڙهي ڇڏي آهي؛ پر بين کيترين قومن وانگر آڳاڻن آرين ۾ پنهنجي بت ڊيڪ لاءِ کل مٿان کل چاڙهي. ماڻهو ڏڻ ڏارڻ سکيا تہ اول ٻکريون پالڻ لڳا، ۽ ٻکرين جي کلن سان اول پنهنجو بت ڊيڪ لڳا. يجر ويد جي پنيان جيکو شتپٿ براهمڻ گرنٿ آهي، تنهن ۾ "اَجين واسِن" لفظ کم آيل آهي (3، 9، 1، 12). سنسکرت ۾ "اَج" معني "ٻکر" (اَجا معنيٰ ٻکري)، ۽ "اَجين واسِن" معنيٰ "ٻاکري کل سان ڊيکيل" يا ٻکريءَ جي کل پهريل (ماڻهو). اها هئي سنڌو ماڻر جي رهاڪن جي آڳاٽي ۾ آڳاٽي پوشاڪ. افغانستان، بلوچستان ۽ ٽٻيٽ جا رهاڪو اڄ تائين "پوستين" ڊکين ٿا. آڳاڻن آرين جهلڻ لڳا، تنهن وقت "مرگ ڇالا" يعني هرڻ جي کل ٻ کم آڻڻ لڳا. اهو رواج پوءِ ٻ ڪئين صديون ساندهہ هلندو آيو. اڄ تائين هندو ماڻهو جڻئي پائڻ مهل ۽ بين وقتن تي سوڻ خاطر مرگ ڇالا کم آڻيندا آهن. اهو اُنهيءَ قديم زماني جي رواج جو هڪ نشان آهي.

رگ ويد ۾ جاڻايل آهي تہ انهيءَ قديم زماني ۾ سنڌو ماڻر ۾ سيءُ گهڻو پوندو هو. رگ ويد جي منڊل ڇهين، (5، 5) ۾ "هست گهن" لفظ کم آيل آهي، جنهن جي معنيٰ آهي "چمڙي جو دستانو" (جو هٿ کي جهلي بيهي ٿو). انهيءَ آڳاٽي وقت ۾ سٻڙ لاءِ سُيون کين هيون، تنهنکري پائنجي ٿو تہ چم ٽکر ۾ ڪندي وغيره سان سوراخ ڪري، انهيءَ مان وڻيل گاهہ جي تند يا ٻي ڪا تند لنگهائي، ڳنڍي ڇڏيندا هئا، تہ دستانو هٿ سان قابو ٿيو پيو هوندو هو. هن وقت سوٽي ۽ اوني دستانا ٻ نڪري پيا آهن، نہ تہ اسان جي ڏسندي ٻ عام طرح چم جا دستانا ماڻهو کم آڻيندا هئا؛ ۽ اهو آڳاٽو رواج آهي.

يجر ويد جي پنيان جيکو تئتريہ براهمڻ گرنٿ آهي، تنهن ۾ "وَلکل" لفظ کم آيل آهي (1، 4، 7). "ولکل" لفظ جي عام طرح معنيٰ ڪندا آهن "وڻن جي ڇوڏن مان نهيل پوشاڪ". ڇوڏن مان پوشاڪ ڪيئن ناهيندا هئا، سا ڳالہ ڪٽي ٻ جاڻايل ڪانهي، ۽ پاڻيهي سمجهڻ ٻ ڏکي آهي. آلن يا سڪن ڇوڏن بت ٻ رهڙي ڇڏيندا، ۽ پوشاڪ مرڳو آزار ٿي پوندي. تاريخ مان معلوم ٿئي ٿو تہ ککن ۽ ڪانن مان پوشاڪن ناهڻ جو رواج عام هو، جو پوءِ ٻ

ڪئين صديون ساندھ هلندو پئي آيو. هن ڳالھ جو ذڪر يوناني تاريخ نويس هيرو ڊوٽس ڪيو آهي، جو عيسوي سن کان ساڍا چار سو ورهيه اڳي ٿي گذريو آهي. ڪانا ڪُٽي سَٽي، تڏن وانگر ڪُٽي، پوءِ انهيءَ سان بت ڏيکيندا هئا. اها هئي سندن پوشاڪ. * شنپٽ براهمڻ مان به معلوم ٿئي ٿو ته جڏهن ڪو ماڻهو يگيه ڪندو هو، تڏهن سندس استري (زال) "ڪُش" نالي گاھ جي ڊين مان ٺهيل ويس پهريندي هئي. هي سڀ ڳالهيون جڏهن گڏي ويچارجن ٿيون، تڏهن ائين سمجهڻ ۾ پيو اڇي ته ڊين کي ڪُتي، تڏن جهڙو پيشير يا پڙو ناهيندا هئا، ۽ جڏهن ڪانن کي سٽي ڪٽي ڪُتيندا هئا، تڏهن انهيءَ مان ٺهيل پوشاڪ کي "ولڪل" سڏيندا هئا.

رگ وید جو رچائون جدا جدا زمانن جون ٺهيل آهن، تنهنڪري پوشاڪ ۾ جيڪا وقت بوقت ترقي ٿي، تنهن جو احوال انهيءَ مان گهڻو ئي ملي ٿو. رگ وید ۾ ڪورين جو ذڪر آهي، ۽ تاجي ۽ پيٽو لفظ به ڪم آيل آهي (منڊل ڏهون، 30). "پيڙ" جو رواج به ان وقت هو. اڄ تائين دستور آهي ته "پيڙ" يعني چانورن جي پيڄيءَ ۾ ڪوري تاجي پُسائيندا آهن، ته تندون مضبوط ٿين. "پيڙ" آهي ڪَلف، تنهنڪري پيڙ لڳڻ ڪري ڪپڙو سوٽُ ٿي پوندو آهي. ڪٽن ۽ لوين کي پيڙ هڻندا آهن، پر انهن کي ڪم آڻڻ کان اڳي هڻ جو مهٽو ڏيئي پيڙ ڪڍي ڇڏبي آهي، ته نرم ٿين. پيڙ هن ڪري به ڪڍي ڇڏبي آهي ته متان اَن جي بانس تي ڪُئو اڇي لوئيءَ کي لڳي، ۽ ٿُڪي ڇڏيس. رگ وید ۾ جاڳايل آهي ته تاجيءَ جي تندن کي ڪئا اڇي لڳندا هئا. رگ وید منڊل ڏهين، 57، 8) مان معلوم ٿئي ٿو ته اُڇيءَ سنيءَ اُن لاءِ ٿي هنڌ مشهور هوندا هئا:

(1) پرشني (راوي) ندیءَ جي ڪناري وارو ملڪ،

(2) سنڌو ماٿر، ۽

(3) گنڌار (قنڌار) يعني پشاور ۽ ان جي آسپاس وارو ملڪ.

انهن تن هنڌن مان سنڌ جي ڪپڙي جو ناماچار ڪيترو هوندو هو، سا سڌ به رگ وید جي ساڳئي منڊل ڏهين (سوڪت 75) مان پوي ٿي، جنهن ۾ سنڌو ندیءَ جي اُستتي (ساراهه) ڪندي، سنڌ کي "سُواسا" يعني "سُهڻا ڪپڙا پيدا ڪندڙ" ۽

Gul Hayat Institute

"اُرڻاوتي" يعني "اُن پيدا ڪندڙ" سڏيو اٿن. ان ۾ ائين ڄاڻايل آهي ته سنڌ ۾ ڪپڙو جام هوندو هو (منڈل 10، 75، 8). اڄ به ٿر ۾ ڪٿا، لويون ۽ ڪمريون جڏهن تعداد ۾ نهايت عمديون نهن ٿيون. ان وقت سنڌو ماٿر ۾ ٽڏ گهٽي پوندي هئي، تنهنڪري گهٽو واهپو اوني ڪپڙي جو هوندو هو. انهيءَ سبب رڍون ۽ گهيٽا گهٽا ڏارياندا هئا.

رگ وید ۾ "ڪرپاس" (ڪپاھ یا ڪپھ) لفظ ڪم آيل ڪونهي، پر انهيءَ ڪري ائين ڪين چئبو ته سنڌو ماٿر جي رهاڪن کي ڪپھ ۽ سوتي ڪپڙي جي سڌ ڪانه هئي. ساڳيءَ طرح جيڪڏهن رگ وید ۾ "هٿ" ۽ "پير" لفظ ڪم آيل نه هوندا، ته انهيءَ ڪري ائين ڪيئن چئبو ته ماڻهن کي هٿ ۽ پير هئا ئي ڪين. مهن جي دڙي مان ديسي ڪپھ مان نهيل ململ جو ٽڪر لڌو آهي. ان جو ذڪر ڪندي سرجان مارشل ڄاڻايو آهي ته سنڌو ماٿر ۾ سوتي ڪپڙي جوڙڻ جو رواج عيسوي سن کان پنج هزار ڪن ورهيه اڳي شروع ٿيو هو. سنڌ جي ململ قديم زماني ۾ مصر ملڪ ۽ يورپ ۾ به نيڪال ٿيڻ لاءِ ويندي هئي. سنڌو ماٿر جي آب هوا اهڙي آهي، جو سال جو ڪچ پاڪو سوتي ڪپڙو پهرڻو پوي ٿو، تنهنڪري ڊاڪٽر ميوئر به اهائي راءِ ظهار ڪئي آهي ته رگ وید واري زماني ۾ ئي ماڻهن کي سوتي ڪپڙي جي سڌ هئي. *

رگ وید ۾ ريشم لاءِ به ڪو لفظ هن وقت تائين ڪنهن سنسڪرت عالم کي نظر ڪونه چڙهيو آهي، پر جنهن صورت ۾ رامائڻ ۽ مهاڀارت ۾ ڄاڻايل آهي ته راڻيون، راڄڪماريون ۽ هوند وارن جون زالون اُڇا سڻا ريشمي وڳا پهريندیون هيون، تنهن صورت ۾ ائين وسهڻ لاءِ سبب ٿئي ٿو ته ريشمي ڪپڙن جوڙڻ جو هنر رگ وید واري زماني ۾ ئي شروع ٿيو هو، جنهن ۾ اتهاسن واري زماني ۾، ماڻهن پوءِ گهٽو سڌارو ۽ واڌارو ڪيو هو. ايترو چئبو ته رگ وید واري اوائلي زماني ۾ گهٽي ٽڏ هڻڻ سبب اول اوني ڪپڙي پهرڻ جي ضرورت ٿي هئي، ۽ پوءِ آب هوا ڦرڻ ڪري سوتي ۽ ريسمي ڪپڙن پهرڻ جور واج پيو هو.

* "The cow was gradually acquiring a special sanctity, as is shown by the name Aghnya (not to be slain) applied to it in several passages" Vedic Index II, 146.

[*] سنسڪرت ۾ "اگني يا اگن ديوتا" جنس مذڪر آهي؛ پر سنڌيءَ ۾ "اگني" جي جنس مونث ليکجي ٿي – مصنف

[*] هن وقت ڪنهن وڻ جو ٽڻ يا ڪاٺ جو ٽلهو ٽڪر "اڏي" تي ڪم اچي ٿو، جنهن تي گوشت ۽ مڇي پلو رکي وڍيندا آهن. اڳي اڏيون پٿر جون ٺهيل هونديون هيون، جو ڪاٺ چيرڻ لاءِ ڪو هٿيار ڪونہ هوندو هون. انگريزي لفظ "هئمر" (Hammer) يعني مترڪو (مطرقہ) جي اصل معنيٰ بہ آهي "پٿر جو ٽڪو."

[*] "Naked came I out of my mother's womb and naked shall I return thither; the Lord gave, and the Lord hath taken away: blessed be the name of the Lord" Job II, p. 21.

[*] Herodotus records "These Indians wear a garment made of rushes which, when they have cut the reed from the river and beaten, it they plait like a mat and wear it like a corset." (Ancient India-Herodotus by Mac Crindle p.2.)

سنڌ ۾ هن وقت ڇوڪريون ۽ ننڍيون نينڍيون اُڇا سنا ويس وڳا پهرين ٿيون، ۽ پاڻ کي سينگارين ٿيون، تہ اڳي بہ گهٽ ڪانہ هئي. رگ وید جي منڈل ٽئين (39، 2) ۽ پنجين، 29، 15) ۾ جاڻايل آهي تہ زالون ويس وڳو ناهوڪو ڪنديون هيون. منڈل چوٿين، (3، 2) ۾ ائين بہ چيل آهي تہ زالون هن ڪري ڇگو چوڪو ڪپڑو ڪنديون هيون تہ پنهنجن مڙسن کي وڌيڪ سهڻيون لڳون! منڈل پنجين (55، 6) ۾ "هيرڻ ميان اَنڪان" (Hirann ayanatkan) لفظ ڪم آيل آهي، جنهن جي معنيٰ آهي "زريءَ جا پرت پريل ڪپڑا". هن مان ائين سمجهجي ٿو تہ هوند وارا ماڻهو جيڪي ڪپڑا پهريندا هئا، تن جي ڪناريءَ تي زريءَ جي پٽي هڻندا هئا. جا وقت تي لاهي رکندا هئا. (منڈل 2 (3، 6)، منڈل 4 (36، 7) ۽ 7 (34، 11) ۾ "پيش" لفظ ڪم آيل آهي، جنهن جي بہ معنيٰ آهي "پرت پريل يا گلڪاريءَ وارو ڪپڑو". يجر وید ۾ "پيشڪاري" لفظ ڪم آيل آهي. جنهن جي معنيٰ آهي "پرت پرڻ واري". شايد ڪن زالن جو ڏنڏو اهو هوندو هو، جو پرت پرڻ جو ڪم ڪنديون هيون. اُهو پرت جو ڪم ايتري قدر اُوچو ۽ سنو هوندو هو، جو ماڻهو خلعتون ڏهرائي ٻين کي سوکڙي ڏيندا هئا، ۽ کين سروپائون ڏيکائيندا هئا. رگ وید ۾ هنن ڳالهين جو جن هنڌ ذڪر آهي، تن جي ٽيڪا ڪندي، پروفيسر ولسن، جنهن رگ وید جو ترجمون ڪيو آهي، تنهن چيو آهي تہ "جيڪڏهن منهنجو ڪيل ترجمون صحيح آهي، تہ چئبو تہ خلعت پهرائڻ جو رواج ئي هندستان ۾ پيدا ٿيو ۽ اهو رواج نهايت قديم آهي".[**]

آڳاٽا راجائون رشين کي خلعتون ڏيڪائيندا هئا، تنهن ڳالهه جو رگ وید ۾ ڪيترن هنڌ ذڪر آهي. مثلاً: سنڌ جي راجا سونيبه پاوييه پنهنجي نانيءَ کا ڪشون رشيءَ کي خلعت ڏيڪائي هئي. هتي اهو به ڄاڻائڻ ضروري آهي ته جيڪو وقت رشي گهر ٻاري ٽي رهندا هئا، سو وقت ڇڳو چوکو ڪائيندا ۽ هنڌائيندا هئا، پر جنهن وقت رشي، راجائون ۽ ٻيا دنيا ترڪ ڪري، بن ۾ وڃي گذارينداهئا، تنهن وقت مرگ ڇالا ۽ تنبي ساڻ ڪٽندا هئا، ۽ "ولڪل" پهريندا هئا. اها ٽي تياڳي پرشن جي پوشاڪ؛ باقي ٻيا ماڻهو اُڇا سنا ويس وڳا ڪندا هئا. مطلب ته جنهن زماني ۾ ڪيترين قومن کي اڃا پنهنجي بت ڏيڪڻ جي به سڌ ڪانه هئي، تنهن زماني ۾ ئي سنڌو ماڻر جا رهاڪو ايتري قدر ترقي ڪري ويا هئا، جو شاهاڻيون پوشاڪون پهريندا هئا، ۽ ٻين کي به خلعتون ڏيڪايندا هئا!

مردن ۽ زالن جي پوشاڪ جي وچ ۾ ڪهڙو فرق هوندو هو، سو رگ وید ۾ ڄاڻايل ڪونهي. انهيءَ هوند به ايترو پتو پوي ٿو ته مرد ٽي ڪپڙا پهريندا هئا؛ هڪڙو ڪپڙو "نيوي" (Nivi) سڏبو هو، جو چيلهه سان جڙيو پيو هوندو هئن، جنهنڪري سمجهجي ٿو ته "ڪوپين" يا "لنگوٽي" ٻڌندا هئا. ٻيو ڪپڙو هو ڏوتي، ۽ ٽين چادر، جنهن کي "اَڌي واسَ" يعني "مٿان وجهڻ جو ڪپرو" چوندا هئا. سِنگالي اڄ تائين ڏوتي ۽ چادري پهرين ٿا ۽ اهو ويڪ زماني جو دستور آهي. اسان جا پائيبند پائر به ڏوتي ڏيکين ٿا، پر جيڪو انگرکو ڏيکين ٿا، سو مهاپارت واري زماني جي رواج پٽاندر. اسان جا جيڪي جوان سوٽ بوٽ پهرين ٿا، سي ڏوتي ٻڌڻ گهٽ ڳالهه سمجهن ٿا، پر ڏوتي کا گهٽ شي کانهي. ڪيترن يوروپي عالمن ان جون ساکونکيون آهن. مثلاً: ڪرنل ميدوز ٽيلر ڏوتيءَ جو ذڪر ڪندي چيو آهي ته ڏوتيءَ کان وڌيڪ کا بي سولي سهنجي پوشاڪ، جنهن ۾ هلڻ، ويهڻ ۽ سمهڻ ۾ سولائي ٿئي، سا جوڙڻ ئي ناممڪن آهي. هن ڳالهه ڪرڻ ۾ اسان جو مطلب هيءُ آهي ته آڳاٽا لوڪ سڪٽي سونهن کي ڪين ڪڙهندا هئا؛ پر پوشاڪ ۾ به سولائيءَ ۽ سهنجائيءَ جو گهڻو خيال ڪندا هئا. اٿرو وید جي منڊل پندرهين، (2، 1) ۾ اُشنيش" (Ushnisha) لفظ ڪم آيل آهي،

جنهن جي معنيٰ آهي "پٽڪو" يا متي ڍڪڻ لاءِ ڪپڑو. هن مان سمجهجي ٿو تہ پٽڪن ٻڌڻ جو رواج بہ ويدڪ زماني ۾ ئي هو.

زالون شايد اڳي چدي ڪم ڪونہ آڻيندیون هيون. نل دمينتيءَ واري قصي مان معلوم ٿئي ٿو تہ دمينتيءَ کي فقط بہ ڪپڑا پيل هئا. رامائڻ مان معلوم ٿئي ٿو تہ انهيءَ وقت (تريتا جڳ ۾) بہ زالون فقط بہ ڪپڑا پهريندیون هيون: ساڙهي هيڻان ۽ چادر مٿان. مهاڀارت ۾ لکيل آهي تہ دريون ڏن جڏهن دروپديءَ کي پريءَ سيا ۾ ٿي گهرايو، تڏهن هن هلڻ کان انڪار ڪيو، جو چيائين تہ مان "ايڪ وستر" آهيان، يعني بت تي رڳو هڪ ڪپڑو اٿم. هن قسم جي حقيقتن مان ائين سمجهڻ ۾ اچي ٿو تہ زالون هڪ ڪپڑو هيڻان ۽ ٻيو مٿان (چادر) ڪنديون هيون، ۽ گهر ۾ چادر پائي ڪونہ وهنديون هيون، جنهنڪري گهر ۾ "ايڪ وستر" هوندیون هيون اڄ بہ کي پريون زالون رڳو هڪ ڪپڑو (چادر يا رئو) هيڻان ڪري، گهر ۾ پوٽو ٻهاري ڪن ٿيون، ۽ چاتي اُگهاڙي هوندي اٿن، تہ انهيءَ ڳالهہ جو سانگو ڪونہ ڪنديون آهن. ٻاهر نڪرڻ مهل شايد زريءَ جي ڪناريءَ واري ساڙهي آڻيندیون هيون، ۽ مردن جي ڏوتيءَ جي ڪناري تي بہ زري هوندي هئي، جو ماڻهن ترقي ڪري زريءَ ۽ پرت جو رواج بہ وڌو هو. انگرکن پهرڻ جو رواج اتهاسن واري زماني ۾ پيو، تنهن ڪانپوءِ بہ مرد گهٽو ڪري ڏوتي ۽ چادر اوڍيندا هئا، ۽ ٻنهي ڪپڑن جي اڪثر ول وريل ڪانہ هوندي هئي.

زيور: مهن جي دڙي واري زماني، توڙي رگ وید واري زماني ۾، زالون ۽ مرد عام طرح زيور پائيندا هئا. اجهہ بہ ڪيترا ڪڇي، مارواڙي ۽ ٻيا مرد ڳچيءَ ۾ چانديءَ يا سون جي هسني، ڪنن ۾ واليون يا ڪيوٽيون ۽ ٻانهن تي پٽو پهرين ٿا. مندين ۽ چلن پائڻ جو رواج تہ عاملن توڙي پائبندن ۾ بہ عام آهي. اڳي بہ ائين هو.

هن وقت جيئن سونيون گينيون ۽ ڊالر آهن، تيئن رگ وید واري زماني ۾ بہ سونا سڪا هوندا هئا، جي "نِشڪ" (Nishka) سڏبا هئا. اينهن جو وزن هڪجيترو نہ هوندو هو، پر عام طرح منجهن سورهن ماسا يا سوا تولو ڪن سون هوندو هو.

جيئن هن وقت ڪي زالون گينن جا هار پائين ٿيون، تيئن اڳي نِشڪن جو هار پائيندیون هيون، جو چاتيءَ تي پيو لٽڪندو هئن، تنهنڪري اهو چاتيءَ توڙي ڳچيءَ جو ڳهڻو سڏيو ويوآهي. عام طرح اهو "نشڪ گريو" (Nishka Griva)يعني گلي جو نِشڪ سڏبو هو (منڊل پنجون، 19، 3). ٻيو هڪ زيور دريءَ يا لُڪريءَ وانگر هوندو هو، جو چاتيءَ تي پيو لٽڪندو هون. اهو "رُڪم"(Rukma) سڏبو هو (منڊل پهريون، 166، 10، منڊل چوٿون، 10، 5 ۽ منڊل پنجون، 1، 57، 5). سنڌي لفظ "سونارو" اصل ۾ آهي سنسڪرت لفظ "سُورن ڪار" معنيٰ سون جو ڪم ڪندڙ، پر سنسڪرت ۾ سوناري کي "رُڪم ڪارڪ" ٻ چئبو آهي، جنهن جي اڪري معنيٰ آهي "رڪم جوڙيندر". پانئجي ٿو ته رڪمن جو رواج نهايت عام هوندو هو، جنهنڪري ڪي سونارا رڳو رڪمن جوڙڻ جو ڪم ڪندا هئا. زالون ڪَنن ۾ سونا ڳڻ يا دُرَ پائيندیون هيون، جي "ڪرن شوپن" يعني "ڪنن جي سونهن" سڏبا هئا. مرد پنهنجي پيشانيءَ تي سهرا يا هار ٻڌندا هئا، جي گلن يا زريءَ جا ٺهيل هوندا هئا. اهي "سرج" (Sraj) سڏبا هئا. اهي سهرا شايد وهاڻءَ مهل يا ٻين ڪن خاص ميوقعن تي ٻڌندا هئا، جو نشڪن ۽ سرجن جوڙيندڙن ڪي اونو ٿيندو هو، ته مالڪن ڪي وقت سر جوڙي ڏيون، ته سڪ سان رهجي اچي نه ته تيستائين ننڊ ڦٽي پوندي هين (منڊل انون، 48، 15).

رگ وید ۾ ڪيترن هنڌ موتين ۽ قيمتي پٿرن جو ذڪر آهي (منڊل پهريون، 35، 4، ۽ منڊل ڏهون، 68، 1). موتين جا هار ماڻهو پاڻ ته پائيندا هئا، پر گهوڙن ڪي ٻ موتين جون ڪنئيون پائيندا هئا (منڊل ڏهون، 68، 1). "مڻي" يا جواهرن جو ذڪر منڊل پهرين، (33، 8) ۾ آهي. انهيءَ ساڳئي منڊل (122، 14) ۾ "مڻي گريو" (Mani-Griva) لفظ ڪم آيل آهي، جنهن مان سمجهجي ٿو ته مڻين جو هار ناهي ڳچيءَ ۾ پائيندا هئا. گهوٽ پرڻجڻ ويندو هو، ته سونا ڳهڻا پائي ويندو هو، ۽ سرهو پائي ۽ تيل ڦليل ڪم آڻيندو هو (منڊل پنجون، 60، 4).

وارن جي ناهه ٿوهه: رگ وید واري زماني ۾ زالون پنهنجن وارن جي ناهه ٿوهه علحدي علحدي نموني ڪنديون هيون. ڪي وار ڳُٽي، چار چوٽيون ڪنديون هيون، جي پٺيءَ تي پيون لٽڪنديون هين (رگ وید، منڊل ڏهون، 114، 3). ڪي

"اوپش" ناهيندڙ هيون، يعني پيشاني4 وٽ وارن جون گهنڊيون بيهاريندڙ هيون (منڊل پهريون (173، 6، انون، 14، 5، نائون، 71، 1 ۽ ڏهون 85، 8). ڪي زالون پنهنجا وار پنهنجيءَ ٽِپڙ تي اهڙيءَ ريت ويڙهيندڙ هيون، جو جڙ تہ ڪا پاٽ يا سينهُوڙي مٿي تي رکيل اٿن. ڪي وري وارن کي ويڙهي، ٽپڙ وٽ اُيو ۽ سگ وانگر چهنبدار ڪندڙ هيون. وارن جي ناهہ نوهہ جا اهي نمونا اَٽرو ويد جي منڊل ڇهين (238) ۾ بہ جاڻايل آهن. منڊل چوٽين ۾ تہ ائين بہ چيل اهي تہ زالون وارن ۾ گل اٽڪائيندڙ هيون. مرهٽن جون زالوناڇ تائين وارن ۾ گل اٽڪائيندڙ آهن – هنن کي ڏسي، سن 1925ع کان وٺي ڪيتريون سنڌي چوڪريون بہ ائين ڪرڻ لڳيون آهن. مطلب تہ رگ ويد واري زماني جو رواج وري هينئر چالو ٿيو آهي. مصنف جي سانڀر ۾ عام رواج هيءُ هوندو هو تہ زالون چوٽيءَ جون ٽي ويڙهيون ڪري، اُهي ڳٽي، يڪي چوٽي ڪندڙ هيون، ۽ سينڌ سنئين ڪيندڙ هيون. ٿورڙن ورهين کان ڏنگي سينڌ ڪيڻ، ۽ وارن کي علحدي علحدي نموني بيهارڻ جو رواج عام ٿيو آهي، پر انهيءَ ڳالهہ ۾ اسان جون چوڪريون اڪثر پارسياڻين ۽ مدمن سان ريس ڪن ٿيون.

مردن مان ڪي وڏا ڊگها وار رکندا هئا، تہ ڪي ڪٽرائيندا هئا، وشٹ منيءَ جي ڪُل وارن جا وار ڊگها هوندا هئا، (رگ ويد، منڊل ستون، 33، 1)، ۽ اهي مٿي جي ساڄي پاسي ويڙهي، ڳنڍ ڏيئي ڇڏيندا هئا، جيئن هن وقت جوڳي ڪندا آهن. ڪي ڏاڙهي رکائيندا هئا، تہ ڪي ڪوڙائيندا هئا (رگ ويد، منڊل ڏهون، 142، 4). اِندر ديوتاس جي نالي چيل آهي تہ هو ڏاڙهيءَ سان هو، (منڊل ڏهون، 23، 1-4). اڳي سنڌ ۾ ڏاڙهيءَ رکڻ جو رواج عاملن ۾، ۽ ڏاڙهي ڪوڙائڻ جو رواج پائيبندن ۾ عام هو. ٿورن ورهين کان ڏاڙهيءَ ڪوڙائڻ جو رواج عاملن ۾ گهٽو زور ٿيو آهي. ڪي تہ مڇون بہ ڪوڙايو ڇڏين. اهو مڇن ڪوڙائڻ جو رواج ويڇهڙائيءَ ۾ صاحب لوڪن کان سکيا آهن.

راڳ ۽ وڄائڻ جا ساز: انسان پنهنجي ذاتي سُڀاءَ ڪري شاعر آهي، ۽ راڳ سندس روح ۾ آد کان سمايل آهي. "راڳ" لفظ جي اصل معنيٰ ئي آهي "موج يا روح جو ريلو". راڳ نهايت دلپذير شيءِ آهي، ۽ منجهس جادوءَ جهڙو اثر آهي،

جنهنڪري نہ رڳو ماڻهو، پر مِرون بہ موهيو ڇڏي. نانگ بہ مرليءَ تي ريجهي ٿو. اهڙيءَ طاقت ۾ اثر وارو هنر اول سنڌو ماڻر ۾، خاص ڪري پنجاب ۾ (!) شروع ٿيو. اڄ تائين چوٽي آهي تہ "راڳ پنجاب ۾ جائو ۽ ٿر ۾ مُئو". ٿري ماڻهن کي راڳ جي گهٽي سڌ ڪانهي.

اڳاڻن آرين مان ڪيترا سنڌو نديءَ جي ڪناري تي وهندا هئا، ۽ منيءَ للڪار سان ويدن جا منتر اُچاريندا هئا- ويدن جون رچائون خود ڄاڻائين ٿيون تہ وڻن راڳ جو قدر گهٽُ هو. آڳاڻن آرين جو ڪن سدائين قدرت ڏي مائل هو، ۽ خود قدرت مان کين اَنهد جو آلاپ ٻڌڻ ۾ ٿي آيو، جنهن جون پلڻون اُپنشدن ۾ پلڻيون اٿن.

اَڻ ئي پهر وڄي ٿي، مرلي من موهن جي،
ٻڌي، بن ڪنن سان، سامي ڪين رجي،
توڙي پران تجي، تان پي ڏن ڏيان ۾.

آڳاڻن هندن راڳ ۾ ڏينهون پوءِ حيرت جهڙي ترقي ڪئي. هندو ماڻهو ورهيه ۾ ڇهہ رُتيون ليکيندا آهن. هرهڪ رُت يا موسم لاءِ خاص راڳ رڳيائون. انهن ڇهن راڳن جا نالا پيروَ، هندول، ميگهہ، سريراڳ، ديپڪ ۽ مالڪوس آهن. راڳن کي تمثيلي طرح ديوتائون ڪري سڏيائون. هرهڪ ديوتا جي نالي ڄاڻايائون تہ ان کي پنج پاريائون (زالون) ۽ اٺ پٽ آهن. انهن زالن کي راڳڻيون ڪري ڪوٺيائون. راڳن ۽ راڳڻين کي مجسم ڪيائون، مثلاً پيروَ کي شِو ڀگوان وانگر تي اکيون آهن، پيشانيءَ تي چند ٻيو چمڪيس، جٽائن مان گنگاندي پيئي وهيس، مٿي تي واسينگ نانگ ويڙهيل اٿس ۽ ڳچيءَ ۾ ڪوپرين جي ڪنني پيل اٿس. هندول سوئي هندوري ۾ ٻيو لڏي. سندس چوگرد ڪيتريون اپسرائون بينل اهن، جي هندورو پيئون لوڏين ۽ راڳ پيون ڳائين.

ميگهہ لفظ جي معنيٰ ئي آهي ڪڪر، ۽ انهيءَ مان سنڌي لفظ "مينهن" (برسات) ٺهيو آهي. ميگهہ جو ورن ڪارو آهي، پيلي پوشاڪ اٿس، هٿ ۾ تکي ترار اٿس، ۽ ڪڪر تي سوار آهي. عام طرح ائين چوندا آهن، تہ ميگهہ راڳ ڪو پوريءَ وڌيءَ سان ڳائي، تہ اُمالڪ اچي مينهن پوي (!)

سريراڳ هڪ سهڻو جوپان آهي. اڇي پوساڪ پيل اٿس، لعلن ۽ بلورن جي ڪنني گلي ۾ اٿس، ۽ هٿ ۾ ڪنول گل جهليو بينو آهي.

"ديپڪ" لفظ اُهو آهي، جنهن مان سنڌي لفظ "ڏِيئو" نهيو آهي. ديپڪ کي باهه وانگر چمڪاٽ ڪندر ڪپڑا پهريل اهن. پيشانيءَ مان آگ جا اُلا پيا نڪرنس، ۽ هڪ مست هاٿيءَ تي سوار آهن. چوندا آهن ته ڏيئي ۾ تيل ۽ وٽ وجهي کو پوريءَ وڏيءَ سان ديپڪ ٻاري، ته ڏيئو پاڻمرادو ٻري پوي (!) کي ته ائين به چون ته اهو راڳ کو پوريءَ وڏيءَ سان ٻاري، ته آگ جون اُليلون سندس اندر مان نڪري خود کيس جلائي پورو ڪن (!)

مالڪوس هڪ ڏڍو مڙس جوان آهي. منهن مان رت پيو چڙيس، اکيون نشي ۾ مخمور اٿس، ۽ هٿ ۾ لٺ اٿس – لباس سندس نيلو آهي، ۽ ٻچيءَ ۾ موتين جي مالا پيل اٿس.

قديم يونانين ۾ ائين راڳن کي مجسم ڪيو آهي. ايترو آهي ته سيڪنهن ملڪ يا قوم جي ٻاڻٽ جو نمونو پنهنجو پنهنجو آهي. آهي. انگريزي راڳن مان ڪن کي مزو ايندو، ته ڪن کي نه به ايندو. ساڳيءَ ريت هندستان جو راڳ به ڪن کي وڻندو، ته ڪن کي نه وڻندو، باقي هرهڪ قوم کي پنهنجو پنهنجو راڳ نهايت پسند پوي ٿو. هرهڪ قوم ۽ ملڪ ۾ راڳ جا وڏا وڏا استاد ٿي گذريا آهن. هندستان ۾ اهڙن وڏن استادن مان تانسين نهايت نامياروگويو ٿي گذريو آهي.

پنجاب ۽ سنڌ جا آڳاٽا رهاڪو سازن وڄائڻ ۾ به پڙ هوندا هئا. ساز کني "سامَن" ٻاڻيندا هئا، جي الاهي محبت جا راڳ هوندا هئا – کي "گاٽا" ٻاڻيندا هئا، جنهن جو اُڄار سنڌيءَ ۾ آهي "ٻاهه". سنڌ ۾ جڏهن ڪٿي پڳت وجهندا آهن، تڏهن ڪنهن قصي يا ڪهاڻيءَ ڪٺندي، وچ ۾ کي بيت سُرَ سان چوندا آهن، جن کي "ٻاهون" چئبو آهي.

جنهن صورت ۾ اهو ويدڪ لفظ آهي، تنهن صورت ۾ ائين وسهڻ لاءِ سبب ٿئي ٿو ته اهو ٻاهن ڏيڻ جو دستور نهايت قديم زماني جو آهي. ٻاهن ڏيندڙ کي "ٻاڻِن" چوندا هئا. يانئجي ٿو ته گهٽا جٽا گڏجي ٻاهون ڏيندا هئا، يا هڪڙو ٻاهون ڏيئي بس ڪندو هو، ته ٻيو شروع ڪندو هو. جيڪو اول ٻاهون ڏيندو هو، سو

"گاڻاني" يعني ڳاهه هلائيندڙ يا شروع ڪندڙ سڏبو هو (رگ وید، منڈل پهريون، 190، 1، ۽ منڈل ڏهون، 92، 2). ڳاهن ۾ جيتوڻيڪ ڏرمي ڳالهين بابت مضمون هوندو هو، تہ بہ اهي ويدن جي رچائن ۾ شمار ٿيل نہ آهن (ائتريه براهمڻ 7، 18). ڪن رشين کي راجائن وٽان دان ملندا هئا، تہ اهي سندن سخائن بابت راڳ چوندا هئا. اهي "دان اُستتيون" يا سخا جون ساراهون سڏيون وييون آهن، جنهنڪري اهو "مديحي شعر" (Panegryic Poetry) چئبو. سوم رس آڏرين سان نپوڙڻ مهل ست زالون گڏجي سوم رس جي ساراهه بابت گيت ڳائيندیون هيون (منڈل نائون، 66، 8). اهي گيت بہ مديحي شعر جي دفعي ۾ ليکبا. رگ وید جي ڪن رچائن ۾ جنگين جو ذڪر آهي. اهي رچائون "رزمي شعر" (Epic Poetry) جي دفعي ۾ ليکبيون. ڪن رچائن ۾ وهانءَ وڏاڻ ۽ ٻين ڳالهين جا بيان آهن. اهي بياني شعر (Descriptive Poetry) جي دفعي ۾ ليکبيون. اهڙيءَ ريت ويدن جي رچائن کي سندن مضمون پوتاندر جدا جدا فعن يا طبقن ۾ ورهائي سگهجي ٿو. انهيءَ قديم رواج پٽاندر سنڌيءَ جو هاڻوڪو شعر بہ جدا جدا مضمونن بابت آهي، ۽ ان جي ڳائڻ جو شوق سڄيءَ سنڌ ۾ آهي. سکر ضلعي ۾ اهو شوق گهڻو آهي، تنهن ۾ بہ شوقين شهر شڪارپور، راڳ توڙي سازن وڄائڻ جي هنر ۾ برڪ آهي.

آڳاٽا لوڪ جنگ مهل، توڙي صلح سانت جي وقت ۾، هڪ قسم جو دُهل يا ٻير (نغارو) وڄائيندا هئا، جنهن کي "دُنڊُبي" (Dundubhi) چوندا هئا (منڈل پهريون، 28، 5، ۽ ڏهون، 47، 29-31). ٻيو هڪ وڄائڻ جو ساز مرليءَ وانگر هئن، جنهن کي "ڪرڪري" (Karkari) ڪوٺيندا هئا (منڈل ٻيو، 35، 13). ويٽا بہ وڄائيندا هئا (منڈل پهريون 85، 10). رگ وید جي منڈل ڏهين. (146، 2) ۾ "آگهاڻي" لفظ ڪم آيل آهي. پروفيسر مئڪڈونيل ۽ ڪيٿ ڄاڻايو اهي تہ ناچ مهل ڪِنجهون وڄائيندا هئا، تن کي آگهاڻيون چوندا هئا، پر شاين آچاريہ، جنهن ويدن جي ٽيڪا لکي آهي، تنهن جي خيال موجب اهي ويٽا هئا، جن مان جدا جدا قسمن جا سُر ڪڍندا هئا. هي سڀ ڳالهيون ڄاڻائين ٿيون تہ سنڌو ماڻر جي قديم رهاڪن وٽ چگي گمت لڳي پيئي هوندي هئي.

سنسڪرت لفظ "نِرتيہ" جو اُچار سنڌيءَ ۾ ڦري ٿيو آهي "ناچ" رگ وید :**ناچ** واري زماني ۾ زالون توڙي مرد ناچ ڪندا هئا، پر اهڙي ڪا ثابتي ڪانهي، جنهن مان سمجهجي، تہ ٻئي ڳڏجي نچندا هئا. شري ڪرشڻ ننڍڙي هوندي گوپين سان راس ليلا ڪئي هئي، تنهن مان سمجهجي ٿو تہ چوڪرين ۽ زالن جي ناچ ۾ فقط ننڍڙا چوڪرا شامل ٿي سگهندا هئا. رگ وید جي منڈل پهرئين، (10، 1) ۾ جاڳايل آهي تہ بانس جون ڪانيون اُڀيون جهلي، ناچ ڪندا هئا. پانئجي ٿو تہ جيئن گجرات ۾ چوڪريون ۽ زالون ڏوڻڪا هٿ ۾ جهلي "گربو" ڪن ٿيُ)، ۽ ناچ ڪندڙ) (nrta) "ٿيون، تيئن اڳي به ڪندا هئا. ناچ ڪندڙ مرد کي "نرت سڏيندا هئا. منڈل پهرين (92، 4) ۾ شايد ڪنهن بازاري (nrtu) "عورت کي "نرتو ناچ ڪندڙ عورت جو ذڪر آهي – جو جاڳايل آهي تہ "ڪيس پرت پريل وڳو پهريل هوندو هو، پر ٻين جي ڌيان چڪڻ لاءِ پنهنجي ڇاتي اُگهاڙي ڪندي هئي. چگن خاندانن جون زالون ائين بيشرميءَ سان ناچ نہ ڪنديون هيون – جو منڈل انين، (17، 7، 26، 13) ۾ جاڳايل آهي تہ "زالون پاڻ کي چگيءَ ريت ڏکي، پوءِ ٻين جي اڳيان ايندیون هيون. رگ وید ۾ هيئن ٻہ لکيل آهي تہ "زالون ۽ ڪنواريون چوڪريون چگا خاصا ويس وڳا ڪري محفلن ۾ ويندیون هيون، ۽ جڏهن ٻنيون ۽ ٻيلا ساوڪ سبزيءَ ڪري خوش نما نظر ايندا هئا، تڏهن چوڪريون ۽ چوڪرا اوڏهين وجي ناچ ڪندا هئا. چوڪرا ۽ چوڪريون هڪٻئي جو هٿ جهلي، راس وجهنديون هيون يا چڪلي يا چيڪلي پائيندیون هيون، تہ يُونءِ پيئي پٽڪاڻ ڪندي هئي. اوڏيءَ مهل جيڪا لَٽ اُڏندي هئي، سا انهن ماڻهن کي ويڙهي ويندي هئي، جي موج مان اُتي اَچي مِڙندا هئا. اوڏيءَ مهل ڪَنجهون يا جهانجهہ ٻہ پيا وڄندا هئا".

پينگهہ: مرد، زالون ۽ ٻار دل ڪري پنيگهن ۾ ٻہ لڏندا هئا، جو اها ٻہ سندين هڪ وڏي وندر هوندي هئي (منڈل ستون، 87، 5، 88، 3). اڄ ٻہ ٻهراڙين ۾ ڪيترا ٻار بلڪ وڏا ڪنهن وڻ ۾ نوڙيءَ تڪر پينگهہ وانگر ٻڌي، ان ۾ لڏندا آهن.

ميلا ۽ جلسا: آڳاٽا لوڪ کي ميلا، محفلون ۽ جلسا ڪندا هئا، جن ۾ زالون ۽ مرد دل وندرائڻ لاءِ وجي ڪنا ٿيندا هئا (رگ وید، منڈل پهريون، 124، 8، منڈل

چوٽون، 58، 8، منڊل ڇهون، 75، 4، ۽ منڊل ستون، 2، 5). ڪي پنهنجي ڪنهن هنر ظاهر ڪرڻ لاءِ، تہ ڪي پنهنجيءَ ڪمائيءَ لاءِ، ايندا هئا. ڪوي يا شاعر پنهنجي نالي ڪيڏ لاءِ اتي ويندا هئا (منڊل ٻيو، 16، 7) ۽ منڊل نائون، 49، 47)، ڪي تير اندازيءَ ۾ انعام ڪٺڻ لاءِ تير ڪمان ڪٽي ايندا هئا، (منڊل ڇهون، 75، 3-5). ڪي ڪُشتي لڙندا هئا، (رگ ويد، منڊل ٽيون، 20، 20). گهوڙن جون شرطون بہ ٽيندیون هيون، (منڊل نائون، 96، 9). اهڙن جلسن يا ميلن هلندي رات گذري ويندي هئي، ۽ مٿان صبح اچي ٽيندو هو، (منڊل پهريو، 48، 6). جوان چوڪريون ۽ چوڪرا اُتي هڪ ٻئي سان لهہ وچڑ ۾ ايندا هئا، ۽ چوڪريون پنهنجي لاءِ اتي مڙس چوندي هٿ ڪنديون هيون، (رگ ويد، منڊل ستون، 2، 5، ۽ اٿرو ويد. منڊل ٻيو، 36، 1). اهڙن موقعن تي ڪيسباڻيون پنهنجيءَ ڪمائي لاءِ ويندیون هيون، (رگ ويد، منڊل چوٽون، 58، 8). اهڙا جلسا اڄ تائين اتر هندستان ۾، خاص ڪري سولن ۽ سپيءَ ۾ ٽيندا آهن، جن ۾ زالون ججهي تعداد ۾ اچي ڪنيون ٽيندیون آهن. انهن ميلن مان پوءِ هڪ وڏي خرابي پيدا ٿي — ويجهڙائيءَ ۾ سپيءَ وارن ميلن ۾ زالن کي قطارون ڪري بيهارينداهئا، ۽ جيڪو انهن لاءِ چگو واڪ ڏيندو هو، تنهن کي اهي زالون تين وار" ڪري ڏينداهئا. ويدن واري زماني جي "سمن" (Samana) ۾ چوڪرين کي رڳو پنهنجي لاءِ گهوٽن ڳولڻ جو وجهہ ملندو هو، پر پوءِ هن ريت زالن جو وڪرو ٽيڻ لڳو، تہ ڏيهي حاڪمن مڙسي ڪري اها بد رسم بند ڪرائي.

گهوڙي سواري ۽ گهوڙن جون شرطون: رگ ويد واري زماني ۾ سنڌ جو پرڳڻو پنهنجن پل پلوڙ گهوڙن ڪري نهايت مشهور هوندو هو، (منڊل ڏهون، 75، 8). عام طرح ماڻهو گهوڙي تي سواري ڪندا هئا. جنگ مهل رٿن (گاڏين) ۾ گهوڙا ٻڌندا هئا. رٿن جي مٿان ڪلن جا ڍڪ هوندا هئا، جيئن هينئر ڏمڻ اڪثر چمڙي ٿهيل ٿئي ٿي. جنگي جوڌن جي سواريءَ لاءِ گهوڙا ڏار هوندا هئا، جي واڇوڙي وانگر اُڏامندا ويندا هئا. دل وندرائڻ لاءِ گهوڙن جون شرطون ۽ رٿن جون شرطون ڀڃائيندا هئا. رگ ويد جي منڊل چوٽين، (24، 9) ۽ منڊل ڏهين، (156، 1) ۾ "آجہ" (Aji) لفظ ڪم آيل آهي، جنهن جي هڪڙي معنيٰ آهي "ڊوڙ ڀڃائڻ جي

شرط" ۽ بي معنيٰ آهي "شرط جو ميدان". اهي ميدان نهايت ڪشادا هوندا هئا، ۽ انهن جو مفاصلو ماپي چڌيندا هكئا، (منڊل انون، 80، 8). شرط ڪٽندڙ کي "ڏن" (انعام) ملندو هو، (منڊل پهريون، 81، 3). منڊل ڇهون، 45، 1، ۽ منڊل انون، 80، 1). شرط جي ميدان ۾ جن گهوڙن کي ڊورائيندا هئا، تن کي ڏوئي ڏمالي چگيءَ طرح سينگاريندا هئا، (منڊل ٻيو، 34، 3، منڊل نائون، 109، 10، منڊل ڏهون، 68، 1). رڻ ۾ اڪثر گهوڙيون ٻڌندا هئا، ۽ اهي نهايت پليون هونديون هيون. جيلڪب آباد ۽ تلهار ۾، جن گهوڙن جو نماڻ ڏنو هوندو، تن کي چگيءَ ريت سڌ هوندي ته هن وقت به سنڌ ۾ پلن گوڙن ۽ گهوڙين جي اٽاڻ ڪانهي.ا گي راجائون رشين کي گهوڙا ۽ گهوڙيون به دان ڪندا هئا، جنهنڪري رگ وید ۾ رشين سندن ساکون ڪيون آهن.

ڊاري راند: آڳاٽن لوڪن جي عام طرح وندر هئي ڊاري راند. انهيءَ راند جو شوق اڄ تائين اسان جي ڪيترن ماڻهن ۾ هليو اچي. اڳي اوطاقون گهٽيون هونديون هيون، جن ۾ ڊاري راند ڪندا هئا. هينئر کي مڙهين ۽ ٽڪاٽن کي اوطاقون بنائي وينا آهن، جتي چلم جو بڙڪو ۽ ڊاري جو نڙڪو ڏينهن رات ٻڌڻ ۾ پيو اچي، ۽ صافو به سُڪڻ ڪونہ ڏين.

ويدڪ زماني ۾ جوا جون ٽڪريون عام هونديون هيون، جن ۾ جوارين لاءِ شراب ۽ ڪباب جو بندوبست به رکيل هوندو هو (اٿرو وید، منڊل ڇهون، 70، 10). سنسڪرت ۾ ڊاري کي چئبو آهي "اَڪش" جنهن جي بي معنيٰ "اک" به آهي. هن وقت جيڪي ڊارا عام طرح ڪم اچن ٿا، سي عاج جا ٺهيل آهن، ۽ انهن تي انگن جا نشان اک جي نموني نڪتل هوندا آهن. اتهاسن واري زماني ۾ عاج جا ڊارا هوندا هئا، جن ۾ دغابازي ڪري سيهو ڳاري وجهندا هئا، ته ڊارا اهڙيءَ طرح ليٽن جو داءُ ڪٽي سگهجي. رگ وید جي منڊل ستين، (86، 6)، ۽ منڊل ڏهين، (34، 1) ۾ ڊارن لاءِ "ويبتڪ" لفظ ڪم آيل آهي، جنهن جو اُچار سنڌيءَ ۾ آهي "ٻهيڙو". آڏرا، ٻهيڙا ۽ هريڙون، انهن ٽنهي کي گڏي "ٽقلو" (اطريفل) چئبو اهي. هن مان ائين سمجهڻ ۾ اچي ٿو ته اڳي ٻهيڙن جون ككڙيون ڊارن طور

ڪم ايندڙون هيون. اهي ڪڪڑيون رنگ جون پوريون ٽين ٽيون، تنهنڪري رگ ويد ۾ ڊارن لاءِ "بَيُرو" (پورو) لفظ بہ ڪم آيل آهي.

هن وقت ڊاري راند ۾ تي ڊارا ڪم اچن ٿا، ۽ هرهڪ تي انگ نشان ٽيل هوندا آهن. پروفيسر مئڪڈونيل ۽ ڪيٽ جاڻايو آهي تہ "ڊارن تي انگ نشان ٽيل ڪين هوندا هئا، جنهنڪري ڪنڊ ۽ هارائڻ جي سڌ ڊارن (ڪڪڑين) جي تعداد مان پوندي هئي." رگ ويد ۾ "تر پنچشهه" لفظ بہ ڪم آيل آهي. جنهن جي اڪري معنيٰ آهي "ٽڪو پنجو". ڪن يوروپي عالمن ان جي معنيٰ ڪئي آهي "پندرهن" تہ ڪن ڪئي آهي "ٽيونجاهه". رگ ويد جي منڈل ڏهين، (34، 18) مان بہ ايترو ظاهر آهي تہ گهٽا ڊارا (گهٽيون ڪڪڑيون) گڏي اُڇلينداهئا. اها راند ڪيئن ڪندا هئا، تنهن جو پورو پتو رگ ويد مان ڪونہ ٿو پوي، باقي "آڏيديون"(Adhidevana) لفظ ڪم آيل آهي، جنهن جي اڪري معنيٰ آهي "جنهن تي راند ڪجي". ٻيو لفظ "ديوان ايرڻ" (Devana Irina) ڪم آيل آهي، جنهن جي معنيٰ "جوا جي ٽِڪري" بہ ٿي سگهي ٿي. ڊاڪٽر انباش چندر داس جاڻايو آهي تہ زمين ۾ ٿوري ڪڏ ڪوٽيندا هئا، جنهن کي انهن نالن سان سڏيندا هئا. هن موجب ڇڪبو تہ اها هڪ گولين راند هئي، جنهن لاءِ زمين ۾ "سچ" ڪوٽيندا هئا. ڪي يوروپي عالم انهن لفظن جي معنيٰ ڪن ٿا "ڊاري راند لاءِ تختو". هن مان وري ائين سمجهڻ ۾ اچي ٿو تہ ڪپڑي جي نهيل ڇڻپڙ تن ڏينهن ۾ ڪانہ هئي، پر ڪا ميز هوندي هئي، ۽ انهيءَ ميز ۾ ڪا ڪڏ هوندي هئي، جنهن ۾ ڪڪڑيون ائين وڃي پونديون هيون، جيئن "بليئرڊ" راند ۾ گولا وڃيو ڪپڑي جي ڳوٽرين ۾ پون ٿا.

رگ ويد مان ايترو ظاهر آهي تہ انهيءَ راند جو اُصلو اِڪيءَ ٻڌيءَ تي ٻڌل هو، ۽ ٻڌيءَ وارو ڪٽندو هو. جيڪي ڪڪڑيون "سچ" ۾ وڃي پونديون هيون، تن مان جيڪڏهن "چونڪ" (چار چار داڻا) نهندا هئا، تہ اهو "ڪرت" (Krta) سڏيندا هئا. جيڪڏهن ٽِنڊ (ٽي داڻا گڏ) نهندي هئي، تہ انهيءَ کي "تريتا" ۽ "ٻِٽڻ" (ٻہ داڻا گڏ) کي "دواپور" سڏيندا هئا. جيڪڏهن "سچ" ۾ ڪنهن جو داڻو ئي هڪڙو پوندو هو تہ اهو داڻو "ڪلي" (Kali) ڪوٺبو هو. راند اهو ڪٽندو هو، جنهن جا "ڪرت"

(چؤنڪ) پوندا هئا، ۽ هڪ داڻي گهٽ پوڻ تي هارائيندا هئا (منڊل پهريون، 41، 9). راند ۾ جيڪو هٿ اڇلينداهئا، تنهن کي "گرهه – گرپ" ڪوٺيندا هئا، (منڊل انون، 81، 1، ۽ نائون، 106، 3). راند پوري ٿيڻ کانپوءِ اهي ڏارا (ککڙيون) ڪنهن ڊبلي ۾ ڏڪي رکندا هئا، ۽ اهو ڊبلو "اَڪش وپَنَ" (Aksa – Vapana) سڏبو هو، يعني جنهن ۾ ڏارا يا ککڙيون اڇولي وڇهجن. راند ۾ جيڪو داءُ رکندا هئا، تنهن کي "وڄ" (Vij) چوندا هئا. انهيءَ جوا ۾ گهٽن جا خانا خرابا ٿيندا هئا. جوا ۾ ڏن ۽ چوپايو مال تہ هارائيندا هئا، پر وقتي پنهنجون جويون بہ هارائيندا هئا!' ماڻهن کي اها جوا جي چوس ڪيتري قدر هوندي هئي، ۽ انهيءَ چوس جي ڪري سندن ڪهڙا حال ٿيندا هئا، تنهن جا جگر ڏارينڌڙ احوال اتهاسن مان ملن ٿا. نل دمينتيءَ جو دلسوز قصو پڙهو. مهاپارت ۾ بہ ڏسو تہ راجا يڌشٽر جهڙي ڌرماتما پرش جوا ۾ پنهنجي راجائي تہ وڃائي، پر درويدي بہ هارايائين! پر اها بہ ٿي پوءِ جي ڳالهہ خود ويدڪ زماني ۾ ئي جوارين جو ڪهڙو حال هوندو هو، سو هتي رگ ويد مان ڇاڻائجي ٿو، تہ هن وقت جيڪي جوا ڪن ٿا، انهيءَ مان سبق سکن.

جواريءَ جو ارمان: هڪ جواريءَ، جوا ۾ پنهنجو خانو خراب ڪري، بلڪ پنهنجي جوءِ کان جدا ٿي پوءِ جيڪو ارمان ظاهر ڪيو آهي، سو رگ ويد جي منڊل ڏهين، (34) ۾ هن ريت ڇاڻايل آهي:

"ڀهيڙن مان پيدا ٿيل (ڏار) جيئن ولٿندا وجن، تيئن منهنجي دل کي خوشي پيئي ٿئي، اهي ڏارا مون کي ائين تا هرکائين، جيئن سوم رس تي ماڻهو هرکي وڃي".

"منهنجيءَ زال مون سان ڪڏهن جهيڙو جهٽو ڪونہ ڪيو، نڪي ڪڏهن مون کي ڏڪاريائين، پر ڏاري راند سان دل رکي، مون پنهنجيءَ وفادار زال کي هڪالي ڪڍيو آهي".

"پنهنجيءَ سس کي مان ڏنو نٽو وڻان، ۽ منهنجي زال هينئر مون کي پاڻ وٽ اڇڻ نٽي ڏئي، تنگيءَ جي مهل جواريءَ جي دل کي ڪو دلاسي ڏيڻ وارو ڪونهي".

”جھڙيءَ ريت گھوڙي جي پني گاڻ سبب ڦٽي پيئي هوندي آهي، ۽ ڪيس ڪاڙ فرحت ڪاڻ هوندي آهي، تھڙيءَ ريت جواريءَ جي دل کي انهيءَ کان وڌيڪ فرحت ڪانهي“.

”جنهن ماڻھوءَ پنهنجو ڏن ڏاري راند ۾ وڃايو آهي، تنهن جي زال وٽ ٻيا مرد ڪيس هرڪائڻ لاءِ وڃن ٿا. هن جو (جواريءَ) جو پيءُ، ماءُ ۽ پائر رڙ ڪري پيا چون ته ”اسين سڃاڻونس ۽ ڪونہ، ٻڌي ونيو وڃوس.“

”منهنجا سنگتي ساڻي مون کي پاڻ ڪڍائي، مون کي ڇڏي ويا آهن، تنهنڪري پِرڻ ۽ ڪريان ته وري ڏاري راند ڪونہ ڪندس، پر جڏهن جواري پوءِرا ڏارا اُڇلين ٿا، ۽ ڏارن جو ڪڙڪو نڙڪو ٿئي ٿو، تڏهن جوا جي ٽِڪريءَ ڏي مان ائين وڪ ڪڍي وڃان ٿو، جيئن ڪا عورت پنهنجي آشنا ڏي وڃي.“

”ماڻھو ڪھڙو ۽ شوخ ۾ شوخ هوندو، ته ۽ ڏارا سندس غضب کان ڊڄي، سندس اڳيان ڪنڌ نٿا جھڪائين، پر خود راجائون اڇيو ڏارن جو سلام پرين ٿا“.

اهي ڏارا ٽاندن جھڙا آهن، جن پاڻ جيتوڻيڪ ٽڏا آهن، ته ۽ دل کي لھس ڏيو ڇڏين.“

”جواريءَ جي ڏٽڙيل زال پريشان آهي، ۽ اهو ئي حال آهي انهيءَ ماءُ جو، جنهن کي سڏ ئي ڪانهي، ته پُڇس ويندو ڪيڏانهن آهي.“

”جواري جڏهن ڏسي ٿو، ته ٻيون زالون پنهنجن پنهنجن گھرن ۾ سکيون سھنجون آهن، تڏهن پنهنجيءَ زال جا اَبالا حال ڏسي، سندس جان پيئي جلي، پر صبح جو وري ۽ وڃي ڏارو جوڙي ٿو، ۽ رات جو جنهن وٽ چلھ جي باھ اُجھامي وڃي ٿي، تنهن وقت تائين پاڻ ۽ ڏٽڙيل حالت ۾ وڃي پھچي ٿو.“

”ڪڏهن ۽ ڏاري راند نہ ڪريو. ڪيتي ڪريو. جيڪا ملڪيت اٿو، تنهن تي راضي رهو، ۽ ائين سمجھو ته اها ڪافي آهي. پوڄڻ جوڳ سَوتر ديوتا (سورج ديوتا) مون کي ائين پيو چوي ته ”اي جواري، اجهي هي تنهنجون گايون ۽ اجها هيءَ آهي تنهنجي زال، انهن جي سنڀال ڪر.“

هي مضمون نهايت نصيحت آميز آهي، ۽ ساڳئي وقت جاڻائي ٿو ته جنهن رشيءَ جو اهو چيل آهي، تنهن انساني سياءَ جو پوريءَ ريت اپياس ڪيو آهي.

جيئريءَ تي جيئري پرڻجڻ جو رواج: جوا جي علت کان سواءِ ٻي هڪ ٻڌڻي رسم جا اڄ تائين سڄي هندو جاتيءَ تي هڪ ڪوڙھ جو ٽڪو آهي، سا آهي جيئريءَ تي جيئري پرڻجڻ جي رسم. هن بد رسم جو بنياد آهي ٻانهپ يا غلامي، جا خود هڪ بد رسم آهي. اڳي جنگ ۾ گرفتار ٿيل زالون ٻانهيون ڪندا هئا، ۽ اهي سندن ملڪيت هونديون هيون. گهڻين زالن پرڻجڻ جو رواج ائين پيو. رگ وید واري زماني ۾ اڪثر ڄڻهيءَ هوند وارا گهڻيون زالون پرڻبا هئا، (منڊل ستون 18، 7، ۽ منڊل ڏهون، 95، 6). ڪي گهٽ ذاتين وارا به به — به، ٽي — ٽي زالون پرڻبا هئا، جو گرفتار ٿيل زالون وڪامنديون به هيون. انهيءَ هوندي به وڇولي درجي وارا ماڻهو گهڻو ڪري "ايڪ پتني وواھ" يعني هڪ زال سان پرڻجڻ (Monogamy) پسند ڪندا هئا، جيئن ڪاڪشون رشي سنڌ جي راجا سونيہ ياوييہ جون ڏهہ نياڻيون پرڻيون هو. گهڻين زالن پرڻجڻ ڪري گهر جنسي ڪرهن (جهيڙي) جو آکاڙو ٿيو پوي، تنهنڪري ڪيترن رشين جو عام طرح خيال هو تہ گهرو سک آهي ئي تڏهن، جڏهن مرد فقط هڪ زال پرڻجي ٿو، (رگ وید منڊل ٽيون، 53، 6). ڪن اهو به اوڇو آدرش اڳيان رکيو تہ فقط هڪڙي زال پرڻجي، ۽ رڳو انهيءَ سان ئي ناتو رکجي، ۽ ٻين کي ماءُ ڀيٽ جهڙو ڪري سمجهجي. انهيءَ سبب اڄ تائين چوٽي آهي تہ "ايڪ ناري سدا برهمچاري"، يعني جيڪو ماڻهو رڳو پنهنجيءَ هڪڙيءَ زال سان ورتي ٿو، سو گويا سدائين برهمچاري آهي. ماڻهن ۾ جيتوڻيڪ انيڪ خيال عام به هو، تہ به "ٻهو پتني وواھ"، يعني گهڻين زالن پرڻجڻ جي رسم (Polygamy) پوءِ به هلندي ائي. رامائڻ واري زماني ۾ راجا دسرٿ جي گهر ۾ پهاڄيٽي اهڙي حالت پيدا ڪئي، جو خود پنهنجيمربي پٽ شري رامچندر کي چوڏهن ورهيہ بنواس ٻوڳايائين، ۽ سندس وڇوڙي ۾ پنهنجا پراڻ تياڳيائين! اهڙن مثالن هوندي به ماڻهن اها بد رسم نٻت ڪانہ ڇڏي. هندن جي شاسترن ۾ گهڻين استرين پرڻجڻ کان روڪ ٽيل ڪانهي. سرڪار هندن لاءِ جيڪو قاعدو جوڙيو آهي، سو سڄو هندن جي شاسترن ۽ روجن تي ٻڌل آهي، تنهنڪري جيئريءَ تي جيئري پرڻجڻ جي قاعدي موجب روڪ ڪانهي. انهيءَ هوندي به عام طرح گهٽا اها رسم ڏڪارڻ لڳا، جنهنڪري

سنڌ ۾، توڙي ٻين ڪيترن هنڌ انهيءَ رسم تي ڪي بندشون وڌائون. ڪيترن ورهين کان عام رواج هيءُ آهي ته ڪوبہ ماڻهو هڪڙيءَ استريءَ هوندي ٻي اِستري تڏهن پرڻجي سگهي ٿو جڏهن:

(1) استري چڱ چري هجي، ۽ سندس سنئين ٽيڙ جي اميد پٽيءَ نہ هجي،

(2) ڪوڙي يا ٻيو اهڙو ڪو نهايت خوفناڪ مرض هجيس. ۽ سندس چڱڻ جي اُميد بنهہ ڪانہ هجي.

(3) اِستري سندِ هجي. ۽ پتيءَ کي ٻي شادي ڪرڻ جي پاڻ موڪل ڏئي، ۽

(4) اِستري رڳو ڏيئون پيئي ڇڏيندي هجي، ۽ پتيءَکي ٻي شادي ڪرڻ جي پاڻ موڪل ڏئي، ته پلي ته ٻيءَ اِستري مان پٽر سنتان پيدا ڪري.

جنهن کي انهن ڇئن سببن مان ڪوبہ سبب ڪونهي، سو هڪڙيءَ اِستريءَ هوندي ٻي اِستري پرڻجي نٿو سگهي.

پنچاتين اهڙيون بندشون وڌيون، تنهن ڪانپوءِ بہ ڪي ماڻهو نہ رهيا. سندين پنچاتين مٿن مقدما داخل ڪيا، ته هنن هليءَ چليءَ جي برخلاف شادي ڪئي آهي، تنهنڪري اها شادي رد ۽ باطل نهرائي وڃي. ڪي هڪ نہ ٻيو سبب ڏيئي پاڻ ڇڏائي ويا، ته ڪن حالتن ۾ خود پنچاتين معافي ڏيڻ ضروري سمجهي. هاڻ ماڳهين اها ڪوشش هلندڙ آهي ته انهيءَ بد رسم کي قاعدي جي ڪاتيءَ سان رد ڪجي. هن لاءِ هڪ مسودو هند سرڪار جي قاعدي ساز ڪائونسل ۾ پيش ٿيو آهي. جيڪڏهن اهو بحال ٿيندو، ته سڄي هندستان جي هندن جو انهيءَ ۾ پلو ٿيندو.

اولاد جو ماءُ جي نالي پڻيان سڏجڻ: اڳي عام طرح راجائون، رشي ۽ ٻيا گهڻيون زالون پرڻبا هئا، ته انهيءَ رواج مان هڪ ٻيو رواج پيدا ٿيو، جو هن وقت عجيب پيو لڳي. هن وقت هرڪو پنهنجي پيءُ جو اولاد سڏجي ٿو، پر اڳي هرڪو ماءُ جو اولاد سڏبو هو، جنهنڪري سمجهڻ سولو ٿيندو هو ته پيءُ جي ڪهڙيءَ زال مان پيدا ٿيل آهي. ڪاڪشون نالي هڪ رشي سنڌ جي راجا سونيہ ياوييہ جون ڌڻ نياٽيونپرٽيو هو. انهيءَ رشيءَ جي پيءُ جو نالو "درگهہ تمس" (Drigha – Tamas) يعني "ڊگهي اوندهہ" هو، ۽ ماٽس جو نالو "اؤشيج" هو،

تنهنڪري رگ ويد ۾ ڪاڪشون رشي "اؤشيج" يعني اُشيج جو پٽ سڏيو ويو آهي. اهڙا مثال ٻيا به آهن. مثلا: "اَنجنيه" معنيٰ "انجنا جا پٽ". اهو نمونو ديوتائن ۽ دئتن سان به لاڳو ڪيائون. مثلاً : "اَدتيه" معنيٰ آدتيءَ جا پٽ (سورج ديوتا وغيره)، ۽ "دئتيه" (دئت) معنيٰ دتيءَ جا پٽ. اهو رگ ويد واري زماني جو رواج پوءِ به هلندو آيو. راجا دسرٿ جو پٽ شري رامچندر، راجا رگهو جي نسل مان هو، تنهنڪري پنهنجي انهيءَ وڏي ڏاڏي جي نالي پٺيان "رگهو پتي" يعني رگهو ڪُل جو مالڪ هو، ۽ "راگهو" يعني راجا رگهوءَ جو اولاد سڏجڻ ۾ آيو.

---

* It is difficult to conceive that cotton (which, as we learn from professor J.H. Balfour, is supposed to have been indigenous in India), though not mentioned in the hymns, should have been unknown when they were composed, or not employed for wearing the light cloth which is necessary in so warm a climate. Dr. Muir: Original Sanskrit. Tests V. p. 462.

** Considerable attention was already paid to personal decoration Ibid p. 462.

+ If the rendering be correct, this shows the custom of presenting honorary dresses to be of India. And of origin considerable antiquity. Wilson's Reg veda, III, p. 277.

* پوپاڪ صاحب ڄاڻايو آهي ته "قديم يوناني لوڪ هندن وانگر ڏوتي پائيندا هئا، ۽ ڪلهن تي بوچڻ وجهندا هئا". اهو پاسو وسايو ئي هندن هو، تنهنڪري هندڪا رواج ايڏانهين عام ٿيا هئا. - مصنف

** "Anything more convenient to walk, to sit, or to lie in, it would be impossible to invent." Col. Meadows Taylor; Edinburg Review for July, 1867.

* Cambridge History of India, 1, 103.

* Kaegi: The Reg Veda, p. 19.

* Vedic Index, I, p.4.

+ Dr. A.C. Das: Reg Vedic Culture, p. 229.

Gul Hayat Institute

"رگو پتي، راگهوءَ، راجا رام،
پنت پاون، سيتا رام".

شري رامچندر، راجا دسرٿ کي راڻي ڪوشليا مان ڄائو هو، تنهنڪري "ڪوشليه" يعني ڪوشليا جو پُٽ به ڪونيو ويو آهي. سنڌس پاڻ لڇمڻ "سمتريه" يعني راڻي سُمترا جو پٽ، ڪونيو ويو آهي. مطلب ته ٽنهي پائرن جو

پيءُ ساڳيو ئي هو، پر مائون ٻيون ٻيون هين، تنهنڪري مائرن جي نالن پٺيان ٻہ سڏجڻ ۾ ٿي آيا.

مهاڀارت مان معلوم ٿئي ٿو تہ ارجن راجا پانڊوءَ جو پُٽ هو، تنهنڪري "پانڊڤ" يعني راجا پانڊوءَ جو پٽ سڏبو هو، پر ماٽس جو نالو "ڪُنتي" هو، تنهنڪري "ڪونتيہ" ۽ "ڪنتي نندن" ٻہ ڪوٺبو هو. ڪنتيءَ جو ٻيو نالو "پرٿا" هو، تنهنڪري شريمد ڀاڳوت گيتا ۾ ارجن جو ٻيو نالو "پارٿ" يعني پرٿا جو پٽ ڄاڻايل آهي. ائين اتهاسن واري زماني ۾ ئي نمونا چالو هئا، يعني هرڪو پيءُ توڙي ماءُ جي نالي پٺيان سڏبو هو. انهيءَ کان گهٽو پو3 هرڪو رڳو پنهنجي پيءُ جو اولاد ليکجڻ ۾ آيو، پوءِ ڀل تہ پيءُ جي ڪهڙيءَ ٻہ زال مان پيدا ٿيو هجي. ڪن عالمن جو چوڻ آهي تہ اهو اصل دراوڙن جو دستور هو، جو آڳاٽن آرين ٻہ اختيار ڪيو هو. ڪنهن ٻہ صورت ۾ اها پڪ آهي تہ گهٽين زالن پرٽجڻ جي رواج هڻڻ سبب اهو رواج پيو، ۽ پوءِ جيئن هڪ اِستري پرٽجڻ جو رواج عام ٿيو، تيئن هيءُ رواج گهٽبو ويو، ۽ هاڻ اصل ڪونهي.

مردن جو وري پرٽجڻ: گهٽين زالن پرٽجڻ بدران فقط هڪ اِستري پرٽجڻ جو رواج عام ٿيندو ويو، تہ ايترو ڪيائون، تہ جنهن جي پهرينگ هر واري گذاري ويندي هئي، سو ٻيو گهر پٽبو هو. ٻي زال ٻہ مري ويندي هئي تہ پوءِ ڪنهن کي ٽئين ۽ چوٿين گهر واري پرٽجڻ کان منع ڪانہ هوندي هئي، ۽ اهو ئي رواج اڄ تائين چالو آهي. اڪثر سالين سان پرٽجڻ روا ليکبو هو، جو سالي ساڳئي گوتر مان نہ آهي. ڪنهن کي پهرئين گهر مان اولاد هوندو، ۽ سالي پرٽبو، تہ ٻارن جي اها ماسي پنهنجن ڀاٽيجن ۽ ڀاٽيجين کي گهٽ ڪين گهرندي. البت ايترو آهي تہ ماءُ وري ٻہ ماءُ آهي، ۽ ماسي نيٺ ٻہ ماسي آهي، ۽ اها ڦري ماءُ ٿيندي، تہ ٻہ جيترو هڏ سڳيءَ ماءُ جو ڪرڪندو، تيترو ماڻي جي ماءُ يا ماسيءَ جو نہ ڪرڪندو. انهيءَ سبب چوڻي آهي تہ:

انهيءَ هوندي ٻہ ڪنهن هنڌان پرٽجڻ بدران وري ٻہ سالين سان پرٽجڻ بهتر سمجهندا هئا، جو ڏاريءَ کان وري ٻہ ماسيءَ کي ٻارن جو وڏيڪ تاءُ اُپرندو. جيڪڏهن ڪنهن کي پهرينءَ زال مان اولاد نہ هوندو هو، تہ ٻہ اڳين ساهرن سان

پريت ٽوڙڻ واجب نہ سمجهي، سالي پرڻبو هو ۽ ائين اڳيون رستو قائم رکندو ايندو هو. اهڙن سببن ڪري سالي‌۽ سان پرڻجڻ جو رواج اڄ بہ عام آهي. ڏير جو ڏنيل ياڄائي‌۽ سان پرڻجڻ بہ روا ليکبو هو، جو ياڄائي بہ ساڳئي گوتر مان نہ آهي. اها "وڏوا وواهہ" (Widwo Marriage) جي ڳالهہ آهي، تنهنڪري ان جو ذڪر ڏار ڪبو. هتي رڳو ايترو ڄاڻائجي ٿو تہ ڏير جو ياڄائي‌۽ سان پرڻجڻ ڪسي ڳالهہ ليکبي هئي، تنهنڪري ياجهائي‌۽ يا بي‌۽ ڪنهن بہ وڏوا سان پرڻجڻ جو رواج اڄ بہ گهٽو عام نہ آهي.

وڏوا وواهہ: "وڏواهہ" لفظ ۾ "و" معنيٰ "سواءِ" ۽ "ڏوَ" معنيٰ "مڙس". سنسڪرت لفظ وڏوا جو اُچار انگريزي‌۽ ۾ آهي "وِدو" (Widow) ۽ بنيادي معنيٰ اٿس "مڙس کان سواءِ"، يعني "رن زال"، جا "ڏنيل" ۽ "ڦلاونتي" بہ سڏبي آهي. اڳي ڪنهن چوڪري‌۽ جو مڱڻي هوندي مڙس مري ويندو هو، تہ پوءِ هن جو وري مڱڻجڻ ۽ پرڻجڻ اعتراض جوڳي ڳالهہ نہ ليکبي هئي. اڄ بہ ائين آهي. جيڪڏهن پرڻجڻ کان پوءِ ڪنهن جو پتي گذاري ويندو هو، تہ نڪي اها ڏنيل زال وري پرڻجڻ پسند ڪندي هئي، نڪو ماڻهو وڏوائن سان پرڻجڻ عام طرح پسند ڪندا هئا. انهي‌۽ هوندي بہ وڏوا وواهہ ٿيندا هئا. "ددشو" (Didhishu)معنيٰ "اُهو مرد جو ڪنهن وڏوا سان پرڻيو هجي". "پر پورو" (Parapurava)معنيٰ "اُها زال جنهن نہ ٻيو مڙس ڪيو هجي". پؤنر يَوَ" (Panuarbhava)معنيٰ "وڏوا زال جو ٻئي مڙس مان ڄاول پٽ". اهي لفظ خود ڄاڻائين ٿا تہ وڏوائون پرڻبيون هيون.

منوسمرتي‌۽ ڄاڻايل آهي تہ قديم زماني ۾ وين" نالي هڪ راجا ٿي گذريو آهي، جو وڏوائن کي زوري‌۽ پرڻائيندو هو، جنهنڪري ڪيترا "دوجہ" (Twice born) يعني براهمڻ، ڪتري ۽ وئش دل ۾ ڪندا هئا، (9- 65-66 شلوڪ). اڄ بہ ڪيترن جا اهي خيال آهن تہ جيڪا وڏوا رهي سگهي، تنهن کي زوري‌۽ پرڻائڻ واجب نہ آهي، پر جا نہ رهي سگهي، تنهن کي وريپرڻجڻ کان روڪڻ روا نہ آهي. رگ وید ۾ "ديور" لفظ ڪم آيل آهي، جنهن جو اُچار سنڌي‌۽ ۾ آهي "ڏير" ۽ معنيٰ اٿس "مڙس جو ياءُ". پروفيسر مئڪس ملر جي خيال موجب انهي‌۽ لفظ جو ڏاتو يا بنياد آهي "دِوَ" معنيٰ راند ڪرڻ. هن لفظ مان اها سڏ پوي ٿي تہ ڏير ۽

پاڃائي پاڻ ۾ پاڻ ۾ پيٽ وانگر راندين ڪندا هئا، تنهنڪري "ديور" (ڏير) جي اصل معنيٰ هئي "راند پائي" يا "راند ساڻي" (A play – mate) . اڄ به ڪيترن هنڌ ڏير ۽ پاڃائي گڏجي پتي راند، ۽ بي وندر ور ونهن ڪن ٿا.

ڪي ائين پائيندا آهن ته سنسڪرت لفظ "ديور" اصل ۾ آهي "دوي ور" يعني ٻيو مڙس. اهو هن ڪري چون ٿا ته، جو ڏير پنهنجيءَ ڏنيل پاڃائيءَ سان پرٽجي سگهي ٿو. حقيقتاً پاڃائيءَ سان پرٽجڻ جو رواج هندن ۾ نڪي اڳي عام هو، نڪي هينئر عام آهي. اڄ به ڏير جو پاڃائيءَ سان پرٽجڻ هڪ نهايت ڪسي ڳالهه ليکجي ٿي، تنهنڪري ائين سمجهڻ ته "ڏير" اصل ۾ ٻيو مڙس ڪري ليکبو هو، سا بنهه غلط ڳالهه آهي. ڏير ۽ پاڃائيءَ جي ميلاپ بنسبت اڳي هڪ نهايت عجيب رواج به ڪجهه وقت هلندڙ هو، جو "نيوگ" سڏبو هو. جنهن جو ذڪر ڏار ڪجي ٿو.

نيوگ: (Levirate) رگ ويد واري زماني ۾ عام دستور هيءُ هوندو هو ته جنهن زال جو مڙس مري ويندو هو، سا پنهنجي پتيءَ سان گڏ چڪيا تي چڙهي، پاڻ کي جلائي ٻسم ڪندي هئي. اهو ئي رواج ڪي صديون ساندهه هلندو آيو. ڪن حالتن ۾ وڏوا پنهنجي ڏير يا مڙس جي ڪنهن ويجهي عزيز سان پرٽبي هئي. وقتي هيئن به ٿيندو هو ته جنهن جوان زال کي پنهنجي پتيءَ مان ڪو اولاد نه هوندو هو، سا پنهنجي نسل قائم رکڻ لاءِ ڏير سان ڪجهه وقت گڏ رهي، پار جڻيندي هئي، (رگ ويد، منڈل ڏهون، 40، 2). ڏير سان گڏ رهڻ لاءِ وهانءَ جا ساڻ سوڻ ڪونه ٿيندا هئا، جو اهي سڄي عمر زال مرس ٿي گڏ نه گذارينداهئا. انهيءَ رواج جو مثال مهابارت مان به ملي ٿو. مهابارت واري زماني ۾ ويد وياس پنهنجيءَ وڏيءَ پاڃائيءَ انبيڪا سان هڪواريءَ سنجوگ ڪري "ڌر تراشٽر" (ڪورون جو پيءُ) جڻيو. ساڳئي ويد وياس پنهنجيءَ نندييءَ پاڃائيءَ انبالڪا مان "پانڊو" (پانڊون جو پويءُ) جڻيو. اهي پار جاوا ته پوءِ ويد وياس ڪڏهن به وري پنهنجين پاڃاين جي ويجهو ڪونه ويو، جو انهيءَ ٿوري وقت سنجوگ ڪرڻ جي مراد رڳي ايتري هئي ته پٽ پيدا ٿئي، جو ڪُل جو نالو قائم رکندو اچي. انهيءَ رسم کي "نيوگ" سڏيندا هئا. انهيءَ رواج جو منو سمرتيءَ (9، 89 – 70) ۾ به

ذڪر ڪيل آهي. شلوڪ 70 ۾ چيل آهي ته ياڄائيءَ جو ناتو پنهنجي ڏير سان فقط تيستائين رهندي جيستائين پٽ ڄمندس. راجا ڏر تراشتر ۽ راجا پانڊو توڙي جو وڏو گهراڻا آريا هئا، ته به هيءُ نيوگ جو رواج سڀني آرين ۾ عام نه هو. اهو گهٽ ذات وارن جو رواج هو، جنهنڪري وڏ گهراڻن آرين انهيءَ رواج کي پوءِ زور ونڊ ته نه ڏنو، پر پاڻ صفا بند ڪري ڇڏيائون، جنهنڪري رڳو گهٽ ذاتين وارا اهو رواج پوءِ هلائيندا آيا. اڄ تائين اوريسا جا ڪي گهٽ ذات ورا هندو پنهنجي نياڻي انهيءَ ماڻهوءَ سان پرڻائيندا آهن، جنهن کي ڪو پاڻ هوندو آهي، ته مڙس مري وڃڻ جي حالت ۾ هوءَ ڏير سان پرڻجي سگهي، ۽ هميشه لاءِ وڏوا ٿي رهڻو نه پويس. ساڳيءَ طرح آگري ۽ ائوڌ جي گڏيل پرڳڻن، ۽ بهار جا ڪي گهٽ ذات وارا هندو ڏنيل زال کي پنهنجي ڏير مان اولاد پيدا ڪرڻ جي اجازت ڏيندا آهن. مطلب ته وڏ گهراڻن هندن اِهو رواج بنهه بيهودو سمجهي ڇڏي ڏنو ڪيو، جنهنڪري هن وقت رڳو ڪي گهٽ ذات وارا هندو اهو رواج هلائيندا پيا اچن، پر اهو به سڀني هنڌ عام ڪونهي.

هيءُ نيوگ جو رواج خود ائين پيو ڄاڻائي ته اهو اصل آرين جو جاري ڪيل نه هو، نه ته جيڪر نيوگ جا گهڻي ئي مثال اتهاسن ۽ پراڻن مان ملن. تاريخ جي اڀياس مان مصنف کي ائين سمجهڻ ۾ اچي ٿو ته اهو رواج اصل بني اسرائيل (يهودين) جاري ڪيو هو، ۽ هنن کي ڏسي ڪجهه وقت آرين به لاچاري حالتن ۾ اهو روا ڪيو، پر ان کي ڪڏهن به زور ونائڻ جي ڪوشش نه ڪيائون. رگ وید واري زماني ۾ ئي اُتر هندستان ۽ ڏکڻ هندستان جا واپاري وڃ واپار سانگي بئبلونيا، سيريا يا شام ملڪ ۽ الهندي ايشيا جي بين هنڌن ڏانهن ويندا هئا، ۽ پوءِ اتي پنهنجون بينڪون به وڌائون، بلڪ منجهائن کي يهودين ۽ بين سيميٽڪ قومن سان سنگ ڪندي وينا. انهيءَ گهڻي ۽ گهاڻيءَ لهه وچڙ جو هڪ اثر هي ٿيو، جو بني اسرائيلن جو هيءُ رواج ڪن آرين به اختيار ڪيو، پر رڳو بني اسرائيلن ۾ نيوگ جو رواج نهايت قديم زماني کان هو، ۽ لاچاري حالتن ۾ پوءِ حضرت موسيٰ ان کي زور ونايو. اها حقيقت عيسائين جي انجيل مان پليءَ پت معلوم ٿئي ٿي. انجيل ۾ ڇڻيءَ ريت لکيل آهي ته حضرت موسيٰ جو چوڻ

هو تہ "جيڪڏهن هڪڙو پاڻ بنا اولاد جي مري وڃي، تہ ٻيو پاڻ پنهنجيءَ ڏنيل پاڃائيءَ مان سندس نالي ٻار پيدا ڪري." حضرت موسيٰ جي فرمودي موجب قديم يهودي هيئن ڪندا هُئا، جو ڪنهن جو هڪڙو پاڻ مري ويندو هو، تہ سندس ڏنيل زال ٻئي پاڻ سان گڏ رهندي هئي ۽ ٻيو پاڻ بنا اولاد جي مري ويندو هو تہ پوءِ ٽئين، چوٿين، پنجين، ڇهين ۽ ستين پاڻ سان بہ گڏ رهي ٻار ڄڻيندي هئي"! مان معلوم ٿئي ٿو تہ قديم يهودين (Old Testament)انجيل جي جهوني عهدنامي ۾ اصل قاعدو ئي اهو هو تہ "جيڪڏهن پائر گڏ رهندا هجن، ۽ منجهائن ڪو هڪڙو بنا اولاد جي مري وڃي، تہ فوتيءَ جي زال ڪنهن ڏارئي سان نہ پرڻجي. سندس ڏير کيس پنهنجي زال ڪري ساڻس سنجوڳ ڪري، ۽ جيڪو پهريون ٻار ڄمي، سو فوتيءَ جو اولاد ليکجي، تہ بني اسرائيل ۾ فوتيءَ جو نالو قائم رهي". هن قائدي موجب پنهنجيءَ ڏنيل پاڃائيءَ مان ٻار پيدا ڪرڻ ڏير جو فرض هوندو هو. جيڪڏهن ڪو ڏير پنهنجيءَ انهيءَ فرض ادا ڪرڻ کان انڪار ڪندو هو تہ سنديس ڏنيل پاڃائي شهر جي بزرگن وٽ دانهياڻي ٿي ويندي هئي، ۽ مکي ۽ پئنچ سندس ڏير کي گهرائي سمجهائيندا هئا. انهن بزرگن جي چوڻ ڪانپوءِ بہ جيڪڏهن ڪو ڏير پنهنجيءَ پاڃائيءَ جي ويجهو نہ ويندو هو، تہ هوءَ انهن بزرگن جي روبرو ڏير کي منهن ۾ ٿڪ هڻندي هئي، تہ لوڪ ڏسي تہ هيءُ اهڙو نالائق آهي، جو پنهنجي پاڻ جي نالي ٻار پيدا ڪرڻ کان انڪار ڪري ٿو، ۽ ٻيا عبرت ونن تہ جيڪو ڏير پنهنجو اهو فرض ادا نہ ڪندو، سو ٿڪ لعنت جوڳو ٿيندو! هيءُ رواج هن وقت گهٽن کي عجيب لڳندو، پر آڳاٽن يهودين جا قاعدا اجهي اهي هئا، جي سندن پاڪ ڪتاب (انجيل) ۾ لکيل آهن..

آڳاٽن آرين بہ "نيوگ" جو رواج ڪجهہ وقت قائم رکيو، ۽ انهيءَ ۾ کو اهم ڪونہ ايندو هئن. ايترو آهي تہ پيشم پتامه پنهنجي پيءُ جي دل ونڻ لاءِ سڄي عمر برهمچاري ٿي رهڻ جو پرڻ ڪيو هو، ۽ پوءِ چيائونس تہ پنهنجين پاڃاين سان ڪجهہ وقت گڏ رهي پٽر سنتان پيدا ڪر ۽ ائين ڪرڻ کان صفا انڪار ڪيائين، تہ ڪنهن بہ ڏوراپو ڪونہ ڏنس. هن مان ظاهر آهي تہ يهودين وانگر آريہ

لوڪ پنهنجين پاڃاڻ مان ٻار پيدا ڪرڻ لاءِ بدل ڪونہ هوندا هئا. هن وقت جي ڪري اهو "نيوگ" جو رواج "نَہ يوگ" (اجوگ) يعني نامناسب يا غير واجبي آهي. ايترو آهي تہ ڏير جو وهاڻُ هن وقت جيڪڏهن ڏنيل پاڃاڻيءَ سان ٿئي ٿو تہ وهاڻُ جا ساڻ سوڙ ڪن ٿا، ۽ هو جيستائين جيئرا آهن، تيستائين زال مڙس ٿي گڏ گذارين ٿا، پر اهڙا وهاڻ بہ بلڪل ٿورڙا ٿين ٿا.

ستي: ويدڪ زماني ۾ عام دستور هيءُ هوندو هو تہ وڏوائون مڙسن جي لاش سان گڏ پاڙ ڪي بہ لڪڙا ڏيئي جلائي پورو ڪندیون هيون. اهي "ستيون" سڏبيون هيون. اهو رواج ڪيئن پيو، سا ڳالهہ ڪٿي بہ ڄاڻايل ڪانهي. ڊاڪٽر ابناش چندر داس جي خيال موجب انهيءَ رسم جي مراد هيءَ هئي تہ مرڙ کان پوءِ بہ مردن جي گهرو سڪ لاءِ زالون ساڻن گڏ هجن. اهو سچ آهي تہ ڪن قديم لوڪن جا اهڙا خيال هوندا هئا. مثلاً قديم مصر ملڪ جا ماڻهو ائين وسهندا هئا تہ هر ڪنهن انسان کي مرڙ کانپوءِ ٻئي جهان ۾ بہ انهن شين جو ڪپ پوي ٿو، جي شيون هن جهان ۾ ڪم آڻيندو هو. انهيءَ سبب پراڻيءَ کي دفن ڪرڻ مهل مڙيا، ڪپڙا، بسترو ۽ ٻيو گهرو سامان بلڪ گاڏيون ۽ ٻيڙيون بہ ساڻس گڏ دفن ڪندا هئا! اڄ تائين هندن ۾ بہ دستور آهي تہ ڪو مرد مرندو آهي تہ ڪيس سوني مندي پائيندا آهن، ۽ ڪا زال مرندي آهي تہ هن کي نڪ ۾ نٿڙي يا ڪنن ۾ ڪو زيور پائيندا آهن تہ پلي تہ مڙيو مندي ساڻ هجيس، پر مصنف جي راءِ موجب ستي لڪڙيءَ جو رواج اهڙي خيال کان ڪونہ پيو ٿو ڏسجي. "ستي" لفظ خود ڄاڻائي ٿوتہ جيڪي ستياڻيون پتو رت ڏرم پالن ڪندیون هيون، ۽ پنهنجن مڙسن سان سچي پچي پريت هوندي هين، ۽ ڪانئن هڪڙو پل بہ پاسي ٿيڻ نہ چاهيندیون هيون، سي پتيءَ کان پوءِ پنهنجو جيئڻ جاڙ (آڪيارتو) سمجهي، ساڻس گڏ چڪيا تي چڙهنديون هيون، تہ مرڙ کانپوءِ بہ هڪٻئي سان گڏ هجون، ۽ اسان جي پريت هلندي اچي. مطلب تہ پتورت اِسترين جي پنهنجي پتيءَ سان ججهي پريت هئڻ سبب ستي لڪڙيءَ جو رواج وڏو. سندن اهڙن خيالن سبب اڄ تائين چوٽي آهي تہ:

پريت تو ائسي ڪيجئي، جئسي هندو ڪي جوءِ،
جيتي جي تو سنگ رهي، مئي پي ستي هوءِ.

يعني پريت تہ اهڙي ڪجي، جهڙي هندوءَ جي زال ڪري ٿي، جيئري تہ مڙس سان رهي ٿي، پر مڙس جي مرڻ ڪانپوءِ بہ ستي ٿئي ٿي. ٻيو هڪ سنڌي پهاڪو آهي تہ "ستي لکڻن کان موٽڻ (پاڻ نہ جلائڻ) ڪسي ڳالهہ ليکبي هئي، ۽ پوءِ اهڙيءَ زال جو مان نہ رهندو هو. مطلب تہ مانُ ٽيندو ئي انهن زالن جو هو، جي پنهنجي پتيءَ سان گڏ پاڻ کي بہ لکڙا ڏيئي پورو ڪندیون هيون. ستي لکڙيءَ جي رواج جو ذڪر اٿرو ويد جي منڊل ارڙهين (3، 1) ۾ آهي. اهو رواج رگ ويد واري زماني ۾ بہ هو، پر سيڪا وڌوا پاڻ کي ڪاڻ جلائيندي هئي. رگ ويد جي منڊل ڏهين، سُوڪت انين (اَشٽڪ ستين جي ڇهين اڌ پاءُ جي ورگ ٻئي) ۾ جيڪي لکيل آهي، تنهن جو ترجمو ڪن عالمن ڪيئن تہ ڪن ڪيئن ڪيو آهي. گهڻن عالمن ان جو ترجمو هيئن ڪيو آهي:

"اي ناري، اُٺ! تون انهيءَ جي پرسان اچي ليٽي آهين، جنهن جا پساهہ پورا ٿي ويا آهن. جيئرن جي دنيا ۾ آءُ. پنهنجي پتيءَ کان پري ٿيءُ، ۽ انهيءَ جي استري ٿيءُ، جو تنهنجو هٿ جهلي بينو آهي، ۽ توسان پرڀجڻ جي مرضي اٿس".

جيڪڏهن هيءُ ترجمو صحيح آهي تہ ڇئبو تہ جنهن مهل ڪا ستي پنهنجي مئل پتيءَ جي چڪيا وٺ پاڻ جلائڻ لاءِ وڃي ليٽندي هئي، تنهن مهل سندس ڪنارو ڏير يا ٻيو ڪو، جو ساٿس پرڀجڻ چاهيندو هو، سو هٿ ڪان وني اُتاري ايندو هئس. اهڙيءَ طرح هن ٿوري مضمون مان ستي لکڻيءَ توڙي وڌوا وواهہ جي رواج جا اُهجاڻ ملن ٿا. ايترو ڇئبو تہ ستي ٿيڻ جو رواج وڌيڪ عام هو. انگريزن جي صاحبيءَ جي اوائل واري وقت تائين بہ اهو رواج هلندو پئي آيو، پر پوءِ لارڊ وليم بينٽڪ جي ڏينهن ۾ برهمو سماج جي بنياد وجهندڙ راجا رام موهن راءُ جي سرجوشيءَ سان سرڪاري قاعدي پٽاندر بند ٿيو.

مُردن جو نيڪال: قديم زماني ۾ جڏهن ماڻهو اجا باهہ ٻارڻ جو هنر نہ سکيا هئا، تڏهن مُردن جي نيڪال لاءِ بہ طريقا اختيار ڪندا هئا: هڪڙو تہ مُردي کي ڪنهن ڪليل هنڌ رکندا هئا، تہ پلي تہ جهنگلي مرون ڪائي وڃنس، يا ڳجهين جو ڳاهہ

ٿئي. پارسي اڄ تائين ائين ڪن ٿا. پانئجي ٿو ته اهو رواج ڪجھ وقت آڳاٽن هندن ۾ به هو، جنهن بابت رگ وید جي منڈل انين، (51، 2) ۽ اٿرو وید جي منڈل ارڙهين، (2، 34) ۾ اشارو آهي. انهيءَ هوندي به رگ وید ۾ ڪي اهڙا منتر آهن، جن مان عالمن کي ائين وسهڻ لاءِ سبب ٿيو آهي ته انهيءَ قديم زماني ۾ هندن ۾ مردن پورڻ جو رواج وڌيڪ عام هو. منڈل ڏهين (18، 10 — 13) ۾ جاڻايل آهي ته مردي پورڻ مهل پراڻيءَ کي رشي چوندو هو ته "پنهنجيءَ ڌرتي ماتا ڏي وڃ، جا گھٽو پکڙيل ۽ فرحتي آهي، ۽ جا پشم جھڙي نرم آهي". اهو رشي پوءِ ڌرتيءَ کي چوندو هو ته "اي ڌرتي، تون هن جي مٿان وري وڃ، پر ڪيس پيڙجانءِ نه، سکيو رکجانس! تون ڪيس ائين ڏکج، جيئنماءُ پنهنجي ڪپڙي جي پلئه سان پنهنجي ٻار کي ڏکي ٿي!...پراڻيءَ جي مٿان جيڪا مٽي وجھجي ٿي، سا شل مٿان اُفونگري ٿي بيهي (پراڻي ٿي بوجو نه ٿئي)... اي پراڻي، مان تنهنجي چوڌاري مٽيءَ جو ڏڳ وجھان ٿو، ۽ تنهنجي مٿان پٿر رکان ٿو وغيره".

آڳاٽا هندو پوءِ باھ ٻارڻ جو هنر سکيا، ته مُردن سارڻ جو رواج عام ٿيو، پر ساڳئي وقت هيئن به ڪندا هئا، جو مردو ساڙي، پوءِ سنديس رک ۽ ٿورا هڏا ڪنهن ٿانءَ ۾ وجھي، ان جي مٿان ڏکڻ ڏيئي، پوءِ اهو ٿانءَ ڌرتيءَ ۾ پورينڊا هئا، جيئن آشولاين گريھ سوترن ۾ جاڻايل آهي. سنک پوري ان جي مٿان سماڌ جوڙڻ جو رواج اڄ تائين آهي. اڄ تائين هيءُ به دستور آهي ته ڪو مئل ڄمندو آهي، يا ڄمڻ ڪانپوءِ سگھو ئي مري ويندو آهي ته هندو ان جو اگني سنسڪار ڪونه ڪندا آهن، پر ڪيس پورينڊا آهن. انهن ڳالهين جوگريھ سوترن ۾ گھٽو ئي ذڪر آهي.

قديم زماني ۾ آڳاٽا آريه لوڪ پنهنجيءَ جان ۽ مال جي بچاءَ لاءِ تير ڪمان سدائين ساڻ ڪٽندا هئا. منجھانئن ڪو مرندو هو ته اول ڪمان سندس ڪلھن تان لاهي، ڪيس سنان ڪرائي، ڪوري ڪپڙي ۾ ويڙهي، پوءِ هن جي ڪائي ڪٽندا هئا. ڪائيءَ تي ڪنڊ جو رواج اڄ به آهي. اٿرو وید جي منڈل ارڙهين، (4، 31) ۾ جاڻايل آهي ته پراڻيءَ کي زيور پھرائيندا هئا، ته پرلوڪ ۾ ڪم اچنس. اڄ تائين

مئل مرد جي آڳر ۾ مندي ۽ مئل زال جي نڪ ۾ سوني نٿڙي، ۽ وقتي ڪنن ۾ ڳڻ پائيندا آهن، جيئن مٿي اڇي ئي چيو ويو آهي.

ڪيترا هندو ائين چوندا آهن ته مُردن پورڻ بدران مردن ساڙڻ جو رواج آڳاٽن هندن فقط حفظ صحت جي قاعدن جي مدِ نظر جاري ڪيو. هن موجب ائين چئبو ته حفظ صحت جي قاعدن جي سڌ رکڻ آڳاٽن هندن کي هئي، ۽ ٻيون قومون جڏ ته انهن قاعدن کان غير واقف هيون! حقيقتاً مردن سارڻ جو رواج آڳاٽن هندن هڪ ڏرمي خيال کان وڌو. اهو خيال يگيہ جي آگنيءَ مان آين. اگنيءَ ۾ آهوتي وجهجي ٿي، ته اها سموري سڙي پسم ٿي وڃي ٿي، ۽ اها رک ڏرتيءَ تي رهي ٿي، پر آهوتيءَ جو تت اگني مٿي آڪاس ۾ ديوتائن تائين پهچائي ٿي، جنهنڪري ديوتائون پرسن ٿين ٿا، ۽ يگيہ ڪندڙ تي سنديس آسيس ٿئي ٿي! ويدڪ ڏرم وارن آرين جا اگنيءَ بابت خيال اهي هئا. اهو ئي ساڍيو ڏرمي خيال موردن ساڙڻ جي رواج ۾ سمايل اهي. مئل ماڻهوءَ جو اگني سنسڪار ڪجي ٿو، ته ماس ۽ هڏا جلي وڃن ٿا، ۽ سڀ مدايون ۽ اوڙايون به هتي ڏرتيءَ تي ئي رهن ٿيون، باقي سندس تت يعني آتما، ديوتائن جهڙو جلوو ڏاري، پِترن واري وات وڃي، جم لوڪ ۾ وڃي وارد ٿئي ٿو، جتي سندس ابن ڏاڏن جون آتمائون به آهن (رگ وید، منڈل ڏهون، 4، 7). آڳاٽن هندن جا اهي خيال هئا، جي ٻين قومن جي ماڻهن جا نہ هئا، تنهنڪري ٻيون قومون اڄ تائين مردن پورڻ جو رواج هلائيندیون اچن. پارسي به جيتوڻيڪ آڳاٽن آرين وانگر اگني پوڄا ڪن ٿا، ته به هو اهو واجب نٿا سمجهن ته اگنيءَ جهڙي پوتر ديوتا ۾ مُردو وجهي، اَپوتر ڪجي، تنهنڪري هو مردن کي ڪليل ڇڏيو ڏين. سيڪنهن جا پنهنجا پنهنجا خيال آهن، ۽ اهڙن علحدن خيالن ئي جدا جدا رسمون جاري ڪرايون آهن.

جم ۽ جم پري: هن وقت هندو وسهن ٿا ته جڏهن ماڻهو مري ٿو، تڏهن جم جا دوست ڪيس جم پُريءَ ۾ وڃي ٿا، ۽ سندس ڪيل پاپن جي ڪري ڪيس ڪنيي نرڪ ۾ هڻن ٿا، پر جيڪڏهن چگّا ڪم ڪيل اٿس، ته ڪيس سرڳ جا سڪ ملن ٿا. نرڪ ۽ ان جي عذابن جو ذڪر اول اٿرو وید، (منڈل پهٿرين، 154، 5) ۽ ڪَٺ اُپنشد ۾ آهي. يجر وید جي پنڌيان جيڪو شتپٿ براهمڻ آهي، تنهن ۾

بہ نرڪ ۾ جونين جو ذڪر آهي، پر رگ ويد انهن سيني کان آڳاٽو آهي. انهيءَ آڳاٽي وقت جي هندن جا جم ۽ جم پريءَ بابت خيال ئي علحده هوندا هئا. هو يگيہ کي مڪتيءَ جو هڪ ساڌن ڪري سمجهندا هئا، جنهنڪري سڄي عمر يگين پنيان يگيہ ڪندا هئا. هو ائين وسهندا هئا تہ جي.ن يگيہ جي اگنيءَ ۾ جيڪا آهوتي وجهجي ٿي، تنهن ۾ اتفاق سان ڪو ڪڪ پن اچي وجي ٿو تہ اهو اتي ئي سڙي وجي ٿو، ۽ ديوتائن تائين رڳو آهوتيءَ جو تت پهچي ٿو، تيئن پرٿويءَ تي رهي، جيڪڏهن ماڻهو کي خطائون يا پاپ ڪري ٿو، تہ اهي بہ ڇڪ ڪڪ پن وانگر اگنيءَ ۾ جلي وڃن ٿا، ۽ رڳو سندس پوتر آتما جم پريءَ يا پتر لوڪ تائين پهچي ٿو. يگيہ جي اگني دڪائجي ٿي تہ پنيٺ ڪري عرشين وڃي لڳي ٿي، جنهنڪري اگني ڇڪ تہ ڌرتيءَ ۽ آسمان جي وچ ۾ هڪ پُل وانگر آهي، جنهن تان آتما لنگهي سرڳ ڏي وڃي ٿو، جتي سدائين جوت يا اُجالو آهي (رگ ويد، منڈل نائون، 113، 7). هن کي يم ديوتا جي بن پوري رنگ وارن ڪتن وٽان لنگهڻو پوي ٿو، جن کي چار چار اکيون آهن، تن ويڪرا اٽن ۽ بت تي پٽا اٽن. اهي "سرما" (Sarama) نالي ديوتائن جي هڪ ڪتيءَ جا ٻچا آهن، ۽ اهڪتا جم پريءَ تي پهرو ڏين ٿا. انهن ڪتن وٽان لنگهي هو جم پريءَ ۾ اندر گهڙيءَ ٿو. آڳاٽن رشين جا اهڙا خيال رگ ويد ۾ چٽيءَ ريت ظهار ٿيل آهن. انهن جون انگريزي نظم ۾ بہ ترجمو ٿيل آهي، جنهن مان ٿوريون سٽون هتي ڏجن ٿيون:

Thou, Agni, art our priest, divinely wise,

In holy science versed: they skill detects,

The faults that mar our rites, mistakes corrects,

And all our acts completes and sanctifies.

Thou art the cord that stretches to the skies.

The bridge that spans the chasm, profound and vast, Dividing Earth from Heaven, o'er which at last,

The good shall safely pass to Paradiese.

135 (Dr. J. Muir: Original Sanskrit Texts. Vol. I, p. 2217)

Gul Hayat Institute

رگ وید ۾ يم ديوتا کي نرڪ جو ديوتا نہ، پر سرڳ جو سوامي سڏيو اٿن، ۽ چٽيءَ ريت چيو اٿن تہ اتي اوندھ آھي ئي ڪاڻ پر سدائين اُجالو آھي (رگ وید، منڈل ڏھون. 113، 7 — 198). ائين بہ چيو اٿن تہ اسان جا ابا ڏاڏا جي گذاري ويا آھن، سي اتي يم ديوتا وٽن رھن ٿا، (منڈل ڏھون، 15، 14)، ۽ پرٿويءَ تي رھي، جيڪي چگا ڪم ڪيا اٿن، تن جو ڦل اتي آنند سان ماڻين ٿا (منڈل پھريون، 154، 5). مطلب تہ رگ وید ۾ جم پريءَ جو نقشو نهايت عمدو چٽيل آھي، ۽ ان کي سرڳ سڏيو اٿن. ائين بہ چيو اٿن تہ اوتي رھي، ماڻھو اَمر ٿئي ٿو، ۽ سنديس سيڪا ڪامنا پوري ٿئي ٿي (منڈل نائون، 113، 7-10). رگ وید ڪان پوءِ جي ساھتيہ ۾ جم پريءَ کي نرڪ ڪونيو اٿن، ۽ ان جا ڏھڪائيندڙ بيان ڪيا اٿن، جن گرڙ پراڻ ۾ بہ ڏنل اھن.

جوڙيون ۽ ڪرم: ڊاڪٽر سُنيتي ڪمار چٽرجي ۽ ٻين ڪن عالمن جو چوڻ آھي تہ رگ وید ۾ اھو ڪٿي بہ جاڙايل ڪونھي تہ ماڻھو پنھنجن ڪيل ڪرمن پٽاندر وري وري جوڙيون وڻي ٿو. انھيءَ سبب اھو انومان ڪڍيو اٿن تہ انھيءَ قديم زماني ۾ ماڻھن جو جوڙين ۾ اعتبار ھئو ئي ڪونہ، ۽ اھو عقيدو پوءِ دراوڙن وٽان پرايائون. ڊاڪٽر ابناش چندرداس ۽ ٻين ڪن عالمن جو چوڻ آھي تہ رگ وید ۾ مرڻ ۽ وري جنمڻ جو ذڪر آھي، ۽ اھو خيال آڳاٽن لوڪن شايد سچ ۽ چند مان پرايو. سچ ڏاڙي صبح جو جمي ٿو، منجھند جو جوانيءَ ۾ اچي ٿو ۽ سانجھيءَ جو گويا پويان پساھ ڪٽي مري وڃي ٿو، ۽ وري ئي ڏينھن نئون جنم وڻي ٿو. ساڳيءَ ريت چند بہ جمي، وڌي ۽ مري ٿو، ۽ وري نئين مھيني نئون جنم وڻي ٿو. سچ ۽ چند بابت اھي ڳالھيون رگ وید جي منڈل ڏھين (85، 15) ۾ جاڙايل آھن ساڳئي منڈل ڏھين (72، 8-9) ۾ آدتيءَ جي پٽ مارتند (سورج ديوتا) بابت چيل آھي تہ ھن کي وري جنمڻ ۽ مرڻو پوي ٿو. منڈل پھرين، (64، 32) ۾ جيڪي چيل آھي، تنھن مان اھو مطلب نڪري ٿو تہ ماڻھو جڏھن ماءُ جي پيٽ ۾ ئي آھي، تڏھن ئي جوڙين وھيڙو آھي. جيڪي واسنائون منجھس آھن، تن پٽاندر سنديس گت ٿئي ٿي، ۽ ڪرمن جو ڦل پوڳي ٿو. ائين جوڙين ۽ ڪرمن بابت

Gul Hayat Institute

اشارا رگ ويد ۾ ئي آهي، جنهنکري چئبو ته هن وقت هندن جا جيکي عقيدا انهن ڀَالهين بابت آهن، سي رگ ويد واري زماني ۾ به هئا.

---

* Moses said, "If a man die, having no children, his brother shall marry his wife, and raise up seed unto his brotherL St. Matheus, XXII, 24 ff.

* Deuteronomy, xxv-5-9.

* "The idea probably was that the dead man must have his wives accompanying him to the next world for providing him with home comforts". Dr. A.C. Das: Reg Vedic Culture, p. 256.

* Dr. A.C. Das: Reg Vedic Culture, p. 242.

Gul Hayat Institute

باب يارهون

مکيہ ڏنڈا، هنر ۽ ڪاريگريون

مکيہ ڏنڈا. سنڌو ماڻر جا رهاڪو اول رڳو ڏڻ ڏارياندا هئا، ۽ پوءِ ڪيتي ڪرڻ سکيا. انهن ۾ن مکيہ ڏنڈن ڪانپوءِ ٻيا هنر ۽ ڪاريگريون جاري ٿيون تہ ڪنهن ۾ ڪرت ڪار ڪرڻ کان ڪوبہ عار ڪونہ ڪندا هئا. هن ڳالهہ جو هڪ رشيءَ رگ وید جي منڈل نائين (112، 1-4) ۾ نهايت وڻندڙ نموني ۾ ذڪر ڪيو آهي:

هرهڪ انسان جي آهي ڏرت پنهنجي،
هرهڪ انسان جي آهي ڪرت پنهنجي،
لهر ڪي ڪا شيءِ ڪٽڻ لاءِ گهرجي،
ويچ ڪي ڪو بيمار چڱڻ لاءِ گهرجي،
پروهت کي سدا ڪو ججمان گهرجي،
وڻائئس ڪيس ڪجهہ دان گهرجي،
هرڪو دل وڻان ڪري واپار،
هي جي سون ۾ ٿئي پائيوار.

پوءِ پنهنجي ڳالهہ ڪئي اٿس تہ:

آئون رشي، بابو ويچ، امان پيهين اڻن،
ڪرت خاطر هرڪو ڏوڙي جنهن جو جنهن ۾ لڳي من.

(منڈل نائون، 112، 13).

رگ وید واري زماني ۾ ماڻهن جون گهرجون ٿوريون هونديون هيون، ۽ ڪنهن ۾ ڪرت ڪار ڪرڻ ۾ اهم ڪونہ ايندو هئن، تنهنڪري ڳوٺن مان گهرج جي هرڪا شي ملي سگهندي هئي. گهر گهر ۾ جنڊ ۽ ايٽ ۾ هوندا هئا، جي مصنف جي سانير ۾ وڏن خاندااني گهرن ۾ ۾ هوندا هئا. سنڌ جو پرڳڻو سڏي اُن جي ڪري مشهور هوندو هو (رگ وید منڈل ڏهون، 75، 8). رڍن ۽ گهيٽن جي اُن

ڪتري، اوني ڪپڑا ناهيندا هئا (منڊل ڏهون، 26، 6). گهر ۾ ڪتڻ جو ڪم زالون ڪنديون هيون. (منڊل ٻيو، 3، 6، 38، 4، ۽ منڊل پنجون، 47، 6).

رگ ويد واري زماني ۾ ڪي مائر پنهنجن ٻارن لاءِ ڪپڑو پاڻ اُٽنديون هيون، پر بازار ۾ ڪوري به هوندا هئا، جي اُٽڻ جو ڪم ڪندا هئا رگ ويد ۾ تاجي پيتيءَ ۾ پيٽ جي ڪلف جو ذڪر آهي. اهي ڪوري "وايَ" يعني اُٽندڙ سڏبا هئا (منڊل ڏهون، 71، 9). زالون پرت به پريندیون هيون. ان وقت رنگريز به هوندا هئا، جي ڪپڑا رنگيندا هئا. رگ ويد ۾ ...سؤچڪ" لفظ ڪم آيل آهي، جنهن جي اصل معنيٰ هئي "سوچي يا سئيءَ سان ڪم ڪندڙ". هاڻ اُن جو اُچار آهي "سوچيءَ، جي جتيون سبندا آهن، پر اهي جتين تي پرت به پريندا آهن. پوءِ عام طرح هيءُ رواج پيو ته جيڪي وڻش شودرياڻيون پرٽبا هئا، تن جو اولاد "سوچي" سڏجڻ ۾ آيو، ۽ جتيون سبڻ سندن پيشو ٿيو.

رگ ويد واري زماني ۾ ٻيا مڪيہ ڪاسبي وارا هوندا هئا، جي "توستر"(Tuastra) (منڊل ڏهون، 119، 5)، ۽ "تڪشت" (ڏکڻ) سڏبا هئا (منڊل نائون، 112، 1). اهي گهر ته جوڙيندا هئا، پر گهرن لاءِ سامان (صندل وغيره)، ۽ گهر جي ورتڻ جا باسڻ به ناهيندا هئا، جي "درون" (ڪاٺ جا ٿانءَ) سڏبا هئا (منڊل نائون 65، 6). اهي وارا رٿ يا گاڏيون، ٻيڙيون ۽ دنگيون به جوڙيندا هئا. رٿن جي مٿان ڏمڻ چمڙي جي ٺهيل هوندي هئي، پر جنگ ۾ ڪم اچڻ لا3 رٿن جي ڏمڻ ڪنهن ڏاتوءَ جي ٺهيل هوندي هئي، ته دشمن ٽوڙي نهس گهي. رواجي گاڏين ۾ گهوڙا ۽ ڍڳا ٻڌندا هئا. گاڏين ۽ رٿن جوڙيندڙن جو ججهو مان هوندو هو. جو گاڏيون اَن وغيره ڍوئڻ لاءِ ۽ رٿ جنگين مهل ۽ شرطن پڄائڻ لاءِ گهٽو ڪم ايندا هئا. وارن ڪان سوءِ لهار به هوندا هئا، جي "ڪرمار" سڏبا هئا (منڊل نائون، 112، 2، ۽ ڏهون، 72، 2). اُهي ڪوري تپائڻ مهل پڪين جا پَرَ وڇڻو ڪري ڪماڻيندا هئا. اهي گهرن ۾ ڪم اچڻ جون شيون، ڪيتيءَ لاءِ ڏاتا ۽ ٻيا اوزار ناهيندا هئا. جنگ لاءِ ياڻا، ڪهاڑا ۽ ٻيا هٿيار به جوڙيندا هئا. ڪهاڙن سان وڻ به وڍيندا هئا. اشوٿ، ڪدير، شامي وغيره وڻن جا نالا رگ ويد ۾ آهن. سونارا به هوندا هئا، جي ڪنگڻ،

ڪڙيون، ڪيوٽيون يا واليون وغيره ناهيندا هئا (منڊل انون، 47، 15، 78، 3). جڙوئا ۽ هوندا هئا، جي جڙت جڙيندا هئا. ڪي گلن جا هار ناهي وڪڻندا هئا، جي شوقين مرد ۽ زالون خريد ڪنديون هيون. ڪلن رڇائيندڙ ۽ هوندا هئا. ڪلن مان ڏيبيون، پاڻيءَ لاءِ اويون (سانداريون) ۽ شراب رکڻ لاءِ زڪون (سانداريون) ناهيندا هئا منڊل انون، 35، 3).

رگ ويد واري زماني ۾ ڪنيار ۽ هوندا هئا، جي نار لاءِ ڪنگريون، ۽ گهر ۾ ڪم اچڻ جا ٽڪر جا ٺانءَ (مٽ، دلا، ڪنا ۽ پاٽيون وغيره) ناهيندا هئا، جي جهٽ جهٽ پيا پڇندا هئا (منڊل ڏهون، 89، 7). حجامت لاءِ نائي ۽ هوندا هئا. سنسڪرت لفظ "ناپتي" جو اُچار سنڌيءَ ۾ آهي "نائي"، پر رگ ويد جي منڊل ڏهين (142، 4) ۾ "وپتا" لفظ ڪم آيل آهي، جنهن جي معنيٰ آهي "وار ڪترينڊڙ". اهي مردن جون ڏاڙهيون ڪوسي پاڻيءَ سان پڇائي پوءِ ڪوڙيندا هئا، (اٿرو ويد، منڊل ڇهون، 68، 6). سئس، پيلوان، رسيون ناهيندڙ، رنگريز ۽ بيا ڪاسبي ۽ هوندا هئا. ڪي ناچو ۽ هوندا هئا.

طبابت ۽ جراحت: سنڌو ماڻر جي رهاڪن مان ڪو بيمار پوندو هو ته دوا ستيءَ ڪرڻ لاءِ ويج يعني طبيب يا حڪيم ۽ هوندا هئا، جي "ڀيشڪ" (ڀشج)(Bhishai) سڏبا هئا (منڊل نائون، 112، 1، 3). ويڇن بابت، رگ ويد ۾ چرچي طور چيل آهي ته "ائين چاهيندا هئا ته ڪُونڻ ۾ شل ڪا بيماري منهن ڪڍي، ته اسان جي ڪمائي وڌي!" منجهانئن ڪي حاذق حڪيم ۽ هوندا هئا. اهڙي هڪ جراح حڪيم جو ذڪر ڪندي، هڪ رشيءَ چيو آهي ته "اي ويڇ، مان توکي گهوڙو، گانءِ ۽ ويس وڳا ته ڏيان، پر پنهنجي جند ۽ توتان قربان ڪريان" (منڊل ڏهون، 97). مطلب ته حاذق حڪيمن جو ماڻهو ڇهو قدر ڪندا هئا.

رگ ويد واري زماني ۾ هاڻوڪي وانگر لئبارٽريون يا تجربي خانا(Laboratories) ڪين هئا، ته ۽ انهيءَ قديم زماني جي ويڇن ڪي قسمين قسمين ٻوٽين جي خاصيتن جي سڌ هوندي هئي، جن مان ڊپ ۽ ڦڪيون ستيون جوڙيندا هئا. ان وقت پوڻن تي ۽ جبلن جي وَٽِ سان، جيڪي اڻ پڙهل رهندا هئا،

سي بہ ٻوٽيون سجاڻي سگھندا ھئا. ھڪ آسوريءَ کي ڪارو ٻوتو ڳولي لڌو، جو چٽيءَ ۾ ڪوڙھ لاءِ ڪم ايندو ھو (اٿرو ويد، 1، 24، 2). جن کي ٻوٽيون ڪپنديون ھيون، سي "ڪراٽ" (Kirata) نالي ھڪ جابلو قوم وارن جي نياڻين کان خريد ڪري ايندا ھئا. اھي ڇوڪريون جبلن جي مٿاھين ڇوٽين تي چڙھي، اتان ٻوٽيون کوٽي ڪڍي ايندڙيون ھيون، ۽ انھن جي عيوض ڪپڑا، تڏا، ٻاکريون کلون وغيره ونندڙيون ھيون (اٿرو ويد، منڊل ڇوٿون، 7، 6). رگ ويد جي منڊل ڏھين ۾ ھڪ سُوڪت (Hymn) سڄو ئي ٻوٽين جي ساک بنسبت آھي. ان ۾ ڪن ٻوٽين جا نالا ڄاڻايل آھن – جھڙوڪ اَشووتي، سوموتي، اُرجينتي ۽ اَدُوجَسَ. ڪن ٻوٽين جا نالا اھڙا آھن، جن جي معنيٰ ھن وقت ڪوبہ سمجھي نٿو سگھي: "پرشني پرني" (Prisni Parni) (Hermionities Cordifolia). نالي ھڪ ٻوٽي عام ھوندي ھئي. جنھن زال کي ڪچي ٻار پوڻ جو امڪان ھوندو ھو، تنھن لاءِ اھا مفيد سمجھي ويندي ھئي ششرت (1، 377، 7) ۾ بہ ڪچي ٻار پوڻ کي روڪڻ لاءِ اھو ئي علاج ڏسيل آھي. ٻوٽين جي خاصيتن جون ڳالھيون ڳڻي، رگ ويد ۾ ھڪ رشيءَ چيو آھي تہ "جيئن ڪو راجڪمار جڏ جي ميدان ۾ بيھي، دشمن کي ھٽائي ٿو، تيئن ھي ٻوٽيون بيمارين تي غالبپئي، انھن کي ڀڄائي ڇڏين ٿيون... اي ٻوٽيون! توھين جو پرٿويءَ تي ٽڙيون پکڙيون پييون آھيو، سي منھنجي ھيڏي ھڏ ۾ طاقت آڻيو. جيڪي توھان کي ڏرتيءَ مان کوٽي ڪڍن ٿا، سي شل توھان کي ڪو ضرر نہ رسائين! شل منھنجا پالیل پکي ۽ چوپايا بيمارين مان ڇٽن!" ھن منجھان ظاھر آھي تہ ان وقت جا ويڄ نہ رڳو ماڻھن، پر جانورن ۽ پکين جو بہ علاج ڪندا ھئا. ٻوٽين مان ٺھيل دوائن کان سواءِ اڃين ماکوڙين (اُپجھو ڪائن) جي مٽي (بَرنِ جي مٽي) بہ ڪيترن مرضن لاءِ دوا طور ڪم آڻيندا ھئا. اھا مٽي زھر لاءِ تریاق ڪري سمجھندا ھئا. ڪؤشڪ سوُتر (31، 26) ۾ ڄاڻايل آھي تہ ڪنھن ماڻھوءَ جي بدن مان زھر ڪڍڻو ھوندو ھئن تہ اھا مٽي زھر واري ھنڌ ٻڌندا ھئس، پاڻيءَ ۾ ملائي پيارينداھئس، ۽ انھيءَ مٽيءَ گڏيل پاڻيءَ سان گرڙيون بہ ڪرائينداھئس. اھا مٽي ڪوسي پاڻيءَ ۾ ملائي بت تي بہ ٽڪيندا ھئس. اٿرو ويد ۾ ڄاڻايل آھي تہ وھندڙ رت کي روڪڻ لاءِ بہ اھا مٽي ڪم ايندي

هئي. قاڑهي جو سگ کيتري (Heriditary) بيمارين ڇڻائڻ لاءِ ڪم ايندو هو (اٿرو ويد، منڊل ٽيون، 7، 1).

ڪنهن به مرض جي علاج ڪرڻ کان اڳي، مرض جي سڃاڻپ (Diagnosis)ضروري آهي. ويدڪ زماني ۾ ئي سنڌو ماڻر جا ويڇ مرضن کي پوريءَ ريت سڃاڻي سگهندا هئا. اها ڳالهه هن مان ظاهر آهي ته رگ ويد ۽ اٿرو ويد ۾ ڪيترن مرضن جا نالا ڄاڻايل آهن: مثلاً، "هرت" (Harita) يعني "يرقان" (Jaundice)، "ڪلاس" (Kilasa) يعني ڇٿي يا ڪوڑهه، "ڪاسڪا" (ڪنگهه) "پاما"(Herpes)، "هرديوت" (Hriddyota) يعني دل جي بيماري، "جايانيه"(Venereals) ۽ ٻيا. رگ ويد ۾ هڪ سوُڪت "تڪما" (تپ) بابت آهي: انهيءَ ۾ تپ جا سڀ قسم ۽ سلهه جا سڀ ارڪان نهايت ڇٽيءَ ريت ڄاڻايل آهن. مرضن کي پوريءَ ريت سڃاڻڻ ۽ انهن لاءِ پورو پورو علاج ڪرڻ جنهن کي ايندو هو، سو ئي "وئديه" سڏبو هو. "وئديه" (ويڇ) لفظ جي بنيادي معنيٰ ئي آهي "ڄاڻو"، (ڏاتو: "ود" Vid معنيٰ "ڄاڻڻ"). انگريزي لفظ "ڊاڪٽر" ۽ عربي لفظ "حڪيم" جي به اصل معنيٰ آهي "ڏاهو". حڪمت معنيٰ ڏاهپ. عيسوي سن کان سوا ٽي سو ڪن ورهيه اڳي، سڪندر اعظم جي وقت ۾ به سنڌ جا حڪيم هاڪارا هوندا هئا، جنهنڪري يوناني تاريخ نويسن سندين گهڻي ساک ڪئي آهي. مطلب ته قديم زماني کان وٺي سنڌي ماڻهو طبابت ۾ پڙ هوندا هئا. مصنف جي ڏسندي، سن 1886ع تائين حيدرآباد جهڙي شهر ۾ هڪ به ڊاڪٽر مس هوندو هو، نه ته رڳو ويڇ ۽ طبيب هوندا هئا، جي اڄ به گهڻي ئي آهن. ٻهرآرين ۾ ماڻهو ڊاڪٽر جي دوا اڪثر ڪونه ڪندا. کهڙي به بيماري ٿئين، ته ڪنهن ڏاهي يا ڏاهيءَ کان وڃي ڏس پڇن، ۽ انهيءَ ڏس پٽاندر علاج ڪن. ننڍڙن ٻارن کي ڪا بيماري ٿيندي هئي ته سندين مائر يا ڏاڏيون علاج ڪنديون هيون. اڄه به ڪيتريون ٻڍڙيون پنهنجن ٻارن جو علاج پاڻ ڪنديون آهن.

آڳاٽن لوڪن کي انگ وديا يا علم تشريح (Anatomy) جي به سڌ هئي. قديم زماني ۾ "پرش ميڌ" يعني ماڻهن جي قرباني جو يگيه (Human Sacrifice) ۽ "اشو ميڌ" يعني گهوڙن جي قرباني جو يگيه (Horse Sacrifice) عام طرح ٿيندو هو، ۽ ٻيا

جانور ۾ ٻل چاڙهيندا هئا. يگيه ڪرائيندڙ رشي هرهڪ ساهواري جي بت جا پاڻا باترتيب ودي. هرهڪ پاڻو اگنيءَ (باهه) ۾ اُڇليندو ويندو هو. انهن يگين منجهان ئي انگ وديا جي پروڙ پين. انهيءَ زماني ۾ مڇي ماس کائڻ جو رواج ۾ عام هو، تنهنڪري ڪاسائي ۾ هوندا هئا. جيئن هن وقت ڪاساين کي پنهنجي ڏنڏي ڪندي ٻڪرين، رڍن وغيره جي بت جي بناوت جي سڌ پئجي ويئي آهي، جنهنڪري انهن جو هرهڪ پاڻو باترتيب وڌين ٿا، تيئن آڳاٽن لوڪن کي نه رڳو ٻڪرين، رڍن ۽ ٻين ساهوارن، بلڪ انسانن جي بت جي بناوت جي ۾ پوري پروڙ پئجي ويئي، جنهنڪري انگ وديا ۾ پڙ هوندا هئا، پر ساڳئي وقت منتر ۾ ڪم آڻيندا هئا (اٿرو ويد، منڈل پهريون، 17).

رگ ويد ۾ اهڙا ۾ اشارا آهن، جن مان ظاهر آهي ته ڪنهن جو ڪو عضوو خراب ٿي پوندو هو ته اهو پوريءَ ريت ڪپي، ان جي عيوض ڪو جڙتو عضوو وجهندا هئس. "وشپلا" نالي هڪ برجستي اِستريءَ جي جنگهه لڙائيءَ ۾ وڍجي ويئي، ته اشوني ڪمار ديوتائن لوهه جي ٽنگ ناهي وڌيس (منڈل پهريون، 112، 10). هن مان ائين سمجهجي ٿو ته ان وت جا ويڄ جيڪڏهن ڪنهن کي ڇٽائيندا هئا، ته اها هام ڪانه هٽندا هئا ته اسين بيمارين کي ڇٽايون ٿا، پر چوندا هئا ته اها ديوتائن جي ڪرپا آهي. اشوني ڪمار ديوتائن کي ٻين ديوتائن جو طبيب ڪوٺيو اٿن، تنهنڪري پنهنجي ساراهه ڪرڻ بدران انهن کي ساراهيو اٿن. اهڙا مثال ٻيا ۾ آهن. رجراشوَ نالي هڪ شخص رڍن چاريندي هڪ سؤ رڍون بگهڙن ۽ بگهاڙين کان ڪارائي آيو، ته پٺس کي اهڙي ڇڇڙ وڃي ويئي، جو ٻئي اکيون ڪڍي ورتائينس، پر اشوني ڪمار ديوتائن وري اکيون وڌيس، ۽ ڏسڻ وائسڻ لڳو نالي هڪ شخص انڌو ۽ منڊو هو، ته (Paravaj) (منڈل پهريون، 116، 16). پراواج گهوشا نالي .)اشوني ڪمار ديوتائن کيس سڄو ڪيو (منڈل پهريون، 112 1، 8 هڪ استريءَ جو سڄو بت روڳ ۾ ورڇي ويو، ۽ سندس ڇٽڻ جو ڪوبه آسرو ڪونه هو، تنهنڪري مڱڻ پرڻجڻ کان رهت ٿي پيئي هئي، پر پوءِ ديوتائن جي ڪرپا سان مرض ڇٽي ويس ۽ پرڻي. هي ڳالهيون ڏيکارين ٿيون ته سنڌو ماڙ ۾ حاذق حليم ئي قابل جراح هوندا هئا. قديم هندن جا اوزار به اهڙا تکا هوندا هئا،

جو وار کي لنبائيءَ مان وڌي ٻه اڏ ڪري سگھندا ھئا. ڪشتا ٻه اھڙا ناھي سگھندا ھئا، جو پوڙھي کي جوان ڪري ڇڏيندا ھئا.

شيوَن (Cyavana) رشيءَ جي نالي ڄاڻايل آھي ته ھو بنھ جھور ٿي ويو ھو، پر پوءِ نئين جواني مليس، ۽ ڪيتريون ڪماريون پرٽيون (منڊل پھريون، 116، 10). اڄ ٻه اسان جا ويڄ ۽ حڪيم ڪشتن جوڙڻ ۾ ڇڙ آھن، پر کي نيم طبيب ٻه اھن، جي بيمارين کي يا ڇاڙھين يا مارين، يا عمر لاءِ ڪارين.

جھاڙون جھپون ۽ ٽوڙا ڦيٽا: آڳاٽا لوڪ بيمارين لاءِ علاج ته ڪندا ھئا، پر وقتي ڪنھن کي ڪا بلا يا نانگ چڪ پائيندو ھو، يا وڇون ڏنگيندو ھو، ته جھاڙون جھپون ٻه وجھائيندا ھئا (رگ وید، منڈل پھرين 191). ڪنھن کي ڪا اھڙي بيماري ھوندي ھئي، جا سندس مائٽن کي ٻه ھوندي ھئي، ته جون جو ڪڪ ھن جي مٽان لوڏي منتر پڙھندا ھئا ته اھا موروثي بيماري وڃي، ۽ سندس اولاد سنديس اَڏَ نه ڇڪي (اٿرو وید، منڈل ٻيو، 8، 3). جلندر جي بيماريءَ لاءِ بيمار ماڻھوءَ کي جل پڙھي پياريندا ھئا، ۽ مٽان ڇڻڪاريندا ھئا ته پيٽ وارو پاڻي نڪري وڃيس (اٿرو وید منڈل ڇھون، 24). تپ واري ماڻھوءَ جي ڪٽ جي پائي سان ڏيڏر ٻڌي منتر اُچاريندا ھئا ته ٽڏو ڏيڏر تپ جي گرمي ڇڪي ونڻي (اٿرو وید، منڈل ستون، 11، 6). رگ وید واري زماني ۾ ئي ماڻھو عام طرح ائين وسھندا ھئا ته جن پوت آھن، جن جو جيڪڏھن پاڇو گرب واريءَ زال تي پوندو ته ڪُھائي ٽيندیس يعني ڪچو ٻار پوندس، يا مئل ٻار ڄمندس، جنھنڪري وقتي اھڙو زھر چڑھي ويندس، جو پاڻ ٻه مري ويندي. جنن پوتن جي اھڙن بداثرن ٽارڻ لاءِ ويدن جا ڪي منتر اُچاريندا ھئا، جي رگ وید ۾ ڏنل آھن. اٿرو وید ۾ ته اھڙا منتر ھيڪاري گھٽا آھن. ڪنھن زال کي گرب نه بيھندو ھو، ته ان لاءِ ٻه منتر اُچاريندا ھئا. بدن مان ھر قسم جي پيڙا نڪري وڃي، تنھن لاءِ ٻه کي منتر اُچاريندا ھئا (منڈل ڏھون، 63). کي بَليون چاڙھيندا ھئا، ٽوڙا ڦيٽا ڪندا ھئا (منڈل ڏھون، 161). ڪا زال چاھيندي ھئي ته مرس جو پيار مون تي وڌي، ته

انهيءَ لاءِ به منتر اُچارينداهئا (منڊل ڏهون، 159). مطلب ته بَک ڪيڻ، جهاڙن وجهائڻ، ٽوٽڻ ڦيٽڻ ڪرڻ ۽ تعويذن ٻڌڻ جو رواج جو اڄ ڪالهه عام آهي، تنهن جو ٻج رگ ويد واري زماني ۾ ئي پڻيل هو. هن وقت ڪنهن درد دفع ڪرڻ يا ڪنهن گرهه چار جي اثر ٽارڻ لاءِ ٻوا ۽ ٻانيڻ ماڻهن کي جل پڙهي پياريندا آهن، تنهن رواج جو ذکر به منڊل ڏهين (137) ۾ آهي. ڪو منتر پڙهي جل ۾ ڦوڪ ڏيندا هئا، ته جل ۾ گويا بجليءَ جهڙو اثر ٿيندو هو، ۽ اهو جل بيمار کي پياريندا هئا، ته پڙهيل پاڻي سنديس پيڙا کڏي ڇڏي. منتر پڙهي بوچڻ چنديندا آهن، سو گويا پيڙا چندي پاسي ڪندا آهن. رگ ويد ۾ لڳ لڳ مان بلڪ روم روم مان پيڙا ڪيڻ لاءِ منتر آهن. ڪن عالمن جو چوڻ آهي ته پرم ۽ سنسا اصل دراوڙن ۾ هئا، جن جو پوءِ آرين تي به اثر ٿيو

جنگي سپاهه: رگ ويد واري زماني ۾ ڪن جوانن جو ڏنڏو ئي هو جنگين ۾ لڙڻ. رشين ۽ براهمڻن جو گهڻو ڏيان ڏرمي ڳالهين ڏي هوندو هو، ته به هٿيارن هلائڻ ۾ پڙ هوندا هئا. ڪا وڏي جنگ لڳندي هئي ته جنگي سپاهه جي پڻيان جڏ جي ميدان ۾ ويندا هئا، ۽ دشمنن سان مڙسيءَ سان لڙندا هئا (رگ ويد، منڊل ستون، 33). رشي، براهمڻ توڙي ٻيا جنگي جوان جڏ جي ميدان ۾ سوم رس جو ڇڪو چاڙهيندا هئا، ۽ انهيءَ خنڪيءَ وچان سر جو ڪوبه سانگو نه ڪري، مڙسان مڙسيءَ لڙندا هئا، ۽ ٽپ ٽپ تي اندر ديوتا جو نالو اُچارينداهئا. رگ ويد واري اوائلي زماني ۾ اندر مهراج نه رڳو برسات جي ديوتا، پر جڏ جي ديوتا (War-god) به ليکبو هو. اندر جا پوجاري ڪيس سوم رس جو پوڳ لڳائيندا هئا، ۽ اگنيءَ (باهه) ۾ مينهن ۽ ڏڳن جي چربي وجهندا هئا، ته اندر ديوتا پرسن ٿي پنهنجن پوجارين کي جنگين ۾ سوياروڪري (رگ ويد، منڊل ڇهون، 3، 5، ۽ منڊل ڏهون، 160، 3). آسمان ۾ جڏهن ڪارا ڪڪر مڙي ايندا هئا، پر برسات نه پوندي هئي، تڏهن ائين وسهندا هئا ته آسمان ۾ ڪي دئت آهن، جي برسات جي پاڻيءَ کي پنهنجن قلعن ۾ قابو ڪري وينا آهن. انهن دئتن سان پڄڻ جوڳو هڪڙو ئي اندر ديوتا سمجهندا هئا، پر اندر ديوتا خنڪيءَ سان تڏهن دئتن سان لڙي سگهندو، جڏهن سوم رس جو چُڪو چاڙهيندو. اندر ديوتا کي سوم رس

جي جي يوڳ لڳائڻ جي مڪيہ مراد ئي اها هوندي هئي. هو وسهندا هئا تہ سوم رس جي يوڳ لڳائڻ ڪري اندر ديوتا ايتري قدر بود ۾ اچي ٿو، جو ورتر ۽ ٻين ديوتائن جا قلعا ٻہ ٽوڙي ڇڏي ٿو، جنهنڪري دشمنن جي قلعن ۾ اندر قابو ٿيل برسات جو پاڻي پوک لاءِ ملي ٿو. انهيءَ سبب اندر ديوتا کي "پُرينڊر" يعني قلعا ناس ڪندڙ ٻہ سڏيو اٿن. اهڙن عقيدن ڪري پاڻ ٻہ جنگ تي چڙهڻ کان اڳ سوم رس جو چڪو چاڙهيندا هئا، تہ همت سان لڙي دشمنن جا قلعا ٻہ ٽوڙي ڇڏجن.

جنگين لاءِ سبب ۽ سپاهين جا ساج (Accoutrements): رگ ويد واري زماني ۾ ڪي جنگيون ۽ چٽاپيٽيون خاص هن سبب لڳنديون هيون، تہ ڏاڙيل جيڪو مال ڪاهي ويا هجن، سو ڪانئن موٽي هڻ ڪجي، يا دشمنن جو چوپايو مال بلڪ سندين زالون هڻ ڪجن (رگ ويد، منڈل نائون، 67، 10-12). وقتي پوک جي پاڻي4 تان تڪرار ٿيندا هئا (رگ ويد منڈل ڇهون، 25، 4)، تہ جنگي جوڌا مخالف ڌر جي پنيان جوش منجهان ڪاهي پوندا هئا (رگ ويد، منڈل ستون 84، 7). جڏ مهل سورهيہ سپاهي پنهنجا جهنڊا ڪڙا ڪندا هئا (رگ ويد، منڈل ڏهون، 103، 1). جنگ شروع ڪرڻ مهل پيريون يا نغارا وڄائيندا هئا تہ پريان ئي سڏ پوندي هئي تہ هاڻ جنگ لڳي ٿي. جنهن وقت ڏوم مان ڏمالون وڄنديون هيون، تنهن وقت مانجهي مڙس شور مچائي، تڪا تير ڪڍي، جڏ جي ميدان ۾ ڪاهي پوندا هئا، ۽ سندن سور پرانهن پَٽن ۾ پڙاڏا پيو ڪندو هو (رگ ويد، منڈل پنجون، 54، 13). اوڏيءَ مهل سارٿي (رٿ ڪاهيندڙ) پنهنجا رٿ تڪڙا تڪڙا ڪاهي، ناهموار پَٽن تان ٻہ ائين تڪا ويندا هئا، جيئن ندين جو پاڻي ڪنهن وڏي لاهہ تان لهي، تڪڙو تڪڙو وهندو آهي، پنهنجن گهوڙن جون واڳون ٻنهي هٿن ۾ قابو جهلي، دشمنن تي ائين وڃي پوندا هئا، جيئن باز ڪنهن شڪار کي وڃي جهٽ هڻندو آهي (رگ ويد، منڈل ڇهون، 46، 13-14). گهٽن سوارن جا گهوڙا هڪارون ڏيندا. هڪڙي ئي وقت تڪرا ڊوڙندا هئا تہ گهٽي لَٽ اُٽندي هئي. ڪن جنگي جوڌن کي ڪلهن تي پالا هوندا هئا، ۽ جيڪي زيور پيل هوندا هئا، تن جو چمڪو پريان پيو پسبو هو (رگ ويد، منڈل پهريون، 64، 6). ڪيترن جوانن کي پيرن ۾ ڪڙيون پيل هونديون هيون. ڪن جون سونيون زنجيرون چاتيءَ تي پييون

لٽڪنديون هيون (رگ ويد، منڈل پنجون 54، 10). بانهن ۾ پٽا ٻڌل هوندا هئن (منڈل پهريون 64، 10) ڪن کي زرهه پيل هوندا هئا، ۽ ڪمانون ڪلهن تي پيل هوندیون هين. سندن گهوڙن ۽ گهوڙين کي موتين جون ڪنڌيون پيل هوندیون هيون (رگ ويد، منڈل 77، 18، 22-23). جنگي سپاهين مان کي هاٿين، گهوڙن ۽ رٿن تي سوار هوندا هئا، ته کي پيادا هوندا هئا. تيرن رکڻ لاءِ تيرڪش يا ٻٽيون هوندیون هين.[*]

قديم يوناني لوڪ تير ڪمانن ۾ وجهي، ڇاتيءَ تائين ڇڪي، پوءِ چوڙيندا هئا. اسان جي سنڌو ماڻر جا جنگي جوڌا تير ڪمانن ۾ وجهي، ڪنن تائين ڇڪي، پوءِ چوڙيندا هئا.
دوبدو لڙڻ مهل ڪهاڙا، نيزا ۽ ترسولن جي نموني جڙيل هٿيار ڪم آڻيندا هئا. ڪنهن جڏ ۾ سوپارا ٽيندا هئا ته پيريون يا نغارا زور سان وڄائيندا هئا، ۽ بلند آواز سان جئي جئيڪار منائيندا هئا.

---

[*] اهو رواج يورپ ۾ به هو. انگريزي لفظ "سپنسٽر" (Spinister) معنيٰ "ڪنڌاري"، پر بنيادي معنيٰ اٿس "ڪاپائتي يا ڪٽڻ واري". هيءُ لفظ ڄاڻائي ٿو ته يورپ ۾ ڪنڌاريون چوڪريون ڪٽڻ جو ڪم ڪنديون هيون. انگريزي لفظ "بئچيلر" (Bachelor) معنيٰ ڪنڌارو. ان جو ڏاتو يا بنياد ڪن کهڙو ته ڪن کهڙو ڄاڻايو آهي؛ پر عام طرح چون ته لٽڻ ٻوليءَ ۾ "بئڪا" Bacca (Vacca) معنيٰ "گانءِ". اڄڪي ڪنڌارين تي گاين چارڻ جو ڪم رکيل هو، تنهنڪري اهو لفظ عام ٿيو. اهڙيءَ طرح ڪن لفظن جي بنيادن مان به ماڻهن جي اڄڪين ڏنڏن ڏاڑين جي سڌ پوي ٿي. — مصنف.

[*] سنڌ ۾ پڪالو يا ساندارا اڄ تائين عام طرح ڪم اچن ٿا. ٽر ۾ مسافريءَ ڪرڻ مهل پاڻيءَ جون اويون پري پاڻ سان کڻن ٿا. انهن ۾ پاڻي ڇگو ٺري ٿو. ڪوهستان ۾ پاڻيءَ پرڻ لاءِ اوئي عام طرح ڪم اچي ٿي. اوئيءَ رنگڻ لاءِ فقط ٻير جي ڇوڏي وجهن ٿا. بعضي ڪانهيريءَ جو ڇوڏو به ڪم آڻين ٿا. جيڪڏهن اوئيءَ ۾ ڪير وجهڻو هوندو اٿن، ته ساڄيءَ ڪل ۾ ٻيرولي ۽ ڏاڑهونءَ جي ڪل وجهن ته رڇي نرم ٿيو پوي، ۽ رنگ به بدلجي هيبو ٿيو پويس. جيڪڏهن انهيءَ ساڄيءَ ڪل کي گيهه وجهڻ لاءِ ڪم آڻڻو هوندو اٿن، ته منجهس مينديءَ جا پن ۽ ڪور جا وڻ جو ڇوڏو وجهندا آهن. وڌيڪ سڻي ۽ خوشبودار اوئي بنائڻ لاءِ ڪجور ڪاڑهي، ان جي رس وجهي، ڇڇ ڏينهن رکي ڇڏين، ۽ پوءِ اوئي صاف ڪري، گيهه وجهڻ لاءِ ڪم آڻين. اها "زڪ" سڏجي ٿي. اڄڪي به شايد ائين ڪندا هئا. — مصنف.

* "The surgical instruments of the Hindus were sufficiently sharp, indeed, as to be capable of dividing a hair longitudinally." Mrs. Manning: Ancient and Mediaeval India, Vol. II. P. 346.

* "The main object of the Soma sacrifice was to strengthen Indra in his fight with Vrtra, and bring down timely rains from the reluctant clouds for helping agricultural work." Dr. A.C. Das: Reg Vedic Culture, p. 508.

Gul Hayat Institute

باب ٻارهون

وڻج واپار ۽ ڏيساورن ۾ بينڪون

قديم سنڌ جا واپاري: رگ وید ۾ ڪيترن هنڌ "پڻي" لفظ ڪم آيل آهي، جنهن جي معنيٰ آهي "وڻجارو" (وڻج ڪندڙ يا "واپاري"). انهيءَ لفظ جو ڏاتو يا بنياد آهي "پڻ" معنيٰ "سودو ڪرڻ، ڳنهڻ" وغيره. هو بنهه پڪائيءَ سان جنسن جي خريد و فروخت ڪندا هئا، سودي ۾ للي چپي يا مروت ڪندا ئي ڪانه هئا، ۽ رڳو پنهنجي سُود يا نفعي جي ڳالهه ڳڻيندا هئا. انهيءَ سبب هو رگ وید جي منڈل ڇهين، سُوڪت 51، رچا 14، ۾ "بگهڙن وانگر هيڇي"، ۽ منڈل ڇهين جي سُوڪت 161 جي رچا پهرينءَ ۾ "خود مطلبي" سڏيا ويا آهن.

اهي "پڻي" (واپاري) اصل آريه هئا يا دراوڙ، يا ڪٽي فرض ڪجي تہ اصل دراوڙ هئا، ۽ پوءِ آرين سان مٽي مائٽي ڳنڍڻ ڪري "آريه" سڏجڻ ۾ آيا، تہ به هنن ڄجهو ڏيان لهڻو، جو سنڌو ماڻر جا اوائلي واپاري اهي هئا. رگ وید ۾ اهي "پڻي" لوڪ "وڻڪ" به سڏيا ويا آهن. ڊاڪٽر ابناش چندر داس ڄاڻايو آهي تہ پوءِ جي سنسڪرت ڪوششن (لغتن يا ڊڪشنرين) ۾ جهڙوڪ "راج نر گهنت"(Raja-Narghanta) ۾ "نڪ" ۽ "پڻڪ" ساڳيا ئي لفظ ڪري ڄاڻايل آهن. رگ وید ۾ ڄاڻايل انهن پڻي لوڪن مان پوءِ ڪي ڏکڻ هندستان ڏي لڏي ويا، ۽ منجهائن جيڪي هميشه لاءِ سنڌو ماڻر ۾ رهيا، سي ويدڪ آرين جي پنگت ۾ داخل ٿي ويا، ۽ اهي پوءِ "وئشن" جي دفعي ۾ ليکجڻ ۾ آيا. * هن مان ظاهر آهي تہ رگ وید واري زماني جا پڻي يا "پڻڪ" ۽ "وڻڪ" اهي آهن، جي هن وقت "واڻيا" (وڻج ڪندڙ) ۽ پائيبند سڏجن ٿا، ۽ اڄ تائين "وئشن" جي دفعي ۾ ليکجن ٿا.

سنڌ ۾ هن وقت هندن جا به مکيه پکا آهن: هڪڙا عامل، ۽ ٻيا پائيبند. سچ پچ تہ هاڻوڪن عالمن مان ڪي اصل پائيبند هئا، ۽ پوءِ عاملن ۾ گڏجي ويا. هيئن به اهي تہ ڪي عالم ۽ خدا آبادي پائيبند ساڳئي هڪڙي ڏاڏي جو اولاد آهن، پر

منجهانئن جن کلهوڙن ۾ ميرن وٽ نوڪري ڪئي، سي "عامل" سڏجڻ ۾ آيا، ۽ جن پنهنجن ابن ڏاڏن واري وڻج واپار جي ڪرت سانده ڪئي، سي پائيبند ڪونجڻ ۾ آيا. چند عاملن مان رڳو ڪي ٿورا ڪتري آهن، نه ته گهڻا وڻش آهن، پر بنهجي جون ڪراچيءَ جي سينين، ۽ حيدرآباد جي مڪين ۽ بين خدا آباد پائيبندن سان مٽيون مائٽيون آهن. انهيءَ ويجهيءَ عزارت ڪري، عامل کين "پائيبند" يعني "پائي" (پاءُ)، ۽ "بندو" (مائٽ) سڏڻ لڳا، ۽ اهو سنو ۽ منو نالو اڄ تائين هليو اچي. پائيبندن مان هاڻي ڪي نوڪريون ڪن ٿا، نه ته سندن مکيه ڏندو آهي وڻج واپار، انهن واپارين جو آڳاٽو ۾ آڳاٽو احوال رگ وید مان ملي ٿو، جو مختصر طرح هن ريت آهي:

سنڌو ماٿر (پنجاب ۽ سنڌ) جي ڳوٺن ۾ ماڻهن جي ڪابي ڪان وڏيڪ جيڪو اَن، ڪپڑو وغيره هوندو هو، سو اهي "پٽي" (واپاري) بين هنڌ وڪڻڻ ويندا هئا. بانهن جو واپار بہ ڪندا هئا. همالیہ جبل ڏي سوم ٻوٽي جڏهي انداز ۾ پيدا ٿيندي هئي، ۽ ان جو ڪاپو گهڻو هوندو هو، ۽ چگي اڳهہ ۾ وڪامندي هئي، تنهنڪري انهيءَ ٻوٽيءَ جو بہ وڻج ڪندا هئا. سيني جنسن جو واپار ڪي خشڪيءَ تہ ڪي درياهہ يا سمنڊ جي رستي ٿيندو هو.

خشڪيءَ جي رستي واپار ڪرڻ لاءِ واپاري قافلا ناهي ويندا هئا. پنهنجو وڪر گهوڙن، ڏاندن، اُنن، ۽ گڏهن تي لڏي، پرانهن هنڌن ڏي ويندا هئا. انهيءَ زماني ۾ بہ چور ۽ رهزن هوندا هئا. واپاري پنهنجيءَ جان ۽ مال جي بچاءَ لاءِ ڪهڙا جتن ڪندا هئا، سا ڳالهہ رگ وید ۾ ڄاڻايل ڪانهي، باقي پوءِ جي ساهت مان پتو پوي ٿو تہ پنهنجا "جينڪ" (وڏيرا يا مکي) هوندا هئن، جن تي سندين جان ۽ مال جي بچاءَ جو بار هوندو هو، ۽ اهي پنهنجا بورائو ۽ سپاهي ساڻ ڪڍندا هئا. اهي ويدڪ زماني ڪانپوءِ جون ڳالهيون پوءِ ڄاڻائيبون، هتي رڳو ايترو ڄاڻائجي ٿو تہ رگ وید واري زماني ۾ قداور ڪتا ساڻ هوندا هئن، جن جي ويجهو اڇڻ جي ڪنهن چور يا رهزن کي جرئت ڪانہ ٿيندي هئي. اهي واپاري ڪهڙن ملڪن ڏي ويندا هئا، سا ڳالهہ رگ وید جي ڪنهن بہ منڊل ۾ ڪليءَ ريت ڄاڻايل ڪانهي.

سنڌ ۾ پنجاب ۾ ندين هئڻ سبب قديم زماني ۾ ئي اسانجن ماڻهن ٻيڙين ۾ دنگين جوڙڻ جي ضرورت محسوس ڪئي. پراڻن پٽاندر سڃي ڄمون دويپ جي چوڏاري سمنڊ هو، ۽ رگ ويد موجب "سپت سنڌوءَ" جي چوڏاري چار سمنڊ هئا، جنهنڪري جهازن جوڙڻ جو هنر ۽ جهاز راڻيءَ جو فن به انهيءَ قديم زماني ۾ هون.درياهه جي رستي مال آڻڻ ۽ ٻاهر موڪلڻ جو رواج انهيءَ آڳاڻي زماني کان وني ويندي انگريزن جي صاحبيءَ جي اوائل تائين عام هو. سن 1858ع ۾ ڪراچيءَ کان وني ڪوٽڙيءَ تائين ريل جي رستي جڙڻ جو آرنپ ٽيو، تنهن کانپوءِ اها آمدرفت گهٽي، پر صفا بند ڪين ٿي وئي. اڄ تائين روهڙي، سکر ۽ ٻين هنڌن جا واپاري پنهنجو مال درياهه جي رستي آڻيندا ۽ نيندا آهن.

قديم زماني ۾ خريد فروخت روڪڙن پئسن تي ڪانه ڪندا هئا. جنسن جي اڪثر مٽا سٽا ڪندا هئا. هڪڙي جنس جي عيوض ٻي ڪا جنس، يا گايون، مينهون ۽ ٻيو چوپايو مال، پر خاص ڪري گايون ونندا هئا (رگ ويد، منڈل چوٿون، 24، 10). اهو مٽا سٽا جو دستور مصنف جي سانپر ۾ به حيدرآباد جهڙي شهر ۾ ٽام هو. اَن داڻا ڏيئي پساريءَ کان مصالحا ونندا هئا. ساڳيءَ طرح ڪي ڪوڏيون به ڏيندا هئا. اڄ به واهڻ ۽ وسين ۾ هاري ناري اَن ڏيئي دڪاندار کان ڪپڙو وغيره ونيو اڇن. هن قديم زماني جي رواج جون نشانيون آهن.

آڳاڻي وقت ئي ماڻهو نهايت پڪائيءَ سان سودو ڪندا هئا. رگ ويد ۾ جاڻايل آهي ته جنسن جي خريد و فروخت مهل ماڻهو ريڑهه پيڑهه ڪندا هئا. اڳهه پار جي ٻول ڪري ڇڏيندا هئا، تنهن مان اهو انومان ڪڍڻو پوي ٿو ته نه رڳو حاضري مال وڪامندو هو، پر وڏاڻ سودو به ٿيندو هو. هڪواري جيڪا ٻول ٿيندي هئي، تنهن کان ڪنهن کي قرڙ ڪونه ڏيندا هئا. رگ ويد جي منڈل چوٿين (24، 9) ۾ جاڻايل آهي ته "ڪو ماڻهو ڳري ملهه وري شي ٿوري ناڻي ۾ ڏئي ٿو، ۽ پوءِ قري اڇي خريدار کي چوي ٿو ته "مون اهو وڪرو ڪيو ئي ڪونهي، مون کي پوري رقم ڏي"، پر ڪجهه به وقت نٿو مليس، جو ٻول تي

قابو رهڻو اٿس". پانڌجي ٿو ته ڪي تنگيءَ مهل ڪري ملهه واري شيءَ ٿوري ناڻي ۾ ڏيڻي ڪندا هئا، ۽ پو3 اڇي ڦرندا هئا، ته نڪي وڪڻيل شيءَ واپس ملندي هين، نڪي وڏيڪ ناڻو ملندو هون.

بحري يا ساموندي واپار: Maritime Trade گذريل اُٽويهين صديءَ جي شروعات ۾ تاريخ جون ڪوجنائون پئي ٿيون، ته سنسڪرت ساهت مان ڪي يوروپي عالمن کي ائين سمجهڻ ۾ آيو ته قديم آرين کي جهاز راڻيءَ جي ڪابه سڌ ڪانه هئي! اهڙو رايو پروفيسر هاپڪنس ظاهر ڪيو.

پروفيسر مئڪڊونيل، جنهن سنسڪرت ساهت جي تاريخ لکي آهي، تنهن ته ائين به چيو ته رگ ويد واري زماني ۾ آڪاڻن آرين ڪڏهن وڏو سمنڊ (Ocean) اڪين سان ڪونه ڏٺو هو، شايد سمنڊ جو رڳو نالو ٻڌو هوائون. ههڙا غلط رايا ظاهر ٿيا ته اسان جن ڪن ڏيهي عالمن ظاهر ڪيو ته هنن يوروپي پنڊتن ويدڪ ساهت جو رڳو اُڃاترو اڀياس ڪيو آهي، تنهنڪري سندن راين تي سنپالي لڳڻ گهرجي. پروفيسر ولسن، جنهن رگ ويد جو ترجمو ڪيو آهي، تنهن خود رگ ويد مان حوالا ڏيئي، ڄاڻايو ته سنڌو ماڻر جا آريه لوڪ وڏا ڪاري ڪيڙائو ۽ واپاري لوڪ هئا. رگ ويد جي سوُڪتن ۾ وڏي سمنڊ (هندي وڏي سمنڊ) جو ذڪر آهي. جهازن تي واپاري پنهنجي سوُد خاطر ريڙهه پيڙهه ڪندا هئا، تنهن ڳالهه جو به ذڪر آهي، بلڪ هڪ لڳا ڪنهن ڏورانهين ٻيٽ تي سمنڊ جي رستي ڪاهي ويا هئا، پر جهاز ڀڄي پين، جنهنڪري مراد پوري نه ٿين. پروفيسر ولسن ڪان پوءِ ٻين ڪن يوروپي عالمن به ڪوجنائون ڪري ظاهر ڪيو ته قديم سنڌو ماڻر جا رهاڪو جهڙا جهاز راڻيءَ ۾ پڙ هئا، تهڙائي جهازن جوڙڻ ۾ قابل هئي. اهي سمنڊ جهاڳي وڃ واپار ڪرڻ ويندا هئا. اهي حقيقتون پوڪوڪ صاحب. جرمنيءَ جي نامور عالم پروفيسر بلهر ۽ ٻين ڪولي ظهار ڪيون، جنهنڪري پروفيسر هاپڪنس ۽ پروفيسر مئڪڊونيل پارن جا رايا رد ٿي ويا، ۽ هاڻ انهن کي ڪوبه ڪونه ٿو ليکي. پروفيسر بلهر ته ائين به ڄاڻايو آهي ته آڪاڻا آريه هندي وڏو سمنڊ جهاڳي

ويندا هئا، ۽ اهي واپاري هندو پوءِ ايراني نار طرف بہ وڃ واپار سانگي ويندا هئا.

"There are passage in ancient Indian works which prove the early existence of a navigation of the Indian Ocean, and the somewhat later occurrence of trading voyages undertaken by Hindu merchants to the shores of the Persian Gulf and its rivers." *Professor Bulher.*

مطلب تہ ڪن يوروپي عالمن شروعات ۾ ڪي غلطيون ڪيون، جي پوءِ بين ڪن يوروپي عالمن سڌاريون، پر سندين گهڻين غلطين جي اُگهڙ اسان جي ڪن ڏيهي عالمن ڪئي، جنهنڪري انهن ڳاڻين راين ڇاڻائڻ بدران تازين ڪوجنائن جو ذڪر ڪجي ٿو.

ويجهڙائيءَ ۾ جيڪي حقيقتون يوروپي توڙي ڏيهي عالمن ويدڪ ساهت مان ڪولي ظاهر ڪيون آهن، تن پٽاندر ڇاڻائجي ٿو تہ رگ وید واري زماني ۾ ئي سنڌو ماڻر جا "پٽي" (وڻجارا) جهازن ۾ مال ڪٽي، سمند جهاڳي، ڏيساورن ڏي ڏن ڪمائڻ ويندا هئا (رگ وید، منڈل پهريون، سُوڪت 48 رچا 3). ڪيترا واپاري پاڻ ۾ گڏجي، جهازن جون بهيرون ڏورانهين ڏيهن وڃي ويندا هئا (منڈل پهريون 56، 27). سندن جهازن ڪي هڪ سو اوورا (Oars) هوندا هئا (منڈل پهريون، 116، 5) سمند جي وچ ۾ بيٺ هوندا هئا (منڈل پهريون، 1696، 3). جهازن هاڪارڙ ڪان اڳ ۾ اهي واپاري ورڻ ديوتاڪي آراڌنا ڪندا هئا، ۽ چوندا هئا تہ انهيءَ سمند جي ديوتا ڪي ئي سڌ آهي تہ جهاز ڪهڙيءَ واٽ ڪان هلائجن، ۽ هوا ڪهڙي (سڀائي يا اڀائي) لڳندي (منڈل پهريون، 25، 7). هن مان ظاهر آهي تہ اهي واپاري "آريہ هئا، ۽ ورڻ ديوتا جا پوچاري هئا.

سنڌو ماڻر جا وڻجارا پاڻ سفر تي نڪرندا هئا تہ پڻيان اگن ديوتا سندن ٻارن ٻچن جو راکو (دعاگو) ٿيندو هو (اڻرو وید، منڈل ٽيون، سوڪت 15، منتر 7). هنن لفظن مان ائين سمجهڻ ۾ پيو اچي تہ جيئن هن وقت ڪي سڌ ورڪي پاڻ ٻاهر هليا وڃن، ۽ پڻيان پڳوان سندن ٻچن جي پيو سنيال لهي، تيئن آڳاٽا

واپاري ۽ اگن ديوتا ۽ بين ديوتائن جي آسري پنهنجا بار ٻچا چڏي ڏورانهن ڏيهن ڏي ڏن ڪمائڻ ويندا هئا.

ساموندي سفر لاءِ اهڙا جونگ جهاز گهرجن، جي لهرن جون لپاٽون سهي سگهن. قديم زماني ۾ ئي سنڌو ماڻر جا پٽي پنهنجي ڊول جا نهايت مضبوط ۽ ڪارگر جهاز جوڙيندا هئا، ۽ سندن اهو ڪاريگريءَ جو نمونو سندن پوين ۾ اختيار ڪيو. يوروپي لوڪ هندستان جي ماڻهن سان لهه وچڙ ۾ آيا، تنهن کان ٻه صديون کن پوءِ ٻه آڳاٽن جهازن ۽ دنگين ۾ هڪڙو ٻه سڏارو ڏسي نٺي سگهيا. انهيءَ هوندي ٻه رگ ويد مان معلوم ٿئي ٿو ته قديم وڻجارن جا جاهز وقت سٽاڻي سمنڊ جي سَٽَ سهي ڪين سگهندا هئا، جنهنڪري سندن غوراب بعضي غرق ٿي ويندا هئا. "ڀجيو" (Bhujya) نالي هڪ شخص ڪنهن ڏورانهين دويپ (ٻيٽ) تي سمنڊ جي رستي ڪاهي ويو، پر غوراب غرق ٿيڻ ڪري ٿي ڏينهن ۽ ٿي راتيون لهرين ۾ پئي لڙهيون، ۽ پوءِ ناستيه (اشوني ڪمار ديوتائن) تار منجهان تاري پار پهچايس. هيءُ جيڪو اتفاق ٻڌيو، تنهن جو ذڪر رگ ويد منڊل پهرين ۽ ستين ۾ گهڻن هنڌ آهي. هن حقيقت مان ظاهر آهي ته قديم سنڌو ماڻر جا پني (وڻجارا) جي سِر جي سٽ ڏيئي ڏورانهن ڏيهن ڏي پنهنجا جهاز هاڪاري ويندا هئا. اها جرئت اسان جن هاڻوڪن سنڌ ورڪين ۾ ٻه آهي، جي سر جو ڪوبه سانگو نه ڪري سمنڊ جي مسافري ڪندا آهن.

<u>چئن سمنڊن جو ذڪر</u>: رگ ويد ۾ جيتوڻيڪ اهو جاڻايل ڪونهي ته انهيءَ قديم زماني ۾ سنڌو ماڻر جا پٽي (وڻجارا) ڪهڙن سمنڊن ۽ ٻيٽن ڏي ويندا هئا، ته ٻه رگ ويد جي منڊل نائين (23، 6)، ۽ منڊل ڏهين (47، 2) ۾ چئن سمنڊن جو ذڪر آهي، جن مان هڪ کي "پورو سمدر" يعني اُپرندي وارو سمند سڏيو اٿن (رگ ويد، منڊل ڏهون، 136، 5). ڊاڪٽر ابناش چندر جي خيال موجب بنگال جي اُپسمنڊ کي "پورو سمدر" سڏيو اٿن. ٻيو هندي وڏو سمنڊ هجو، ۽ ٽيون هاڻوڪو عربي سمنڊ هو. چوٿين سمنڊ بابت پڪ سان چئي نٿو سگهجي ته ڪهڙو سمند هو. جيالاجيڪل ڪاتي وارن کي ڪوجنائن ڪرڻ سان ائين معلوم

ٿيو آهي تہ ڪنهن زماني ۾ عربي سمنڊ وڏي راجپوتانا تائين ٿي آيو، جنهنڪري سڄو راجپوتانا وارو پاسو، ۽ هاڻوڪو ٿر ملڪ اڳي پاڻيءَ جي هيٺ هئا، ۽ پوءِ ڏرتيءَ ڏٻڻ سبب سمنڊ هٽي پري ٿيو. سمنڊ جي نساني راجپوتانا ۽ ٿر جون هاڻوڪيون پتون آهن. رگ وید جي منڊل ستين سوُڪت 95، رچا 2 ۾ ڄاڻايل آهي تہ سرسوتي ندي جبلن مان وهي سمنڊ ۾ وڃي ڇوڙ ڪندي هئي. اهو اشارو اڃ پڃيو راجپوتانا واري سمنڊ ڏي آهي. پانڻجي ٿو تہ جنهن زلزلي وقت راجپوتانا کان سمنڊ هٽيو، تنهن وقت سرسوتي نديءَ جو وهڻ بہ بس ٿيو. اڳوڻي سرسوتي نديءَ جي پيٽ مان هن وقت جيڪو پاڻي برساتي موسم ۾ وهي ٿو، سو راجپوتانا جي واري ڇُهي وڃي ٿو، جنهن مان ظاهر آهي تہ سرسوتي هاڻوڪي پٽيالیہ راڄ مان لنگهي، انهيءَ راجپوتانا واري سمنڊ ۾ وڃي ڇوڙ ڪندي هئي. هاڻ اسان کي هيءَ ڳالهہ ڳولهي لهڻي آهي تہ سنڌو ماڻر جا واپاري ڪهڙن ڪهڙن ملڪن ڏي ويندا هئا.

بنگال ۽ چين سان واپار :

رگ وید ۾ ذڪر ٿيل ڇئن سمنڊن مان هڪ "پورو سمنڊ" يعني اُپرندي وارو سمنڊ سڏيو ويوآهي (رگ وید، منڊل ڏهون، سُوڪت 136، رچا 5). ڊاڪٽر ابناش چندر جي خيال موجب بنگال جي اُپسمنڊ کي (پورو سمدر) سڏيو اٿن. اسان کي اها ڳالهہ دل سان لڳي ٿي. سنڌ ۽ پنجاب جا پڻي(وڻجارا) چين ولايت ڏي ويندا هئا، تن جي وڃڻ جي واٽ ئي بنگال جي اُپسمنڊ کان هئي. ويدڪ واري زماني کان پوءِ اتهاسن وارو زمانو آيو، تہ بہ چين ولايت سان لهہ وچڙ هلندي آهي، جنهن لاءِ هڪ ثابتي هيءَ آهي تہ رامائڻ ۾ چين ولايت جي ريشم ۽ بين پيدائش جو ذڪر آهي. ويدڪ زماني ۾ سنڌو ماڻر جا پني بئبلونيا، ميسوپوٽيميا ۽ الهندي ايشيا جي بين هنڌن ڏي ويا، تہ بہ شايد چين ولايت سان واپار پوءِ بہ ڪندا رهيا. پانڻجي ٿو تہ بني اسرائين (يهودين) ۽ بين سيميٽڪ قومن کي چين ولايت جي سڌ انهن پڻي لوڪن وٽان پئي، جنهنڪري عيسائين جي انجيل ۾ بہ چين جو نالو ڄاڻايل آهي. انجيل يا بائيبل ۾ چين جو اُچار "سئنام" آهي. الهندي ايشيا ۽ مصر جا رهاڪو وڻج واپار سانگي هندستان ڏي

ايندا هئا، سا ڳالهه به عيسائن جي انجيل جي پيدائش جي ڪتاب (باب 38، آيت 25) ۾ ڄاڻايل اهي، جو مصالحا، سرهاڻيون، مُدَ وغيره اُنن تي لڏي مصر ملڪ ڏي ٿي ويا. "پيريپلس" مان معلوم ٿئي ٿو ته عيسوي پهرين صديءَ ۾ چين ولايت مان ريشم ايندو هو، ۽ اهو واپار هندستان جا ماڻهو ڪندا هئا. هيءَ به تاريخي حقيقت آهي ته لکلهوڙن بڪ ميرن جي صاحبيءَ ۾ به سنڌ جا واپاري وڃ واپار لاءِ چين ڏي ويندا هئا. انهيءَ ڳالهه جو ٿورو ذڪر شاهه جي رسالي جي سر سريراڳ ۾ به آهي، جنهن ۾ چيل آهي:

سودي ڪارڙ سنپري، ويهون وڃجارن،
ويا چين بنگال ڏي، رکي ماڻڪ من.

شاهه

هنن ٻن ٽُڪن سان گڏ هيءَ حقيقت به ڏيان ۾ رکڻ گهرجي ته انگريزن سنڌ فتح ڪئي، تنهن کان رڳو پنج ورهيه اڳي، يعني 1838ع ۾ جيڪو واپار ڪراچيءَ ۾ هليو هو، تنهن جو مفصل بيان ڪمانڊر ڪارليس ڏنو آهي، جو ٿوري قدر ائٽڪن صاحب واري "سنڌ گزيٽيئر" ۾ ڄاڻايل آهي. انهيءَ سال سنڌ ۾ اٽڪل ساڍن ايڪيهين لکن جو واپار هليو هو. جيڪي مڪيه شيون ٻاهران آيون هيون، تن ۾ ريشم هو. هنن حقيقتن مان معلوم ٿيندو ته اسان جا هن وقت جا پائيبند، جو چين، جپان، برما، منيلا، سينگاپور ۽ دور پورب ڏي ٻين هنڌ وڃڻ لڳا، سو رواج ويڪ زماني ۾ ئي جاري هو، جو پوءِ ڪلهوڙن ۽ ميرن جي صاحبيءَ تائين به هلندو پئي آيو، جنهنڪري شاهه جي رسالي ۾ ان جو ذڪر آهي.

رامائڻ ۾ يون دويپ ۽ سُورن دويپ (جاوا ۽ سوماترا) ۽ لوهه ساگر (ڳاڙهي سمنڊRed Sea) جو زڪر آهي، تنهن مان سمجهجي ٿو ته انهن پاسن سان لهه وچڙهه ويڪ زماني ۾ ئي شروع ٿي هئي، جا پوءِ اتهاسن واري زماني ۾ به هلندي آئي.

Gul Hayat Institute

ڏکڻ هندستان ۾ سلون سان لهه وچڙ: رگ ويد ۾ موتين جو کيترن هنڌ ذکر آهي (منڈل پهريون، 35، 4، ۾ منڈل ڏهون، 68، 1). سنڌ جي راجا سونيہ پاوييہ، کاکشون رشيءَ کي موتي دان کيا هئا. ان وقت جا راجائون پنهنجن گهوڙن ۽ گهوڙين کي بہ موتين جون ڪنيون پائيندا هئا. ايترا موتي ڪٿان آڻيندا هئا؟

هن وقت سنڌ ۾ سمند مان موتين کڍڻ جو مقاطعو ڪراچيءَ جي ڪسٽم ڪاتيوارا ڏيندا آهن، پر ويجهيءَ ڇڪ مان جيڪي سپون هٿ اچن ٿيون، تن مان اڪثر رڳو جهان، نڪرندي آهي، جا معجون جوڙڻ ۽ ڪن دوائن ناهڻ ۾ ڪم ايندي آهي. اُڇا آبدار موتي اڄ بہ ايراني نار کان ايندا آهن. ويدڪ زمان جا پٽي لوڪ بئبلونيا ۽ ميسوپوٽيميا ڏي ايراني نار کان ايندا ويندا هئا، ۽ موتي بہ اتان آڻيندا هئا تہ عجب ڪونهي پر ٻي وات بہ هين.

رگ ويدڪ زماني ۾ قديم آرين همالیہ جبل طرفان اچي، اُتر هندستان ۾ پنهنجي دڳو ڇمايو، تہ ان وقت جيڪي دراوڙ ۽ پٽي (وڻجارا) سنڌو ماٿر ۾ رهندا هئا، تن مان ڪيترا ڏکڻ هندستان ڏي ويا، جا ڳالهه پراٽن ۾ ڄاڻايل آهي. انهيءَ مان ائين سمجهڻ لاءِ سبب ٿئي ٿو تہ ملبار، ڪارو منڈل ڪنارو ۽ سلون (لنڪا)، جي اڄ تائين موتين کان مشهور آهن، تتان بہ موتي آڻيندا هئا. ائين وسهڻ لاءِ سبب هيڪاري هن ڪري ٿئي ٿو تہ سنسڪرت لفظ "مڪت"، جنهن جو اُڇار سنڌيءَ ۾ "موتي" آهي، سو اصل دراوڙي ٻولين جو لفظ آهي، جيئن پادري ڪالڊ ويل پنهنجي جوڙيل دراوڙي ٻولين جي گرامر، ۽ ڊاڪٽر سنيتي ڪمار چٽرجيءَ پنهنجي جوڙيل بنگالي ٻوليءَ جي تاريخ ۾ ڄاڻايو آهي.

اتر هندستان جا واپاري سلون يا لنڪا سان نهايت قديم زماني کان وڻي وڃ واپار ڪندا هئا. انهيءَ آمدرفت جاري هڻڻ سبب ئي لنڪا جو راجا رانوڻ اتر هندستان ڏي آيو هو، جتان سيتا کي کڻي ويو، تہ پنهنجي انهيءَ ڪڪرم جو ڪيتو لوڙيائين، اها رامائڻ واري ڳالهه تريتا جُڳ جي آهي. رانوڻ کان پوءِ لنڪا وارو پاسو سندس نالي پٺيان سڏجڻ ۾ آيو. هڪ يوناني تاريخ نويس "تپ روبين"(Taprobane) نالو ڄاڻايو آهي، جنهن ۾ "تپ" معنيٰ "ٻيٽ" ۽

"روبين" (رهن) اصل ۾ "رانوڙ" آهي، جنهنڪري انهيءَ نالي جي معنيٰ آهي "رانوڙ وارو ٻيٽ". يوناني تاريخ نويس "ٽالمي" (Ptolmey) جي وقت ۾ لنڪا کي "سليس"(Salice) ۽ اتي جي رهاڪن کي "سلوئي" (Saloe) سڏيندا هئا، جنهن مان "سيلان" (Ceylon) نالو ٺهيو. هندو عام طرح لنڪا کي "سنگلديپ" سڏيندا هئا. عيسوي سن کان 550 ورهيه اڳي بنگال جي راڻي وجيه اهو ٻيٽ هٿ ڪيو، ۽ "سنهل دويپ" نالو ڏنائينس، جنهن جو اُچار پوءِ بگڙجي "سنگهلديپ" ۽ "سنگلديپ" ٿيو. انهيءَ نالي پوڻ کان ئي اڳي اهو ٻيٽ واپار لاءِ نهايت مشهور هو، ۽ اها مشهوري پوءِ به هلندي آيس، جنهنڪري يوناني تاريخ نويسن ان جو ذڪر ڪيو آهي. "ڪامس" (Comas) ته ايئن به چيو آهي ته سڄي هندستان پرشيا، (ايران) ۽ ائٿوپيا مان دنگيون ۽ جهاز سلون ڏي اچن وڃن ٿا، ۽ سلون کان ڪيترو مال سنڌ ڏي اچي ٿو.

سنڌ جا واپاري اُڇا آبدار موتي ايراني نار، ڪاري منڊل ۽ سلون طرفان نه رڳو گهرائيندا هئا، پر موتين هٿ ڪرڻ لاءِ پنهنجا غواص يا ٽوٻير به موڪليندا هئا. اهو دستور ڪلهوڙن جي صاحبيءَ تائين هلندو پئي آيو. جنهنڪري شاهه جي رسالي ۾ موتين ۽ غواصن جو ذڪر آهي:

"ويا سي عميق ڏي، منهن ڪائو ڏيئي،
تن سپون سوجهي ڪڍيون، پاتاران پيهي."

شاهه

هن بن مصراعن منجهان ئي ظاهر آهي ته شاهه جي وقت (ڪلهوڙن جي صاحبيءَ ۾ به اسان جا غواص يا ٽوٻير عميق (اونهي سمنڊ) ۾، منهن کي ڪائو (شيشو) ڏيئي ويندا هئا، ته اکين ۽ نڪ ۾ پاڻي نه پوي، ۽ پوءِ هيٺ پاتال ۾ وڃي سپون سوجهي ڪڍندا هئا. اهو دستور جو نهايت قديم زماني ۾ جاري ٿيو هو، سو پوءِ به هلندو پئي آيو، جنهن جو اکين ڏٺو احوال رسالي ۾ آهي.

شاهه جي رسالي مان اهو ظاهر آهي ته ڪلهوڙن جي صاحبيءَ ۾ سنڌي ماڻهو لنڪا (سلون) تائين به ويندا هئا.

"لـنڪا لـنڪا ڪـن، لڱ لنڪا جي اوهريا،
سڻي سون لنڪا جو، سڪ نہ ساموندين".

شاھ

شاھ جي رسالي مان اھو بہ سولائيءَ سان سمجھي سگھجي ٿو تہ سنڌ جا وڻجارا ھندو لھاڻا ھئا، ۽ درياھ جا پوچاري ھئا. اھي مغلپين تعلقي جاتيءَ جي پريان ڪوري ڪاريءَ مان لنگھي، ڪچ جي نار ڏي ويندا ھيا جتان ڪنارو ئي ڪنارو ڏيئي ملبار ۽ سلون ڏي ويندا ھئا. سندين زالون ڏيئا ٻاري، اڪا ۽ بحرانا درياھ ۾ وجھنديون ھيون تہ سندن مڙس شل سڪ سان موٽن!

جـيا جـر جـاڻون نـہ ڏئـي، ڏئـا نـہ موھي،
سڏون ڪوھ ڪري، سا پنھنجي ڪانڌ جون؟

شاھ

سري رامچندر رانوڙ سان لڙڻ لا3 لنڪا ڏي ويو ھو، ۽ اتي سندس لشڪر کي گھٽو سون ھٿ آيو ھو، انھيءَ ڳالھ جي يادگيري قائم ڪرڻ لاءِ اڄ تائين سنڌ جا براھمڻ اسان جن ماڻھن کي ڏيارينديا آھن. دسھڙي ڏينھن ھندو ڪنھن ھنڌ گڏجي ڪندي پوڄيندا آھن. ان وقت براھمڻ کين ڳوھيل چيڪي مٽي ڏيندا آھن، ۽ چوندا آھن تہ اھا سانڊي رکو تہ ٻارھن مھينن کان پوءِ سون ٿي پوندي، ائين ڄڻ تہ لنڪا لٽي سون کڻي ايندا آھن.

شاھ جي رسالي ۾ ٻي بہ ھڪ ڳالھ ڏيان ۾ رکڻ جوڳي آھي.

قـرقـل، قـوتـا، پـارچا، پاڻيٺ پاتائون،
ڪونيون قيمت سنديون تر ۾ تاکيائون.

شاھ

قرقل يعني لؤنگ ۽ ايلاچي يا ننڍا قوتا سنڌ جي پيدائش نہ آھن. اھي ملبار يا فلپائين ٻيٽن مان آڻيندا ھئا، ۽ اھي پوءِ دنگين جي رستي نيئي ٻين ھنڌ نيڪال ڪندا ھئا.

ويڪ زماني ۾ ئي دنگين ۽ جھازن لاءِ پڪو ساڳ تہ اڻ پچو ملبار طرفان آڻڻو پوندو ھون. اڄ بہ انھيءَ پاسي کان اچي ٿو، جو اتر ھندستان ۾ پڪو

ساڳ ٿئي ئي ڪونہ. اهڙيءَ طرح ٻيون بہ ڪي ڳالهيون ملبار سان لهہ وچڑ بنسبت آهن، جن جو ذڪر ڏار ڪبو. هتي رڳو ايترو ڄاڻائجي ٿو تہ ويدڪ زماني ڪان وٺي سنڌو ماڻر جا رهاڪو سمنڊ جي سفر ڪرڻ تي هريل هئا، ۽ واپارن ۾ بحري واپار مکيہ ليکيندا هئا.

چوماسي ۾ سمنڊ جو سفر ڪرڻ ٻوائتو آهي، تنهنڪري واپاري اهو وقت ساموندي سفر کان روڪجي پوندا هئا. چؤماسو پورو ٿيندو هو تہ خوشي منائيندا هئا، ۽ سمنڊ ۾ ناريل وجهندا هئا. اهو ناريل پورٽما جو ڏينهن اڇ تائين هندن جو هڪ وڏو ڏينهن آهي. انهيءَ ڏينهن ڪان وٺي سمنڊ مانو ٿيڻ لڳي ٿو، جنهنڪري سمنڊ جي رستي وٽ واپار ڪرڻ لاءِ واٽ ڪلي ٿي. ناريل پورٽما ملهائڻ جو رواج ئي انهيءَ سبب پيو، جنهنڪري ڇئبو تہ اهو وڏو ڏينهن نهايت قديم زماني جي ساموندي واپار جي يادگيري ڏياري ٿو. ناريل پورٽما ڏينهن هندو واپاري براهمڻن کي اهڙيءَ وڏيءَ دل سان دان ڏيندا هئا، جو اڇ تائين براهمڻن اهو نهايت مکيہ ڏينهن ڪري ليکيندا آهن، ۽ انهيءَ ڏينهن پراڻو جٽيو لاهي، نئون جٽيو پائيندا آهن.

سنڌي ۽ گجراتي ماڻهن کان ڏکڻ هندستان جا ماڻهو اِهو ناريل پورٽما جو ڏينهن هيڪاري وڏيڪ ڏام ڏوم سان ملهائيندا آهن، جو رگ ويد واري زماني کان وٺي ڪيترا دراوڙ لوڪ سمنڊ جا وڏا سفر ڪندا هئا. اهي جهازن جوڙڻ توڙي جهاز رانيءَ ۾ نهايت پڙ هوندا هصئا. هن وقت بہ سنڌي ۾ "آرڪاٽي" معنيٰ "سڪاني"، پر اصل معنيٰ اٿس "آرڪاٽ" (آرڪوٽ Arcot مدراس ڪاتي جي شهر) جو رهاڪو". آرڪوٽ جا سڪائي نهايت نامياريا هوندا هئا، تنهنڪري لفظ کي اِها خاص معنيٰ ملي آهي. ڪڇ ۽ گجرات جا سڪاني عام طرح "ملم" سڏبا آهن. سنڌو ماڻر جا وڻجارا ساموندي سفر ڪري موٽندا هئا تہ خوشي منائيندا هئا، جنهن ڳالهہ جو اڻرو ويد منڊل ٽئين (15، 8) ۾ نهايت وٽندڙ نموني ذڪر ٿيل آهي. ان وقت خوشيءَ وچان خيران ڪندا هئا. "بريو" (Birbu) نالي هڪ وڏي سيٽ رشين کي دان ڏنا هئا، تنهنڪري رگ ويد جي منڊل ڏهين (45، 32، 33) ۾ سنديس گهٽي ساک لکيل آهي. اڄ بہ سنڌ

ورڪي سڪ سان موٽيندا آهن تہ خوشيون منائيندا آهن، ۽ ٻاون ۽ ٻانيڻ کي وڏيءَ دل سان دان ڏيندا آهن.

ملبار سان واپار ۽ ان جو ٻوليءَ تي اثر: قديم زماني کان وٺي سنڌ جا ماڻهو ملبار طرف جي رهاڪن سان وڻج واپار ڪندا آيا آهن، تہ انهيءَ ڳالهہ جو لفظ (Dravidian) ٻوليءَ تي بہ اثر ٿيو آهي. مثلاً، "ايلاچي" اصل ۾ دراوڙي آهي، جو اول سنسڪرت ۾ چالو ٿيو. سنسڪرت ۾ رڳو چون "ايلا"، پر اسين ڪئنريز ٻوليءَ مان ورتي اٿئون، جيئن مسٽر (Suffix) چئون "ايلاچي". پڇاڙي دويٽيا پنهنجيءَ ناهيل گجراتيءَ ٻوليءَ جي تاريخ ۾ ڄاڻايو آهي. "ڪڙهي" آهي، جو مهاونش هراڪ ۾ بہ ڪم آيل (Kari) "اصل ۾ دراوڙي لفظ "ڪري آهي، ۽ اهو پراڻ 477 ع جو جڙيل چوڙ ۾ اچي ٿو. پانڌجي ٿو تہ چانورن سان ڪڙهي ڪائڙ جو رواج ئي دراوڙن کان سکيا هيون. "ڪوتمير" (ڏاڻن جا پن)، "چاڏي"، "ڪاٻار" ۽ ٻيا ڪيترا دراوڙي لفظ سنڌيءَ چالو ٿي ويا آهن، ۽ اهي "ديشي" لفظن جي دفعي ۾ ليکجن ناريل جا وڻ ملبار طرف جام آهن، ۽ اڄ تائين ڪوپري جي تيل پيڙڻ ۾ ڏونگيون اُتان اچن ٿيون. ناريل جي اندورن مان نهيل رسيون بہ اصل ملبار ۽ مدراس ڪاتي جي ٻين پاسن کان ايندیون هيون. اهي ڪاٻار جون رسيون عيسوي سورهين صديءَ ۾ يورپ ڏي ويندیون هيون، تنهنڪري دراوڙي لفظ "ڪايار" انگريزيءَ ۾ بہ چالو ٿيو. انگريزيءَ ۾ چون گجرات ۽ سنڌ جا ميربحر "ڪانبار" چوندا هئا. نامور عالم (Coin). ""ڪاير البيروني بہ سنہ 1030 ع ڌاري انهيءَ وڻج واپار جو ذڪر ڪندي ڪانبار لفظ اٻارو". ملبار طرف سان ڪم آندو آهي، پر هاڻ اسين عام طرح چئون "ڪاٻار لهہ وڃڻ هڻڻ سبب اُتي جي "اِتي ڏڪر راند ويجهڙائيءَ ۾ سنڌ ۽ گجرات ۾ چالو ٿي. اِتي ۽ ڏڪر" ٻئي سنسڪرت بنياد جا لفظ آهن، پر انهيءَ راند ۾ اان جا ٻار "وڪٽ"، لئن مُن، نار" وهيره لفظ ڪم آڻين ٿا، سي دراوڙي يعني تيليگو ۽ ڪئنريز ٻولين جا انگ آهن ۽ معنيٰ اٽن "هڪ، ٻہ، ٽي، چار"، وغيره. هيءُ سڀ لهہ وڃڻ جو اثر آهي، جو اسان جي ٻوليءَ ۾ اڄ تائين ظاهر بيٺو آهي.

ايراني نار، اُلهندي ايشيا ۽ مصر سان واپار: ويدڪ زماني ۾ اتر هندستان ۾ آرين پنهنجو دڳو جمايو، تہ سنڌو ماڻر جي اصلوڪن رهاڪن مان ڪي ساڻن رلي ملي ويا، پر ڪيترا "پٽي" ۽ ٻيا ڏکڻ هندستان ڏي ويا، جيئن پراڻن ۾ ڄاڻايل آهي. عالمن کي کوجنائن ڪرڻ سان معلوم ٿيو آهي تہ ڏکڻ هندستان ۾ هنن ملبار ۽ ڪارو منڊل ڪنارو وڃي وسايو، جتي چول ۽ پانڊيہ (دراوڙن) سان گهٽي لهہ وچڙ ٿين ۽ سندن سپيتا جو مٿن اثر ٿيو هو ڏيساورن سان وٽج واپار ڪرڻ تي هريل هئا، تنهنڪري هڪ هنڌ پڙ ڪري ڪين وينا. ڏکڻ هندستان کان پهريائين ايراني نار ڏي ويا، جتي جي رهاڪن سان رس رهائيندا آيا، ۽ ساڳئي وقت ڏکڻ هندستان جي ماڻهن سان بہ رستو رکندا آيا. پڪو ساڳ، ڪاپارو، مصالحا ۽ ٻيون اهڙيون شيون اُتان ئي ملن ٿيون. ڪنهن وقت سيميٽڪ قوم وارن سندين بينڪن تي ڪاهيو، تہ هو اُتان لڏي سريا (شام ملڪ) ڏي، سمنڊ جي ڪناري جي ويجهو پنهنجا ماڳ جوڙي وينا، ۽ ساڳئي وقت شام ملڪ وارن سان بہ رس رهاڻ واجب سمجهيائون. انهن سان اختر ايتري قدر رلي ملي ويا، جو منجهانئن ڪن سان سنگ ڪنديائون، جنهنڪري اهي "پٽي" (وٽجارا) پوءِ "پيونڪ قوم" (Punic race) وارا ۽ "فنيشن" (Phoenicians) سڏجڻ ۾ آيا،جيڪو ملڪ پاڻ والاري وينا هئا، سو بہ سندن انهيءَ نالي پٺيان "فنيشيا" (Phoenicia) ڪوٺجڻ ۾ آيو. هتان يوناني آرچيليگو وارن ٻيٽن، يورپ جي ڏاکڻي پاڳي ۽ آفريڪا جي اتر واري پاسي سان وٽج واپار ڪرڻ جي سهوليت گهٽي ٿين.

مٿيون احوال، جو گهڻو ڪري سمورو ڊاڪٽر ابناش چندر داس جي ڪتابن "رگ وید اندیا" ۽ "رگ ویدک کلچر" مان ڪڍيو ويو آهي، تن ۾ هن صاحب ائين بہ ڄاڻايو آهي تہ پٽي لوڪن مان ڪن ميسو پوٽيميا ۾ بہ وڃي بينڪون وڌيون، ۽ پوءِ سريا جي سمنڊ جي ڪناري طرف ۽ يونوچ سمنڊ وارن ٻيٽن ۾ وڃي رهيا، ۽ آفريڪا جي اتر ڏي بہ ويا.

پٽي لوڪن سان گڏ ڪانئن پوءِ ڏکڻ هندستان مان چول (Cholas) لوڪ به انهيءَ پاسي ويا. مٿن، آرين جي تهذيب جو اثر اڳي ئي ٿيو هو، اهي چول لوڪ الهندي ايشيا ۾، جنهن هنڌ پنهنجون بينڪون وجهي وڃي رهيا، سو سندن نالي پٺيان "چول ديش" سڏجڻ ۾ آيو، جنهن جو اُچار به ڦري "ڪئلديا" (Chaldea)ٿيو، ۽ پاڻ به "ڪئلدي (Caldees) ڪوٺجڻ ۾ آيا. مطلب ته ڊاڪٽر ابناش چندرداس جي ڪوجنائن موجب ميسو پوٽيميا جا سمرين لوڪ ۽ ڪئلديا يا بئبلونيا (بابل) جا ڪئلدي لوڪ اصل سنڌو ۾ اُتر جا پٽي ۽ ڏکڻ هندستان جا چول لوڪ هئا، جي پوءِ سيميٽڪ قومن سان سگ ڳنڍي ساٽن گڏجي مسجي ويا ۽ ٻين عالمن به ائين ڄاڻايو آهي تهسيميٽڪ قومن ۾ بئبلونيا ۽ اسيريا جا ماڻهو هنرن ۾ برڪ هئا، ۽ انهن اهي هنر آڳاٽن ڪئلدي لوڪن وٽان پرايا.[1]

ميسو پوٽيميا طرف بينڪون: الهندي ايشيا ڏي سنڌو ماڻر وارن آرين جون بينڪون هيون، تنهن لاءِ گهڻي ئي ثابتيون هن وقت تائين ملي چڪيون آهن، پر اهو ڪنهن به ڏيهي توڙي يوروپي عالم ڄاڻايو ئي ڪونهي ته ميسو نالو ڪيئن پيو. انسائيڪلو (Sumerians) "پوٽيميا جي رهاڪن تي "سميرين پيدا برٽنيڪا توڙي ڪن تاريخن مان ايترو معلوم ٿئي ٿو ته ڪنهن قديم زماني ۾ ڪي لوڪ ميسنو پوٽيميا ۾ اچي رهيا. سندن اصل نسل جو پتو سڏجڻ ۾ آيا، ۽ انهيءَ مان "سميرين" نالو (Shumer)"ڪونهي، پر اهي "شمير نهيو. انسائيڪلو پيديا ۾ سميرين" لفظ جي سري هيٺ ائين به ڄاڻايل آهي ته نالو ڪم آيل آهي، ۽ اهي (Shinar) "عيساين جي انجيل ۾ "شمير" بدران "شنر ساڳيا ئي نالا آهن. انجيل ۾ ڪم آيل "شنر" لفظ بابت پوپوڪ صاحب پنهنجي ۾ ڄاڻايو آهي ته اهو آهي (India in Greece, pp 45-47)"ڪتاب "انديا اِن گريس مصنف جي (The People of the Indus) "سنڌور" يعني "سنڌونديءَ جا رهاڪو ۽ (Shumer) "خيال موجب ميسوپو ٽيميا جا رهاڪو "شمشير

سڌجڻ ۾ آيا، سو نالو ائين پيو جاڻائي تہ جيڪي آريہ لوڪ (Sumerians)سميرين اصل اتر قطب طرف سمير پربت (ميرو پربت) تي رهندا هئا، ۽ پوءِ سنڌو ماڙ ڏي آيا، تن مان ڪي "پٽي" (وڻجارن) لوڪن سان گڏجي بئبلونيا ۽ ڪئلديا ڏي ويا، ۽ ميسوپوٽيميا ۾ پنهنجون بينڪون ڏار وڌائون. اهي تازا سمير پربت کان آيل هئا، تنهنڪري خود ميسوپو ٽيميا تي "شمير" (سمير) نالو پيو ۽ اتي جا اهي رهاڪو "سميرين" سڌجڻ ۾ آيا: ۽ "شمير" جو اُچار پوءِ سيميٽڪ قوم وارن ڦيرائي "شئر" ڪيو ٿو ڏسجي. بنهي حالتن ۾ ائين ئي ڇئبو تہ اهي اسان جي سنڌو ماڙ جا رهاڪو هئا، جن ميسو پوٽيميا وارو پاسو وسايو، ۽ سنڌو سپيتا جو اوڏهين ڦهلاءُ ڪيو.

سنڌو ماڙ جي سپيتا جو ڦهلاءُ ميسو پوٽيميا ۾ ڪيتري قدر ٿيو، تنهن ڳالهہ جو ذڪر ڪنهن بہ تاريخ نويس ڪونہ ڪيو آهي، جو ان جو پتو اسان کي پيو ئي 1922ع ۽ 1927ع جي وچ ڌاري آهي. انهن سالن ۾ آرڪيالاجيڪل ڪاتي وارن مهن جي دڙي جي کوٽائي ڪرائي، تہ اتان ڪيتريون مهرون لڌيون، جن تي اڪثر جانورن جون شڪليون آهن، پر ڪن ڪن مهرن تي جانورن جي شڪلين سان گڏ هڪ بہ سٽ بہ لکيل آهي. انهن اڪرن جي وچ ۾ ڪٿي ڪٿي ديوناگريءَ جي نموني ماترائون يا لاڪنائون آهن. ميسو پوٽيميا منجهان بہ ڪي اهڙيون مهرون لڌيون آهن، جي هوبهو مهن جي دڙي مان لڌل مهرن جهڙيون آهن. ميسو پوٽيميا ۽ مهن جي دڙي جي سپيتا جا ٻيا اُهجاڻ بہ ايتري قدر هڪ ٻئي سان ملي ٿا اچن، جو خود آرڪيالاجيڪل ڪاتي جي ڊئريڪٽر جنرل، سرجان مارشل، مهن جي دڙي جي سپيتا کي اول نالو ڏنو "انڊو – سميرين سپيتا" (Indo Sumerian Civilization) "سنڌو سپيتا پر پوءِ نالو ڦيرائي ڪيائين: ماڙ جي سپيتا". بنهي هنڌن جي تهذيب بنهہ ساڳي، تنهنڪري هيڪاري ائين وسهڻ لاءِ سبب ٿئي ٿو تہ اهي سنڌو ماڙ جا آريہ هئا، جي اصل (سمير) ميرو پربت کان آيا هئا، ۽ انهن پنهنجي سپيتا ميسوپوٽيميا ۾ وجي ڦهلائي، جتي

هو ”سمير“ (سمير پربت کان آيل) سڏجڻ ۾ آيا. يوروپي عالم توڙي ٻيا ايترو قبول ڪن ٿا تہ فنيشن لوڪ اصل سميٽيڪ قوم جا نہ آهن، پر اهي ڪٿان ٻاهران آيا هئا، انسائيڪلو پيڊيا برٽنيڪا مان معلوم ٿئي ٿو تہ فنيشن لوڪ پاڻ چوندا آهن، تہ اسان جن قديم شهرن جو بنياد ديوتائن وڏو هو، ۽ اسان جي اصلوڪي قوم کي 30 هزار ورهيہ ٿي ويا آهن. اهو عرصو خود پيو ڄاڻائي تہ ميسو پوٽيميا جا اصلوڪا رهاڪو انهيءَ زماني جا هئا، جنهن وقت سمير پربت وارو پاسو وسيل هو، ۽ اهي سمير پربت وارا آريہ هئا، جن مان کي هيڏانهن ويا. هتان آرين جون بينڪون لڏيون آهن، جن جو ذڪر منڌ ۾ اڳي ٿ .ئي ڪيو ويو آهي

الهندي ايشيا طرفان جيڪي آرين جون بينڪون لڏيون آهن، سي ويدڪ زماني کان گهڻو پوءِ جون آهن. هتي کي ٻيون ثابتيون ڄاڻائجن ٿيون، جن مان چگيءَ ريت سمجهڻ ۾ ايندو تہ ويدڪ زماني کان وٺي جيڪا لهہ وڇڙهہ هن طرف جي رهاڪن سان سنڌو ماڙ وارن جي ٿي، سا ويدڪ زماني کانپوءِ اتهاسن واري زماني، بلڪ ٻڌ ڏرم واري زماني تائين بہ ساندهہ هلندي پئي ائي. هتي اول ويدڪ زماني جي هڪ ڳالهہ ڄاڻائجي ٿي.

رگ وید جي منڈل اٺين، (78. 2) ۾ ”منا“ (Mona) لفظ ڪم آيل آهي. اهو هڪ سونو سڪو هو، جنهن جو وزن ۽ ملهہ ٺهرايل هو، جنهنڪري ڪن عالمن جو چوڻ آهي تہ ”منا“ لفظ جو ڏاڍو آهي ”م“ معنيٰ ماپڻ“ يا ”مَن“ معنيٰ ملهہ ڪرڻ“ پهريون يوروپي عالم فرئنڪوئس لينورمنٽ (Francois Lenorment) هو، جنهن ڄاڻايو تہ اهو رگ وید ۾ ڪم آيل لفظ ساڳي4 معنيٰ سان قديم ڪلدیا يا بئبلونيا جي بوليءَ ۾ بہ آهي. اهو سڪو ساڳي نالي ۽ ساڳيءَ معنيٰ سان پوءِ يوناين پاڻ وٽ چالو ڪيو، ۽ انهيءَ کانپوءِ لٽن بولي ڳالهائيندرن ان جو اُچار ڦيرائي ”مِنا“ (Mina) ڪيو. انهيءَ مان ائين سمجهڻ ۾ آيس تہ هندستان ۽ بئبلونيا جي وچ ۾ لهہ وچڙ ڪنهن نهايت قديم زماني جي آهي. هن ڳالهہ جو مئدم رئگوزن پنهنجي جوڙيل ڪتاب ”ويدڪ انديا“ ۾ ذڪر ڪيو آهي. جنهن

صورت ۾ سڄي هندستان مان رڳو رگ وید ۾ جاڻايل "پٽي" (وڻجارا) بئبلونيا ڏي ويا، ۽ سندن پنيان ڏکڻ هندستان وارا چول لوڪ ويا ۽ بئبلونيا سندن ئي نالي پنيان "ڪئلديا" (چول لوڪن جو ملڪ) سڏجڻ ۾ آيو، تنهن صورت ۾ اڻ پچو ڇئبو ته رگ وید ۾ جاڻايل"منا" نالي سڪو انهن ئي ايڏهين وڃي چالو ڪيو هوندو.

سنڌ جي مغربي ملڪن ۾ مشهوري

رگ وید واري زماني ۾ سنڌ جو پرڳڻو اوني ڪپڙي جي ڪري مشهور هوندو هو، جيئن خود رگ وید ۾ جاڻايل آهي. انهيءَ زماني ۾ سنڌ ۾ سڄو سال سيءُ گهٽو پوندو هو، جنهنڪري ماڻهو اوني ڪپڙو پهريندا هئا. ڪهڙي زماني ۾ آب هوا ۾ ڦيرو پيو، جو ماڻهو سوتي ڪپڙو پهرڻ لڳا، سو پتو ڪونهي، باقي ايترو معلوم ٿئي ٿو ته ونئڻ پوکڻ جو رواج پهريائين پهريائين هندستان ۾ پيو، ۽ ڪپهه جو اصلوڪو ماڳ اهو اهي. آرڪيالاجيڪل ڪاتي جي ڊائريڪٽر جنرل سر جان مارشل جاڻايو آهي ته ڪپهه مان ڪپڙي جوڙڻ جو هنر پهريائين پهريائين پنجاب ۽ سنڌ ۾ شروع ٿيو، ۽ به ٽي هزار ڪن ورهيه هن موجب ڇئبو ته .پوءِ ايشيا ڪنڊ جي الهندي طرف ۽ مصر ملڪ ۾ جاري ٿيو مهاپارت وارو زمانو، جنهن کي اڄ پنج هزار ڪن ورهيه ٿيا آهن، تنهن ۾ ڪپهه مان ڪپڙي جوڙڻ جو رواج سنڌو ماٿر ۾ پيو، پر اهو رواج انهيءَ ڪان گهٽو آڳاٽو ڏسجي ٿو. رگ وید ڪانپوءِ جيڪو ساهت آهي، تنهن ۾ اها ڳالهه ڪٿي به جاڻايل ڏسڻ ۾ ڪانه ٿي اچي ته رگ وید واري زماني ڪان وڃي سنڌ ۾ سڄو ورهيه ساندهه سيءَ پوندا هئا، انهيءَ سبب ائين وسهڻ لاءِ سبب ٿئي ٿو ته سنڌ ۾ سوتي ڪپڙي جوڙڻ جو رواج ويدڪ زماني ۾ ئي پيو هو. اهو هن ڪري ڇئجي ٿو، جو رامائڻ ۾ ريشمي ڪپڙن جو ذڪر آهي. هن مان ظاهر آهي ته تريتا جڳ ۾ جڏهن ريشم جوڙڻ جو رواج هو، تڏهن سوتي ڪپڙي پهرڻ جو رواج ضرور اڳ ۾ ئي جاري ٿيو هوندو، جو سيڪو ماڻهو ريشم نٿو پائي پر سوتي ڪپڙي ڪان سواءِ ڪنهن غريب کي به نٿي سري. مطلب ته

سجي هندستان ۾ پهريائين پهريائين ونڊ پوکڻ ۽ کپهه مان ڪپڙي جوڙڻ جو رواج سنڌو ماڻر ۾ ٿيو، باقي سنڌ جي کپهه ۽ انهيءَ مان جڙيل ڪپڙي ٻاهر رواني ڪرڻ جو رواج گهڻو پوءِ ٿيو. اِهي اسان جا سنڌي ماڻهو هئا، جي پنهنجيءَ گهرج کان وڌيڪ ڪپڙو جوڙي، ڏيساورن ڏي روانو ڪندا هئا، جنهنڪري سنڌ جو نالو ڪيترن هنڌ مشهور ٿي ويو. هن لاءِ گهڻيون ئي ثابتيون آهن. مثلاً، قديم زماني ۾ هندستان ۽ مغرب وارن ملڪن جي وچ ۾ جيڪو واپارهلندو هو، تنهن جو ذڪر ڪندي، رالنسن صاحب ڄاڻايو آهي ته عيسوي سنه کان 668 ڪن ورهيه اڳي جا ڪتاب سريا (شام) ملڪ جي حاڪم "اسر بني پال" جا هٿ آيا آهن، جن ۾ "سنڌ" لفظ هندستان کپهه جي معنيٰ سان ڪم آيل آهي.پروفيسر اي. ايڇ. سئس ڄاڻايو آهي ته عيسوي سن کان چار صديون ڪن اڳي سنڌ جو نهيل ڪپڙو ايراني نار جي رستي بئبلونيا ۽ مصر ۽ ملڪ ڏي ويندو هو.

پروفيسر لئسن ڄاڻايو آهي ته مصر جا ماڻهو مردن جي ڪفن لاءِ سنڌ جي ململ ڪم آڻيندا هئا.

مئدم زئگوزين ۽ ٻين ڪن عالمن ڄاڻايو آهي ته بابل يا بئبلونيا جا قديم رهاڪو سنڌ جي ململ کي "سنڌو" سڏيندا هئا، ڇاڪاڻ ته اهو ڪپڙو ايندو ئي سنڌ مان هو.

سنڌ جي ململ ايراني نار کان بئبلونيا (بابل) ڏي ويندي هئي، ته ايران ۽ بئبلونيا جي ماڻهن وٽان يهودين کي انهيءَ جي سڌ پيئي، ته پوءِ اهي قديم يهودي لوڪ به سنڌ سان ململ ۽ ٻين جنسن جو وٽج واپار ڪرڻ لڳا. قديم زماني ۾ ڪراچي ضلعي جي لاڑ ۾ پاتال" نالي هڪ نامياروبندر هو، جتان سنڌوندي به شاخون ٿي وهندي هئي. عيسوي سنه کان سوا ٿي سؤ کن ورهيه اڳي سڪندر اعظم سنڌ تي ڪاهه ڪئي، تنهن وقت به "پاتال" نهايت مسهور بندر هو، جنهنڪري يوناني تاريخ نويسن ان جو زڪر ڪيوآهي. ميجر ۾ (Indus Delta Country) "جنرل هيگ پنهنجي ڪتاب "انڊس ڊيلٽا ڪنٽري

جاڻايو آهي تہ حضرت سليمان جي وقت ۾ دنگين ۽ جهاز سنڌو نديءَ جي ڇوڙ (پاتال بندر) وٽ اچي بيهندا ڪندا هئا. اهو واپار ايتري قدر زور هو، جو سنڌ جو نالو الهندي ايشيا ۾ مشهوري ٿي ويو، ۽ خود عيسائين جي انجيل ۾ بہ سنڌ جو نالو اچي ويو. "سنڌو" جو نالو ايرانين ڦيرائي ڪيو "هندو"، تہ يهودين ان عيسائين جو انجيل، جو اصل (hoddu). "جو اچار وڌيڪ بگيڙي ڪيو "هودو يا يهودين جي بوليءَ ۾ لکيل آهي، جا ڳالهہ، يول ۽ برنيل (Hebrew) عبرانيءَ صاحبن پنهنجي جوڙيل ڪتاب "هابسن جابسن" ۾ جاڻائي آهي. بئبلونيا جي رهاڪن ۽ يهودين وڃان مصر ملڪ جي ماڻهن کي سنڌ جي ململ جي سڌ پيئي، تها هي بہ سنڌ ملڪ سان وڻج واپار ڪرڻ لڳا، ڊيوڊ مئڪفرسن پنهنجي ۾ جاڻايو آهي تہ مصر ملڪ (Annals of Commerce)"ڪتاب "ائنلس آف ڪامرس .جا جهاز پاترال بندر (سنڌ) تائين ويندا هئا

سنڌ جو نالو ايرانين ۽ يهودين وڃان يونانين بہ پڌو:

بئبلونيا وارو پاسو سنڌو ماڻر جي قديم "پٽي" (وڻجارن) لوڪن ۽ ڪن دراوڙن وسايو هو، ۽ اهي پوءِ يورپ ڏي بہ وڻج واپار ڪرڻ ويندا هئا، جنهنڪري يونانين سنڌ جو نالو انهن کان بہ پڌو هجي تہ عجب ڪونهي. بهرحال اها پڪ آهي تہ قديم ايرانين ۽ يونانين کي سنڌ جي اعليٰ سيبتا ۽ شاهوڪاريءَ جي سڌ اول کان هئي، ۽ اهو ئي سبب آهي جنهنڪري ايرانين ۽ يونانين سنڌ تي ڪاهہ ڪري، اهو پريو پاڻيو پرڳڻو ڪجهہ وقت پنهنجي قبضي ۾ ڪيو هو. يورپ جي ماڻهن کي سنڌ جي سنهيءَ ۽ نفيس ململ جي سڌ پهريائين تڏهن پيئي، جڏهن سڪندر اعظم جو لشڪر اها ململ سوڪڙي ڪري ساڻ کڻي ويو. ان وقت سنڌ ۽ پنجاب جا رهاڪو توڙي ٻيا هندستان سوٽي ڪپڙو پهريندا هئا. سوٽ ڪپڙي جو تَر لهردار هوندو هو، جنهن يوروپي لوڪن جو گهڻو ڌيان ڇڪيو.

قديم يوناني لوڪ سنڌ جي ململ کي "سنڊن" (Sindon) سڏيندا هئا. ان وقت شايد اها چوٽي عام هئي ته "ململ ته سنڊن" (سنڌ جي). اهو ئي سبب پائنجي ٿو، جنهنڪري سنڌي لفظ "سنڊن" ململ" جي معنيٰ سان ڪم ايندو هو، ۽ يونانين ان جو اُچار ڦيرائي "سنڊن" ڪيو. ويجهڙائيءَ ۾ ملڻ ۾ اهو لفظ ڪم آندو آهي، پر ملڻ واري مضمون ۾ معنيٰ اٽس "سنگين اوڇڻ يا ويڙهڻ لاءِ ڪپڙو، منهن ڍڪڻ لاءِ جاري". انگريزيءَ ۾ ٻيو لفظ "سينڊل" (Sendal) به عام ٿيو، جو اصل ۾ آهي سنڌي لفظ "سينڊڙ" ۽ معنيٰ اٽس "سنڌ جو سنگين وڻيل ڏاڪي مان ولايت ۾ اڳي ٻيڙين لاءِ پڳوهه (رسا) ناهيندا هئا. اهي قيمتي رسا انهن شاهاڻين ٻيڙين ۾ ڪم آڻيندا هئا، جن جا سڙهه ريشمي هوندا هئا. مطلب ته سنڌ جو سنگين وڻيل ڏاڪو به يوروپي لوڪ هڪ شاهاڻي شي ڪري ليکيندا هئا. انهيءَ ريت سنڌ جي صوي پنهنجو ججهو ناماچار ڪيو، جنهنڪري مغربي ملڪن ۾ مشهوري مليس.

اتر هندستان ۾ پنجاب ۽ سنڌ سنگين ململ جوڙڻ ۾ نالو ڪيو ته پوءِ ڏکڻ هندستان به پنڻي کين پيو. ڏاڪا جون ململيون اڇڻيون ته سنگين هيون، جو چون ٿا ته ململ جو سڄو تاکيو منڊيءَ مان لنگهائي سگهبو هو. اها سنگين ململ به يورپ ڏي وڃڻ لڳي، ۽ يوروپي لوڪ انهيءَ چگي رقم ڏيندا هئا. ڪئين ورهيه ساندهه هندستان جو مال ائين يورپ ڏي وڃڻ لڳو. هندستان جا ماڻهو ساڃا ٿيڻ لڳا، ته ڪي يوروپي پوسرڻ لڳا. يورپ ۾ اوني ڪپڙو جوڙيندا هئا، پر اسان جي سوتي ڪپڙي لئنڪشائر جي اوني ڪپڙي جي ڪارخانن کي ڏڪ هڻي ڇڏيو، ته لئنڪشائر ۾ وڏو غلغلو مچي ويو. اُهي ايتري قدر ويا، جو سن 1666ع ۾ قاعدو پاس ڪرايائون، ته ڪنهن فوتيءَ جو ڪفن جيڪو سندس مائٽ اوني ڪپڙي مان نه جوڙائيندو، سو ڏنڊ جي سزا جوڳو ٿيندو! انهيءَ عجيب قاعدي جاري ٿيڻ کانپوءِ به جڏهن ڏٺائون ته ڪيترا يوروپي هندستان جي سهڻي سوتي ڪپڙي پهرڻ کان نٿا رهن، تڏهن لئنڪشائر جي ڪارخانن وارا پاڻ به سوتي ڪپڙو جوڙڻ لڳا. انهيءَ ريت هندستان جي سوتي ڪپڙي يورپ ۾ هنري انقلاب آندو. هي حقيقتون

ڪيترين ئي تاريخن ۾ لکيل آهن، پر اهي ٽيون هاڻوڪيون ڳالهيون، تنهنڪري اسين موٽي آڳاٽين ڳالهين تي اچون ٿا.

مٽي اڳي ئي ڄاڻايو ويو آهي ته قديم سنڌو ماڻر جا "پٽي" (وڻجارا) بئبلونيا ۽ ميسوپوٽيميا ڏي ويا، ته ڏکڻ هندستان جا چول لوڪ به اوڏهين ويا، ۽ اتي پنهنجون بينڪون وڌائون، جنهنڪري اهو ملڪ چول لوڪن جي نالي پٽيان "چول ديش" سڏجڻ ۾ آيو، جنهن جو اُچار پوءِ ڦري چئلديا (ڪئلديا) ٽيو، ۽ اهو "بئبلونيا" به سڏجي ٿو. بئبلونيا ۾ جن قديم حاڪمن حڪومت ڪئي، تن جي نالي شهر هو، جو فرات (يوفريٽس) نديءَ جي هاڻوڪي (Ur) "گاديءَ جو هنڌ "اُر پيت کان ڇهه ميل پري، ڏکڻ ڏي هو. اهو آڳاٽو شهر ڪيترن ورهين کان ڦٽي ويو اهي. ويجهڙائيءَ ۾ اُتي جي کنڊرن جي کوٽائي ڪندي ڊاڪٽر ارنيسٽ مئڪي اتان هڪ مهر لڌي، جا عيسوي سن کان ايڪيهه سو ورهيه اڳ جي آهي، ۽ اها هوبهو انهن مهرن جهڙي آهي، جي سنڌ ۾ مهن جي ڏڙي مان لڌيون آهن. هيءَ حقيقت سرجان مارشل پنهنجي ڪتاب "موهن جو ڏڙو ۽ سنڌو سيبتا" ۾ ڄاڻائي آهي. انهيءَ کان پوءِ 1931- 1930ع ۾ ميسوپوٽيميا طرف کوٽائي ڪرائيندي، ڊاڪٽر ايچ. فرئنڪفورٽ کي مهن جي ڏڙي مان لڌل مهرن جهڙي هڪ مهر هٿ آئي، جا عيسوي سن کان ٽي هزار ڪن ورهيه اڳ جي آهي.

قديم شهر "اُر" جي ويراني مان پڪو ساڳ به لڌو آهي. پڪو ساڳ ڏکڻ هندستان جي پيدائش آهي، ۽ الهندي ايشيا ڏي ٿئي ئي ڪونہ، تنهنڪري اها به هڪ پڪي پختي ثابتي آهي ته بئبلونيا جي رهاڪن جي ڏکڻ هندستان وارن سان قديم زماني۾ ئي لهه وچڙ هئي، ۽ جهازن توڙي عمارتن جوڙڻ لاءِ پڪو ساڳ ملبار طرفان گهرائيندا هئا. هيءَ حقيقت پروفيسر سئس پنهنجين تقريرن (هبرٽ ليڪچرس، 1888ع) ۾ ڄاڻائي آهي. مطلب ته مهن جي ڏڙي ۽ رگ وید واري زماني کان وٺي سنڌ جي سنڌ ورڪين الهندي ايشيا، مصر ملڪ ۽ يورپ

سان وڻج واپار ڪري پنهنجي پرڳڻي کي ملڪان ملڪ مشهور ڪري ڇڏيو هو، ۽ دراوڙ به وڻج واپار ۽ جهاز راني ۾ پنهنجو مٽ پاڻ هئا. ويجهڙائي ۾ به اسان جا ڪيترا سنڌ ورڪي پائر هيڏانهن مالٽا، جبرالٽر، ڪئرو (قاهره) ۽ بين مغربي هنڌن ۾، ته هوڏانهن وري دور پورب يعني رنگون، برما، سينگاپور، منيلا، چين ۽ جپان ۾ پنهنجون ڪوٺيون ڪديو وينا هئا، جي پوءِ جرمني ۽ جپان جي جنگين ڪري بند ڪرڻيون پين.

گوتم ٻڌ جي جنم جون جنم ڪٿائون جن ڪتابن ۾ ڄاڻايل آهن، سي "جاتڪ" يعني جنم جون ڪٿائون سڏجن ٿيون، جن جو انگريزي ۾ ترجمو ٿيل آهي. جاتڪ ڪٿائن مان هڪ جو نالو آهي "بيبروُ جاتڪ". اهو بيبروُ لفظ اُهو ساڳيو آهي، جنهن جو اُچار هن وقت "بئبلونيا" آهي. پروفيسر رالنسن به انهي بيبروُ جاتڪ مان هندستان ۽ بئبلونيا جي وڻج واپار جونئر ڳالهيون ڪديو پنهنجي ڪتاب ۾ ڄاڻايون آهن. بين عالمن به ائين ڪيو آهي، ۽ ڄاڻايو اٿن ته هندستان ۽ بئبلونيا جي وچ ۾ وڻج واپار گهڻي قدر عيسوي سن کان 480 ڪن ورهيه اڳي بند ٿي ويو.

اسان جا هي سرويچ واپاري، جن مان ڪي اصل سنڌو ماڻر جا پٽي ته ڪي ڏکڻ هندستان جا دراوڙ هئا، سي پوءِ يورپ ڏي وڌي، بنهه اُتر ڏي اسڪئنڊينيويا تائين به ويا، ۽ پنهنجي سيٽا جو اوڏهين به ڦهلاءُ ڪيائون. پروفيسر نلسن(Professor Nilson) جو "جهوني وٽ وگيان" (Archaeology) ۾ هڪ وڏي سند ڪري ليکيو آهي، تنهن کوجنائون ڪري ڄاڻايو آهي ته انهن پٽي يا فنيشن لوڪن ناروي جي اتر تائين به وڃي بينڪون وڌيون هيون، ۽ اوڏهين "بئل ديوتا" (God Baal) جي پوڄا جو رواج به وڌائون. پڙهندڙن کي معلوم هجي ته بئل ديوتا جي پوڄا سا مهاديو جي لنگهه جي پوڄا جو هڪ نمونو آهي، ۽ سنڌو ماڻر جا شوي آريه لوڪ، ۽ ڏکڻ هندستان جا دراوڙ لوڪ لنگ جا پوڄاري هئا. اهي ئي اسان جا سنڌو ماڻر جا پٽي هئا، جن يونان ۾ به پنهنجون بينڪون وڌيون، ۽ يوناين کي پنهنجي سيٽا جي رنگ ۾ رنگي ڇڏيائون. ڪهڙي

زماني ۾ اسان جا وڻجارا اوڏاهين ويا، سي سنبت ۽ سن ملڻ مشڪل آهن، پر اها پڪ آهي تهانهن وڻجارن مان ڪي اسان جا سنڌي ماڻهو هئا. جيئن هن وقت سنڌ جا ڪي ملاح مغلپين، تعلقي جاتيءَ ج4ي پريان ڪوري ڪاريءَ مان لنگهي، ڪڇ جي نار ڪان ملبار وجن پيا، تيئن اڳي به اها وات وني ويندا هئا، ۽ هڪ پاسي ايراني نار ڏي دنگيون ۽ جهاز هاڪاري مغربي ملڪن سان وڻج واپار ڪندا هئا. پوڪوڪ صاحب انهيءَ باري ۾ هيئن لکيو آهي:

"At the mouth of the Indus, dwell a sea-faring people, active, ingenious and enterprising, as when, ages subsequent to this great movement, they themselves, with the warlike denizens of the Punjab, were driven from their native land, to seek the far distant climes of Greece. The commercial people dwelling along the coast that stretches from the mouth of the Indus to the Core, are embarking on that emigration whose magnificent results to civilization, and whose gigantic movements of art, fill the mind with mingled emotions of admiration and awe. These people coast along the shores of Mekran, traverse the mouth of the Persian Gulf and again adhering to the sea-board of Oman, Hadramant and Yemen (Eastern Arabia), and sail up the Red sea; and again, ascending the mightly stream that fertilizes a land of wonders, found the kingdoms of Egypt, Nubia and Abyssinia. These are the same stock that, centuries subsequently to this colonization, spread the blessings of civilization over hellas and her islands. The connection, therefore, which is so constantly represented by Greek historians as subsisting between Egypt and Athens, as well as Benotia, and other parts of Greece, is perfectly natural, and in fact is just what we should anticipate from a people, who so highly honored and deeply venerated their parent state as to receive from its hands their sacred fire, and their ministers of religion.

Gul Hayat Institute

"Of the triple connection that links Egypt, Greece and the lands of the Indus, there will remain no longer the shadow of a doubt, as the reader accompanies me in the geographical development of the colonisations of Africa founded by the mercantile and thriving community of Corinthus. This is past controversy: for the Abusin, a classical name for the Indus is reproduced in Greece as the Col-Indus (Corinthus), that is the people of the Coi Indus."—Pocoke: *India in Greece.*

قرض ۽ وياج: رگ وید واري زماني ۾ واپاري نهايت شاهوڪار هوندا هئا (منڈل چوٿون، 25، 7). اهي اڪثر ڳڻن اگهن ۾ پنهنجو مال نيڪال ڪندا هئا، جنهنڪري ڪيترن واپارين جو نالو بد هوندو هو. منڈل پهرئين (33، 3) ۾ اندر ديوتا کي آرڌنا ڪندي، هڪ رشي چوي ٿو ته "تو وٽ گهٽي ئي نڌيون يا خزانا آهن، پر پٽين (وٽجارن) وانگر اسان سان هلت نه ڪج. وڏيءَ دل سان اسان کي دان ڏج ۽ ان جي عيوض اسان کان گهٽو نه گهرج" – مطلب ته اسان جي ٿوريءَ پوڄا تي گهٽو راضي ٿي، اسان سان پنهنجو وڏو وڙ ڪج.

قديم زماني جا سينيون گهرجائو ماڻهن کي ڳري وياج تي پئسا اُڌارا ڏيندا هئا. وقت تي تنگ طلبي ڪندا هئا، جنهنڪري قرض هڪ وڏو مرض ڪري ليکبو هو. ماڻهو ڏٺيءَ کان اها دعا پيا گهرندا هئا ته "قرض کان آجو ڪجانم". کي ماڻهو جوا مهل به قرض ڪٽندا هئا. جيڪي لهٽي رقم نه ڏيندا هئا، تن کي لهٽيدار ٽنين سان ٻڌندا هئا (رگ وید، منڈل ڏهون، 34، 14). شايد اهو مطلب هوندو هون ته جڏهن ساڻن سختي ڪبي، تڏهن هو پاڻ يا سندن مٽ مائٽ يا سنگتي قرض واري رقم ڏيندا جيڪي لهٽي رقم ڏيئي ڪين سگهندا هئا، تن کي لهٽيدارن وٽ قرض ۾ وهٽو پوندو هو. اڄ به ڪي قرض ۾ وهن ٿا. ابن ڏاڏن جو ڪنيل قرض لاهڻ ماڻهو پنهنجو فرض سمجهندا هئا. قرضدار پاڻ کي اهڙو دکي سمجهندا هئا، جو چوندا هئا ته "اسان لاءِ سج اُپري ئي ڪونه ٿو" (منڈل ٻيو، 28، 9). اڄ به چوٽي آهي ته "قرض جهڙو مرض ڪونهي"، ۽ "قرض ڪوڙهه جو ٽڪو".

سڪا: قديم زماني ۾ جنسن جي اڪثر مٽا سٽا ٿيندي هئي، پر وقتي روڪڙ ناڻو به ڏيندا هئا. رگ ويد واري زماني ۾ نِستڪ" نالي سونا سڪا هوندا هئا. ٻيو هڪ سونو سڪو "منا" نالي هوندو هو (رگ ويد، منڊل انون، 78، 2). انهن سونن سڪن تي شايد گانءِ يا ڏڳي جي شڪل هوندي هئي، ۽ ان جو ملهه گانءِ جي ملهه جيترو هوندو هو، جنهنڪري جيڪڏهن ڪو گانءِ نه ڏيندو هو، تہ ان جي عيوض سونو سڪو ڏيندو هو. رگ ويد جي منڊل پنجين (6،33) ۾ چانديءَ جي سڪن جو به ذڪر آهي. ان وقت جا راجائون سون ۽ چانديءَ جا سڪا عام بنسبت هڪ (Bibhindu) طرح ڏان ڪندا هئا. منڊل انين (2، 41) ۾ راجا بيندو رشيءَ چيو آهي تہ "انهيءَ راجا هڪ گهمري مون کي چاليهه هزار سڪا ۽ ٻئي گهمري اَٺ هزار سڪا دان ڪيا هئا." سنڌ جي راجا سونيہ ياوييہ به ڪاڪشون رشيءَ کي جڇهو ڏن ڏنو هو. هن مان ظاهر آهي تہ انهيءَ وقت ئي ملڪ پريو پاڳو هو، ۽ دان پڄ ڪرڻ جو انگ به ماڻهن ۾ جهجهو هو. جن وٽ اَن جا انبار ۽ سون چانديءَ جا سڪا جڇها هوندا هئا، سي وڏا ماڻهو ليکبا هئا. جنهنڪري اڄ تائين چوٽي آهي تہ "سونيتي، روپيتي، اَنيتي سلام"! يعني جيڪي سون وارا، روپ يا چانديءَ وارا ۽ اَن وارا آهن، تن کي سيڪو سلام ڪري ٿو — "مايا کي نمسڪار".

---

* "It would have been strange if the many wide and deep rivers had not encouraged boat-building, even ship building and navigation: so that, while the general formation of the land, divided by intersecting mountain spurs in countless valleys, favoured the establishment of separate and independent tribes. The many easy ways of communication fostered neighborly intercourse, and laid the beginnings of commerce." Z.A Regozin: Vedic India, page112.

** "Movable property could change hands by gift or by sale, the latter taking the form of a barter The standard of value seems to have been the cow." Cambridge History of India Vol. 1. Page 97.

* Professor E.W. Hopkins: The Religions of India, page 34.

+ Professor A.A. Macdonell: History of Sanskrit Literature.

* Professor Wilson's Translation of the Reg Ved, Introduction page XII, Second Edition, 1860.

Gul Hayat Institute

+ "That the people of the country of the Indus rankes as navigators, in the most venerable antiquity, is perfectly clear from the ancient institutes of Manu, where 'merchants who traffic beyond the seas, and bring presents to the King'. Are expressly mentioned." Pococke: India in Greece.

"Indian vessels are so admirably adapted to the purpose for which they are required that, no withstanding their superior science, Europeans were unable, during an intercourse with India for two countries, to suggest or to bring into successful practice one improvement." Sir John Malcolm, Journal of Royal Asiatic Society, Vol. I.

جيالاجيڪل ڪاتي وارن جو چوڻ آهي، ته اڳي هڪ سمنڊ هاڻوڪي ترڪستان ڪان ونڊي سئبيريا تائين، ۽ منگوليا ڪان ونڊي ڪاري سمنڊ تائين هو، جو پوءِ (شايد زلزلي سبب) گم ٿي ويو. رگ وید ۾ (ساڳئي) انهيءَ سمنڊ ڏي اشارو آهي يا نہ، سو چئي نٿو سگهجي. — مصنف.

"The existence of the Rajputana sea to the south of this region (Septa Sindhu) down to the seventh or eighth millennium B.C, has already been referred to..... It is further certain that the Arabian sea also sent up an arm towards the Indus through and crossed a large part of the province of Sindh, which is now occupied by desert and the lower course of the Indus". Dr. A.C. Das: Regvedic India, p.p. 26-27

"A detailed report of the Trade of Karachi 1838 by Commander Carless of the Indian Navy furnishes some particulars of much interest. The value of the whole trade for that year was estimated at Rs. 21. 46, 625, the most important items in the list of imports being China and Bengal silk". Cazetter of the Province of Sindh, Vol. I, Chapter VIII, Page 368.

البيروني جو جنم 970ع ۾، ۽ چالاڻو 1038ع ۾ ٿيو هو. — مصنف

"The Phoenicians were the descendents of the Panis, and the product of an amalgamation of the Aryan and semetic races." Dr. A.C. Das: Reg Vedic Culture, page 88 and 152.

* "The Panis moved on towards the north of Syria, which they called Phoenicia or the land of the Panis or Panikas." Dr. A.C. Das: Reg Vedic India, page 204.

+ "There can be no question now as to who the Sumerians or the Chaldeans were, and whence they immigrated to Chaldea. They were, as I have already said a mixed race sprung from the Panis, and the Dravidians (Cholas), and were immigrants from the Coromandal and the Malbar Coasts." Dr. A.C. Das: Reg Vedic India, page 225.

"Considered as artists, the Babylonians and Assyrians stand foremost among the semities, but they are indebted for this to the early Chaldeans." Hist. Hist. of the World, Vol. I pp. 546-47.

Gul Hayat Institute

++ Babylon an ancient city on the left of the Euphrates about 70 miles south of Bagdad. "Babylong" is the Greek form of Babel or Baba-iii, "The gate of the God" Which again is the semitic translation of the original Sumerians name Ka-dimirra. Encycl Britt. Article "Babylon."

** "Shumer actually did mean all Babylonia appears evident from the biblical use of shiner i.e. Shumer to describe the district which contained the four chief Babylonian cities viz. Babel, Erech, Accad and Calnch (Genesis X. 10)..... The identity of Shinar and Shumer is also demonstrated by the Septuagaint rendering of Shinar in Isiah XI. II by Babylonia." Encycl. Britt article. Sumer and Sumerians.

* See also sjt. Chamanlal's "Hindu America," p. 45.

* "The Phoenicians claimed that their oldest cities had been founded by the gods themselves, and that their race could boast an antiquity of 30,000 years." Encycle: Britt. Article "Phoenicians."

* RagozineL Vedic India, p. 304,

** "India is the original home of Cotton." Dr. James A.B. Scherer: "Cotton as World Power."

+ Sir John Marshall: Mohan Jo Daro and Indus Civilization.

* Professor H.G. Rawlinson: Intercourse between India and Western World.

+ Professor A.H. Sayce. Hibbert Lectures (1887)

** "The Old Babylonian name for muslim was "Sindhu" i,e, that the stuff was simply called by the name of the country which exported it. "Z.A. Ragozin. Vedic India called by the name of the country which exported it." Z.A. Ragozin. Vedic India P. 306

* Yule — Burnell: Hobson Jobsonor Glossary of Anglo — Indian Words and phrases, article "India"

* "Cotton Cloth was first seen in Europe when the soldiers of Alexander the Great brought some of it back, as a curiosity, in the fourth century before Christ. All India was clothed with it then, as today; some of the ancient textiles being so delicate and beautiful as to give rise to the poetic description, 'Webs of the woven wind'. " Dr. James. A.B. Scherger: Cotton as World Power.

+ "Wore she not a veil of Sindhon!" Milton.

** "Sails of silk, and ropes of sandal, such as gleam in ancient lore." Longfellow.

* Dr. James A. B Scherer: Cotton as World Power.

* Jataka stories, translated by Cowel and Rause (Cambridge 1907) III p. 83

+ Radha Kumud Mookerji: Indian Shipping, p. 88.

Gul Hayat Institute

** "These Panis or Phoenicians are known in history as the Punic race, who established colonies in Mesopatamia, Egypt, Pheonicia and North Africa, and even Norway, and played an important part in the early history of Europe" Dr. A.C. Das: Reg Vedic India, p. 587

Gul Hayat Institute

باب تيرهون

ٻولي، آئيويٽا ۽ ساهت

تهذيب جو وسيلو ٻولي: سڀني ملڪن جي قومن جيڪا به ترقي ڪئي آهي، سا ميل ميلاپ ۽ گڏيل ڪوششن جو ڦل يا نتيجو آهي. دنيا ۾ ڪروڙين ڪارخانا، گوديون، آفيسون، اسڪول، ڪاليج ۽ ٻيون سنسٿائون آهن، جيڪي سڀ ميل ميلاپ تي مدار رکن ٿيون. ڪارخانن کولڻ لاءِ سينيون وڏيون وڏيون رقمون سيڙائين ٿا، پر جيڪڏهن ڪاريگر ۽ مزور وٽن ڪم ڪرڻ کان نابري واري وهن، ته جيڪر ڪارخانا ڪيئن هلن؟ ساڳيءَ ريت جيڪڏهن هاري ناري نه هجن، ته زميندار يڪي سر کهڙي کوڏر هڻي سگهن؟ جڏهن ماڻهو ماڻهوءَ سان ملي ڪم ڪري ٿو، تڏهن چرخو چگيءَ ريت هلي ٿو، ۽ هنرن ۽ واپارن وغيره ۾ ترقي ڪري سگهجي ٿي، نه ته جيڪر دنيا جو چرخو بيهي وجي.

ماڻهن جي ميل ميلاپ لاءِ، ۽ چگيءَ ريت چرخي هلائڻ لاءِ ٻولي نهايت ضروري آهي. جيڪڏهن ٻولي نه هجي ته ڪيئن جيڪر سينيون ۽ گماشتا، زميندار ۽ هاري ناري ۽ ٻيا ماڻهو هڪ ٻئي جي ڳالهه سمجهي سگهن؟ جيڪڏهن سڄي دنيا ۾ ماڻهو ٻوليءَ ڪم آڻڻ بدران گونگن وانگر اشارا ڏين، ته پوءِ جيڪر گهٽي ترقي ڪري ڪين سگهجي. انهيءَ مان سيکو سمجهي سگهندو ته سڀ ڪنهن ملڪ جي سيٽا يا تهذيب ٻوليءَ سان شروع ٿئي ٿي، ۽ اهائي تهذيب جي ترقي4 جو هڪ وڏو وسيلو آهي. نوان نوان هنر جاري ٿيندا ته انهن سان لاڳاپا رکندڙ ڳالهين لاءِ ماڻهو ضرور پورا پورا لفظ ڪم آڻيندا، ته جيڪي سندن ڏنڊي وارا آهن، يا جن جي ساڻن ڏيتي ليتي آهي، سي سندين ڳالهه ٻوريءَ ريت سمجهن. اهڙيءَ ريت اخلاقي اطوار، وگياني ويچار، روحاني راز ۽ ٻيون ڪئين ڳالهيون ٻوليءَ جي وسيلي ظاهر ڪجن ٿيون، جن لاءِ پورا پورا لفظ ڪم آڻڻا پون ٿا، تنهنڪري ماڻهن جي ترقيءَ سان گڏوگڏ ٻولي به ترقي ڪري ٿي، ۽ پلٽو

ڪائي ٿي. اهي ئي ڳالهيون اسان کي هن باب ۾ ڪولٽيون آهن ته قديم سنڌو ماڻر جي تهذيب جي تاريخ سمجهڻ سولي ٿئي.

سنسڪرت ۽ ان جا قسم يا درجا: سيڪنهن پرڳڻي جي ٻولي پنهنجي پنهنجي ٿئي ٿي. قديم سنڌو ماڻر جا آريه لوڪ ڳالهائڻ ٻولهائڻ توڙي لکپڑهه ۾ جيڪا ٻولي ڪم آڻيندا هئا، سا اها آهي، جا هاڻ عام طرح "سنسڪرت" سڏجي ٿي. ندن جا ويد انهيءَ ٻوليءَ ۾ لکيل آهن، جن بابت هندو عام طرح ائين چون ته اهي "انادي" آهن، يعني انهن جي اَد يا شروعات آهي ئي ڪانه، جنهنڪري چئبو ته سنسڪرت ٻولي نهايت قديم آهي. انهيءَ ٻوليءَ ڳالهائڻ جو رواج ڪڏهن پيو، سو ڪوبه چئي ڪونه سگهندو.

هندن جا جملي چار ويد آهن: رگ، يجر، سام ۽ اٿر. انهن چئني مان رگ ويد نهايت آڳاٽو آهي، ۽ انهيءَ جهڙو جهونو پستڪ ٻيو آهي ئي ڪونه. سڄو رگ ويد منڊلن يا بابن ۾ ورهايل آهي، ۽ اهي منڊل جدا جدا زمانن جا آهن. چالو ٻوليءَ ۾ وقت بوقت ٿورو گهڻو ڦير پوي ٿو، ۽ اها پلٽو ڪائي ٿي. خود رگ ويد جي ٻوليءَ ۾ ڦير آهي. رگ ويد جون ڪي ڪي رچائون اهڙيءَ ڪنهن قديم سنسڪرت ۾ لکيل آهن، جو جيڪي رشي ويدن واري زماني ڪان سگهو ئي پوءِ ٿي گذريا، سي به انهن جو مطلب سمجهي نٿي سگهيا، ۽ اڄ تائين ڪوبه يوروپي توڙي ڏيهي عالم اهي سمجهي نه سگهيو آهي. ٻين ٽن ويدنجي ٻوليءَ ۾ ٿورو ٿورو ڦير آهي، پر ٿلهي ليکي انهن چئني ويدن ۾ ڪم آيل ٻوليءَ کي "ويدڪ سنسڪرت" سڏجي ٿو. سر گريئرسن ۽ بين ڪيترن يوروپي ۽ ڏيهي عالمن جو چوڻ آهي ته آڳاٽا آريه لوڪ ڳالهائڻ ٻولهائڻ توڙي لکپڑهه ۾ جيڪا ٻولي ڪم آڻيندا هئا، تنهن جو مثال رگ ويد واري ٻولي سمجهڻ گهرجي.

اهو قدرت جو قاعدو آهي ته جيڪا ٻولي روز مرهه ڳالهائڻ ۾ پيئي ايندي، تنهن ۾ ٿوري گهڻي ڦيرڦار سياويڪ طرح پاڻمرادو پيئي ٿيندي. سنسڪرت ۾ به ائين وقت بوقت ڦيرڦار ٿي، پر عام طرح ان جا ٽي مکيه قسم يا درجا ليکجن ٿا: قديم، وچولو ۽ آخرين. قديم سنسڪرت، جنهن کي "ويدڪ سنسڪرت" يعني ويدن واري سنسڪرت (ويدن جي زماني واري سنسڪرت) سڏجي ٿو، تنهن

ڪانپوءِ ”وچولي سنسڪرت“ (Middle Sanskrit) آهي. اها ويدن واري زماني ڪانپوءِ جي سنسڪرت (Post Vedic) سنسڪرت انهيءَ زماني جي آهي، جنهن ۾ ”سوترن“ لکڻ جو رواج هو. ”سوتر“ آهن ڏرمي ۽ بين ڳالهين بابت ننڍڙا قاعدا، جي ٿورڙن پر نهايت مائيدار لفظن ۾ ائين لکيل آهن، جو جڻ ته ”سوتر“ (سٽ يا ڏاڳي) ۾ موتي پوتل آهن، تنهنڪري انهيءَ وچولي سنسڪرت کي عام طرح ”سوترن جي زماني واري سنسڪرت“ (Sanskirt of the Sutra Period) به چئبو آهي. ويدن جي پنيان ”براهمڻ“ گرنٿ آهن، ۽ اهي سوترن ۾ لکيل اهن. ساڳيءَ طرح پاڻني منيءَ جي جوڙيل ”اشٽا ڏيائي“ (سنسڪرت گرامر) ۽ بيا ڪي پستڪ سوترن ۾ لکيل آهن. قديم آريه لوڪ جيئن جيئن ٻين قومن (اڀ آرين) سان لهه وچڙ ۾ آيا، تيئن تيئن سندن ٻوليءَ ۾ وڌيڪ ڦير پوندو ويو، جنهنڪري وچولي سنسڪرت ڦري آخرين درجي واري سنسڪرت تي آئي. هندن جا اهي اتهاس (رامائڻ ۽ مهاڀارت)، سمرتيون، ڪوي ڪالیداس جا ناٽڪ ۽ بيا جيڪي به پستڪ اڄ تائين سنسڪرت ۾ نڪتا آهن، سي انهيءَ ۾ لکيل آهن. هندن جا ”پراڻ“ به ان ۾ لکيل آهن، تنهنڪري اها عام طرح ”پراڻڪ سنسڪرت“ سڏجي ٿي. ”حقيقتاً اڄ ڪلهه سنسڪرت سڏبو ئي انهيءَ آخرين درجي واري سنسڪرت“ (Classical Sanskrit) ڪي آهي، ۽ هن وقت اهائي اسڪولن ۽ ڪاليجن ۾ پاڙهڻ ۾ اچي ٿي.

ٻوليءَ ۾ وقت بوقت ڦير پوندو ڏسي، آڳاٽن آرين هيءُ حڪم جاري ڪيو ته شودرن کي ويدن پڙهڻ جو ڪوبه اڌڪار (حق) ڪونهي. پڙهڻ ۽ پاڙهڻ جو ڪم رڳو براهمڻ ڪن، ته ويدن جا منتر اهي پوريءَ ريت اُچارين، پر چالو ٻولي ڪنهن جي ٻنڌڻ ۾ ٻڌجڻ جي ڪانهي. سنسڪرت ۾ پوءِ به تبديلي ٿيندي ويئي. رفتي رفتي اهڙي حالت ٿي، جو جيڪا سنسڪرت عام طرح ڳالهائڻ ۾ ايندي هئي، سا سموري ڦري هڪ بنهه نئين قسم جي ٻولي ٿي پيئي، ۽ اها ”پراڪرت“ سڏجڻ ۾ آئي. عام طرح ماڻهو پراڪرت ڳالهائڻ لڳا ته سنسڪرت ڳالهائڻ جو رواج ئي بند ٿي ويو. هندن جا ويد ۽ بيا ڏرمي بستڪ سنسڪرت ۾ لکيل آهن، تنهنڪري

براهمڻن، رشين ۽ منين سنسڪرت جو درجو پراڪرت کان مٿي رکيو، ۽ اڄ اها سڄي هندستان جي پوتر ٻاشا يا پاڪ ٻولي ليکجي ٿي.

مهاڀارت وارو زمانو دور پور جڳ جي پڇاڙيءَ ڪلجڳ شروع ٿيڻ کان ٿورو اڳ تائين هلندو پئي آيو، ۽ اهو سڀ وقت سنسڪرت چالو هئي، جنهنڪري ڇٻبو ته ڪلجڳ شروع ٿيڻ سان سنسڪرت جو واهپو بند ٿي ويو. انهيءَ هوندي ب پوءِ جي رشين ۽ منين سنسڪرت تي گهڻو ڌيان پئي ڏنو. ياسڪ نالي هڪ مني، جو عيسوي سن کان ڇهه صديون ڪن اڳ ٿي گذريو آهي، تنهن ويدڪ سنسڪرت جو گرامر لکيو، جو "اُشنا ڏيائي" نالي سان مشهور آهي. پوءِ ڪاتيائن ۽ پتنجلي رشيءَ سنسڪرت گرامر جوڙيا. ائين سنسڪرت کي وڌيڪ بگڙجڻ کان روڪڻ لاءِ ان کي قاعدي جي بندڻ ۾ بڌي ڇڏيائون. انهيءَ سبب جيڪا سنسڪرت پاڻني منيءَ، ڪاتيائن ۽ پتنجلي رشيءَ جي جوڙيل گرامر پٽاندر نه هوندي، سا غلط ليکبي. اهو ئي سبب آهي، جنهنڪري هينئر سنسڪرت ۾ وڌيڪ ڦيرو نٿو پوي.

"سنسڪرت" لفظ جي معنيٰ: قديم آريه لوڪ پنهنجيءَ ٻوليءَ کي "ٻاشا" چوندا هئا، جنهن جو ڏاتو يا بنياد آهي "ٻاش" معنيٰ ڳالهائڻ. "ٻاشا" معنيٰ "جا ڳالهائجي ٿي" يعني ٻولي. خود .ٻولي" معنيٰ ب جا ٻولجي جا ڳالهائجي ٿي. آرين جي ٻوليءَ تي ڪو خاص نالو رکيل ڪونه هو، ۽ "سنسڪرت" نالو ڪو گهڻو قديم ڪونهي، جو اهو ويدڪ ساهت ۾ ڄاڻايل ئي ڪونهي. انهيءَ قديم ٻاشا ڳالهائڻ جو پوءِ رواج ئي بند ٿي ويو. ياسڪ ۽ پاڻني منين انهيءَ جو اونهو اڀياس ڪيو، ته يقين ٿين ته اها ٻولي نهايت وگيانڪ (Scientific) ريت جڙيل آهي، تنهن ڪري ان کي سنسڪرت نالو ڏنائون، جنهن جي معنيٰ آهي "ڇڪي يا صاف ٿيل يعني اُجاريل يا سڌريل بولي." هيءُ نالو خود ڄاڻائي ٿو ته اهو ٻوليءَ صفت ظاهر ڪري ٿو، ۽ ياسڪ ۽ پاڻني منين هن ٻاشا (ٻوليءَ) جي عمدي بناوت ڏسي، مٿس اهو نالو رکيو. اهو لفظ ئي سندن وقت جو جڙيل آهي، ۽ جوڙيو ئي شايد پاڻ هئائون، جو ڪانئن اڳي اهو نالو ڪٿي به ڪم آيل ڪونهي.

"سنسڪرت" ۽ "ديوناگري" نالن تي ويچار: سنسڪرت ٻولي عام طرح "ديو واڻي" يعني ديوتائن جي ٻولي سڏبي آهي. آخرين درجي واري سنسڪرت(Classical Sanskrit) ۾ ٻه اها "سُر پارتي" يعني ديوتائن جي ٻولي سڏي ويئي آهي. "سُر" معنيٰ "ديوتا" ۽ "پارتي" معنيٰ "واڻي يا ٻولي". سنسڪرت ٻولي جنهن ائيويٽا ۾ لکبي آهي، سا اڳي "براهمڻي" لپي ڪوٺبي هئي، ۽ هاڻ اها "ديناگري" يعني ديوتائن جي ننگر (شهر) جي آئيويٽا ڪوٺجي ٿي. سنسڪرت آئيويٽا تي اهي نالا ڪيئن پيا، سا ڳالهه اڳي ڪنهن ٻه ڪولي نه ٻڌائي آهي، تنهنڪري ان بابت مان پنهنجا شخصي ويچار ظاهر ڪريان ٿو.

سڄي هندستان جا هندو عام طرح ائين چوندا آهن ته اسان جا ديوتائون اُتر ڏي آهن. هندستان جي اُتر ڏي هماليه جبل آهي، ۽ ان جي پريان ميرو پربت هو، جو سمير پربت ٻه سڏبو هو. آڳاٽن آرين مان گهڻا انهيءَ پاسي رهندا هئا. منجهانئن ڪيترا رشي هئا، جن مان ست رشي مکيه هئا، جنهن ڪري "سپت رشي" لفظ مهاپارت، پراڻن وغيره ۾ گهڻن هنڌ ڪم آيل آهي. شڪل يجر وید جي پنڌيان جيڪو شتپٿ براهمڻ گرنٿ آهي، تنهن ۾ انهن ستن رشين جا نالا گوتم، پردواج، وشوامتر، جمد گني، وشسٽ، ڪشيپ ۽ اَتري ڄاڻايل آهن. اهي ئي آڳاٽا رشي هئا، جن جي واتان ويدن جا منتر ظاهر ٿيا. ويدن جا منتر جهڙي تهڙي ماڻهوءَ جي واتان ظاهر ٿيڻ جا نه آهن، پر پهتل شخصن جي واتان اهي رشي پهتل شخص هئا، ۽ هاڻوڪا سڀ براهمڻ آڳاٽن رشين جو اولاد آهن، تنهنڪري براهمڻن پنهنجن انهن ابن ڏاڏن (رشين) کي "ديوتائن" ڪري ڪوٺيو ته اها ڪا وڏي ڳالهه ڪانهي. قديم يوناني لوڪ ٻه پنهنجن ابن ڏاڏن کي "ديوتائون" ڪري ڪوٺيندا هئا. اهي اڄ ٻه ائين چون ته اسين ديوتائن جو اولاد آهيون.

سپت رشي امر آهن: اڄ ٻه اکيون ڪٽي آسمان ڏي نهاريو ته هڪ تارن جو ميڙ ڏسڻ ۾ ايندو، جنهن ۾ ست تارا آهن. اهي اهڙيءَ طرح بينل آهن، جو جڙ ته اُپ ۾ هڪ وڏو رڇ بينو آهي، تنهنڪري انگريزيءَ ۾ لکيل ڪگول وديا ۾ اهو (Ursa Major or Great Bear) يعني "وڏو رڇ" سڏيو ويو آهي. انهن ستن تارن جي ميڙ کي هندو "سپت رشي" سڏيندا آهن، ۽ انهن کي ديوتائن ڪري ڪوڏيندا اهن. مطلب ته

انهن ستن رشين کي نہ رڳو براهمڻ، پر کتري ۽ وئش بہ ديوتائن ڪري سمجهن ٿا. منو سمرتيءَ ۾ انهن ستن رشين جي نالن سان گڏ ٻيا ٽي نالا دڪش، پرگو ۽ نارد جاڻايل آهن، ۽ اهي ڏهہ ئي "پرجاپتي" (برهما) سڏيا ويا آهن، يعني تہ انهن بابت چيل آهي تہ سڄي انسان ذات انهن مان پيدا ٿي هئي. اهڙيءَ حالت ۾ جيڪڏهن سڄي هندو جاتيءَ آڳاڻن رشين کي ديوتائون ڪري ليکيو، تہ اها ڪا عجب جي ڳالهہ ڪانهي. خود آڳاڻا رشي پنهنجي نالي ائين چوندا هئا تہ اسين ديوتائن جو اولاد آهيون. رگ ويد جي منڈل 3، (سُوڪت 53، رچا 9) ۾ چيل آهي تہ وڏو رشي وشوامتر ديوتائن مان پيدا ٿيو هو. آڳاڻا رشي ۽ سندن وڏا ڳالهائڻ ۽ ٻولهائڻ توڙي لکڻ پڙهڻ ۾ سنسڪرت ٻولي ڪم آڻيندا هئا، جا اڄ تائين هندن جي پوتر ڀاشا يا پاڪ ٻولي آهي، ۽ انهيءَ سبب ان کي "ديو واڻي" يعني ديوتائن جي ٻولي سڏين ٿا. آخرين درجي واري سنسڪرت ۾ بہ اها "سُر پارتي" يعني ديوتائن جي ٻولي ڪونڊ جو رواج بہ ڪن ڪسابن کان جاري ٿيو هو.

آسمان ۾ جيڪو ستن تارن جو ميڙ "سپت رشي" (Great Bear) سڏجي ٿو، تنهن ۾ بہ تارا "ڏس ڏيکاريندڙ" (Pointers) آهن. انهن وٽان سڌيءَ ليڪ ۾ "ڏرم تارو" (Polo Star) ڏسڻ ۾ ايندو آهي، جو سدائين اُتر ڏي هوندو آهي. اهو ڏرو تارو اڄ تائين ڄڻ تہ ائين پيو ڏيکاري تہ انهن آڳاڻن رشين جو ماڳ اتر طرف (ميرو پربت) تي هو. وشنو پراڻ ۾ لکيل آهي تہ جمون دويپ جي وچ ۾ ميرو پربت هجو، ۽ انهيءَ پربت جي چوٽيءَ تي هڪ شهر ٻڌل هو، جو پرٿويءَ تي سرڳ يا بهشت هو، ۽ اهو "برهما جو لوڪ" هو. آڳاڻا سپت رشي، جي "پرجا پتي" (برهما) سڏيا ويا آهن، تن جو اصلوڪو ماڳ اهو ؟برهما جو لوڪ" هو. انهيءَ مان ائين سمجهڻ ۾ اچي ٿو تہ اهو ئي پهريون ماڳ هو، جتي سنسڪرت لپي (آئيويٽا) نهي، ۽ "برهما جي لوڪ" ۾ نهڻ ڪري اها "براهمي" سڏجڻ ۾ آئي. اها پوءِ "ديوناگري" يعني "ديوتائن جي ننگر يا سهر" جي آئيويٽا سڏجڻ ۾ آئي، سو بہ انهيءَ ڪري جو آڳاڻن رشين جو ننگر يا شهر اهو "برهما جو لوڪ" هو، جو ميرو پربت جي چوٽيءَ تي هو، ۽ اها آئيويٽا اصل انهيءَ شهر ۾ جڙي هئي.

Gul Hayat Institute

لکڻ جو هنر: گذريل اٽويهين صديءَ ۾ تاريخ جي کوجنائن ڪندي، ڪن يوروپي عالمن هيءُ رايو ظاهر ڪيو ته ويدن واري زماني ۾، بلڪ ان کان ڪيترين صدين پوءِ ٻه، آڳاٽن آرين کي لکڻ جو هنر ڪونہ هو، ۽ ويدن جي واڌيءَ، ۽ اتهاسن ۽ پراڻن جي ڳالهين جو ڦهلاءُ پيڙهيءَ ٻ پيڙهيءَ حافظي جي وسيلي ٽيندو هو. ڪيترن يوروپي عالمن ڊاڪٽر بلهر (Dr. Bulher) جو رايو قبول ڪيو ته "فنيشن" آئيويٽا، جا عيسوي سنہ کان نَوَ (9) صديون اڳي چالو هئي، تنهن تان براهمي لپي (ديوناگري) نهي، ۽ ان کانپوءِ آرين وٽ لکڻ جو هنر عام ٿيو! يوروپي عالمن جو چوڻ هو ته قديم زماني ۾ هندستان ۽ ميسو پوٽيميا جي وچ ۾ گهٽي لهه وچر هئڻ سبب ميسوپوٽيميا جي فنيشن آئيويٽا هندستان ۾ چالو ٿي!

يوروپي عالمن جي ههڙن راين اسان جن ماڻهن ۾ غيرت پيدا ڪئي، ۽ گهٽو اُتساهه جاڳايو. هو پنهنجي سر کوجنائون ڪرڻ لڳا، جو ڪنهن کي ٻ اها ڳالهه اعتبار ۾ نٿي آئي ته قديم آرين فنيشن آئيويٽا تان ديوناگري اکر جوڙيا هئا. اسان جن ڏيهي عالمن مان، جن يوروپي لوڪن جي انهيءَ رايي کي اول رد ڏنو، تن مان مکيہ پروفيسر ڊي. آر. پنڊارڪر هو. هن صاحب کوجنائون ڪري چيو ته لکڻ پرهڻ جو هنر رگ ويد واري زماني ۾ ئي هندستان جي ماڻهن کي هو. تاريخ کان اڳ جي زماني جي آئيويٽا جا نشان جهڙا حيدرآباد دکن مان لڌل ٽانون ٽپن تي آهن، تهڙن اکرن تان براهمي لپي (ديوناگري) ورتل آهي.

هن باري ۾ جيڪي وڌيڪ کوجنائون هن وقت تائين ٿيون آهن، سي هتي مختصر طرح ڄاڻائجن ٿيون، ته سڄي ڳالهه سمجهڻ سولي ٿئي.
ڪلڪتي يونيورسٽيءَ جي تاريخ جي پروفيسر ڊاڪٽر ابناش چندرداس خود رگ ويد مان حوالو ڏيئي ڄاڻايو آهي ته رگ ويد جي منڊل ڏهين (سوُڪت 71، رچا 4) ۾ لکيل آهي ته "اهڙا ٻه ماڻهو آهن، جي واڌيءَ جي معنيٰ ۽ مطلب مطلب سمجهڻ کان سواءِ اُها ٻڌن ۽ ڏسن ٿا".

اهو حوالو ڏيئي چيو اٿس تہ ”واڻي تڏهن ڏسي سگهبي، جڏهن لکيل هوندي، تنهنکري هنن لفظن مان اڻ پچو اهو مطلب کڍبو تہ رگ وید واري زماني ۾ ئي ماڻهن کي نہ رڳو لکڻ ۽ پڙهڻ جو هنر هو، پر کي پستک بہ هئن.“

ڈاکٹر ابناش چندر داس جي هن ڳالهہ کي کوبہ يوروپي توڙي ڏيهي عالم اڄ تائين کو بہ رد ڏيئي کونہ سگهيو آهي، ۽ نکو کو ڏيئي سگهندو. اسين پنهنجي سر يوروپي عالمن جي اڳين راءِ کي سراسر غلط سمجهون ٿا، ۽ ڈاکٹر ابناش چندر داس جو رايو سورهن آنا صحيح سمجهون ٿا، تنهن لاءِ هيءُ بہ هک سٽاڻو سبب آهي، جو خود اٿرو وید جي منڈل اٺويهين (سوُڪت 68، منتر 72) ۾ چٽيءَ ريت چيل آهي تہ ”پستک (وید) جي پاڻ کرڻ مهل اهو پيتيءَ مان کڍندا هئا. ۽ پاڻ پوري کرڻ کان پوءِ اهو موٽائي پيتيءَ ۾ رکندا هئا.“ هن کان وڌيک پکي پختي ۽ نهايت چٽي ثابتي بي ٿي کين سگهندي، تنهنکري اڻ پچو قبول کرڻو پوندو تہ ويدک زماني ۾ ئي آڳاٽا آريہ لوک نہ رڳو لکي پڙهي ڄاڻندو هئا، پر لکيل پستک بہ هئن، جن جي ججهي سنيال کندا هئا، ۽ اهي پيتيءَ ۾ سانڍي رکندا هئا.

لوڪمانيہ بال گنگا ڌر تلک پنهنجي جوڙيل کتاب ”آرکٽک هوم“ ۾ مهاپارت جي شانتي پَرَو مان احوال ڏيئي ڄاڻايو آهي تہ آڳاٽا آريہ لوک جڏهن اُتر قطب طرف ميرو پربت تي رهندا هئا، تڏهن بہ وید ۽ پراڻ هئن، جي عيسوي سنہ کان اَٺ ڏهہ هزار ورهيہ اڳي مها پرلئي ٽيڻ وقت گم ٿي ويا، ۽ پوءِ رشين کي تپسيا جي بل تي جيتري قدر ياد پيا تيتري قدر وري نئين سر لکيائون. هنحقيقت موجب چئبو تہ آڳاٽا آريہ لوک جڏهن ميرو پربت طرف هئا، ۽ هندستان ۾ اجا آيا ئي کين هئا، تڏهن بہ وید ۽ پراڻ هئن، ۽ لکڻ پڙهڻ جو هنر بہ هون.

لکڻ جا آڳاٽا دستور يا نمونا: آرکيالاجيکل کاتي وارن کي کوجنائن کرڻ سان يقين ٿيو آهي تہ سڄيءَ دنيا ۾ اڳي هيءُ دستور هو تہ ماڻهن کي جڏهن کو

خيال ظاهر ڪرڻو هوندو هو، تڏهن ان جي شڪل ڏيندا هئا. مثلاً گرڙي ڏڳي يا ٻئي ڪنهن جانور جو نالو لکڻو هوندو هون تہ انهيءَ جي شڪل ڏيندا هئا. اهي شڪليون پوءِ پنهنجي صورت مٽائي، هاڻوڪيون آئيويٽائون ٿيون آهن. "لپي" يا آئيويٽا کي "ورڻ مالا" چئبو آهي. "ورڻ" لفظ جي معنيٰ آهي "رنگ". مثلاً "سون ورنو" معنيٰ سون جي رنگ وارو يعني "سهڻو". اهو "ورڻ مالا" لفظ ڇاڻائي ٿو تہ اڳي آئيويٽا جا اکر ڇڻيندا هئا، ۽ اها ڇڻيلن اکرن جي قطار اوائلي آئيويٽا هئي. اسان جو اهو قياس سچو آهي، تنهن جي تصديق "لپي" لفظ ڪري ٿو. "لپي" معنيٰ "آئيويٽا"، پر ان جو ڏاتو يا بنياد آهي "لپ" (Lip) معنيٰ "ڇڻڻ". اهو "لپي" لفظ ٻ ڇاڻائي ٿو تہ اڳي آئيويٽا جا اکر ڇڻيل هوندا هئا، ۽ پوءِ هرهڪ اُچار لاءِ ڪي اکر مقرر ٿيا. خود اکرن لکڻ جو نمونو ٻ وقت بوقت ڦريو آهي. نموني لاءِترمپ صاحب وارو ۽ بمبئي ڇاپي وارو شاهہ جو رسالو ڏسو، جن ۾ اکر اؤر نموني لکيل آهن. مطلب تہ جيئن ٻولي ترقي ڪري، نوان نوان روپ وني ٿي، تيئن آئيويٽائن ٻ روپ بدلايا آهن. اڄاڪي ديوناگري آئيويٽا "براهمڻي لپي" سڏبي هئي، ۽ اها جدا جدا زمانن ۾ روپ بدلائي هاڻوڪي ديوناگري ٿي آهي. هن وقت سنسڪرت ۾ لکيل ڪيترائي جهونا پستڪ آهن، جن ۾ ڪم آيل آئيويٽا هاڻوڪن ديوناگري اکرن کان گهڻو ڦريل آهي.

هندستان ۽ يورپ جا قديم آريہ لوڪ ڪيئن لکندا هئا، سا سڌ سنڌي لفظ "لکڻ" ۽ انگريزي لفظ "رائيٽ" (Write) مان پوي ٿي. انهن ٻنهي لفظن جي بنيادي معنيَ آهي ڪرڙڻ، رهڙڻ" يعني اُڪرڻ. انهيءَ بنيادي معنيٰ مان پتو پوي ٿو تہ اڳي پٽرن يا ڪنهن ڏاتوءَ تي اکر اُڪريندا هئا. خود "اکر" (سنسڪرت "اڪشر") لفظ جي معنيٰ آهي "جو ڪرجي نہ يا، ڏهي نہ" مس قلم سان لکيل اکر ڏهي ويندا، پر اُڪريل اکر نہ ڏهندا. مطلب تہ "لکڻ" ۽ "اکر" لفظ انهيءَ قديم زماني جا جڙيل آهن، جنهن زماني ۾ اکرن اُڪرڻ جو رواج هو.

ڊاڪٽر سنيتي ڪمار چٹرجيءَ پنهنجيءَ ناهيل بنگالي ٻوليءَ جي تاريخ ۾ سنسڪرت لفظ "پستڪ" جو لاڳاپو پارسي لفظ "پوست" (گل) سان ڇاڻايو آهي. هيءَ تاريخي ڳالهہ آهي تہ قديم ايراني لوڪ گاين جون ڪلون ڪاغذ يا پني

جھڙيون سنھيون ڪري، انھن تي لکندا ھئا. اھا حقيقت ڊاڪٽر مارٽن ھاگ پنھنجي ڪتاب ۾ پارسين جي مذھب ۽ ٻوليءَ جو ذڪر ڪندي صفحو 136 ۾ ڄاڻائي آھي. "پستڪ" لفظ به ڄاڻائي ٿو ته قديم ھندو لوڪ به ڪجھ وقت ڪلن تي لکندا ھئا، جو گاين ۽ ڏڳن ڪھڻ ڳائي گوشت ڪائڻ جو رواج مھاڀارت واري زماني تائين به عام ھو.

ڪاغذ يا پني جي ٻيٽ ۾ گل بلڪل مھانگي شيءِ آھي. ڪل جي ڇلي پني جھڙو سنھو ۽ لسو ڪرڻ به پورھيو ٿو پچي، تنھنڪري پائنجي ٿو ته اھو رواج گھٽي وقت تائين ۽ عام طرح چالو ٿي نه سگھيو ھوندو.

عام رواج ھيءُ ھو ته ڪيترن ملڪن ۾ ماڻھو وڻن جي پنن تي لکندا ھئا، ۽ اھا ساک ڪي لفظ به ٻرين ٿا. مثلاً سنڌي "پن" (Leaf) ۽ "پنو" (ڪاغذ) ساڳئي سنسڪرت لفظ "پرڻ" مان نھيا آھن. انگريزي لفظ "ليف" (Leaf) جي به ھڪڙي معنيٰ آھي "وڻ جو پن" ۽ ٻي معنيٰ "ورق" (ڪتاب جو). خود عربي لفظ "ورق" جو به اھي ٻئي معنائون آھن. ھن مان ظاھر آھي ته يورپ، عربستان ۽ ھندستان ۾ وڻن جي پنن تي لکڻ جو رواج عام ھو، ۽ اھو رواج ڪئين صدين ساندھ ھلندو پئي آيو.

ھوان شيانگ نالي ھڪ چيني مسافر عيسوي ستين صديءَ ۾ ھندستان ۾ سير ڪرڻ آيو ھو، ۽ سنڌ به گھمي ويو ھو. ھن صاحب پنھنجي سفرنامي ۾ ڄاڻايو آھي ته ھندستان ۾ ڪيترن ھنڌ مون ماڻھن کي وڻن جي پنن تي لکندو ڏٺو. سنسڪرت ساھت مان به معلوم ٿئي ٿو ته اڳي "ٻوج وڻ" (Birch Tree) جا پن عام طرح لکڻ لاءِ ڪم آڻيندا ھئا. اڄ تائين شريمد ڀاڳوت، گرڙ پراڻ ۽ ٻيا ڪيترا ڌرمي پستڪ براھمڻن وٽ ٿھا ٿيا رکيا آھن، ۽ جلد ٻدل ڪين اٽن. ھندو ماڻھو جڏھن گھرن ۾ شريمد ڀاڳوت وغيره جو پارائڻ رکائيندا آھن، تڏھن براھمڻ ھڪ ھڪ پرت پڙھندا، ٿھي جي ھينان رکندا ويندا آھن. اڳي به ائين ڪندا ھئا، پر متان ڪنھن وقت پنن جو ٿھو ڪري پوي، ۽ پن پن کان ڌار ٿي وڃي، تنھن ڪري ٻوج وڻ جو ڇوڏو انھن پنن جي ٿھي مٿان رکي، ٻوءِ ڇوڏي ۽ پنن جي آرپار ٽنگ ڪندا ھئا، ۽ انھيءَ ٽنگ مان ڌاڳو لنگھائي، ڳنڍ ٻڌي

چڏيندا هئا، تہ سنئون سولو ڪتاب ٿي پوندو هو. انهيءَ کي سڏيندا هئا گرنٿ، جنهن جي هڪڙي معنيٰ اهي "پستڪ يا ڪتاب"، ۽ بي معنيٰ آهي "گنڊ". سکن جي گرن جي ٻاڻي جنهن ڪتاب ۾ لکيل آهي، تنهن کي ادب ۽ عزت وچان "گرنٿ صاحب" چوندا آهن، نہ تہ اصل معنيٰ اٿس "ڪتاب"، ۽ پوءِ خاص طرح معنيٰ ٿيس "گرن جي ٻاڻيءَ جو ڪتاب". ساڳيءَ طرح مسلمانن جو پاڪ ڪتاب "قرآن" يا "القران" سڏجي ٿو، جنهن جي بہ اڪري معنيٰ آهي "ڪتاب" (The Book — (قرء معنيٰ پڙهڻ). ان کي "مصحف" يا "المصحف" بہ چوندا آهن. انهيءَ لفظ جي بنيادي معنيٰ اهي "ڪتاب" (صحف معنيٰ لکيل پرت، ۽ اهو "الڪتاب" بہ سڏبو آهي. ائين لفظن کي کي خاص معنائون ملن ٿيون.

مٿي جيڪي چيو ويو آهي، تنهن مان معلوم ٿيندو تہ ويدڪ زماني ۾ بلڪ تنهن کان ڪئين صديون پوءِ بہ هاڻوڪي وانگر ڪتاب ڪين هئا. ڪاغذن يا پنن جوڙڻ جو هنر اسان جا ماڻهو گهڻو گهڻو پوءِ سکيا، ۽ اها ڄڻ تہ ڪلهہ ڪلهوٽي ڳالهہ آهي. انسئڪلو پيڊيا برٽنيڪا مان معلوم ٿئي ٿو تہ ڪاغذن يا پنن جوڙڻ جو رواج چين ولايت ۾ عيسوي سنہ شروع ٿيڻ کان بہ اڳي هو. سنہ 751ع ۾ عربن سمرقند تي ڪاهيو، تہ چين جو لشڪر سامهون ٿين. ان وقت عربن کي چينائي گرفتار ڪيا، ۽ کين پاڻ وٽ نظربند رکيائون. انهن گرفتار ٿيل چيناين عربن کي چيو تہ .جيڪڏهن توهين اسان کي آزاد ڪندا، تہ انهيءَ مهرباڻيءَ جي عيوض اسين اوهان کي هڪ عمدو هنر سيکارينداسين." عربن اها ڳالهہ قبول ڪئي. انهيءَ تي چيناين کين ڪاغذ جوڙڻ جو هنر سيکاريو. عربن بہ پنهنجو ٻول پاڙي انهن قيدين کي آزاد ڪيو. اهو هنر پوءِ هندستان بلڪ يورپ جي ماڻهن کي پاڻ سيکاريائون. انهيءَ کان اڳي حسابي علم ۽ ٻيا ڪي علم عربن کي هندستان جي ماڻهن سيکاريا هئا. عربيءَ ۾ حسابي علم کي چون ئي .علم هندسہ"، ڇاڪاڻ تہ اهو علم هندستان مان پرايو هئائون. پوءِ پنن جوڙڻ جو هنر هندستان جي ماڻهن کي پاڻ سيکاريائون. ائين هڪ ٻئي جو ٿورو لاهي ڇڏيائون.

ديوناگريءَ جو ڦهلاءُ

سڀ قديم آريه لوڪ يا منجهانئن گهٽا جڏهن اتر قطب طرف ميرو پربت تي رهندا هئا، تڏهن سنسڪرت ٻولي ڳالهائيندا هئا. انهيءَ ٻوليءَ لکڻ لاءِ براهمڻي لپي ڪم آڻيندا هئا، جا پوءِ "ديوناگري" سڏجڻ ۾ آئي. اهي آڳاٽا لوڪ پوءِ اتر هندستان ۾ آيا، تہ ديوناگري اکرن جو سنڌو ماٿر ۾ ڦهلاءُ ٿيو. رگ وید اوري زماني ۾ سنڌو ماٿر ۾ "پڻي" (وڻجارا) هئا، ۽ واپاري لوڪن کي پنهنجي حساب ڪتاب رکڻ لاءِ ڪاڻ ڪا آئيوينا ضروري ڪپي. اهي پڻي آڳاٽي برهمڻي لپي ڪم آڻيندا هئا، جا ڳالهه هن مان ظاهر آهي تہ اهي پوءِ ڏکڻ هندستان ڏي ويا، جيئن پراڻن ۾ ڄاڻايل آهي، ۽ ويجهڙائيءَ ۾ ڏکڻ هندستان مان لڏل ڪن ٿانون ٿپن تي جيڪي اکر لکيل آهن، تن بابت ظاهر ٿيو آهي تها هي قديم براهمڻي لپيءَ جهڙا آهن. اهي سنڌو ماٿر جا پڻي، ۽ ڏکڻ هندستان جا چول لوڪ پو3 بئبلونيا، ميسوپوٽيميا ۽ الهندي ايشيا ۾ ٻين هنڌ ٻينڪون وجهي وڃي وينا، ۽ سيميٽڪ قوم وارن سان سگ ڳنڍي ساڻن گڏجي مسجي ويا،
وارا ۽ (Punic Race) جنهنڪري اهي "پيونڪ" (پڻڪ) قوم
سڏجڻ ۾ آيا. ان وقت الهندي ايشيا ۾ جيڪي اصلوڪا (Phoenicians) "؟فنيشن سيميٽڪ قوم وارا هئا، تن کي پنهنجي ڪابه ائيوينا ڪانه هئي، تنهن ڪري انهن، هنن هندستان مان آيل پڻي لوڪن واري (براهمڻي ديوناگري) آئيوينا اختيار ڪئي، تنهن ڪري سيميٽڪ قوم وارن جي آئيوينائن جو بنياد "فنيشن" (پڻي لوڪن) جي آئيوينا سڏجي ٿي، جيئن انسئڪلوپيديا برٽنيڪا ۽ ٻين ڪتابن ۾ ڄاڻايل آهي.

هن وقت سنسڪرت ۾ ٽيٽيهه حرف صحيح (ونيجن)، سورهن حرف علت (سُر) آهن. مصنف کي ائين سمجهڻ ۾ اچي ٿو تہ قديم براهمڻي لپيءَ ۾ اصل فقط ٻاويهه حرف صحيح هئا، ۽ ماترائون هيون ئي ڪين. اهو ئي سبب ڏسجي ٿو، جنهن ڪري جيڪي "پڻي" پوءِ "فنيشن" سڏجڻ ۾ آيا، تن جي ائيوينا ۾ فقط ٻاويهه حرف صحيح هئا، حرف علت هئو ئي ڪونہ، جنهن ڪري سيميٽڪ قومن کي اتائن فقط اوترا آئيوينا جا حرف صحيح مليا ۽ هڪڙو بہ حرف علت

ڪونہ ملين. مثلاً عربن پنهنجي آئيويٽا آرم ملڪ سيميٽڪ قوم وارن کان ورتي، تہ اڄ بہ ڏسو تہ عربيءَ ۾ سڀ حرف صحيح آهن ۽ حرف علت آهي ئي ڪونہ. عربن کي جيڪي حرف صحيح اَرم ملڪ وارن وٽان مليا، تن مان ڪن جا منهن بند هئا، جي عربن کوليا. عربيءَ ۾ ڪي اُڄار آهن، جي اَرم مان مليل آئيويٽا ۾ ڪين هئا، تہ پنهنجي گهرج آهر ان ۾ اکر گڏيائون. مثلاً ب ۽ ت؛ ج، ح ۽ خ ساڳيءَ صورت وارا لفظ آهن، تہ انهن ۾ نقطا هيٺ مٿي گڏي، پنهنجي آئيويٽا جا اکر وڌائي اناويهہ ڪيائون. سنہ 634-635ع ڌاري عربن ايران فتح ڪيو، تہ اتي عربي ٻولي ۽ عربي آئيويٽا چالو ٿي. ايراني ٻوليءَ ۾ ڪي اهڙا اُڄار آهن، جي عربيءَ ۾ ڪينهن، تہ ايرانين عربي آئيويٽا ۾ پنهنجا ٻيا چار اکر ناهي وڌا، جنهن ڪري هينئر پارسي آئيويٽا ۾ ٻتيهہ اکر آهن.

ڪابہ ٻولي حرف علت يا اعرابن کان سواءِ هلي ڪين سگهندي. سيميٽڪ قومن کي پڻي يا فنيشن لوڪن جي آئيويٽا مان اعرابون يا حرف علت نہ مليا، تہ هنن پنهنجو هوش هلائي، پنهنجي لاءِ هڪ سولي سهنجي وات گهڙي. مثلاً عربيءَ ۽ پارسيءَ ۾ "ا، و ۽ ي" اهي ٽي اکر جيتوڻيڪ حرف صحيح آهن، تہ بہ پنهنجا اُڄار اٽن، تنهن ڪري اهي ساڳيا اکر حرف علت ڪري بہ ڪم آڻڻ لڳا. "الف" مان "اَ"، "و" مان "اُ" ۽ "ي" مان "اِ". اهي ٽي اعرابون ناهيائون. اهي ٽيئي ننڍي اُڄار واريون اعرابون آهن، پر ٻوليءَ ۾ ڏگها اُڄار بہ ڪين. انهيءَ اوڻائيءَ جي پورائي ڪرڻ لاءِ عرب لوڪ اهي ساڳيا ٽي ننڍا اڄار ٻڌا ڪري ڪم آڻڻ لڳا. مثلاً عربيءَ ۾ لکن "اادم"، جنهن جو اُڄار آهي "آدم". ائين اَ + اَ = آ، اِ + اِ = اِي ۽ اُ + اُ = اُو. جن قاعدن پٺاندر بہ ننڍا اُڄار پاڻ ۾ ملي، هڪ يڪو ڏگهو اڄار سنڌيءَ . (Rules of Euphoney) "پيدا ڪن ٿا، تن کي چئبو آهي "سنڌيءَ جا قاعدا جا قاعدا قدرت جا قاعدا آهن، تنهن ڪري اهي سنسڪرت، سنڌي، عربي ۽ دنيا جي ٻين سيني ٻولين سان هڪجهڙا لاڳو آهن. مثلاً سنڌيءَ ۾ "پنج + اَسي" جو اڄار ڪريون "پنجاسي". پنجَ" لفظ ۾ "ج" جي مٿان زبريعني "اَ" جو اڄار آهي، ۽ "اسي" لفظ جي اڳيان بہ "اَ" جو اڄار آهي. اهي ٻئي "اَ" جا اڄار پاڻ ۾ ملي "آ"

ٽين ٽاڻ، تنهن ڪري .پنج + اسي" بدران چئون "پنجاسي"، "ڇهه + اَسي" بدران .چئون "ڇهاسي" ۽ "ست + اَسي" بدران "ستاسي" چئون ٿا
اهي پٽي يا فنيشن لوڪ پوءِ وٽج واپار سانگي الهندي ايشيا کان يورپ ڏي انهيءَ وقت ويا، جنهن وقت يوروپي لوڪن کي پنهنجي ڪابه ائيويٽا ڪانه هئي. پهريائين پهريائين گريڪ يا يوناني لوڪن فنيشن آئيويٽا اختيار ڪئي، ۽ پوءِ اها يورپ ۾ ڦهلي. فنيشن آئيويٽا ۾ پ، ت، ق، چ وغيره "وسرگ اکر" يعني "هه" جي اچار وارا ڪار (Aspriates) آهن، پر يوروپي بولين ۾ اهي اچار ڪينهن، ته هنن اهڙا اچار ڇڏي، ۽ فنيشن آئيويٽا ۾ ٻيون به گهربل قير قريون ڪري، پو3 اها ڪم آندي. مطلب ته براهمي لپي يا ديوناگري آئيويٽا فنيشن لوڪن يورپ ۾ ڦهلائي، جي اصل سنڌو ماڻر جا "پٽي" هئا. سر مونيئر وليمس پنهنجي جوڙيل سنسڪرت – انگريزي ڊڪشنري جي ديباچي ۾ ڪليءَ ريت لکيو آهي ته جيڪا آئيويٽا يوناني، رومن ۽ يورپ جي هاٽوڪين قومن اختيار ڪئي، سا بنياد ڪري يورپ جي آيويٽا ڪانهي، پر ايشيا جي آهي، ۽ ديوناگريءَ سان مشابهت رکي ٿي. سر مونيئر وليمس پنهنجيءَ ڊڪشنريءَ جي ديباچي ۾ اکرن جون تصويرون به ڏنيون آهن، ۽ چٽءَ ريت ڄاڻايو اٿس ته ڪيئن فنيشن آئيويٽا (قديم ديوناگريءَ) جي اکرن پنهنجي صورت بدلائي هاٽوڪن انگريزي اکرن جي صورت ورتي آهي. پٽ ڏسو انسئڪلوپيديا برٽينڪا جو تازو ڇاپو چوڏهون.

عربيءَ ۾ فقط ا، و، ي – اهي ٽي اکر حرف علت ٿي ڪم اچن ٿا؛ پر انگريزيءَ ۾ ڇهه حرف علت A,E,L, O, U & Y آهن. هن مان ائين سمجهڻ ۾ اچي ٿو ته اتر هندستان وارن آرين پوءِ ديم ديوناگري اکرن ۾ ڪجهه وڌيڪ سڌارو ڪيو، ۽ جن هندن يونان، جرمني ۽ اسڪنڊينيو يا وغيره وجي وسايا، تن اهو ديوناگريءَ جو وڌيڪ سڌريل نمونو اوڏهين چالو ڪيو، يا اهي ساڳيا پٽي (فنيشن) جي پوءِ به هندستان توڙي يورپ سان لهه وچڑ ۾ هئا، تن اهو سڌريل نمونو يورپ ۾ ڦهلايو. انهيءَ هوندي به انهيءَ سڌريل آئيويٽا مان يوروپي لوڪن کي پورت نه

پيئي، تنهنڪري عربيءَ جي نموني ۾ حرف علت گڏ ڪم آئي، هڪ يڪو ڌڳهو اُچار (سنڌيءَ جي قاعدن موجب) ڪرڻ لڳا. مثلاً Fool, Tool, Wool: Keep, Sheep, Weep, لفظ ۾ "اُو"(O) ۽ "اي" (E) اکر ۾ دفعا ڪم آڻي "اُو" ۽ "اِي" جا ڌڳها اچار پيدا ڪن ٿا.

انگريزي ٻولي هن وقت سڄي دنيا ۾ ڦهلجي ويئي آهي، پر ان جي آئيوٽا کا عمدي ڪانهي.مثلاً انگريزي لفظ "سيل" (Cell)۽ ڪئچ (Catch) ۾ ساڳي طرح "سي" © اکر جو اچار هڪ هنڌ "س" ته ٻئي هنڌ "ڪ"! انگريزيءَ جي طرف حرف علت جي ترتيب (Vowell System) ته هيڪاري منجهائيندڙ آهي، جو ڪٿي چار چار اکر ساڳيا؛ پر اچار ٻيا ٻيا. مثلاً "ڪاف" Cough (Couf) ، "رف" (Ruff) Rough، ۽ "ٻُو" Bough (Bow)، "ڊو" Dough (Do)، "هاڪ" Hough (Hock)، ۽ "ٿرو" Through (Throo). انگريزيءَ ۾ به عربيءَ وانگر ۽ به ننڍي اچار وارا حرف علت گڏي، هڪ يڪو ڌڳهو اچار پيدا ڪن ٿا، جيئن متي اڳي ئي چيو ويو آهي. اهي سڀيئي ڳالهيون ڳٽي4 چئبو ته سيميٽڪ قومن ۽ يوروپي لوڪن جون آئيويٽائون آدرش آئيويٽائون نه آهن.

آدرش آئيويٽا (Ideal Alphabet) انهيءَ کي چئبو آهي، جنهن ۾ هرهڪ اُچار لاءِ فقط هڪ نشان (اکر يا اعراب) مقرر ٿيل هجي. رڳو سنسڪرت لپيءَ ۾ ائين آهي جنهن ۾ هرهڪ ماترا کي رڳو هڪڙو اچار آهي، جنهن ڪري عربيءَ ۽ انگريزيءَ وانگر ۾ به حرف علت گڏ ڪم آڻڻا نٿا پون. ديوناگري آئيويٽا جي ٻي وڏي خوبي هيءَ آهي ته ان جا سڀ اکر بنه باترتيب بينل آهن.

سڀ اُچار وات جي پنجن جاين يعني ڪنڻ يا نڙي (ڪ، ک، گ وغيره)، تارون (چ، ڇ، ج وغيره)، ڏندن (ت، ٿ، د وغير) ۽ چين (پ، ڦ، ب وغيره) مان ڪجن ٿا. ڪي اُچار نڪ مان (ڱ، ڃ، م وغيره) به ڪجن ٿا، ۽ اها ئي قدرت جي جوڙيل وات آهي. ديوناگريءَ ائيويٽا جا سڀ اکر انهيءَ قدرت جي قاعدي پٽاندر ريت (Scientific) بنهه باترتيب بينل آهن، جنهن ڪري انهيءَ جهڙي وگيانڪ جڙيل ٻي ڪا به آئيويٽا ڪانهي. هن منجهان ائين سمجهڻ ۾ اچي ٿو ته قديم

براهمي لپي (ديوناگريءَ) جو ڦهلاءُ الهندي ايشيا ۽ يورپ ڏي ٿيو، تنهن کان پوءِ هندستان وارن آرين ان ۾ وڌيڪ سڌارو ۽ واڌارو ڪري ان کي آدرش آئيويٽا ڪيو. سندن ٻولي ۾ نهايت وگياني ريت جڙيل آهي، تنهن ڪري اها پوءِ "سنسڪرت" (صاف ٿيل يا ڪامل ٻولي) سڏجڻ ۾ آئي، نه ته اڳي رڳو "ياشا" سڏبي هئي. ٿورن لفظن ۾ چئبو ت6ه جيئن هرڪا ٻولي ترقي ڪري ڪمالیت کي رسي ٿي، تيئن ديوناگري اکرن ۾ ترقي ڪري، ۽ پنهنجي اڳوٽي صورت بدلائي هاڻوڪي صورت ورتي آهي

.**هاڻوڪيون ڏيهي آئيويٽائون**

ويدڪ زماني کان وٺي سنڌو ماٿر ۾ ديوناگري ائيويٽ۽ا ڪم اچڻ لڳي، ۽ اڄ تائين ان جو واهپو سنڌ بلڪ سڄي هندستان ۾ آهي. مرهٽي ۽ هندي اڄ تائين ديوناگري اکرن ۾ لکڻ ۾ ايندیون اهن، ۽ انهن لاءِ ڪا ڌار آئيويٽا آهي ئي ڪانه. بنگالي، گجراتي، هندو، سنڌي ۽ ٻيون آئيويٽائون جي هن وقت چالو آهن، سي گهٽو ڪري سڀ ديوناگريءَ جون بگڙيل صورتون آهن. جدا جدا پرڳڻن جي ماڻهن ديوناگريءَ ۾ پنهنجي پنهنجي نموني قيرقار ڪري اهي آئيويٽائون ناهيون آهن. گجراتيءَ ۽ ديوناگريءَ واريون ساڳيون ماترائون آهن، پر راجستان جي "مهاجنيءَ" ۾ ٻُٽا اکر آهن يعني منجهن لاڪنائون يا ماترائون ڪينهن. پنجاب جا هندو واپاري پنهنجو حساب ڪتاب جن اکرن ۾ رکندا آهن، سي "لُندا" يعني ٻُٽا اکر سڏبا آهن. سنڌ جا پائيبند هندو سنڌي يا واڻڪا اکر ڪم آڻين ٿا، ۽ انهن ۾ به ماترائون ڪينهن. سنڌ ۾ مسلمانن جي صاحبيءَ ڳچ تائين هلي، ته به خواجا ۽ ميمڻ واپاري به هندو سنڌي آئيويٽا ڪم آڻيندا هئا، ۽ اڄ تائين به ڪيترا پنهنجو حساب ڪتاب انهن اکرن ۾ رکندا آهن. هندن کان خواجن جي لکڻ جو نمونو وڌيڪ پسنديءَ جهڙو آهي، جو هو چار لاڪنائون يا ماترائون ڪم آڻين ٿا. سنڌ ۾ جيڪي هن وقت پائيبند آهن، تن مان ڪي پنجاب، ته ڪي گجرات ۽ راجپوتانا کان آيل آهن، تنهن ڪري خود هندو سنڌي اکرن ۾ ڪي تفاوت آهن يعني سڄيءَ سنڌ ۾ سڀ پائيبند هڪجهڙا اکر نٿا لکن. هن وقت هندو سنڌي اکرن جا ڪل تيرهن نمونا آهن، جي ڪٿڻ جارج

Gul Hayat Institute

سڀئڪ جي جوڙيل سنڌي گرمر ۾ ڄاڻايل آهن. اکرن ۾ قيرقار ڪرڻ، ۽ لاکنائن يا ماترائن ڪڍي ڇڏڻ جو رواج واپارين جو جاري ڪيل ڏسجي ٿو. واپارين کي پنهنجيون گهٽيون ئي ڳالهيون گپت رکڻيون پون ٿيون، تنهن ڪري جدا جدا هنڌن جي واپارين پنهنجي پنهنجي نموني اکرن ۾ قيرقار ڪئي تہ سندن چنيون چپاٽيون سيڪو سولائيءَ سان سمجهي نہ سگهي. راجستان جي مهاجني، سنڌ جي هندو سنڌي ۽ پنجاب جي لنڊن اکرن ۾ ماترائن نہ هڻڻ سبب هن وقت هيءَ حالت آهي، جو وقتي ڪي ماڻهو پنهنجي لکيت پاڻ سمجهي ڪين سگهن! مثلاً: گ ۽ ل اکر گڏي لکن تہ انهن بن اکرن جو اُچار گُلُ، گِلِ، گول، گولو، گولي وغيره ٿي سگهي ٿو، جنهن ڪري رڳو مضمون جي مد نظر لفظ جو صحيح اُچار سمجهي سگهجي ٿو. سکن جي گرن جي واڌي "گرمکي" اکرن ۾ لکيل آهي. اهي اکر گرو انگد صاحب 1538 ۽ 1552ع جي وچ ڌاري جوڙيا هئا. گرمکي اکرن ۾ ديوناگريءَ واريون ماترائون آهن، تنهن ڪري هندو سنڌي اکرن کان اهي وڌيڪ پسنديءَ جهڙا آهن.

ويدڪ ساهت (Vedic Literature) سيڪنهن ملڪ جو ساهت يا علم و ادب شعر سان شروع ٿئي ٿو. يعني جتي ڪٿي اول نظم ۽ پوءِ نثر چوڻ ۾ اچي ٿو. ويدڪ ساهت ۾ بہ اول نظم ۽ پوءِ نثر آهي. انهيءَ سموري ساهت جو درجو ۽ مان مرتبو ٻئي ساهت کان مٿي آهي، تنهنڪري سنڌ سميت سڄي هندستان جا هندو ان ڏي عزت جي نگاهہ سان ڏسن ٿا. انهيءَ سبب هتي ڄاڻائڻ ضروري آهي تہ "ويدڪ ساهت" ڇا کي چئجي ٿو.

ويدڪ ساهت جا بہ پاڳا آهن: هڪڙو شريتون يا ويدِ، ۽ ٻيو سمريتون يا ڌرم شاستر، ويد لفظ جو ڌاتو يا بنياد آهي "وِد" (Vid) معنيٰ "ڄاڻڻ". انهيءَ مان "وديا" (وڃا) لفظ ٺهيو آهي، جنهن جي معنيٰ آهي "علم يا ڄاڻ". "ويد" لفظ جي بہ بنيادي معنيٰ "گيان يا ڄاڻ"، پر خاص طرح معنيٰ اٽس "ايشوري گيان" يا "روحاني علم"، مطلب تہ ويدن ۾ ايشوري گيان يا روحاني علم سمايل آهي، تنهنڪري اهو نالو پيو اٽن.

هندو ائين وسهندا آهن تہ وید "اَپؤرشيہ" آهن يعني ڪنهن بہ پرش يا ماڻهوءَ جا جوڙيل ڪينهن. اڳاڻن رشين کي جيئن جيئن الهام ٿيو، يا سرسوتيءَ ٻولايو، تيئن تيئن ويدن جا منتر اُچاريندا ويا، انهيءَ سبب آڳاٽا رشي "منتر ڪرتا" يعني منتر جا جوڙيندڙ سڏبا آهن، پر "منتر درشٽا" يعني منترن جا ڏسندڙ، چن تہ جيئن ايشور جي مڪ مان وچن نڪتا تيئن رشين ڏنا ۽ ٻڌا، ۽ پاڻ بہ ائين اُچارڻ لڳا. ٻين لفظن ۾ چئبو تہ ويدن جا منتر ايشور جا وچن آهن، جي رشين جي واتان ظاهر ٿيا. اهڙيءَ ريت ويدن ۾ جاڻايل ڳالهيون اڳاڻن رشين اڪاس واڻيءَ جي وسيلي ٻڌيون، تنهنڪري وید "شريتون" (Books of Revelation) سڏجن ٿا. "شرتي" لفظ جو ڏاتو آهي "شروُ" معنيٰ ٻڌڻ.

آڳاڻن رشين کي ڪيتريون ڏرمي ڳالهيون بر زبان ياد هونديون هيون، جي پنهنجن ٻارن ٻچن ۽ شاگردن کي بہ برزبان ياد ڪرائيندا هئا. اهي گهڻو پوءِ قلمبند ٿيون. جن ڏرمي پستڪن ۾ اهي ياد ڪيل ڳالهيون لکيل آهن، تن کي "سمرتيون"(Books of Tradition) چئبو آهي. ويدن ۾ آتمڪ گيان يا روحاني علم منترن ۾ لکيل آهي. پر سمرتين ۾ پنگتي، نيتي، راڄنيتي ۽ ٻين دنوي ڳالهين بابت "سُوتر" يا نندڙا قاعدا اهن، انهن مان سڌ پوي ٿي تہ جمڻ کان وٺي مرڻ تائين ڪيئن پوريءَ ريت ڏرم تي هلجي. اهي پنگتي، راڄنيتي وغيره بابت قاعدا ويدڪ ساهت جي گريهہ سوترن ۽ ڏرم سوترن تي ٻڌل آهن، تنهنڪري "ڏرم شاستر" ۾ شرتيون ۽ سمرتيون ٻئي اچي وڃن ٿيون، پر عام طرح سمرتين کي "ڏرم شاستر" يعني ڏرم تي هلڻ جا قاعدا چئبو آهي. اهي ويدڪ ساهت جو مکيہ پاڳو آهن. سمرتيون گهڻي ئي آهن، جهڙوڪ: يا جنولکيہ سمرتي، پاراشر، نارد سمرتي وغيره. سيني ۾ مکيہ منو سمرتي آهي. اهي سمرتيون گهڻو پوءِ قلمبند ٿيون. جيئن جيئن رواج ڦرندا ويا، تيئن تيئن منجهن کي ڦيرڦاريون بہ ٿيون، پر انهن ۾ جاڻايل قاعدا ويدن تي ٻڌل آهن. تنهنڪري اهي ويدڪ ساهت جو پاڳو آهن. هاڻوڪي وانگر اڳي لکڻ جون سهوليتون ڪين هيون، انهيءَ سبب سمرتين جي قاعدن ۽ ٻيءَ پاڻيءَ ڪنڌ ڪرڻ جو رواج نهايت عام هوندو هو. اڄ بہ ڏسو تہ ڪيترن سکن کي گروءَ جي

پاڻي برزبان ياد آهي. ڪنهن پوتيءَ تان ڏسي پڙهڻ بدران بر زبان پاڻي اچارڻ اسان جا ماڻهو وڌيڪ پسند ڪن ٿا، تنهنڪري چوٽي آهي تہ "ناڻو اهو جو ڳڻنين ۽ پاڻي اها جا ڪنئين" يعني ناڻو اهو جو ڳڻڻ ۾ بدل هجي، ۽ پاڻي اها جا ڪنڻ يا برزبان ياد هجي. اڳي گرو ڪلن ۾ ويدن جي رچائن ياد ڪرائڻ جي ترتيب ئي اهڙي هوندي هئي، جو ڪنهن کي بہ اهي رچائون وسري ڪين ويندیون هيون. جهڙيءَ ريت عربي بحر ۽ وزن تي نهيل شهر جي تقطيع (Scansion) ڪرڻ سان جهٽ سهي ڪري سگهبو آهي تہ وزن پورو آهي يا نہ، تهڙيءَ ريت آڳاٽا هندو "پدپٺ" (Padapatha or Word text)جي وسيلي هڪ هڪ پد چڪاسي سگهندا هئا، ۽ "سمهتا پٺ" (Samhita-Patha or Continuous Text) جي ترتيب هڻڻ سبب هرهڪ چوڪ سڌاري سگهندا هئا. پروفيسر رئيسن، جنهن قديم هندستان جي ننڍي تاريخ جوڙي آهي، ۽ "ڪئمبرج هسٽري آف انديا" تاليف ڪئي آهي، تنهن آڳاٽن ماڻهن جي حيرت جهڙي حافظي جو ذڪر ڪندي چيو آهي تہ اڄ بہ جيڪڏهن سڀ دستخط ۽ چيپل ويد گم ٿي وڃن، تہ بہ اهڙا پنڊت پيا آهن،

---

[*] "The Mantras were not all composed at onetime. The Samihtas contain, to quote the words of one of the Mantras, 'ancient, intermediate and modern hymns" (RV. Vi. 21. 5; v. 42, 6 etc) Quoted by P.T. Srinivas Lyengar: Life in ancient India in the Age of the Mantras, page 4.

[*] ان جو اسم مفعول آهي "ڪرت" معنيٰ ڪيو يا "س"سنسڪرت" لفظ جو ڏاتو يا بنياد آهي "ڪر" (To do). آهي، جنهن جي معنيٰ آهي "چگو"، جنهنڪري "سمڪرت" (سنسڪرت) سم" (Prefix) هڪ اڳياڙي" ڪيل (Done). معنيٰ چگي يا صاف ٿيل يعني اُجاريل ٻولي (Polished or refined Language). سنسڪرت ۾ سنڌيءَ جا قاعدا (Rules of Euphony) آهن، جن مان هڪڙو قاعدو هيءُ آهي تہ "ڪر" ڏاتوءَ جي اڳيان جيڪڏهن "سم" اچي، تہ "س" جو اُچار بالائي گڏڻ گهرجي. اهو ئي سبب آهي جنهن ڪري "سمڪرت" بدران "سمسڪرت" (سنسڪرت) چئبو آهي. ساڳيءَ مصنف – "ريت "سمڪار" بدران "سنسڪار (Sacrament) چئبو آهي.

[*] "The great rishi (Visvamitra), director of men, sprung from the gods." (R.V. iii, 53, 9) Quoted by J. Muir: Original Sanskrit Texts, part iii, p. 145.

* "Brahmi has been traced back to the Phoenician type of writing represented by the inscription in which Mesha, King of Meab (c. 850 B.C.) records his successful revolt against the Kingdom of Israel." Cambridge History of India, Vol. I.

* "The European views on this subject have recently been challenged by some Indian Scholars, notably by professor D.R. Bhandarkar. He maintains that the art of writing was known to the Indians as early as the time of Regveda, and derives the Brahmi alphabet from prehistoric alphabetic signs such as have been recently found on pre-historic potteries dug out of the Hyderabad Cairns."

Dr. Ramesh Chandra Mojumdar: Outline of Ancient Indian History and Civilization, Page 42.

* The question is wether the art of writing and books existed in Reg-vedic times. I have discussed this question elsewhere, and have come to the conclusion that the Reg-vedic Aryans were most likely acquainted with the art of writing, and probably there were books or granthas in which the mantras were recorded. The statement in the Reg-vedic verse (X. 714) that "there are men who hear and see speech without understanding its meaning" unmistakeably points to the existence of books and the art of writing."

Dr. A.C. Das: Regvedic Culture, pp. 387-388.

* "Devinagri is the original source thence, the alphabets of Western Asia were derived." Sir William Jones: Asiatic researches. Vol. I Page 423

* "Let me then in the first place point out that our so-called European alphabet, as adopted by the Greeks, Romans and modern nations of Europe, is really Asiatic, and not European in its origin. And secondly, let me try to show that it has certain features which connect it with the so-called divine Nagri alphabet of the Brahmans." Sir Monier Williams: Sanskrit English Dictionary. Introduction, page XXII.

* "If all the manuscripts and all the printed copies were destroyed its text could now be recovered from the mouths of living men with absolute fidelity as to the form and accent of every single word. Such a tradition has only been possible through the wonderfully perfect organization of a system of schools of Vedic study in which untold generation of students have spent their lives from boyhood to old age in learning the sacred texts and in teaching them to their pupils. This is, beyond all question, the most marvelous instance of unbroken inarvel increases when we consider that this extra ordinary continuity to be found in the history of mankind: and the marvel increases when we consider that this extra ordinary fact of the human memory has been concerned rather with the minutely accurate preservation of the forms of words than with the transmission of their meaning."

Gul Hayat Institute

ويدن جي منترن جي ورڇ: مهاڀارت ۾ جاڻايل آهي تہ اوائل ۾ وید فقط هڪڙو هو، پر پوءِ ماڻهن جي عمر ۽ بل جي مد نظر تي چار وید ٿيا: رگ وید، يجر وید، سام وید ۽ اٿرو وید. مهاڀارت ۾ رگ وید مان ائين ٻہ معلوم ٿئي ٿو تہ رگ وید جي هاڻوڪن جهونن منترن کان ٻہ ڪي آڪاٿا منتر هئا جي "نِوِدَ"، "نِگدَ" ۽ "آهاب" سڏيا هئا، ۽ اهي جهونا منتر مها پرليءَ ٿيڻ وقت گم ٿي ويا، ۽ پوءِ جيتري قدر رشين کي ويدن جا منتر ياد پيا، تيتري قدر قلمبند ڪيائون، تہ ٻہ ڪيترا جهونا منتر اڄ تائين عدم موجود آهن. ويدن جي منترن کي باترتيب بيهارڻ جو ڪم جدا جدا زمانن ۾ جدا جدا ماڻهن ڪيو، ۽ اهي سڀ "وياس" يعني مؤلف(Compilers) سڏيا ويا آهن. وشنو پراڻ (3، 3) موجب جملي 28 وياس ٿي گذريا آهن، جن مان پويون "ڪرشن دويپاين" هو.

مهاڀارت ۾ لکيل آهي تہ پاراشر رشيءَ کي ستيہ وتي نالي هڪ ميربحرن جي نياڻيءَ مان هڪ پٽ ڪنهن ٻيٽ تي جائو هو، تنهنڪري اهو "دويپاين" يعني "دويپ يا ٻيٽ تي جاول" سڏبو هو. اهو ٻار شڪل جو "ڪرشڻ" يعني سانورو هو، تنهنڪري "ڪرشڻ دويپاين" ڪوٺبو هو. مهاڀارت واري زماني ۾ هاڻوڪي امبالي ضلعي ۾ "ڪر ڪيتر" نالي هڪ وڏو ڪيتر (ڪيٽ) هو، جنهن جي نزديڪ "ڪانڈو پرست" نالي هڪ وڏو ۽ گهاٽو بن هو. پانڊون جي وچين پاءُ ارجن سري ڪرشڻ جي مدد سان انهيءَ بن کي باهہ ڏياري صفا پٽ ڪري ڇڏيو، تنهن ڪانپوءِ انهيءَ ڪرشڻ دويپاين ويدن جا منتر باترتيب بيهاريا هئا، تنهنڪري "وید وياس" يعني ويدن جو مؤلف نالو پيس. مطلب تہ وید اصل هڪڙو هو، ۽ پوءِ ان جي منترن جي وند ورڇ ڪري، ۽ اهي باترتيب بيهاري چار وید ڪيائون، پر سيني ۾ اهو ئي آتمڪ گيان يا روحاني علم آهي، جو آڪاٿن رشين ايشور کان ٻڌو، تنهنڪري قديم زماني کان وٺي سڄي هندستان جا هندو ائين ئي چون تہ وید "اپورشيہ" آهن. يعني ڪنهن ٻہ پرش يا ماڻهوءَ جا جوڙيل نہ آهن (پر ايشور جا وچن آهن)، ۽ اهي "آنادي" آهن، يعني جن جي آد يا شروعات آهي ئي ڪانہ، ۽ "نيتہ" (نت يا سدائين) آهن (Existing in all eternity) جيئن متي اڳي ئي چيو ويو آهي.

ويدن جا پاڳا – سنهتا ۽ براهمڻ: هرهڪ ويد جا ٻه پاڳا آهن: هڪڙو. "سنهتا" ۽ ٻيو براهمڻ. ويدن جي سنهتا واري پاڳي ۾ منتر ڪنا ٿيل آهن، تنهن ڪري ويدڪ زماني کي عام طرح "منترن وارو زمانو (The age of Mantras)چئبو آهي. هرهڪ ويد جي منترن اُچارڻ جو نمونو نرالو آهي، ۽ انهن جي بناوت ٻه هڪ ٻئي کان ڦريل آهي، تنهنڪري هرهڪ ويد لاءِ "منتر" لفظ ڏر ڏار معنائن سان ڪم آڻبو آهي.

"منتر" کي "رچا" تڏهن ڪوٺبو آهي، جڏهن اهو وزن تي جڙيل هوندو آهي، ۽ بلند آواز سان اُچارڻو پوندو آهي. اهڙيون رچائون رگ ويد ۾ آهن.

"منتر" کي "يجس" (Sacrificial hymn) تڏهن چئبو آهي، جڏهن اهو نثر ۾ هوندو آهي، ۽ ان جو رڳو جاپ ڪبو آهي يعني فقط چپن ۾ اُچاربو آهي. اهڙا منتر يجر ويد ۾ آهن. "يجر" ۽ "يجس" ٻنهي جي معنيٰ آهي "يگيہ".

منتر کي "سامن" (Psalms) تڏهن سڏبو آهي، جڏهن اهو وزن تي جڙيل هوندو آهي، پر سُر سان آلاپبو آهي، يا جهاڙن جهپن پڙهڻ مهل ڇُوڪاربو آهي. اهڙا منتر سام ويد ۾ آهن. اوائل ۾ مڪيہ منتر رڳو انهن تن ويدن جا ليکبا هئا.

هرهڪ ويد جي پهرئين پاڳي ۾ اهي جدا جدا قسمن جا منتر ڪنا ٿيل آهن، تنهن ڪري ئي اهو پاڳو "سنهتا" (Collection) سڏجي ٿو. انهن منترن مان رڳو کي کي نثر ۾ پرارٿنائن جي نموني آهن، نہ تہ هرهڪ ويد جو پهريون پاڳو اڪثر نظم ۾ آهي. انهيءَ نظم جا چند يا وزن (Measures) آهن، جن مان ست چند اگن ديوتا جا "ست مُک" سڏيا ويا آهن: گايتري، ترشنتپ (Trishtap)، جڳتي وغيره چندن جا نالا آهن. هن مان ثابت آهي تہ قديم سنڌو ماڻر جا رهاڪو جڏهن اڄا اُتر قطب طرف ميرو پربت تي رهندا هئا، تڏهن ئي علم عروض ۽ موسيقي (گاين وديا) ۾ چگي ترقي ڪئي هئائون، ۽ ڪائنڪ اڄي بيءَ ڪنهن ٻہ قوم کي انهن علمن جي سڌ ٻہ ڪانہ هئي.

هرهڪ ويد جي منتر اُچارڻ ۾ مڪيہ تفاوت "سُور" (سُرَ) (Suara or Musical accent) جو آهي. جنهن صورت ۾ ويدن جي منترن اُچارڻ جي ريت سر آلاپي چوڻ سان آهي، تنهن صورت ۾ مصنف ڪنهن پندت کي چيو تہ چئني ويدن جا

ٿورا ٿورا منتر اُچاري ڏيکاريو، ته سُور (سُرَ) جي سڌ پوي. رگ وید جو سر ڪنڌ يا نڙيءَ مان اهڙي پريل ساهه سان ڪيائين، ۽ هڪ ساهيءَ آواز کي ائين مٿي ڪڍندو ويو، جو يقين ٿيو ته جنهن جي ڇاتي ڪمزور هوندي، سا اهڙي پريل ساهه سان ۽ پوريءَ ريت اُچار ڪري ڪين سگهندو، ۽ جي ڪندو ته به جهٽ سهڪيءَ ۾ پرجي ويندو. رگ وید جي منتر اُچارڻ مهل ساهه کي ڪيتري قدر گهٽڻو به پوي ٿو، جنهن ڪري اهو سُر نهايت ڏکيو ڇئبو. پنڊت پاڻ به ڇيو ته اڳي ماڻهو برهمچاري ٿي رهندا هئا، ۽ بت جا سگهارا هوندا هئا، تنهنڪري اهو ڪنن سُر آسانيءَ سان ڳائي سگهندا هئا. ٻين ويدن جي منتر اُچارڻ مهل به ڇاتيءَ جو بل گهڻو گهرجي ٿو.

جدا جدا ويدن جي منتر اُچارڻ مهل پنڊت تال به ٻيءَ طرح وڻڻ لڳو. رگ وید جي منترن اُچارڻ مهل اول هٿ اهڙيءَ ريت مٿي ٿي ڪيائين جو ڇڻ ته ملٽري سلام ٿي ڪيائين، ۽ سگهو ئي وري هٿ لاڙي هيٺ ٿي ڪيائين. يجر وید جي منترن اچارڻ مهل اهو پنڊت پنهنجو هٿ نانگ جي ڦڻ وانگر لوڏڻ لڳو. سام وید جي سُر ٻڌائڻ مهل پنهنجي هٿن جون آڱريون هلائڻ لڳو.اٿرو وید جو سُر ٻڌائڻ مهل مک مان اُچارياٿين ٻئي تنهن وقت سندس ڪنڌ جي لوڏ پئي پيئي. مطلب ته ويدڪ زماني ۾ ئي آڳاٽا آريه لوڪ گاين وديا ۾ پڙ هئا، جنهن ڪري سُر ۽ تال جي سڌ پوندي هين. ڇاتي به بلڪل مضبوط هوندي هين، جنهن ڪري پريل ساهه سان سُر چاڑهڻ ۽ اتي ئي وري ساهه گُهٽڻ سولو لڳندو هو.

هرهڪ وید جي منترن اُچارڻ جو ڪم ڪن خاص پروهتن تي رکيل هوندو هو. يگيه مهل رگ وید جا منتر جيڪو پروهت اُچاريندو هو، سو "هوتري" (Invoking Priest) سڏبو هو. يجر وید جا منتر جيڪو پروهت اُچاريندو هو، سو "اڏوريو" (Adhvaryu) ڪوٺبو هو. اهو اڏوريو پوڄا لاءِ زمين ٽڪر ماپي ويڏي (Altar) ناهيندا هئا. يگيه لاءِ برتن پنهنجن هٿن سان ناهي رکندا هئا. پوڄا لاءِ پاڻي، ۽ يگيه جي اگنيءَ لاءِ ڪاٺيون پاڻ آڻيندا هئا. يگيه مهل جيڪو جانور بل چاڑهڻو هوندو هو، سو به پاڻ آڻيندا هئا، ۽ اهو پنهنجن هٿن سان پائيندا به

پاڻ هئا. مطلب تہ يگين لاءِ جيڪو بہ پورهيو هٿن سان ڪرڻو پوندو هو، سو سڀ اڏوريو پروهت پاڻ ڪندا هئا.

سام وڍ ۾ جيڪي "سامن" آهن، سي ديوتائن کي سوم رس جي پوڄ لڳائڻ مهل جيڪي پروهت ڳائيندا هئا، سي "اُدگات" (Singing Priests) سڏبا هئا.

جيڪو يگيہ ڪرائيندڙ ٽنهي ويدن جي منترن ۾ ڄاڻو هوندو هو، سو "براهمڻ" سڏبو هو (ستپٿ براهمڻ، 9، 5، 8، 1). پاسڪ منيءَ جي جوڙيل "نرڪت" (7، 5) موجب هوتري، اڏوريو، براهمڻ ۽ اُدگات ساڳئي ئي هڪ ماڻهوءَ جا نالا هوندا هئا، ۽ جنهن مهل جيڪو يگيہ ڪرائيندو هو، تنهن مهل انهيءَ سان سڏبو هو.

ويدن جو مضمون: هرهڪ وید جو مختصر ذڪر هتي ڏار ڏار ڪجي ٿو، تہ سمجهڻ ۾ اچي ٿو تہ هرهڪ ۾ ڪهڙو ڪهڙو مضمون سمايل آهي:

رگ وید —رگ وید ۾ "رگ" (رڪ يا رچ) يعني "رچائون" (Hymns) آهن، تنهن ڪري اهو نالو پيو اٿس. سڄو ئي رگ وید ڏهن منڈلن (پاڳن) يا اَٺن اشٽڪن ۾ ورهايل آهي. هرهڪ منڈل ۾ "سوُڪت" (س + اُڪت)(Laduations) آهن؛ ۽ هرهڪ سُوڪت ۾ "رچائون" (Hymns) آهن، جن کي "منتر" بہ چئبو آهي. انهن رچائن ۾ ديوتائن جي اُسنتي (ساراهہ)، يگين جي وڌي(Formula)، ايشور جي اپاسنا ۽ سندس پراپتيءَ جا ساڌن آهن، ۽ ايشور جي سوڪيم سروپ ۽ منشپٽي (انسانيت) جي اُتم ۽ پوتر ويچارن جو ذڪر آهي. رگ وید ۾ کي "دان اُستتيون" (سخا جون ساراهيون "ندي اُستتي" (ندين جي ساراهہ) ۽ هڪ "جواريءَ جي ارمان" جو بہ ذڪر آهي. ديوتائن جي اُستتي ڪندي آڳاٽن رشين ڪهڙي نموني شاعراڻي پلٽ پلٽي آهي، سو نمونو اگن ديوتا ۽ اُشا ديوي (Dawn) جي ذڪر ڪندي ڄاڻايو ويو آهي.

سڄو ئي وید هڪ ڏرمي پستڪ آهي، پر ان ۾ ڪيتريون ملڪي، پنگتي ۽ سڀيتا جون ڳالهيون تشبيهہ طور يا ٻئي نموني ڄاڻايل آهن، جنهن ڪري منجهانئس تاريخ جوڙڻ لاءِ گهٽو ئي مصالحو ملي ٿو. رگ وید جون جهوني ۾ جهونيون رچائون منڈل ٻئي کان وٺي ستين تائين آهن، ۽ اهي وشوامتر، وامديتر، اَتري، پردواج ۽ وسشٹ منيءَ جي مڪان ظاهر ٿيون هيون.

يجروويد – يجروويد ۾ يگين جي وڌين جو رگ وِيد کان ٻه وڌيڪ وستار آهي. "يجر" يا "يجس" (Yajas) جي معنيٰ ئي آهي "يگيہ جي پرارٿنا يا وڏي" (Sacriflicial Prayer or Formula) يجر وِيد جا اڏ جيترا منتر نظم ۾ ته اڏ جيترا نثر ۾ آهن. اهي شايد اڳي گڏيا مسيا پيا هئا، جي پوءِ ڏار ڪيائون. هن وقت يجر وِيد جا ٻہ ويڀاڳ آهن، جن مان هڪڙو مشڪل (White) يجر وِيد يا "واجسنيئي سنهتا" سڏجي ٿو. يا جنولڪيہ (ياگيولڪ) رشيءَ جو ٻيو نالو "واجسنيئن" (Vajasneyin) هو، ۽ سشڪل يجر وِيد جا منتر سندس مگان ظاهر ٿيا هئا، تنهن ڪري اهو سندس نالي پٺيان سڏجي ٿو. ٻيو "ڪرشڻ" (Black)يجر وِيد آهي، ان ۾ ڄاڻايل يگيہ تي وڌين بابت آڳاٽن آضرين جا ڏار ڏار متا هئا، جن جو پتنجلي رشيءَ پنهنجي جوڙيل سنسڪرت گرامر ۾ ذڪر ڪيوآهي. انهن علحدن علحدن متن وارن جي نالن پٺيان ڪرڻ يجر وِيد جي سنهتا"(Collection) تي علهده علحده نالي رکيل آهن، جن مان مکيہ "ڪاٺڪ سنهتا"، مئترياڻي سنهتا" ۽ "تئتريہ سنهتا" آهن. اتر هندستان ۾ سشڪل يجر وِيد ۽ ڏکڻ هندستان ۾ ڪرشڻ يجر وِيد جا اپياسي گهڻا آهن.

سشڪل يجر وِيد ۽ ڪرشڻ يجر وِيد ۾ مکيہ تفاوت هيءُ آهي ته پهرئين ۾ فقط "يجس" يعني يگين جون وڌيون آهن، ۽ ٻئي ۾ منترن سان گڏ انهن جي ٽيڪا يا تشريح ٻه آهي، جا نثر ۾ لکيل آهي، ۽ اها درحقيقت براهمڻن واري ياڳي ۾ وڃڻ ڪپندي هئي، انهيءَ سبب مٿي اڳي ئي چيو ويو آهي ته يجر وِيد جا اڏ جيترا منتر نظم ۾ ته اڏ جيترا نثر ۾ آهن. سشڪل يجر وِيد ۾ ڪي ڪي منتر اڪر ٻه اڪر رگ وِيد ۽ اهروويد وارا آهن، پر قادر ۽ قدرت بابت ان ۾ سوڪم ويچار نهايت عمديءَ ۽ باريڪ ريت ظهار ٿيل آهن، تنهنڪري رگ وِيد ڪانپوءِ اهو ٻئي نمبر تي ليڪجي ٿو.

سام وِيد – سام وِيد ۾ ايشور جي اُستتي ۽ سوم يگيہ بابت سام، (Psalms) آهن، جي گهڻو ڪري سمورا رگ وِيد مان ورتل آهن، تنهن ڪري رگ وِيد کان وڌيڪ تاريخي احوال منجهانئس ڪونہ ٿو ملي، باقي هندي راڳ جي تاريخ انهيءَ مان ملي ٿي.

"سام" لفظ جي اکري معنيٰ ئي آهي "سامت ۾ آڻيندڙ"، "سانت ڏيندڙ، دل ناريندڙ. سام وید جا منتر من کي شانتي يا روح کي راحت ڏين ٿا، تنهن ڪري اهو نالو رکيو اٿن. اهي منتر جيڪي پروهت اچاريندا هئا، سي "اُڌ گهات" سڏبا هئا، ۽ سندين مني للڪار ٻڌندڙن جو لنوَ لنوَ ناريندي هئي. پانئجي ٿو ته پڃنن ڳائڻ جو شوق اسان جي ماڻهن ۾ سام وید جي وقت کان وني وڌيو.

اَٿرو وید – هيءُ وید اٿرون نالي هڪ رشيءَ جي نالي پنيان سڏجي ٿو. انهيءَ رشيءَ "اٿرون" يعني باهه ٻارڻ جو هنر جاري ڪيو هو، تنهن ڪري اهو نالو پيس. اٿرو وید ۾ ٿورا سُوڪت نثر ۾ آهن، پر ڪي رچائون ساڳيون رگ وید، واريون آهن، جنهن ڪري منجهس برهم گيان جون ڳالهيون آهن. جمڙ کان وني مرڻ تائين جيڪي سنسار ڪرٽا آهن، تن جو توڙي راجائن جي تاجپوشيءَ جي رسمن جو احوال به ان ۾ آهي. منجهس ٽؤڻن ڦيٽن ۽ جهاڙن جهپن جو ذڪر آهي. ڪيترا منتر جنن پوتن ۽ ڏائڻين جي ٿرن ٽارڻ، دشمن دفع ڪرڻ ۽ ٻين دنوي مرادن حاصل ڪرڻ بنسبت به آهن، تنهن ڪري ڪوٽليہ جي ارٿ شاستر(Political Economy) جڙڻ جي وقت يعني 320 سال ق. م. تائين وید فقط تي ليکبا هئا، ۽ اهي "تريئي" (Trayee) ۽ "ترئيوديا، (The threefold Veda or knowledge Traividya) سڏبا هئا، ۽ اٿرو وید پوءِ ويدن جي دفعي ۾ ليکجڻ ۾ آيو. ڪيترن عالمن جو چوڻ آهي ته جنن پوتن جي اٿرن، ٽؤڻن ڦيٽن، جهاڙن جهپن، سنسن ۽ پرمن جون ڳالهيون آڳاٽان دراوڙن ۾ زور هيون، جن جو پوءِ آرين تي اثر ٿيو، جنهن ڪري اٿرو وید ۾ اهڙين ڳالهين کي جاءِ ملي. بهرحال آڳاٽن ماڻهن جي اوائلي حالت ۽ منورتيءَ جي سمجهڻ لاءِ اٿرو وید بلڪل ڪارائتو آهي.

منترن اچارڻ جي مراد: انساني سياڻ جهڙو هاڻ آهي، تهڙو اڳي به هو. هن وقت ڪيترا ماڻهو پاڻ پوجائون، پڳتي ۽ شيوا اڪثر انهيءَ لاءِ ڪندا آهن ته اسان جون من جون مرادون پوريون ٿين. ڪو ڏٽيءَ کي سوال ڪري ٿو ته "پٽ ڏجانم، ڪشٽ ڪٽجانم، قرض ڪوڏيون ڪري لاهجانم، فلاڻي فلاڻي چنتا کان

ڇڏائجانم وغيره". اڳاڻا آريه لوڪ به ائين ڪندا هئا. اهي ڳاهيون ويدڪ ساهت ۾ ڪليءَ ريت لکيل آهن. مثلاً ويدن جا منتر هن لاءِ اچارياندا هئا تہ:

1. سؤ ورهين تائينجيئرا رهون، ۽ پٽن جو اولاد اکين سان ڏسون (رگ ويد، منڈل پنجون، 1، 89).
2. هر قسم جي خوف خطري ۽ مصيبت کان بچون (اٿرو ويد، 19، 7).
3. اوسر يا ڏڪار نہ پوي (رگ ويد، منڈل 5، 68).
4. فصل پلا ٿين (اٿرو ويد، منڈل 6، 142).
5. جيڪا جنگ جوڙيون، تنهن ۾ سوپارا ٿيون (رگ ويد، منڈل پهريون، 100، ۽ ٻيو، 30).
6. من جون سڀ مرادون پوريون ٿين (اٿرو ويد، 15، 9).

ڪنهن کي آسيب يا لڳت جو حساب ٿيندو هو، يا ڪا ٻي بيماري ٿيندي هئي، تہ انهيءَ لاءِ به منتر اُچارياندا هئا (اٿرو ويد، منڈل ٽيون، 31، ۽ منڈل پنجون، 5، 22). زال مڙس جو پاڻ ۾ ناهہ ٿئي، رڻ يار پرچن، دل گهري ٻانهن ملي، جنهن ڪم ۾ هٿ وجهون، تنهن ۾ ٻئون ٻارهن ٿئي وغيره، تنهن لاءِ به منتر اُچارياندا هئا (رگ ويد، منڈل نائون، 68، 9-11، ۽ اٿرو ويد، منڈل 3، 4، 5، ۽ 6).

آڳاڻن لوڪن پوءِ محسوس ڪيو، تہ اهو آهي گويا ڏڻيءَ سان سودو ڪرڻ، يعني اي ڏڻي اسين تنهنجي عبادت ڪريون ٿا، ۽ ان جي عيوض اسان کي فلاڻا فلاڻا ڏاڻ ڏج. اهو سوداگريءَ جو خيال ڇڏي، پوءِ نشڪام پڳتي ڪرڻ لڳا، جو ڄاتائون تہ پريم پڳتيءَ جهڙي ٻي پڳتي آهي ئي ڪانہ.

ويدن جا براهمڻ: ويدن جو ٻيو پاڳو "براهمڻ" سڏجي ٿو. ويدن جا منتر نهايت آڳاڻا آهن، ۽ براهمڻ گرنٿ پوءِ جا آهن. انهن ۾ منترن جي سمجهاڻي، يڳين جي وڌين جو بنياد، ۽ يڳين جو اندروني مطلب نٿر ۾ سمجهايل آهي، تنهن ڪري ويدن جي منترن واري پاڳي (سنهتا) کان اهي علحدا آهن، پر اهي به شرتين جي دفعي ۾ ليکيا ويا آهن. هر هڪ ويد جي پٽيان پنهنجا پنهنجا براهمڻ گرنٿ آهن، ۽ اهي ويدڪ ساهت جو پاڳو ليکجن ٿا. ٻين لفظن ۾ چئبو تہ براهمڻ گرنٿ "فقه جا ڪتاب" (Theological works) آهن، جن ۾ برهہ گيان ۽ آڳاڻن

براهمڻن جي فيلسوفي سمايل آهي، جنهن ڪري ئي اهي "براهمڻ گرنٿ" سڏجن ٿا.

براهمڻ گرنٿن مان ڪوبہ تاريخي احوال سڌيءَ ريت ڪونہ ٿو ملي. يگين جي وڌين جي بنياد بابت جيڪي ڪٿائون منجهن آهن، تن مان ان وقت جي ماڻهن جي ڪيترين رسمن جي سڌ پوي ٿي. تنهن ڪري تاريخ جوڙڻ ۾ براهمڻ گرنٿ بہ ڪجهہ مدد ڪن ٿا.

آرٽيڪ ۽ اُپنشد: ويدن جي براهمڻ واري ياڳي جا بہ بہ حصا آهن: هڪڙو "آرٽيڪ" ۽ ٻيو "اُپنشد". "آرٽيڪ" لفظ جي معنيٰ ئي آهي "ارڻ يا بن جا پستڪ" (Forest books) . آڳاٽا رشي ۽ ڪيترا راجائون توڙي ٻيا، پنجويهہ ورهيہ ساندهہ بن ۾ رهي، ايشور جو ڌيان ڌارينڌا هئا، ۽ ساري سنسار، جيو آتما ۽ پرماتما بابت ويچار ڪندا هئا. سندن اهي ڳوڙها ويچار، جن ۾ اعليٰ درجي جي فيلسوفي سمايل آهي، سي آرٽيڪن ۾ ڏنل آهن.

آرٽيڪن کان سواءِ اُپنشد بہ آهن، جن مان ڪي براهمڻ گرنٿن جي پنيان ڏنل آهن، تہ ڪي ڌار پستڪ آهن، پر اهي بہ براهمڻن جو ياڳو آهن، تنهن ڪري ويدڪ ساهت ۾ ليکيا ويا آهن. اُپنشدن ۾ اڪثر گروءَ ۽ چيلي جي وچ ۾ برهم گيان ۽ آتم گيان جي ڳوڙهي فيلسوفي بابت گفتگو آهي. انهيءَ سبب ڪيترن يوروپي عالمن جو چوڻ آهي تہ "اپنشد" لفظ ۾ "اُپَ" معنيٰ "ويجهو" "نِي" معنيٰ "نيچي يا هيٺ" ۽ "شد" معنيٰ "وهڻ": مطلب تہ گروءَ جي ويجهو وڃي، سندس هيٺ (جرنن اڳيان) ويهي، جيڪا سکيا پرائجي، تنهن کي "اُپنشد" چئجي ٿو.

"اُپنشدن" کي "ويدانت" بہ چئبو آهي. ڪي چون تہ اهي ويدن جي انت يا پڇاڙيءَ ۾ ڏنل آهن، تنهن ڪري اهو نالو پيو اٿن. عام طرح جنهن کي "ويدانت" (مت) چئجي ٿو، تنهن جي معنيٰ ڪندا آهن "وید يا ڄاڻ جي پڇاڙي يا آخرين حد" يعني تہ ويدانت کان مٿي ٻيو علم آهي ئي ڪونہ، ۽ اهو ئي برهم گيان جي آخرين حد آهي.

Sindh Hayat Institute

مکيہ براهمڻ گرنٿ ۽ مکيہ اُپنشد: متي اڳي ئي چيو ويو آهي تہ هرهڪ ويد جي پنيان پنهنجا پنهنجا براهمڻ گرنٿ آهن، ۽ انهن گرنٿن جي پنيان آرٽيڪ ۽ اُپنشد آهن. انهن مان جيڪي مکيہ آهن، سي هي آهن:

(1) رگ ويد جي پنيان ۾ براهمڻ گرنٿ آهن: هڪڙو "ائتريہ براهمڻ" (مهيداس ائتريي جو جوڙيل)، ٻيو، "ڪوشيتڪي يا شانکاين براهمڻ". انهن ۾ ڳورهي فيلسوفي سان گڏ سوم ٻوٽي ۽ يگيہ، ۽ ٻيا وڏا يگيہ، جي راجائون ڪندا هئا، تن جو ذڪر نآهي. ائتريہ براهمڻ جي پنيان جيڪي آرٽيڪ ۽ اُپنشد آهن، سي ۾ انهن ساڳين نالن پنيان "ائتريہ آرٽيڪ" ۽ "ائتريہ اُپنشد" سڏجن ٿا. ڪوشيتڪي براهمڻ جي پنيان ڪوشيتڪي آرٽيڪ آهي، جنهن جو هڪ پاڳو ڪوشيتڪي اُپنشد سڏجي ٿو.

(2) يجر ويد جا ٻہ ويڀاڳ آهن. شڪل يجر ويد "واجنيئي سنهتا" جي پنيان شتپٿ براهمڻ ڏنل آهي، جو سيني براهمڻ گرنٿن ۾ مکيہ اهي. آڳاٽن رشين جي فقہ ۽ فيلسوفي، ۽ ٻين ڳوڙهن ويچارن توڙي رسمن ۽ رواجن جي انهيءَ مان گهٽي سڌ پوي ٿي. شتپٿ براهمڻ جي چوڏهين باب جو پهريون پاڳو آرٽيڪ آهي، ۽ ان جي پوئين پاڳي ۾ ناميارو برهدارٽيڪ آپنشد آهي. واجنيئي سنهتا پنيان "ايش" اپنشد آهي.

(الف) ڪرشڻ يجر ويد جي سنهتا ۾ ڪاٺڪ سنهتا، ڪپشٿل ڪٿ— (Kapishthala Katha) سنهتا، مئترياڻي سنهتا ۽ تئتريہ سنهتا آهن، ۽ پنيان ڏنل تئتريہ براهمڻ تئتريہ سنهتا جو پاڳو آهي. تئتريہ براهمڻ جي پنيان تئتريہ آرٽيڪ ۽ ان جي پنيان تئتريہ اپنشد آهي.

(3) سام ويد جي پنيان تانديہ مها براهمڻ آهي، جنهن ۾ "وراٽيہ ستوم" (Vratyastoma) جو ذڪر آهي. اهو ڄڻ تہ شڌيءَ ڪرڻ لاءِ هڪ يگيہ هوندو هو، جنهن جو وڌيڪ ذڪر پوءِ ڪبو. ان جي پنيان چاندوگيہ اپنشد، ڪين اپنشد ۽ ٻيا اپنشد آهن. چاند وگيہ جو پهريون پاڳو آرٹيڪ آهي.

Gul Hayat Institute

(4) اٿرو ويد سان کو آڳاٽو براهمڻ گرنٿ کونهي، پر "گوپٿ براهمڻ" ان جو پاڳو ليکيو وجي ٿو. مٽبڪ اپنشد، پرشن (Prasna) اپنشد ۽ ماڊبوکيہ اپنشد اٿرو ويد ۾ آهن.

اُپويد (Subsidiary Vedas) چئن ويدن کان سواءِ چار اُپيد آهن. اهي ويدن سان لاڳو آهن، تنهن ڪري ويدڪ ساهت جي دفعي ۾ ليکجن ٿا، پر شريتون ڪري نٿا ليکجن، جو اهي ماڻهن جا جوڙيل آهن. ازان سواءِ انهن جو لاڳاپو دنوي ڳالهين سان آهي، تنهن ڪري ويدن کان انهن جو درجو گهٽ ليکيو ويو آهي. "اُپويد" لفظ جي اڪري معنيٰ ئي آهي "گهٽ درجي وارو علم" (Inferior Knowledge) ايترو چئبو تہ انهن اُپويدن مان چٽيءَ ريت سڌ پوي ٿي تہ قديم ويدڪ زماني ۾ ئي آڳاٽن هندن ڪيترن دنوي علمن ۾ چگي ترقي ڪئي هئي. اُهي عدم هي آهن.

(1) رگ ويد جو اُپويد "ايؤر ويد" (Medical Science) آهي، جنهن ۾ چرڪ، ششرت، واڪيت وغيره گرنٿ آهن. انهن" بدن جي طاقت وڌائن، بيمارين کي روڪڻ ۽ مرض کان ڇٽڻ جا اُپاءَ ڏسيل آهن. اهڙيءَ ريت طب جي ڪتابن لکڻ جو رواج اول آرين وڏو. مٿي اڳي ئي ڄاڻايو ويو آهي تہ رگ ويد واري زماني ۾ ئي سنڌو ماڻر ۾ جراح، طبيب ۽ حاذق حڪيم هوندا هئا. اڄ ڪالهہ سنڌ ۾ جيتوڻيڪ يوناني حڪيم بہ آهن، تہ بہ اسان جا سنڌي وٽديہ (ويڄ) پنهنجن ابن ڏاڏن واري هڪمت اڄ تائين پليءَ پت هلائيندا پيا اچن. ائين بہ اڪين سان ڏڻو ويو آهي تہ اسان جا ڪيترا ماڻهو انگريزي دوائن بدران يوناني ۽ آيور ويدڪ علاج وڌيڪ پسند ڪن ٿا، جنهن ڪري ويڄن جو قدر سنڌ ۾ اڄ تائين آهي.

(2) يجر ويد جو اپويد "ڌنر ويد" (Military Science) آهي. قديم سنڌو ماڻر جا رهاڪو جنگي پاارا هئا، تن انهيءَ سائنس (وگيان) کي زور ونايو، پر پوڏي زماني ۾ اهو پاڻ اسان جن ماڻهن مان نڪري ويو، جنهن جو نتيجو اڄ بہ اڪين سان پسجي پيو.

(3) سام ويد جو اپويد "گندرو ويد" (Music) آهي، جنهن جا بہ پاڳا هئا: هڪڙو لوڪن جي دل وندرائڻ لاءِ، جنهن ۾ راڳ ۽ راڳڻيون هيون، ۽ بئي ۾ ويدڪ

راڳ ۽ ويدن جا سُر ڏنل هئا. ائين گاين وديا قديم زماني ۾ ئي سڏو ماڻر ۾، خاص ڪري پنجاب ۾ زور ورتو، جنهن ڪري اڄ تائين چوٽي آهي ته "راڳ پنجاب ۾ جائو، ۽ ٽر ۾ مئو". هن وقت گائن وديا جو گهڻو چاهه سرحد سنڌ ۾، خاص ڪري شوقين شهر شڪارپور ۾ آهي.

(4) اٿرو ويد جو اپويد "استاپيه ويد" (Mechanics) آهي، جنهن ۾ شِلپ (ڪاريگري) ۽ ڪلا (هنر) جي وديا هئي. جنديءَ جو ڪم، ڪاشيءَ جو ڪم، جڙت جڙڻ، پرت پرڻ، لونگيون، ڪيس وغيره جوڙڻ ۽ ٻيا هنر سنڌ ۾ زور هئا. حيدرآباد ۾ خاتو بندن جو پاڙو اڄ تائين آهي. آيور ويد کان سواءِ ٻيون سڀ ويدائون گهڻو ڪري گم ٿي ويون آهن. هن باري ۾ هيءَ ڳالهه ياد رکڻ گهرجي ته دنيا ۾ ماڻهو گهڻي ئي ڪتاب لکن ٿا، جن مان ڪي گهڻي وقت تائين جيئاڻ ڪن ٿا، ته ڪن جو ٿوري عرصي گذرڻ بعد نانءُ نشان به مٽجيو وڃي. ڪتاب جي ٿوري يا گهڻي جيئاڻ جو مدار ان جي مضمون ۽ ماڻهن جي قدر شناسيءَ تي آهي. ڪن اپويدن جو ماڻهن پوءِ گهڻو قدر نه ڪيو، ته اهي گم ٿي ويا، پر ٻيو آڳاٽو ساهت اڃا سلامت آهي. هندن جي ويدن، اتهاسن ۽ پراڻن ۾ اهڙو ته مصالحو پريل آهي، جو جڳن کان اهي جيئندا اچن، ۽ جيستائين هندو جاتي حيات آهي، تيستائين اهي ڪڏهن وڃڻ جا نه آهن. سڄي هندو جاتيءَ کي پنهنجن انهن ڏرمي پستڪن لاءِ ججهي عزت ۽ گهڻو فخر آهي، ۽ ڪيترين ڏاريون قومون به انهن ڏي عزت جي نگاهه سان نهاري رهيون آهن. اُپنشدن جو ترجمو پارسيءَ ۾ ٿيو، ۽ انهيءَ تان لئٽن ٻوليءَ ۾ ترجمو ٿيو، ته شوپنهار (Schopenhaver) نالي هڪ فيلسوف اپنشدن جي فيلسوفيءَ جو اڀياس ڪري، بي اختيار هيٺيان لفظ چيا:

"In the whole world there is no study, except that of the originals, so beneficial and so elevating as that of the Oupnakht (Upnishad). It has been the solace of my life, it will be the solace of my death." Sacred Books of the East Vol. I, P. LXI.

اپنشدن بابت پروفيسر مئڪس ملر به هيءُ رايو ظاهر ڪيو آهي:

Gul Hayat Institute

"The earliest of these Philosophical.. will always maintain a place in the literature of the world, among the most astounding productions of the human mind in any age and in any Country" (Sacred Books of the East, Vol. I, P. LX VII)

پنجون ويد – اتهاسن ۽ پراڻ: اڄڪي اتهاسن ۽ پراڻن کي گڏي "پنجون ويد" سڏيندا هئا. پوءِ مهابارت تي اهو نالو پيو. سچ پچ ته اهو اتهاس آهي، پر انهيءَ مان ڏرم، نيتي ۽ بين ڪيترين ڳالهين جي سڌ پوي ٿي. چوٽي آهي ته "جيڪي مهابارت ۾ نه آهي، سو بارت ۾ ڪينهي" يعني بارت کنڊ جون سڀ مکيه ڳالهيون مهابارت ۾ آهن. اهو هڪ وڏو ويديا جو پنڌار آهي، تنهن ڪري پنجون ويد ڪري ليکيو ويو آهي. منجهس تاريخي احوال به گهٽي ئي آهن، تنهن ڪري قديم هندستان جي تاريخ جوڙڻ لاءِ عالمن منجهانئس گهڻو ئي ذخيرو ڪڍيو آهي.

اتهاس: "اتهاس" لفظ جي اکري معنيٰ آهي "ائين ٿيو آهي" (So it has been).

* هندن جا ٻه مکيه اتهاس رامائڻ ۽ مهابارت آهن، پر اڄڪي "اتهاس" لفظ جي وڏي معنيٰ هئي. ڪوٽليه جي ارٿ شاسترن مان معلوم ٿئي ٿو ته پراڻ، اِتيورت(Itivritta)، تاريخ (History)، اُدهرڻ (Illustrative Udharana Stories)ڏرم شاستر ۽ ارٿ شاستر (Science of Wealth i.e Political Economy)انهن سڀني کي گڏي "اتهاس" چوندا هئا، ۽ اتر هندستان جو هرڪو راجڪمار (شهزادو) اتهاسن جو اڀياس ڪندو هو.

پراڻ: "پراڻ لفظ جي معنيٰ ئي آهي پراڻي ڪٿا يا جهوني ڪهاڻي (Ancient lore). انهيءَ سبب دنيا جي ڪهڙي به ڪهني قصي کي جيڪر "پراڻ ڪونجي، پر هندو پنهنجن انهن جهونن ڏرمي پستڪن کي پراڻ سڏين ٿا، جن ۾ (1) "سرڳ" يعني سرشٽيءَ جي اُتپتي يا جهان جي پيدائش، (2) "پرتيسرگ"(Pratisarga) يعني مها پرلئ ۽ سرشٽيءَ جي وري نئين سر اُتپتي، ۽ (3) مهنو نترن يا جڳن جا احوال آهن. انهن کان سواءِ منجهن (4 ۽ 5) ديوتائن جو ذڪر ۽ رشين ۽ راجائن جا چرتر ۽ سندين ونساوليون يا شجرا آهن. هر

هڪ پراڻ جا اهي پنج مکيہ لڇڻ يا خاصيتون (خاص ڳالهيون) آهن، تنهنڪري پراڻن کي "پنج لکشڻ" (پنج لڇڻ) ۽ سڏيو ويو.
مکيہ پراڻ ارڙهن آهن.

برهم، پدم، وشنو، شو ۽ ياڳوت،
نارد، مارکنڊيہ اگني، پوش، برهم وئيورت،
لنگ، واراهہ، سکنڊ، وامن، کؤرم پراڻ،
متيہ، گرڙ، برهماند سان جملي ارڙهن جاڻ.
(غريب)

هن مان ڏسڻ ۾ ايندو تہ پراڻن تي گهڻو ڪري اوتارن ۽ ديوتائن جا نالا رکيل آهن. جيڪو پراڻ جنهن ديوتا جي نالي آهي تنهن ۾ مکيہ مهما انهيءَ جي آهي، ۽ بين جي واجبي. تاريخ جي خيال وچان انهن پراڻن جو جيتري ۽ قدر ڪجي تيترو ٿورو آهي. انهن ۾ آڳاٽن رشين ۽ راجائن جون ونساوليون يا سجرا ۽ سندن چرتر يا ڪارناما آهن، تنهنڪري قديم هندستان جي تاريخ جوڙڻ لاءِ انهن مان نهايت گهڻو مصالحو مليوآهي. اهو جيڪڏهن نہ ملي ها، تہ قديم هندستان جي تاريخ ئي مشڪل ٿي پوي ها. جن يوروپي عالمن پهريائين قديم قديم هندستان جي تاريخ جوڙڻ جي ڪوشش ٿي ڪئي، تن جي اها ئي دانهن هئي تہ آڳاٽن آرين کي ٻيو هوش گهڻو ئي هو، پر تاريخ جوڙڻ جو عقل ڪونہ هون. پوءِ بين ملڪن جا ڏرمي پستڪ ڏنائون، تہ معلوم ٿين تہ اڳي تاريخ جوڙڻ جو نمونو ئي اهو هو، جو ڏرمي ڳالهين سان تاريخي ڳالهيون ٻڌيون ڳنڍي ڇڏيندا هئا، ۽ ڪي تاريخي ۽ سائنس جون ڳالهيون ڪٿائن يا آکاڻين جي نموني لکندا هئا، تہ پڙهندڙن ۽ ٻڌندڙن کي ياد ڪرڻ سوليون ٿين. هاڻ يوروپي عالم پراڻن جو گهڻو قدر ڪرڻ لڳا آهن، ۽ سمجهن ٿا تہ انهن ۾ سچا پچا تاريخي احوال آهن، ۽ جيڪي ڏند ڪٿائون آهن، سي ٻہ ڪن حقيقتن تي ٻڌل آهن.

* شنسڪرت ۾ "اتي، معنيٰ "آئين"، "هـ" معنيٰ "تحقيق يا سچ پچ" ۽ "آس" معنيٰ ٿيو آهي" (اس معنيٰ ٿيڻ) – يعني "ائين سچ پچ ٿيو آهي"، يا "ٿي گذريو آهي": جنهنڪري "اتهاس" معنيٰ "تاريخ يا روايت". (ڏند ڪٿا)

باب چوڏهون

علم ۽ تعليم جو انتظام

چار پرشارٿ: قديم سنڌو ماڻر جا رهاڪو پنهنجن ٻارن کي کهڙي قسم جي سکيا ڏيندا هئا، تنهن بابت اول هيءَ ڳالهه ڏيان ۾ رکڻ گهرجي ته انهيءَ قديم زماني ۾ ئي رشين ۽ منين پنهنجن ماڻهن جي دلين تي اهو اثر وهاريو، ته جيوت جو اهو مطلب نه آهي، ته رڳو کائجي ۽ پيئجي، ۽ موجون ماڻجن. هنن آتمڪ اُنتيءَ يا روحاني ترقيءَ جي ضرورت تي زور ڏنو، ۽ پنهنجن ماڻهن کي ائين ئي ذهن نشين ڪرايائون، ته سکيءَ جيوت ڪاٽيندي ۽ ڏٽيءَ جو ڏيان ڏارڻ، ۽ رفتي رفتي دنوي سک تياڳي موڪش يا نجات حاصل ڪرڻ، اها ئي ست پرشن جي مرجاتا آهي، ۽ اهو ئي آهي حياتيءَ جو مول مقصد، تنهنڪري ٻارن کي ننڍڙي هوندي سکيا ۽ اهڙي ڏيڻ گهرجي.

حياتيءَ جي انهيءَ مقصد حاصل ڪرڻ لاءِ هرهڪ انسان کي چار مکيه مرادون دل ۾ ڌاريون آهن،جن لاءِ کيس پرشارٿ (پرڪارٿ) يعني اُدم يا ڪشالو ڪرڻو آهي. "پرشارٿ" لفظ ۾ "پرش" معنيٰ ماڻهو ۽ "ارٿ" معنيٰ مطلب، جنهن ڪري چئبو ته اهي پرشارٿ گويا پدارٿ آهن، جن سان هر ڪنهن ماڻهوءَ جو مطلب آهي. اهي چار پرشارٿ آهن. ڌرم، ارٿ، ڪام ۽ موڪش.

(1) پهرئين پهرئين درجي ۾ ڌرم ليکيائون. انسان جا جيڪي به فرض آهن، سي سڀ ڌرم ۾ اچي وڃن ٿا. اخلاقي يا نيتيءَ جون ڳالهيون به ڌرم ۾ اچي وڃن ٿيون. اهو به نهرايائون ته جيڪڏهن ڪو ماڻهو ڌرم ۽ نيتيءَ تي نه هلي، ته خود راجا جو ڌرم (فرض) آهي ته ساڻس قاعدي جي ڪارروائي ڪري، ته آئيندي ڌرم جي راهه تي هلي، ۽ ڪوبه اونڌو قدم نه کٽي، تنهن ڪري ڏنڊ نيتي (Science of Coercion) به ڌرم جي رکيا لاءِ آهي. آڳاٽن رشين، منين ۽ ٻين براهمڻن ڌرم کي گهڻي اهميت ڏني، جنهن ڪري هندن جا فوجداري توڙي

ديواني ڳالهين بابت سڀ قاعدا ڏرم تي ٻڌل آهن. اڄ تائين اهي قاعدا هندن جي شاسترن ۾ ڏرمي ڳالهين سان ڳنڍيا پيا آهن ۽ اهي ڏرم کان ڌار ڪرڻ جا نہ آهن.

(2) "ارٿ" لفظ جي معنيٰ آهي "ڌن دولت يا ناڻو"، هر ڪنهن غريب توڙي شاهوڪار کي ناڻو گهرجي، جو ناڻي کان سواءِ ڪوبہ ڪم ٿي ڪونہ سگهندو. انهيءَ سبب چوڻي بہ آهي تہ:

"اُٿ بہ ناڻو، ويهہ بہ ناڻو،
ناڻي بنا نر ويڳاڻو"

ڌن دولت حاصل ڪرڻ لاءِ "ورت" (Varta) يعني گذران جون واٽون نهرايائون، جهڙوڪ کيتي، واپار، هنر ۽ ڪاريگريون ۽ ٻيو کهڙو بہ پورهيو. مطلب تہ سيڪنهن کي حق حلال جي ڪمائي ڪري پيٽ پالڻو آهي، ۽ ناڻي پيدا ڪرڻ ۾ بہ ڏرم تي هلڻو آهي. مثلاً: تور ۾ نڱي نہ ڪجي. انهيءَ سبب چوڻي بہ آهي تہ "اگهہ ڪٽيو ڪائجي، پر وَٽَ ڪٽيو نہ ڪائجي". يعني ڪوٽا وٽ ڪم آڻي يا گهٽ وزن ڏيئي فائدو ڪائڻ نہ گهرجي.

(3) "ڪام" جي معنيٰ آهي "سک ٻوڳڻ". پنهنجي حق حلال جي ڪمائي ڪري، پنهنجن ٻچن سان گڏجي سک ٻوڳڻ، تنهن لاءِ بہ پرشارٿ يا اُدم ڪرڻ ضروري آهي، ۽ اها بہ انسان جي مکيہ مراد آهي.

(4) "موڪش" (موک) معنيٰ نجات يا ڇوٽڪارو. پنهنجي ڏرم ڪرم تي پورو رهي، حق حلال جي ڪمائي ڪري، سکي جيوت ٻوڳڻ ۽ پوءِ رفتي رفتي دنوي سک تياڳي، ڏٽيءَ جو ڏيان ڌارڻ، ۽ آخر ڏٽيءَ ۾ لين (فنا في الله) ٿيڻ کي "موڪش" چئجي ٿو. اهڙو ماڻهو پوءِ جنم مرڻ جي ڦيري کان ڇٽل رهي ٿو: اهڙيءَ آدرش جيوت گذارڻ لاءِ آڳاٽن لوڪن تعليم جو سرشتو ٺاهڙو رکيو، ۽ پنهنجو سمورو ڏيان ڏرمي سکيا تي ڏيڻ لڳا.

تعليم جو سرشتو: رگ وید ۾ کي اهڙا اشارا آهن، جن مان ڇٽيءَ ريت سمجهي سگهجي ٿو تہ انهيءَ قديم زماني ۾ ئي آچاريہ (استاد) ۽ وديار ٿي (شاگرد) هئا. مثال لاءِ ڏسو رگ وید جو منڈل پهريون (سوُڪت 12، 2). جنهن ۾ چيل آهي تہ "اي اشوني ڪمار ديوتائون، جيڪي اُستاهي پوجاري خاص رڳو توهان جي پوجا

ڪن ٿا، سي توهان جي رَڻ (گاڏهيءَ) جي چوڌاري بيهي، توهان جيءَ ڏات مان ائين لاپ پرائين ٿا، جيئن سکيا ونڊ لاءِ وديار ٿي پنهنجي گروءَ جا وچن ڏيان ڏيئي ٻڌن ٿا". وري منڊلس تين (87، 47) ۾ چيل آهي ته "ورڻ ديوتا مون پاترشش (لائق شاگرد) کي سکيا ڏيئي برهم لوڪ جون ڳجهارتون ٻڌايون آهن." هنن ٻن مثالن منجهان ئي ظاهر آهي ته رگ وید واري زماني ۾ ئي رشي ۽ براهمڻ عام ماڻهن جا ودیا گرو هئا، ۽ اهي کين آتمڪ سکيا يا روحاني تعليم ڏيندا هئا. ان وقت سنڌو ماڙ ۾ براهمڻ، پروهت، رشي ۽ راج رشي گهڻائي هوندا هئا (رگ وید، منڊل ڏهون، 103، 7).

سنڌو ماڙ جا رهاڪو ننڍپڻ کان ونی ودیا پرائيندا هئا، سا ڳالهه هن منجهان سمجهي سگهجي ٿي، جو رگ وید جي منڊل ستين، (103، 5) ۾ چيل آهي ته " برسات ۾ هڪڙو ڏيڏر ٻئي ڏيڏر جي ٽان ٽان ٻڌي، پاڻ ٻه ائين ٽان ٽان ڪري ٿو، جيئن ڪو سيکڙات پنهنجي گروءَ جي واتان لفظ ٻڌي، پاڻ ٻه ان موجب اُچار ڪري ٿو." هن مان پڌرو آهي ته ننڍڙن ٻارن جي چچلي ڳالهائڻ کي ڏيڏرن جي "ٽان ٽان" سان پيٽيو اٿن. اڄ ٻه ڏسو ته سنڌي اسڪولن جي ٻاراڻن ڪلاسن ۾ اول استاد ڪو لفظ اُچاري ٿو، ته سندس پنيان ننڍڙا ٻار ٻه ڪوشش ڪري اهڙا اُچار چچلي نموني ڪن ٿا. ائين اها "ڏيڏرن واري ٽان ٽان" اڄ تائين هلي اچي.

ٻاراڻي ڪلاس جا شاگرد جڏهن ڪجهه ودیا سکي مٿئين درجي ۾ ويندا هئا، تڏهن انهن کي آچاريه ويدن جا منتر برزبان ياد ڪرائيندا هئا (رگ وید، منڊل ڏهون، 103، 5).

پروفيسر مئڪس ملر چوي ٿو ته جن ڏينهن ۾ ماڻهن وٽ لکپڙهه جي سامگري (مس، قلم ۽ ڪاغذ) ڪانه هئي، تن ڏينهن ۾ وديايارٿين کي آچاريه کهڙي نموني ويدن جا منتر سيکارينداهئا، سو پتو "پراتيشاکيا" (Paratisakhya) مان پوي ٿو. چيلا پنهنجي گروءَ کي پاڪر پائي چوندا هئا ته "سوامي، پڙهو". آچاريه گنپيرائيءَ سان چوندو هو: "اوم" (هائو). هو پوءِ هڪ پرشن (سوال) چوندو هو، جنهن ۾ ٻه ٽي تڪون هوندیون هيون، پر متان ڪنهن لفظ تي شاگردن جو ڌيان پوريءَ ريت نه چڪجي، تنهنڪري سني لفظن تي گهڻو زور

ڏيئي اُچاريندو هو، ۽ کي لفظ ۾ ۾ پيرا چوندو هو، اين گرو کي لفظ چئي رهندو هو ته پهريون شاگرد انهن تکن جا پهريان لفظ چوندو هو. جيکڏهن کا ڳالهه کولڻي هوندي هئي، ته گرو چوندو هوس ته "انهن لفظن جو مطلب ٻڌاءِ". شاگردن جڏهن مطلب ٻڌائي رهندو هو، تڏهن ٻيو شاگرد اهي ساڳيا گروءَ وارا چيل لفظ اُچاريندو هو. پوءِ سڀ شاگرد سبق وري وري پکو کندا هئا. ٻالکن کي وات ويڙيءَ سيکارڻ جو طريقو اجهو اهو هو. اهڙيءَ ريت شاگرد ڪئين ڳالهيون ڪنڻ کندا هئا، جن جو پوءِ پيڙهيءَ ۾ پيڙهيءَ حافظي جي وسيلي ڦهلاءُ ٿيندو هو. ابتدائي تعليم انهيءَ نموني چوڪرن ۽ چوڪرين کي ڏيئي، پوءِ کين اعليٰ درجي جي تعليم ڏيندا هئا.

زناني تعليم: رگ ويد واري زماني ۾ ئي آڳاٽن هندن کي زناني تعليم جو گهڻو قدر هوندو هو. نياڻين کي ۾ پٽن وانگر تعليم ملندي هئي، جيئن هن وقت ڪيتريون چوڪريون اسڪولن ۽ ڪاليجن جي امتحانن ۾ ڪيترن چوڪرن کي شهه ڏيئي وڃن ٿيون، تيئن اڳي ۾ ڪيتريون استريون ڪن مردن کان گوءِ ڪٽي ويندیون هيون. زالن کي نه رڳو رواجي سکيا ملندي هئي، پر ڏرمي سکيا ۾ ملندي هين. هن لاءِ هيءَ ثابتي آهي ته گهوشا (راجڪماري)، آپالا، لوپَ، مُدرا ۽ وِشِو وارا نالي استريون رشين جي درجي کي پهتل هيون. اهي ويدن جي منترن جو پورو پورو ارٿ ٻين کي ٻڌائيندیون هيون، ۽ گيان ڏيندیون هيون. وِشو وارا ته پوڄائون ۾ ڪرائيندي هئي، جيئن اڄ ۾ ڪي گرياڻيون يا ٻانيٽياڻيون ڪن ٿيون. قديم زماني جا گروڪا براهمڻن جون جڙ ته يونيورسٽيون هيون، جن ۾ پٽن سان گڏ نياڻين کي ۾ اعليٰ درجي جي تعليم ملندي هئي.

گروڪل ۽ آشرم: اٿرو ويد جي منڈل نائين، (سؤڪت 5) ۾ صفائي صفا لکيل آهي ته وديارتي جٽيو پائي، برهمچاري ٿي رهندا هئا، ۽ گروڪل ۾ رهي، ودیا پرائيندا هئا. آچاريه ڪل واسن" يعني "آچاريه (استاد) جي ڪل ۾ رهندڙ" لفظ ۾ ڪم آيل آهن. خود رگ ويد جي منڈل ڏهين، (109، 5) ۾ برهمچاري" لفظ ڪم آيل آهي. منڈل ستين (103، 1) ۾ چيل آهي ته "براهمڻ سدائين پنهنجي وچن جي

پالنا ڪندا هئا.“ هن مان ظاهر آهي تہ براهمڻن کي ننڍڙي هوندي کان ئي اها اخلاقي سکيا ملندي هئي تہ ”پنهنجو ڪيل وچن ڪڏهن بہ ڀنگ نہ ڪجي“. برهمچاري4 جو اهو بہ هڪ مکيہ لچڻ آهي. هن قسم جي ثابتين مان خود کي يوروپي عالم سمجهن ٿا تہ رگ ويد واري زماني ۾ ئي گروڪل هئا، جنهنڪري چئبو تہ گهڻين قومن کي اڳي سنڌو ماڻر جي آرين کي وديا جو قدر هو.

پـڑهـڻ، ترڻ تير هـڻڻ، چوٽين سواري،
ننڍي هوندي جو نہ سکي، وڏي خواري.
(پهاڪو)

هتي بہ ڏسو تہ پهريائين آهي، پڑهڻ، ۽ پوءِ ٻيون ڳالهيون. ”اڻ پڑهيا پڑهين اڳيان پريون ڏوئيندا.“ هن قسم جا پهاڪا ڄاڻائين ٿا تہ سنڌي ماڻهن وديا جو ڄجهو قدر ڪيو ٿي.

آڳاٽا لوڪ انسان جي عمر سراسري هڪ سؤ ورهيہ ليکيندا هئا، ۽ اها چئن آشرمن يعني منزلن يا درجن ۾ ورهايل هوندي هئي. انهن چئن آشرمن جا نالا برهمچريہ، گرهست، وانپرست ۽ سنياس آهن. ”برهمچريہ“ لفظ خود ڄاڻائي ٿو تہ انهيءَ پهرينءَ منزل ۾ ”برهم“ (ايشور) ڏي هلڻ جي واٽ ونڊ سکندا هئا، ۽ اهي ”برهمچاري“ سڏبا هئا. هرڪو ماڻهو پنهنجي ماءُ پيءُ مان ڄمي ٿو، پر ڏٽيءَ سان ملڻ جي واٽ ونڊ لاءِ ڪيس ننڍڙي هوندي ئي ٻيو جنم ونڊو آهي. انهيءَ ٻئي جنم ونڊ جي نشاني ”جڌيو“ آهي، جڌيو پائيندڙ ”دوج“ يعني ٻيو ڀيرو ڄاول سڏيو ويو آهي. جڌئي پائڻ جي وقت کان وٺي ”گايتري“ سنديس ماتا آهي، ۽ آچاريہ (استاد) سندس پتا آهي. آڳاٽا لوڪ ننڍڙي هوندي ئي جڌيو پائي، پنجويهن ورهين جي ڄمار تائين برهمچاري ٿي رهندا هئا، ۽ گروڪل ۾ رهي وديا پرائيندا هئا. برهمچريہ آشرم ۾ پهرين ۽ مکيہ ڳالهہ هئي پنهنجين نفساني خواهشن کي روڪڻ. انهيءَ سبب هو پنجويهن ورهين جي ڄمار تائين پرائي

ڪنيا يا استريءَ ڏي اک ڪٽي ۽ ڪين نهاريندا هئا. پنهنجي نفس تي ضابطو هون، تنهنڪري ئي سدائين رشٽ پشٽ هوندا هئا، ۽ وڏا سؤر ويرٿي ساماڻيا هئا. اهو سڀ وقت ويد وديا ۽ ٻيون وديائون سکي، پنهنجو ٻل ۽ ٻڌيوڏائي موٽندا هئا. انهن گريجوئيٽن جو ايڏو مان هوندو هو، جو خود ديس جو راجا سندن استقبال لاءِ وڏي اڳيان ويندو هو. برهمچاري گهر ڏي موٽندا هئا، ته پوءِ سگهو ئي ڪنهن لائق ڇوڪريءَ سان پرڻيا هئا. هيءَ ٻي منزل "گرهست آشرم" سڏبي هئي. جنهن ۾ نوجوان گهر ٻاري ٿي رهندا هئا، ۽ حق حلال جي ڪمائيءَ مان گذران ڪندا هئا. گهر ٻاري ٿي ۽ پنهنجي واندڪائيءَ جو وقت ايشور جي پڪتي، ست پرشن جي شيوا ۽ ساڌ سنگت ۾ سڳلو ڪندا هئا. ديس ۾ بيروزگاري هئي ڪاڻ، ۽ ماڻهن جي ڪمائي ۽ ججهي هوندي هئي. اتهاسن مان معلوم ٿئي ٿو ته جهڙي تهڙي پورهيت کي ۽ هڪ سوني مهر روز ملندي هئي. ڪن کي پگهار بلي اڌ جيترو اناج، ۽ اڌ جيترا روڪ پئسا ملندا هئا. پر ويدن واري زماني ۾ ئي گرهستي ماڻهن وٽ اَن توڙي پئسو ايترو هوندو هو، جو ٻين آشرمن وارن کي پئسي توڙي سيڌي پاڌي جي مدد ڪندا هئا، جنهنڪري گرهستين يا گهر ٻارين جو مان مٿي ليکبو هو. اڄ ۽ برهمڻ، ٻاوا ۽ ٻيا ڪيترا گرهستين جي ڪمائيءَ تي پيا پلجن.

گرهستين جو اولاد ساماڻبو هو، ته پاڻ آهستي آهستي دنيوي ڳالهين تان چُٽ هٽائي، پنجاهه ورهين جي ڄمار ۾ وانبرست آشرم ۾ گهڙندا هئا. يعني گهر تياڳين ڏي ويندا هئا. گهر ڇڏڻ مهل پنهنجي اولاد، ننڍن پائرن ۽ ٻين مٽن مائٽن کي گرهست آشرم جي فرض پالڻ جو گهٽو تاڪيد ڪندا هئا. "چڱا سي، جن جا پويان چڱا". پاڻ بن ڏي وڃن، ۽ پنيان اولاد متان ڪُل جو قس ٻوڙي، تنهنڪري کين تاڪيد ڪري پوءِ نرسني بن ڏي ويندا هئا: پنهنجون فرحتي جاون ڇڏي ڪکاين پنگين ۾ رهندا هئا، ۽ ڪنهن ۽ سواد جي سَڌ ڪانه ڪندا هئا. رواجي ڪپڑا ۽ ڪونه پهريندا هئا، پر وڻن جي ڇوڏن ۽ ڪن گاهن جي تاندورن مان نهيل ڪپڑا ڏيکيندا ها. اهڙا ڪپڑا اتر هندستان ۾ اڄ ۽ ڪٽي ڪٽي آهن. بن ۾ ۽ يگيه ڪندا هئا، پر پنهنجي نفساني خواهشن کي روڪڻ لاءِ هڪ وڏو يگيه

سمجهندا ها. پنهنجي استري اکثر ساڻ هندي هين، ته به هن جي ويجهو نه ويندا هئا، پنهنجي سرير کي تپسيا ۾، من کي اڌياتم ويچار ۽ ايشور جي آراڌنا ۾، ايڪانت نواس دواران لڳائيندا هئا، ته هي لوڪ ۽ سکي، ۽ پر لوڪ سهيلو ٿئي.

اهو ون پرست آشرم ويراڳ پچائڻ واسطي هو. ويدن جي براهمڻن ۾ ڄاڻايل آهي ته جنهن ڏينهن پورو پورو ويراڳ پراپت ٿئي، انهيءَ ڏينهن ڄاڻڻ گهرجي ته ون پرست آسرم جو سمو پورو ٿيو، ۽ پوءِ سنياس آشرم ۾ گهڙجي. "سنياس" لفظ ۾ "سم" معنيٰ سپ، "ني" معنيٰ ويجهو" ۽ "آس" معنيٰ "اُڇلڻ". سپ جيڪي ويجهو هجي سو اُڇلي ڇڏڻ يعني سيڪجهه تياڳڻ کي "سنياس" چئجي ٿو، مطلب ته پويان پنجويهه ورهيه بنهه تارک ٿي يا سيڪجهه تياڳ ڪري، يوگ دواران موڪش پد (نجات) يا مڪتي) حاصل ڪندا هئا. انهيءَ ريت پنهنجي سڄي حياتي سڦلي ڪندا هئا. رگ وید واري زماني ۾ ئي شايد ائين جيوت گذارينداهئا، جو اهڙا اشارا رگ وید ۾ آهن.

منيِ ۽ وراتيہ: سنڌو ماڙ جا جيڪي سنياسي دنيا ترڪ ڪري بن ۾ گذارينداهئا، ۽ ويدن جا منتر پيا اُچارينداهئا، سي رگ وید ۾ "منيِ" (Sages) سڏيا ويا آهن. "وڻن جي ڏڏڻ جا آواز اهڙا پيا اچن جهڙا مُنين جي منترن اُچارڻ جا الاپ" (رگ وید، منڈل ستون، 56، 8). "منين جو سُکو يا ساڻي اندر ديوتا آهي، (منڈل سون، 7، 14). انهن متين بابت هيئن به ڄاڻايل آهي ته منجهانئن ڪي ننگا هوندا هئا، ته ڪن کي گيڙوءَ رتا ڪپڙا پيل هوندا هئا (رگ وید، منڈل ڏهون، 136، 2). اهي "ڪيشي" يعني ڊگهن وارن وارا هوندا هئا، ۽ هوا وانگر آزاد پيا ڦرينداهئا. اهي ديوتائون ڪري ليکبا هئا.

ٻيا هڪڙا سنياسي جي منين کان علحده هوندا هئا، سي (Varatya) سڏبا هئا. اهي رمتا ساڌو هوندا هئا. انهن کي سواريءَ لاءِ سادين گاڏيون هوندين هيون، جن ۾ ٻڳا ٻڌل هوندا هئا، ۽ به پيادا اڳيان ۽ به پٺيان هوندا هئن. انهن جا وار رکيل هوندا هئا، بت تي ساڌن جهڙو ويس هوندو هون، ۽ متي تي پڳڙي هوندي هين. اهي به ديوتا پرش ڪري ليکبا هئا. اهي وراتيہ شايد مهاديو (اشو مهراج)

جا پوڄاري هئا. خود راجائون کين مان ڏيندا هئا (اٿرو ويد، منڊل 15، 10)، ۽ براهمڻ کين آڏرياڻ ڏيئي پاڻ وٽ مهمان ڪري رهائيندا هئا (اٿرو ويد، منڊل 15، 12).

جيڪي رشي ۽ مني دنيا ترڪ ڪري بن ۾ رهندا هئا، تن جون جهوپڙيون جيتوڻيڪ پنهنجون پنهنجون هونديون هيون، تہ بہ ڪيترن وقتن تي ڪنهن ميدان ۾ گڏ ٿي، ڪٿا ڪيرتن ۽ گيان گوشٹ ڪندا هئا. مهاڀارت، سريمد ڀاڳوت ۽ ٻين ڪيترن پراڻن جي منڊ ۾ ڄاڻايل آهي تہ اهي ڪٿائون نئمشارڻ بن جي وچ ۾ ويهي، وید وياس جي شش سؤتي اناسي هزار رڪيشرن کي ٻڌايون هيون. هن مان معلوم ٿيندو تہ بن ۾ بہ وٽن وڏن گمت لڳي پيئي هوندي هئي، ۽ گيان ۽ ويراڳ جي وارتائن ٻڌڻ مهل هزارن جي تعداد ۾ هڪ هنڌ وجي ڪنا ٿيندا هئا.

ککول وديا ۽ جوتش جو اڀياس – وقت جي ماپ: آڪاٿا رشي ۽ مني جي ڳوٺن ۾ گهر ٻاري ٿي رهندا هئا، يا ويراڳ ورتي ڏاري، بن ۾ وڃي گذارينداهئا، تن جو نہ رڳو ڏرمي ڳالهين تي ڌيان هوندو هو، پر قدرت سان رهاڻ ڪرڻ جا بہ ڪوڏيا هوندا هئا. سندين مشاهدي جي قوت بہ سگهاري هوندي هئي. سندين هڪ مڪيہ ڳالهہ جنهن ڏانهن ڌيان لهڻو، سا هيءَ آهي تہ رگ وید واري زماني ۾ ئي گرهن، تارن ۽ نڪترن ڏي نظر پئي ڪئي، ۽ ائين ککول ودي ۽ وتش جو بنياد وڌائون.

آڪاٿن آرين جو گهڻو زور بگين ڪرڻ تي هوندو هو. ڪي وڌا يگيہ ڪندا هئا، جي "سَتر" سڏبا هئا. انهن سترن لاءِ اڪثر اهي ڏينهن مقرر ڪندا هئا، جن ڏينهن تي سج جو پاڇو ڦرندو هو، ۽ ڏينهن وڏا ۽ راتيون ننڍيون، يا ڏينهن ننڍا ۽ راتيون وڏيون ٿيڻ لڳنديون هيون. لوڪمانيہ بال گنگا ڌر تلڪ پنهنجي ڪتاب "اورني" ۾ ڄاڻايو آهي تہ انهيءَ ريت يگيہ چڙ تہ وٽ جي ماپ ڏيڪاريندڙ (Chronometers) هوندا هئا.

وقت جي ماپ چند پٽاندر بہ ڪندا هئا. چند کي سڏيندا هئا "ماس"، جنهن جو اُچار پارسيءَ ۾ آهي "ماهہ". ماس يا ماهہ جي هڪڙي معنيٰ نآهي "چند" ۽ بي

معنيٰ "مهنو" ۽ ان جو ڏاتو يا بنياد آهي "ما" معنيٰ "ماپڻ". جنهنکري "ماس" (ماهه) جي بنيادي معنيٰ آهي "ماپيندڙ" هيءُ لفظ خود ڄاڻائي ٿو ته وقت جي ماپ چند پٽاندر ڪندا هئا. چند پورو ٿيو ته مهنو پورو ٿيو، تنهنکري ٻيو مهنو وري نئين چند کان وٺي ليکيندا هئا. مهني ۾ ٽيهه ڏينهن ليکيندا هئا، جنهنکري ورهيه ۾ 360 ڏينهن ليکيندا هئا، پر وقتي تيرهون مهينو به گڏيندا هئا، جو عام طرح "اڌڪ" يا "لنڊ" يا "پرشوتم" جو مهينو سڏجي ٿو. هرهڪ ڏينهن کي سورج ديوتا جو "ڏام" سڏيندا هئا (اٿرو ويد، منڈل پهريون، 64، 11). ڏينهن ۾ چار پهر ليکيندا هئا. پنهنجو سال سياري کان وٺي ليکيندا هئا، جنهن ۾ ٽي مندون (هرهڪ ڇئن مهينن جي) شمار ڪندا هئا. پو3 ورهيه ۾ ڇهن رتين ليکڻ جو رواج ٻيو. اهي ڇهه رتيون هي هيون: (1) گريشم (گرميءَ جي موسم يا انهارو). (2) هيمنت (خزان)، (3) ششر (سيارو)، (4) وسنت (بسنت بهار)، (5) شرد (سرءُ) ۽ (6) ورشا (برساتي موسم) اٿرو ويد، منڈل ڇهون، 55، 2، ۽ منڈل بارهون، 1، 36). اٿرو ويد جي منڈل اٺويهين (7) ۾ اناويهه نڪتر ڄاڻايل آهن، جي ڪرتڪا (ڪتين) کان وٺي ليکيندا هئا. هن قديم زماني ۾ ئي وگيان (سائينس) جي ڳالهين تي هيترو ڌيان ڏنائون ٿي، تنهن تان ڪيترن يوروپي عالمن عجب ظاهر ڪيو آهي.

---

* ڪترين کي اها به سکيا ملندي هئي. راجا هرشچندر ڪئين تڪليفون سٺيون؛ پر پنهنجو وچن ڀنگ نه ڪيائين. راجا دسرٿ پنهنجي راڻي ڪيڪئيءَ کي وچن ڏيئي، پوءِ جيتوڻيڪ گهٽو ئي پڇتايو، بلڪ پڇتائيندي پڇتائيندي ڏک وڃان پنهنجا پراڻ تياڳيائين، ته به قول تي قايو رهيو. پشم پتامهه سڄي عمر ڪنوارو رهڻ قبوليو، ۽ راجگديءَ تان هٿ ڪنيائين؛ پر پنهنجو وچن نه ٽوڙيائين، ويجهڙائيءَ ۾ گرنار ڪوٽ جي راجا راءِ ڏياچ ٻيجل چارڻ کي چيو ته "گهر جيڪي گهرٽو هجيئي" هن چيس ته "مون کي پنهنجي سسي لاهي ڏيو". هن وڏيءَ دل داتا اتي ئي ڪرٽ ڪٽي ڪاپار ۾ وڏو، ۽ پنهنجي سسي لٽي لاهي وڏائين؛ پر ٻول ۾ رول نه ڪيائين. — مصنف.

باب پندرهون

نيتي يا اخلاق

دان پڃ: قديم زماني کان وني هندو ماڻهو دان پڃ ڪرڻ هڪ ڌرمي فرض ڪري سمجهندا آهن. ويدن جي رچائن ۾ انهن ماڻهن لاءِ ڏڪار ظاهر ٿيل آهي، جن وٽ اَن جا ياندار پريل آهن، پر دل اهڙي ڪنور اٿن، جو ڪنهن گهرجائوءَ کي جيڪر اَن جو ڪٽو ب نه ڏين. هڪ رشيءَ ديوتائن کي آراڌنا ڪئي آهي ته "اَن اُدارتا" (lliierality) شل دنيا ۾ هجي ئي نه (رگ وید، منڈل ڏهون، 23، 12)! ويدن جي رچائن ۾ انهن ماڻهن جي ساک لکيل آهي، جي غريبن ۽ اناٿن جون گهرجون پوريون ڪن ٿا، ۽ هيٺن جا همراهه ٿين ٿا. هيئن ب چيل آهي ته جيڪي "پوڄ" آهن يعني ٻين کي ڪاڌو کارائين ٿا، ۽ ٻين جي دل ونن ٿا، تن جو هيءُ لوڪ سکي ۽ پر لوڪ سهيلو ٿئي ٿو (رگ وید، منڈل پهريون، 126، 1، منڈل پنجون، 30، 12، 15، منڈل ستون، 18، 21، 24). جيڪي راجائون وڏيءَ دل سان دان ڪندا هئا، تن جون "دان" اُستتيون" (سخا جون ساراهون) رگ وید ۾ ڄاڻايل آهن، جن مان منڈل پهرئين ۾ سنڌ جي راجا سونيه ياوييه جي دان اُستتي ڪاڪشون رشيءَ ڳائي آهي. دياء ڌرم جو مول چيو اٿن ۽ ائين ب چيو اٿن ته "دیا بنا سڌ ب ڪاسائي"، تنهنڪري قديم زماني کان وني هندو نه رڳو ماڻهن پر ٻين ساهه وارن تي ب دیا ڪندا اچن، گاين کي گاهه ۽ اَٽي جا پيڙا ڏيڻ، ماکوڙين کي ڏارو ڏيڻ. درياهه ۾ مڇين ۽ ٻين ساهه وارن لاءِ اَڪا وجهڻ، پنهنجي روز مرهه جي ڪاڌي مان ڪنهن فقير کي ماني ڏيڻ، ڪتي ۽ ڪانءُ کي گرهه ڏيڻ ۽ ٻيا اهڙا رواج اڄ تائين عام آهن. اهي سڀ جيو دیا جا ڪم آهن، جن جو ماڻهن نيم ٻڌي ڇڏيو آهي. اهي روز مرهه جا نيم یاد ڏيارين ٿا ته جيڪي ڪجي ڪمائجي ٿو، سو رڳو پنهنجي تن پروريءَ ۽ سرخوئيءَ لاءِ نه آهي، پر سدائين ٻين سان ونڊي کائجي. .ونڊ کاءُ، سک پاءِ، چپ کاءُ، چائي پاءِ"- اهو پهاڪو اڄ تائين عام آهي.

رگ وید ۾ "پٽي" لوڪن (وڻجارن يا واپارين) لاءِ ڏڪار ظهار ٽيل آهي، جو انهن کي لوڻ گهٽو هوندو هو، ديا جو انگ منجهن خير کو هوندو هو، ۽ ماڻهن کان ڳرا وياج وڻندا هئا (منڈل اڻون، 77، 10). سندن هڪ مکي "بربو" (Barbu)نالي هو. سؤ دان ڪندو هو، ۽ هن جي ساراهه لکيل آهي (منڈل ڇهون، 45، 33).

رگ وید واري زماني جي واپارين جي هاڻوڪي زماني جي واپارين سان پيٽ ڪجي ٿي ته زمين آسمان جيترو ڦير ڏسڻ ۾ اچي ٿو. اسان جا سنڌ ورکي پائر توڙي ٻيا واپاري پنهنجيءَ ڪمائيءَ مان سدائين ڪجهه حصو ڏرمائو ڪيندا ويندا آهن. ائين وڏيون رقمون ڪنيون ڪري چگي ڪم آٽيندا آهن. حيدرآباد شهر ۾ ڪيترا مندر، ناڪر دوارا، ڏرمشالائون وغيره جوڙايل ئي اسان جي پائيبند پائرن جون آهن. ناڪر دوارن ۽ ٽڪاڻن وغيره تي گهٽي خرچ ڪرڻ بدران هاڻ حيدرآباد، شڪارپور ۽ ٻين هنڌن جا سينيون گئوشالا، ناري شالا، ڪنيا پانشالا، خيراتي اسپتالن، ويم گهرن ۽ ٻين اهڙن ڏرم جي ڪمن بلي ججهو ڏن خرچين ٿا. عاملن جون جاري ڪيل ناري شالائون، ڪنيا پانشالائون، ڏرمائو اسپتالون وغيره بہ آهن، پر جيترو پئسو سنڌ جي پائيبندن اهڙنڪمن بلي خرچ ڪيو آهي. اوترو عاملن کونہ خرچيو آهي.

مهمان نوازي: رگ وید واري زماني ۾ ئي مهمان نوازيءَ جو انگ اسان جن ماڻهن ۾ هو، ۽ اهو هڪ فرض ڪري ليکبو هو. ماڻهن جي گهرن جا دروازا مهمانن لاءِ سدائين کليل هوندا هئا (رگ وید، منڈل پهريون، 128، 6). مهمان گهر ۾ گهڙندو هو تہ ان جو آدرستکار ڪندا هئا، هٿ ڏيندا هئس، ۽ تڏي تي وهاريندا هئس. هو پوءِ سنان پاڻي ڪري رسوئي ڪائيندو هو، تنهن کانپوءِ پاڻ ڪائيندا هئا. رهڻ لاءِ خلاصي ڪوني ڏيندا هئس. (رگ وید، منڈل پهريون، 72، 1)، جنهن ۾ وهاٽا، گديون وغيره هوندا هئا. صبح سانجهيءَ مهمان کي سکي رکڻ جو اونو ڪندا هئا. مهمان کي ائين پوڄيندا هئا، جيئن ماڻهو اگن ديوتا کي پوڄي ٿو (منڈل ستون، 3، 5). جن وٽ آءٌ آدر نہ هوندو هو، تن بابت رشين چيو آهي تہ اهڙا ماڻهو تہ شل هجن ئي نہ! (منڈل نائون، 63، 5). اڄ تائين چوٽي

آهي تہ ”مهمان اچن وڏ ڀاڳين جي گهر“. هندن جي شاسترن ۾ مهمان نوازيءَ کي هڪ وڏو يگيہ ڪري ليکيو اٿن.

اخلاق جو انگ: آڪاڻن ماڻهن ۾ اخلاق جي انگ کي زور ونائڻ لاءِ، ۽ کين ڏرم جي راهہ تي هلائڻ لاءِ رشين کين هيءَ ڳالهہ ذهن نشين ڪرائي، تہ دنيا ۾ جيڪي ڇگا توڙي بيڙا ڪم، لڪائي توڙي پڌري پٽ ڪجن ٿا، سي ڏٺي سڀ ڄاڻي ٿو. سيني ڳالهين جو ساکي سورج ديوتا آهي. اهو شاهد مڃان بينو آهي، تنهنڪري سوچي ويچاري هلت ڪجي. سوچي ويچاري هلت ڪرڻ لاءِ هڪڙو ئي ”اهنسا“ جو منتر سيکاريائون. ”اهنسا پرمو ڏرم“ چيو اٿن يعني اهنسا وڏو ڏرم آهي. اهنسا جو پرچار پو3 گوتم ٻڌ ۽ مهابير سواميءَ ڪيو، هن وقت مهاتما گانڌي انهيءَ جو پليءَ پٽ پرچر ڪري رهيو آهي.

”هنسا، لفظ جي اکري معنيٰ آهي ”هٽڻ يا ايذاءُ رسائڻ“ پر رڳو ڪنهن کي ڏڪ هٽڻ هنسا نہ آهي. ڪنهن سان ڪو دوهہ ڪرڻ بہ هنسا آهي. مطلب تہ منين، وچنين ۽ ڪرمين يعني من يا دل سان، وائيءَ يا زبان سان ۽ ڪنهن ڪرم (فعل يا هلت) ڪري، ڪنهن کي ڪو ايذاءُ يا نقصان رسائڻ – تنهن کي ”نسا، چئبو آهي. مهاپارت جي انوشاسن پرو جي اڌياءَ تيرهين ۾ ڏهن قسمن جا دوش يا پاپ ڄاڻايل آهن، جن کان پاسو ڪرڻ گهرجي.

انسان خطا جو گهر چيو اٿن. بندو سدائين ڀُلو بينو آهي، پوءِ انهن ڏهن قسمن جي پاپن کان ڪيس بچائي ڪير؟

”قادر پنهنجي قدرت سين قائم آهہ قديم“.

شاهہ

قادر جي قدرت يعني شڪتي يا طاقت آپار آهي، ۽ اها ئي هر ويلي همراهہ ٿئي ٿي. انهيءَ شڪتيءَ يا طاقت کي مجسم (Personify) ڪري، ان کي نالو ڏنائون ”درگا“. ”درگا“ لفظ ۾ ”دُر“ معنيٰ مشڪل ۽ ”گ – گم“ معنيٰ وڃن. ”درگا“ جي اکري معنيٰ آهي ”جنهن مشڪل ۾ وجي سگهجي“ انهيءَ سبب سنسڪرت ۾ ”درگاهہ“ معنيٰ قلعو يا ڪوٽ، بي معنيٰ ديوي (شڪتي). ديوي پنهنجن پوجارين

لاءِ هڪ قلعو يا بچاءُ آهي. ۽ سندس باجهه سان ڪوبه ڏڪ يا پاپ پُڙي نٿو سگهي. قادر يا سرب شڪتيوان (ايشور پتا آهي، سنديس قدرت يا شڪتي ماتا آهي، ۽ انهن هي سارو جهان پيدا ڪيو آهي، ۽ ساري جهان کي قدرت ائين سنيالي ٿي، جيئن ماءُ پنهنجن بچن کي سنيالي. ديويءَ جي پوڄا جو رواج اهڙن خيالن سبب وڌائون. پوءِ گنگا نديءَ کي ديوي جو روپ ڄاڻائي انهيءَ تي نالو رکيائون "دهشهرا" يعني دش (ڏهن) پاپن کي هرڻ ڪرڻ (ڪٽي وڃڻ يا لاهڻ) واري شڪتي. ڪيترا هندو اڄ تائين گنگا دسهڙو ملهائيندا آهن ۽ ائين وسهندا آهن ته گنگا نديءَ ۾ ٽبيءَ ڏيڻ ڪري ڏهن ئي قسمن جا پاپ ميٽجي وڃن ٿا. پراڻ پٽاندر ديويءَ انهيءَ ڏينهن دئتن تي سوپ پاتي هئي، تنهنڪري دسهڙي کي "وجيه دشمني" يعني سوپ جي ڏسنهنءِ (ڏهين تِٿِ) ۾ چوندا آهن. انهيءَ ڏينهن سري رامچندر به رانوڻ تي سوپ پاتي هئي، تنهنڪري هينئر عام طرح دسهڙو سري رامچندر جي سوپ ملهائڻ جو ڏينهن ڪري ليکيو وڃي ٿو، نه ته حقيقتاً دسهڙي ملهائڻ جو رواج سري رامچندر کان گهڻو آڳاٽو آهي، ۽ دسهڙو (دشهن) اصل ۾ درگاهه ديويءَ توڙي گنگا نديءَ جو نالو يا لقب آهي.

ڏوهه ۽ سزائون:

آڳاٽن رشين جيتوڻيڪ هر قسم جي پاپ کي نندیو آهي، ته به ائين سمجهڻ نه گهرجي ته رگ وید واري زماني ۾ ماڻهو گناهه جا ڪم ڪندا ئي ڪونه هئا. انساني سياءَ جهڙو اڄ آهي تهڙو اڳي به هو، تنهنڪري ماڻهو قسمين قسمين ڏوهه ۽ گناهه ڪندا هئا. کي لفنگا پرايون جايون تڪيندا هئا، ۽ کي جوان چوڪريون ۽ زالون سندن چنبي ۾ اچي ويندیون هيون (رگ وید، منڈل پهريون، 34، 3)، منڈل چوٿون، 5، 5، منڈل نائون، 32، 5 وغيره). انهيءَ هوندي به استريون عام ريت پتورت هوندیون هيون، ۽ سندن اخلاقي جو معيار اوچو ۽ اعليٰ هوندو هو. پرائي استريءَ سان سنجوگ ڪرڻ ڳرو گناهه ليکبو هو. جيئن اڄ ڪالهه "ڪارو" ۽ "ڪاريءَ" کي بروقت قتل ڪرڻ واجب سمجهن ٿا، تيئنا ڳي به هو، ۽ اهڙي خون ڪرڻ لاءِ ڪابه سزا ڪانه ملندي هئي. ٻين حالتن ۾ جيڪڏهن ڪو ماڻهو ڪنهن جو خون ڪندو هو ته خون ٽيل ماڻهوءَ

جا مائٽ خونيءَ جي پنيان ڊوڙندا هئا، ۽ اُتي ئي پڪڙي اُڌٽ ماري وجهندا هئس. وقتي هيئن به ٿيندو هو ته کو خون ڪري پڄي ويندو هو، ۽ پوءِ هٿ ايندو هو، ته راجائون رضانامو ڪرائي، فوتي جي مائٽن کي خون جي عيوض گايون ۽ ڏاند ڏيارينداهئا. ماڻهو پنهنجي جان جي بچاءُ ڪندي، ٻئي جو خون ڪري وجهندو هو، ته ائين ڪرڻ جو ڪيس حق هوندو هو، ۽ انهيءَ لاءِ ڪيس کابه سزا کانه ملندي هئي، پوءِ پلي ته اڳلو کو براهمڻ يا راجڪمار هوندو هو.[1]

رگ ويد واري زماني ۾ چور ۽ رهزن به هوندا هئا. "چور" لاءِ "تسڪر" لفظ گهٽا گهمرا ڪم آيل آهي. ٻيو لفظ "ستين" (Stena) آهي، جنهن جي معنيٰ ڦورو يا لوٽو به آهي. ٻيا هڪڙا چور هوندا هئا. جي "تايؤ" سڏيا ويا آهي. انهن کي نڪي رواجي تسڪرن (چورن) جهڙي همت ٿيندي هئي، نڪي چوري سندن پيشو هوندو هو. پائنجي ٿو ته جڏهن روزگار جي تنگي هوندي هين، يا قرض ۾ ٻڏل هوندا هئا، تڏهن تاڙجي يا ڇڪجي چوريون ڪندا هئا. اهي رات جي وڳڙي ۾ گايون ۽ ڪپڙا چورائڻ ويندا هئا (منڈل ڇهون، 12، 59. چوپائي مال جي چوري عام هوندي هئي. چور گايون چورائي، گاين سميت اونداهين غارن ۾ وڃي لڪندا هئا (رگ ويد، منڈل پهريون، 65، 1). ڪي پروان گهرن کي کات هڻڻ ويندا هئا، پر ڪتا پڄائي ڪيندا هئن (منڈل ستون، 53، 3). ڪي رهزن به هوندا هئا، جي جهنگلن ۾ لڪي بيهندا هئا، ۽ رهگذرن کي رسن سان ٻڌي کين قرينداهئا (منڈل ڏهون، 4، 6). وقتي گهٽا ڏاڙيل پاڻ ۾ گڏجي ڪنهن ڳوٺ ۾ ڪاهي پوندا هئا، ۽ چوپايو مال ڪاهي ويندا هئا. اوڏيءَ مهل ڳوٺ ۾ رڙ پئجي ويندي هئي (رگ ويد، منڈل چوٿون، 38، 5). سڀ ڳوناٽا مڙسي ڪري ڏاڙيلن جي پڊيان پوندا هئا. ڪي "پڳي"" يا پيري به هوندا هئا، جي چورن ۽ چوري ٿيل مال جو پيرو ڪڍي چورن کي پڪڙي ايندا هئا.[2]

اڪثر جهڙو ڏوهه تهڙي سزا: ڪو چور جهلبو هو تہ ڪيس رسن ۽ زنجيرن سان ٻڌندا هئا ويدڪ انڊيڪس، 1، 304، پڻ ڏسو رگ وید، منڈل پهريون، 24، 13، ستون 86م 5). اٿرو وید جي منڈل ستين (70، 5) ۾ ڄاڻايل آهي تہ چور جون ٻئي ٻانهون پنيءَ ڏانهن ڪري ٻڌندا هئا، ۽ ٻوٽ کي ٻہ پٽي ٻڌندا هئس، ۽ پوءِ اهڙي مار ڏيندا هئس جو زنا خون ٻہ ڪيي ڇڏيندا هئس (اٿروويد، منڈل چوٿون، 3). شروع ۾ دستور هيءُ هوندو هو تہ جنهن ماڻهوءَ جي چوري ٿيندي هئي، سو جيڪا جڻ چوندو، سا چور سان ڪندا هئا. شايد مراد هيءَ هوندي هئي تہ جنهن جي چوري، سا چور سان ڪندا هئا. شايد مراد هيءَ هوندي هئي تہ جنهن جي چوري ٿي هجي، سو پلي تہ پنهنجي دل وڻان چور کي سيکٹ ڏياري پنهنجي دل ناري، تہ پوءِ دل ۾ ڪو سار ويرنہ رهيس. پوءِ جڏهن راجائون مقرر ٿيا، تڏهن چور کي راجا جي اڳيان ڪڍو ڪندا هئا. راجائون اڪثر چورن جي پنيءَ تي ڏنڊ ڏيارينداهئا (منڈل پنجون، 79، 9، ۽ چاندوگيہ اُپنشد، 6، 16). چوري ٿيل مال جيڪڏهن هٿ ايندو هو تہ مالڪ کي ڏيارينداهئا. ماڻهن جي جان ۽ مال جي بچاءَ لاءِ راجا جوابدار هوندو هو، تنهنڪري جيڪڏهن چوري ٿيل مال نہ لهندو هو تہ ائين سمجهيو ويندو هو تہ راجا پنهنجي فرض ادائيءَ ۾ ڪوتاهي ڪئي. اهڙيءَ حالت ۾ راجا پنهنجي شاهي خزاني مان مالڪ کي مجرائي ڏيارينداهو (اگني پراڻ، 323). انهيءَ ريت راجائون ثابت ڪري ڏيڪارينداهئا تہ ڪين پنهنجيءَ پرجا جي سنيال ۽ بچاءُ جو سڃو پچو اونو آهي. "پرجا" لفظ جي عام طرح معنيٰ آهي "رعيت"، پر بنيادي معنيٰ اٿس "اولاد". اهو لظ خود ڄاڻائي ٿو تہ راجائون پنهنجي رعيت کي آندي ڄائو اولاد ڪري سمجهندا هئا. جيئن ڪريل اولاد کي سنوارڻ لاءِ مائٽ کيس سيکٹ ڏين ٿا، تيئن راجائون ٻہ ڏوهين کي سيکٹ ڏيندا هئا. سيکٹ ڏيڻ ڪري اڳلي کي سڌارڻ ۽ ڏوهہ کي روڪڻ جي ڪوشش ڪجي ٿي، پر ان جي مول مراد هيءَ آهي تہ رعيت جو بچاءُ ڪجي، ۽ اهو ئي سرڪار جو فرض آهي. پنگٹ جي برخلاف جيڪو ڏوهہ ڪندو، تنهن جو ڪيتو پنگٹ کيس ضرور لوڙائيندو. انهيءَ سبب جيڪڏهن ڪو ڏوهاري

اهڙو ڳرو گناهه ڪندو هو، جو راجائون سمجهندا هئا ته ههڙو ماڻهو مئو ڀلو، ته اهڙي ڏوهاريءَ کي جيل جي اُتاهين چوٽيءَ تان ڪيرائيندا هئا. جنهنڪري اُڏڻ مري ويندو هو، يا ته هميشه لاءِ جڏو ٿي پوندو هو (رگ وید، منڈل پهريون، 129) ڪنهن کي موت جي سزا ڏيڻي هوندي هين، ته بروقت سندس سسي لهرائيندا هئا. [*]

جيڪڏهن ڪنهن ڏوهه لاءِ پوري ثابتي نه ملندي هئي، ته ڏوهيءَ کي شڪ جو فائدو ڏيندا هئا. پر متان فريادیءَ جي دل ۾ ڪو ڏڪ رهجي وڃي، ۽ ائين سمجهي ته مون سان نياءُ نه ٿيو آهي، تنهنڪري تهمتيءَ جي هڪ نه ٻيءَ طرح پريڪيا لهندا هئا. تهمتيءَ کي اڪثر باهه جي برندڙ مڇ مان لنگهڻ لاءِ چوندا هئا: جيڪڏهن باهه مان لنگهندي، جلي ويندو هو ته سمجهندا هئا ته پنهنجو ڪيتو لوڙيائين، پر جيڪڏهن سلامتيءَ سان مڇ مان لنگهي پار پوندو هو، ته پوءِ بي ڏوهي سمجهبو هو. جنهن زال جي ست ۾ شڪ پوندو هون، تنهن جي به پريڪيا ائين لهندا هئا.

ست جي مهما: شريتن (ويدن ۾ ستيه (سچ) جي مهما گهڻي لکيل آهي. چيل آهي ته ست جهڙو ٻيو ڌرم ڪونهي. ست ئي سناتن ڌرم آهي. پرم يگتي پراپت ڪرڻ جو وسيلو به ست آهي. ست آهي ڌرم، ست آهي تپ ۽ ست آهي يوگ. ست جهڙو ٻيو يگيه به ڪونهي، جو ست جي آڌار تي ئي سنسار جو ٻيڙو هلي ٿو. اهڙيون ڳالهيون آڳاٽن ماڻهن جي دلين تي ايتري قدر اُڪريل هيون، جو ڪوڙ تان باهه ويندي هين. اڄ ته اسان جن ماڻهن جو اهو ئي وشواس آهي ته "ڌرم جي جئه، پاپ جي ڪئه"!

Gul Hayat Institute

[*] تي دوش ڪايا يا سرير جا – ٻئي کي خون ڪرڻ يا ڪوبه ايذاءُ رسائڻ، ڪوٽي رستي ڌن حاصل ڪرڻ يا وجائڻ، ۽ پرائي زال سان سنجوڳ ڪرڻ (شلوڪ 3).

چار دوش واڻيءَ جا – گندي گفتگو ڪرڻ، شوخ پوڻ، گلا ڪرڻ ۽ ڪوڙ ڳالهائڻ (شلوڪ 4).

ٿي دوش من جا ڏ پرائو مال يا پرائي زال تڪڻ، ٻئي کي نقصان پهچائڻ جا گهات گهڙڻ ۽ ٻيا اجوڳ ويچار ڪرڻ ۽ ويدن ۾ نسچو نہ ڏارڻ وغيره.

اهي دوش (ڏوهہ) ڪرڻ آهي "هنسا"، ۽ انهن کان پاسو ڪرڻ آهي "اهنسا"

* "The standard of female morality appears to have been fairly high" Cambridge History of India Vol. I, p. 88 and 97:

** "Adultery was generally regarded among Aryan peoples as the serious offence against the husband of the woman affected. We accordingly find in the legal literature of India traces of the rule that an adulterer can be slain with impunity, if taken in the act." Dr. A.C. Das., Reg Vedic Culture, p. 257

*** "The right of self defence was also vested in the individual and as such the murder of an assailant, even if the were a prince or a Brahmin was not punishable.,, Naryan Chandra Bandya Padhaya: Development of Hindu Polity and Political Theories. P. 327.

* "in one passage of the Reg V eda there is a probably reference to the employment of trained men to recover stolen cattle." Cambridge History of India, Vol. I, page 97.

* "Danda or punishment is represented as a part of protection. Viewed in this light, punishment is, in its essence, neither retributive, nor deterrent or reformatory, but a reaction of the Social order against an unsocial tendency. This is the idea under lying the doctrine of coercion" Dr. Beni Prasad: Theory of Government of Ancient India, p. 344.

Gul Hayat Institute

باب سورهون

سناتن ڌرم

"ڌرم" لفظ جي معنيٰ: "ڌرم" لفظ جو ڌاتو يا بنياد آهي "ڌر" معنيٰ ڌارن ڪرڻ يا جهلڻ. ڌرم هڪ جهلو يا ٽيڪ آهي، جنهن جي آڌار تي هيءُ سارو سنسار هلي ٿو. رگ وید ۾ "ڌرم" لفظ جي معنيٰ آهي "قائدو". جيئن راجا جي نهرايل قاعدي پٽاندر حڪومت جو چرخو هلي ٿو، تيئن ايشور جي اِڇا موجب سنسار جو ٻيڙو ڌرم تي هلي ٿو، جيڪي ست آهي، سو ڌرم آهي. جيڪا نيتي آهي، سا ڌرم آهي. ائين ڌرم لفظ کي نهايت ڪشادي معنيٰ ملي آهي. انسان جا جيڪي به فرض آهن، سي سڀ ڌرم ۾ اچي وڃن ٿا. دان پُڃ ڪرڻ ۽ ٻيا نيڪ اخلاق توڙي اهي ڪم جي آتما کي سنتوش ڏيندڙ آهن، سي سڀ ڌرم جي ڏاڪي ۾ پوتل آهن. انهيءَ ريت ڌرم جو نالو هن لوڪ توڙي پر لوڪ سان آهي. جيڪو ڌرم سنسار جي ڳالهين سان سڌڻ رکي ٿو، سو "پرورتي ڌرم" سڏجي ٿو، ۽ جو موڪش (مڪتي يا نجات) سان لاڳاپو رکي ٿو، سو "نِورتي ڌرم" ڪوٺجي ٿو. ڌرم جي انهن ٻنهي پرڪارن جو وستار ويدن جي براهمڻن، اُپنشدن ۽ ٻي ڌرمي شاسترن ۾ آهي. سڀني شاسترن جو مول وید آهن، تنهنڪري هندو ڌرم عام طرح "ويدڪ ڌرم" سڏجي ٿو.

وید انادي آهن يعني انهن جي آد يا شروعات آهي ئي ڪانہ. انهيءَ سبب هندو ڌرم "سنائن ڌرم" سڏبو آهي. سنائن معنيٰ "آڳاٽو، اوائلي، دائمي يا هميشگي وارو" تنهنڪري "ناتن ڌرم" معنيٰ اهو آڳاٽو ڌرم جو آد کان هليو اچي ۽ نت آهي(Existing in all eternity).

ڌرم جو خيال ڪيئن پيدا ٿيو؟ ڪيترن عالمن جو چوڻ آهي تہ هندن توڙي ٻين قومن کي ڌرم جو خيال موت بابت ويچار ڪندي آيو، جيڪو ڄمي ٿو، سو اوس مري ٿو. دنيا ۾ رهي ماڻهو پاڻ پتوڙي، ڏن مال ڪنا ڪري ٿو، پر آخر

سپ اتي ئي ڇڏي ٿو. مٿن مائٽن مان ڪوبہ سنگتي ساڻي ڪونہ ٿو ٿئي. مرڻ ڪانپوءِ ماڻهو اڪيلو ئي اڪيلو ڪيڏانهن وڃي ٿو؟ اهڙن خيالن ماڻهن ۾ قيامت ۽ پرلوڪ جا خيال پيدا ڪيا. وقتي مئل مائٽ سُپني ۾ ڏسڻ ۾ اچن ٿا، ۽ انهن کي دکي يا سکي ڏسجي ٿو. اهڙين ڳالهين پوءِ جي دک سک جا خيال جاڳايا. ائين ڏرم جي خيال جو بنياد پيدا ٿيو، ۽ پوءِ هرهڪ قوم پنهنجي پنهنجي نموني ڏرم تي هلڻ جون واٽون ٺهرايون.

هندو ڏرم ۽ ان جو اوائلي ماڳ: هندو ڏرم ڪنهن جاري ڪيو، ۽ ان جي شروعات ڪڏهن ٿي، تنهن جي ڪنهن کي بہ ڪل ڪانهي. جيئن عيسائين جي مذهب جو بنياد وجهندڙ حضرت عيسيٰ، اسلام جو بنياد وجهندڙ محمّد صلعم، پارسين جي مذهب جو بنياد وجهندڙ زردشت (زورئسٽر) ليکيا وڃن ٿا، تيئن هندو ڏرم ڪنهن بہ بني بشر جي نالي پٺيان ڪونہ سڏجي ٿو. "هندو ڏرم جو مول "ست" آهي، ۽ ستيہ سروپ ايشور پاڻ ليکي ٿو. هندو ائين وسهن ٿا تہ "جڏهن جڏهن ڏرم جي هاڃي ٿئي ٿي، ۽ اڌرم زور وڌي ٿو، تڏهن تڏهن ڏرم جي رکيا ڪرڻ لاءِ ايشور پاڻ اوتار ڌاري اچي ٿو". هندن ۾ سري رامچندر، سري ڪرشن ۽ ٻيا ڪيترا اوتار ٿيا آهن، جن کي هندو اڄ تائين پوڄين ٿا، تہ بہ اهي هندو ڏرم جا باني نٿا ليکجن، ۽ نڪا انهن پاڻ ڪڏهن ڪا اهڙي دعويٰ ڪئي. هندو ڏرم ڪائنڊ گهٽو گهٽو اڳي هو، ۽ عام طرح "سناتن" (آڳاٽو) ڏرم سڏيو وڃي ٿو، جيئن مٿي اڳي چيو ويو آهي.

هندو ڏرم جو بنياد جن اصولن تي ٻڌل آهي، سي بہ ڪنهن هڪ جڳي جا جاري ڪيل ۽ ڦهلايل ڪينهن. اهو ويدڪ ڏرم آهي ۽ ويدن جون رچائون گهڻن رشين جون چيل آهن. جيئن جيئن ڪين الهام ٿي ٿيو، يا سرسوتيءَ ٿي ٻولايو، تيئن تيئن ٿي ٻوليائون. آڳاٽن رشين مان ڪي اول سنڌوندي‌ءَ جي ڪنڌي تي، تہ ڪي سرسوتيءَ ۽ پنجاب جي ندين جي ڪنڌن تي رهندا هئا، تنهنڪري هندو ڏرم ۽ هندو سڀيتا جا اوائلي ماڳ سنڌ ۽ پنجاب آهن، جن مان بہ سنڌو نالو اهڙو برڪ هو، جو هندو ڏرم، هندو جاتي ۽ سڄو هندستان اڄ تائين "سنڌو" (هندو) نالي پٺيان سڏجن ٿا.

سنڌو ندي جهڙي پاڻ ڪشادي آهي، تهڙي ئي ڪشاده خيالي آڳاڻن رشين ۾ پيدا ڪيائين. ڪهڙو به هندو ڪهڙي به عقيدي تي هلي، ۽ ڪهڙي به نموني جي پوڄا ڪري، تہ ان لاءِ ڪيس ڪلي آزادي آهي. علحده عقيدن ۽ متن تي هلڻ ڪري پلي تہ ڪو هندو ڪهڙي به پنٿ جو پاڻ کي سڏائي، تہ به هو هندو آهي. "پنٿ" لفظ اهو ساڳيو آهي، جنهن جو اُچار "سنڌيءَ ۾ "پنڌ" به آهي. جيڪي به پنٿ آهي" آهن، سي سڀ سچي سائينءَ سان ملڻ لاءِ "پنڌ" يا واٽون آهن. جنهن کي جيڪا به وات وٽي سا پلي ونې، جو سڀ واٽون آخر انهيءَ تائين پهچائين ٿيون، جو سيني جو سرجڻهار آهي، ۽ جنهن سان آخر سيني جو ڪم آهي. شريمد ياڳوت گيتا ۾ سري ڪرشڻ به ارجن کي ائين ئي چيو آهي.

هندو اها دعويٰ به ڪانہ ٿا ڪن، تہ رڳو سنڌن ڌرم منجهان ئي موڪ ملندو يا نجات حاصل ٿيندي. هن باري ۾ اُپنشدن ۾ چيل آهي تہ "جيئن گاين جا رنگ نرالا آهن، پر سڀ گايون ساڳيو ئي اڇو کير ڏين ٿيون، تيئن ڌرم (مذهب) جيتوڻيڪ نرالا آهن، تہ به مقصد هڪڙو ئي اٿن." هن مان ظاهر آهي تہ هندو ماڻهو سيني ڌرمن يا مذهبن کي عزت جي نگاهن سان ڏسن ٿا، ۽ سنڌن مقصد هڪڙو ئي ۽ نهايت امول ڪري ليکجن ٿا.

هندن جا ديوتائون، آڳاٽا آريہ لوڪ قدرت سان رهاڻ ڪرڻ جا ڪوڏيا هئا، ۽ قدرت جي هر هڪ ڳالهہ تي ويچار ڪندي، قدرت مان قادر ساڻ ملڻ جي واٽ لوچي لڌائون. سنڌن اندرين اک کليل هئي. قدرت جي هرهڪ ڳالهہ ڏي جيئن شاعراڻي نظر سان نهاريائين تي، تيئن سنڌن اندر ۾ اُمنگ تي اُٺيا، ۽ واحد جي وڏائيءَ ۽ واکاڻ ۾ تي ڇڪيا. سنڌن خيال جي سموري رفتار رگ وید مان بنهہ چٽيءَ ريت پرجهي پروڙي سگهجي تي، ۽ پوءِ سمجهڻ سولو ٿئي ٿو تہ هندن جي ديوتائن جو تعداد ڪيئن وڌيو، ۽ ڪيئن آڳاٽن آرين ڪثرت مان وحدت لوچي لڌي.

اُڪاس ۽ پرڻوي – اَبو اَمان: آڳاٽن لوڪن پنهنجي مٿان هيڏو سارو آسمان ڏٺو، جو قدرت جو هڪ عجيب ڪارخانو آهي: ان ۾ ڏينهن جو سج ۽ رات جو چند تارا چمڪن ٿا، جي حيرت جهڙي جهڳ سڳ لائين ٿا. ان جو نالو رکيائون

”آڪاش“، جنهن جي معنيٰ آهي آسمان يا اُپ، پر بنيادي معنيٰ اٿس ”جو چوڌاري چمڪي ٿو.“ * انهيءَ چمڪندڙ يا ٻهڪندڙ آسمان جي ديوتا کي سڏيائون. ”ديوُس پتر“ يعني ”ابو آڪاش.“ (Sthe Sky Father) ”ديوتا“ لفظ جي معنيٰ ئي آهي چمڪندڙ يا جوت وارو (Shining being)، ۽ ڏاتو اٿس ”دِو“ معنيٰ چمڪندڙ يا روشنائي ڪرڻ. پوءِ ”ديوتا“ لفظ کي وڌيڪ ڪشادي معنيٰ ملي، جنهنڪري پرٿوي (زمين)، پون (هوا) وغيره به ديوتائون سڏجڻ ۾ آيا.

آڳاٽن لوڪن پنهنجن پيرن هيٺان هيڏي ساري زمين ڏٺي، تہ ان جو نالو رکيائون ”پرٿوي“، جنهن جي بنيادي معنيٰ آهي ”جا ويڪري آهي“ ان کي ”ڏرتي“ ٻہ سڏيائون، جنهن جي اڪري معنيٰ آهي ”جا جهلي ٻيٺي آهي.“ ”ڏر“ معنيٰ ”جهلڻ“. اها پرٿوي يا ڏرتي، مرن ۽ ٻين جاندار توڙي بي جان شين کي ماءُ وانگر پنهنجي گود ۾ جهلي ٻيٺي آهي، ۽ سيني ساهہ وارن کي ائين کاڌو پهچائي ٿي، جيئن ماءُ پنهنجن ٻچن کي پهچائي. اهڙنخيالن وچان پرٿويءَ کي سڏيائون ”ڏرتي ماتا، ڏرتيءَ جي مٿان جنهن وقت سج اُپريو ٻيٺو آهي، وڻ ٽڻ ۽ ٻوٽا عمدو لقاءُ لڳائي ٻيٺا آهن، ۽ هرهڪ چمن ۾ چهچٽو لڳو پيو آهي، تنهن مهل ڏرتي جڻ تہ ٻهڪي پيئي. چاندوکيءَ رات ۾ ڏرتيءَ جو جڻ تہ روپ پلٽجي ويندو آهي، ۽ ندين ۽ تلائن جو پاڻي چانديءَ وانگر چمڪندو آهي، تنهنڪري ڏرتيءَ کي ٻہ ديوتا ڪوٺيائون.

ڏرتيءَ جي ڪنهن ٻہ هنڌ ٻيهي، پري پري نهارجي ٿو تہ ائين سمجهڻ ۾ پيو اچي تہ ڏرتي ۽ آسمان هڪ هنڌ اچي ڳڏ ٿيا آهن، گويا سندن ئي ميلاپ سان هيءُ سارو جهان پيدا ٿيو آهي. آسمان مان برسات جون بوندون وسن ٿيون، تہ ڏرتي جهڻي ٿي ۽ انهيءَ ريت اُتپتي ٿئي ٿي (اٿرو ويد، منڈل ٻارهون، 1، 12، 42). ائتريہ براهمڻ: (4، 27) ۾ آڪاس ۽ پرٿويءَ جي وهاڻ جو ذڪر آهي. اهي سڀ شاعرانا خيال آهن. اهڙن خيالن وارن آڪاس ۽ پرٿويءَ کي ساري جهان جو اَبو اَمان ڪري ڪوٺيائون (رگ ويد، منڈل پهريون، 155، 3، منڈل ٽيون، 3، 11، منڈل ستون، 53، 2). آڳاٽن يوناني لوڪن ٻہ ائين شاعراڻي نموني آڪاس ۽ پرٿويءَ کي ساري جهان جو ابو امان ڪوٺيو آهي.

اَدتيہ ۽ دئت: رگ ويد ۾ آڪاس ۽ پرٿويءَ کي ديوتائن جو ٻہ ابو امان ڪوٺيو اٿن. هن ڳالهہ ۾ وري هڪ ٻيو خيال سمايل آهي، جو ڪولي ٻڌائجي ٿو. ڏرتيءَ کان وڌي آڪاس تائين، ۽ آڪاس کان مٿي جيڪي ٻہ آهي، تنهن جي ڪا ٻہ حد ڪانهي. انهيءَ سموريءَ وٿيءَ کي ٻہ ديويءَ جو روپ ڪري ڄاتائون، ۽ ان جو نالو رکيائون "آدتي" (Aditi) جنهن جي اکري معنيٰ آهي "نہ ٻڌل يا حد نہ ٿيل يعني آزاد يا ڇوٽ (وٿي) يا "اننتتا" يعني جنهن جي انت يا حد ڪانهي (لاحدInfinity)". "اَدتيءَ" جي بي معنيٰ آهي "جا وڍجڻ يا ناس ٿيڻ جي نہ آهي". تنهنڪري پروفيسر راٿ (Professor Roth) جي خيال موجب اها هميشگيءَ(Eternity) جو روپ آهي: آسمان جا ديوتائون (سج وغيرہ) انهيءَ هميشگيءَ جو اولاد آهن، ۽ سدائين بينا آهن، تنهنڪري اهي "آدتيہ" يعني اَدتيءَ جا پٽ سڏيا ويا آهن. اَتدتيءَ کي ديو ماتا يعني ديوتائن جي ماءُ ڪوٺيو اٿن. اوائل ۾ رڳو ست اَدتيہ ليکيا هئا، جن مان مکيہ ورڻ ديوتا هو، جنهن جو ذڪر ڏار ڪيو. ديوتائون سدائين آمر آهن يعني مرڻ جا نہ آهن، پر رگ ويد جي منڈل ڏهين (72، 8-9) ۾ ڄاڻايل آهي تہاَدتيءَ پنهنجو هڪپٽ مارتنڈ (سورج؛ امر ديوتائن جي دفعي مان ڪڍي ڇڏيو، جنهنڪري ڇمڻ ۽ مرڻ جو قاعدو هن سال لاڳو ٿيو. هيءَ رنگين زباني آهي. سج ڏهاڙي صبح جو ڄمي ٿو، ۽ رات جو مري وڃي ٿو، ٻئي ڏينهن صبح جو وري جنم وٺي ٿو، تنهنڪري آمر نہ چئبو. ويدن کان پوءِ براهمڻ واري زماني ۾ اَدتين جو تعداد وڌي ٻارهن ٿيو، اهي ورهيہ جي ٻارهن مهينن جي سورج جا سروپ آهن. سنڌيءَ ۾ آدتيہ جو آچار آهي "آڏت" ۽ معنيٰ اٿس "سج". ادتيہ وار (آڏتوار يا آرتوار) معنيٰ اٿس سورج ديوتا جو ڏينهن (Sunday) . "آدتيءَ" جو ضد آهي "دتي" معنيٰ حد ٿيل ان ۾ پاتال لوڪ ليکيو اٿن. دتيءَ جي اولاد کي "دئتيہ" يعني دتيءَ جا پٽ ڪوٺيو اٿن. دئتيہ جو اُچار سنڌيءَ ۾ آهي "دئت" ۽ معنيٰ اٿس پوت يا راکاس. ادتيءَ ۽ دتيءَ کي پوءِ مجسم (Personify) ڪري، انهن بابت کي ڪٿائون ناهيون اٿن، جن اتهاسن ۽ پراڻن ۾ ڄاڻايل آهن.

ورڻ ديوتا: آسمان ۾ جيڪي آدتيہ آهن، تن جي مٿان ورڻ ديوتا آهي. "ورڻ، لفظ جو ڏاتو بنياد آهي "ور" (Vri) معنيٰ مٿان وري وڃڻ يا ڍڪڻ. ڌرتيءَ کي مدٿان آسمان ڍڪي بيٺو آهي، تنهنڪري آسمان "ورڻ" آهي. آسمان ۽ سمنڊ اُفق وٽ هڪ ٻئي سان گڏيل ڏسڻ ۾ اچن ٿا، ۽ سڀ نديون سمنڊن ۾ وڃي پون ٿيون، تنهنڪري "ورڻ" سمنڊ توڙي ندين جو ٻہ ديوتا آهي، ۽ اهو پاڻيءَ کي مٿان ڍڪيو بيٺو آهي. انهيءَ ريت زمين توڙي آسمان سڀ ورڻ ديوتا جي حڪومت جي حد اندر اچي وجن ٿا. رگ وید ۾ ورڻ ديوتا بابت هيئن کيل آهي:

"هو آڪاس توڙي ڌرتيءَ جو جهلو آهي، ۽ سيني لوڪن (دنيائن) ۾ حاڪم ٿي رهي ٿو (منڈل اڻون، 42، 1). سون جهڙي سج کي آسمان ۾ هو هلائي ۽ چمڪائي ٿو (منڈل ڇهون، 70، 1۽ ستون، 86، 1، 87، 6). هوا جا گهوگهٽ پيئي ڪري، سا هن جو سواس (ساهہ) آهي (منڈل ستون، 87، 82). ندين جا پيٽ هن ناهيا آهن، ۽ سڀ نديون سندس حڪم پٽاندر وهن ٿيون "منڈل پهريون، 24، 8، منڈل ٻيو، 28، 4 ۽ منڈل ستون، 87، 1). اهڙي عجيب اٽڪل رکي اٽس، جو سڀ نديون سمنڊ ۾ وڃي پون ٿيون، پر هن کي ڪڏهن ٻہ پري نٿيون سگهن (منڈل پنجون، 85، 6). هن جا ڪم مقرر ٽيل آهن، ۽ اهي آمر ڪو اورانگهي نٿو سگهي (منڈل ٽيون، 54، 18). سندس حڪم پٽاندر چند پنهنجي چاندوڻ ڪري ٿو، ڏينهن جو تارا غيبي طرح گم ٿي وڃن ٿا (منڈل پهريون، 24، 10). آڪاس ۾ پکي جيڪي واٽون وڻي اُڏامن ٿا، سمنڊ تي جهاز جن واٽن کان وڃن ٿا، ۽ هوا پرانهن پنڌن تي ڪهڙي واٽ وڻي لڳي ٿي، سي سڀ سڏيون ڪيس آهن. جيڪي ڳجها ڪم ٽين پيار، يا ٽيٽا آهن، سي سڀ هو ڏسي ٿو (منڈل پهريون، 25، 7). ڪوبہ پراڻي يا ساهہ وارو هن ڪانسواءِ اک ٻہ نٿو چنيي سگهي، ۽ ماڻهن جي سچ توڙي ڪوڙ جو هو ساڪي آهي (منڈل ستون، 28، 6) مطلب تہ ورڻ ديوتا ساري جهان جي مٿان آهي، ۽ هر جا حاضر ۽ سڀ ڪجهہ ڄاڻڻهار آهي، ۽ قدرت جي سمورين ڳالهين جي مٿان سندس ضابطو آهي. اها خدائي طاقت جهان جو چرخو ريت سان هلائي ٿي، ۽ هرڪا ڳالهہ سندس ڏوريءَ ۾ بڌل آهي، تنهنڪري سج، چند وغيره ٻہ بلڪل باقاعدي ڪم ڪن ٿا، انهيءَ "ريت" (Cosmic order) کي

”ورڻ ديوتا“ سڏيو اٿن، ۽ چيو اٿن تہ اخلاقي ڳالهين ۾ بہ ريت هلڻ گهرجي نہ تہ خطا کائبي“.

اِندر ديوتا ۽ ورتر دئت: رگ ويد واري زماني ۾ ئي ڪنهن وقت ورڻ ديوتا جي اختياري گهٽجي ويئي، ۽ ان لاءِ سبب اڇ تائين قدرت ۾ ظاهر آهن. گرميءَ جو موسم ۾ جڏهن گُهٽ ۽ رجهڻ ٿئي ٿي، تڏهن ماڻهو نريءَ ٽڏيءَ هوا لاءِ واجهائين ٿا، ويتر جڏهن ڏسن ٿا تہ آسمان ۾ ڪارا ڪڪر مڙيو اچن، پر مينهن جو ڦڙو بہ ڪونہ ٿو وسي، تڏهن سياويڪ، طرح جَکَ پيا کائين. سج، چنڊ، تارا وغيره جي آسمان ۾ آهن، سي سدائين سيني جو پلو ڪن ٿا، تنهنڪري آڪاڻن آرين رنگين زبانيءَ ۾ ڄاڻايو تہ آڪاس جا ديوتائون سيني جي سڃيءَ ۾ آهن، ۽ ڪنهن جا بہ منگهرا ڪونہ ٿا ٿين، پر آڪاس ۾ ڪي دئت بہ آهن، جن جي بد اثر ڪري مهامريون پون ٿيون، خوفناڪ طوفان لڳن ٿا، ۽ ٻوڏون ٿين ٿيون. اهي دئت برسات کي وسڻ کان بہ روڪين ٿا، جنهنڪري ٻنيون سڪن ٿيون، مال لاءِ پورو چارو پيدا ڪونہ ٿو ٿئي، ۽ آڙنگ (گُهٽ) سبب ماڻهو ماندا ٿين ٿا. انهن دئتن جو سردار ”ورتر“ (ڊِڪيندڙ) سڏيو ويو آهي، جنهن بابت چيو اٿن تہ هو گهٽا ئي روپ ڌاري ٿهو. ان جو هڪ روپ ڪارا ڪڪر آهن، جي سورج ديوتا، چندرما ديوتا (چنڊ) ۽ گرهن ۽ تارن کي ڊِکين ٿا، جڏ تہ اهڙي ڪنهن بندي خاني ۾ کين بند ڪن ٿا، جو کي ڏينهن ساندهہ اهي ڏسڻ ۾ بہ ڪونہ ٿا اچن، جنهنڪري هاي ديوتائن جا دشمن ڪوٺيا ويا آهن. اهي سيني ساهوارن جا بہ جاني دشمن آهن، جو اهي برسات کي وسڻ کان روڪين ٿا، جنهنڪري ماڻهو توڙي مرون بلڪ پکي پکڻ ۽ ٻيا ساهوارا سارنگ کي سنيارينديِ، ماندا ٿين ٿا.

Gul Hayat Institute

رگ ويد ۾ ورتردئت جو ٻيو نالو ”آهي“ يعني ”نانگ“ بہ ڄاڻايل آهي. انهيءَ مان عالمن اهو انومان ڪڍيو آهي تہ اهو اشارو وڃ ڏي آهي، جنهن جا ور وڪڙ نانگ وانگر آهن. وڃ ڪِنوين تنهن ڪانپوءِ بہ مينهن نہ وسي، تہ اها ڪوڙي وڃ چئبي ۽ اها بہ ورتردئت جو هڪ روپ ليکبي. اهڙن وقتن تي آڪاڻن لوڪن شايد

ائين پانيو تہ ورڻ ديوتا کي ايتري طاقت ڪانهي، جو ورتر دئت سان پڄي سگهي. انهيءَ سبب ورتر ۽ سندس دئتن سان جڏ ڪرڻ ۽ کين ماري مجائڻ لاءِ ڪنهن وڏيڪ جبري ديوتا جي ضرورت سمجهيائون. پانئي ٿو تہ ڪنهن وقت آسمان ۾ گجگوڙ ٿي وڃ ڪِنوڻ لڳي، ۽ مينهن ٿهہ ٿهہ ٽمڻ لڳو تہ سمجهيائون تہ هيءُ وڏو ديوتا آهي ۽ ورتر کان وڏيڪ جبرو آهي، جو پنهنجيءَ وجر-(Thunder bolt) سان دئتن جا آسمان ۾ اڏيل قلعا (ڪارن ڪڪرن جا ڪوٽ) ٽوڙي ٿو تہ منا منا مينهن وسن ٿا، جنهنڪري پڻ پاهہ جهلين ٿا، گسن متي گاهہ ٿين ٿا، تہ نہ رڳو ماڻهو پر چرند پرند ۽ جيت جنتر بہ خوش ٿين ٿا. مينهن وسي رهي ٿو ۽ آسمان ۾ صاف صفائي ٿئي ٿي تہ سج، چندا تارا نڪري ظاهر ٿين ٿا، جڏ تہ قيد کان کين رهائي ملي ٿي. اهو بلوان ديوتا، جو ورتر توڙي سندس دئتن کي ماري مجائي ٿو، تنهن جو نالو اول رکيائون "ترتہ" (Trita) يعني چوماسي جي ٽئين مهيني ۾ برسات وسائيندر، پوءِ "پرجنيہ" يعني ڪڪر (وسندڙ ڪڪر) ۽ پوءِ "اندر" جنهن جي معنيٰ آهي "طاقت وارو" اِندر معنيٰ طاقت وارو ٿيڻ).

ورتر توڙي سندس دئت بہ کي ستريون ڏريون کينهن. هڪواريءَ اهي اندر ديوتا جي هٿان قتل ٿيو وڃن، تہ وري وري جنم ونې، حرڪت بازي ڪري، برسات کي اڇيو روڪين. ائين اندر ديوتا سان هو جڳا جڳ جنگ جوٽيندا اچن ٿا، پر اندر ديوتا پيري پيري سان کين ماري پورو ڪري ٿو. اندر ۽ ورتر جي لڙائيءَ جو ذڪر رگ وید ۾ نهايت وڏندڙ نموني ٿيل آهي. ان جو انگريزي نظم ۾ ترجمو بہ عمدو ٿيل آهي، جنهن مان ٿوريون مصرعون هتي نموني لاءِ ڏجن ٿيون:-

Who is that, without alarm,

Defies the might of Indra's arms:

That stands and sees without dispay,

The approaching Maruts' dread arrya;

That doies not shun, in wild affright,

The terrors of the deadly fight?

Gul Hayat Institute

Tis Vrittra, he whose magic powers,

From earth with held the genial showers"

Of mortal men the foe maligh,

And rival of the race-divine:

Whose demon hosts from age to age,

With Indra war unceasing wage:

Who times unnumbered, crushed and slain.

Is ever newly born again:

And everymore renews the and strife,

In which agin he forfeits life.

(J. Muir: Original Sanskrit Texts: Vol: V)

اِندر وڏو يا ورڙ؟ ورڙ ديوتا يا چمڪندڙ آسمان جو ديوتا، جو ساري جهان جي مٿان آهي، سو گهٽو ئي چگو پر گجگوڙ ڪندڙ آسمان جو ديوتا (اندر ديوتا) جو برسات وسائي ٿو، سو ويڪ آهي. اڳاڻن آرين جي گذران جو مدار هڪڙو ڪيتيءَ تي ٻيو چوپائي مال تي هو، تنهنڪري برسات جي ديوتا (اندر) جي پوڄا جو رواج جاري ڪيائون. اڳي ورڙ ديوتا سان گڏ "مِتر" (سورج) جو نالو گڏ،چاريندا هئا، پر پوءِ ورڙ ديوتا جي نالي سان گڏ اندر ديوتا (Jupiter Plurius) جو نالو گڏيائون (رگ ويد، منڈل پهريون، 17، ۽ منڈل ٽيون، 38).

اندر ديوتا جي پوڄا جو رواج جاري ٿيو، تہ جيڪي اصل ورڙ ديوتا کي مڃيندا هئا، تن مان ڪن اعتراض اُٿاريو – مثلاً نيم (Nema) نالي هڪ رشيءَ چيو تہ "اندر ديوتا آهي ئي ڪونہ. ڪنهن ڏٺو ہہ آهي؟ ڇو اسين سندس اُستتي ڪريون؟" (منڈل انون، 100، 3). انهيءَ تي اندر ديوتا درشن ڏيئي چيس تہ "اجهو، مان تو وٽ آيو آهيان، مون ڏي نهار". پانئجي ٿو تہ برسات وسائي پنهنجو مشاهدو ماڻايائينس. انهيءَ هوندي ہہ اندر ديوتا جي برخلاف گهڻا هئا، ۽ انهيءَ مان وڏا تڪرار ٿيا هئا.

Gul Hayat Institute

رگ ويد جي منڊل چوٿين (42) ۾ اندر ديوتا ۽ ورڻ ديوتا جي وچ ۾ هليل گفتگو ڄاڻايل آهي. اندر چوي ته آءٌ وڏو، يا ورڻ چوي ته آءُ وڏو. رفتي رفتي ورڻ رڳو پاڻيءَ جو ديوتا ليکجڻ ۾ آيو، ۽ عام طرح ماڻهو اندر کي برسات جو ديوتا ڪري پوجڻ لڳا. اهو رواج مهاڀارت جي زماني تائين سانده هلندو پئي آيو. انهيءَ زماني ۾ اندر پوڄا جي برخلاف سري ڪرشڻ پرچار ڪيو. جنهن ڳالهه جو شريمد ڀاگوت جي ڏهين اِسڪنڌ ۾ ذڪر آهي. انهيءَ ڪانپوءِ ۾ اندر جي پوڄا جو رواج هلندو آيو. عيسوي سن کان ڇهه صديون ڪن اڳي گوتم ٻڌ اندر جي پوڄا جي برخلاف آواز کڻو ڪيو. اندر ديوتا لاءِ ماڻهو ٻَليون چاڙهيندا هئا، سو رواج بند ڪرايائين. هن وقت انهن ۾ ٻَلين چاڙهڻ جو رواج ڪونهي، ته به سڄي هندستان جا هندو اندر کي برسات جو ديوتا ڪونٿا، ۽ ورڻ ديوتا کي پاڻيءَ جو ديوتا ڪري پوڄين ٿا. جيڪي هندو درياهه پنٿي آهن، سي سري اُڏيري لعل صاحب کي ورڻ ديوتا جو اوتار ڪري مڃين ٿا. اهي اَٿي جو وڏو پنوڙو ٿاهي، انهيءَ تي سينڌر، گل ڦل وغيره هڻي، ۽ چومکو ڏئو ٻاري .ٻهرانو" يعني بحر جو نذرانو ڏيندا آهن. ائين ورڻ ديوتا جي پوڄا اڄ تائين هلي اچي.

وايو، مروت ۽ ردر: ڌرتي ۽ آڪاس يا پولار (Ether) کان سواءِ ٻيا عناصر (تتو) هوا، ٻاهه ۽ پاڻي آهن، جن کي ايتري طاقت آهي، جا کنهن به بني بشر کي ڪانهي، تنهنڪري آڳاٽا لوڪ انهن کي به ديوتائون ڪري پوڄيندا هئا. هوا کي "وايؤ" سڏيندا هئا، جنهن جو اُچار سنڌيءَ ۾ آهي "واؤ"، ۽ ڏاتو يا بنياد اٽس "وا" معنيٰ لڳڻ. وايو يا واءُ اهو آهي، جو لڳي ٿو. هوا يا واءُ کان سواءِ ڪوبه ساهوارو جيڪر جيئرو رهي ڪين سگهي، تنهنڪري ان جو ججهو قدر ڪري، ان کي ديوتائن جي دفعي ۾ ليکيائون.

برساتي موسم ۾ جيڪي ڇوها يا طوفان لڳن ٿا، تن کي آڳاٽن لوڪن نالو ڏنو "مرَوُت". اهي مينهن کي ڇوهه سان آڻين ٿا، تنهنڪري اهي اندر ديوتا جا مددگار سڏيا ويا آهن. انهن جي مدد سان اندر ديوتا "ورتردئت" کي ماري مجائي ٿو، ته مينهن اوهيرا ڪري وسي ٿو. آسمان ۾ جيڪي لڳهه (ڪڪر) پاڻ ۾ لڳي، پوائتي گجگوڙ ڪن ٿا، تن کي آڳاٽن لوڪن نالو ڏنو "رُدر" (خوفناڪ)، جو

سندين گجگوڙ ڪري ڪليون ۾ ڪنبيو وجن. اهي شو ڀگوان جا روپ ليکيا ويا آهن. "شو" ۽ "شنڪر" لفظن جي معنيٰ آهي "ڪلياڻ ڪندڙ". هيبتناڪ گجگوڙ ٿيڻ ڪري شو ڀگوان "ردر" (خوفناڪ) روپ وارو ليکجي ٿو، اهو ئي ساڳيو برسات وسائي جيون جا ڪلياڻ ڪري ٿو، تنهنڪري "شو" ۽ "شنڪر" سڏجي ٿو. "شمپو" لفظ جي ۾ معنيٰ اهي، جنهن مان ڪلياڻ ٿين.

اگني ديوتا: ٻاهه ٻارڻ جو هنر آڳاٽا آريه لوڪ انهيءَ قديم زماني ۾ سکيا، جنهن زماني ۾ يوروپي لوڪن جا ابا ڏاڏا ۾ ميرو پربت طرف ساڻن گڏ رهندا هئا. اهو هن ڪري چئجي ٿو جو سنسڪرت ۾ ٻاهه کي اگني" چئبو آهي، ۽ اهو ئي ساڳيو لفظ لاٽن ٻوليءَ ۾ آهي ۽ اُپار اٽس "اِگنس" (Ignis). رگ وید ۾ اندر ديوتا کانپوءِ اگن ديوتا جي جيتري اُستتي آهي، تيتري ڪنهن ۾ ٻئي ديوتا جي ڪانهي. انهن اُستتين مان آڳاٽن آرين جون شاعراٽيون خوبيون ڀليءَ پت ظاهر ٿين ٿيون. رگ وید جي منڈل پهرئين (103، 1) ۾ چيل آهي ته "اي اگني، تنهنجو تت جيتوٽيڪ ڪٽي هڪڙو ئي هوندو، ته ۾ تنهنجا روپ ٽي آهن. هن پرٿويءَ تي تون ٻاهه تي ٻڙڪا ڏين ٿي، وچ اڪاس ۾ تون ٻجلي ٿي چمڪاٽ ڪرين ٿي ۽ مٿاهين آڪاس ۾ تون سونو سج ٿي ٻهڪين ٿي. تنهنجو جنم اصل آڪاس ۾ ٿيو هو، پر ويدن جا جيڪي ڄاڻو هئا، تن هنر هلائي، توکي پرٿويءَ تي آندو، جڙ ته آڪاس جي اَٿر ٻجليءَ ماڻهن جي چلهين اچي ٽِر پاتو. آڳاٽن رشين ڪاني ڪانيءَ سان گهي ٻاهه پيدا ڪئي، گويا ٻن ڪاٺين جو پنهنجن هٿن سان هٿيالو ٻڏائي کين پرٽايائون، جن مان ٻهڪندڙ اگني پيدا ٿي، پر آڪاس ۽ پرٿوي، مان سڄ ٿو چوان ته اهو ٻار جو اڙ سياويڪ طرح پيدا ٿئي ٿو، سو پنهنجي ماءُ پيءُ (ٻن ڪاٺين) کي جلائي ڇڏي ٿو. ائين ماءُ جا سگهو ئي پساهه پورا ٿيو وجن، ۽ جيئن ٻچي کي نپائڻ گهرجي، تيئن نپائي نٿي سگهي، پر هيءُ عجيب ٻالڪ (اگن ديوتا) پوءِ ۾ پيو تڳي... دونهين جي جهنڊن واري اگني، تون ٽڙڪاٽ ڪرين ٿي، تنهنجا وار شعاع ڪن ٿا... گهر گهر ۾ تون مهمان ٿي اچين ٿي ته هرڪو تنهنجو آدرسڪار ڪري ٿو... پر اي ديوتا، جڏهن تون ڪوپ ٿي، ٻيانڪ شعاع ڪرين ٿي، ۽ سيڪجهه ناس ڪرڻ جي طاقت جا تو ۾ آهي سا

ظاهر ڪرين ٿي، تڏهن سڀ ساهوارا توکان ائين ڀڄن ٿا، جيئن غالب پوندڙ غنيم جي پنيان پوڻ سبب (ڪمزور ڏر جو) لشڪر ڀڄي وڃي ٿو. تون جنهن کي لڳين تنهن کي ڀسم ڪري مٽيءَ سان ملايو ڇڏين. وڏن وڏن ٻيلن جي ته ائين صفائي ڪيو ڇڏين، جيئن حجام پاڪيءَ سان ڏاڙهين جي صفائي ڪيو ڇڏي. باهه جي مچ کي هوا ڏئين ٿي ته سمنڊ جي لهرين وانگر آواز ڪري ٿي، پکي ڊڄي ڀڄي وڃن ٿا، ۽ جڏهن مچ پورو ٿي وڃي ٿو، تڏهن سڄي وات تي رڳي ڪارهن نظر اچي ٿي. پر اي مها اگني، تون سدائين اهو ڀيانڪ روپ نٿي ڏارين. تون جهيڙي ٿي اسان جي چلهين ۾ ٽمڪين ٿي، ۽ اسين سنيال سان توکي تاتيون ٿا ته اسان جا گهر ٻهڪن پيا. جيڪي ماڻهو اَٽڪ ٿي پورهيو ڪن ٿا، تن کي تون پڪل طعام پهچائين ٿي، ته هو خوش ٿين ٿا. تنهنجو ڪاڏو سُڪل بُندَ ۽ مکڙ آهن، جي توکي وڻن ٿا. مون وٽ نڪا آهي گانءِ نڪو ڪنو ڪيل مکڙ، نڪو ڪو ڪانين ڪرڙ لاءِ کهاڙو اٽم؛ پر اي ديالو ديوتا، مون تو لاءِ هي ٿوريون سڪل ڪانيون آندیون آهن. ٻيون ڪانيون مون وٽ ڪينهن، تنهنڪري منهنجي هيءَ غريباڻي ڀيٽا قبول ڪر". هن سموري مضمون جو انگريزي نظم ۾ ترجمو ٿيل آهي، جنهن مان ٿوريون مصراعون نموني لاءِ هتي ڏجن ٿيون.

Great Agni, though thine essence be but one,

They forms are three: as fire thou blazest here,

As lightning flashest in the atmosphere,

In heaven thou flamest as the golden sun.

It was in heaven thou hadst they primal birth, By art of sages skilled in sacred lore

Thou was drawn down to human hearths of yore,

And thou abid'st a denizen of earth.

Sprung from the mystic fair by priestly hands:

In wedlock joined, forth flashes, Agni bright,

Gul Hayat Institute

But, O ye Heavens and Earth, I tell you right,
The unnatural child devours the parent brands,
And yet this orphanded god himself survives
Although his hapless mother soon expires,
And cannot nurse the babe, as babe requires,
Great Agni, wondrous infant, grows and thrives,
Dr. J. Muir: Original Sanskrit Taxts Vol. V.p. 221.

جيڪو پيرو رڌبو پچائيبو، سو پيرو باهه ضرور ڪندي — پيري پيري ڪاڻي ڪاڻيءَ سان گهي باهه پيدا ڪرڻ بدران سولي سهنجي واٽ هيءَ آهي ته باهه ۾ بندي وجهي ڇڏجي ته باهه دکندي رهي. آڳاٽا لوڪ گيهه ۽ مکڻ به باهه ۾ وجهندا هئا ته چگو پنيٽ ٻري يگيه ۽ هون هوم جي شروعات ائين ٿي. اگنيءَ ۾ آهوتي (گيهه وغيره) وجهجي ٿي، ته باهه ڏڪا ڏيئي عرشين وجي لڳي ٿي. هن تان به آڳاٽن رشين کي ڪو شاعراڻو خيال آيو، جو ويدن ۾ اگن ديوتا بابت ڄاڻايل آهي ته اهو هڪ تڪو قاصد آهي، جو جهٽ عرش تائين پهچي ٿو. يگيه جي اگنيءَ ۾ جيڪي وجهجي ٿو، تنهن جو تت آڪاس ۾ رهندڙ ديوتائن کي پهچائي ٿو، ۽ کين پاڻ سان ونې پرٿويءَ تي انهن پوڄارين وٽ آڻي ٿو، جي يگيه جي اگني ڏکائين ٿا. انهن ديوتائن جي آسيس ۽ ڪرپا سان پوڄاري وڌن ويجهن ٿا ۽ پريا پاڳيا ٿين ٿا.

ڪنهن پراڻيءَ جو اگنيءَ سنسڪار ڪجي ٿو، ۽ لڪڙا ڏڃن ٿا ته به باهه عرشين وجي لڳي ٿي. اوڏيءَ مهل جڙ ته ڌرتيءَ ۽ آسمان جي وچ ۾ اگني هڪ پُل مثل ٿي بيهي ٿي، جنهن تان پراڻيءَ جي آتما لنگهي سرگ ۾ وجي واسو ڪري ٿي. اهي هئا اگنيءَ بابت آڳاٽن آرين جا خيال.

سورج ديوتا. رگ ويد ۾ سورج ديوتا جي به ڄجهي ساراهه ٿيل آهي، ۽ ان جا گهڻي ئي نالا ڄاڻايل آهن. "سورج" يا "سڄ" اصل ۾ آهي سنسڪرت لفظ "سُوريه"، ۽ ڏاتو اٽس "سو" معنيٰ پيدا ٿيڻ. سڀ پيدائش سڄ جي روشنائي تي ٿئي ٿي، تنهنڪري هو سيني جو "مِتر" (مٽ يا مائٽ) آهي. ورڻ ديوتا جو وڏو

لاڳاپو تارن پريءَ رات سان آهي، پر ڏينهن جو ديوتا سورج آهي، تنهنڪري رگ وید ۾ ورڻ ديوتا جي نالي سان گڏ "متر" نالي گهڻا گهمرا ڪم آيل آهي، جنهن جي ڪٿي معنيٰ آهي "سج" تہ ڪٿي معنيٰ اٽس اها طاقت جا سج کي پورن وقتن تي اُيرائي جهان جي مٿان روشنائي ڪرائي ٿي.

سج جي روشنائيءَ تي ساوڪ سبزي ٿئي ٿي، تنهنڪري سج کي "پُوشڻ" ۽ چوندا هئا. جنهن جي اکري معنيٰ آهي "اُيرائيندڙ". آڳاٽا آريہ لوڪ جڏهن مال چارڻ ويندا هئا، تڏهن پوشڻ ديوتا (سورج ديوتا) کي پنهنجو هڪ عمدو رهبر ڪري سمجهندا هئا. سج جي روشنائي تي چگّا چراگاهہ ڳولي لهجن ٿا، جتي مال گاهہ کائي متارو ٿئي ٿو، تنهنڪري پوشڻ ديوتا کي "پشوپا" يعني پسن يا وهٽن جو پالينڊڙ ۽ ڪونيو اٽن. جهنگ جا مرون چوپائي مال يا خود مالدار تي ڪاهي ايندا تہ سج جي روشنائيءَ تي پريان ئي سڌ پئجي ويندي. انهن سيني سببن ڪري آڳاٽا لوڪ چوندا هئا تہ "واٽن تي جيڪي بگهڙ ۽ ٻيا خوف خطرا آهن، تن کي اهو ديوتا ٽاري ٿو، (منڈل پهريون 42، 1-3). "اي پوشڻ ديوتا، تون اسان لاءِ وات سڌائي ڪج، ۽ مال جي چاري لاءِ اسان کي چگّيءَ جُوءِ ڏي ونڊي هلج" (منڈل پهريون 42، 7-8). هن مان ڏسڻ ۾ ايندو تہ سج جي ڳٽن جون ڳالهيون ڳٽي ائين چيو اٽن.

سورج ديوتا اخلاق يا نيتيءَ جي راهہ ۾ پنهنجو چگّو رهبر سمجهيائون ٿي. رگ وید ۾ چيل آهي تہ آڪاس ۾ جيڪي ديوتائون آهن، تن جي اڪ سورج ديوتا آهي. دنيا ۾ جيڪي وهي واپري ٿو، تنهن سڀ جو هو ساڪي آهي، ڪهڙا ۽ ڪم لڪائي ڪنداسين، تہ ۽ هو ڏسي ٿو، تنهنڪري سدائين چيتي هلجي، جو اهو شايد مٿان ٻيٺو آهي. ائين سورج جي روشنائيءَ آڳاٽن آرين ۾ روحاني خيال پيدا ڪيا. رگ وید جي منڈل چوٽين (14، 2)، منڈل ستين (63، 1) ۽ منڈل ڏهين (158، 1-4) ۾ سورج جو ٻيو نالو "سوتر" (Savitr) جاڻايل آهي. ڏينهن جو سج روشنائي ڪري ٿو، ۽ سانجهيءَ جو لهي وڃي ٿو، پر رات پوڻ ڪانپوءِ ۽ هو مٿي آڪاس ۾ هليو اچي (منڈل پهريون، 35، 2، ۽ منڈل چوٽون، 38، 3-4). رات

جو سيني ساهه وارن کي هو ننڊ بخشي ٿو، ۽ صبح جو کين سجاڳ ڪري ٿو (منڊل چوٿون، 53، 3) ۽ منڊل ستون، 45، 1). انهيءَ سورج جي تيزي "ساوتري" آهي، ۽ ان جو ٻيو نالو "گاتيري" آهي. مطلب ته گاتيري منتر اُچارجي ٿو، ته اگيان جي اوندهه ٽري، ۽ اسان جي ذي کلي ته جوتي سروپ پرماتما سان ائين ملي هڪ ٿي وڃون، جيئن جوت سان ملي هڪ ٿي وڃي ٿي. قدرت مان قادر سان ملڻ جي واٽ اجها ائين پئي لوچي لڌائون.

هندو ماڻهو وشنو ڀڳوان کي جوتي سروپ پرماتما جو اوتار سڏين ٿا. سري رامچندر ۽ سري ڪرشڻ وشنو ڀڳوان جو اوتار ليکيا وڃن ٿا. اهي اتهاسن واري زماني ۾ ٿي گذريا آهن. پر ڪائنن گهڻو اڳي رگ وید ۾ وشنوءَ بابت جيڪي چيل آهي، تنهن مان ظاهر آهي ته اصل ۾ سورج جي هڪ روپ جو نالو وشنو هو. اڄ تائين هندو ماڻهو سورج ديوتا کي هٿ جوڙي نمسڪار ڪندا آهن، ته اهو جوتي سروپ پرماتما جو روپ اسان جي اندر ۾ جوت جاڳائي ۽ اگيان جي اندهه ٽاري.

رگ وید ۾ وشنو بابت چيل آهي ته هو ٽي قدم يا وڪون کڻي ٿو. هڪڙيءَ وک سان سڄي ڌرتي، ٻي وک سان وچ آڪاس ۽ ٽينءَ وک سان مٿاهون آڪاس (وشنو لوڪ) والاري ٿو. انهيءَ مٿاهين آڪاس ۾ هو ماڻهن کي ڏسڻ ۾ نٿو اچي، پر ديوتائن کي ائين ڏسڻ ۾ اچي ٿو، جو جڻ ته آڪاس ۾ اک ڪتل آهي (رگ وید، منڊل پهريون، 154، 5). اتي (وشنو لوڪ ۾) ديوتائون آنند ۾ رهن ٿا (منڊل انون، 29، 7). ياسڪ مني جي جوڙيل "نرڪت" (12، 19) ۾ جاڻايل آهي ته انهن ٽن وڪن جو مطلب آهي —سورج جو اُپرڻ، مٿي چڙهڻ ۽ لهڻ. ڪن يوروپي عالمن جو به اهو ئي چوڻ آهي ته سورج ديوتا جو هڪ روپ وشنو ڀڳوان آهي، جو وڏيون وڪون کڻي سڄو جهان والاري ٿو.

أشا ديوي: آڳاٽن لوڪن قدرت جي هڪ نظاري جو نهايت عمدو ذڪر ڪيو آهي. سج اُپرڻ ڪري اوندهه ٽري ٿي، پر سج اُپرڻ کان ئي اڳ جيڪا ديوي پنهنجو درشن ڪرائي ٿي، سا "اُشا" يعني پريات (Dawn) آهي. رات ڪَٽُ ڇڏي، پلئه کڻي ٿي ته هن ديويءَ جي جلوه ۽ جمال ڪري صاف صفائي ٿئي ٿي، ۽ سڄو آسمان

نهايت نزاڪت پريو لڳي ٿو. آڪاڻن رشين اهو نرمل نظارو ڏٺو ته اندر ۾ اُمنگ اُٺين. پر پات بابت جيڪا شاعراڻي پلٽ پلٽي اٿن، تنهن جي پڙهندي روح کي راحت پيئي اچي. اُشا ديويءَ بابت جيڪي چيو اٿن، تنهن مان ٿوري مضمون جو سنڌيءَ ۾ ترجمو ڏجي ٿو:

هيءَ آڪاس جي نياڻي، ڏورانهين عالم مان پنهنجي ٻهڪندڙ رٿ (گاڏيءَ) تي چڙهي اچي ٿي – سندس رٿ ۾ ڳاڙهي رنگ جا گهوڙا ٻڌل آهن (جن جي لعلاڻ آسمان کي رڱيو ڇڏي)، ۽ جيئن ويجهو اچي ٿي تيئن سدائين ٻهڪي ٿي. هن ديويءَ جي شڪل سهڻي ۽ مرڪَ مڻي آهي، ۽ پنهنجي جوڀن جي سموري نزاڪت ڏيکاري ٿي. اي ديوي، تنهنجي ڇاتي روشن آهي، تنهنجو منهن ٻهڪندڙ آهي ۽ تنهنجا سون ورنا وار تجلي وارا آهن جيئن ڪا سندري پنهنجي پتيءَ کي پاڻ تي موهت ڪرڻ لاءِ پنهنجي بدن تي ٻهڪندڙ ويس وڳا ڪري ٿي، ۽ سندس اکين اڳيان پنهنجي حُسن جو اظهار ڪري ٿي، تيئن هيءَ ديوي ٻهڪندي اچي ٿي.س ورج ديوتا عاشقن وانگر سندس پڻيان ڊوڙي ٿو، ۽ ڊوڙ ۾ ڪائنس شرط ڪٽي وڃي ٿو، ۽ ٻئي هڪ ٻئي جي ٻڪ ۾ اچي هڪ ٿيو وڃن. سياڻي اُشا، اڄ اسان تي هن هنڌ پنهنجو پرڪاش ڪر!

"جيڪي صبح گذري ويا آهن، ۽ بيشمار صبح جي هن ڪان پوءِ ٿيڻا آهن، تن جي وات وڻي، هيءَ روشن اُشا اچي ٿي، ته اوندهه ٽاري ٿي، ۽ جيڪي ماڻهو ننڊ ۾ مئل مثل پيل آهن، تن ۾ سجاڳي پيدا ڪري ٿي.

"سهڻي اُشا، تون جيتوڻيڪ بيشمار ورهين ڪان جيئري رندي آئي آهين، ته به هر ڪنهن صبح جو تون نئون جنم ونين ٿي، تنهنڪري تون ٻڍي به آهين، ته جوان به آهين.

"اڄوڪو صبح اها وات وڻي ويندو، جا ڪائنس اڳي هر ڪنهن صبح ورتي. هن ڪانپوءِ جيڪو صبح ٿيندو، سو به اُشا جي پٽ وڻي ويندو. قديم زماني ۾ جن ماڻهن اُشا جي وات نهاري ٿي، سي گذاري ويا. اڄ سندس اڇڻ تي اها اسين پيا ڏسون، ۽ اسان ڪان پوءِ جيڪي ٻيا پيدا ٿيندا، سي آئيندي انهيءَ ديوي جا ترورا پسندا." (رگ ويد، منڈل پهريون، 113، 7-11).

"Fair Ushas, though through years untold
Thou hast lived on, Yet thou art born
A new on each succeeding morn,
And so thou art both young and old."
"All those who watched for thee of old
Re gone, and now, tis we who gaze
On they approach: in future days
Shall other men they beams behold,"
Muir: Original Sanskrit Text, Vol. V.p. 196

هيءَ نسوري شاعراڻي پلٽ آهي. انهيءَ جو جيڪو مزو اصلوڪي مضمون مان ايندو، سو ترجمي مان اڃي ڪين سگهندو. انهيءَ هوندي بہ ايترو چئبو تہ رگ وید جي هن مضمون کي جيتوڻيڪ هزارها ورهيہ گذري ويا آهن، تہ بہ اڄ بہ اهڙو ئي تازو پيو لڳي، جهڙو انهيءَ زماني ۾ آڳاڻن ماڻهن کي لڳو ٿي.

ٻيا مڪيہ ديوتائون: رگ وید ۾ جن ديوتائن جو ذڪر آهي، تن مان هرهڪ جو مٿينءَ ريت وستار ڪجي، تہ هڪ ڇڪو خاصو ڪتاب نٿي پوي. انهيءَ سبب هتي رڳو ايترو ڄاڻائجي ٿو تہ رگ وید ۾ ٻيا مڪيہ ديوتائون پرجا پتي (برهما)، اشوني ڪمار (شايد شفق ۽ صبح جا تارا)، يم ديوتا ۽ منو ڀڳوان آهن، جيئن عيسائي، يهودي ۽ مسلمان وغيره مجين ٿا تہ پهريون انسان آدم هو، جنهن مان انسان ذات پيدا ٿي، تيئن هندو وسهن ٿا تہ اول منو ڀڳوان هو، جنهن مان ٻيا ماڻهو پيدا ٿيا. "ماڻهو" لفظ اصل ۾ آهي "منشيہ" يعني "منوءَ جو اولاد". ساڳيءَ ريت "آدمي" معنيٰ "آدم جو اولاد".

آڳاٽا آريہ لوڪ سوم نالي هڪ ٻوٽي جي رس پيئندا هئا، جا چنڊ جهڙي اڇي ۽ روشن هوندي هئي. اها نهايت گٽاڪاري هئي، تنهنڪري انهيءَ ٻوٽيءَ جي اُپرائيندڙ ديوتا کي بہ "سوم" سڏيندا هئا. گ وید، جو سڄو نائون منڊل سوم جي ساراهہ سان پريل آهي. جيئن سڄ جو روپ اگني آهي، تيئن سوم جو روپ چندرما (چنڊ) آهي، ۽ اهو بہ "سوم" سڏجي ٿو. "سومر – سومار" معنيٰ "سوم يا

چندرما (چنڊ) جو ڏينهن" (Monday: Moon-day) ويدن جي براهمڻن ۾ سوم (چنڊ) کي امرت جو نياڻ سڏيو اٿن. چنڊ جي سهائي پکَ ۾ ديوتائون اهو امرت پيئن ٿا تہ چنڊ جي ڪلا ڏينهون وڌندي وجي ٿي، ۽ اونداهي پک ۾ پتر اهو امرت پيئن ٿا تہ چنڊ جي ڪلا وجي گھٽبي. هي ڳالهيون پراڻن ۾ بہ لکيل آهن.

آڳاٽا لوڪ سنڌوندیءَ کي هڪ مڪيہ ندي ڪري سمجهندا هئا، تنهنڪري ان جي گھٽي اُستتي ڪئي اٿن، پر سرسوتي ندیءَ کي هڪ پوتر ندي ڪري ليکيندا هئا، تنهنڪري ان کي ديوي ڪوٺيو اٿن. سرسوتي ندي جي ڪناري تي گھٽا يگيہ ڪندا هئا ۽ ويدن جا منتر اُچاريندا هئا. انهيءَ سبب سرسوتي ندیءَ کي ڪٿي پوتر ندي تہ ڪٿي ودیا جي ديوي سڏيو اٿن، ۽ ان کي گھٽو واڪاٽيو اٿن. انهيءَ قديم رواج پٺاندر اڄ تائين سرسوتي ودیا جي ديوي ليکي وجي ٿي.

آڳاٽا لوڪ وسهندا هئا تہ حورون يا پريون بہ آهن — انهن کي "اَپسرائون" (اپچرائون) سڏيندا هئا. اپسرائن بابت وسهندا هئا تہ انهن کي پاڻيءَ ۾ تڙڳڻ وٽندو آهي، تنهنڪري مٿن اهو نالو رکيائون. "اپ" معنيٰ پاڻي ۽ "سر" معنيٰ سرڻ يا چرڻ، جنهنڪري اپسرا معنيٰ پاڻيءَ ۾ سرندڙ يا تڙڳندڙ.

ديوتائن جو تعداد: رگ وید جي منڈل پهريون (139، 11) موجب، توڙي اٿرو وید ۽ براهمڻن موجب مڪيہ ديوتائون ٽيٽيهہ آهن: يارهن ڌرتيءَ جا جهڙوڪ پرٿوي، اگني، برهسپتي ۽ سوم وغيره، يارهن ديوتائون "مڌيم. استاني" (Intermediate or aerial) يعني آڪاس يا پولار جا جهڙوڪ اندر، رُدر (گجگوڙ ڪندڙ وڄ)، مروت وايُو وغيره، يارهن "دَيُو استاني (Celestial) جهڙوڪ ديوس پتر (ابو آڪاس، ورڻ ديوتا، اُشا (پريات)، اشوني ڪمار ديوتائون ۽ سورج، جنهن کي جدا جدا ڪري متر، پُوشڻ، سَوتِر ۽ وشنو سڏيو اٿن. (ڏسو پاسڪ منيءَ جو "نرڪت" 7، 5).

شتپٿ براهمڻ ۾ ديوتائن جا نالا ٻيءَ ترتيب سان بيهاري ڄاڻايو اٿن تہ ٽيٽيهہ ديوتائون جي مڪيہ آهن، تن مان يارهن رُدر، بارهن آدتيہ، اَٺ وِسو، هڪ اندر ديوتا ۽ هڪ پرجا پتي (برهما) آهن. رُدرن ۾ مڪيہ آهي شنڪر. آدتين ۾ سورج (وشنو) ۽ وسن ۾ اگني. شريمد ڀاگوت گيتا ۾ بہ ائين ڄاڻايل آهي. اهي ٽيٽيهہ ديوتائون پوءِ ويوتين جو وستار ڪري، وڏي ٽيٽيهہ ڪروڙ ٽيا آهن. انهيءَ سبب

هندن تان کي کلندا آهن. حقيقت هن ريت آهي ته ڏٺي هڪڙو ئي آهي، پر سندس صفاتي نالا بيشمار آهن ۽ آڳاڻن آرين هرهڪ کي مجسم (Personify) ڪيو آهي. انهيءَ ريت ٽيٽيهن ڪروڙن کي اڃا به وڌائجي ته وڌائي سگهجي ٿو، آڳاڻن لوڪن اها ڳالهه پاڻ ڪئي آهي، جيئن هيٺ ڄاڻائجي ٿو.

ڪثرت ۾ وحدت: رگ ويد جي منڈل ڏهين (82، 1-3) ۾ ڄاڻايل آهي ته "سيڪجهه خلقڻهار وڏو آهي. اهو ئي سيني کي خلقي ٿو، اهو ئي سيني کي سنيالي ٿو ۽ اهو ئي سيني جي مٽان آهي... جنهن پتا (پيءُ) اسان کي پيدا ڪيو آهي، جنهن کي سيني قومن ۽ سيني شين جي ڄاڻ آهي، سو هڪڙو ئي آهي، پر مٽس نالا گهڻا رکيل آهن." هن مان چٽيءَ ريت ظهار آهي ته رگ ويد واري قديم زماني ۾ جيتوڻيڪ عناصرن يا تتون کي ملائيندڙ طاقتن کي ديوتائون ڪري پوڄيائون ٿي، ته به ائين ڄاتائون ٿي ته ساري جهان جو خلقيندڙ هڪڙو ئي قادر مطلق ڏٺي آهي. رگ ويد جي منڈل پهرين (164، 46) ۾ به ائين ئي چيل آهي ته جيڪي سياڻا آهن، سي جدا جدا ديوتائن ۾ هڪڙو ئي ڏٺي پرجن پروڙين ٿا.

ويدڪ ڏرم ڪهڙي دفعي ۾ ليکجي؟ ويدڪ ڏرم بابت جيڪي مٿيون حقيقتون رگ ويد ۾ ڄاڻايل آهن، تن تي ويچار ڪرڻ سان سياويڪ طرح هيءُ سوال اُٿي ٿو ته ويدڪ ڏرم جو لڇڻ (Character) ڪهڙو آهي؟ ان کي ڪهڙي دفعي ۾ ليکڻ گهرجي؟ رگ ويد ۾ جملي 1028 سُوڪت آهن. جيڪو به سوُڪت پڙهجي ٿو، تنهن ۾ هڪ نہ ئي ديوتا جي اُستتي آهي. ائين گهڻن ئي ديوتائن جا نالا ڄاڻايل آهن، ۽ انهن جي پوڄا جو به ذڪر اهي، تنهنڪري هرڪو جيڪر ائين چوي، ته آڳاڻن آرين جو ڏرم "بهون ديو مت" (Polytheism) هو. انهن ساڳين ديوتائن جي شڪل شبيهه وغيره جو ائين ورنن ڪيو اٿن جو جڏ ته انهن ديوتائن جي صورت وغيره ماڻهن جهڙي هئي، تنهنڪري اهو "منک روپ ديومت" (Anthropomorphism) به چئبو. رگ ويد ۾ پِترن جي پوڄا جو ذڪر به آهي، تنهنڪري چئبو ته "هرهڪ ماڻهوءَ جي روحاني هستي علحدي ليکڻ جومت" (Animism) به وٽن عام هو. ساڳئي وقت رگ ويد ۾ ڪيترن هنڌ ائين به

جاڻايل آهي تہ ڏٺي سڀ شيءِ (جاندار توڙي بي جان) ۾ محيط يا وياپڪ آهي. "سمنڊ جنهن جا لڪ (Loins) آهن، سو پاڻيءَ جي ڦڙي ۾ بہ سمايل آهي" — اهڙا جملا چڻيءَ ريت ظهار ڪن ٿا تہ "ويدانت مت" (Pantheism) تن ڏينهن ۾ ئي ڦهليل هو. هيئن بہ چيل آي تہ "ڏٺي هڪڙو ئي آهي، ۽ مٽس نالا گهڙا رکيل آهن، ۽ جيڪي سياڻا آهن، سي جدا جدا ديوتائن ۾ هڪڙو ئي ڏٺي پرجهن پروڙين ٿا". هيءُ چڙو اشارو "ايڪ ايشور واد" (Monotheism) جو آهي. اهڙيءَ طرح باريڪ ريت جاچڻ سان معلوم ٿئي ٿو تہ رگ ويد واري زماني ۾ ئي گهڙن متن جو ٻج چڻيل هو. ساڳئي وقت هيءَ ڳالهہ بہ ڏيان ۾ رکڻ گهرجي تہ رگ ويد جا مندل جدا جدا زمانن جا جڙيل آهن، پر رگ ويد واري آڳاٽن، وچولي توڙي پوئين زماني ۾ نڪي هيون مڙهيون نڪي مندر، نڪي ناڪر دوارا يا شوالا نڪي ٽڪاڙا. جهوني ۾ جهونا مندل ائين ئي جاڻائين ٿا تہ هي قدرت جو ڪارخانو آڳاٽن آرين جو مندر هو، ۽ آڪاس، پرٿوي، سج، پون (هوا)، ۽ ٻيا عناصر جي آد کان هليا اچن، سي سندن ناڪر هئا. ٻين لفظن ۾ چئبو تہ سندن اوائلي ڏرم هو "پرڪرتي پوڄا" يعني الاهي طاقتن جي پوڄا (Nature Worship or Naturalism) انهن جدا جدا طاقتن کي پوءِ ديوتائون ڪري ليکيائون تہ سندن ڏرم "ٻهون ديومت" (Polythesim) ٿيو پاسي. انهيءَ ڪثرت منجهان ئي وحدت لوچي لڌائون، تنهنڪري اهو "ايڪ ايشور واد" (Monotheism) چئجي ٿو. انهيءَ هڪڙي ڏٺيءَ جي ڏيان ڌاريندي ڪين هرهڪ گل مان سندس ئي واس آيو، ۽ سڀ ۾ اهو هڪڙو پسڻ لڳا. جيڏانهن ڪريان پرک تيڏانهن صاحب سامهون". حاصل مطلب قدرت منجهان ئي قادر سان ملڻ جي وات ملي ٿي، ۽ اهو ئي آڳاٽن آرين جو اوائلي ڏرم هو.

ناڪرن جي مورتي: پروفيسر مئڪس ملر رگ ويد جو اڀياس ڪري جاڻايو آهي تہ ويدڪ ڏرم ۾ ناڪرن جي مورتن يا پتلن پوڄڻ جي ڳالهہ ناهي ئي ڪانہ. ٻين بہ ڪيترن يوروپي توڙي ڏيهي عالمن جو چوڻ آهي تہ ويدن واري زماني ۾ بت پرستي هئي ڪانہ. انهيءَ هوندي بہ رگ ويد منجهان ڪيترن عالمن کي ائين سمجهڻ ۾ اچي ٿو تہ ناڪرن جي مورتن يا پتلن ناهڻ جو رواج

رگ ويد واري ڪنهن عرصي ۾ ئي جاري ٿيو هو. منڊل چوٿين ۾ هڪ رشي چوي ٿو ته "ڏهه گايون ڏيئي، منهنجو هيءُ اِندر ڪو وٺندو؟ جڏهن اِندر ديوتا سندس دشمن دفع ڪري، تڏهن منهنجو اِندر مون کي موٽائي ڏي!"[1]

---

[1] Macdonell and keith: Vedic Index, I, 390.

[2] * "سارنگ کي سارين، ماڻهو مرگ، مينهون،
آڙيون ابر آسري، تاڙا تنوارين".
شاهه

[3] The two pieces of fuely by the attrition of whichfire is produced, and which are represented as husband and wife.

[4] Z.A Ragozin, Vedic India, p. 149.

[5] Prof. Max Muller: Chips from a German Workshop, 1-38

رگ ويد جي منڊل انين (1، 5) ۾ چيل آهي ته "اي وجر هلائيندڙ (اندر ديوتا) مان توکي ڪيتري به ناڻي تي ڏيئي نه ڇڏيندس. يلي ته ڪو مون کي هزار، ڏهه هزار بلڪ وڌيڪ ناڻو ڏئي". رگ ويد جي منڊل ٻئي (33، 9) ۾ رُدر (شو مهراج) جي مورتيءَ جو ذڪر آهي. هن منجهان ائين سمجهجي ٿو ته ٺاڪرن جي مورتن ٺاهڻ ۽ انهن جي وڪري ڪرڻ جو رواج به هو. عام طرح ماڻهو جيڪڏهن ٺاڪرن جي پتلن کي نه پوڄيندا هئا، ته به انهن ڏي عزت جي نگاهه سان نهاريندا هئا، ۽ ججهو ڏن ڏيئي اهي پتلا پنهنجي گهرن ۾ رکندا هئا.

يگيه، پوڄا ۽ ڏکڻا: دنيا جا ڪيترا قديم لوڪ ائين وسهندا هئا ته جيڪڏهن ديوتائون اسان تي راضي ٿيندا، تڏهن اهي اسان جي من جون سڀ مرادون پڄائيندا. ديوتائن جي راضي هٿ ڪرڻ لاءِ قديم مصر ملڪ جي ماڻهن نهايت عمدا منارا ٺاهيا، جي دنهيا جي عجائبات ۾ شمار ٿيل آهن. قديم هندن پنهنجن ديوتائن کي پرسن ڪرڻ لاءِ يتين ڪرڻ تي زور رکيو.

يگين ڪرڻ جو رواج آڳاٽن آرين ۽ پارسين کان سواءِ ٻيءَ ڪنهن به قوم ۾ نه هو، تنهنڪري "يگيه لاءِ ٻيءَ ڪنهن به ٻوليءَ ۾ پورو لفظ آهي ئي ڪونه. يگين ڪرڻ جو خيال آڳاٽن آرين کي قدرت منجهان آيو. قدرت جي ڳالهين بنسبت

هنن جنهن نموني خيال ڏوڙايا ٿي، سو نمونو ئي نرالو هو، ۽ اهو اڄ ٻه سمجهڻ سولو آهي.

آڪاس ڏي نظر ڦيرائيندي، آڳاڻن آرين کي ائين سمجهڻ آيو ته سورج ۽ بجلي (وڇ) يگيہ جي اگنيءَ جو روپ آهن. برساتي موسم ۾ آسمان ۾ گجگوڙ ٿئي ٿي، ۽ مينهن وسڻ مهل اهڙا آواز ٿين ٿا، جو ڇڻ ته آسمان ۾ ساز، سارنگيون، سُرندا پيا وڄن، ۽ گويا ويدن جي منترن جو گاين پيو ٿئي! برسات ۾ وهندڙ ندين ۽ نين جو پاڻي ڇڻ ته جل انجلي آي، ۽ ديوتائون ڇڻ ته اهو يگيہ پاڻ خود ديوتائن بابت ائين وسهندا هئا ته وڏا يگيہ کيا اٿن، جنهنکري کرائين ٿا. اهڙي پدوي ملي اٿن. نہ فقط ديوتائون، پر سارو جهان يگيہ مان پيدا ٿيل ڄاتائون ٿي. هن کي پلي ته کو ڳوڙهي فيلسوفي کري ليکي، يا فقط شاعراڻي خيال جي ڏوڙ کوڻي، ته ٻه ايترو چئبو ته ڏرم شاسترن جي سکيا آهي "قرباني". سڀ کان وڏي شڪستي آهي ئي قرباني. عاشق پنهنجي معشوق لاءِ پنهنجو سر قربان کيو ڇڏي، ۽ اهو هڪ وڏو يگيہ آهي. وطن دوست پنهنجي ديس لاءِ سوين سختيون سر تي سهي ٿو، بلڪ پنهنجو پاڻ قربان کيو ڇڏي، ۽ اهو ٻه هڪ وڏو يگيہ آهي. اسان پارو رواجي ماڻهو جيڪڏهن کنهن ٻئي جي پلي لاءِ پاڻ کي ٿوروئي کٽي پتوڙيندو، يا کجهہ خرچ کندو ته چئبو ته اهو ٻه يگيہ کيائين. ائين يگيہ ۾ قربانيءَ جو خيال سمايل آهي. يگيہ جي اگني دکائي، پوريءَ وڏيءَ سان ويدن جا منتر اُچارڻ، ۽ ايشور جي پوجا ۾ مگن ٿي، پنهنجو پاڻ وساري ڇڏڻ، اهو ئي ديوتائن جي راضپي هٿ کرڻ جو رستو آڳاڻن هندن کي سجهي آيو، تنهنکري يگيہ جو دستور هندن کان سواءِ ٻيءَ کنهن ٻه قوم ۾ کونهي. پارسي ٻه اصل ۾ هندو هئا.

Gul Hayat Institute

آڳاڻا آريہ لوڪ باهہ ٻارڻ جو هنر سکيا، ۽ آڪاس جي اِثر بجليءَ ڇڻ ته سندن گهرن جي چلهين ۾ اچي ٽِرُ پاتو، تنهن کانپوءِ اهو يگين جو دستور جاري ٿيو، ۽ اگني پوجا عام ٿي. اگني پوجا ۽ يگين جو رواج پرڳو رشيءَ جي کُل وارن ۾ عام هو. پرت آريہ لوڪ ٻه اگنيءَ جي اوائلي پوجارين مان هئا، جنهنکري

خود اگني "پارت" سڏي وئي آهي (رگ وید، منڈل ٻيو، 7، 1، ۽ منڈل چوٿون 25، 4) اٿرو وید تي اٿرون رشيءَ جو نالو پيل آهي. انهيءَ رشيءَ "اٿرون" يعني باهه ٻارڻ جو هنر جاري ڪيو هو، تنهنڪري انهيءَ نالي سڏجڻ ۾ آيو. پارسي ۽ اصل هندو آريه هئا، ۽ اهي پنهنجي پروهتن کي "اٿرون" سڏيندا هئا، ۽ اِهي اٿرون کين اگني پوڄا ڪرائيندا هئا.

رگ وید مان ظاهر آهي ته آڳاٽن آرين ائين ٿي سمجهيو ته يگيه جي اگني دڪائي، ان ۾ آهوتي وجهجي ٿي، ته اگني ڇيي ڪڍي عرشين وجي لڳي ٿي، ۽ آهوتيءَ جو واس اگن ديوتا اڪاس ۽ ٻين ديوتائن تائين پهچائي ٿو، ته ديوتائون پرسن ٿي اسان جن چلهين وٽ اچي مِڙن ٿا، ۽ جيڪو پوڄن وغيره اگنيءَ ۾ وجهجي ٿو، تنهن جو واس ونن ٿا. کين حاضر ناظر ڄاڻي، اسين جيڪي ويدن جا منتر اُچارين ٿا، سي ٻڌي هو پرسن ٿين ٿا ۽ اسان جي من جون مرادون پوريون ڪن ٿا. هيءُ اگنيءَ بابت مضمون انگريزي شعر ۾ ميوئر صاحب آندو آهي، جنهن مان ٿورو ٽڪر نموني لا3 هتي ڏجي ٿو.

A swift winged messenger, thou calles down

From heaven, tocrowd our hearths, the race divine

To taste our food, our hymns to hear, benign

And all our fondest aspirations crown.

(J. Muir, Original Sanskrit Texts, Vol. V. Page 221)

آڳاٽن آرين ائين ڄاتو ته يگيه ڪرڻ ڪري ئي مندائتا مينهن وسن ٿا، فصل پلا ٿين ٿا، جنهنڪري سيني ساهوارن جي جيوت سکي نبري ٿي، نه ته ساري سنسار جو چرخو جيڪر اُلٽ پلٽ ٿي وڃي. ان وقت جا راجائون ته ائين ٻه وسهندا هئا ته جنگين ۾ سوءِ به يگين ڪرڻ ڪري ٿئي ٿي، ۽ من جون ٻيون سڀ مرادون پڄن ٿيون. هو پراوا ملڪ جيتي اشو ميڌ يگيه ۽ راجسو يگيه ڪندا هئا، ۽ ڪٽان ڪٽان جا راجائون انهن يگين ۾ اچي شامل ٿيندا ها، ۽ يگيه ڪندڙ راجا کي پنهنجي پنهنجي ملڪ جون قيمتي سوغاتون آڻي ڏيندا هئا، جنهنڪري راجائن کي يگين ڪرائيندي هيڪاري گهڻي خوشي ٿيندي هئي.

اهي يگيہ براهمڻ ڪرائيندا هئا، جنهنڪري براهمڻن جو نهايت گهڻو مان هوندو هو.

"يگيہ" بدران "يجنيہ" بہ چئبو آهي، جنهن جو اُچار سنڌي ۾ آهي "جُجُ". جُج" لفظ ۾ ئي خوشيءَ جو خيال سمايل آهي تہ بجنسي جُج ڪندڙن کي ڪيترن خوشي ٿيندي هئي، تنهن جو تصور هرڪو پاڻيهي ڪري سگهي ٿو.

رگ وید مان معلوم ٿئي ٿو تہ ديوتائن کي پرسن ڪرڻ لاءِ قديم آريہ لوڪ قسمين قسمين يگيہ ڪندا هئا. اٿرو وید مان معلوم ٿئي ٿو تہ اُماس، چنڊ ۽ پورٽماسي تي بَليون چاڙهيندا هئا (اٿرو وید، منڊل ستون، 79، 80، 81). بہ سالياني يگيہ ڪندا هئا، جن جو واسطو ٻٽ ۽ ڪتيءَ جي فصلن سان هو (اٿرو وید، منڊل ٽيون).

رگ وید واري زماني ۾ "ستر" (Sattra) ڪندا هئا، ۽ اهو هڪ وڏو يگيہ هو. اهو تيرهن ڏينهن کان وڌي هڪ سؤ ڏينهن تائين ساندهہ هلندو هو. اهو يگيہ اڪثر سانوٽيءَ ۾ ڪندا هئا تہ منڊائتا مينهن پون، چوماسو چڱو ٿئي تہ فصل پلا ٿين. اٿرو وید مان معلوم ٿئي ٿو تہ ڪي يگيہ نو ڏهہ مهينا تہ ڪي ٻارهن مهينا ساندهہ ڪندا هئا (اٿرو وید، منڊل پهريون، 3، 4).

يگيہ ودوان پندت ڪرائيندا هئا، جي ويدن جا منتر نهايت پوريءَ وڌي سان اُچارينداهئا.

پوڄا مهل هڪ ويڏي (Attar) ناهيندا هئا، جنهن ۾ يگيہ جي اگني دڪائيندا هئا. جيڪو پروهت پوڄا ڪرائيندو هو، تنهن کي اهو پوڄن ڪرائيندا هئا، جو "دڪشڻاگني" (دڪشڻ + اگني) يعني ويڏيءَ جي ڏکڻ طرف واري اگنيءَ (باهہ) تي تيار ٿيل هوندو هو. انهيءَ "دڪشڻاگنيءَ لفظ مان "ڏکڻا" لفظ ٺهيو آهي. مطلب تہ اصل "ڏکڻا" (پيٽا يا ارداس: اها هئي، جو پروهتن کي "دڪشڻاگنيءَ" تي تيار ٿيل پوڄن ڪرائيندا هئا. اهڙن وقتن تي پروهتن کي گئودان ڪندا هئا، جا پوڄا مهل ڏکڻ طرف بيهاريندا هئا، تنهنڪري "ڏکڻا" لفظ جي پوءِ معنيٰ تي "اها کير ڏيندڙ گانءِ جا پروهت کي پوڄا ڪرائڻ مهل پيٽا طور ڏجي". کي گانءِ بجنسي ڏيندا هئا، تنهنڪري پوءِ ڏکڻا لفظ جي معنيٰ تي اهو روڪ ناڻو

جو پروهت کي پوڄا ڪرائڻ مهل پيٽا طور ڏجي". کي گانءِ بجنسي ڏيندا هئا، تہ ڏکڻا لفظ جي معنيٰ ٿي اهو روڪ ناڻو جو پروهت کي پوڄا ڪرڻ لاءِ ڏجي. ائين "ڏکڻا" لفظ جي معنيٰ ٿي پيٽا يا ارداس. اهڙن وقتن تي راجائون وڏيءَ دل سان پروهتن کي موتي ۽ دان ڪندا هئا. سنسڪرت ساهت ۾ ڪيترا اهڙا مثال آهن، جن مان معلوم ٿئي ٿو تہ ساهميءَ جي هڪ پُڙ ۾ راجا پاڻ وهندو هو، ۽ ٻئي پڙ ۾ پنهنجي تور جيترو سون وجهائيندو هو، ۽ اهو سڀ سون پروهت کي ملندو هو. هيءَ ڳالهہ ڄاڻائي ٿي تہ ملڪ نهايت پريو پاڪيو هوندو هو. راجائن وٽ چوپايو مال بہ اپار هوندو هو، ۽ هو وڏيءَ دل سان رشين کي چوپايو مال ۽ سون دان ڪندا هئا، جنهنڪري رشي بہ نهايت پريا پاڪيا هوندا هئا.

پرش ميڌ يا نر بلي Human Sacrifice : قديم زماني ۾ جيئري تي جيئري پرٽجڻ جي بند رسم کان سواءِ ٻيو هڪ وڌيڪ هيبتناڪ رواج عام هو، جنهن جو يگين سان واسطو آهي. قديم هندو جڏهن ڪنهن جنگ ۾ سوپارا ٿيندا هئا، تڏهن ڪنهن ماڻهوءَ جي بل چاڙهيندا هئا. اها پُرش ميڌ" يعني ماڻهوءَ جي قرباني ڪوٺبي هئي. پراڻن ۾ انهيءَ کي "نَرَ بَلي" يعني "نر يا مرد جي بل" بہ سڏيو اٿن. جنگ ۾ مخالف ڌر جا جيڪي ماڻهو گرفتار ڪندا هئا، تن کي پنهنجو داس يا ٻانهون بنائيندا هئا، ۽ انهن مان هڪڙو ڇڪو بَک ڏيندا هئا. انهيءَ رواج پوءِ هڪ عجيب قيرو ڪاڏو. يگين ۾ قرباني اها ڪيجي، جا پاڻ کي پياري لڳندي هجي. انهيءَ سبب شايد ائين سمجهڻ لڳا تہ ڪو ڏاريو ماڻهو قربان ڪجي، تنهن کان پنهنجو ڪو ويجهو عزيز بل چاڙهجي، تہ ديوتائن وڌيڪ پرسن ٿين، ۽ ان جو ڪو ڇڪو ڦل ڏين. هو پوءِ پنهنجي گهر جو ڪو پاتي قربان ڪرڻ لڳا!

قديم زماني ۾ پيءُ کي پنهنجي اولاد ۾ ڪٿب جي سيني ياتين جي مٿان ڪلي اختيار هوندو هو. پيءُ پنهنجي پٽ کي بل چاڙهي ڇڏيندو هو، يا ڪو اولاد ناڻي تي نيڪال ڪري ڇڏيندو هو تہ ساڻس ڄان چون ڪرڻ جي ڪنهن کي بہ اختياري ڪانہ هوندي هئي. هن بابت ائتريہ براهمڻ ۾ ڄاڻايل اهي تہ ستوادي راجا هرشچندر سڪا ڪئي هئي تہ "مون کي جيڪو پهريون نپٽ ڄمندو، سو

ورڻ ديوتا تي ٻل چاڙهيندس". ڪيس پوءِ روهت نالي پٽ جائو، پر پنهنجي سڪليڏي پٽ کي ٻل چاڙهڻ تي دل نہ وريس، تنهنڪري پرش ميڌ ڪرڻ کان نٽائڻ لڳو. روهت پوءِ وڏو ٿيوتہ پٽس پنهنجي ڪيل سڪا بابت ٻڌايس. روهت کي پنهنجيءَ جان جو خوف لڳو، سو جهنگ منهن ڏيئي ڀڄي ويو، ۽ ڇهہ ورهيہ ساندهہ ڪنهن بن ۾ لڪي پئي گذاريائين.ائين ٻاويهہ ورهيہ لنگهي ويا. ڪنهن وقت راجا هرشچندر کي ڪوڙهہ ٿيو. ڪيس وهم اچي دل تي وينو تہ ورڻ ديوتا سان سڪا نہ پاڙي اٿم، تنهنڪري هيءَ پوڳنا ٿو پوڳيان. روهت کي ڪنهن طرح انهيءَ ڳالہ جي سڌ پئجي ويئي. هيءُ صالح پٽ چوڻ لڳو تہ "منهنجوپيءُ نوبنو ٿئي، پو3 منهنجو سر ويو تہ صدقي ٿيو!" انهيءَ اعليٰ خيال اچڻ سان هو جهنگ ڇڏي شهر ويو، ۽ پنهنجي سر قربان ڪرڻ لاءِ تيار ٿيو. واٽ تي آجيگرت نالي هڪ براهمڻ گڏيس، جو پارگو رشيءَ جي ڪُل مان هو. هو بک ۾ پاهہ تي ٿيو. روهت چيس تہ "اي برهمڻ جيڪڏهن پنهنجن پٽن مان هڪڙو منهنجي بدران ٻل چاڙهڻ لاءِ ڏيندين تہ مان توکي هڪ سؤ ڳئون ڏيندس". انهيءَ آڇ تي براهمڻ هرکجي ويو. انهيءَ براهمڻ کي ٽي پٽ هئا، جن مان وڏي پٽ ڏيڻ تي سندس دل نہ وري. ۽ ننڍي پٽ ڏيڻ تي جوٽس جي دل نہ وري انهيءَ سبب وچون پٽ شنهہ شيپ نالي روهت کي ڏنائين، جنهن پنهنجي پيءُ راجا هرشچندر کان هڪ سؤ گايون ونڻي ڏنيس. تن ڏينهن ۾ دستور هوندو هو تہ جنهن ماڻهوءَ کي ٻلچاڙهيندا ها، تنهنکي اول "يوُپ" يعني ٻل واري ٽنيي سان قابو ڪري ٻڌندا هئا، ۽ پوءِ سندس سنڌ سنڌ ڪپي، يگيہ جي اگنيءَ ۾ وجهندا هئا. اجا هرشچندر جي ماڻهن مان ڪنهن جي بہ دل نہ وري تہ ڪو براهمڻ جي پٽ کي يوپ سان ٻڌي. انهيءَ چوڪري جي لوپي پيءُ چيو تہ "مون کي جيڪڏهن ٻيون هڪ سؤ گايون ملنديون تہ مان پنهنجي پٽ کي يوپ سان ٻڌندس". راجا هرشچندر اها ڳالهہ قبولي، تہ هن پنهنجي پٽ کي يوپ سان ٻڌو، پر ٻالڪ کي ڪهڻ ڪنهن بہ نہ قبوليو. انهيءَ تي هن نردئي براهمڻ اجيگرت چيو تہ "مون کي جيڪڏهن ٽيون هڪ سؤ گايون ملنديون، تہ مان پنهنجن ٽٽن سان پنهنجوپٽ ڪهندس" راجا هيءَ ڳالهہ بہ قبولي ۽ هو پوءِ پنهنجي پٽ کي ڪهڻ

لا3 ڪاتي تڪي ڪرڻ لڳو. شنهه سيپ ڏنو ته هاڻ اجهو ٿو ڳترا ڳترا ٿيان. پنهنجو ڪوبه اوهي واهي نه ڏسي، هن سچيءَ دل سان ديوتائن کي پڪاريو، سندس هيءَ جگر ڏارينڌڙ حالت ڏسي، شايد ديوتائن کي به دک ٿيو، جو ڏسو ڪرتار جي قدرت جو جن زنجيرن سان هو جڪڙيو پيو ٿهو، سو پاڻ مرادو لهي پيس، ۽ هيءُ آزاد ٿيو. پوءِ ته راجا جو مرض به چٽي ويو. جنهنڪري پرش ميڌ جي ڪابه ضرورت ڪانه ٿي. شنهه شيپ کي پٽس ڪتري راجا (هرشچندر) کان وڪٽي ڇڏيو هو، تنهنڪري هو براهمڻ جي دفعي مان نڪري ويو. هن ڪانپوءِ وشوامتر پنهنجو ڏرم جو پٽ ڪيو، ۽ ديوراٽ نالو رکيائينس. هيءَ ڪٿا شريمد ياڳوت (اسڪنڌ نائين) ۽ وشنو پراڻ چوٿين ۾ به ڄاڻايل آهي. هن ڪٿا مان به مکيهت ڳالهيون ظاهر آهن:

(1) پرش ميڌ جورواج ٿوري کي گهڻي قدر هو.

(2) پيءُ کي ايڏي اختياري هوندي هئي، جو ڪهڙو به پٽ ٻل ڇاڙهي سگهندو هو. پيءُ کي پنهنجن پٽن تي ايڏي اختياري قديم رومن لوڪن ۾ به هوندي هئي، جنهن کي (Patria Potestas) چوندا هئا. اڄ تائين مائٽ پنهنجي اولاد تي کي اختياريون هلائين ٿا، پر اهي بين قسمن جون آهن. مثلاً کي ماڻهو پنهنجون نياڻيون جن سان پرڻائين ٿا، تن کان اول ڇڳي خاصي رقم ونن ٿا. ائين کي نياڻين جو وڪرو ڪن ٿا. اهو رواج رگ وید واري زماني ۾ به ڪن ڪن ماڻهن ۾ هوندو هو (منڊل پهريون، 109، 2)، نه ته عام طرح ڪنيادان ڪندا هئا. سڄي هندستان جا ماڻهو هن وقت ٻي اختياري هيءَ هلائين ٿا، جو پنهنجو ٻار ٻئي کي گود ۾ ڏيئي سگهن ٿا. ائين ڪرڻ ۾ ٻار کي ڪوبه نقصان ڪونه ٿو پهچي، هو ته پاڻ وڃي ٻئي جي ملڪيت جو وارث بنجي ٿو، ته به ايترو ڇبو ته مائٽ اها اختياري هلائين ٿا. انهيءَ اختياريءَ هلائڻ تي به هڪ بندش آهي. سڄي هندو جاتيءَ لاءِ هيءُ عام قاعدو آهي ته ڪوبه هندو پنهنجو هڪڙو ئي سڪيلڏو پٽ ٻئي ڪنهن کي گود ۾ ڏيئي نٿو سگهي. جيڪڏهن ڪو گود ۾ ونندو، ته به اهو ڏرم جو پٽ ڪانئس پوءِ سندس ملڪيت جو وارث ٿي ڪين

سگھندو، چاکاڻ تہ پٽ وري پنھنجن اصلوکن مائٽن جو ليکبو. اڄ ڪالھ اھو ئي قاعدو ڪورٽن ۾ جاري آھي..
آڳاٽا لوڪ پوءِ ڪنھن ماڻھوءَ کي ٻل چارڻ بدران ڪو جانور ٻل چاڙھيندا ھئا. پوءِ اھا رسم بہ بند ڪري جانورن جي لولي بَک طور ڪيندا ھئا.

پرش ميڊ جو رواج ڪن صدين کان بند ٿي ويو آھي، تہ بہ ڪي ڪي قومون اڄ تائين ڪو ماڻھو بک ڪين ٿيون. اھڙا مثال بعضي بعضي اخبارن ۾ ڇپجي پڌرا ٿيندا آھن. اھڙو ھڪ مثال سنڌ ۾ بہ ٿيو ھو، جو سنڌ گزيٽيئر ۾ ڄاڻايل آھي. اھا حقيقت ھن ريت آھي:
ننگر پارکر شھر کان ٻہ ڪوھ ڪن پري اتر الھندي طرف ڪارونجھر ٽڪريءَ جي ھنج ۾ ھڪ مڪان "پوڙيسر" نالي آھي. پوڙو نالي ھڪ پرمار راجپوت عيسوي ڇھين صديءَ ۾ ٿي گذريو آھي. سندس پيءُ جو نالو جيسو پرمار ھو. ھن ھتي ھڪ تلاءُ تيار ڪرايو ھو، جو ويڪر ۾ ٻہ سو فوٽ ۽ ڊيگھ ۾ انھيءَ کان ٻيڻو آھي. انھيءَ تلاءَ سبب اڄ تائين اھو ھنڌ "پوڙيسر" يعني پوڙي جو تلاءُ سڏجي ٿو. اتي جو حاڪم بہ پاڻ ھو.
پوڙي پرمار وڏا خرچ ڪري تڪليفون ونيو، پنھنجي رعيت جي سک لاءِ ھيءُ تلاءُ جوڙيو، تيئن برسات جي بوند بہ ڪانہ پيئي، جنھنڪري ڪڏھن بہ پاڻيءَ سان نہ پريو. ھو پوءِ پنھنجي ڇٽي ڪٽي ڪنھن پنڊت وٽ ويو ۽ چيائينس تہ "مون کي ڇٽي ڏسي ڏيو تہ ڪھڙو گرھ اچي وينو اٿم، جو تلاءُ پرجي ئي نٿو". پنڊت چيس تہ "پنھنجو پٽ ديويءَ تي ٻل چاڙھيو تہ اٽپچو اوھان جو ڪاريہ سڌ". پنڊت جي اھا ڳالھ ڳنڍي پوڙي پرمار پنھنجو پٽ وڃي ٻل چاڙھيو! ڏٺيءَ جي قدرت جو انھيءَ پرش ميڊ ڪانپوءِ برسات پيئي، ۽ تلاءُ پريو! ھيءَ ڳالھ سنڌ گزيٽيئر جي جلد (ب) پاڳي ڇھين ۾ ٿرپارکر ضلعي جي احوال ڏيندي ڄاڻائي اٿن. ڪئپٽن ريڪس پنھنجي ڪتاب ٿر جي احوال ۾ بہ ان جو ذڪر ڪيو آھي. جيڪڏھن ھيءَ ڳالھ سچي آھي تہ پوءِ چئبو تہ "سنہ 544ع ڌاري

جڏهن ڀوڏو پرمار جيئرو هو، تڏهن به پرش ميڌ جو رواج هو، جنهنکري پنڊت اهڙي صلاح ڏني، ۽ ڀوڏي ان جي پيروي ڪئي.

بليون چاڙهڻ: سنڌو ماڻري جي رهاڪن وٽ ڪو ڪارج منگل ٿيندو هو ته ويهه ڏاند يا ٽي سو مينهون اندر ديوتا تي بل چاڙهيندا هئا (رگ ويد، منڊل پنجون، 29، 7، ۽ منڊل ڏهون، (86، 14). اشوميڌ يعني گهوڙن جي قرباني۽ جون يگيه راجائون ڪندا هئا (منڊل پهريون، 162، 12). سمي پئي ڪيترن ميڇي ماس کائڻ صفا بند ڪري ڇڏيو، ۽ ڪوس به بند ڪيائون. ڪي گوشت کائڻ ۽ بليون چاڙهڻ جو رواج پوءِ به قائم رکندا آيا. ڪالي۽ يا ديوي۽ جا پوجاري ڪالي۽ جي مندرن ۾ وڃي بل چاڙهيندا هئا. 1894ع تائين سنڌ جي عاملن توڙي پائيبندن ۾ عام رواج هو ته وهاڻ۽ مهل گهوٽ ۽ ڪنوار جي مٿان ٻرو گهوري اهو وڃي بل چاڙهيندا هئا. سنه 1895-1896ع ڌاري حيدراباد جي شهر ۾ پائي ڪلاچند صوفي۽ اهو رواج بند ڪرايو، پر ٻهراڙين ۾ ڪي پائيبند اهو قديم رواج اڃ تائين هلائيندا اچن ڪيترين قديم قومن ۾ رواج هو ته جيڪو جانور بل چاڙهيندا هئا، تنهن جي سسي هڪڙي ئي ڏڪ سان ڌار ڪندا هئا. ڪيترا سڪ "جهاٽڪو" ڪن ٿا، سو قديم رواج جو نشان آهي.

هندو سپيتا جا بانيڪار: هندو سپيتا جا بانيڪار "رشي" آهن. "رشي" انهن کي چئبو آهي، جن ويدن جون رچائون (Hymns) چيون آهن. مطلب ته رشي "ڪوي" يعني شاعر هئا. اڃ جيڪو علم عروض جي قاعدن پتاندر شعر جوڙي ٿو، سو شاعر سڏجي ٿو. ائين ڪيترن کي شوق ڪٽي شاعر ڪيو آهي، نه ته سچ پچ ته اهي فقط .سگهڙ" (Poetasters) آهن. شاعري بي شي آهي. شاعر يا ڪوي۽ جي اصل معنيٰ هئي "ڄاڻو". دنيا ۾ جيڪي وهي واپري ٿو، تنهن جي سڌ جيتري شاعر کي آهي، تيتري ٻئي ڪنهن کي ٿي ڪين سگهندي. پلي ته ڪو ڪيترو به علم پرائي عالم ۽ فاضل ٿئي، ۽ ويد پڙهي وڏو پنڊت ٿئي. پر ڪوي۽ يا شاعر کي ئي اندرين سوجهي۽ جو ورثو عطا ٿيل آهي. اها اندرين سوجهي هڪ الاهي ڏات آهي، جنهن جو ذات پات سان ڪوبه لاڳاپو ڪونهي. رشين مان کي

براهمڻ، تہ کي کتري تہ کي داسين يا ٻانهين جا ٻار (شودر) هئا. مثلاً وسشٹ مني براهمڻ هو، ۽ ڪاڪشون رشي اُشيج نالي هڪ داسي يا ٻانهيءَ جو ٻار هو.

"ذات نہ آهي ذات تي، جو وهي سو لهي."

شاهہ

رشين جو ڪو ڏار فرقو ڪونہ هو. رواجي ماڻهن وانگر اهي بہ مڱيا پرڻبا هئا، ۽ ٻارن ٻچن وارا هوندا هئا. اهي چوپايو مال ڏارينديا هئا، کيتي ڪندا هئا، هٿيارن پنوهارن هلائڻ ۾ پڙ هوندا هئا، يگيہ ڪندا هئا، ٻلين چاڙهيندا هئا، ۽ ديوتائن جو پوڄن ۽ ايشور جي اُستتي ڪندا هئا. رواجي ماڻهن ۽ رشين ۾ مکيہ تفاوت هيءُ هو تہ انهن رشين کي جيئن جيئن الهام ٿيندو هو، يا سرسوتي ٻولائيندي هئي، تيئن ويدن جون رچائون چوندا هئا. اهي وڏي دماغ وارا هوندا هئا، ۽ انيو ڪُليل هون. هو ڏرتيءَ کان وڻي آسمان تائين پنهنجي شاعراڻي نظر سان نهاري، پوءِ پنهنجي اندر ۾ جهاتي پائي، قسمين قسمين ڪاميابيون پائيندا هئا. اهي رشي هئا، جن اول ڏڻ ڏارڻ ۽ کيتي ڪرڻ جارواج وڌا، ۽ باهہ ٻارڻ جو هنر ۽ بيا هنر ۽ ڪاريگريون ڳولي لڌائون. ماڻهن جي جان ۽ مال جي بچاءَ خاطر گوتر بہ اول انهن ناهيا. گوترن ۾ پائپيءَ جي انگ پيدا ڪرڻ لاءِ ساڳئي گوتر مان پرڻجڻ جي منع ڪيائون، تہ سڀ گوتري هڪ ٻئي جي زالن ۽ نياڻين کي پنهنجن مائن ۽ پينرن جهڙو ڪري سمجهن. انهيءَ رستي اختيار ڪرڻ سان ماڻهن ۾ غيرت جو انگ جاڳايائون.

چراگاهن ۽ ٻنين جي حدن ۽ ٻين اهڙين ڳالهين تان ڳوناڻن جو هڪ ٻئي سان تڪرار نہ ٿئي ۽ صلح سانت ۾ گذارين، تنهن لاءِ گهٽن ڳوٺن جون گڏيل پنچاتيون ناهيائون. ائين راجنيتي جوڙجڪ اهڙي ڪيائون جو رعيتي راج برپا ٿيا، ۽ آخر جدا جدا هنڌن لاءِ راجائون مقرر ٿيا، جن تي ماڻهن جي جان ۽ مال ملڪيت جي سلامتيءَ جو بار وڌائون. راجائن کي ڪيئن راج ڪرڻ ڪپي، ۽ رعيت کي پنهنجي راجا سان ڪيئن ورتڻ گهرجي، سي قاعدا بہ جوڙيائون، تہ هرڪو نيڪ ديسواسي ٿي رهي، ۽ بچڻن بدڪارن کي بہ جرئت نہ ٿئي، جو پاڻ کان هيئن کي هيسائين يا هنن جو ڌن مال ڦرين.

ماڻهن کي ڏرم ۽ نيتيءَ جون واڌون بہ سيکاريائون. سيني ماڻهن جي جيوت سکي نبري، ۽ منداڻتا مينهن وسن، تہ ڏيهہ ۾ ڏڪار نہ پوي، تنهن لاءِ اندر ديوتا، ورڻ ديوتا، ۽ ٻين ديوتائن جي پوڄائن، يگين ۽ هون هوم ۽ ٻين ڪرياڻن ڪرمن جا رواج وڌائون. ائين شروع کان وني سيٻتا جو گاڏو سوڏيءَ راهہ تي هلائي، سڄي هندو جاتيءَ کي وڏي اوج تي رسايائون. ان وقت جي سيني هندو ماڻهن، راءَ توڙي رنڪ ائين ئي ڄاتو تہ اهي رشي ۽ براهمڻ ئي آهن، جي ويدن جا منتر پوريءَ وڏيءَ سان اُچارين ٿا، تہ ديوتائون پرسن ٿين ٿا، جنهنڪري ماڻهنجي من جون سڀ مرادون پوريون ٿين ٿيون، ۽ جنگين ۾ سوپ، ۽ ٻين سيني ڳالهين ۾ فتح ٿئي ٿي. انهيءَ سبب سڀ ماڻهو رشين ۽ براهمڻن کي پوڄڻ لڳا، ۽ کين پنهنجي ڪل جو پروهت ڪيائون. خود راجائون سندن اڳيان سر جهڪائيندا هئا، ۽ سندن چرن ڌوئندا هئا. اشوميڌ يگيہ، راجسويہ يگيہ ۽ ٻيا يگيہ ڪرائيندا هئا، ۽ کين موتي، سون، وستر، رٿ ۽ چوپايو مال وڏيءَ دل سان دان ڪندا هئا، جنهنڪري رشيءَ وڏيءَ هوند وارا هوندا هئا هلندي بہ ايتري هين، جو راجائن کي راج گديءَ تي وهارڻ توڙي گاديءَ تان لاهڻ سندن وس جي ڳالهہ هوندي هئي. راجائون بدل هوندا هئا عام خلق جي رائي سان، ۽ عام خلق بدل هوندي هئي رشين ۽ براهمڻن سان تنهنڪري حڪومت جو سارو ڪاروبار رشين ۽ براهمڻن جي صلاح سان هلندو هو. ائين ڪئين صديون ساندهہ هو راجائن جا وزير ٿي رهيا تہ حڪومت جو چرخو چگّيءَ طرح هلندو رهي. وقتي ڪن رشين جي پاڻ ۾ اٽڪٻت ٿيندي هئي، جيئن وششٺ مني ۽ وشوامتر جي ٿي هئي، پر عام طرح اهي ساڻ ويڙ ڪان آجا هوندا هئا. ڪي تہ ميلو متو ئي ڇڏڻ واجب سمجهي، دنيا ترڪ ڪري، بن ۾ وڃي گذارينداهئا. اهي ايڪانت ۾ ويهي، جيڪي فيلسوفي ۽ ايشوري گيان جون ڳالهيون سوچيائون، سي آرٽيڪن ۽ اُپنشدن ۾ ڄاڻايل آهن، جن جون ساکون يورپ، آمريڪا ۽ ٻين ڏورانهن ڏيهن جا رهاڪو اڄ تائين پيا ڪن. اهي رشي فصاحت ۽ بلاغت جا صاحب هئا. بلاغت جو مڪيہ اصول هيءُ آهي تہ ڳالهائجي ٿورو پر انهيءَ ۾ معنيٰ وڏي هجي. هن ڳالهہ جي ثابتي سؤترن مان ملي ٿي، جن ۾ لفظ

ٿوراء پر نهايت مائيدار آهن. گهڻي ڳالهائڻ مان هو ڇاڻندا ئي ڪين هئا، تنهنڪري سندن بليغ نڪتا نهايت گهٽا آهن. هن باري ۾ هڪ ڳالهه مثال طور هتي ڇاڻائجي ٿي.

هڪ لڳا ڀاهوَ رشيءَ کي راجا واشڪليءَ وينتي ڪئي ته "ڀلائي ڪري مون کي ٻڌايو ته آتما ڇا آهي؟" رشيءَ کڻي سانت ڪئي. انهيءَ تي راجا وري وينتي ڪيس ته "ڀلائي ڪري مون کي سمجهايو". رشي چيس ته "ٻڇا مان توکي سمجهايان وينو، پر تون نٽو سمجهين". "شانتويم آتما" يعني هيءَ آتما سانت آهي (شانتي سروپ آهي). ڏسو سندس گفتگو! سهڻي لعل لطيف به اهڙو فيلسوفانو گفتو ٻوليو آهي ته:

"جني ڏٺي ست، تني ڪيو ڪينڪي."

شاهه

اوپنشدن ۾ جيڪو گيان آهي، سو رڳو ٻڌو رشين جو ڪونهي. آڳاٽن رشين جي وقت ۾ جيڪي راجائون هئا، تن مان به ڪي وڏا فيلسوف هئا جن جي فيلسوفي اُپنشدن مان معلوم ٿئي ٿي: مثلاً ڪيڪيه پرڳڻي جو راجا آشوپتي جو ساوتريءَ جو پيءُ هو، سو هڪ وڏو فيلسوف هو، جيئن ڇاندوگيه اُپنشد ۾ ڇاڻايل آهي. ائين فيلسوفيءَ جون پلٽون راجائن به پلٽيون، ته به ايترو ڇئبو ته هندو سڀيتا جا مڪيه بانيڪار آڳاٽا رشي هئا. جي پوءِ سڀ براهمڻن جي دفعي ۾ ليکجڻ ۾ آيا. هاڻوڪا سڀ براهمڻ سندن ڪلن مان پيدا ٿيل آهن. پنهنجن ابن ڏاڏن وانگر هو اڄ تائين پوڄائون ڪرائين ٿا، ۽ سندن ججمان سندن چرن ڌوئن ٿا، ۽ کين ڏکڻائون ڏين ٿا. ايترو ڇئبو ته جيڪا شرڌا اڳوڻن ججمانن ۾ هئي، سا هاڻ گهٽو گهٽ آهي، ۽ اها به گهڻي قدر وڏيءَ جمار وارين هندو زالن ۾ آهي. رشين ۽ براهمڻن جو مان مرتبو ڪيتري قدر هو، ۽ هو ڪيتري قدر زور هئا، سي ڳالهيون مٿي اڳي ئي ڇاڻايون ويون آهن.

آڳاٽي ۽ هاڻوڪي سڀيتا جي ٻيٽ: رگ ويد واري زماني جي سڀيتا جنهن جو مٿي ذڪر ڪيو ويو آهي، سا سنڌو ماٿر جي سڀيتا آهي، ۽ اها اڄ به ساڳي آهي. پرش ميڌ، ايشو ميڌ ۽ ٻين اهڙين ڪن جزوي ڳالهين کان سواءِ ريتون رسمون

ساڳيون ته ڪائڻ پيئڻ، چوڑڻ ماڻڻ جا نمونا به ساڳيا مطلب ته نار ۽ ڪنگريون اهي ئي اڄ تائين هليون اچن.

---

[*] Barth: The Religion of India, page 37.

[*] "ڏڪڻ" لفظ جي اصل معنيٰ هئي "اُپرندو" يا "ساڄي هٿ وارو پاسو" پوءِ معنيٰ ۾ ڦير پيو. ائين گھٽن لفظن جون معنائون ڦريون آهن. مثلاً "اُشتري" لفظ جي معنيٰ هئي "مينهن" (Buffalo) ۽ هاڻ معنيٰ اٽس "اُٺ" (She-Camel).

[*] آسٽريليا جا قديم رهاڪو به ائين ڪندا هئا. ڪولن سنڊرلينڊ بابت عالمن جو چوڻ آهي ته اهي آسٽريليا طرفان آيا هئا، تنهنڪري پائنجي ٿو ته هندستان ۾ ڪولن ۽ سنڊالن اهو "پرش ميڌ" جو رواج هلايو هو، جو پوءِ آرين اختيار ڪيو هو. — مصنف.

[*] Upendra Nath Ball, Ancient India, p. 50.

(پورو ٿيو)

پيشڪش : آن لائين ڪتاب گھر

ترتيب : قاسم سنڌي

نوٽ: (هي ڪتاب سنڌي ادبي بورڊ جي ويب سائيٽ تان ڪٽي پي ڊي ايف جي صورت ۾ آڻي پڙهندڙن جي سهولت لاءِ رکيو ويو)

18/11/2013

https://www.facebook.com/groups/286678031438874/448121985294477/